# منهنجو سفر

قاضي فيض محمد



*donated from*
*Suleman A. Memon's*
*personal library*

# منهنجو سفر

## آتم ڪهاڻي

قاضي فيض محمد

سنڌي ساهت گهر - حيدرآباد، سنڌ

1999ع

پاران ايم ايچ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو : منھنجو سفر
ليکڪ : قاضي فيض محمد
ڇاپو : پھريون
جولاءِ 1999ع
ڪيليگرافي: شنيل حميد ميمڻ
ڪمپوزنگ : ناز ڪمپيوٽر اڪيڊمي
آفيس نمبر : 18 ، سيڪنڊ فلور،
شيلٽر ڪينٽ شاپنگ مال،
ڪينٽونمينٽ، حيدرآباد ، سنڌ.
فون: 784350 فيڪس: 782357

قيمت : =/250
(ٻه سئو پنجاھ روپيا فقط)

سنڌي ساهت گھر، ڪتاب نمبر (112)

# MUHUNGO SAFFAR

(An Autobiography)

By: Qazi Faiz Mohd.
Ist. Edition: July: 1999.
Published by: Naz Sanai.
Sindhi Sahat Ghar
Office No. 18, Second Floor Shelter Cantt,
Shopping Mall, Cantonment, Hyderabad Sindh.
Phone: 784350 Fax: 782357
Book No. 110.
Price Per Copy: Rs. 250/=
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# سنڌاءُ


1. ٻه اکر ....................ناز سنائي

2. مهاڳ ........ڪامريڊ سوڀوگيانچندائي

3. تعارف ..................جاويد قاضي

4. ديباچو

5. منهنجو سفر

# ٻه اکر

ڪتاب ”منهنجو سفر“، سنڌ جي هڪڙي اهم ۽ عظيم شخصيت، سائين قاضي فيض محمد جي آتم ڪهاڻي آهي. هو سنڌ جو اهو يگانو مرد مجاهد هو، جيڪو پنهنجي وطن سنڌ، پنهنجي هم وطن سنڌي ماڻهن ۽ اُن جي هر هڪ چيز سان بي پناهه پيار ڪندو هو. ان جي پيار ۽ محبت جون سموريون شاهديون هن ڪتاب ۾ موجود آهن، جن سمورين ڳالهين ڪي اسين ماڻهو وساري چڪا آهيون.

”منهنجو سفر“ رڳو قاضي فيض محمد جو سفر ڪونهي. اُهو سڄيءَ سنڌ جو سفر آهي. هن ڪائنات جي ذري ذري جو سفر آهي. اُن ڪتاب ۾ جيڪو ڏک، درد، عذاب ۽ پوڳنائون آيل آهن، اُهي رڳو قاضي فيض محمد جون ناهن، پر اهي سڄي انسان ذات جون پوڳنائون آهن. ان سفر ۾ جيڪي اسان جي سماج طرفان قاضي فيض محمد کي ڏنل ڏک آهن، اهي رڳو قاضي فيض محمد جا ڏک ناهن. پر اسان سمورن ماڻهن جا ڏک آهن.

۽ هيءُ ڪتاب جڏهن اسين پڙهي مڪمل ڪري وٺنداسين ته قاضي فيض محمد جهڙي معصوم، ٻاجهاري ۽ شفيق شخص جو هڪڙو اهڙو خاڪو اسان اڳيان اچي بيهندو، جنهن شخص جي ان خاڪي اڳيان، اُن سان پيش آيل روين سبب، اسان پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪٿي، رڳو ان سان اکيون ملائڻ جي ٻه پاڻ ۾ همت نه سمجهنداسين، ڇو ته سنڌ جو اهو مخلص ماڻهو، جنهن سنڌ ۽ اسان سنڌي ماڻهن سان بي پناهه پيار ڪيو، لاطمع رهي ڪجهه به حاصل نه ڪرڻ، اُلٽو پنهنجو گهر ٻاري ڏياري ڪرڻ وارو شخص، سڄي زندگي ڏکا ٿاٻا کائڻ، تڪليفون ڪاٽڻ،لٺيون ۽ باٺا کائڻ، مٿا ڦاڙائڻ، خوني حملا سهڻ، ٻارن ٻچن جون بي عزتيون سهڻ، اولاد کان پري رهڻ، جيل ڪاٽڻ، نظربنديون برداشت ڪرڻ، سخت ترين ڏکيا سفر ڪرڻ ۽ اڙانگيون منزلون مارڻ، بکون ۽ فاقا ڪٽڻ واري ان شخص کي اسان موت ۾ ڇا ڏنو؟ اهو ئي نه جيڪو هِن ڪتابَ ۾ موجود آهي؟ ته پوءِ اُن شخص جنهن اسان لاءِ سڀ ڪجهه ڪيو، ڪرڻ گهريو، ان لاءِ اسان جو رويو نندا ۽ مذمت جوڳو ناهي؟

سنڌ جو اهو عظيم ۽ هيڏو وڏو ماڻهو جيڪو هاڻي اسان وٽ موجود ناهي، ان کي بہ عرصو ٿي ويو آهي. اهو عظيم سياستدان هو. اهو سياستدان، جنهن سياست کي عبادت سمجهيو نہ کي مال ميڙڻ ۽ گهر ڀرڻ. ان وزارتون کونہ ماڻيون، مشير ۽ سفير کونہ بڻيو. سڄي زندگي سچ ۽ رچ ۾، سسئيءَ جيان واڪا ۽ رڙيون ڪندو رهيو پر اسين پاڻ کي ان کي رڳو ٻڌڻ لائق بہ بنائي نہ سگهياسين ۽ اُن جي سڏ کي ورنائي نہ سگهياسين. سندس زندگيءَ ۾ ان جي سچاڻين ۽ عظمتن جو اعتراف تہ نہ ڪري سگهياسين پر مُئي کان پوءِ بہ اُن کي ساري نہ سگهيا آهيون ۽ مونکي خدا نئو ڀُلائي تہ 1982ع ۾ سندس وفات کان پوءِ سترنهن سالن جي هيڏي عرصي ۾ هڪڙو دفعو بہ، ڪنهن بہ پليٽ فارم تان ان جي ورسي نہ ملهائي سگهيا آهيون. ان جي ياد ۾ ميڙاڪو بہ نہ ڪري سگهيا آهيون. پر ان جي قبر تي وڃي گل بہ نہ رکي سگهيا آهيون!

اسان سنڌي ماڻهن وٽ ڪو پليٽ فارم/ ڪا تنظيم آهي ڪٿي؟ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي سمورو عرصو سنڌين کان وسريل رهيو. سائين جي ايم سيد جو اولاد بہ جيڪڏهن پنهنجي زندگي ۽ نالو، ان کي ياد ڪرڻ ۾ نہ سمجهي تہ ٻيو ڀلا ڪير آهي؟ ۽ قاضي فيض محمد جو اولاد بہ، الله ڪين وڌائي، پنهنجي پيءُ کي وساري وينو. ٻين سنڌين تہ پنهنجي محسنن کي وسارڻ جو هونئن ئي نيڪو ڪنيو آهي. هاڻي جڏهن ان جو ننڍو پٽ جاويد لکڻ پڙهڻ لڳو آهي، تڏهن وڃي ڪيس اهو احساس ٿيو آهي تہ مان، هيڏي وڏي ماڻهوءَ جو پٽ آهيان، جنهن جي شخصيت نہ رڳو مون مٿان پر سڄي سنڌ مٿان ڇانورو ۽ ڇٽُ آهي.

هو وڏو فلسفي، مفڪر، ڏاهو، دانشور، ليکڪ، موسيقار ۽ شاعر هو. هن ڪيترائي ڪتاب / ناول / ۽ فلسفي تي لکيا ۽ پنهنجي نظريي ۽ ڳالهہ ڪرڻ ۾ هو ايترو ئي سچو ۽ مخلص هو جيترو هو سنڌ ۽ سنڌين سان سچو هو.

قاضي فيض محمد ڇا ٿو لهي ۽ لهڻي؟ اُن جو حساب تہ تڏهن ئي ٿي سگهندو نہ جڏهن اسين تورينڊڙ تِڪا ٿيون ۽ ياريون باشيون، انڌيون عقيدتمنديون، نعري بازيون ڇڏي ويهي سچائيءَ سان ليکو ڪريون نہ.... پر اهو ليکو ڪري ڪير؟ ان جي همت ڪنهن ۾ آهي؟

”منهنجو سفر“ مون وٽ امانت هو. هڪ پيءُ جي، هڪ محسن جي، هڪ ساٿي ۽ دوست جي، جنهن مون کي پنهنجي اولاد برابر سمجهيو يا ڇئجي تہ اجا بہ ان کان وڌيڪ اهميت ڏيندي هيءُ ڪتاب، اڻ ڇاڻ ناول،

علامہ آءِ آءِ قاضي تي ڪتاب، هاري ڪميٽي ۽ الاٽي تحريڪ جون يادگيريون (۽ اُهي سمورا ڪتاب مون طرفان ڇپائي پڌرا ڪيل آهن ۽ انهن ڪتابن مان سـواءِ ناول جي اهو بہ ڄاڻايو اٿن تہ پاڻ اُهي منهنجي زور بار وجهڻ ڪري لکيائون) ۽ پنهنجي آتم ڪٿا لکي، منهنجي حوالي ڪيائون ۽ ڪين اها خاطري هئي تہ مـان ان کي سنڀـاليندس ۽ وقت اچڻ تي ضـرور ڇپـائيندس ۽ سچ تہ سندن ننڍي پٽ، ڀاءُ جاويد قاضيءَ ڪي شاباس هجي، جنهن هن ڪتاب آڻڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي ۽ منهنجي زخمن تي پها رکيا.

هيءَ آتم ڪٿا سچ جو دستاويز آهي. اُها هڪڙي سچي ماڻهوءَ جي انتهائي سچائيءَ سان لکيل آتم ڪٿا آهي. اُن ۾ قاضي فيض محمد پنهنجي شخصيت کان وڌيڪ، پنهنجي سوچ، پنهنجي سنڌ ۽ اُن جي عظيم ماڻهن ۽ انهن جي حـاصل ڪيل مـحبت کي وڌيڪ اجاگـر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پنهنجي ذات پڌائڻ کان وڌيڪ پنهنجي مشاهن ۽ تجربن کي اسان آڏو آندو آهي تہ اسين ان مان ڪي سبق سکون ۽ آتم ڪٿائون سچ تہ ان سلسلي ۾ ڏاڍو ڪاگر ۽ ڪارائتيون ثابت ٿينديون آهن ۽ مون کي اميد آهي تہ هيءُ ڪتاب پڻ اسان لاءِ انتهائي ڪارگر ثابت ٿيندو.

هن ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ سچ تہ اسان جي اندر ۾ هڪڙو احساس جنم وٺندو تہ اسان ان وساريل شخص بابت پنهنجا رويا درست ڪريون، ان کي اوتري ئي پيار ۽ محبت سان ياد ڪريون، جنهن جي هو لائق آهي ۽ اُن جي شـخصـيت جي جن پهلوئن کي اجاگـر ڪرڻ جي ضرورت آهي، ان پاسي اسـان ڌيان ڏيون ۽ ڪجهـہ نہ ڪجهـہ ڪريون. پاڻ هڪ خط ذريعي هن ڪتاب جو انتسـاب منهنجي نالي ڪيو هئائون ۽ لکيو هئائون ”ناز پٽ لاءِ، جنهن تي مون کي گهڻو فخر آهي ۽ ان ۾ گهڻيون اميدون آهن : فيض“ پر سچ تہ ان کان وڌيڪ مون لاءِ هيءُ اعزاز آهي تہ مان هيءَ عظيم سوکڙي، سنڌين کي ڏئي رهيو آهيان.

**ناز سنائي**

30 جون 1999ع
آفيس نمبر : 18، شيلٽر شاپنگ مال،
شيلٽر ڪينٽ، ڪينٽونمينٽ، حيدرآباد سنڌ.
فون: 784350 فيڪس : 782357

(مهاڳ)

# قاضي فيض محمد

قاضي فيض محمد سان منهنجي گهرائي 1953ع کان پوءِ ئي گهٽي ٿي. جيتوڻيڪ جيتري قدر ياد ٿو پويم ته واقفيت شايد 1945ع ۾ ٿي، جڏهن مان شاگرد يونين کي منظم ڪرڻ لاءِ نواب شاه ويو هوس ۽ پوءِ ڊاڪٽر هاسارام، ايچ.ايم.خواجا جي گهر ۾ هڪ Study Circle رکيو. جتي قاضي صاحب به موجود هيو. 1952ع ۾ جڏهن مان سپريم ڪورٽ جي فيصلي هيٺ رها ٿيس ته مون کي C.I.D. جي سربراهه اڪبر مرزا چتاءُ ڏنو ته "ڪراچي ۾ نه رهه نه ته توکي وري گرفتار ڪنداسون." باقي سنڌ ۾ جيڪڏهن تون هارين ۾ ڪم ڪندين ته اسانکي ڪو اعتراض ڪونه ٿيندو." پوءِ مان سنڌ ۾ اچي هاري ڪميٽي ۽ ڪميونسٽ تحريڪ ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو.

تاج محمد ابڙو وڪيل ان وقت لاڙڪاڻي ۾ هارين ۾ سرگرم هو. سندس جاءِ هارين ۽ ڪميونسٽ ورڪرن لاءِ اڏو هئي. مان جيئن ئي ساڻس مليس ته چيائين ته هل ته سکر هلون جو هاري ڪميٽيءَ ۾ Rift (تفرقو) ٿي پئي آهي. جنهن ۾ حيدر بخش ۽ ٻيا هڪ طرف ٿي ويا آهن ته قاضي فيض محمد ۽ شمس الدين شاهه، مولوي نظير حسين جتوئي ۽ ٻيا ٻئي طرف. مان شمس الدين سان گڏيس، جيڪو منهنجو 1941ع ۾ وڪالت لاءِ پهرين سال ۾ منهنجو هم ڪلاسي هو ۽ هن ۽ قاضي فيض محمد گڏجي هڪ هاري پليٽ فارم ناهڻ لاءِ ميڄنا ڏني.

جلد ئي 1953ع جون صوبائي چونڊون به مٿان اچي پيون ۽ جي ايم سيد، هاري ڪميٽي ۽ قاضي صاحب واري هاري پارٽي ۽

ڪميونسٽن گڏجي هڪ متحده محاذ ناهيو، جنهن طرفان43 اميدوار بيهاريا ويا ۽ انهن اميدوارن ۾ قاضي فيض محمد به بيٺو ۽ مان وري اقليتن طرفان بيٺس. ان اليڪشن ۾ به قاضي صاحب منهنجي لاءِ نواب شاهه ۽ سانگهڙ ضلعي مان منهنجي لاءِ ڏاڍي جاکوڙ ڪئي.

اليڪشن بعد اسان ڪميونسٽ گهٽي ڀاڳي هاري ڪميٽي ۽ متحده محاذ ۾ گڏجي ڪم ڪندا رهياسين ۽ سنڌ جي پارٽي آرگنائيزر جي حيثيت ۾ منهنجو گهڻو اچڻ وڃڻ نواب شاه ۽ ٻين ضلعن ۾ ٿيو، جتي مان نواب شاهه ۾ قاضي صاحب جي گهر ۽ سکر ۾ شمس الدين جي گهر ۾ رهندو هوس. قاضي صاحب جا ٻار منهنجي لاءِ هر شيءِ گهر جي مٿئين حصي ۾ پهچائيندا هئا ۽ وقتي ته Study Circle به سندس گهر مٿان ڪندو هئس.

قاضي فيض محمد هڪ غير تعصب ۽ ايماندار ۽ انتهائي جذباتي شخص هو. هن پنهنجي شروعات شايد خاڪسار تحريڪ سان ڪئي هئي ۽ شمس الدين شاهه پڻ ان تحريڪ مان آيو هو. قاضي فيض محمد هڪ وفد وٺي بنگال به ويو هو، جڏهن اتي اڻ ورهايل هند ۾ ڏڪر پيو هو ۽ تقريباً 43 لک ماڻهو ڏڪر وگهي مري ويا هئا.

1956ع ۾ نيشنل پارٽي ٺهي ۽ پوءِ سال 1957ع جي شروع ۾ نيشنل عوامي پارٽي ٺهي ته قاضي صاحب اتي به اسان سان گڏ هو. قاضي صاحب پنهنجي وڙان خرچ ڪري هارين جي تحريڪ ۾ ڪم ڪندو هو ۽ هڪ پارٽي جو ڪل وقتي ڪارڪن جي خرچ جو به ذميوار هو ۽ ڪيس ته ظاهر آهي گهٽي ڀاڳي مفت ۾ ئي ڪٽندو هو.

1957ع جي شروعات ۾ مولانا ڀاشاني ۽ ميان افتخار الدين جي رهبريءَ ۾ عوامي نيشنل پارٽي جو هڪ وڏو اجلاس نواب شاهه ۾ ٿيو، جنهن ۾ ايچ.ايم.جعفري پنهنجيون پوريون همدرديون اسان کي ڏنيون.

NAP جي بنيادي اجلاس لاءِ اسان سڀ ڍاڪا ويا هئاسين ۽

قاضي صاحب ۽ شمس الدين ان جي ڪليل اجلاس ۾ موجود هئا. جتي مجيب الرحمان جي غنڊن اجلاس تي حملو ڪرايو هو، جنهن ۾ قاضي صاحب ۽ شمس الدين شاهه کي ڏڪ لڳا هئا.

1957ع جي جولاءِ ـ آگسٽ مهيني ۾ اسان هڪ وڏو مظاهرو ڪراچيءَ ۾ صدر اسڪندر مرزا جي بنگلي سامهون ڪرايو هو، جنهن ۾ تقريباً 16-17 هزار الاٽي هاري شامل ٿيا هئا. جن جو نعرو اهو هو ته زمينون هارين کي الاٽ ڪيون وڃن، جيئن هو دلچسپي وٺي زمينون آباد ڪن. 1958ع جي بغاوت بعد ايوب خان ڪليمن ۾ سموريون زمينون مهاجرن کي ڏنيون.

ون يونٽ تحريڪ خلاف پڻ قاضي فيض محمد سرگرم رهيو ۽ گرفتار به ڪيو ويو.

قاضي صاحب سراپا اخلاص ۽ محبت ۽ سچ جو مجسمو هو ۽ ساري عمر انهي ڪم لاءِ وڏان هڙان خرچ ڪيو ۽ سر جي سٽي ڏنائين. ساڻس پوئين ملاقات ڪراچي ۾ هاءِ ڪورٽ جي ورانڊي ۾ ٿي هئي ۽ ٻڌايائين ته سندس صحت نيڪ ڪانه ٿي رهي ۽ ڪجهه وقت بعد گذاري ويو.

قاضي صاحب جي دوستي بنا سياسي تعصب جي مولوي معاذ، جيڪو وڏو حڪيم ۽ ديني عالم هيو ۽ هارين نارين ۽ ڪميونسٽ ورڪرن سان هئي. مون کي نه رڳو پاڻ پر سندس گهر ڀاتين عزت محبت ڏنيَ ۽ اسان جي دوستي تمام گهري هئي. شايد ان ڪري به ته مان ڀڳوڙو نه ٿيس بلڪ پنهنجون سموريون قوتون مون سنڌ لاءِ وقف ڪري ڇڏيون. اها ئي حالت قاضي صاحب جي به هئي.

خدا کيس جنت ۾ جايون ڏي.

**سوڀو گيانچنداڻي**

17.6.99

# تعارف

نثر لکڻ بہ هڪ وڏو ڏانءُ آهي. رڳو معقول، ساده ۽ معياري لفظ چونڊي ۽ پوءِ ان کي سٽن ۾ پروئڻ ڪافي ناهي. گهڻو ئي ڪجهہ ولوڙڻو پوندو آهي. خيال جو وهڪرو، ان وهڪري پويان هم گير مطالعو، تجربو، درد وغيره. تينهان پوءِ وڃي اهو نثر پڙهندڙ ۾ لياءُ جو ذائقو ٿو وجهي، پوءِ وڃي اهو فن پارو ٿو بيهي. اهڙي طرح هر ليکڪ تي بہ هڪ مزاج بيهندو آهي. ڪن وٽ لفظن جو اٿاهہ سمنڊ هوندو آهي، ڪن وٽ خيال حاوي هوندو آهي تہ ڪن وٽ مطالعو وغيره وغيره. آتم ڪتا رقم ڪرڻ بہ نثر جي دائري ۾ ۽ پوءِ ناول جي يا ناولٽ جي پيڙ آهي. ضروري ناهي تہ اهي لکن جن تاريخ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو هجي يا وڏا رهبر، اديب، شاعر هجن، سراسري طور اهڙا فرد لکندا آهن جن جو زندگي تي مطالعو هجي، جن زندگي تي مشاهدو ڪيو هجي، جن تي وري قدرت جون اهڙيون نوازشون هجن. هوند قاضي فيض محمد سنڌي زبان ۽ قوم کي ڇا ڇا نہ ڏنو؟ پاويهہ سئو پاويهہ سندس شاهڪار ناول آهي. هڪ اهڙو Piece of Art آهي، جنهن جو سنڌ جي هيل تائين لکيل ناولن ۾ ڪوبہ ثاني ناهي. سندس ناول جنسار بہ وڏي اهميت جو حامل آهي. سندس ناول اٿڃاڻ بہ وڏي معنيٰ ٿو رکي، جيڪو پڙهندڙن وٽ ايڏي پذيرائي پائي نہ سگهيو، پر سندس هي آتم ڪتا سنڌ وٽ هڪ وڏو شاهڪار آهي. ڇڻ هن جا سڀ مشاهدا ۽ حياتي آتم ڪتا لکڻ لاءِ ئي هئا. آرٽ اهو ئي رقم ڪندو، جيڪو پاڻ اندر ۾ آرٽ هوندو. جماليات جو طالب اهو ئي وڃي ٿئي، جنهن جي من ۾ سونهن رهي. هي آتم ڪتا منهنجي والد جي آهي، جنهن جو نالو مان نندي هوندي کان ويندي اڄ بہ شناختي ڪارڊ ۾ چپڪائي ڪٽي گهمندو وتان ۽ منهنجي قبر جي ڪُتبي تي بہ مون ساڻ هوندو.

ناز سنائي مون کي مشڪل ۾ وجهي ڇڏيو آهي، ماڻهوءُ چوندا پيءُ اٿس، ڇو نہ ساراهون ڪندو. مهاڳ لکڻ ڪو نقاد وارو هنر بہ ناهي ۽ نہ

ڪو وري تعريف جا بند بڌي ڇڏن آهي. بس رڳو ڇيد ڪري ان جا زاويا ۽ نقطا ڏسڻا هوندا آهن. آرٽ ته پاڻ پڌائيندو ته اهو ڪهڙي ويهه، سئو لهي. مهاڳ لکڻ ڪو انصاف ڪرڻ به ناهي. اها ته دراصل وڪالت ڪرڻ آهي. انصاف ته اوهين ڪندو.

هي ته آتم ڪٿا پنهنجي جاءِ تي پر تاريخي حوالي سان اوهان آڏو هڪ ڪيس به آ. هڪ اهڙي ماڻهوءَ جو جنهن سان رڳو ناانصافيون ٿيون آهن. توهان تي هڪڙو فيصلو ان حوالي سان به رکيل آهي.

زندگي ۾ جيڪو ڪجهه پڙهيم. هيل تائين هن ٻن جو وڏو اثر رهيم. هڪ هولڊرلن ۽ ٻيو لطيف. اڄ مان انهن ٻنهي جي سهاري هڪ طويل ۽ جامع بحث ڪرڻ ٿو چاهيان. اميد ته پڙهندڙن جو ساٿ رهندو.

زندگيءَ ۾ جيئڻ لاءِ تون آرٽ سک
آرٽ جي فن پارن ۾ تون زندگي سک
ان مان هڪ ٻي سمجهي وٺين
ته ٻئي پائنج ٻئي کي به سمجهي وٺين.
(Holderlin)

هوند آرٽ ۽ ڏات آهن ٻڌڻ ۾ به پر ڇڻ جهڙوڪ هڪ مظهر هجن، ڇو جو آرٽ کي آرٽسٽ ڇٽندو آهي، ڇو جو آرٽسٽ وٽ ڏات هوندي آهي، ان ڪري ٻئي رواجن اهو جملو محاورو تي استعمال ٿيندو آهي. ڏات الله جي ڏنل خاص نعمت يا وري خداداد صلاحيت آهي. سچ ته اهو آهي، آرٽ جي معيار تي ڪنهن مظهر جو پهچڻ خود پرينءَ جو پائڻ آهي. جرمن شاعر هولڊرلن مٿين سٽن ۾ پرينءَ پائڻ جو ڏانو ڏسيو آهي. هو خود ان آرٽ (ڏاهپ جي ان Purified مظهر) کي خيال جي ڪار گذارين مان گذري ان ڳجهه کي ڳولي لڌو. هي اهو ئي ڳجهه آهي، جنهن کي شاهه ڪجهه هينئن بيان ڪيو آهي.

”جي پائنين ته پرين مڙهان ته سک چوران ڪي ڏات“

قاضي فيض محمد جي هي آتم ڪٿا، جيڪا پنجويهه سال اڳ ۾ لکي وئي، هڪ اهڙي شراب مانند آهي، جنهن ۾ ڪتاڻ يا هينئن چئجي هڪ

اونچي شراب وارو مزو ان جي پراڻي ٿيڻ ڪري پيدا ٿيو آهي. هن ڪي شراب (نثر) ڻاهڻ جو ڏانو هو. ساڳي وقت هن عظيم سري (آتم ڪٿا) ڻاهڻ لاءِ هن وٽ سڀ Ingredients (ويڇوڙو، ڏوڪو، مشاهدو، بيچيني، ڏاهپ، خيال وغيره وغيره) موجو هئا. بس رڳو هڪ طويل مدت درڪار هئي، جيڪا سندس خواهش به هئي. ناز کي تاڪيد ڪيل هئس ته هو هن آتم ڪٿا کي سندس جي مرڻ کان پوءِ ڇپائي. بس پوءِ اهو به عجيب اتفاق آهي ته ناز جو بابا جي ننڍي ۾ ننڍي اولاد کي مهاڳ لائق سمجهڻ چڻ بابا جي خواهش هجي. اهڙي طرح هماليه ۽ هندو ڪش جي آبشارن مان ٿهيل، سنڌوءَ جي پاڻيءَ مان پنجويهه سال پراڻو هي اونچو شراب (آتم ڪٿا) اوهان آڏو آهي. صحيح وقت تي هڪ رولاڪ مسافر جون رولاڪيون اوهان آڏو آهن. اهڙي مهل جڏهن صدي انجام تي آهي. صدي ڇا، Millinium (جنهن ۾ لطيف، سچل، سامي به رهي ويا) انجام تي آهي. ڏک ۽ رنج سان اهو به چوڻ ڏيوم ته قاضيءَ جي سنڌڙيءَ جنهن جي لاءِ هن جنڌڙي جهوري جهڙو ماه مرهن کي ڏٺي ڇڏيو پڻ پسماندگيءَ جي انتها تي آهي. Millinium پئي اچي. پر پاڻ لاءِ ته هڪ اهڙي عيد آهي جهڙي قاضي ننڍپڻ ۾پيءُ کان بغير پنهنجي منڙي ماءُ سان گڏجي روئي روئي گهاريندو هو. ها هو ان ڪاپاري ڏک جو امين آهي، جيڪو 1947ع ۾ ورهاڱي جي صورت ۾ لڳو، هو به ان مهل نظرين جي فيشن جو شڪار ٿيو.

ڪنهن به شئي جو آرٽ جي بلندي کي ڇهڻ دراصل خود پنهنجي ذات ۾ حُسن ٿي وڃڻ آهي. هڪ اهڙو مقام آهي، جتي مصور نڊو ٿي ويندو آهي، سندس مصوري وڏي، قادر جي پروڙ ان ڪري ٿي پئي ڇو جو قدرت کان وڏو آرٽ پيو ڇا هوندو، جنهن جون Roots دليلن جي ڪسوٽي تي اڄ به اسان کان لڪل آهن، تنهن جي ڪري شاهه صحيح ٿو چئي، ”پاڻيهي صورت پرينءَ جي پاڻيهي حسن ڪمال“ يا پوءِ ”پڙاڏو سوئي سڏ پڏڻ ۾ به ٿيا“ تنهن جي ڪري قدرت پاڻ جهڙو قادر آهي آرٽ پاڻ جهڙو آرٽسٽ آهي. قاضيءَ جي آتم ڪٿا قاضي آهي ۽ قاضي آتم ڪٿا آهي.

حسن جيڪو هر عهد جي ناهيل معيارن سان پرکيو ته ويندو آهي پر حسن خود معيارن ۽ نقاد جي نقطن کان وڌو هوندو آهي. آرٽ ۽ ادب ۾ شاخون ۽ پاڙا آهن، انهن شاخن ۽ پاڙن ۾ فن ۽ فن پارن جي ورهاڱو ٿيل آهي. ان ورهاڱي ۾ وري جمالياتي ذوق جا پڙدا آهن، مڪتبه فڪر آهن، جيڪي فطرتي آهن، ان ۾ وري اختلاف يا نقاد جون ستون به خوبصورتي، تجسس ۽ تحرڪ پيدا ٿيون ڪن. قادر کان انڪار خود قادر جو اقرار آهي يا قادر جو انڪار پل هجي قدرت کان ته انڪار ناهي. آرٽسٽ ته ننڍو آهي آرٽ ته وڏو آهي. ان سچي تخليقي عمل ڪي آرٽ جي زمري ۾ وجهي ڏسنداسين ته آرٽ تمام وسيع ٿي ويندو.

خود آرٽ ڪنهن جو به محتاج ناهي هوندو. گهڻي ڀاڱي ته وري آرٽ پيدا ڪندڙ کي داد جي به ضرورت ناهي هوندي، هو ته ميرٽ تي هوندو آهي. آرٽ ته آرٽسٽ جي اندر جو احساس هوندو آهي. جنهن کي صرف In-trinsic Reward جي ضـــرورت هوندي آهي. يعنيٰ ان کي رت ست ڏئي انجام تي پهچائڻ تي تڪجي ڪري ۽ پوءِ حاصلات (Achievement) جو احساس حاصل ڪري مسرور ٿي وڃڻ. بس صرف مسرور ٿي وڃڻ.

خود قاضي فيض محمد اهڙي احساس کي هڪ هنڌ پنهنجي آتم ڪٿا ۾ بيان ڪيو آهي. جڏهن هو سکر جيل ۾، قيد تنهائي جو فائدو وٺندي، سنڌي ادب ۾ اهم ناول جنسار جو واڌ ڪندي محسوس ڪري ٿو.

حسن مجتبيٰ پوئين سال بابا جي ورسيءَ تي مضمون جو عنوان "قاضي فيض محمد هڪ سنڌ واڌ آرٽسٽ" رکيو هو. مون کي چوندو آ، هو ته Book Writer هو. هن کي ته بنيادي طور اهو ئي ڪجهه ڪرڻ گهرجي ها، پر نه هو جي تجربا ۽ مشاهدا نه ڪري ها ته هي آتم ڪٿا يا هو ناول ڪٿي لکي ها. هو ته Book Writer هو، ان ڪري ته اهي تماشا پئي ڏنائين ۽ مشاهدا پئي ڪيائين ته ايندڙ سنڌوادن کي آگاهي ڏي، چاڻ ڏي، پروڙ ۽ لياءُ ڏي.

آرٽ سان آرٽسٽ جي ايڏي تہ Commitment ٿي ويندي، نينهن جو سودو ٿي ويندو آهي جو پوءِ سڀ ڪجهہ وسري ويندو آهي. هت اهو بہ چوڻ لازم ٿي پيو آهي، ضروري ناهي تہ هر ان تڪ محنت آرٽ پيدا ڪري ۽ نہ وري آرٽ پيدا ڪرڻ لاءِ ان تڪ محنت جي ضروري آهي. تڏهن بہ هت اهو چوڻ بہ لازم آهي تہ محنت هروڀرو بہ ڪانہ ٿيندي آهي. اها تہ ٿي ويندي آهي، جو نينهن جو سودو جو هوندو آهي.

اهڙي ئي نينهن جي سودي جي خاطر، تائين نہ سرڻ خاطر 65 سالن جو هي پوڙهو، جڏهن ٿر جي ٽيلهن، پٽن ۽ ريگستانن جي حوالي ٿو ٿئي. من ۾ ريجهائڻ لاءِ لطيف جا سُر ۽ برصغير جي ڪلاسيڪي موسيقي، تڏهن ڪهڙا ڪهڙا نہ مشاهدا ٿو ڪري. سندس هي آتم ڪٿا جهڙا اڏواڌ ٿي پئي ها. اگر جي هو ٿر جون مسافتون نہ ڪري ها. اهڙي طرح آرٽسٽ تہ بچي پوي ها آرٽ (آتم ڪٿا) مري پوي ها. ڪٿي ڪري ٿو، ڪٿي موت صفا ويجهو ٿو اچيس، پوءِ بہ هو جڻ اياز جون هي سٽون جهونگاريندو هجي، "پوءِ بہ پرينءَ جو پنڌ پلويان ميان." هو عشق جي جنهن منزل ڪي پهچي ڳجهہ ئي ڳجهہ ۾ جيئڻ پرينءَ مڙهي ٿو سو هڪ انوکو تجربو ۽ مشاهدو آهي. هن آتم ڪٿا ۾ جنهن ذات ۽ ڏانو سان اهو ذڪر نڪري آيو آهي. مان ان منظرڪشي، وسوسن ۽ خيالن کي ماڊرن سنڌ جو هڪ اهڙو ئي Piece of Art سمجهندم. جيڪو سسئي پنهون لاءِ ڪيچ مڪران ۾ ڪيو هو.

"ائين چو ڪيم، اجان پٽو نہ ٿو پويم
تہ ائين چو ڪيم، ها ضرور ڪا چڪ هئي
ضرور ڪا تانگهہ هئي، ضرور ڪو درد هو
جنهن ديوانو ڪيو، اهڙو ديوانو ڪيو جو سڀ
ڪجهہ ڇڏيم، انهيءَ لاءِ ڇڏيم جو لطيفي سنڌ
ختم نہ ٿئي. انساني محبت ختم نہ ٿئي."

۽ پوءِ ائين بہ ٿيو جو پرينءَ کان پراهين پنڌ پيو. قاضي صاحب ڪجهہ حقيقتون لحاظ خاطر ڪائي ويو آهي. ايتري تائين جو جا رات پهرين

مظهر لغاريءَ وارن وٽ گهاريائين يا دهلي پهچي جيڪا اندرا گانڌي سان ملاقات ڪيائين يا جيڪي شيخ مجيب سان ڏار وطن واريون ڪچهريون ڪيائين يا وري جيڪي سردار دائود سان ڪابل ۾ ملاقاتون ڪيائين. پر پوءِ اڳتي هلي سنڌ سُڪار لاءِ سمجهي ٿو ته سنڌوديش غلط آهي، جنهن جو ذڪر ديباچي ۾ ڪري ٿو.

خيال جانان ۾ ڇا خبر ڪير آيو ڪير ويو؟ صبح ٿي يا شام ٿي. خيال جانان ۾ وقت جون مسافتون بي معنيٰ ٿي وينديون آهن. زمان و مڪان Imaginary ٿي ويندو آهي. پوءِ جڏهن خيال جانان حقيقت جو روپ وٺندو آهي، فن پارو ٿي پوندو آهي ته پوءِ اسٽيفن هاڪنگ واري ڳالهه ته زمان و مڪان Real ٿي پوندو آهي.

ڪارل مارڪس جو اهڙو ئي خيال جانان "داس ڪيپيٽال" جو وڃي روپ ورتو. پر مليس ڇا! ڪجهه به نه. يا ڇا هن ڪي پذيرائي پائڻ جي پرواهه به هئي. چوندو هو ته، "داس ڪيپيٽال" ته سگارن (Cigars) جا ڏوڪڙ به ڏئي نه سگهندو، جيڪي مون ان کي لکندي ڇڪيا هئا. هولڊرلن جا آخري ڏينهن ديوانگي (Madness) ۾ گذريا. وانِ گاگ جون مصوريون ملين ڊالرن ۾ نيلام ٿين ٿيون پر وان گاگ تي ڇا گذري، موزارٽ تي ڇا گذري. هي ته اهي آرٽسٽ هئا جن جي پويان زنده قومون بيٺيون آهن. اسان جو لطيف، سچل، سامي، ڪنور به گهٽ آرٽسٽ ڪونه هئا. سنڌ سُڪار جي ٿئي ها ته هوند هي حال نه ٿئي ها، جيڪو تيڪو سو هو، سو به ورهاڱي ساڻ وهي ويو. انهي سلسلي جي روايت ۾ پاڻ اهو ٿا چئون ته خود قاضي فيض محمد تي ڇا گذري؟ حيدر بخش جتوئي يا جي.ايم.سيد تي ڇا گذري؟ ڪامريڊ لغاري تي ڇا گذري؟ انهيءَ ڪري ته شيخ اياز چوندو هو، "فن جو پيدا ٿيڻ خود فنڪار جي موت آهي."

نه ڄاڻ ڇو بوهمين ۾ آرٽسٽ هئڻ واري ڪيمسٽري ڪجهه وڌيڪ هوندي آهي، بنسبت اهڙن جي جيڪي سماج جو هوبهو عڪس بڻجي پنهنجي چمارن جا ڏاڪا چڙهندا ويندا آهن. Mediocrity ۾ داڦوڙا هڻندا، ساڙ ڪينو ۽ بغض رکندا غرق ٿي ويندا آهن. جڏهن ته بوهيمين جو حسن نچ ٿيندو، ڪائنات ۾ هڪ ٿي ويندو آهي. انهن کان دنيا داري ڪانه ٿي

سگھندي آهي.اهي منافقتن کان وڏا هوندا آهن نہ هنن کي ذات جي پذيرائي کپندي آهي، نہ ذات واسطي ڏڙابنديون، نہ وري وڏا وڏا يار ناهيندا آهن، جيڪي انهن تي انڌو اعتقاد ڪن. ان ڪري لينن چوندو هو تہ مون سان اسٽالن واري هروڀرو واري هام کان ٽراٽسڪي وارو اختلاف ڀلو.

مگر سنڌ ۾ ائين نہ هو ۽ اڄ بہ ائين ناهي. ڪي تاحيات چيئرپرسن تہ تي ويا پر پارٽيءَ ۽ چيئر پرچي وئي. ڪو فڪر ڪي پنهنجي ذات آڏو گهمائيندو شاگردن ۽ ادارن کي تباهہ ڪندو رهيو. ان سڄي ڪار خير جو خميازو ڀوڳيو ڪنهن؟ سنڌ ۽ سنڌ جي ابوجهہ ماڻهن. قاضي فيض محمد ان حقيقتن کي بہ سنڌ جي تاريخ جي شاگرد آڏو رکيو آ.

بوهيمين تہ رولاڪ هوندو آهي، اهو تہ اهڙو انفرا اسٽرڪچر هوندو آهي، جتي آرٽ اوسر ونندو آهي، ان آرٽ جي سنڀال بہ بوهيمين ڪندو آهي.

جواهر لال نهرو تي فالج ڪريو، ڊاڪٽرن چيس موسيقي ٻڌندو ڪر، ان سان سنو اثر پوندو. ڪلاسيڪي موسيقي جو مداح هو. دهلي ۾ تازو پاڪستان کان مايوس ٿي موٽي آيل استاد بڙي غلام علي رهندو هو. شام جو ان کان ويهي راڳ ٻڌندو هو. چون ٿا تہ نهرو تي فالج جو اثر گهٽجڻ لڳو. غلام علي انهن ڏينهن ۾ گذاري ويو، نهروءَ کي خبر تڏهن پئي جڏهن هن جو جنازو ٽيڻ وارو هو، ڊڪندو پيرين اگهاڙو وڃي گاڏي ۾ چڙهيو، اهڙي طرح هندستان جي هندو وزيراعظم مسلمان گائڪ جي جنازي ۾ شرڪت ڪئي. چون ٿا تہ ڪجهہ عرصي کان پوءِ نهرو بہ گذاري ويو.

ٻئي طرف ڏسو تہ هڪ محفل ۾ استاد بڙي غلام علي ڳايو پي، جنهن ۾ ان وقت جو وزير دفاع ايوب خان آيل هو. اهڙو اچي بور ٿيو جو اٿ مان اٿي ويو.

اڄ جڏهن صدي اختتام تي آهي. برصغير جي ميڊيا هن صدي جي عظيم هستين تي فوڪس ٿي ڪري "India Today" سان گڏ گهڻا اهڙا ادارا آهن، جيڪي چون ٿا تہ برصغير پنج اهم سپوت ڄڻيا ٽئگور، بڙي غلام علي، ٽريسا، گانڌي ۽ فيض احمد فيض.هڪ بوهيمين سنڌ قوم جو نواب شاهہ ۾ بہ رهندو هو. سندس جو موسيقي سان اهڙو چاهہ هو جو الاءِ ڪٿان ڪٿان گويا سندس وٽ ايندا هئا. بڙي غلام علي بہ گهٽائي پيرا آيو. فيض

احمد فيض ۽ نواب شاهہ آيو. بڙي غلام علي جيڪا سنڌي ۾ نمري ڳائي آهي. ان جي پويان ۽ اهو قاضي هو. هڪ اهڙو لاپرواهہ جيڪو رولاڪ جي پوشاڪ پائي پنهنجي اڏمن ۽ اداسين کي پي ريجهايو. پي ڏتا ۽ دلاسا ڏنائين.

بوهيمين هجي يا هپي يا ڪو Solitary وارو يا وري ڪو Medi-tation وارو اهي سڀ اصطلاحون آهن تہ يورپ جي ادب کان امپورٽ ٿيل، پر ڇا برصغير جي اندر يا سنڌ جي اندر تصوفي تنوار ان حقيقت جو Orien-tal اظهار ناهي؟ اهو سڀ ڪجهہ ڇا رولاڪيت ناهي؟ ساميت. سنياسيت، يوگيت، ڪاپڙيت، نانگيت، ملنگيت، ناهي؟ آرٽسٽ ناهن، آرٽ ناهن؟ جمال ناهن؟ جماليت ناهن؟ ۽ پوءِ اهو سڀ ڪجهہ ڪماليت جي زمري ۾ نٿو اچي. عجيبيت جي زمري ۾ نٿو اچي؟

"مون سي ڏنو ماءُ جنين ڏنو پرينءَ کي."

سوڀي گيانچند تنگور ڏٺو. بابا جو يار هو (الله اجان وڏي حياتي ڏيس) بابا غلام علي ڏٺو. گانڌي ڏٺو. فيض احمد فيض دوست هئس، آءِ آءِ قاضي پيءُ وانگي هئس. سادو واسواڻي گڏ ڪم ڪيس، سسئي، سهڻي ۽ مارئي کي ٿر جي ريگستان ۾ جان جوکي ۾ وجهي محسوس ڪيو.

يورپ جي اندر جيڪا وجوديت پرستي (Existantialism) جي تحريڪ هلي. ان جي باني مفڪرن جو من پسند شاعر هولڊرلن هو، هو چئي ٿو، (جيڪو شروع ۾ بہ چئي آيا آهيون) آرٽ سمجهي وجون زندگي سمجهہ ۾ اچي ويندو، زندگي سمجهي وجون، آرٽ سمجهہ ۾ اچي ويندو. لطيف جيڪو منڌ پيڻ کان پوءِ ساجن صحيح سڃاڻڻ جي ڳالهہ تو ڪري. ان جو مفهوم بہ ساڳيو ئي آ، عشق جو پيالو پي جيڪو سڀ ڪنهن کي سمجهڻ جي دعويٰ ٿو ڪري اها پڻ ساڳي معنيٰ تي رکي.

انهيءَ عشق جي پيالي کي پيئڻ واري ڪيفيت قاضي ٿر ۾ سفر مهل محسوس ٿو ڪري:

"اڄ مان هت اڪيلو هوس. ڇا جوڳي هوس، ڇا انقلابي هوس، ڇا عاشق هوس، ڇا سسئي هئس، جڏهن انسان سڀ ڪجهہ دنيا مان ڇڏي ٿو تہ پوءِ گهڻو ڪجهہ حاصل ڪري ٿو. نہ مان ڪنهن جو نہ ڪوئي منهنجو، بس ڇڻ تہ اڄ مري چڪو هوس. دنيا، دولت، زينت، شهرت، مِنا پيارا،

عسق، محبت سڀ پاڻ تان لاٿم. ڪفن سفر تي پائي هڪ ويراڳي بنجي ڪٿي اچي پهتس. سمجهيم ته اڳيان مفڪر فقير سيلاني ائين چو ڪندا هئا. ائين چو ڪيم...."

جيڪو به رولاڪيت ٿو ڪري اهو نڪتو ساڳيو ٿو رکي. Land scapes ، ويراني، اس ۾ چانو جا پاڇولا، مٽي جي خوشبو، وهندڙ پاڻي جا آواز، شفاف آسمان ۾ بدن تي ڏک جون تهون، بس پوءِ رنگ اهڙو ٿو ٿهي جو جڏهن شاهه موڪ ميهان پڇندي ٿو ڏسي ته هن کي مارئي ياد ٿي اچي.

مارئيءَ جو مٽي سان نينهن هو، محلن سان نه. آزادي جو مفهوم تمام وڏو آهي. آزادي سماج جي ڪوڙن بندن کان به ٿيندي آهي. ويراڳي ٿيڻ جهڙوڪر فطرت جو پٽ ٿيڻ ۾ فطرت جو مالڪ. فقير فاروق مون سان ذاتي سهڻي ڳالهه ڪئي هئي. مون چيومانس فقير ڇا ٿيندا آهن؟ چيائين ته فقير الله جا پٽ ٿيندا آهن. ان کي هينئن به چئجي ته هو هولڊرلن واري ڳالهه مطابق آرٽ جا مداح هوندا آهن. ان ڪري هو سيلاني هوندا آهن. پنهنجي نفسيات ۾ سماج جي Main steam کان هو پريرو هوندا آهن. تينهان پوءِ وڃين ذات تي اچي. ڏانو ٿو اچي، ماڻهن ۾ گهٽو رهڻ به جهڙو مرزا غالب جي هن سٽن وانگي آهي.

"بس ڪي مشڪل هي ڪام ڪا آسان هونا،
آدمي ڪو ڀي ميسر نهين يان انسان هونا."

لطيف جڏهن عشق جو پيالو پي جو مشاهدو ٿو ڪري، جو ايڏين باريڪين ۾ وڃين قدرت ۾ قادر جي پروڙ ٿو ڪري جو وري جڏهن ٿورڙو ساهي پٽي Editor تي پنهنجي مشاهدن جي قرآن سان ڇنڊڇاڻ ٿو ڪري ته خبر ٿي پئي،

"جي تون بيت ڀانئين سي آيتون آهن."

انسان جو علم حاصل ڪرڻ خود خدا وانگي تخليقڪار ٿيڻ آهي. جنت ۾ آدم جيڪو ميوو کاڌو هو. اهو علم جو ميوو هو. اختلاف رکڻ جو ميوو هو. ڪوجنا جو ميوو هو. جيڪا ارتقا جو طويل سفر ڪندي خود خدا ٿيڻ يا خدا سان هڪ ٿيڻ جو ارواح آهي. ان ارواح ڪارڻ بندو جنت مان ڪڍو ويو. ان جلاوطن کي وري ڌرتي پنهنجي پيٽ تي پاليو.

يسوع کي جنهن صليب تي سجايو ويو، اهو خود انجام هو. ان جي چوٽي جو تہ الله ۽ انسان پيءُ ۽ پٽ وانگي آهن. هو اهو ئي چوڻ پيو چاهي تہ الله جي هيڏي وڏي ڪارروائي جو ثمر يا مٽيو انسان آهي. معدي ۾ اعليٰ معدو، آرٽ ۾ اعليٰ آرٽ. قرآن ان کي اشرف المخلوقات ٿو سڏي. ٻين لفظن ۾ يا اسان جي هن بحث جي تسلسل ۾ اهو هيئن بيهندو. زندگي ۽ آرٽ خود هڪ شئي جو پڙاڏو آهن.

اهو هن طرح بہ واضح ٿي پاڻ کي اجا بهتر انداز ۾ چاڻ ڏيندو، جي اگر هن بحث جي هن ڏاڪي تي اهو سوال ٿو اڀري. زندگي جو سبب ڇا آهي؟ منهنجي نزديڪ ان سوال جو جواب هيئن بيهندو. زندگيءَ جو سبب آرٽ (قدرت) کي سمجهڻ آهي، ساراهڻ آهي، اچرج آهي، پڇائڻ آهي ۽ ڄڻڻ آهي. نج معنيٰ ۾ ارتقا ڪرڻ آهي. اجا بہ وڌيڪ هيئنِ بيهندو. ذات جي نفي ڪندي تون ئي تون ڪرڻ آهي. ان ۾ هڪ ٿي وڃڻ آهي. بني نوع انسان وٽ هر ويل، هر گهڙي هڪ ڳجهارت پئي آهي، ان کي سمجهائڻ ۽ سمجهڻ لاءِ خيال پيو آهي. ادراڪ پيو آهي. ادراڪ دراصل هڪ Filtering مشين آهي. سوچ ان جو خام مال. جڏهن تہ خيال ان جي Purified شڪل آهي. باقي ٻيو سڀ ڪجهہ فوڳ آهي. ڪنفيوشس ان ميڪنزم کي بيان ڪندي هيئن چيو هو تہ سڀ هتي رهجي ويندو، صرف ڏاهپ اڏامي ويندي. اهو ئي سبب آهي جو فقير، ساڌو ۽ سامي سماج کان پرڀرو رهن. ڪيني، بغض ۽ لالچ کان پري رهن. اندر اجرو رکن، بس ڏهپ اهڙو من ڏسي سندن وٽ اچي مهمان ٿي ٿئي.

سنڌ جو هي فقير بہ ائين ئي هو، بس جيڪو يگانگيت ۾ فڪر ڪندو وڃين آخر فڪر واري سان هڪ ٿيو. سندس هي آتم ڪٿا ان ڏس ۾ توهان سان پاڻ ڳالهائيندي. هو سائنس جا طالب هو. رياضيات، فلسفو ۽ فزڪس هن جا سبجيڪٽ ها، جن سان آخر ڏينهن ۾ بحث ۽ ٻيٽ جي سعادت گهٽي ياڳي مون کي نصيب ٿي. سندس هن آتم ڪٿا ۾ سندس خيال يا فلسفو جيڪو هر هنڌ ڳالهايو اٿئين (الله تعاليٰ همت ڏني تہ سندس فلاسافي کي چونڊي بہ هڪ جدا ڪتاب جوڙبو) انتهائي خوبصورت پاسو آهي.

هن جي رحلت بہ عجيب هئي. بلڪل هڪ لحاظ کان حشاش بشاش. وفات کان ٽي ڏينهن اڳ فيصلو ڪين تہ هاڻ ڳوٺ هلجي. آخري زمانو شاعري ڪرڻ جو شوق سوار ٿين. ڪنگ جي شڪايت بہ وڌي وين، گهر ۾ مفلسي وري تڏا وڇائڻ شروع ڪيا هئا. مجال آ ڪنهن کي اهو ٻڌائن يا ٻچڙن کي اباڻي زمين جا ٻہ اڍائي سئو ايڪڙ ورهائي ڏني هئن. ان تي حق جتايو هجين. وڪالت وارا ڪيس بہ مهينو ٻہ اڳ ورهائي ڇڏيا آهن. بي شڪ پنج ڇهہ مهينا اڳ سندن کي دل جو دورو پيو هو. جيڪو اگر گهر ۾ پئي ها تہ جان ليوا ثابت ٿئي ها. پر پيو الله جي مهرباني سان حيدرآباد جي ICU ۾.

13 آڪٽوبر جو صبح جو پهر، سندن پياري ۾ پياري اولاد مجن جو گهر. هو وري Meditation وينل هي شخص "ابا جاويد حجام اچي تہ ٻڌائجان" "بابا اگر پيرن جا ننهہ لاهڻا آهن تہ مان لاهيان" "نہ ابا وار بہ ڪترائي ڇڏيان تہ بهتر" هي سندس زندگي جا آخري جملا هئا. ان وقت گهر ۾ موجود سندس گهرواري ۽ ننهن بہ هئي، باقي سڀ سانت هئي. سڀ ڏنڌي ڏاڙي سان نڪتل هئا. صبح سوير واري ڪچهري ۾ ننڍي ياءُ هادي ۽ سين کي ڪلندي ڪلندي هشاش بشاش ٽي پي چيائون تہ مون کي پنهنجي ڏاڏي (قاضي فيض محمد) جي پير ۾ دفنائجو نہ ڪي بابا واري قبرستان ۾. هو وري Meditation ۾ وينل هڪ شخص ڪو راڳ گنگنائيندي اپ ۾ اڪيون اتڪائي ليٽيل. در کڙڪي ٿو. هوڏانهن سندس ننهن مون ڏي ڊڪي ٿي بابا جا هٿ ڏکن ٿا. مان وڏان ٿو، ننهن ڊڪندي سندس ننڍي ياءُ هاديءَ کي ونڻ لاءِ ڀڄي ٿي. امڙ منهنجي دانهون منهنجيون ٻڌي بيهوش ٿي ڪري ٿي. چاچو اچي ٿو، "ادا! ادا! ادا!!" پر ادا اڏري چڪو هو. مشڪل سان ان سڄي واقعي کي ٽيڻ ۾ هڪ منٽ بہ نہ لڳو. حجام در تان واپس پير ڪري ٿو. اهڙي طرح 1908 ۾ آيل هي روح 74 سالن کان پوءِ 1982 ۾ ارتقا جون مسافتون ڪندو ڪائنات جي ڪليت ۾ هليو ويو. سندس هڪ مضمون انگريزي ۾ آهي، جنهن ۾ پاڻ پنهنجي موت جو مشاهدو ڪيو اٿن ۽ جهڙو ڪري اڳ ڪٿي ڪئي اٿن، اهو گهٽي ياڳي صحيح ثابت ٿيو.

هي فقير ايندا ئي صرف مرڻ جو مشاهدو ڪرڻ هئا. هنن وٽ

زندگي هڪ فن پارو ئي هوندي آهي، جنهن ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڪيل تماشا ڏسي، مشاهدا ڪري ڪوزه گر جي ڳولا ۾ لڳي نندون قتائي ڪجهه سوال اياري ڪجهه جواب پائي، ڪجهه ابهام تہ ڪجهه اماوس، وڃي نيٺ هن سان هڪ ٿيندا آهن. آتم ڪٿا ۾ هڪ هنڌ لکن ٿا، قدرت وڏو ڳجهہ آهي، خود انسان جي نہ ٿئي ها تہ قدرت جهڙي انڌي رهجي وڃي ها.

هي آتم ڪٿي جيڪا 1975ع ۾ لکي وئي، ڪان پوءِ مصنف باقي ست سال زنده رهيو. هالاڻيءَ کان سفر شروع ڪيائين. هالاڻي تي ئي اختتام ڪيائين. هن جا ڏک گهٽيا نہ اهي تہ وڏي وڻ ٿيا. هن کي جو برصغير موسيقي جو عشق هو، علم هو، اها ئي هئي، جيڪا هن جي انهن ڏکن تي مرهم وارو ڪم ڪندي هئي. آخري ويل بہ اها ئي جهوگاريندو رهيو. سڄي عمر مون هن کي صبح جو سوير يوگا ڪندي ڏٺو. اسلام کان پوءِ هن کي ٻڌ مذهب ڏاڍو پيارو لڳندو هو. اهڙي طرح هن آرٽ سکيو ۽ سمجهيو، تنهن جي ڪري هو جهڙو زندگيءَ کي سمجهي ويو.

قاضي فيض محمد جي هن آتم ڪهاڻي کي گهڻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو ساڳي وقت گهڻن زاوين کان ڏسي سگهجي ٿو، سڀ کان اهم ۾ اهم حصو سندس ٻچپن تي ٻڌل آهي ۽ ٻيو اهم ۾ اهم حصو سندس جلاوطني ۽ جلاوطني وارو سفر آهي، جنهن کي ٻہ دفعا مختلف انداز ۾ لکيو اٿائين. باقي ٻيو سندس سياسي تحريڪن سان وابستگي جو پس منظر آهي. جنهن ۾ سنڌ جي تاريخ جي شاگرد کي گهڻي ڄاڻ ملي ٿي. ساڳي وقت هڪ اهم زاويہ سندس فلاسافيڪل Perception آهي. سياسي فڪر بہ اهم آهي، سنڌ جي نوجوانن کي تلقين ۽ سنڌ جي بقا لاءِ هڪ تصور بہ آهي.

بنيادي طور قاضي هالاڻي جي آسودي ۽ پڙهيل ڳڙهيل گهر جو فرد هو، پر سندس ڄمڻ جي سال جي اندر ۽ سال پهريان جي وچ ۾ اٺن فردن جي رحلت گهر جي ڪايا پلٽي ڇڏي، ويراني ويراني اجڙيل سماءُ هو، جنهن ۾ ڇورو ڇنو ٿي اڪ ٿو ڪولي، يعني ان گهر ۾ جتي فارسي جا استاد رهندا هئا، جتي دين وارا رهندا هئا، اتي هاڻ سواءِ رنن ۽ بيواهن جي ٻيو ڪير بہ ڪونهي. ٻني ٻارو ججهو خاصو هو پر ڪير سنڀالڻ وارو ڪونہ هو. اهڙي طرح افلاس جا پاڇولا ان گهر جي مٿان گهاٽا ٿيندا ٿا وڃن. اهڙي طرح هو

ننڍڙو ٻالڪ حواسن جي حساسيت سان جڏهن اوسي پاسي وائکي ٿو ته هو ٻاڻ ڪي هڪ اهڙي هند پائي ٿو، جتي پيءُ جو نالو نشان ناهي. غربت به گهاٽي آهي. اهڙي طرح هو اهي پير ڪٽي ڇهن ستن سالن جي عمر ۾ پنهنجي ماءُ کي ٻي شادي ڪندي ڏسي ٿو. سندس هيانءَ جهري ٿو پوي، جيڪو پڻ هڪ فطرتي عمل هو، پر اهو ڏاريو مرد جنهن کي هن مشڪل سان مس اپنايو هو، اهو به هلي ٿو پوي، گهر ۾ هڪ دفعو وري غم گساري ۽ غربت مونٽي ٿي اچي. اهڙي طرح پنهنجي ماءُ کي وڏي هو چار پٽ ٿين ٿا. سندن ڪي ڪا پيڻ به نه ٿي ٿئي. قاضيءَ جي پاءُ لائق ان سڄي پس منظر کي پنهنجي سٽن ۾ ڪجهه هيئن رقم ڪيو آهي:

گود واري غم گساري لال لولي ياد آ،
توڙي غربت، مسڪنت، ته به صاف چولي ياد آ،
چار ٻچڙا ماءُ اڪيلي، سا به ٽولي ياد آ،
جاڻ جوڏا جوان ٿيا سا ٻاجهه ٻولي ياد آ،
درد دک ۾ رات ساري گهول گهولي ياد آ
ياد آ جيجل اچان، سا تنهنجي جهولي ياد آ.

مشڪل سان پنج يا ڇهه درجا پڙهي ٿو ته وڏيڪ پڙهڻ لاءِ ڏوڪڙ جي گهتتائي ڏسي ماءُ جي صلاح سان ڇڏي ٿو ڏئي. اهڙي طرح درزڪو ڪم سکڻ شروع ٿو ڪري ته من ڪجهه ڏوڪڙ ڪمائي امڙ جي غربت ۾ هٿ ونڊايان. اها خبر جڏهن سندس گهر سان لڳولڳ رهندڙ صوبيدار غلام رسول شاهه کي ٿي پئي (ٻاڻ هن شخص کي هن آتم ڪٿا ۾ پيءُ جو رتبو ڏنو آهي. هي اهو شخص هو، جيڪو ننڍي عمر ۾ پيءُ جي محبت کان محروم ٿي ٿو وڃي، جنهن تي وري قاضي جي ناني جا احسان هئا. سنڌ جي تاريخ ۾ غلام رسول شاهه ان ايس پيءُ جي نالي سان سڃاتو ويندو آهي. جنهن سوره بادشاهه کي ڦاهي واري سزا کان اڳ آخري پيرو گرفتار ڪيو هو، جنهن کي ڇرن ٻِڪترا ڪري ماري ڇڏيو) تڏهن هن کان قاضين جي آخري نشاني سان هي حال محال نه هو. ڊيوٽي تان موڪلون گذارڻ واسطي جڏهن ڳوٺ ٿو اچي. خبر ٿي پويس ته سندس پٽن جهڙو قاضي درزڪو ڪم ٿو ڪري. پڙهڻ ڇڏي ڏنو اٿائين، تڏهن هڪدم ٻانهن کان وٺي هن کي اسڪول ٿو

چڏي اچي. قاضي جي زندگي جو منهنجي نظر ۾ اهو اهم ترين موڙ هو، جتان هو واضح انداز ۾ بچي ٿــو نڪــري. نہ صرف اهو پر سندس جي نوشــهره مـــدرسي ۾ داخلا ڪرائڻ جي پويان بہ هي شـــخص هو. ننديون ننديون نوڪريون ونرائڻ پويان بہ ان شخص جو هٿ هو.

اهڙي طرح وري علي ڳڙهہ تہ وري مـوٽـي ڪراچي NED ۾ داخلا ٿو وني، جتي اسڪالرشپ ڪل ٽيهہ روپيا ۽ خرچ سئو روپيہ. وري ڏوڪڙ کٽان اچن. NED جي پرنسپل گوڪلي هن کي شهر جي وڏن مسلمانن ڏي چٺي ڏئي مـوڪليـو تہ هن غريب شـاگـرد جي مـدد ڪن. وري مـايوس ٿي گوڪلي ڏي موٽي ٿو ۽ پوءِ نيٺ گوڪلي هن جو خرچ پاڻ برداشت ٿو ڪري پر قــاضي جي پيــرن ۾ سک ســان ويهڻ ڪٿي هو. هن وٽ تہ هلچل هئي، خاڪسار تحريڪ ۾ شامل ٿو ٿئي، علامہ مشرقي ۽ علامہ آءِ آءِ قاضي جي صحبت ٿي مليس، وري سفر وري هلچل.

اهڙن زمانن ۾ هڪ ڳالهہ جو ذڪر بہ ڪيو اٿس تہ جڏهن مولانا ابوالڪــلام آزاد جڏهن آءِ آءِ قـاضي جي پيش امامت ۾ مـسلم هاسـٽل واري مسجد ۾ نماز پڙهي، تڏهن قاضي هڪ جذباتي شاگرد جي حيثيت ۾ هڪ خاڪسار جي حيثيت ۾ سندس سان بدڪلامي ڪئي هئي. قاضي کي سڄي عمر ان ڳالهہ جو ڏک رهيو. ان ڏک جي تلافي ڪندي جڏهن ٿر جون پٽون ۽ صحرا پاس ڪندي ڍاڪا وڃڻ لاءِ دهلي ٿا پهچن تہ پهريون ابوالڪـلام جي مزار تي حاضري ٿا ڀرن جڻ ان واقعي جي پنهنجي ذات اندر ندامت ٿا ڪن.

قاضي جي زندگي ۾ اهم ۾ اهم موڙ وڪالت جو امتحان پاس ڪرڻ سـان شـروع ٿـو ٿـئي. سـاڳي وقت هندن وڪيلن جي هجرت جي ڪري هڪ وڏو خلاءُ ٿـو پيدا ٿئي. هن ان وقت ۾ پاڻ کي نواب شـاهہ جو وڏو وڪيل نہ صرف اهو پر سنڌ هاءِ ڪورٽ جي بهترين وڪيلن ۾ مڃرائڻ شروع ڪيو. اهڙي طرح قـاضي جي زندگي ۾ ڏوڪڙ اچڻ شـروع ٿي ويا، جيـڪي وري هن گـهٽي ڀـاڳي پنهنجي عـادت کـان مـجبور، رولاڪين تي ڪـپـايا، سنڌ سـان ڪميٽمينٽ واسطي ڪپايا.

قاضي برادران پنهنجو لوهو هڪ دفعو وري مڃايو. هڪ دفعو وري قاضي فتح علي واري آسودگي واپس موٽي آئي. قاضي غلام هادي هڪ ذهين

وڪيل جي حيثيت سان ڇاتو ۽ سڃاتو وڃڻ لڳو. قاضي محمد لائق اريگيشن ۾ انجنيئر ٿيو. جڏهن ته قاضي ابراهيم نه پڙهي سگهيو.

پر هنن قاضين مان هي قاضي الاءِ ڪهڙي ڪيمسٽري جو مالڪ هو. جو هميشه يگانه، هميشه ڪشالن ۾ ٻيڙيءَ جو سوار. هن جو سفر انوکو هو، ڇو جو هن وٽ ڪوبه سمجهوتو يا مصلحت نه هئي. ان جي ڪري هو اولاد جي پڙهائي کان بي نياز. انتهائي ان ٽڪ محنت ڪندڙ گهرواري کي ڏک ڏيندو رهيو. ڪڏهن به ٽڪجي وڪالت نه ڪيائين. هو ته رولاڪ هو. هو ته هڪ عاشق واري صنف ۾ رهيو يا شايد هو انهن ٻن حقيقتن جي وچ ۾ رهيو. ڪڏهن عشق ڪيائين ته ڪڏهن ڪم ڪيائين. ڪڏهن خيال پڇايائين ته ڪڏهن برصغير جا وڏا وڏا گوئيبيا گهر گهرايائين ۽ جي لکڻ وينو ته پوءِ ناول رقم ڪيائين. سندس ڀاويهه سئو ڀاويهه ناول جيڪو هن آتم ڪٿا کان پوءِ جو لکيل آهي، سندس "اڻجاڻ" ٻڻ پوءِ جو لکيل آهي.

ڪل ملائي سيني لکڻين ۾ هڪ ڳالهه واضح آهي، اها آهي ورهاڱي جو درد. اهو ڏک هن جي وجود ۾ ايڏو ته گهر ڪري ويو جو شايد هو ان کان ڪڏهن نڪري نه سگهيو.

قاضي فيض محمد ورهاڱي واري حقيقت تي اهڙو ته خوبصورت انداز ۾ ڳالهايو آهي جو سڀ حقيقتون ۽ نقطا واضح ٿي ٿا پون. مون جهڙي ماڻهو کي پنهنجي سوچ کي ٿورڙو تبديل ڪرڻ ۾ مدد ٿي ملي.

سوال اهو آهي ته هندو ۽ مسلمان رهندا ته واقعي سنڌ اندر هئا. ٻولي به ساڳي ڳالهائيندا هئا. تصوف به گهٽي ڀاڱي سين کي لطيف هجي يا ڪنور ڀڳت لاءِ اڪير پيدا ته ڪندو هو، پر سماجي طور به مختلف حقيقتون هيون. سندن ڀاڙا ڌار هئا. اٿڻ ويهڻ جو طور طريقو جدا هو. کائڻ جون عادتون جدا هيون، نه پاڻ ۾ شاديون ڪندا هئا نه هڪ ٻئي ڏي ڪنهن سماجي تقريب ۾ ايندا ويندا هئا. رڳو ائين به نه هو. ميرن جي حڪومت ختم ٿيڻ کان پوءِ، اچا به هينئن چئجي ته انگريزن جي اچڻ سان هندن وري پنهنجو پراڻو وڃايل وقار بحال ڪيو. هنن ثابت ڪيو ته هن جي رڳ رڳ ۾ Entrepreneurship رچيل ۽ وسيل آهي. خود ميرن جو دور جاگيردار سردارن جي ڳٽ جوڙ هو، جنهن ۾ سردار پنهنجي قبيلي جي اندر ٻين کي

وڏن نہ ڏيندا هئا. جڏهن تہ هندن وٽ پنچائت هوندي هئي، ڌرم سالا هوندا هئا. هو ان کي هڪ اداري وانگي هلائيندا هئا.

ان جي ڪري هندو جو اڳتي نڪرڻ لازمي هو. هندو urbanized ٿي ويا. لازمي ڳالهہ آهي مسلمانن سان هن جي ڪابہ سماجي تعلقيت نہ هئي، جنهن جي نتيجي ۾ هندن سان گڏ هو اڳتي وک وڌائي نہ سگهيا. خود مسلمانن جي اندر جيڪا مڊل ڪلاس پيدا ٿي اها هڪ تہ فارسي جي استادن واري هئي، جيڪا مدرسہ وغيره هلائيندي هئي يا پيو. جيڪي هندن وٽ ملازمت ڪندا هئا. ان کان علاوه سڀ کان وڏي مڊل ڪلاس جيڪا پيدا ٿي، ان ۾ روهڙي ڪئنال جي نهڻ ڪري روزگار جو پيدا ٿيڻ جيڪا گهٽي ياڳي مسلمانن کي ملي.

سنڌي قوم بہ هزار سالن ۾ قبيلن، پاڙن ۽ ذاتن جي اندر گڏجي نهي ڇو جو جنهن بہ سنڌوءَ کي وهندي ڏٺو، اهو ان وٽ اچي آباد ٿيو. ڪو هن ڪپر کان تہ ڪو هن ڪپر کان. ڪو لاڙ ٿيو تہ ڪا اُتر تہ ڪو اوپر تہ ڪو تر ٿيو. هر سمت رنگ، خوشبو ۽ مزاج سنڌوءَ جي ڪشش ثقل تي ڪرڻ لڳا. اهڙي طرح پولي نهي، جنهن تي سنسڪرتي اثر گهٽو رهيو. يعني برصغيريت سنڌ جي نس نس ۾ سمايل هئي.

برصغير جي اندر سڀ کان پهرين توازن آرين توڙيو ۽ پوءِ عربن پوءِ ترخانن، ارغونن وغيره وغيره.

ڪائنات ۾ هر مظهر جي هڪ سائيڪل ٿيندي آهي، هر ڪا شيءِ پيدا ٿيندي آهي، نپچندي آهي ۽ وڏي ٿيندي آهي، پوءِ پوڙهي ٿيندي ۽ پوءِ نيٺ آخر مري ويندي آهي. ان تسلسل ۾ حياتيات مان ٻچا ڦٽندا آهن، جيڪي پڻ اهڙن اتفاقات جي مرحلن مان گذرندا آهن. جڏهن تہ ارتقا جي عمل ۾ اهڙيون قوتون هونديون آهن، جيڪي اهڙن حادثات ۽ واقعات جو تعين ڪنديون آهن، جنهن جي وٽ ۽ وس جي نسبت سان رنگن جي مختلف مزاجن وانگي نمودار ٿينديون آهن.

سماج بہ اهڙي طرح پلجندو ۽ ڦرجندو آهي، اهڙي طرح گذري پوءِ قوم جو مزاج نهندو آهي.

قاضي فيض محمد جيڪو ديباچي ۾ چئي ٿو، اهو صحيح آهي تہ

تضاد موجود هئا ۽ اهو فطري عمل هو، هو اهو به صحيح ٿو چئي ته جي ورهاڱو نه ٿئي ها ته اهي تضاد رهن ٿا.

پر ڏک سنڌ جي حوالي سان ان ڪري آهي ته سنڌ جي دراصل مڊل ڪلاس هلي وئي، جيڪا ڪنهن به قوم جي ريڙهه جي هڏي وانگي هوندي آهي. هتان ويا اهي جيڪي تمام گهڻا پڙهيل ڳڙهيل هئا، جيڪي اربن ۽ مهذب هئا، جيڪي هنرمند هئا، هنن هندستان وڃي اڃا وڌيڪ ترقي ڪئي جو سواءِ Nostalgia جي سنڌن وٽ ڪوبه معاشي جواز ناهي، جنهن سان هو محسوس ڪن ته سنڌ ڇڏي هنن غلطي ڪئي، پر جڏهن ته سنڌ بدنصيبي سان جاگيردارن ۽ وڏيرن جي حوالي ٿي. هي اهي وڏيرا ۽ جاگيردار آهن، جن کي اهي جاگيرون ۽ لقب انگريزن جي چاپلوسي ۽ مخبري جي ڪري مليا ۽ ورهاڱي کان پوءِ هنن جون پنج ئي آڱريون گيهه ۾ ۽ مٿو ڪڙهائي ۾. هنن پوءِ ماڻهن سان ويساهه گهاتيون ڪيون.

منهنجو سوال قاضيءَ کان.رڳو اهو آهي ته هن کان وڌيڪ دور انديش آءِ آءِ قاضي هو، جنهن ڏٺو پئي ته سنڌ ۾ جهالت پئي اچي، ڇا اهو بهتر نه هو ته اهي تضاد رهڻ ڏنا وڃن ها ۽ انهن کي مخاصمانه ٽيڻ کان هڪ خاص مدت تائين روڪيو وڃي ها ته جيئن سنڌ جو تصوف پنهنجو سيڪولر ڪم ڪري ان کي بچائي وجهي ها!؟

اهو سوال جڏهن مون پنهنجي هڪ دانشور دوست کان ڪيو ته هن چيو، تضاد اڻ ٽر هو. رهڻ ناگزير هو، مسجد منزل گاهه واري واقعي تيليءَ وارو ڪم ته ڪيو جڏهن ته ڪم اڳ ۾ ئي تيار هو. مان سمجهان ٿو ته ائين چوڻ به حقيقت پسندي ناهي. خود اڄ سنڌين ۽ مهاجرن ۾ تضاد ناهن؟ ڇا پوءِ مهاجرن جو ڪراچي ڌار گهرڻ وارو مطالبو صحيح ناهي؟ هي تضاد ان کان به وڏو تضاد آهي، ان کان باوجود ته مذهب به ساڳيو آهي.

ليڊرن جو ڪم هوندو آهي، حڪمت عملي ناهڻ، حڪمت عملي ناهڻ وقت معروظي ۽ موضوعي صورتحال جو جائزو وٺڻ ادراڪ ڪرڻ باريڪينءَ وڃڻ نه ڪي جذباتي فيصلا ڪرڻ.

اڃا به ورهاڱي جو بنيادي ۽ اهم سبب ان وقت جي بين الاقوامي صورتحال ۽ سازش چئجي ته وڌيڪ بهتر ٿيندو. قاضي فيض محمد ديباچي ۾

هڪ هنڌ لکي ٿو، ”سنڌ کي اگر بچائڻو آهي ته پوءِ جيڪي ڪجهه بچيو آهي، تنهن جي سلامتي لاءِ ڪوشش ڪيون ته شايد سنڌ بچي پوي. اهو آهي علم سان شوق، عمل سان محبت ۽ اخلاق جي پوشاڪ ۽ پوءِ تنظيم..... وري به ان ڳالهه تي اچون ٿا ته جن شخصيتن سنڌ لاءِ رت ولوڙيو آهي ۽ سر جون ستون ڏنيون آهن، تن کي وساري ڇڏيون، هرگز نه ويجهيون بزرگ هستيون علامه آءِ آءِ قاضي، شيخ عبدالمجيد سنڌي، محترم جي ايم سيد ۽ محترم حيدر بخش جتوئي ۽ ٻين بزرگن لاءِ سنڌ جي نوجوانن کي هميشه احترام هئڻ گهرجي. مگر ساڳي وقت جيڪي ڪجهه هنن بزرگن چيو آهي ۽ اهو الهام ناهي.... زماني جي تبديليءَ جي رفتار نهايت تيز آهي. نيون حالتون پيدا ٿين ٿيون ۽ اهو فڪر جو ڳالهه صحيح هو، هميشه لاءِ انهيءَ کي صحيح سمجهڻ هڪ وڏي غلطي ٿيندي.“

اهڙي طرح قاضي فيض محمد انهي ديباچي ۾ لکي ٿو، سنڌوديش غلطي ٿيندي پاڪستان ۾ ويهي حق ونجن ۽ خود انهن قوتن جي خلاف جهاد ڪجي، جيڪي سنڌ کي اندران کائن پيون. ساڳي وقت پاڻ هندستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾ ڪنفيڊريشن جي ڳالهه ٿا ڪن.

1984ع ۾ ڇپايل پنهنجي هڪ ڪتاب No More Vietnam ۾ نڪسن هڪ هنڌ لکي ٿو:

”اها خام خيالي آهي ته جي اگر سويت يونين ٽين دنيا جي تضادن ۾ ڪردار نه ادا ڪندو ته پوءِ اسان جي مفادن کي به ڇيهو نه رسندو. سوال هي آ ته ضروري ناهي ته سويتس کي کٽڻ لاءِ جنگ به وڙهڻ گهرجي. هو وڙهن يا نه وڙهن. جڏهن به اسان هارائيندا سين، جهڙوڪر هو کٽي ويندا. جيئن خوميني واري ايران ۾ ٿيو. جتي سويت يا ڪميونزم کي ڪجهه به نه مليو، پر ان جو مطلب اهو ناهي ته ان مان سويت يونين فائدو نه ورتو.... اگر اتي شاهه ايران هجي ها ته افغانستان اسان جي هٿن مان نه وڃين ها.“

قاضي فيض محمد 1980ع جي ڏهائي ۾ لکيل هن ديباچي ۾ سنڌوديش واري خيال کي رد ڪندي ڪجهه هيئن ٿو چئي. ”هن وقت هر هڪ صوبو پاڪستان جي بقا جو ٿنڀ آهي، ڪنهن به صوبي جو جُدا ٿيڻ سان سچو پاڪستان ختم نه ٿيندو، پر خود اهو صوبو پڻ مصيبت ۾ ايندو،

ڪو بہ صوبو از خود آزاد رهي نہ سگهندو، پوءِ ضروري آهي تہ هن ڪي هندستان جي سهاري جيئڻو پوندو يا ڪنهن ٻئي وڏي ملڪ جي آسري جي سگهندو، مڪمل آزادي ناشرني آهي.“

اڄ بدنصيبي سان ملڪ ٽوڙڻ لاءِ پنجاب ۽ سندس حڪمران راهون هموار ڪري رهيا آهن. هو سيني کي پٽ ڏي ڏڪي رهيا آهن. پر تڏهن بہ ائين ٿو ڏسڻ ۾ اچي تہ هن ملڪ جي اندر مظلوم قومن جو اتحاد ڪيڏو نہ ضروري آهي. اهو ئي اتحاد آهي، جنهن جي اوٿر ونڻ، هن ملڪ ۾ توازن قائم ڪندو.

هي تہ ها قاضي صاحب جا سياسي خيالات پر سندن هڪ فلاسافي بہ هئي، ڪائنات جي باري ۾ معدي جي باري ۾ ۽ روح جي باري ۾. ان تي پاڻ لکيو بہ اٿن، ڳالهايو بہ اٿن، ساڳي وقت هن ڪتاب جي ديباچي ۾ گهڻي روشني انهيءَ تي وڌي اٿن.

هڪ هنڌ لکن ٿا:

”جيترو فڪر ڪبو، اوترو هي دماغ روشن ٿيندو ۽ ان ۾ ايڏا رنگ پيدا ٿيندا.“

”هي ننڍڙو انسان هڪ معجزو آهي ۽ مالڪ جي جهلڪ آهي.“

قاضي فيض محمد هتي ڪا نئين ڳالهہ نہ ڪئي آهي، هن تہ خيال پيش ڪيو آهي، جنهن جي بنياد يسوع وڌي هئي، جنهن تي ايرڪ فرام هڪ شاهڪار ڪتاب "You Shall be as gods" لکي ڇڏيو، جنهن ۾ هن انسان جي عظيم نفسيات کي ڪمال سان بيان ڪيو آهي.

”قسم آ مون کي زماني جي بيشڪ انسان خساري ۾ آهي.“ قرآن جي هيءَ سٽ تمام معنيٰ خيز لڳندي آهي. هي سٽون هڪ اهڙي مظهر سان منسلڪ آهن، جنهن کي شاهہ ”قادر پنهنجي قدرت سين قائم آ قديم“ چئي ويو آهي. Big Bang (عظيم ڌماڪي جو ٿيڻ) جنهن کي ان قادر جي تصنيف ۾ ”ڪن فيڪون“ چيو ويو آهي. راوايتن ان قادر جو عظيم ڪرشمو چيو ويندو آهي. يعنيٰ شاهہ جي ٻڌايل ان وصف جو اگر ڇيد ڪبو تہ ان مان بہ اسم واضح ٿي نڪرندا. هڪ قادر ۽ ٻي ان جي ٻڌايل قدرت يا ٻين لفظن ۾ هڪ زندگي يا پالڻهار ۽ ٻيو ان جو آرٽ يعنيٰ قدرت. هتي آرٽ يا ٻين لفظن ۾

هي قدرت هڪ اهڙي گاڏڙي وانگي آهي، جيڪا خود تحرڪ ۾ آهي، ٻين لفظن ۾ جيڪو زمان و مڪان جي ٻن ڌارائن جو ايڪو آهي. بعنيٰ ڦيٿن بغير گاڏڙو بي معنيٰ آهي يا صرف "گاڏ" آهي. گاڏڙو بغير ڦيٿا پنهنجي ذات ۾ گاڏڙو ناهن. اهي صرف "ڙو" ٿيو پون. اسٽيفن هاڪنگ هن مانداڻ کي، جنهن کي قاضي فيض محمد پالٿهار جي تخليق ٿو سمجهي، هڪ اهڙي ڦوڪٽي سان مشابهت ڏني آهي، جيڪو ڦوڪجندو وڃي ٿو.

قاضي صاحب Mataphysically خدا کي تمام ويجهو ٿو پائي، هن کي محسوس بہ ڪري ٿو. پر جڏهن وري MataPhysics مان نڪري ٿو ۽ Dialteics ۾ خيال وجهي ٿو تہ سندس خيال بلڪل اسٽيفن هاڪنگ سان ڪيڏو نہ ملي ٿو، جيڪو هن "Brief History of Time" ڪتاب ۾ چيو آهي.

ديباچي ۾ قاضي صاحب لکي ٿو، "سمورين ڪائناتن ۾ زندگيءَ جو مفهوم انهيءَ ۾ آهي تہ "ڳولهيان ڳولهيان مَر لهان" هونئن بہ لهڻ آهي ئي ناممڪن، ڇاڪاڻ تہ اها ذات عظيم ڪنهن جي بہ لهڻ کان پاڪ آهي."

هاڪنگ هن صديءَ جي جستجو حوالي سان پنهنجي ڪتاب "Brief History of Time" ۾ لکي ٿو.

"So long as the universe had a begining, we could suppose, it had a creator, But if the universe is really completely self contained, having no boundary or edge, it would simply would have neither beginning nor end, it be. what place, then for a creator?

ترجمو:

"جيستائين ائين سمجهجي تہ ڪائنات جو ڪٿان ڪاٿو شروع ٿيو تہ پوءِ لازم آ تہ ان جو پيدا ڪندڙ بہ آهي. پر جي ڪائنات ڪل پاڻ ۾ ئي پاڻ آهي نہ اڳ ٿس نہ پٺ، نہ ابتدا اٿس نہ انجام. اها ائين آهي جيئن آهي، تہ پوءِ "پيدا ڪندڙ" وارو سوال رهي ئي نہ ٿو؟

جيئن شاهہ جون هي سٽون آهن،

"عاشق چئوم ان کي، مَر ڪي چئوم،

خالق چوم خام تون، م ڪي چئو مخلق
سلج تنهن سلوڪ، جو ناقطئا نگيو.“

سو چوڻ جو مقصد تہ خدا Mataphysically محسوس ڪري سگهجي ٿو، جڏهن تہ Reasonining ۾، اڄ بہ اتي بيٺا آهون، جت بہ هزار سال اڳ سقراط بيٺو هو.

تنهنجي ڪري ڪائنات جي عظيم آرٽ کي ڏسو آرٽسٽ جي اگر خبرناهي تہ ڇا آهي؟ سڀ ارتقا آهي خود جو بہ ۽ خدا جو بہ. اياز جيڪا مٿي پيهر ڳوهڻ واري ڳالهہ ڪئي آهي، ان کي هاڪنگ هينئن ٿو چئي تہ، Big Bang هڪڙي ناهي ٿي Big Big ڪيئي ٿيون آهن ۽ ڪيئي ٿينديون. سندس جي بليڪ هول جي باري ۾ ريسرچ تمام گهٽو ڪجهہ ڄاڻ ڏئي ٿي.

واقعي بہ هي سڀ ڪجهہ ڳولهيان ڳولهيان م لهان آهي. اهو ئي ارتقا آهي. جي ليجي پيو تہ جهڙي پوءِ پت آ ۽ پوءِ جهڙو ارتقا جو اختتام ۽ پوءِ جهڙو موت آ.

قاضي فيض محمد هڪ ٿنڪر هو، هو سياستدان بہ هو، سنياسي بہ هو، هو موسيقار بہ هو، هو ليکڪ بہ هو، هو شاعر بہ هو، هو رهبر بہ هو، ڪارڪن بہ هو، هيڏو وڏو All Rounder عاشق توهان کي ڪٿي بہ نہ ملندو، منهنجي لاءِ قاضي ٿن ڳالهين جي ڪري تمام عظيم ٿيو پئي. هڪ تہ هو موسيقار هو. ٻيو تہ هو نثر نگار هو ۽ ٽيون تہ هن کي الله جي طرفان ڏک ڏاڍا مليا.

هن کي ننڍي هوندي کان عورتن جي صحبت ڏاڍي ملي. هن کي عورت جي عزت ۽ لحاظ سمجهہ ۾ آيو جو پنهنجي نياڻين کي پڙهائڻ ۾ ڪا ڪثر نہ ڇڏيائين. سندس هالاڻي ڇڏڻ جي هڪ وجهہ اها بہ هئي سندس گهرواري سان ڪڏهن اوچي آواز سان نہ ڳالهايائين، مجال آ جو قاضي جي آواز ۾ ڪنهن گنو جملو يا گار ٻڌي هجي، يقين ڄاڻيو ڪنهن جي لاءِ بہ ڪو ڪينو نہ رکيائين. هو اندر ۾ صاف شفاف هو.سندس صحبت ۾ صرف مناس هو، محبت هئي. آخر هو بہ تہ آءِ آءِ قاضي جو صحبتدار.

هوند هڪ ننڍي ٻالڪ جي حيثيت ۾ مون ان گهر ۾ سڀ ڪجهہ ڏٺو. شيخ مجيب جي منهنجي پيشاني تي چمي، نواب شاهہ ۾ جلسي ۾

خصاب ڪندي مون کي ۽ منهنجي ڀيڻ تسنيم کي هنج ۾ رکڻ. ذوالفقار علي ڀٽو، جي ايم سيد، حيدر بخش جتوئي پر منهنجي لاءِ آءِ قاضي جي صورت ۽ امڙ ايلسا جي مون کي پيسٽري ڪارائيندي مٺو ڪاءُ مٺو ڪاءُ وارو لوريءَ جهڙو آواز اڄ به منهنجي ذهن ۾ پڙاڏو پيدا ڪندي آهي. هن ڳالهه جي شاهد منهنجي ڀيڻ تسنيم به آهي.

سندس جي اولاد هئڻ جي ڪري هي خوبصورت روح مون ڏٺا. خود پاڻ به ان سلسلي جي روايت هو. امڙ ايلسا منهنجي لاءِ واقعي انتهائي محترم ٿي گذري. الاءِ ڇو؟ بلڪل وليم فاڪنر جي هن سٽن جيان:

"Like the sun does when you have closed your eyes and there is no sun."

امڙ يلسا ايڏي ته چٽي ياد اٿم، جيئن مون سچ کي گهوري ڏٺو هجي ۽ اکيون بند ڪيون هجن پر سچ جو اولڙو منهنجي اکين ۾ ڇپجي ويو هجي. ان ڳالهه جي ذڪر مون سائين حيدر علي لغاري سان خط ۾ به ڪيو هو. ساڳيو ذڪر بابا هن آتم ڪٿا ۾ به ڪيو آهي. جيڪا مون کي هن مهاڳ لکڻ لاءِ مليل هن مواد ڪان اڳ ۾ جاڻ نه هئي.

پيش آهن ڪجهه خوبصورت ٽڪرا سندس آتم ڪٿا مان:

## 1. ورهاڱي جي ڏک جي حوالي سان :

”آخر آزادي جي گهڙي آئي، سڄو برصغير آزاد ٿيو، پاڪستان ۽ هندستان هن برصغير جي نقشي تي ڪري ويا پر ڇا ٿيو، اهو ٿيو جو ڪنهن جي دماغ ۾ ڪونه هو. ڪجهه ماڻهن پنهنجي شخصي فائدن لاءِ ماڻهو کهايا...هي سڀ ڪجهه ٿي ويو. قائداعظم کي ايڏو ڏک ٿيو جو پنهنجي جان ڏئي پاڻ کي آزاد ڪرايائين. هن پاسي گانڌي جي ڪسجي ويو.“

## 2. مسعود کدڙ پوش جي حوالي سان :

”اسان جا پاڻ ۾ وڏا بحث ٿيندا هئا. هڪڙي رات جڏهن ڪنڊياري ۾ سندس منزل هئي، بحث ٿيو ته گانڌيجي وڏو ماڻهو آ يا جناح صاحب. اڌ رات تائين بحث ڪيوسين، آخر مڃيائين ته گانڌيجي وڏو ماڻهو آهي، مان ته موڪلائي ڳوٺ هليو ويس ۽ وري ڏينهن جو گڏجي محبت ديري وچٽا هئاسين. صبح جو ڳوٺئون نڪتس ته هندن ڇوڪرن ٻڌايو ته گانڌيجي

ڪلهه خون تي ويو. اچي ڳالهه ٻڌائيمانس. ڏاڍو ڏک ٿيس ۽ چيائين ته اڄ جلسو ڪبو. پروفيسر ڪاسانن کي چيم جلسي جو بندوبست ڪرڻو آهي. شهر ۾ منادي ڪئيسين. شام جو جلسو ٿيو. هندو مسلمان تمام گهڻا ماڻهو آيا. ڳالهائڻو ڏاڍو قابل هو. چيائين گانڌيجي جي قتل جي ڪري هندن ۽مسلمانن ٻنهي جو ڪارو منهن ٿي ويو. هاڻي جيڪڏهن هندو هت نه رهن ته مسلمانن جو فرض آهي ته سندن هر طرح مدد ڪن ۽ پائن وانگر ڪانئن موڪلائين. هاسارام مون کي چوڻ لڳو. مسعود صاحب جيڪڏهن شروعات ڪان وٺي اهڙو هجي ها ته نواب شاهه سڄي برصغير ۾ مثالي ضلع هجي ها."

## 3. آءِ آءِ قاضي سان ڪمٽمينٽ :

"هاڻي سوچيم ته هيءُ سهي سهڻي ڇوڪري جي وري موٽي آئي ته منهنجو بس سر وڃائي ڇڏيندي. بس پوءِ ڪيبرائٽ ڇڏي وٺي ڀڳس. ڇا ايڏو پرهيزگار صالح يا خدا جو خوف رکندڙ آهيان. هڪ ڳالهه جا مون ۾ آهي اها آهي حجاب، حياءُ، شرم. دل جهليندي ته اجايو خراب ٿيندس. پيو يورپ ۾ جڏهن به اهڙو وقت ايندو هو ته علامه قاضي جي صورت اچيو اڳيان بيهندي هئي. يورپ ۾ پريمسو سوسائٽي آهي، اتي اهي ڳالهيون عيب نه آهن."

## 4.حسن پرستي جو هڪ مثال :

"هڪڙي هنڌ ته منهنجي اهڙي حالت ٿي جو هڪ ٻوٽي جي گلن ۽ گلن جي سونهن مون تي ايڏو اثر ڪيو جو مان اتي ويهي روئڻ لڳس، جيڪو جرمن پيو لنگهي مون کي ڏسي اچرج ۾ پئجي پيو وڃي."

"Go to great nature
let her advice you."
(Holderlin)

## 5. سهروردي جي باري ۾ :

"پاڻ وزيراعظم. بنگلو سندس ڏهه پندرهن دوست ڇا ٿي ڪري سگهياسين، اسان جي ڏر فيصلو ڪيو ته مان ڪيس جواب ڏيان. پوءِ پارٽي ڇڏي ڏجي. مان ڏاڍي جذباتي تقرير ڪئي. آخر ۾ مان چيو، "سهروردي

صاحب اوهان پنهنجي منهن سان گڏ اسان سڀني جو منهن به ڪارو ڪري ڇڏيو."

ڏاڍو چڙيو، چيائين، "گاريون ٿا ڏيو."

مون چيو، "توکان پئسا وٺي ڪم نه ڪيو هوسين، تنهن ڪري ٻه ٽي گاريون اسان کي به ڏيڻ ڏيو."

6. سانگهڙ ۾ ايوب کهڙي جي خلاف بيهڻ وارو ماجرو به هن ۾ آهي، جنهن ۾ علي احمد راشدي جيڪو ان پيري وزير هو ۽ کهڙي جون زيادتيون رقم آهن. هوڏانهن جڏهن ضياءُ جو زمانو ٿو اچي، 1978ع ۾ مون واري وڏي ڀاءُمصطفيٰ جي شادي مهل هي ٻئي پوڙها پاڻ ۾ اڪيلي ويهي پراڻو زمانو ياد ڪندي روئڻ لڳا. بابا جڏهن گذاري ويو، تڏهن سندس تي سڀ کان خوبصورت مضمون علي احمد راشدي لکيو، جيڪو جنگ اخبار ۾ ڇپيو هو.

بهرحال جيڪو به هن مهاڳ ۾ آهي، اهو ناڪافي آهي. هڪ شخص جي باري ۾ هن ڪتاب، سوچ ۽ فڪر جي باري ۾ ڪٿ ڪٿ ڪتا ۾ ڇڪون به آهن، ڪٿ ڪٿ ڪن خاص موضوعن تي گهٽ به ڳالهايو اٿائين، ڪجهه حصا وڃائجي به ويا آهن. جيڪو ڪجهه به آهي، قاضي جو پنهنجو تجربو آهي، خيال آهي.

پڙهندڙن کي تلقين به ڪئي اٿس: "پڙهندڙن کي عرض آهي ته جيڪي مون چيو آهي سو سڀ سچ آهي، اهو غلط آهي. جيتوڻيڪ جيڪي مان سچ ٿو سمجهان، اهو لکان ٿو. مگر جيڪي مان سچ ٿو سمجهان، اهو ٻئي ڪنهن جي سمجهه ۾ غلط ٿي سگهي ٿو."

اڄ هي آتم ڪٿا جيڪا سنڌ جي تاريخ جو اهم دستاويز به آهي، اوهان آڏو آهي. ناز سنائي کي ان لاءِ جيتري به ساراهه ڏجي، اها گهٽ آهي، پورا پنجويهه سال ٿي ويا، ان کي لکي. ڀانيان ٿو بابا ناز کي اها 1980ع ڌاري ڏني، پنهنجي اولا ۾ چاڙهو نه ڏسي پنهنجي پٽن جهڙي ناز جي حوالي ڪيائين.

سوچيندو آهيان سنڌ جي خودغرض سماج ڪيئن قاضي جي ڪيس ۽ سندس بزرگ آءِ آءِ قاضي جي ڪيس تاريخ مان ڏنڌلو ڪرڻ جي ڪوشش

تي ڪري. هر ڪنهن هٿ هڪ مافيا ناهي رکي آهي، پوءِ جيڪر اهو ان مافيا جو ماٺهو آهي ته نيڪ نه ته نه. خير سوال اهو نه آهي، سوال اهو آهي ته هو وفا ڪري ويا بس!!

اڄ قاضي جي نالي کي ڪير استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪري اهو حرام آهي، پوءِ پل سندس اولاد ئي ڇو نه هجي، هر ڪنهن کي صرف ميرٽ ملڻ گهرجي ۽ ٿيندو به اهو. ٻيا سڀ ڏوڙ تي تا وڃن.

هرلڊرلن چوندو هو:

"But purity too is beautiful
within, out of diversity
a sereious mind is formed."

هو نج هو، جيئن سندس استاد، بزرگ ۽ پيءُ آءِ آءِ قاضي نج هو.

بس پوءِ هو شفاف وڃي انهن ذرن ۾ هليو ويو، جيڪي نج ها شفاف ها....

"And wise in the end will often bow to the beautiful.".
"Holderlin."

بيشڪ قادر جي ڪتا قدرت آهي
جيڪو قائم به آهي، قديم به آهي
ساراهه صرف حُسن جي آهي
جيڪو آرٽ به آهي پرين به آهي.

▫ **جاويد قاضي**

26th April
**Jawed Qazi**
IbrahimTerrace.B-J-3
Frere Town Clifton. Karachi.

# ديباچو

”منهنجو سفر“ مون 1975ع ۾ لکيو ۽ پورو ڪيو. جڏهن پٽو صاحب حاڪم هو ۽ مان باندي هوس. سفرنامو لکي ته وينس پر ڇپجي ڪيئن؟ خبر نه آهي ته ڇپبو يا نه.

هڪ دوست کي هيءُ سپرد تو ڪريان، من ڪڏهن ڇپجي وڃي.

هڪ ڳالهه جيڪا منهنجي لاءِ ته نئين آهي، اها چاهيان ٿو ته چئي ڇڏيان. چاتو اٿم ته انسان خود هڪ زمين آهي، هڪ نهايت اعليٰ زمين ۽ ان سان گڏ خالق به. هن نئيڙي دماغ جنهن کي اسين ميچالو چئون، حقيقت ۾ سوچ ۽ عشق جو گهر به اهو آهي، سڄي انسان جي بناوت ۾ اها ئي وڏي وٿ آهي. جيئن انسان پوري مخلوق ۾ اعليٰ آهي، تيئن انسان جي جوڙجڪ ۾ دماغ اعليٰ ترين آهي.

جيترو فڪر ڪبو، اوترو هيءُ دماغ روشن ٿيندو ۽ انهيءَ مان ايڏا رنگ راز پيدا ٿين ٿا، جنهن جو ڪو حد حساب ڪونه آهي.

ڳالهه هيءَ آهي ته انسان خود به خالق آهي، قدرت واري ته هزارها راز سمائي ڇڏيا، پر جيسين اهي راز ظاهر نه ٿيندا، تيسين قدرت خود اونداهيءَ ۾ لڪل رهندي.

هڪ حيرت ۽ عبرت ۾ وجهندڙ ڳالهه هيءَ آهي ته اهو ميچالو جڏهن جيئرو آهي ته هن کي دماغ چئون ۽ جي مري وڃي يا ڪا ڪَل يا ڪڙي هيٺ مٿي ٿي وڃي ته ڳالهه ئي ٻي، دم وڃڻ کان پوءِ سڀ ڪجهه ختم ۽ وڃيو خاڪ ٿئي. دماغ هڪ وڏو ڳجهه آهي، وڏي ڪاڻ

آهي، جنهن ۾ ايڏي طاقت ۽ وسعت آهي، جا انهيءَ عظيم قادر جي عظمتن جو نشان ثيو پوي. هيءَ ايڏي روشنائي آهي، هڪ اڻ ڳڻتڙ روشنائي آهي، جنهن کي انسان پنهنجي محنت سان جيترو وڌائي اوترو وڌي سگهي ٿي. هزارن ورهين کان وٺي هيءَ ارتقا جون منزلون لتاڙيندي اڳتي وڌندي ٿي اچي. هيءُ ميزائيل، هي راڪيٽ، هيءُ شٽل - سڀ هن دماغي روشنائي جي بدولت مهيا ٿيا آهن. ويهن هزارن کان وٺي پنجاهه هزار ميل ڪلاڪ جي رفتار، هيءَ انسان جو معراج آهي ۽ اهو سڀ هن روشنائيءَ جو ڪارنامو آهي. بس ائين ڪٿي چئجي ته هيءُ قدرت جي، قادر جي، هڪ نظر آهي، جهلڪ آهي، جڏهن انساني دماغ ڪو ذهني نقشو ناهي، خيال کي ڊوڙائي يا صرف خيالي صورت اڳيان رکي ته پوءِ فڪر، عقل، علم ۽ عمل سان، ان کي سچو روپ پهرائي اچيو اڳيان بيهاري. قصن ڪهاڻين ۾ اڏند ڪٽولين جون ڳالهيون هونديون هيون، اڄ اسان اڏند ڪٽولين کان تمام گهڻو اڳتي وڌي ويا آهيون. مطلب هيءُ آهي ته هيءُ سڀ خيال آهي جو تخليق ٿي صورت وٺي ٿو.

هيءُ ننڍڙو انسان هڪ معجزو آهي ۽ مالڪ جي جهلڪ آهي، خيال دماغ مان پيدا ٿئي ۽ وجيو روپ وٺي. آهي ته ڳالهه ڏاڍي ڳري ۽ ڳجهي، پر چو نه ائين چئجي، ته هيءُ ڪائناتون، هي عرش ڪرسيون، هي سڀ مانڊاڻ هڪ چاهه آهي.

چاهه ڪنهن جو؟ چاهه خالق اڪبر جو، جيڪو جڙي پيو ۽ وڌي پيو. جڙڻ ۾ ويرم ٿي ڪانه ٿي مگر انساني خيال تنهن کي وقت لڳي ٿو مگر انساني خيال به سندس نعمت آهي. سندس سوغات آهي، دماغ جا ڪيترا پهلو آهن. عقل، عشق، علم، ياد، غصو، محبت، حقارت ۽ بيون ڪيتريون وصفون جن کي ڪا به شڪل روپ ناهي، مگر اهي وصفون آهن ۽ انهن کان انڪار ٿي نٿو سگهي. اهي سڀ قدرت وارن جون عنايتون ۽ ڪرشما آهن.

سچ ته هيءُ آهي ته انسان هر روز هر گهڙيءَ، ارتقا، علم، عمل ۽ عشق جي ترقي رستي، انهيءَ ذات عظيم کي ويجهو پوندو وڃي.

ٿي سگهي ٿو ته مالڪ جي پرورش تيز ٿيندي وڃي، روشنائي وڌندي وڃي.

خالق ۽ مخلوق ۾ جو فرق آهي، اهو گهٽبو وڃي. ڪهڙو نه چڱو ٿئي ته انسان علم، عمل ۽ عشق، يعني روح ۽ سوچ ڪي يعني Mind ۽ Intellect ڪي وڌي منزل تي رسائي ۽ جذهن وڌي ترقيءَ واري منزل تي پهچي ته حقيقت جو ظهور چٽو ٿي چمڪي. مون پنهنجي زندگيءَ ۾ چا پرايو. اهو هڪ ڏکيو مضمون آهي، جنهن جو اظهار ڪرڻ ڏاڍو مشڪل آهي، مان جيڪي ڪجهه پنهنجي "سفر" ۾ بيان ڪيو آهي، اهو انهيءَ لاءِ آهي ته ٻين ڪي شايد هن مان ڪو فائدو پهچي.

ڪوبه انسان اها هام هڻي نٿو سگهي ته جيڪي ڪجهه هن سوچيو آهي يا ڪيو آهي، اهو صحيح هو ۽ ٻين ڪي به ائين ڪرڻ گهرجي. تنهن ڪري اسان جي پوين ڪي اهو خيال چڱي طرح دماغ ۾ ويهارڻ گهرجي ته اسان هن زماني جا چار ماڻهو يا جيڪي اسان ڪان اڳ گذري ويا، اهي اڄي تي ڪارو لڪي، هڪ قانون ناهي ويا، بلڪل غلط ۽ نقصانده آهي.

هر هڪ ماڻهوءَ جي سوچ جدا جدا آهي ۽ اها سوچ حالتن آهر تبديل ٿيندي رهي ٿي ۽ هر هڪ ماڻهو جيڪي اڄ سوچي رهيو آهي سو سڀاڻي انهي ڪي غلط سمجهي سگهي ٿو. هر هڪ انسان حالتن جو قيدي آهي، هن جي اڳيان جيڪي ڦري ٿو ۽ جيڪي هو ڏسي ٿو ۽ جيتري سندس علمي وسعت هوندي، هو اوتري قدر ڪجهه سوچي ٿو، سمجهي ٿو، لکي ٿو. هيءُ فڪر آهي، جيڪو حالتن تي منحصر آهي، حالتن جي بدلجڻ سان سوچ به بدلجي ٿي ۽ نتيجا اخذ ڪرڻ جو انداز به بدلجي ٿو. انهيءَ ڪري پڙهندڙن ڪي عرض آهي ته جيڪي ڪجهه مون چيو آهي سو سڀ سچ آهي، اهو غلط آهي، جيتوڻيڪ جيڪي مان سچ ٿو سمجهان اهو ئي لکان ٿو. مگر جيڪي مان سچ ٿو سمجهان، اهو ٻئي ڪنهن جي سمجهه ۾ غلط ٿي سگهي ٿو.

منھنجي زندگيءَ جي فلاسافي آھي:
1. ھيءُ سچو مانڊاڻ بنا مقصد جي ناھي.
2. ھن مانڊاڻ کي پيدا ڪرڻ وارو ضرور آھي.
3. تحقيق سڀ نبي سچا پيغام آڻيندڙ آھن.

ارادو سچيءَ تخليق جي ڪنجي آھي، انسان جڏھن ارادو ڪندو آھي تہ پوءِ ان ارادي جي تڪميل لاءِ سڀ سوچون ڪندو آھي. مثال طور جيڪڏھن ھڪ جاءِ ٺاھيندو تہ ھر ھڪ ذرو پھريائين ارادي ۾ شڪل اختيار ڪري ٿو پوءِ عمل ذريعي اھو ٺھي پوي ٿو، انسان جو ارادو ۽ عمل جدا جدا جوڙون آھن. مگر ھن سچي تخليق جي پويان جا ذات آھي، اھا انسان کان تمام گھڻو وڌيڪ طاقتور آھي ۽ انھيءَ مٿي مالڪ وٽ ارادو ۽ عمل جدا نہ آھي. ارادو ۽ عمل ٻئي ھڪ وقت صورت اختيار ڪن ٿا.

ضروري آھي تہ ڪي بنيادي ڳالھيون آھن، تن کي صاف ڪجي.

ڪائناتن جو وجود ۾ اچڻ، انھي اندر مصرنات ھر شئي جو پيدا ٿيڻ، ھوائن جو پيدا ٿيڻ، مقربات جو وجود وٺڻ ۽ ھزارين ڪئين پيون ارتقا جون منزلون طئي ٿيڻ، ان ۾ زندگيءَ جو پيدا ٿيڻ، جانورن جو پيدا ٿيڻ، انسان جو مڪمل ٿي پيدا ٿيڻ. ھي سڀ ھڪ اڻ ڏٺل مشاھدو آھي، جاندارن ۾ سمجھہ ۽ ٻين احساسات جو ھجڻ، انھيءَ کان پوءِ زبان سان انسان جو ڳالھائڻ، زبانن جو پيدا ٿيڻ، انھن جو ڪاري اچي ۾ اظھار ڪرڻ، اھي سڀ ارتقا جون منزلون آھن.

پر ٿورن اکرن ۾ ائين ڪٿي چئجي تہ سچي زندگيءَ جو، انسانيت جو، ساري قدرت جو نچوڙ آھي، سرت، سمجھہ، جستجو، انھن اکرن کي انگريزي ۾ ڪٿي چئجي Intellect جيئن زمين کي ھر ڏجي، ٻج پوکجي، پاڻي ڏجي، آخر شڪل پيدا ٿئي. گلن، ميون ۽ ان جي. اھڙي طرح سان قدرت جي ساري ڪشالي جو نچوڙ آھي Intel-lect اھا Intellect اھڙي بي آرامي آھي، جو ان جو ڪو اندازو يا ان

جي آخر آهي ئي ڪانہ. پر هڪ ڳالهہ جا ڏسڻ ۾ اچي ٿي اها آهي "جستجو" "پچ پچ"، "ڳولا ڳولا"، ڪنهن جي جستجو، انهيءَ جو اطمينان ڏئي تسلي پيدا ڪري، بس هڪ ڏُک، هڪ طوفان آهي هڪ پرواز آهي. پرواز آهي ڪنهن منزل طرف. پر اها منزل بہ ناهي، بس هڪ لاحدود "هجڻ" آهي، اهو هجڻ ۽ هئڻ جو انسان جي خيال کان تمام مٿاهون آهي، ڇاڪاڻ تہ زبانون ۽ انهن جو سکڻ هڪ تمام محدود ۾ حد اندر آهي، اسان جيڪي ڏٺو يا جيڪي پنهنجي حصن سان مخصوص ڪيوسين، انهن کي خيال ۾ آندوسين ۽ زبان سان لکڻ سان ان جي صورت بنائيسين. پر جيڪي ڪجهہ ڏٺل يا محسوس يا سمجهيل نہ آهي، انهن کي اکرن ۾ ڪيئن آڻي ٿو سگهجي. ڪيتريون سائنسون اجا لڪل آهن، جيئن ملائڪ لڪل آهي، هيءُ تہ انهيءَ سڀ کان اوچي ۽ بي مثل طاقت جون بنايل برڪتون آهن. انهن کي اڄ ڏينهن تائين ڪنهن بہ زبان يا لکت جي ذريعي ظاهر نہ ڪيو ويو آهي. انهي خالق اڪبر - خالق اڪبر بہ صرف هڪ صفت آهي، مگر هڪ مفڪر عالم وٽ بہ سندس هزارين اهڙيون صفتون آهن مگر اجا بہ ڪروڙين صفتون آهن جي انسان جي دماغ ۾ ڪونہ آيون آهن. اکرن يا اندازن ۾ سندس هجڻ ۽ هئڻ جو پوري طرح اظهار ناممڪن آهي. هاءِ هاءِ!! هيءُ ڪهڙو نہ جاهل انسان آهي جو اڄ بہ پڇي ٿو تہ خدا ڪٿي آهي ۽ ڪهڙو آهي، ڪيڏي نہ ڪم نظري! ڪيڏي نہ ڪمبختي!!

پر جيڪڏهن سچ پچ انهي عجيب ۽ تمام عظيم حقيقت ۽ سچ کي ڏسڻ جو شوق آهي ۽ سڪ آهي تہ هو رڳن کان بہ ويجهو ۽ هر ذري ذري ۾ سندس پاڇو آهي.

ڳالهہ اها هئي تہ انسان ارادي ۽ عمل سان جيڪي ڪجهہ چاهي ناهي سگهي ٿو، مگر انهيءَ ذات عظيم جي انسان سان پيٽ ڪرڻ بہ احمڪانہ حرڪت آهي. هو انهيءَ پيٽ کان بلند آهي، بس اکرن ۾ مفهوم ڏيڻ ناشدني آهي. تاهم فقط هڪ تنڪو، فقط هڪ چمڪ، فقط هڪ تيز ۽ تکي جهلڪ ڏيکارڻ واسطي اکرن جو واسطو

ونجي ٿو. هو چاهي ٿو ۽ ٿي وڃي ٿو. انسان ڪان ٻاهر دنيا ۾ نہ وقت آ نہ مفاصلو. مفاصلو ۽ وقت انسان ٺاهيو آهي ۽ انسان لاءِ آهي يعني دنيا ۾ وقت ۽ مفاصلو آهي ئي ڪونہ. هڪ نفي آهي جت نہ اوپر آهي نہ اولهہ، نہ اڳياڙي نہ پڇاڙي، نہ شام، نہ صبح، نہ جمڻ، نہ مرڻ، جمڻ مرڻ فقط انسان سان ۽ سندس پيائن جاندارن سان لاحق آهي. اها نفي دنيا خود ڳجهہ. منهنجو سڀ ڪان پلو، سڀ ڪان سنو، هڪ وڏو ڳجهہ آهي. جڏ تڏ اڪر اتي آهن ئي ڪونہ، بس آهي! رمز پئي ٿي هلي، بيهڪ آهيئي ڪانہ. هڪ تحرڪ آهي، هڪ "چاهہ" آهي، اهو "چاهہ" تحرڪ آهي، تحرڪ مان ہہ اليڪٽران، پروٽان، نيوٽران آهن، سڀ معدنيات جو نچوڙ ائٽم ۾ آهي، ائٽم اليڪٽران، پروٽان ۽ نيوٽران ۾ نهي پوي، پروٽان، اليڪٽران نيوٽران خود بجلي جون تجليون آهي، اهي سڀ مختلف تحرڪن مان ٿيو پون. انسان جي سمجهہ يا Intellect هزارن سالن جي جستجو ڪان پوءِ انهيءَ منزل تي پهتي آهي ۽ اجا پنهنجي خالق اڪبر کي سڃاڻڻ لاءِ ڪوجنائون ٿينديون رهنديون. دنيا ۾ سڀئي سائنسون انهيءَ جون پيدا ڪيل آهن، سڃو علم سندس هڪ اشارو آهي، علم، سندس پوشاڪ آهي، عشق هڪ نور آهي، جنهن جي وسيلي علم سان شناسائي ٿئي ٿي، يعني رب جي ذات کي انسان ڏاڍو ويجهو محسوس ڪري ٿو. هي ايڏيون اونهيون ڳالهيون آهن جو جيڪڏهن پيو لکجي تہ عمريون گذري وڃن، تڏهن بہ مڪمل منزل تي پهچي ڪونہ سگهبو.

هر هڪ شئي، هر هڪ گل، هر هڪ پن، هر هڪ جوڙو، هر هڪ روپ، هر هڪ جنس سندس هجڻ جي شاهدي ٿو ڏئي، سندس حسن جي هيڪار بہ هر هنڌ آهي. انسان جو روپ، انسان کي ڏنل نعمتون، انسان جو بنياد، انسان جو هڏ، جوڙجڪ سڀ انهيءَ خالق اڪبر جي هجڻ جي شاهدي ڏين ٿا. ويچارا صوفي گهوڙا! گهوڙا! ڪندا مرندا ويا، چوندا ويا، "پنهنجي پروڙڻ ٻاجهون پيا سڀ خالي خام خيال" جيڪڏهن انسان پاڻ کي سمجهي تہ ڪائناتن کي، سچ، چنبر

تارن کي وڏيڪ سمجهي سگهي ٿو ۽ يقين پنهنجي خالق جي هجڻ جي عبرت ۾ ساري زندگي روئندو رهندو ۽ ڏسندو رهندو. مالڪ ۽ انهيءَ عظيم ڳجهہ کي ثابت ڪرڻ، سمجهائڻ لاءِ هزارها طريقا آهن، هر هڪ سائنس سندس ثابتي آهي. سائنسون ڪجهہ تہ انسان کي هٿ لڳيون ۽ هزارين ٻيون اجا هڪ ڳجهہ آهن، تنهن ڪري انهن درياهن ۽ سمنڊن کي اٿلائڻ لاءِ پنان ۽ مس يا انساني رنگينيون پوريون پئجي ڪين سگهنديون، هي علم آهي، بي حد بي حساب، پر اهو ايڏو تہ رحيم آهي جي سچائي، صفائي ۽ محبت ڪان ڪٽي سڏ ڪرينس تہ هڪدم سڏ ٻڌي ٿو ۽ سڏ ورائي ٿو، هي عشق آهي ۽ عاجزي. نتيجي تي پهچڻ ۽ نہ پهچڻ جي ڳالهہ ئي ڪانهي. بس آهي! آهي ڪو ڏسڻ وارو، آهي ڪو سمجهڻ وارو! هيءُ! هي! هيءُ آواز هر هر ٻولي ٿو!

بس مون سان تہ سچي عمر اهي قرب ڪيا ۽ سچي عمر فقير، سچن ٻانهن، صادقن، عاشقن، حسن وارن، منٺن ٻولن ٻولڻ وارن سان گذري وئي.

مون تہ دلبر! اجهو ائين پاتو آهي ۽ چاتو! هي آهن مون جهڙي بدڪار سان مهربانيون، ڀلا جيڪي صاف ۽ پاڪ هوندا انهن سان تہ الائي ڪيڏيون رحمتون ۽ مهربانيون هونديون.

بيشڪ نبي سڀ سندس ٻانها آهن، هنن جي قلبن کي روشن ڪيائين، هنن جو علم، عمل نوراني بڻايائين، مگر سڀ خاڪ جي پيدائش هوا، سندن بدن خاڪ تي ويو. جيارڻ وارو صرف اهو خالق اڪبر آهي.

پنهنجي علم، پنهنجي فڪر، پنهنجن تجربن ۽ پنهنجي عشق جي اونهاين منهنجي دل ۾ يقين پيدا ڪيو آهي تہ اها عظيم ذات، عظيم طاقت، عظيم ڳجهہ، جنهن جو ڪو خاص نالو ٿي نٿو سگهي، جنهن کي ڪنهن مثال ۾ آڻي نٿو سگهجي نہ ئي وري هن جو ڪن اکرن ۾ بيان ٿي سگهي ٿو، جيترو انسان ارتقا جي منزل طئي ڪندو ويندو، ايترو هن کي اونهو پائيندو، هن کي ڳولي ڪونہ سگهندو. پر ٻي

سورت اها آهي تہ هو ايترو ويجهو آهي جيترو انسان کي يا ٻي ساري قدرت کي ڪوبہ ويجهو ڪونہ آهي. هو هن دم ڪان بہ ويجهو آهي، ڇاڪاڻ تہ هيءُ سڄو مانداڻ سندس رحم، ڪرم، ڇاهہ، حڪم جي ماتحت آهي.

اها هڪ حقيقت آهي، اهو هڪ يقين آهي تہ بس هو آهي ۽ هو رهندو، ٻيو سڀ ڀاڃو آهي، سندس ڀاڃو آهي يا سندس حڪم جو ڀاڃو، پر سورج جي لهڻ ڪان پوءِ ڀاڃو ختم ٿي ويندو، يعني جيڪا روشني يعني ”ڪن“ حڪم جي پيدائش آهي، انهيءَ حڪم کي رد ڪرڻ وقت هيءُ سارو مانداڻ ڊهي ٿو پوي، ڇاهي اها ڪا هڪ شخصيت هجي يا سڄو قدرت جو مانداڻ.

جي سچ ائين آهي ۽ تحقيق ائين آهي تہ پوءِ هي سڀ ڪجهہ ڪنهن لاءِ، هيءُ سڀ سينگار آهي ۽ هن سينگار جي جان سمجهہ In-tellect آهي ۽ منزل جستجو آهي. جستجو ڇا جي ۽ ڇو؟ جستجو انهيءَ نور جي، انهيءَ عظيم ذات جي، جنهن جي ”ٿي وڃ ۽ ٿي پيو“ جو اسين سڀ نتيجو آهيون، جستجو ڇو؟ انهيءَ لاءِ ان کي پائجي ۽ دل جي تسڪين هميشہ لاءِ حاصل ڪجي.

ساري زندگيءَ جو مطلب ۽ مرڪز انهيءَ جي ذات آهي، جيڪي ڪجهہ آهي اهو هو آهي مگر انسان ڪوتاهہ نظر آهي، جاهل آهي، تنهن ڪري هو پنهنجي منزل وساري ويٺو، رستي تي ڪو ڪٿي ڪو ڪٿي، ڪو ڪنهن بت ۾، ڪو ڪنهن وڻ ۾، ڪو ڪنهن چنڊ، ڪو ڪنهن سورج ۾، ڪو ڪنهن سردار ۾، ڪو ڪنهن پير ۾، ڪو ڪنهن پيغمبر ۾، مطلب هي سڀ بت هن انهيءَ لاءِ ناهيا، ۽ انهن جي پوڄا شروع ڪئي تہ هن کي نجات ملي. ڪهڙي نجات، نجات پيٽ جي، هن جون حوسون پوريون ٿين ڪهڙيون، شهوت جون، عيش جون، آرام جون، ٻين کي غلام بنائڻ جون، ٻين کي پيرن هيٺ لتاڙڻ جون، خدا جي ذات ڪان سواءِ هي پرستشون صرف عياشيءَ لاءِ آهن تہ انڌي انسان کي هت مزا ملن ۽ جڏهن مري وڃي تہ پوءِ بہ انهن مزن ۾ هجي. هن اوندهہ

۾ ڪرڻ ڪان پوءِ هيءُ انهن ٻنهي جي پوڄا ٻه منافقيءَ جي ڪري ٿو، هو ته خود پرست ٿي پوي ٿو. خود پرستي سراپا جهل آهي، اونده آهي، جهل هڪ وڏي ۾ وڏو ظلم آهي.

انهيءَ ڪري انسان کي سواءِ ضروريات زندگي يعني کائڻ جيئڻ لاءِ نه، جيئڻ کائڻ لاءِ واري اصول تي قائم رهي، سمجهه وڌائي يعني علم وڌائي پنهنجي Intellect کي وسيع ڪري ۽ پوءِ جستجو ڪري، پنهنجي وارث جي نه ته نڌڻڪو ٿي نه مري. سمورين ڪائناتن ۽ زندگي جو مفهوم انهي ۾ آهي ته "ڳوليان ڳوليان مَ لهان." هوندئن به "لهڻ" آهي ئي ناممڪن ڇاڪاڻ ته اها ذات عظيم ڪنهن جي به لهڻ کان پاڪ آهي، فقط جستجوءَ سان، علم سان، عشق سان، خدمت خلق سان، ڪيس پنهنجي در اندر پائي سگهجي ٿو. اڄ انسان خاص طرح سان مسلمان، مسلمانن ۾ وري سنڌي مسلمان ايڏو ته نفس پرستي ۾ قابو ٿي ويو آهي جو هن کي پنهنجي وڌائي کان سواءِ ٻيو ڪجهه نٿو گهرجي، جهل ۽ ظلم جي باهه ۾ جلي رهيو آهي ۽ جيڪڏهن اڃا به نه سوچيائين ته جلي خاڪ ٿي ويندو ۽ ڪجهه هزار سالن ۾ سندس نالو نشان به گم ٿي ويندو، ڇاڪاڻ ته هن کي نه ڪا منزل آهي، نه پروگرام آهي، نه عشق آهي ۽ نه علم. ڪيڏو نه عجيب معاملو آهي، سنڌيءَ وٽ قرآن به هجي، مثنوي به هجي، شاهه جو رسالو به هجي، جنهن کي سنڌي غير مسلم گيتا سمجهن پوءِ به ناس ٿيڻ جي وات وٺيو، انڌو ٿيو اوڙاهه ۾ ٽپي ڏيڻ لاءِ تيار بيٺو آهي.

هيءَ ئي حقيقت آهي، هيءُ هڪ اصول آهي،جنهن جي ذريعي انسان هميشه لاءِ ڪامياب رهي سگهي ٿو. الله جي طرف وات وٺڻ ۾ انسانيت قومن ۽ انسان جي نجات آهي، ڇاڪاڻ ته انسان جي تخليق جو اهوئي مقصد آهي.

منطقي طرح سان جي ڏٺو ويندو ته الله جي راهه جي معنيٰ آهي علم ۽ عمل، جيڪڏهن مقصد اعليٰ آهي ته علم ۽ عمل به اعليٰ ٿيو پوي. هن دنيا ۾ اهي ئي سرفراز رهيا، رهن ٿا ۽ رهندا، جن علم ۽ عمل

ڪي اختيار ڪيو: علم جي ۽ عمل جي ذريعي سائنس جا دروازا قومن لاءِ کليا، اڄ آسمان ۽ چنڊ به ڪن قومن جي قدمن هيٺان سلامي آهي، ڪيترا ملائڪ تن ڪي به هنن مجائي پنهنجي قبضي ۾ ڪيو آهي. پهريائين ته اها ئي ڪاميابي آهي جو انسان جي تاريخ ۾ نمايان آهي. هر اها قوم جنهن علم سان لنئه لاتي اهي سرفراز ٿيا. هنن جفاڪشي اختيار ڪئي مگر پڇن جن به هنن پن نعمتن ڪان منهن موڙيو عياشي اختيار ڪئي، انهن جا قلعا، قبا، پراڻا گهر ۽ قبرستان ته قائم آهن مگر هو خود ڪيڏانهن گم ٿي ويا ۽ قومون برباد ٿي ويون آهن.

رب، اها ذات عظيم، جيڪو ڪجهه هئو، آهي ۽ ٿيندو سڀ ان جي طرف ڪان آهي، سڀ ڪجهه پاڻ آهي، مرڪز آهي، منزل آهي، مقصد آهي، مرڪز ڪان منهن موڙڻ جهل آهي، اونده آهي، سڀ ڪجهه بي نور ٿي ويندو، سڀ ڪجهه ڊهي پوندو ۽ اونده اچي ويندي، مرڪز ڪي مڃڻ سائنسي طور تمام ضروري آهي.

رب ڏانهن رجوع ٿيڻ سان صحيح اخلاق حاصل ٿئي ٿو، انسانيت لاءِ انس پيدا ٿئي ٿو. مطلب ته جيڪڏهن صحيح ۽ سچي محبت سان ڪو يا ڪا قوم ڏانهنس لاڙو ڪري ته خود به خود دنيا جون آخرت جون نعمتون اچيو سندن پير چمن.

قومون دنيا ۾ آهن، رهنديون اچن ٿيون، رهنديون ايندون، قوم جا ڪي چئجي، ان لاءِ گهڻو ڪجهه لکيو ويو آهي، قوم هڪ زمين جو خطو، ان خطي جي تاريخ، ان خطي جي زبان، خطي جي سڀيتا جو نالو آهي.

منهنجي خيال ۾ مسلمانن کي هڪ قوم سڏڻ يا اسلام کي قومن کي جنم ڏيندڙ مذهب، اسلام جي وڏي توهين آهي ۽ اسلام جو وڏي وڏو نقصان آهي. اسلام حضور جن سان شروع ڪونه ٿو ٿئي مگر هيءُ مذهب انسان جي پيدا ٿيڻ سان گڏ پيدا ٿيو آهي. سڀ نبي مسلمان هئا ۽ سڀئي اسلام جي دائري اندرُ داخل هوا. مگر زماني جي رفتار سان اسلام به ارتقا جون منزلون طئي ڪندو، حضور جن جي

زماني ۾ مڪمل ٿيو. حضور جن آخري نبي آهن.

اسلام جو خدا رب العالمين آهي، اسلام جو آخري نبي رحمت العالمين آهي، هيءَ امت سڀني امتن جو خيرالمم آهي.

قومي نظريو فقط ڪنهن خطي سان وابسته آهي، خدا شل سڄي انسانيت کي هڪ قوم بڻائي مگر اهو وقت اڃان تمام پري آهي، قوميت چڱي به آهي بري به. جيڪڏهن ماڻهن ۾ وطن جي محبت آهي ۽ وطن جي خدمت ڪرڻ گهرن ٿا ته اها وڏي غنيمت آهي پر جيڪڏهن قوميت جي وڪڙ ۾ اچي ٻين کي برباد ڪيو وڃي ته اهڙي بري ڪا ٻي بيماري ٿي نه ٿي سگهي.

جيڪڏهن اسين سمجهون ته اسلام سڄي انسانيت لاءِ آهي ۽ اسان مسلم امت جو فرض آهي ته اسلام جي تبليغ ڪريون ۽ ٻين انسانن کي اونده مان ڪڍي روشنائي ۾ آڻيون ته پوءِ اها ڳالهه مسلم قوم هئڻ جي حالت ۾ ٿي نه ٿي سگهي ۽ نه وري اسين اسلام جي مقصد کي حاصل ڪري سگهون ٿا ۽ نه وري ڪٿي ڪنهن مذهبي ڪتاب ۾ ڪوئي اهڙو ذڪر آهي ته مسلمان هڪ قوم آهن، يهودي يا عيسائي به حضرت موسيٰ جي وقت ۾ مسلمان هوا، عيسائي حضرت عيسيٰ جي وقت ۾ مسلمان هوا، پوءِ انهن لاءِ ڇا چيو وڃي، اسلام هڪڙو پيغام آهي، ساري انسانيت جي واسطي قرآن آهي فرقان غلط ۽ صحيح جي وچ ۾، پوءِ ڪيڏو نه غضب آهي ته هيڏا عالم سڳورا جن قرآن تي ايڏا تفصير لکيا آهن ۽ اتي اهي چون ته مسلمان هڪ قوم آهي، هن بيماري جو ڪهڙو علاج.

اسين پاڪستاني مسلمان، پاڪستاني قوم آهيون، جنهن ۾ اقليتي فرقن وارا به اسان جا هم قوم آهن. انهن غريب ماڻهن کي جيڪي ٻين مذهبن ۾ عقيدو رکن ٿا ڇا اسان انهن کي ماري ڇڏيون. ضرور هو ته اسان جي قوم جو جيڪڏهن مسلم هڪ قوم آهي ته حصو ئي نه آهن. هو ته هندو قوم جا ماڻهو آهن، ڪرستان قوم جا ماڻهو آهن، هنن جا ملڪ ٺي ٻيا پوءِ هت ڇو رهن. مسلم جيڪڏهن ڪا قوم

آهي تہ هندستان ۾، انگلستان ۾، چين ۾، رشيا ۾ هنن کي رهڻ جو کھڙو حق آهي، خدايا! هنن ظالمن کان انسان ذات کي بچاءَ جي هڪ غلط نظريو پيش ڪري ڪوڙ تي سندرو ٻڌي بيٺا آهن. مسلمان جيڪڏهن قوم آهن تہ پوءِ تہ ٻيون قومون يا انهن جا فرد اسلام جي دائري ۾ ڪيئن ايندا ۽ غريب مسلمانن جو ٻين ملڪن ۾ حال ڪھڙو ٿيندو. هيءَ سراپا اسلام ۽ انسانيت سان دشمني آهي. چوندا آهن تہ جاهل دوست کان دانا دشمن ڀلو آهي، هي مسلمان، اسلام جي نالي ۾ ڪيڏي نہ دشمني ڪري رهيا آهن.

پاڪستان دنيا ۾ آيو، ڪھڙين حالتن هيٺ ۽ ڇو؟ مسلمان پراڻي زماني ۾ پنهنجا ملڪ ڇڏي، اسلام جي تبليغ واسطي ٻين ملڪن ۾ اچي وسندا هوا، جتي توحيد جي تبليغ ڪندا هئا. الله جو نالو زمين جي هر ذري تي پھچائيندا هئا. سي پنهنجا گھر ڇڏي برباد ڪري، ابن ڏاڏن جون قبرون، مسجدون، منارا سڀ برباد ڪري ٻي زمين ڏانهن ڀڄن، مگر اسان جي عملن جي غلط هئڻ ڪري، جهل ۾ ٻڌي وڃڻ ڪري ائين ٿيو. غير مسلم جي ظلمن ۽ حق سان عداوت جي ڪري ٿيو. جيڪي ٿيو سو ڪنهن بہ حالت ۾ مضبوط ۽ قائم رکڻو هو، مگر افسوس جو اهو پاڪستان ختم ٿي ويو. مسلمانن جيڪي مسلمانن سان ڪيو، تنهن جو رڪارڊ دنيا ۾ قائم ٿي ويو. ڪاڏي وئي مسلم قوم، اسين مسلمان نہ هڪ قوم هواسون نہ هڪ قوم آهيون، مگر اسين هڪ ملت آهيون. ملت جون خوبيون بہ اسان مان ختم ٿي ويون، ڇاڪاڻ تہ اسان پنهنجي رب کان منهن موڙيو، علم ۽ عمل کي صفا جواب ڏئي ڇڏيوسين. حياءُ شرم اسان مان ختم ٿي ويو، ظلم جي تلوار اسان جي هٿ ۾ آهي، جنهن جي اڳيان نہ ڪو پنهنجو آهي نہ پرائو، تلوار تيز ٿيئي وهي، پنهنجا پنهنجن کي کھي رهيا آهن.

هاڻي پاڪستان جو اڌ حصو اسان کان جدا ٿي ويو، جيڪي ڪجھہ بچيو، ان کي اسين نئون پاڪستان ٿا سڏيون. ڪٿي ڪيڏا بہ انقلاب هجن، اندريون حالتون بدتر کان بدتر ٿي رهيون آهن، مگر انهن

لاءِ صرف حڪومت جوابدار نہ آهي يا ان جو باني، هي سڀ اسان جي اعمالن جي شامت آهي، ان هوندي بہ جيڪو تخيل يا فلاسوفي اچوڪي ليڊرشپ ڏئي رهي آهي، اها ڪنهن بہ ٻي ليڊرشپ کان حاصل ٿيڻ جي اميد رکڻ اجائي آهي. اڳي وڏو پاڪستان هو تہ بہ وڏيرا سڀ گڏ هوا. هاڻوڪي پاڪستان ۾ بہ گڏ ۽ قائداعظم جي مسلم ليگ ۾ بہ گڏ هوا. اسڪندر مرزا جي ريپبليڪن پارٽيءَ ۾ بہ گڏ هوا، مارشل ايوب جي مسلم ليگ ۾ بہ گڏ هوا، قائد عوام جي پيپلزپارٽيءَ ۾ بہ گڏ. خدا خير ڪري جي قائد عوام تخت تان لهي پوي، هي سيئي ٻئي حاڪم جي پارٽي ۾ داخل ٿي هڪ ٿي ويندا ۽ گوڏيون ٻڌي سندرا ٺاهي ساڳي قائد عوام کي گاريون شروع ڪري ڏيندا.

پر هڪ ڳالهہ ياد اچي ٿي، جڏهن پاڪستان ٺهيو تہ هڪ بزرگ زوريءَ هاري ڪاميٽي جي جلسي ۾ خانواهڻ ڳوٺ ۾ اسٽيج تي چڙهي آيو ۽ زوري تقرير شروع ڪري ڏنائين، مون کي اڄ بہ سندس لفظ ياد آهن، هي وڏيرا اهڙا آهن جو جيڪڏهن پنڊت نهرو پاڪستان کي فتح ڪري وٺي تہ هي وڏيرا مٿو ڪوڙائين، چوٽيون رکائين ۽ ڳچي کان وٺي پيرن تائين جتيون پائين ۽ پوءِ جيڪر چون تہ اسان برهمڻ آهيون برهمڻ جا پٽ آهيون، اسان جون فقط زمينداريون قائم رک!"

خير چاچي جذبات ۾ اچي گهڻو ڪجهہ چيو، حقيقتن هيءُ سنڌ جو وڏيرو ناهي مگر هي نفس پرستي آهي، جنهن جي للڪار آهي، اسان سنڌي هر هڪ وڏيرو آهيون، اسين سڀ انهيءَ خيال جا آهيون، مون کي ماڙيون بنگلا هجن، موٽرون هجن، سهڻيون زالون هجن، بئنڪ ۾ لک ڪروڙ هجن، هزارن جا هزار ايڪڙ زمين هجي، جو صبح کان وٺي شام تائين پلو گهوڙو ڊوڙائجي تہ بہ زمين جي ايراضي پوري نہ ٿئي. اهڙي ذهنيت مان ڪهڙي اميد رکجي. ظالم تہ پنهنجي جڳهہ تي آهي مگر جيڪو مظلوم آهي سنڌ ۾ تہ اهو بہ جڏهن ڪجهہ سرڪي اڳتي ٿئي ٿو تہ اهو بہ ظلم ڪري ٿو. سيني سنڌين پاڪستان جو نعرو هنيو، هندن کي سنڌ مان لڏي وڃڻو پوندو، اهو هنن صاحبن جو اسيمبلي ۾ نعرو هو،

مسجد منزل گاهہ وقت جيڪي خونريزيون ٿيون، انهن لاءِ ڪير جوابدار هو. ڀڳت ڪنور جهڙي فقير پرست کي ڪنهن خون ڪرايو.

سنڌ جا هندو بہ هنن سيني ڪارروائين لاءِ هڪ جهڙا جوابدار هئا. هنن مسلمانن کي اڇوت سمجهيو ۽ جيڪي هندستان ۾ سندن اڇوتن سان ڪارروايون آهن، اهي هت مسلمانن سان جاري ٿي ويون. ائين نہ آهي تہ سڀ هندو هڪ جهڙا هوا. انهن ۾ ڪي رڄ چڱا مڙس بہ هوا، جي روز قرآن شريف جي تلاوت بہ ڪندا هوا. شاهہ جي رسالي کي گيتا سڏيندا هئا. مگر واءِ! نفس پرستي! نفس پرست نہ سنڌي آهي نہ هندي، نہ مسلمان نہ غير مسلم، بس هڪ ڀوت آهي. انهي ڀوت سنڌ جي هندن تي سواري ڪئي، هن پنهنجن غريب مسلمان هم وطنين تي ظلم شروع ڪيو ۽ وياج ۽ رشوت جي رستي غريب عوام جو خون پيئڻ ۽ وڏا محل ماڙيون ناهڻ، ڀهراڙيءَ جي مسلمانن يا شهر جي پڙهيلن ماڻهن کي ”چٽ“ سڏڻ ۽ وري هنن جو رت چوسڻ شروع ٿي ويا.

وري مذهبي ديوانن، مولوين ۽ پنڊتن ايڏو تہ طوفان ڪڙو ڪيو، جو نفرت جي بازار گرم ٿي وئي، مذهبن جيڪڏهن گهڻو ڪجهہ ڏنو آهي، جنهن لاءِ جيترو ڪجهہ لکجي، اوترو گهٽ. ائين ڇو ٿيو. تنهن لاءِ گهڻو ڪجهہ لکجي چڪو آهي ۽ گهڻو ڪجهہ لکي سگهجي ٿو. جيئن انسان پيدا ٿيو آهي، ڄاڪاڻ تہ ڏٺي انهيءَ ۾ شروع کان وٺي سوچ جي طاقت پيدا ڪئي، ساڳي وقت ٻين جانورن کان ڪمزور پڻ هو. ٻئي طرف کان قدرت جا طوفان، سمنڊ، درياه، جبل تن سيني هن جي دل تي اثر ڪرڻ شروع ڪيو. دهشت هن جي در تي وسڻ لڳي، انهيءَ ڪري هو گڏجي انهن مشڪلن کي منهن ڏيڻ لڳو. مگر علم بلڪل نہ هئڻ ڪري، وڻ، هاٿي، سج، چنڊ جي پوڄا ڪرڻ لڳو. اهڙي طرح سان مورتيون ناهي هن کي پنهنجي قسمت جو مالڪ بنايائين، اهڙي طرح سان وڏندي وڏندي ترقي ڪندي ڪندي ڪپڙا ناهيائين، گهر ناهيائين، گهر نهيا مگر هن جي دماغ ۾ جيڪي وڏن واريون پوڄائون چڙهيل هيون، اهي پراڻي وقت جون اونداهيون رهنديون آيون.

مان جڏهن سنڌ ڇڏي بنگلاديش ويو هوس ۽ هندستان مان لنگهڻ ٿيو. تڏهن هڪ ڀيل منهنجو ساٿي ٿيو ۽ جنهن مون کي هندو سمجهيو هو. اهو چوڻ لڳو تہ جڏهن سنڌ مان خير سان لنگهي هندستان پهچو تہ ماتا جي چرنن ۾ ڪرجو ۽ ڪجهہ ورهائجو. مان حيران ٿي ويس تہ ڪهڙي ماتا. وڌيڪ هن سمجهائڻ لاءِ چيو تہ ڪالي ماتا ۽ چيائين تہ هي فقط ڪالي ماتا جي مهرباني آهي، جو اڪيلو ٻچي وچي اتي پهتو آهيان. شايد هن ائين بہ چيو تہ ڪالي ماتا ڪيس خواب ۾ بہ آئي هئي، هيءَ ڳالهہ فقط انهيءَ ڪري عرض ٿو ڪريان. ڪٿ هيءَ ويهين صدي ڪٿ ڪيترن هزارن سالن جي پراڻي ڳالهہ مگر ڇاڪاڻ تہ ابن، ڏاڏن، امڙ ۽ ناني ڪان وٺي هڪ اعتماد دماغ ۾ وهاريو ويو. جو بہ سمجهدار ماڻهو سمجهي سگهي ٿو. ديوتائون، ديويون، تن جون پٿر جون نهيل پتليون، بي طاقت شيون، ڪيئن ڪنهن جي قسمت بنائي ۽ ناهي سگهن ٿيون؟ پر اڄ بہ جيڪڏهن ڪنهن وڏي پڙهيل کي ڇئبو تہ هو چرڪ ڀري چوندو، "بابا بہ ڪالي ديويءَ جي پوڄا ڪندو هو. پوءِ ان جي مهرباني سان ڪيس چار پٽ پيدا ٿيا." اهڙي طرح سان هن سنڌ جي زمين تان غير مسلم. جن ۾ پراڻيون رسمون رواج مروج هوا. انهن اسلام تہ قبوليو مگر پنهنجيون پراڻيون عادتون ڪونہ مٽايائون. اهڙي طرح جيئن چڱن جي وجھڻ ڪان پوءِ عربن پڻ ساڳيا لاتون ساڳيا چڳهہ وجائڻ شروع ڪيا. هن رب کي وساريو. ڪو ڪنهن جو پوئلڳ تہ ڪو ڪنهن جو. مطلب شخصي بت پيدا ٿي ويا. ڪي روحاني بت پيدا ٿي ويا. ڪو ڪنهن جي معرفت آخرت ۾ جنت جا خواب لهڻ لڳو. ڪو ڪنهن کي خواب ۾ ڏسڻ لڳو. ڪو ڪنهن قبر تي سجدو ڪرڻ لڳو ڪو بي قبر تي ڪرڻ لڳو. سنڌ ۾ تہ پراڻن ديوتائن ۽ ديوين جي بدلي قبر پرستي شروع ٿي وئي. ڪي ڪجهہ سڌريل رسول کي الله بڻائي وينا. احمد ۽ احد جي وچ ۾ ميم جي فرق کي مٽائي رسول کي الله بنائي وينا. ڪي وري چوڻ لڳا تہ رسول جڏهن معراج تي ويو تہ خدا جو هٿ جڏهن ٻاهر نڪري آيو تہ اهو هٿ عليءَ جو هو. جنهن جي آڱر ۾ منڊي

پيل هئي جا رسول سڃاتي يعني علي خدا آهي، وري انهن ڳالهين تي بحث ٿيا، راريون ڪجي ويون، مسلمانن هٽي هڪ ٻئي جي ڪچٽي ڪدي ڇڏي، ائين ٿيندو بہ ڇو نہ، جڏهن اسان صحيح خدا کي ڇڏي، پنهنجي دماغ مان ناهي نوان خدا ناهيا. اهي ڀلا جن سڄيون زندگيون رب جي نالي جي تبليغ ۾ ڏنيون سي ڪيترا شهيد ٿي ويا، رب جي نالي خاطر. وري ڪم فهم جاهلن انهن کي خدا بنائي ڇڏيو. اهڙي طرح ڪرستانن عيسيٰ کي الله جو پٽ سڏيو. هئڙي سڌريل زماني ۾ علم واري زماني ۾، پوريون ديويون، بي بي مريم ۽ عيسيٰ جي بتن سان پريون پيون آهن، اڄ بہ هن دنيا ۾ عيسائين، يهودين، مسلمانن ۽ هندن جا ڪيترائي خدا آهن، هي خدا ڳاٽاتي ڪان ٻاهر نالا ونبا تہ وڃي پري پئبو. هاٽي جڏهن هيترا سارا مسلمانن ۾ خدا هجن تہ پوءِ ايڪائي ڪيئن ٿئي. ٻئي پاسي عيسائين جا خدا، اهي پاڻ ۾ ڪونہ ٺهن، هاٽي سڄي دنيا ۾ ڪيترا خدا آهن ۽ ان سان گڏ خود پرستيءَ جو بت وڏو بت ڪڙو ٿي ويو، هاٽي جتي هيترا خدا هجن، يعني وڏيرا هجن تہ پوءِ دنيا ۾ آرام پيدا ڪيئن ٿئي پر جي اسين انهن پلن جي چوڻ تي هلون ۽ چڙو سڌو صاف قرآن پڙهون هان، ملن، مرشدن، پيرن، سيدن کان پري رهون تہ اڄ بہ قرآن نهايت صاف ۽ صحيح ڪتاب آهي، جنهن جي پڙهڻ سان چڱي خاصي هدايت انسان حاصل ڪري سگهي ٿو.

اسان فرقا ٺاهيا ۽ هرهڪ فرقي جو هڪ جدا خدا ناهيو. اهي پلا ۽ نيڪ انسان جي دنيا ۾ رب جو نالو کڻي آيا. اسان اٿلو انهن جي نالن تي بت ناهيا ۽ پنهنجا سر انهن جي چرنن ۾ وڌا.

سنت فقير، پير، پيغمبر، عاشق، جوڳي سڀني هڪ رب ڏانهن انسان کي رجوع ڪرڻ لاءِ ڪشالا ڪڍيا. هيءَ سڄي دنيا انهيءَ مني مالڪ جي ثنا لاءِ آهي.

هيءَ زندگيءَ بہ ڪابہ حقيقت نہ آهي، سواءِ هڪ ڳالھہ جي تہ انسان پنهنجي رب سان محبت ڪري، محبت ڪرڻ جي اها معنيٰ نہ آهي، صرف سندس نالو ڪجندو رهي، پر حقيقت اها آهي تہ سانس

محبت رکي ۽ انهيءَ مالڪ کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪجي، ڳولا ۽ جستجو زندگيءَ جو مقصد آهي.

انسان هڪ افسانو آهي، هڪ جڳهه آهي، هڪ مڪان آهي، جت خيال سرت حاصل ڪري ٿو، پڙهڻ ۽ ڪڙهڻ سان وڌيڪ روشن ٿئي ٿو، سندس نظر تيز ٿئي ٿي، هو هڪ ترقيءَ جي راهه تي آهي ۽ اڳتي وڌندو رهندو.

جڏهن انسان پنهنجي مالڪ حقيقي جو ٿي وڃي، جڏهن ان جي محبت ۾ سرشار ٿي وڃي ٿو، جڏهن ڳولڻ لاءِ وک وڌائي،يعني پڙهڻ جي ڪري ٿو ته هو خود هڪ روشنائي ٿيو پوي. پيغمبر، فقير، عالم سڀ اهڙيون روشنايون آهن، هنن جي روشنائي جا به درجا آهن، مگر اهو مالڪ، اهو خالق سيني کان نرالو آهي، ڪنهن به پيغمبر يا مفڪر جو ساڻس ڪو به رشتو نه آهي، هنن سيني موت جو ذائقو چکيو. مگر منڙو مالڪ قائم ۽ دائم آهي، انهيءَ ڪري ڪنهن به انسان يا ملائڪ يا پيغمبر سان هن جو ڪوبه رشتو ڪونه آهي، هو رشتن، مورتن، صفتن کان بالا آهي.

ذڪر آهي سنڌ جي ماڻهن جو ـ سنڌ جا ماڻهو نهايت پوئتي پيل آهن، سنڌ آخر ماڻهن سان جئندي پر جيڪڏهن سنڌي پاڻ کي جاهل، عياش رکندا ته ضرور پوءِ هو جلي خاڪ ٿي ويندا، جيئن پيون قومون ختم ٿي ويون. سڄي پاڪستان جي اڄ اها حالت آهي، وڏي ڪوشش جي ضرورت آهي.

علم، عمل، اخلاق جي خزاني هٿ ڪرڻ سان نجات ملي سگهي ٿي. ٻاهر سيلاني ٿي وڃڻ کان پوءِ ۽ ٻين ملڪن ۾ رهڻ کان پوءِ گهڻو ڪجهه سوچ ۾ ڦير اچي ويو.

هيءُ خيال ته هڪ انسان پنهنجي عمل سان انقلاب آڻي سگهي ٿو، قرباني سڀ ڪجهه ڪري سگهي ٿي، صحيح نه آهي، انسان پنهنجي عمل سان گهڻو ڪجهه ڪري سگهي ٿو، مگر هڪ ماڻهو يا چند ماڻهو، انقلاب آڻن، اهو هڪ غلط خيال آهي. شخصي طرح انسان پاڻ

کي مالدار بنائي، عالم فاضل بنائي، انهيءَ ڪوشش ۾ گهڻي قدر ڪامياب ٿي سگهي ٿو مگر هڪ انقلاب آڻي اهو ممڪن نہ آهي.

انقلاب لاءِ شخصي ڪوشش جماعتي ڪوشش ۽ قومي ڪوشش ضروري آهي پر ان هوندي بہ دنيا جون حالتون گهڻي قدر اثرائتيون ٿي سگهن ٿيون. دنيا جون حالتون جيڪڏهن سازگار آهن تہ ڪجهہ ٿي سگهي ٿو.

اهي ماڻهو جي سمجهن ٿا تہ چند نعرن سان انقلاب اچي ويندو، اهي ڏاڍا ڀليل آهن. ائين چوڻ تہ سنڌي صفا علحده زبان آهي، اهو صحيح نہ آهي، راڳ ثقافت جو وڏي ۾ وڏو انس آهي، راڳ تہ سڄي برصغير جو ساڳيو آهي، مذهب سڄي برصغير ۾ ساڳيا آهن. پاڪستان ۾ تہ گهڻائيءَ جو مذهب اسلام آهي ۽ ائين چوڻ تہ اسلام جو ثقافت تي ڪو اثر نہ آهي، هيءُ بہ غلط آهي، اسين سڄي برصغير جا ماڻهو گهڻين ڳالهين ۾ هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهيون. خاص طرح پاڪستان ۾ رهندڙ ايڪايون پڻ هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن. ثقافت ۽ زبان جي ترقي تي زور ڏئي منافرت ڦهلائڻ نيڪ نہ آهي، اهي ماڻهو جي پنجن زبانن سرائڪي، پنجابي، سنڌي، پشتو ۽ بلوچي جو انڪار ڪري انهن زبانن يا تهذيبن کي ختم ڪري هڪ زبان ۽ هڪ تهذيب جو ذڪر ڇيڙي، نفرت پيا ڦهلائين، اهي سڀئي ڏريون وڏي غلطي ڪري رهيون آهن.

سنڌ جي ماڻهن کي بہ هاڻي اهو چڱي طرح سوچڻو مڃڻو پوندو تہ اها سنڌ جا ورهاڱي کان اڳ هئي سا وري پيدا ٿيڻ ناممڪن آهي، پر جي اڄ پاڪستان نہ هجي ۽ اها ساڳي سنڌ هجي تڏهن بہ ساڳيا چڱهہ ساڳيا لاٿون هجن. مذهبن جو فرق ۽ اقتصادي طور سنڌ جي مسلمانن جي تباهي، اها ساڳي نفرت جي باهہ ٻاري ان کي تازو رکيو اچي ها. سچ تہ پاڪستان جي نهڻ لاءِ سنڌ ۽ پنجاب جا غير مسلم پڻ جوابدار آهن. جن ٻاڻ کي الڳ فرقو ناهيو ۽ عوام کي تباهہ ڪيو ۽ هنن جي بربادي ۾ هنن جو بہ هٿ هو. هيءَ ميرن واري انگريزن سان جنگ جنهن سنڌ جي آزادي ختم ڪري ڇڏي. انهيءَ کان پوءِ سنڌ

۾ ٽا ٽيو ۽ انگريز جي حڪومت اٽڪل هڪ سئو سال هلي، پنهنجي مسلمان وڏن ماڻهن مسلم عوام سان ٽا ڪيو. هندن مسلمانن سان ٽا ڪيو، ۽ اڄ سنڌي عوام جي ڪهڙي حالت آهي، اهي سڀ ڳالهيون غور طلب آهن.

سنڌ جي ماڻهن جي تعليمي حالت، اخلاقي حالت، اقتصادي حالت، معاشرتي حالت پڻ خيال ۾ آڻيون آهن. جاگيرداري نظام آهي، پير پرستي، قبر پرستي ۽ غلط مذهب جو غلبو. سنڌي عوام کي ڪٿي وڃي پهچايو آهي. وڏين هلچلن ۽ انقلابن جي واسطي تنظيم گهرجي، تعليم گهرجي، بيداري گهرجي، سواءِ سو يا هزار جي بي انداز ۾ ماڻهو هجن، جي جي ڪا سوچ هجي ۽ صرف نعري بازي سان نفرت پکيڙي، ڀنيور کي باهه ڏئي، سمهي پئجي، ان جو نتيجو ڪهڙو نڪرندو.

سنڌي جيڪي سنڌ ڇڏي ويا، انهيءَ ۾ اسانجو ۽ هنن جو يعني ٻنهي ڌرين جو ڏوهه آهي. صدين کان گڏ رهندي به اسان هڪ ٻئي جا نه ٿياسين، اها ئي هندو ۽ مسلمان واري سوچ اسان جي دماغن ۾ رهي. اسين هتان وارا سنڌي مسلمان جي سچا خدا جا پرستش ڪندڙ هجون ها ته پوءِ سڀي انسان ذات اسان لاءِ عزت، احترام ۽ حُرمت جي حقدار هجي ها.هندن کي اسان مان ڪوبه خوف نه هجي ها، ساڳي وقت هو پنهنجي تعليم ۽ اقتصادي بهتريءَ جي ڪري پنهنجي سنڌي مسلمان ڀائرن کي ڀاءُ ڪري سمجهن ها، تڏهن به هيءُ وطن جو وڇوڙو ڪين نصيب نه ٿئي ها، هاڻي هو هتان لڏي ويا ۽ خاص طرح مسلمانن جي خوف کان. هاڻي اسان ڪهڙي طرح بهتر انسان بڻيا آهيون، جو هو پنهنجا هندستان مان اجها ڇڏي هت اچن، ساڳي وقت اسانجا مسلمان ڀائر جي هندن جي خوف کان ۽ ظلمن سبب لڏي هت اچي وڃنا، اهي هتان ڇو لڏين. هي سڀ ڳالهيون ڏيکارين ٿيون ته سنڌ ساڳي شڪل ۾ وري نڪري نروار ٿئي، اهو ناممڪن آهي. هاڻي هت آيل ماڻهو سڀ سنڌ ۽ پاڪستان جا شهري آهن، انهن کي به اسان پراڻن سنڌين وارا ساڳيا حق هئڻ گهرجن.

ورهاڱي کان اڳ اهو به هڪ خيال هئو ته هندوستاني سڀ هڪ قوم آهن. دليل اهو هئو ته هندوستان کي هڪ جاگرافي هئي، سڀ صوبا، هميشه گڏ رهيا هوا، هندن ۽ مسلمانن جون ساڳيون زبانون هيون ۽ ثقافت پڻ ساڳي هئي ته انهيءَ دليل موجب ورهاڱي کان پوءِ ۽ خاص طرح هاڻوڪو پاڪستان ته انهن سيني نڪتن تي پورو اچي ٿو. وڏيڪ ته هت گهڻائي به مسلمانن جي آهي، پوءِ يقيني طور هڪ ملڪ جي لحاظ کان اسين سڀ پاڪستاني قوم آهيون. ساڳي وقت پاڪستان جي آئين موجب، اسين چئن صوبن ۾ ورهايل آهيون. پنهنجي صوبي اندر، اسين پنجابي، سنڌي، بلوچ ۽ پٺاڻ آهيون.

هن وقت هر هڪ صوبو پاڪستان جو بقا جو ٿنڀ آهي، ڪنهن به صوبي جي جدا ٿيڻ، سڄو پاڪستان ته ختم ٿيندو پر خود اهو صوبو به مصيبت ۾ ايندو. ڪوبه صوبو ازخود آزاد رهي نه سگهندو، پوءِ ضروري آهي ته هن کي هندوستان جي سهاري جيئڻو پوندو يا ڪنهن ٻئي وڏي ملڪ جي آسري تي جي سگهندو، مڪمل آزادي ناشرني آهي. هن وقت اها لهر آهي جو سڀ ملڪ گڏجي هڪ بلاڪ ٺهڻ گهرن ٿا، يا هڪ فيڊريشن جي رستي ٻڌجڻ گهرن ٿا، جهڙو يورپ ۾ هڪ وڏي تحريڪ هلي رهي آهي ته سڀ ملڪ پنهنجي خودمختياري قائم رکندي هڪ فيڊريشن ۾ شامل ٿين ۽ سڄي يورپ جي هڪ پارليامينٽ ٺهڻ گهرجي.

باقي سوال رهيو، سنڌ سان زيادتيون، زيادتيون ضرور ٿيون ۽ ٿينديون رهنديون، ان لاءِ جوابدار ڪير آهي؟ صرف زيادتيون ڪندڙ ڏوهاري ڪونه آهن پر اسين سنڌي خود به ڏوهاري آهيون، اسان سنڌين جو معاشرو جاگيردارانه آهي ۽ خاص طرح ٻهراڙي جا سنڌي مسلمان ته تباهي جي حد تي وڃي پهتا آهن، هنن اندر سستي آهي، جهل آهي، پيرن، جاگيردارن جي پوڄا جاري آهي، مگر وڏن شهرن جا ماڻهو انهي بيماري کان گهڻو ڪري آزاد آهن ۽ هو اسانجا پائر ڀاهران آيل آهن. پراڻا سنڌي جي جهل ۾ غرق آهن، اهي پنهنجن نون آيلن سان حياتيءَ

جي ڪشمڪش ۾ ڪيئن مقابلو ڪائي سگهندا. انهيءَ لاءِ ضروري آهي تہ پراڻن سنڌين کي جهل کان ٻاهر ڪڍجي، جاگيرداري نظام کان ٻاهر ڪڍجي. نئين زماني جي ماحول ۾ اچن، پوءِ سنڌين، سنڌي زبان ۽ سنڌ جي بچڻ جو امڪان آهي، مگر اسانجا هي لاتون ۽ هي چگهہ آهن تہ پوءِ پاڪستان ۾ هجون يا سنڌ آزاد هجي ۽ سنڌوديش تهي وڃي سنڌين جي ٻچين ۾ انهيءَ ساڳي ظالم جاگيرداري معاشري جا ڪلا ٻچين ۾ پذل هوندا.

باقي رهيو هن صاحب يا هن صاحب جو فڪر، مون کي پنهنجن دوستن، رفيقن لاءِ وڏو احترام آهي. محترم شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ محترم جي ايم سيد پراڻا بزرگ آهن. شاهہ صاحب ون يونٽ کي ٽوڙڻ ۾ جو رول ادا ڪيو، ان لاءِ مون کي وڏو احترام آهي. هونئن بہ ڪيترين ڳالهين ۾ اسين هم خيال رهيا آهيون. شاهہ صاحب کي جيڪا سنڌ سان محبت آهي ۽ سنڌ لاءِ جيڪي قربانيون شاهہ صاحب ڪيون آهن، ان کان ڪوبہ سنڌي انڪار ڪريٰ نٿو سگهي.

مگر ساڳي وقت ائين چوڻ تہ شاهہ صاحب جو فڪر لوح قلم آهي ۽ هو سراپا صحيح آهي ۽ ان تي نڪتہ چيني ڪرڻ هڪ عظيم گناه آهي. اها منورتي بلڪل غلط آهي ۽ نہ وري اسين انهيءَ منورتي سان ڪنهن منزل کي پهچي سگهون ٿا. جيستائين مان شاهہ صاحب کي سمجهيو آهي ۽ پڙهيو آهي ۽ ساڻس گڏ چگو سفر بہ طئي ڪري چڪو آهيان، شاهہ صاحب تمام جذباتي انسان آهي، جذبات جي اڳيان، عقل هميشہ وٽس شڪست کائيندو رهندو آهي.

هندستان ۾ تمام گهڻا ماڻهو عالم، مفڪر، رهنما ۽ خاص طرح مسلمانن ۾ جي هندوستان جي ورهاڱي جي سخت خلاف هئا، اهي ماڻهو اڄ بہ ورهاڱي جي خلاف هجن تہ پوءِ انهن تي ڪابہ ميار ڪانہ آهي، جيڪي ڪجهہ ورهاڱي وقت ٿيو، ان قائداعظم، گانڌي جي کي نهوڙي نيو، ٻنهي کي اها خبر ڪانہ هئي تہ هنن ملڪن جا ماڻهو اهڙا ڇتا ٿيندا جو پنهنجي ڀائرن، ڀينرن، مائن، ڌيئن جا خون ڪندا ۽ وطن

وارن کي ڪڏي بي وطن ڪندا. اسان مان گهڻا دوست جن هندستان جي آزادي واسطي ۽ پاڪستان بنائڻ جي لاءِ ڪجهہ ڪيو، سي سڀ ڏکن ۾ غرق ٿي وياسين، جڏهن مظلوم هندستان مان ايندا ڏناسين ۽ پاڪستان مان ويندا ڏناسين. محترم جي ايم سيد، پاڪستان جي تحريڪ جي بانين مان هڪ هو ۽ مسلم ليگ سنڌ ۾ آڻڻ لاءِ شاهہ صاحب بہ هڪ اهم ليڊر هو. ان کان پوءِ سنڌ ۾، سنڌ جي وڏيرن ۽ زميندارن سان شامل ٿي، يعني پاڻ بہ هڪ پيرو زميندار جي حيثيت کي برقرار رکندي، انهيءَ لڏي سان گڏجي پيو جت انساني قدرن جو قتل ٿيندو رهيو. ڪوڙا ووٽ ڏيارڻ، پيٽيون ووٽن جون پيچائڻ، ماڻهو ڪٺائڻ، اهو سڀ ڪجهہ ٿيو جڏهن شاهہ صاحب پاڻ سنڌ مسلم ليگ جو صدر هو. فرقيوارانہ جنگ شروع ٿي، ان جو شاهہ صاحب علمبردار هو. جنهن مسجد منزل گاهہ جي صورت اختيار ڪئي. اهڙي باهہ ٻري جو ڪنور جهڙو فقير منش شهيد ٿي ويو ۽ الله بخش سومري جهڙو قوم پرست رهنما شهيد ٿي ويو. ان ۾ شاهہ صاحب جو ڪو شخصي هٿ ڪونہ هو مگر ليگ جو باني هو ۽ پاڻ سنڌ اسيمبلي ۾ شاهہ صاحب هندن کي دڙڪو ڏنو تہ هنن کي سنڌ ڇڏڻي پوندي. تڏهن اهو ڪهڙو فڪر هو جو سنڌ ياد ڪانہ هئي نہ سنڌي ياد هئا، فقط پاڪستان ياد هو، انهيءَ حد تائين جو جڏهن علامہ مشرقي جي خاڪسارن، قائداعظم تي حملو ڪيو تہ پاڻ اسيمبلي ۾ زار زار روئيندو رهيو ۽ شايد بيهوش بہ ٿي ويو. جيڪڏهن هاڻي سنڌوديش جو درد آهي تہ پوءِ شروع ۾ پاڪستان ٺيڻ کان اڳ اها تحريڪ ڇو نہ ٿي هلايائين.

جتي جذبات هوندي آهي، اتي ضد بہ هوندو آهي، مان خود انهيءَ بيماري کان آزاد نہ هوس مگر هاڻي سڄي دنيا جو چڪر ڏئي سگهيو آهيان، نہ صرف جذباتي ٿيڻ، حقيقتن کان منهن موڙڻ، عقل کي خيرآباد چوڻ وڏي غلطي آهي، نہ فقط پاڻ ماڻهو برباد ٿئي ٿو پر پاڻ سان ٻين هزارن کي اهو انسان برباد ڪيو ڇڏي.

جڏهن شاهه صاحب پاڪستان کي ناهي نڪي اچي منزل تي پهچايو ته پوءِ سنڌ جي حڪومت پنهنجي گروپ جي ونڻ لاءِ ڪوشان رهيو. اهو گروپ هارين ۽ مزدورن جو هجي ها ته پوءِ ڪٿي چئجي ها ته شاه صاحب ترقي پسند هو، پر ائين نه هو. شاهه صاحب جو گروپ پڻ خطرناڪ هو، اهو هو پير گروپ، سيد گروپ، جاگيرداري گروپ.

شاهه صاحب قائداعظم جو وفادار رفيق ۽ پوئلڳ هو، مگر هنن جي پاڻ ۾ غلط فهمي ڇو ٿي؟ تنهن ڳالهه کي دهرائڻ يا اجايا لغز اڏائڻ ۾ ڪجهه ڪين ورندو. حقيقتن شخصي غلط فهمي ۽ ڪٿي عداوت چئجي يا ضد چئجي، تنهن ڪري هي جدائي ٿي. تنهن ڪري ائين چوڻ ۾ هرڪو حق بجانب ٿيندو ته شاهه صاحب کي ڪو به فڪر ڪونه هو ۽ نه ئي شاهه صاحب فيلسوف يا مفڪر آهي. سنڌ سان جيڪي ڪجهه پوءِ ٿيو، انهيءَ جو ڏک شاهه صاحب کي پين پيرن، سيدن ۽ زميندارن کان وڌيڪ هو ۽ جيڪي ڪجهه هن سَنو آهي، تنهن کان به ڪو انڪار ڪري نٿو سگهي مگر هروڀرو لٺ ڪٽي بيهڻ ته سنڌوديش ٺهي اهو به غلط آهي، ضروري آهي ته عقل کان ڪم ونجي.

سڄي دنيا جون حالتون تمام تيزيءَ سان تبديل ٿينديون رهن ٿيون. آزادي جون تحريڪون بن بلاڪن جو شڪار آهن، آزادي کان پوءِ ضروري آهي ته هڪ خاص گروپ سان شامل ٿيڻو پوندو، جن وٽ ساڳي ۽ اجا به وڌيڪ خطرناڪ فسطائيت آهي. انهيءَ مالڪ جو، جو سڄي جهان جو خالق آهي، ان جي ذات کان انڪار، فڪر تي ڪلف ڪڙا هڻا آهن، انهيءَ مصيبت جي ڳڙهه ۾ وڃي سنڌ ڪرندي، يا ٻي طرح ٻئي بلاڪ جي زير نظر اهي ئي سرمائيدار ۽ جاگيردار هوندا جي سنڌ جو رت پيئندا رهندا، اهو به ڪيڏي ڪوس کان پوءِ حاصل ٿي سگهندو. انهي ڪاري واري وسائڻ واري ڪوس کان جي اسين گهٽي گهٽ قرباني ڪيون ته سنڌ پاڪستان جي اندر به سرسبز بنجي سگهي ٿي.

باقي ٻي طرح صرف نعرا هڻي، خون ڪرائي، پنهنجي ليڊري

چمڪائي پنهنجي پياري سنڌ کي تباهه ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو؟

اسان جا نوجوان، جي سنڌ جي عوامي ليڊرن جي هٿ چڙهي ويا آهن، اهڙن نعرن ۾ غرق ٿي ويا آهن يا وري ايڏي حوس ۽ حرس ۾ غرق آهن جو شراب، ڪباب، رشوت، ڦرون، ڌاڙا هڻڻ سندن روزانو پروگرام آهي. سنڌ جا نوجوان پڙهڻ ڪان عاري، محنت جونالو نہ نشان، سستيءَ جو گهر بنجي چڪا آهن، استادن ۽ وڏن جي پڳ لاهيندي دير ڪانہ ٿا ڪن. ڪي سنڌ جي سائينءَ جي فڪر جا شيدائي ٿا سڏائين، ڪي وري قائد عوام جا فدائي ٿا سڏائين.

ڀلا سنڌ ڪيئن هئي؟ وڏن ماڻهن جون موٽرن، شرابن، ڪبابن تي شوق، پرائين ملڪيتن ڦبائڻ جو شوق، نندن جو نعري بازي، ڏنڊي بازي ۽ ڌاڙن تي شوق، هن سنڌ تي ڪيترو روئجي پر اڄ تہ ڪا اهڙي جڳهہ بہ ڪانهي جو سنڌ تي ويهي ماتم ڪجي.

سنڌ ڪي اگر بچائڻو آهي تہ پوءِ جيڪي ڪجهہ بچيو آهي، تنهن جي سلامتيءَ لاءِ ڪوشش ڪريون تہ پوءِ شايد سنڌ جي بوي. اهو آهي، علم سان شوق، عمل سان محبت ۽ اخلاق جي پوشاڪ ۽ پوءِ تنظيم. ٻي طرح مسلمانن جي تباهي جا ڏسڻ ۾ پئي اچي، انهن سيني ڪان اڳ سنڌ جي تباهي ٿيندي. وري بہ انهيءَ ڳالهہ تي اچون ٿا تہ جن شخصيتن سنڌ لاءِ رت ولوڙيو آهي ۽ سر جون ستون ڏنيون آهن، تن کي وساري ڇڏيون. هرگز نہ. ويجهيون بزرگ هستيون، علامہ آءِ آءِ قاضي، شيخ عبدالمجيد سنڌي، محترم جي ايم سيد ۽ محترم حيدر بخش جتوئي ۽ ٻين بزرگن لاءِ سنڌ جي نوجوانن کي هميشہ احترام هئڻ گهرجي. مگر ساڳي وقت جيڪي ڪجهہ هنن بزرگن ۽ سنڌ دوستن چيو ۽ ڪيو اهو الهام نہ آهي ۽ نہ سڀ ڪنهن ڳالهہ جيڪا هنن چئي، تنهن کي بنا سوچ جي ڇهتي وجهي، زماني جي تبديليءَ جي رفتار نهايت تيز آهي، نيون حالتون پيدا ٿين ٿيون ۽ اهو فڪر جو ڪلهہ صحيح هو، هميشہ لاءِ انهيءَ کي صحيح سمجهڻ هڪ وڏي غلطي ٿيندي. هوئئن بہ سنڌي ۾ هيءَ عام چوڻي آهي تہ خطائون نبين کان پڻ ٿيون آهن تہ پوءِ

ٻين مفڪرن جي فڪر کي هميشہ لاءِ درست سمجهڻ وڏي غلطي آهي. انهن بزرگن سان هڪ شاگرد جي حيثيت، هڪ دوست جي حيثيت، هڪ رفيق جي حيثيت ۾ رفاقت رهي آهي. محترم جي ايم سيد ۽ ڪامريڊ حيدر بخش جي نيتن ۾ ڪوبہ شڪ نٿو ڪري سگهجي، نہ وري هنن جي قربانين کي گهٽ سمجهي سگهجي ٿو. سنڌ ڏينهن قيامت تائين، سندن سچائي ۽ محبت کي وساري نہ سگهندي، مگر جيستائين سندن طرز عمل آهي، هنن ٻنهي صاحبن غلطيون ڪيون ۽ جن جو نتيجو اهو ٿيو تہ سنڌين جي ڪا بہ تنظيم نہ ٿي سگهي ۽ نہ وري ڪا هاري تنظيم ٿي سگهي. انهيءَ جو سبب اهو آهي تہ سندن فڪر صحيح نہ هو ۽ ٻيو تہ ٻنهي صاحبن، نوجوانن ۽ ٻين رفيقن کي اڳتي وڌڻ نہ ڏنو ۽ پاڻ ئي پنهنجي پنهنجي جڳهہ تي ڊڪٽيٽر ٿي رهيا. جماعتي فيصلن کي همشہ ردي ٽوڪري ۾ اڇلائي ڇڏيو ويو، جيڪي ڪين دماغ ۾ آيو، اهو صحيح سمجهي، جذباتي طرح عمل ڪندا رهيا. مان خود بہ هڪ جذباتي ماڻهو هوس ۽ مون تي بہ اها تهمت آهي، مگر مان ڪڏهن بہ ليڊر هئڻ جي دعويٰ ڪانہ ڪئي آهي.

انهيءَ جو نتيجو اهو ٿيو جو اسانجي سمورين عمر جو ڪم، چند نعرن رستي پنهنجي هوشياري سان، ٻئي صاحب پنهنجي مٿي چڙهڻ لاءِ ڪم آندو، مگر سنڌ ڪنهن بہ صحيح بنياد تي بيٺل ڪانہ آهي ۽ هنن صاحبن جي غلطين ڪري ڪڏهن بہ اهڙي اوڙاهہ ۾ ڪري سگهجي ٿو، جنهن جهڙو عذاب سنڌ ڪڏهن بہ نہ ڏٺو هجي.

سنڌ وارن کي سنڌ جي بهتريءَ خاطر پاڪستان اندر سوچڻ گهرجي ۽ اهڙو عمل اختيار ڪرڻ گهرجي جو سنڌ بہ بچي ۽ پاڪستان بہ سلامت رهي.

عجب رنگ آهي، ڇا لکي ڇا لکجي. اکين مان رت جا ڳوڙها روئجن. ڪڏهن تہ دل چوي ٿي تہ جيترو موت جلدي اچي ايترو چڱو. اسان شاگردپڻ جي زماني ۾ علامہ آءِ آءِ قاضي، علامہ عنايت الله مشرقي جي صحبت ۾ رهياسين، علامہ آءِ آءِ قاضي قاتل ڪپڙا، تن کي

چتيون هٽي پائيندو هو. وائيس چانسلري جي عهدي تي مقرر ٿيو، ڪڏهن ڪار نہ ورتائين. وڪٽوريا گاڏي تي صبح جو ايندو هو ۽ شام جي وقت واپس گهر ويندو هو. سندس گهر مان رتي سون جي بہ ڪا نہ نڪتي. علامہ عنايت الله خاڪسار تحريڪ شروع ڪئي، خدمت خلق جي وڏي ۾ وڏي هدايت هوندي هئي ۽ عبادت هوندي هئي. سادگي ايتري جو علامہ عنايت الله پاڻ اسان وانگر خيمي هيٺ پٽ تي سمهندو هو. اڄ ڪهڙي هوا لڳي، جو شاگرد اهي ڪم ٿا ڪن. جو ڏسيو اکيون ٻوڙهن سان پرجيو وڃن، چوريون ڪرڻ، ڌاڙا هڻڻ، ڦريون ڪرڻ، گاڏين ۾ زوري فرسٽ ڪلاس ۾ چڙهي بنا ڀاڙي ٻين مسافرن کي لاهي مسافريون ڪرڻ، بسون بيهاري ان ۾ زوري چڙهڻ، هار پائي موٽرن ۾ چڙهي، نعرا هڻڻ. سادگيءَ جي تہ بوءِ بہ ڪانهي، مگر عياشي ايڏي وڌي وئي آهي جو شاگرد پڙهن ئي ڪونہ. وتن هوٽلون گهمندا، مزا ماڻيندا. آخر هيءَ آهي اسانجي نوجوان پوٽ. سياڻي ڪيئن هيءَ آزادي برقرار رکي سگهندا ۽ سنڌ جو ڪهڙو حال ٿيندو؟

جن بہ ملڪن يا قومن، هيرا تہ پيدا ڪيا مگر انهن جي پرستش ڪا نہ ڪئي ۽ نہ وري انهن جي راين ۽ فيصلن کي لوح قلم سمجهي هميشہ لاءِ اکين تي رکي ڇڏيو. انگريز قوم ۾ ايتري تہ صلاحيت هئي جو چرچل جهڙي انگريز هيري کي اليڪشن ۾ شڪست ڏئي ليبرپارٽي ۽ ائٽلي کي طاقت ۾ آندو.

جن بہ قومن فڪر کي رهبر ڪري ورتو، اهي ئي اڳتي وڌيون ۽ وڌنديون رهن ٿيون. فڪر خود هڪ اها ڳڻ ڳوت آهي، اها سوچ آهي جا گهڻن خيالن ۽ تجزين ڪان پوءِ ڪا شڪل وٺي ٿي ۽ انهيءَ ۾ مخالف ۽ موافق ڪردارن، خيالن جو وڏو اثر رهي ٿو ۽ اهو فڪر هميشہ زماني سان تبديل ٿيندو رهي ٿو. سنڌ جي ماڻهن جي بهتري انهيءَ ۾ آهي تہ دنيا ۾ تبديلين سان ۽ نئين نئين ماحول موافق. فڪر بہ تبديل ٿئي ۽ پوءِ ان تي عمل ڪيو وڃي. ماضي، حال ۽ مستقبل ٽنهي کي اڳيان رکڻ گهرجي، جيئن تہ جو اڄ حال آهي، سياڻي ماضي ٿي پوندو، جو مستقبل

آهي سو سياڻي حال تي پوندو. جيئن وقت تبديل ٿيندو رهي ٿو. صحيح فڪر اهو آهي جوماضي، حال ۽ مستقبل ٽنهي تي اڏيل هجي، تنهن ڪري فقط ماضي نظر ۾ رکي روئيندو رهجي يا حال تي مست ٿي ماضي، مستقبل کي ڀلجي وڃجي. تنهن ڪري جي ايم سيد هجي، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي هجي، مان هجان يا ڪو ٻيو، اهي سڀ قصا ٿوري وقت ۾ پراڻا ٿيڻ وارا آهن. اسانجي سوچ، جا اڄ ڪٿي صحيح به هجي مگر اها هميشه لاءِ صحيح ٿي نه ٿي سگهي. زمانو بدلجي رهيو آهي، سوچ اها صحيح جا زماني پٽاندر هجي.

زندگيءَ جا الائي ڪيترا ڏينهن گهٽ ۾ گهٽ اڌ صديءَ جو تجربو، ائين رائيگان وڃي، اهو نهايت غلط ٿيندو. ٿي سگهي ٿو ته منهنجي سوچ ڪن دوستن يا گروهن کي ناگوار لڳي پر انهيءَ ڪري خاموشي اختيار ڪري مري وڃان. ٿي سگهي ٿو ته ڪيتريون غلط فهميون اسانجي ماڻهن جون ختم نه ٿين ۽ اهي ڪنهن اونداهي اوڙاهه ڏي ڌوڪيندا رهن. منهنجي اڳيان، اهو صاف ظاهر آهي ته هن دنيوي زندگي جو قدرت اڳيان خاص مقصد آهي ۽ هن ڪان پوءِ هي زندگي فقط اک پورڻ سان چٽ ٿي وڃي يا جيڪي هر هڪ ماڻهو يا گروه هت ڪري ٿو، اهو سندن ختم ٿيڻ ڪان پوءِ ختم ٿي وڃي، مون کي نهايت غلط لڳي ٿو، جيڪي ڪجهه اسين هت عملن، نيتن ڪريون ٿا، ان جو اثر اسانجي روحانيت تي پوي ٿو ۽ سڄي انسان ذات ۽ ڪائنات اثرانداز ٿئي ٿي. تنهن ڪري علم حاصل ڪرڻ گهرجي ۽ اهڙو عمل اختيار ڪرڻ گهرجي، جنهن سان انسانيت جي خدمت ٿئي ۽ روحانيت جي به پڻ ترقي ٿئي. اهو خيال اڳيان رکي مان وري دهرائڻ چاهيان ٿو، پهريون پهريون، اوچو عمل ۽ علم آهي، پنهنجي خالق ڏانهن رجوع ٿيڻ ان ڪان پوءِ هنن زمينن ۽ انسانيت کي سينگارڻ ۽ انهيءَ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي وطن سان محبت ڪرڻ. سنڌ ۾ ڪيترو وقت جيڏو الله جي محبت جون نديون وهندڙ هيون، اوترو قدر الله جي ذات جي انڪار جو طوفان لڳي رهيو آهي، رب کي ڪنهن جي انڪار ۽ اقرار جي پرواه نه

آهي، نڪي سندس ذات انهن ڳالهين جي محتاج آهي، مگر حقيقت هيءَ آهي تہ اطمينان جو خزانو، دل جي تسڪين جو بهشت سواءِ رب جي ذات جي اقرار ۽ محبت ڪان سواءِ ملي ڪين سگهندو ۽ انهيءَ ڪري دنيا اجڙ ٿيندي ويندي. دنيادار پاڻ کي خوش ڪرڻ لاءِ عياشي جو رستو اختيار ڪندا، جنهن جو نتيجو پاڻ ۽ ٻيا يعني سڄو معاشرو لوڙيندو. سنڌ ۾ ڪجهہ مفڪرن پاڻ اهڙو تہ چار ڦهلايو آهي جو اڄ جوان زندگيون برباد ٿي رهيون آهن، نيون تحريڪون جن کي انقلابي چيو وڃي ٿو، جنهن ۾ سنڌوديش جي تحريڪ بہ اچي وڃي ٿي يا ٻيا نوجوان جي قوميتن يا سوشلزم جا نعرا هڻن ٿا، سي سڀ خدا جي ذات جي انڪار ڪندڙن جا مريد نہ ٿين. قوميتون يا سوشلزم خود ڪا خراب ڳالهہ نہ آهي ۽ انهن ڳالهين جي پويان حقيقتون آهن، جي حقيقتون آهن، انهن ڪان انڪار ڪرڻ بہ بي وقوفي آهي، مگر افسوس اهو آهي تہ انهن ڳالهين کي جي ماڻهو دهرائن ٿا انهن جو حقيقي مقصد آهي تہ انهن نعرن جو فائدو وٺي ماڻهن کي ملحد بڻايو وڃي. پنهنجي تڪليف اها آهي تہ خدا جي ذات توحيد سڄي مخلوق جي ڳانڍاپي جي هڪ ڪنجي آهي، انسان ذات جي ترقي لاءِ هڪ وڏي منزل آهي. ان کي ڪن ملن جي غلطين ڪري ختم ڪرڻ هڪ وڏو هاڃو ٿيندو.

محترم جي ايم سيد هڪ صوفي ماڻهو آهي، منڪر ڪونہ آهي، هن جو هوندڻ تہ ٿورن نوجوانن تي چڱو اثر آهي، پر ٻي طرح اهي نوجوان ڪيس دهريو تسليم ٿا ڪن ۽ سمجهن ٿا تہ جي ايم سيد جي اها خواهش آهي تہ سنڌ رب جي ذات ڪان انڪار ڪري يا ٿي سگهي ٿو تہ شاهہ صاحب کي هڪ هٿيو بڻائي استعمال ڪيو وڃي ٿو.

سنڌ جي ماڻهن کي هن فتني ڪان خبردار رهڻ گهرجي، هنن طوفانن مان سنڌ کي بچائڻ جو فقط هڪڙو ئي طريقو آهي تہ اسين منظم ٿي پنهنجي علم، عمل ۽ اخلاق جي ترقي سان سنڌ کي چڱي منزل حاصل ڪري ڏيون. ائين نہ ٿيڻ بہ اوکو ٿي رهيو آهي تہ پوءِ ڪو ٻيو لاڳاپو اختيار ڪرڻو پوندو.

مون کي افسوس سان ظاهر ڪرڻو ٿو پوي ته نوجوان جي جي ايم سيد جو پاڻ کي پوئلڳ چوائن ٿا يعني جيئي سنڌ گروپ يا ٻيو گروهه جو سنڌ نيشنل گروپ جي نالي سان مشهور آهي يا پيپلزپارٽي شاگرد گروپ هي سڀ غافل ۽ انڪار ڪندڙ ڪن شخصن جا پوئلڳ آهن، اهي صاحب ڄاتل سڃاتل آهن. تن شاگردن ۾ نئين انقلاب جي نالي ۽ غريب عوام جي خدمت جي نالي ۾، هنن مان گهڻن کي خدا جي ذات جو منڪر بنائي، بيڪار ڪري ڇڏيو آهي. هي سڀ قدرت جي طرفان آهي، ڇاڪاڻ ته اسان سچائي ڇڏي ڏني ۽ خود مذهب جي معاملن ۾ به منافق آهيون، اهڙو قهر نازل ٿي رهيو آهي جو اسان جي مالڪ ۽ خاص طرح سنڌ مان رب جو نالو مٽائي ڇڏيندو ۽ پوءِ هي ملڪ ۽ صوبو اهڙي ڳاهه ۾ ڦيسجي ويندو جنهن جو ڪو حد حساب ڪونه آهي.

سچ ته خدا جي ذات کان انڪار، انسانيت کان انڪار آهي، ظلم کي اختيار ڪرڻو آهي، محبت، شرم حياءُ ته اڄ به غرق ٿي ويو، باقي ٿورو گهڻو جيڪي اسان وٽ آهي، اهو به ختم ٿي ويندو. خاص طرح جي ايم سيد جا پوئلڳ سڀ غافل ۽ انڪار ڪندڙ نوجوان آهن، شاهه صاحب هنن تي اثرانداز ڇو نٿو ٿئي. جيڪي ڪجهه برايون نوجوان ڪن ٿا، انهن کي جي ايم سيد ڇونٿو جهلي ۽ خاموش هئڻ جو ڪهڙو سبب آهي، جيتوڻيڪ جيستائين منهنجو اندازو آهي ته آءٌ سمجهان ٿو ته جي ايم سيد دهريو نه آهي. مگر افسوس اهو آهي ته سندس پوئلڳ ڇو انڪاري آهن.

سنڌ کي جيڪڏهن هن گروهه جي هٿ ۾ ڏنو ويو ته هٿ تباهي کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه هوندو. تمام گهڻي ڪوشش ڪرڻي آهي ته جيئن اسانجا ٻچا هن باهه کان بچن ۽ اهڙي سنڌ کي حياتي بخشين، جنهن جو موت ۽ حياتي سڀ رب ۽ انسان ذات خاطر هجي.

دنيا اڄ هڪ وڏي وڪڙ ۾ آهي، ناهمواريون ايڏيون پيدا ٿي ويون آهن، جنهن جو ڪو حساب ڪونه آهي، جمهوريت سوشلزم ٻئي ارتقا جو انعام آهن. انهن ٻنهي جو ميلاپ هڪ وڏي ترقي آڻيندو. مگر

جيڪڏهن انهيءَ طاقت جو انڪار ڪنداسين، جا هن سڄي ماندڙ جي بناوت جي بقا ۽ بيهڪ لاءِ سرچشمو آهي، بنياد آهي ته پوءِ اسين جڏهن سڏباسين ۽ اسان مذهب جي نالي ۾ جيڪي فرقا ٺاهي عذاب آندو آهي، ته هاڻي ٻين نالن ۾ فرقا پيدا ٿيندا. ورهايل پوندا ۽ انسان انسانيت کان ڪري جانور ٿي پوندو. سڄي روشنائي کان محروم ٿي ويندو. اڄ اها ئي مصيبت آهي جنهن هيڏي ترقي هوندي هيڏي سائنسي عروج تي پهچڻ هوندي، هيڏي معراجي رفتار کي پهچڻ کان پوءِ به اونده ۾ آهي ۽ سڄي ڪائنات لرزي رهي آهي ته سڀ سڙي خاڪ نه ٿي وڃي.

هيءَ سڀ ترقي تعريف لائق آهي، مگر جيڪڏهن اسين انهيءَ سبب ۽ اسباب کي وساريندا سين، جنهن مهر ۽ ڪرم سان هيءُ سڀ ڪجهه اسان جي ورثي ۾ آيو آهي ته پوءِ هيءُ سڄو سامان جو اڄ هن منزل تي پهتو آهي، اهو پنهنجي هٿن سان پيچي پرزا پرزا ڪري ڇڏينداسين. انسان شل پاڻ تي رحم ڪري، انهيءَ عذاب کان خبردار ٿئي، خالق اڪبر جي ذات جو اقراري ٿئي ته پوءِ هيءُ معراج واري رات باغ بهاريون آڻيندي.

شال انسان انهيءَ محبت واري نظر سان مالامال ٿئي، هيءُ سڀ ترقيون، هيءُ ارتقا جي منزل، پنهنجي روحاني ترقي لاءِ ڪم آڻي، اڳتي وڌي، هيءُ وڇوڙا وير، ڪروڌ ختم ٿين.

مولا جي بستي شال آباد هجي.




قاضي فيض محمد



لنڊن : 1918 سندس شاديءَ واري ڏينهن جي تصوير جيڪا پنهنجي
پٽن جهڙي قاضيءَ کي يادگار طور پاڻ تحفي ۾ ڏنائون



شيخ مجيب الرحمان سان گڏ جنهن جي خاطر ٽر جون پٽون ۽ ريگستان نصيب ٿيس



ذوالفقار علي ڀٽو، قاضي صاحب جي اولاد سان نوابشاهه واري گهر ۾



هم جو تاريڪ راهون مين ماري گئي (فيض)

ڍاڪا: قمر زمان سان گڏ جيڪو بعد ۾ بنگلاديش جو وزير خارجه ٿيو ۽ پوءِ مجيب سان گڏ فوجي انقلاب ۾ ماريو ويو



1948 ڪشمير جي جنگ ۾ خاڪسار تحريڪ ڪارڻ ڪاهي بيٺلن
۾ سندن نندي هوندي جو پڳ مٽ يار عبدالرحيم ميمڻ ساڄي ڪان
توپ تي وينل پاڻ



شاگرد اڳواڻن سان ون يونٽ خلاف جدوجهد جو ڪاروان ويٺلن ۾ وچ تي يوسف ميمڻ ۽ ڪاٻي ڪان خان محمد پنهور



پنهنجي پياري ڏوهٽي ايلسياٌ سان گڏ. جيڪو نالو پاڻ امڙ ايلسا قاضي

جي چاهه ۾ رکيو هئن



1970ع واري اليڪشن ۾ مهم دوران



هاري تحريڪ ۾ سرگرمي - آج بازار مين پہ بہ جولان چلو. (فيض)



لنڊن : پنهنجي ڏيئرن جهڙي درشهوار سيد سان گڏ پرم عنايت بلوچ ۽ ڊاڪٽر اڪبر



سنڌ جي خاموش انقلابي ايڇ ايم خواجہ (ساجي کان) سان گڏ



قاضي صاحب جي نندي ننهن بنگلاديش جي وزيراعظم شيخ حسينه
واجد کي اجرڪ پارائيندي



ساڄي کان :1. حفيظ قريشي 2. قاضي فيض محمد 3. سائين جي.ايم.سيد
4. محمد ابراهيم جويو 5. ناز سنائي 6. سرور سهتو ۽ ٻيا.

# علامه - آءِ- آءِ قاضيءَ جا هٿ اکر

حيدرآباد - ٢٣ جولاءِ ٦٧ع

منهنجا پيارا ڀاءُ
تنهنجي قرب ڀري مبارڪن
ڏاڍو خوش ڪيو — محبت انساني اخلاق
هن دنيا منجهان مفقود آهي —
اهڙي محبت جو شڪريه لاءِ
هڪ زياده سبب — شال مولا
قبول ڪري ۽ شفقت جو رحم جو زمانو
سوناڻي —
[illegible] شال ڪمال
مهرباني — قرب جي ڏوهن کي
گهٽاءِ — مالڪ الملڪ تو کي
هڪ رڳو جر [illegible] زندگي —

محمد عظيم

قاضي فيض محمد جا هٿ اکر

مونکي اهڙو سان ظاهر ڪرڻو ٿو پوي - ته الله مون جي
پيسي مون پاڻ جي لوڏ لڳي وڃي تا ابيا مڪي سنڌ گروپ
يا پيلو گروپ مون سنڌ ننڍو لڳي پيو ٻا اهي سان
مشهور آهي يا پيلسه يا رکي شاگرد گروپ جو سب
غافل آ انڪار ڪندڙ جن شخص هو جا لوڏلگ
آهن - هو اهڙي صاحب ما ٿال اهوا ٿال آهن، ٿن
شاگردن ۾ نيون انقلاب جي ٻا اهي ۽ غريب عوام
جي مرمت جي ٻا اهي ۾، جنهن مان ڪٿن کي ٿورا
جي ذات جو مڪر پائي بيچارڪم ته پئي پيو آهي -
صحيح سب ڪند رات جي طرفان پاڪائت ۽ انسان
سچائي جن کي نه ٿي ته نور مذهب جي معاملن ۾
منافق آهيون، اهڙو هتر ٿا رلي رهيو آهيون
انسان جي ملڪ ۽ ظاهر طرح سنڌ ٿان رها
مونا لو مٿائي پئي پيو ۽ لوڪ ملڪ جو پيو لو
رهڻ ڪا ڳاڻ ۾ پيسا ڪي ۽ پيو ۾ هن جو
ڪو حسابي ڪو نه آهي

# منهنجو سفر

هيءَ دنيا هڪ سمنڊ آهي، اجهاڳ سمنڊ، جنهن جو نڪو پار آ نہ پتو، هر هڪ انسان هن ۾ هڪ تنڪو بہ ڪونہ آهي، هزارين پير، فقير، مير، پيغمبر، بادشاھ، سالار، راڳي، شاعر، انسان دوست، انسان دشمن آيا ۽ ويا. هيءَ دنيا ائين وهندي رهي ٿي ۽ وهندي رهندي. اُت هڪ ماڻهوءَ جي ڳالهہ بہ اهميت نٿي رکي، پر جيل ۾ ڇا ڪجي، هي چارِ ستون انهيءَ لاءِ لکجن ٿيون تہ هيءُ جسم ۽ ساھ جڏهن گڏ ٿيا تہ ان ڪان پوءِ مٿس ڇا ٿيو، ڪهڙا اثر ٿيا ۽ آخرڪار ڪهڙو ساز بنجي ٻين سان گڏ هيءُ بہ وڄڻ لڳو.

حياتيءَ جا ڏينهن اڄي سٺهٺ سالن کي پهتا آهن، سٺهٺ سال ڪيئن گذريا، تن جو بيان تہ ايڏو وڏو ٿي ويندو، جو ڏينهن جا ڏينهن ويهي لکجي تہ بہ پورو ڪونہ پوي.

سفر تڏهن شروع ٿيو، جڏهن جيجل جي جهوليءَ جي يادگيري اچي ٿي، ماءُ ڪيئن ڏڪ هٽي، ڪپڙا لاهي وهنجاريندي هئي، ڪيئن اڇا ڪپڙا پائي، سرمو پائيندي هئي، بيمار ٿيو هو تہ ڪيئن پريشان ٿيندي، هِن حڪيم، هُن حڪيم کي گهرائيندي هئي، اڪيون اٿنديون هيون تہ مائي راٺي، جا پاليشاهڻ مان مسلمان ٿيل هئي، پر سچ پچ راٺي هئي، وار ميندي رڱيا ڳاڙها هوندا هئس، ڇاڳو ۽ پانڌي، سندس عزيز سندس پر ۾ رهندا هوا، مگر هوا اهي بہ مڙس رَڄ، هڪ ناليوارو مستري هوندو هو، پانڌي ٽوپي پريل پائيندو هو. نغارا ماتم جي ڏينهن

۾ اهڙا وڃائيندو هو جو ماڻهو بيهي ٻڌندا هئا. ٻئي منهنجي مامي سائين قاضي مير محمد جا شاگرد هوا. انهيءَ هوندي جو مان جيتوڻيڪ تمام ننڍو هوس، اجا اسڪول ۾ ڪونہ وينو هوس تہ مون کي بہ استاد سڏيندا هوا. ڏوبي هوندا هئا بہ پائر عرس ۽ يارو. انهن جي ڀيءُ جي منهنجي پيءُ قاضي نبي بخش سان پڳ مٽ ياري هوندي هئي. انهن جي ماءُ پوڙهي هوندي هئي، جنهن کي ياروءَ ماءُ سڏيندا هئا. يارو ۽ عرس چڱا پوڙها هوندا هوا ۽ مان ٻار هوندو هوس، هو مون کي سوٽ سڏيندا هوا. پاڙي ۾ ڪورين، موچين ۽ ميربحرن جا گهر هوندا هئا. عيسو، عمر ميربحر تن کي مامو سڏيندو هوس، عمر پنهنجي وقت جي وڏن ملهن مان هوندو هو. عيسو عمر ٻئي ڳائيندا هوا. ڪاريگر پڻو، پرهيزگار، نيڪ نمازي ماڻهو هوندو هو. ڪوڙو ميربحر بہ اتي هوندو هو. ميربحرن جو مڪان هوندو هو. مڪان انهيءَ زماني ۾ ڳوناٺا ڪلب هوندا هوا. انهي مڪان ۾ عيسو، پانڌي، عمر، قاضي غلام الله جيڪو منهنجو سنڌي اسڪول ۾ استاد بہ ٿيو. گڏجي شام جو مڪان ۾ تاس راند ڪندا هوا. پٽن ۾ ايڏو تہ گرم ٿي ويندا هوا جو ڪڏهن ڪڏهن هڪ ٻئي سان ڏاڍو گرم ٿي ويندا هوا. شام جو ڀنگ گهوٽبي هئي، مصري جا ڳنڊا تنهن ۾ رهڙي گهوٽي، گهاٽي ڀنگ ناهيندا هوا. ڏنڊي ڪونڊي ۾ گهوٽي، صافيءَ مان ڇاڻي. ڀنگ ڪونڊي ۽ دڪيءَ ۾ رکندا هوا ۽ صافي ۾ ڇاڻي ان مان ڀنگ جو ڳنڍو ناهي اڇلي پوءِ چوندا هئا، ”اڇئي ٿو مروان“ پوءِ جمني پري وراهي ويندي هئي، جمني منهن تي چاڙهڻ کان اڳ ۾ جمني هٿ ۾ ڪٽي، منهن ڏي آڻي چوندا هئا. ”پلي ڪري اچي، سر سيد جو بچي، هڪڙي پوک تہ ٻي پچي.“ ان وقت ماڻهن کي وقت جام هوندو هو. ڪاٺ پيئڻ جي، لٽي پهرڻ جي ايتري ڳڻتي ڪانہ هوندي هئي، ڀنگ پي يڪتارو هٿ ۾ ڪري گهڙو ڪٽي ويهندا ۽ راڳ جي محفل شروع ٿي ويندي هئي. راتين ۾ اونهاري جو ٻاهر، سياري جو مڪان ۾ ٻاهر ٻاري، تڏن ۽ نکن تي ويهي محفل شروع ڪندا هوا. هي منهنجي ننڍڙائيءَ جا تاثر آهن. ابو، چاچو، قاضي

ولي محمد، مامو قاضي مير محمد، مامو قاضي عبدالله، مامو قاضي ڪرم الله، ڏاڏو قاضي فيض محمد، نانو قاضي فتح علي ٻئي ڀائر هئا. هي سڀ گهٽو اڳ مري ويا، فقط بابي، مامي قاضي ڪرم الله منهنجومنهن ڏٺو. مان ڪنهن کي ڪونه ڏٺو. هي ٻئي ٽن مهينن جي اندر مون نياڻي جي ڄمڻ ڪان پوءِ مري ويا. ماروٽ قاضي غوث محمد مامي مير محمد جو پٽ بہ منهنجي ڄمڻ کان اڳ مري ويو. هي سڄي سنگت ۽ ساٿ، منهنجيون ڀقيون، نانيون، ڏاڏيون، سڀ تمام ٿوري وقت ۾ سڀ مري ويا. منهنجي جيجل بابا جي سئوٽ هئي، منهنجون ڀہ سوٽيون، ماسي ۽ امان جي ماسي، هڪ ڪکي ادي غوث محمد جي ڏيءُ ڏنم. هنن سڀنن جو موت منهنجي جيجل کي مرڻ تائين رئاريندو رهيو، مگر منهنجي دل تي تڏهن بہ ۽ اڄ بہ ايڏو زخم آهي، جو چڪندو رهي ٿو ۽ مرڻ تائين رهندو.

هينئر جڏهن هي لکي رهيو آهيان، قيد ۾ آهيان، پنهنجن جا ظلم ۽ بي وڙايون، اڪيلائي، ٻچڙا دور، اهڙو تہ ماحول پيدا ڪن ٿا جو جگر ڦاٽي پاش پاش ٿئي ٿو، دل درد ۾ سڙي ٿي، وري اهي ويچار. سڄا سارا ست مڙس فقط ٻن ٽن سالن اندر مري ويا. مون نہ ڏٺا. نانو سائين حافظ قرآن هوندو هو ۽ اٽڪل 1870ع ڌاري سروير هوندو هو، قاضي ميان امام علي، علامہ قاضي امداد علي جي پيءُ جو گهاٽو دوست هوندو هو. مامو مير محمد تمام پرهيزگار، نيڪ نمازي ۽ ٻارن کي پڙهائيندو هو. سيني جو پيارو ۽ ناني سائينءَ جو وڏو پٽ هو. جيجل چوندي هئي تہ مامي کي جن عمل ۾ هوندا هوا، خير خدا ٿو ڄاڻي پنهنجي ڳجهن کي، مامون قاضي ميان عبدالله 1890ع ڌاري تپيدار هوندو هو. ٺٽي محمد خان جي پاسي، مامون ڪرم الله پارسيءَ ۾ پڙ هو، درخواستون عريضيون وغيره لکندو هو، بابا سائينءَ کي نانو ڪراچي مدرسي ۾ ڇڏي آيو پر بابو ڪين پڙهيو، اچي ڪڙمي ۽ باغائي ٿيو، چاچو سائين بہ زمينون سنڀاليندو هو. قاضين کي اٽڪل چار يا پنج سو ايڪڙ زمين هئي، 8 يا 10 کوهہ هوندا هئا، جن تي ڪٽڪ جي

آبادي ٿيندي هئي. گهر جي هينان اجا تائين اها زمين ۽ کوهه آهي جو مان پنهنجي وڏي پٽ قاضي ميان فتح علي عرف غلام مرتضيٰ کي بخشش ڪري ڇڏيو آهي. اها زمين اڳئين درياه جو شهدادپور کان وهندو هو. جنهن ۾ ڇيو وچي ٿو ته سهڻي ٻڌي، انهيءَ جي پيٽ ۾ هئي. مٿان هن درياه جي ڪپر تي مسجد ٺهيل هوندي هئي، جنهن جو هڪ قبو. درياه جي پائڻ ڪري شهيد ٿي ويو هو. باقي ٻن قبن واري مسجد 1960ع کان پوءِ به هئي، جا منهنجي پاءُ قاضي محمد لائق شهيد ڪرائي نئين ٺهرائي. انهيءَ مسجد جي ڏکڻ ۾ وڏو ڪوٽ هوندو هو ۽ اندر تمام وڏو گهر، اٺ ڪوٺيون، هڪ وڏو صفحو ۽ ٽن ورانڊن سان ٺهيل هوندو هو. گهر جي ڏکڻ ۾ سندن اوطاق هوندي هئي، جنهن کي به ڪوٺيون، هڪ وڏو صفحو هوندو هو، جت مون وٽ رئيس غلام رسول خان جتوئي جو منهنجو ڪلاسي به هو، ميان غلام مصطفيٰ جتوئي هاڻوڪي چيف منسٽر جو پيءُ. جڏهن اسين ڇوڪرا هوندا هئاسين ته مون وٽ اچي مهمان ٿيندو هو. گهر ۾ ڪتابن سان صندوقون ڀريون پيون هونديون هيون. پارسي عربي ڪتاب هوندا هئا. منژن جي مرڻ کان پوءِ اسان جي بي توجهيءَ ۽ بي قدريءَ جي ڪري اڌهي ڪائي ويئي ۽ پرزا پرزا ٿي ويا.

شجرو به رکيل هو ۽ ان ۾ ڏيکاريل هو ته اسين حضرت صديق ابوبڪر رضه جي اولاد مان آهيون. مان ته ذات پات تي اعتبار ڪونه ڪيان پر مسجد ۽ گهر درياه جي ڪپ تي ڏيکاري ٿو ته هي وڏا عربن جو اولاد هوا.

ننيڙي هوندي امان. مناجاتون ۽ مولود ڏاڍي مني سر ۾ پڙهندي هئي. منهنجي لاءِ ٽوپي به پريندي هئي ۽ منهنجا لاڏا به ڳائيندي هئي. انهيءَ ڪري سُر سان دل لڳي ويئي، مان به ننڍڙيون ڪافيون ۽ مولود چوندو هوس.

گهر جي پرسان هندن جا گهر هوندا هئا. پاڙي ۾ نيوند رام جيڪو وڏو ڪانگريسي ليڊر به ٿيو ۽ اسيمبلي جو ميمبر به ٿيندو

رهندو هو. مائي داس، نارو مل، انهن جا پٽ جئو مل، پوسو ۽ ٻيا ننڍا وڏا گڏ پاڙي ۾ هوا. گهر جي پرسان، مسجد سان لڳولڳ موچين جا گهر هوندا هوا. جت هاڻ اسانجي مال جون لانڍيون آهن، اتي مائي ٻچي ماءُ، مائي ڪاتون ٻہ چوندا هئس، امان جي ساهيڙي هئي، ان جا پٽ ٻچو ۽ اسماعيل، الهہ اوپايو، مائي جو ڀاءُ، ٻولو، عرس، سليمان ۽ انهن جا پٽ رهندا هوا. ٻہ دوڪان هوندا هئن، جتي جتيون ناهيندا هوا. مان دڪانن تي وڃي ويهندو هوس. هڪ دفعي عرس موچيءَ وٽ هڪ ڪڙمي انُ ڪٽي آيو ۽ اچي جتي ڳنڍاٽي ۾ عرس کي ڏنائين. عرس مونکي چيو تہ ابا هي ان چادر ۾ ٻڌل گهر ۾ اندر ڏئي آ. مان اها چادر کٽي جنهن ۾ پاتي، اڌ پاتي ان هو. سندن گهر ڏي کٽي ويس. گهٽيءَ ۾ ڏٺم تہ هڪ ڏوڪڙ ٻہ چادر ۾ ٻڌل هو. ماڻهو ڪوئي ڪونہ هو پوءِ مون ٻہ کٽي ڏوڪڙ جي چوري ڪئي. پوءِ تہ مزا تي ويا. جيجل کي مائين موچاڻين اچي ٻڌايو تہ امان اهڙا موچڙا هنيا جو اجا ياد اٿم.

ڏکن جي ياري اصل کان نصيب ٿي، ننڍڙي هوندي گهر کان ٻاهر نڪري گهر جي اتر ۾ وڏن جي قبرن تي ويهندو هوس، امان اندران سڏ ڪندي هئي، ”فيض!“ سڏ ٻڌي جواب ڏيندو هوس، ”جيءُ امان!“ ”مان ڳولي ڳولي ٿڪجي پئي آهيان، ڪاٿي آهين؟“ ”بابا، ماما، چاچا ۽ ادا جن وٽ آهيان!“ ”ڪهڙو چريو آهين! هيڏي آ“ اندر ويندو هوس تہ جيجل کي روئيندو ڏسي مان ٻہ روئيندو هوس. سوير صبح اٿندي هئي ۽ امان جنڊ تي ان پيهڻ ويهندي هئي. مسجد ويران هئي نہ نمازي ۽ نہ بانگ ڏيڻ وارو ڪو هوندو هو. نمازي، بانگا، استاد تہ وڃي قبرن ۾ ستا هوا. ڪڏهن قبرن جي ٻير هوندي هئي، ان تي چڙهي ٻير لاهيندو هوس، ٻير جون لامون ڪوٽ مٿان وري گهر ۾ پونديون هيون. لامن تان ٻولڙي وانگر گهرم ٽپو ڏيندو هوس. امان ڏاڏو چڙندي هئي، مجال ڪو مون کي فيضو يا نيضو سڏي. ڏاڏو چڙندي هئي. رات جو رنڌڻي ۾ ويهي مون کي پوڻ جي ننڍڙي گاڏي ناهي ڏيندي هئي، امڙ پرت جي اهڙي تہ ڪاريگر هوندي هئي جو جهڙس پرت پيو ڪو

مشڪل پري، ڪناري لڳائڻ به وڻائنس ڪو سگهي. اڳٺ، ٻنهي قسمن جا ايندا هوس، چپڙين اڳنن ۾ اهڙا ته چٽ چٽيندي هئي جو ماٺهو حيران ٿي وڃي، مان ڪڏهن ڪڏهن، امان جڏهن اندر وراندي ۾ ويهي پرت پريندي هئي ته ان پلئه ڪي ڪٽي وٺي ڀڄندو هوس. ڏو سين جي هٽ تي، ڪنڊ ڀڳڙا وٺي هنج ۾ وجهندو هوس ۽ جي واٽيو ڪاڏي اٿندو هو ته ريوڙين جي مٺ پري جهوليءَ ۾ وجهي وٺي ڀڄندو هوس.

هڪڙي ڀيري سين واٽيو جو پوڙهو ۽ ٿلهو هوندو هو. اج به اکين اڳيان اهڙو ڀيو ڦري جڻ اج به هٽ تي ويٺو آ. منهنجا پوئتان اٿي ڀڳو، ”نه ويندين! نه ويندين!!“ پر ڀڄي اچي امان وٽ لڪس، ڪهڙيون منيون گهڙيون! ”ماريو مئو واٽيو. ڀڄڙي ڪي ٿو ماري.“ امان کي اها ته خبر ڪانه هئي ته سندس ڀڄڙو چور هو. گهر ۾ ڪوهي هوندي هئي. جنهن ۾ ليا پائيندو هوس، امان اها لٽائي ڇڏي. ”باقي هڪڙي اباڻي نشاني اٿم هي ڀڄڙو! مان رن زال هيءُ ڪوهيءَ ۾ ڪري نه پوي!“ مائي بصران ميربحر پوءِ پاڻي ڀاهران پري ايندي هئي، روز پنج ڇهه دلا پريندي هئي، ڪيس شايد روپيو يا ٻه سڄي مهيني ۾ ملندا هوا. مائي ڄامت مائي بصران جي سس ته امان وٽ گهڻو ايندي هئي، مائي ڄامت. جي ماءُ مائي مريم ڏاڏي پوڙهي هوندي هئي سا ته ڀنهنجي ناس جي دٻليءَ سان امان وٽ ويٺي هوندي هئي. مائي گٽال، ماءُ هندياڻي پاڙي واري سنڻ ڪونه پائيندي هئي پر ڳاڙهو پڙو جنهن تي ڪارا ٽبڪا هوندا هئا پائي ايندي هئي، ٻي مائي هوندي هئي، پاڙي جي حجامڻ پوڙهي هوندي هئي، اها به امان وٽ گهڻو ايندي هئي، اها هوندي هئي ڪچهري امان جيجل وٽ. مان امان جي گوڏي تي سمهي پوندو هوس، پوءِ امان جا قصا هوندا هئا. وري جي مائي راٽي به اچي وئي ته پوءِ ٿيا پلا. هي سڀ پوڙهيون، منهنجي منڙي امڙ جي عمر 30 يا 35 سال هئي، منهنجون ڀيون گهرواريون امڙيون، تن سان به گڏ ويهندو هوس، منهنجي امڙ. منهنجي وڏي سوٽ جا عمر ۾ امان کان به وڏي هئي، تنهن کي سڏيندو هوس ”ماٺو!“ انهيءَ سان چنر ڪيڏندو هوس.

ڪوڏين هڻڻ جي استاد هوندي هئي. مون کي ماري ويندي هئي، چوندو هوس، امان! مائو ڪوٽ تي ڪري!"

چانڊوڪيءَ رات جو مٽي ۾ توپ وجهندو هوس، پويون پاسو اڳ ۾ ۽ اڳيون پوءِ ڪري اڱڻ ۾ گهمندو هوس، پنهنجو پاڇو ڏسندو هوس، پاڇو توپ جو اهڙو هوندو هو جهڙو انگريزي ٽوپلو يعني هئٽ، پوءِ اهو ڏسي چوندو هوس، "امان! مان صاحب لوڪ ٿي پيو آهيان."

انگريزن جي بادشـــاهي هوندي هئي، ڪڏهن ڪڏهن ڪو انگريز ڪليڪٽر اچي ڳوٺ ۾ منزل ڪندو هو. جڏهن ڳوٺ ۾ چڪر لڳائيندو هو ته اسين ننڍڙا ٻارڙا ان جي پوٺتان لڳي پوندا هئاسين. شل نه مينهن وسي پوءِ پيٽ اگهاڙو، هڪڙو ننڍڙو بوڇڻ ڪٽي ويڙهيندو هوس، ٽپا ڏيندو ٻاهر ويندو هوس، پوءِ گند جي ڍيرن تي، هِتِ هُتي ڏوڪڙن لهڻ لاءِ ڊوڙون پائيندو هوس.

امـان جا ناناڻا ڏٻر تي رهندا هوا، ڏٻر هالاڻيءَ جو پاڙو آهي، هالاڻيءَ ۽ ڏٻر جي وچ ۾ ڍنڍ هوندي هئي، تنهن ڪري ٻيو ڳوٺ پيو لڳندو هو. اتي ننڍڙي هوندي امـان وٽي ويندي هئم، اتي امـان جون مـاسـاتيون جي ٻئي ڏوهٽن جي شـهر پرڻجي ويون، ننڍيون ڇوڪريون هيـون، امـان کين "ادي" سـڏيندي هئي. مـان بـه کين "ادي" سـڏيندو هوس، مون کي چيڪلي تي چاڙهي ڦيرائيندي يون هيون. امان جي ناناڻن جي جلد اهڙي خزان ٿي وئي جهڙي اسان جي. امان جي ماسي، بـه ڇورا ٻار نور محمد ۽ سندس ڀيڻ ماسيءَ سڄي عمر ڪنوارو گذاريو. ڏاڍي ٻهادر عورت هئي، هڪڙي جٽي جنڊ نـاهي پنهنجا بـه ڇورڙا پـائٽيـو ۽ پـائٽي پاليـا. انهيءَ هوندي بـه جڏهن وٽس ويندا هئـاسين تـه ڪـڪـڙ ڪُهندي هزارين خدمتـون ڪندي هئي. خبـر نـه آهي تـه ڇو، منهنجا تـه سڀ مـري ويا پر انهن کـان پوءِ امان جا نـاناڻا بـه سڀ مري ويا ۽ اهڙي طرح منهنجي پـائرن جا ڏاڏاڻا بـه سڀ مـري ويا. ٽنهي ڪٽنبن ۾ وڃي ڇورا بچياسون، امـان جي ناناڻن ۾ هڪ ڇورو، منهنجي مـائٽن جو مان ۽ ڇورو ۽ منهنجي پائرن جي فيملي ۾ فقط ٽي ڇورا، منهنجا پائر.

منهنجي تہ سڄي زندگي صرف سور آهن. اکين ۾ پاڻي اچيو ته وڃي، قلم اڳتي هلڻ کان جواب پيو ڏئي.

حـرڪتي هوندو هوس، ماڙين تي چڙهندو هوس، هڪڙي ڏاڪڻ اوطاق واري جيڪا گهر جي اندران هوندي هئي ۽ ٻي گهر جي اندر. گهر تي مٿي چڙهڻ لاءِ ڏاڪڻ هوندي هئي، پنهي تان ڏڪا کاڌم، منهنجي منڙي امڙ اچي مون کي ڪٽندي هئي، رلي ڪٽي وڇائيندي هئي، سمهاري پوءِ سرمو ۽ پيون ملم پٽيون ڪندي هئي. اکيون اٿنديون هيون تہ پينگهو جو ڪام ۾ تنگيل هوندو هو. تنهن ۾ لولي ڏيندي هئي، "منهنجي ٻچڙي جو اٿم الله" پاڙي ۾ سيدن جا گهر هوندا هوا تہ جيجل مون کي وني ويندي هئي. ٻيبيون ويچاريون امان کي ڀيڻ کان بہ وڌيڪ محبت ڏينديون هيون. بس جڻ اهي ئي اسانجا مائٽ وڃي بچيا هوا. ماسي ميرزادي، ماسي زين ماءُ، ماسي ارباب خاتون، ماسي نواز علي ماءُ، ماسي عطا حسين جي ماءُ ۽ ٻيون ڪيتريون ئي پوڙهيون اڄ ڏينهن تائين مون کي ياد آهن. ڪيڏا قرب وارا ماڻهو هوا، سڀ مري ويا، امان برقعو پائي ڪڏهن ڪڏهن مرزا پور بہ هلندي هئي، اتي مائي سيائي هالائيءَ هجي سهتي سندس ساهيڙي پرڻجي وئي هئي، مرزا پور جنهن بہ گهر ۾ ويندا هئاسين، ويچاريون مايون ايڏو تہ قرب ڏينديون هيون، جنهن جو حساب ئي ڪونہ آهي، ڪتن تي رليون وڇائجي وينديون هيون، ڪڪڙ ڪسي ويندا هوا. ڏلن جا ڏل ڳوٺ جون مايون، اچي امان جي مٿان وڪوڙينديون هيون، منهنجي امان قربن پري هئي ڪي ايڏو تہ قرب ڏيندي هئي، جنهن جي ياد دل ڇڏايو ڇڏي، اها سنڌ ڪهڙي نہ مني سنڌ هئي، وقت پنهنجي رفتار جاري رکي، ننڍي هوندي مون کي رلڻ پنڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو، شل نہ سيدن ۾ ڪنهن جي شادي ٿئي، مان ضرور وڃان، امان گهٽوئي جهلي، مگر مان ڪيئن جهلجان، سيدن جي شادين ۾ انن، گهوڙن ۽ گاڏين ۾ چڙهي ويندو هوس، ڇو نہ گهوٽ محبت ديري جنوئي، مرزا پور يا ڪنهن ٻئي شهر پرڻجڻ لاءِ وڃي. ويچاريون ماسيون جي امان جي ڏين جون پيٽيون

هونديون هيون سي منهنجو هٿ منهن ڌوئيندي هيون ۽ سار سنڀار لهنديون هيون. امان پرت سان ٽوپيون پري، گولاڙو پرت، هرمچو پرت ۽ ڪڏهن ڪناري هٽي ٽوپيون پائيندي هئم. سچ ته امان جو "گڏو" هوس، پئي سينگاريندي هئم، سٿڻون سوسيون، هنگورجن جو پريل ۽ ٻيو، ميمڻ ڪٽي ڳوٺ ڳوٺ ۾ ڦرندا هوا، انهن سوسين تي زري به اٽيل هوندي هئي، امان انهن مان سٿڻون ٺاهي پائيندي هئم.

امان پلو ڏاڏو سنو ٺاهيندي هئي، اهڙو پلو پچائيندي هئي جو اسانجي گهر جو پلو سڄي ڳوٺ ۾ مشهور هوندو هو. ڏاڏا غريب هئاسين، صرف زمين جا ٻه سئو ڪن ايڪڙ بچيل هوا، مگر سنڀال وارا سڀ مري ويا. فصل اهڙو سنو ڪونه ٿيندو هو، ان مان گذارو ڪرڻو پوندو هو، هوتو واڻيو هوندو هو جو وياج تي قرض ڏيندو ۽ زيور ڳهه ۾ رکندو هو، پيا نينگر شهر جا ڪپڙا وڻندا هوا، مون کي به ريس ٿيندي هئي، ڪپڙن لاءِ روئندو هوس، امان وٽ ڏوڪڙ ڪونه هوندو هو، امان چوندي هئي ته هوتوءَ کي در تي سڏي اچ، ويچارا واڻيا رت ضرور چوسيندا هوا مگر شرم حياءُ سنڌ وارو انهن ۾ به هوندو هو، هوتو در تي ايندو، امان پردو ڪري اندر بيهندي هئي، "ادا! هوتو فيض تنگ ڪيو آهي، ڪجهه روپيا اوڌارا ڏي." "مائي! ڪهڙو زيور ٿا ڳهه رکو ۽ ڪيترا پيسا گهرجن؟" "ادا ويهه روپيا ڏي، ڪڙيون ڳهه رک!" تڏهن نوٽ ڪونه هوا ۽ چاندي جا روپيا هوندا هوا، هوتو ڪڙيون ڪڍندو هو ۽ اسين ويهه روپيا وٺندا هواسين، پوءِ شهر مان گرئڏني جي دڪان تان ڪپڙو ڪٽي ايندو هوس، اڇي ترڪٽي وائل هوندي هئي، جنهن تي ڪڏهن گل اٽيل هوندا ته ڪڏهن صاف اڇي برف وانگر پئي جرڪندي هئي، امان ڪپڙا ته پاڻ به سبندي هئي پر گهر ۾ مشين ڪانه هئي، درزيءَ کي قميص ڏئي ايندو هوس ۽ سلائي ڏئي سڀرائي ايندو هوس، جڏهن وائل جي قميص پائيندو هوس، سلوار پهريندو هوس، مٿان پريل ٽوپي، پوءِ ته سائين ڇا چئجي نينگ ۾ پيرجي ويندو هوس، ٻيبيون چونديون هيون ته مائي ڇوڪر ته نه آهي پناڻ پٽ آهي.

جيجل جا ايڏا تہ قرب آهن جو لکي پورو ڪين پوندس، ويساکيءَ جو ميلو لڳندو هو، چوڏيل، شربتن جا دوڪان، فالودا، ٻيا مال منايون اچي ويندي يون هيون، مندر ۽ مندر جي ٻاهر، دوڪان کلڻ شروع ٿي ويندا هوا، غربت ڀلا ڏوڪڙ ڪٿان اچن، امڙ کي چوندو هوس تہ ڏوڪڙ ڏي، نہ تہ مان ابي جي قبر تي وڃي ٿو ويهان، ڪير تہ مون کي خرچي ڏيندو. جيجل روئي ڏيندي هئي، چوندي هئي وڃ هوتوءَ کي وٺي اچ پنهنجا زيور ڳهہ رکي وري خرچيءَ لاءِ ڏوڪڙ ڏيندي هئم. بس ائين راتيون ۽ ڏينهن گذرندا ويا.

گهر جا وارث سڀ مري ويا، امان جي اجا جواني هئي ۽ ملڪيت بہ هئي، تنهن ڪري ماڻهن اکيون وجهڻ شروع ڪيون، پوءِ منهنجي ”مائٽ“ جا منهنجي سوٽ هئي ۽ منهنجي امان جون شاديون ٿيون، مانکي چڱي سانير هئي. دل تي ڏک ٿيم تہ مان هاڻي جيجل جي محبت کان محروم ٿي ويندس پر نہ منهنجي امان مونسان ڪوڙو ڪونہ ٻوليو، ڪيس ٻي شادي مان اولاد ٿيو. هڪ پٽ وڏو سو مونسان نديڙي هوندي رانديون ڪندو هو، اجا بانبڙا ڏيندو هو تہ مري ويو، مان بہ اجا ٻار هوس، هن جو پورڻ ۽ امان جو رئڻ اجا ياد اٿم. منهنجي نديڙي ڀاءُ جو ڀهراڻ ڪٿي ڪيئن پار ڪيندي هئي، بس انهيءَ کان پوءِ ٿي ٻار ڄاوس، يعني منهنجا ڀائر محمد ابراهيم، محمد لائق ۽ غلام هادي. هي ٽئي جلد ڇورا ٿي پيا. هاڻ چار ڇورا ۽ هڪ امڙ. پيون گهر جون مائٽياڻيون فقط ٻہ وڃي بچيون، سي بہ رنون زالون هيون، بس هاڻي فقط ٽي زالون ۽ چار پٽ يعني ٽي رنون زالون ۽ چار ڇورا ٻار وڃي بچياسين. مان وڏو هوس، ننڍن ڀائرن کي پيءُ وانگر پاليم ۽ پيار ڪيم، اهڙي طرح سان هيءُ قافلو هلندو رهيو.

جيجل جي جهولي جڏهن ياد ٿي پوي تڏهن ائين ٿو ڀانيان تہ مان سندس جهوليءَ ۾ پيو آهيان، اکيون ڪٿي سندس اکين ۾ نهاريان ٿو ۽ ڪيئن هوءَ مون کي ڳراٽڙي پائي ڪٿي ٿي، هتن ۾ ڪٿي ڪيئن ڪڏهن هيٺ ڪڏهن مٿي ڪٿي ٿي، مٺي امڙ! تنهنجون ڳالهيون تنهنجون

ڳراتڙيون ڪيئن وساريان!!

ڇهه پراڻا هاري هوندا هئا، منهنجي اباڻن جا خاص قرب وارا ماڻهو هئا. گلو ماڇي جنهن کي ماما گلو سڏيندو هوس، ابي جو دوست هو، بابي جون ڳالهيون ٻڌائيندو هو. ڪلهي تي ڪٽي زمينون ڏيکاريندو هو، ڏاڍو همٿ وارو ماڻهو هو، ڏاڍيون ڏتڪون ڏيندو هو. احمد خان رند، رندن واري زمين تي، مرزي خان ۽ ميوي خان وارن جو وڏو هوندو هو، ميان عبدالله جو هاڻي وزير آهي، تنهن جا هيءُ وڏڙا هوا. احمد کي مان مامون احمد چوندو هوس، سندس پٽ جانب اڄ به مون کي ڏسي رئندو آهي ۽ "ادا! ادا!" ڪري ڳراتڙيون پائيندو آهي. حيات خاصخيلي ۽ علي خان خاصخيلي اٽدوءَ واري زمين تي هاري هوندا هوا ۽ هر هڪ کي ڪوهه به هٿ هيٺ هوندو هو، اڄ به انهن ڪوهن کي انهن ڀنهي هارين جي نالي سڏيندا آهيون، ڪٽڪ پوکي ۽ صفا ڪري ته مامون حيات، رڄ اشراف ماڻهو هو، علي خان کي اٺ هوندا هوا ۽ جت واري ڪرت به ڪندو هو، پلي ڏنو اڄڻ گهاري واري زمين تي هاري هوندو هو، غازي ڳاڏهي هالاڻي واري ڪوهه تي هاري هوندو هو، مون ننڍڙي تان اول گهول ويندا هوا، کهڙا سچا ماڻهو هوا، اهي هن سنڌ مان سڀ مري ويا.

امان ۽ منهنجي پوڙهي وڏي ماسي ۽ چاچي جنهن کي ناني سڏيندو هوس، تنهن پنهنجو برقعو لاتو ۽ هوءَ ڪڏهن ڪڏهن زمين تي به هلندي هئي. بس ويچاريون سڀ مري ويون، سورن سندو سامان ڏئي وڃي خاڪ گڏيٺيون ٿيون. منهنجي سئوٽ جا ننڍي ۾ ننڍي عورت هئي سا امان ۽ ناني قرب ۽ وڇوڙي وچئون مون سان مڱائي، مان مس مس پيو هلان، هوءَ جوان زال هئي.

مون کي پينگهي ۾ ويهاري لوليون ڏيندي هئي، مون سان ڏاڍو پيار هوس، مگر ڏاريا گهرن ۾ آيا، جواني به هئي، ڪيترو مون لاءِ ترسي؟ تنهن شادي ڪئي پوءِ ماڙيءَ تي چڙهي ساڙ مان ڪيس بجا ڏيندو هوس، اها ويچاري جلد مري وئي، منهنجي وڏي سوٽ جي ڌيءَ

جا گونگي هوندي هئي ۽ جنهن سان گڏ رانديون ڪندو هوس، اها جڏهن مري وئي ته زمين تي مٿو هڻي رنم.

بس عجب زندگي نندپڻ کان ائين گذري، سورن جون ڪهڙيون ڳالهيون ڪيان، ڀانيان ٿو ته سنڌ ۾ ڪو اهڙو مشڪل انسان ملندو، جنهن ايڏا سور ڏٺا هجن. اسانجي گهر هيٺان اسان جي زمين هوندي هئي، جنهن ۾ سياري ۾ سرنهن، چاڻيو ۽ ٻيا تيلي ٻج پوکيا ويندا هوا. بصر به پوکيندا هوا، مرچ ۽ هيٺان ڍنڍ هوندي هئي، جنهن ۾ ٻيڻ به پوکيندا هوا. ساڏن جو باغ ڪجهه پري هوندو هو، اتي گلاب ۽ موتيو پوکيل هوندو هو، ننڍي هوندي کان وٺي قدرت جي حسن سان محبت هوندي هئي، تيلي ٻجن واري زمين ۾ سهڻا سرنهن جا پيلا گل، چاڻيي جا اڇيرا نيلا گل ڏاڍا پسند ايندا هئم. انهن تي پوپٽ گهمندا هوا جن کي به سهڻا پر هوندا هوا. اتي ويهي ڏسندو رهندو هوس ۽ انهن ۾ گم ٿي ويندو هوس، ٻيڻ جا گل ۽ پاڻي ۾ وليون ٿينديون هيون، تن جا گل، بصرن جا گل، گلاب، موتيو، چنبيلي، گيندو ۽ ٻيا طرحين طرحين جا گل منهنجي دل جي راحت هوندا هوا. سرنهن جا ٽانگا توپي ۾ وجهي پنهنجي ڪوهه واري باغ جي بندن تي ڊوڙندو هوس، وري ڪڏهن ڪانو هيٺان رکي ان تي چڙهي ڊوڙندو هوس ۽ هٿڪارون گهوڙي واريون ڪندو هوس. واريءَ جا ڍڳا ڳوٺ جي ويجها هوندا هوا، اتي وڃي واري ۾ ڊگهه پيرن مٿان ٺاهي، پير ڪڍي ڇڏيندو هوس، قبا ٺهي پوندا هوا. مينهن وسڻ وقت پاڻيءَ جا ڦوڪيٽا ٿيندا هوا ۽ پاڻيءَ سان گڏ ڀڄندا هوا ۽ ڀرندا هوا. اهي ڏسي حيران ٿيندو هوس، رات جو سمهڻ وقت وري آسمان سان جهيڙو هوندو هو، تارا ۽ چنڊ تن ۾ اکيون وجهي تڪيندو رهندو هوس، ڪدڙن ۾ پڪا، پسيون ليار، ٻير، هي سڀ منهنجي ورونهه هوندا هوا، پيرن سان به دل هوندي هئم. سياري ۾ ياد اٿم، ايڏو ننڍو هوندو هئس جو ڇڙو ڇولو پيو هوندو هئم ۽ پوري اسر جو اٿي ڪوه تي لهي ويندو هوس، جتي برف جميل ڪٽي اچي "ماٽو" ۽ ماسي وٽ باهه تي ويهندو هوس، ان برف کي پارو چوندا هوا، اهو ٽڪرا ٽڪرا ڪري کائيندو هوس، بس زندگي جا ڏينهن ائين گذرندا ويا، وڏو ٿيندو ويس، هائي اسڪول موڪلڻ جون امان تياريون ڪرڻ لڳي.

## (2)

سڄي ڪائنات ارتقا جي اندر ترقي ڪندي رهي ٿي، انساني زندگي، عقل، خيال پڻ ارتقا اندر تبديل ٿيندا اڳتي وڌندا ٿا رهن، مذهب خود ارتقا جي محور ۾ ڦري رهيو آهي، اهڙي طرح هر هڪ انسان به پنهنجي زندگيءَ جي ارتقا جي محور ۾ ڦري رهيو آهي.

اڄ ننڍو سيان وڏو، اسڪول ڪير وني ويو، ڪيئن ويس، اها يادگيري ڪانه اٿم، پر ڪلاس جنهن ۾ وڃي وينس، ان جي يادگيري چڱي طرح اٿم. ماستر قاضي غلام الله تمام هوشيار استاد هو، پاراٽو ۽ ڇهون، سندس حوالي، هيڊ ماستر مستر ڏيارام هو، ايڏا ته استاد فضيلت ماب هئا جو ڏسڻ سان ايڏو ته دلين تي اثر ٿيندو هو، ڄڻ-ته هو فرشتا هئا، اڄ به جڏهن هنن جي ياد اچي ٿي ته ائين پيو محسوس ٿئي، ڄڻ اهيئي سامي هئا، جن مڙهين جو ذڪر لطيف پنهنجي شعر ۾ ڪيو آهي. هيڊ ماستر صاحب جي رهڻ جي جاءِ اسڪول جي لڳولڳ، سرڪاري ڪوارٽر هو، ڪلاس روم پنج هئا، اسڪول ميرن جي صاحبي ۾ ٺهيل ڇيو ويندو هو، ورانڊا ونگن سان هوندا هئا، جن مان ٽي ننڍا ۽ به وڏا هوندا هئا، پويان راند ڪرڻ لاءِ اسڪول جي پوئتان ميدان هوندا هئا، پوسٽ آفيس به اسڪول ۾ اندر هوندي هئي ۽ هيڊ ماستر، پوسٽ ماستر به هوندو هو، اسڪول کي ٻاهران وڏو در هوندو هو، اسڪول جي ڏکڻ ۾ پڌر هوندو هو، جنهن کي اڄ به پڌر سڏيندا اچن، نمن ۽ سرنهن جا وڻ هوندا هئا، اسڪول جي در وٽ ديوان ٻروچيرام ڪٽ وجهي رکي رکو ويهندو هو، اونهاري ۾ صرف انگوڇو هوندو هو، پاٽي جي ٻاڙدي پرسان پئي هوندي هئس ۽ لوٽي سان هر هر پيرن تي پيو پاٽي وجهندو هو، چلم به پرسان رکندو هو، پيو انگوڇو هر هر پسائي لڱن تي هٽندو هو، هو شهر جو مکي هو ۽ مان ڪيس مامون

سڏيندو هوس، هو مامي قاضي ڪرم الله جو گهرو دوست هوندو هو، اڳتي هلي سندس قربن جي ڳالهه ڪندس.

اسڪول ۾ قاضي غلام الله کان پوءِ ماستر قربان علي، عبدالخالق پيرزادو تنهن کان پوءِ خليفو قربان علي ساڳي پاراٽي ڪلاس جا ماستر ٿيا. دل تي سندن صورتون هميشه قائم رهنديون، اکر به اهڙا سهڻا هوندا هئن جهڙا موتي. اخلاق ته سندن اهڙو هوندو هو جنهن جو مثال اڄ مشڪل ليندو. هيءُ! هيءُ!! هيءُ سڀ ماڻهو غائب ٿي ويا، اڄ اهو اخلاق ڪٿان لڀي!

پنجن سالن جي عمر کان مٿي چڙهيس، اهيئي تي مائرون، مان ۽ منهنجا نانيڙا ڀائر، پاراٽي وهي هئي، ڏک به سک، ٿي ويا. پيو جيجل جهڙي ماءُ هجي، پڙهڻ سان خاص شوق ڪونه هو، پر تڏهن به اسڪول ۾ حاضري نيڪ ڏيندو هوس، سبق اڪثر پڪو هوندو هو. حساب، زباني ڪم، مڙئي جيڪي هوشيار ڇوڪرا هوندا هئا. تن مان مان به هڪ هوس، هندو ۽ مسلمان ڇوڪرا گڏ پڙهندا هئاسين. نالا گهڻن جا ياد ڪونهن. پر گوبند، گوپال، شيوو، تلجو، موهن ۽ پيا ياد آهن. مسلمان ڇوڪرا تمام ٿورا هوندا هئاسين. ڪريم بخش، قاضي عبداللطيف، عبدالرحيم، شمن، وڌل، صالح، يعقوب، انهن ۾ اڄ ميان عبدالرحيم، رٽائرڊ چيف انجنيئر منهنجو هاٺي عزيز ۽ گهرو دوست، محمد يعقوب ميربحر پوءِ ٽانگو هلائيندو هو ۽ محمد صالح رٽائرڊ پوليس جمعدار جيئرا آهن، هندو سڀ ويا هندستان، خبر نه آهي ته ڪير مئا ڪير بچيا.

امڙ جيجل هٿ منهن ڌئاري پٽڙي ۽ پوءِ پوتڙي ۾ ڪتاب سليٽ وجهي اسڪول موڪليندي هئي، موٽندو هوس ته اچڻ شرط چوندي هئي، ”بسم الله! بسم الله! ابو آيو آ!“ منهنجي قربن ڀري امڙ! تنهنجي ياد ڪيڏي نه مٺي آهي. ڪيئن نه اکين ۾ پاڻي ٿو اچي وڃي، توکي نه ڏسي دل ڪيئن نه اداس ٿئي ٿي، صحيح آ ماءُ جهڙو واقعي مٽ ڪونهي، بهشت ماءُ جي پيرن هيٺان آهي.

وقت گذرندو ويو. ٻاراڻي ڪان ونـي چوٿين ۾ پهتاسين. انهيءَ وقت هيڊ ماستر قاضي غلام الله ٿيو. ڏاڍو هوشيار ماڻهو هو. اکر تہ موتيءَ جهڙا هوندا هوس، چٽساليءَ جو بہ استاد هوندو هو. ميربحرن جي مڪان وارو تازيو سينگاريندا هئا. انهي تي ٺڪ جو ڪم قاضي صاحب ڪندو هو. ٽي تازيا نڪرندا هوا. هڪڙو غلام حسين شاهہ جي پڙ جو. ٻيو ٻچلاڻي سيدن جي پڙ جو. ٽيون ميربحرن جي پڙ جو. غلام حسين شاهہ جي پڙ جو تازيو. خليفو چٽل سينگاريندو هو. اهو گلن ۽ مکڙين سان پينٽ ڪيو ويندو هو. ٻچلاڻي سيدن جو تازيو وڏو هوندو هو. اهو لعل بخش ڪوري سينگاريندو هو. هيءُ سڀ سني مسلمان، نمازي ۽ پرهيزگار شخص هوندا هئا. پر تازيو جهڙو استاد قاضي غلام الله سينگاريندو هو. ان لئہ ڇا چئجي! اسڪول ۾ چوٿين درجي جي زماني ۾ مون ڏاڍو شوق ڪيو ۽ نتيجو اهو ٿيو جو ڪريم بخش، عبدالرحيم. عبداللطيف. مان. شيوو تمام هوشيار شاگرد ٿي وياسين.

انهيءَ وچ ۾ ڪجهہ وقت لاءِ مان هالاڻي ڇڏي امان جي مرضيءَ جي خلاف. لعل ڏني شاهہ ۽ محمد صالح جي چوڻ تي جيڪي ٻئي منهنجا سنگتي هئا. ٻنگو بهڻ اسڪول ۾ فيض گنج خيرپور رياست ۾ پڙهڻ ويس، اتي هيڊ ماستر ميان غلام محمد هو. ماستر تہ نہ هو، اصحابي هو. بورڊنگ هئي، جتي دال ۽ ماني ملندي هئي. ڇوڪرا شهر مان خيرات جي ماني بہ وٺي ايندا هئا. ٻرسان هڪ تلاءُ هوندو هو. اتي ڪپڙا ڌوئڻ ۽ وهنجڻ ويندو هوس. انهيءَ وقت خلافت تحريڪ جاري هئي. انهن ڳوٺن مان ڪيترا ماڻهو هجرت ڪري ڪابل ڏانهن ويندا هئا. ان جو مون تي بہ ٿورو اثر ٿيو. امڙ جيجل جي ياد ڏاڍي ايندي هئي. ٻنگو بهڻ هالاڻي ڪان اٽڪل 30 يا 40 ميل پري ٿيندي، غربت هئي. گاڏي تان لهي پنڌ ڪرڻو پوندو هو. ويو بہ پنڌ هوس. اتي مهينو کن ٿي ويو. عمر لاچار 8 يا 9 سال هوندي. اتان اڪيلو پيرن تي زور رکيم. شام جو اوچتو اچي اندر گهر ۾ لنگهيس. امان اڱڻ ۾ ڪو ڪم پئي ڪيو. مون کي ڏسي ڇرڪ ڀري ٻاڪر پاتائين. مون روئي

ڏنو، چيائين، ”ابا! مان تہ توکي کونہ موڪليو توکي پنهنجو شوق هو.“

اهڙيءَ طرح انهيءَ وقت ۾ راڳ سان شوق ٿي ويو. هڪ ڇتل سونارو ڇوڪر هوندو هو. اهو مولود ڏاڍا سٺا پڙهندو هو. مان بہ هن کان مولود سکيس، ”رسول الله کي چارئي بلاشڪ يار ها پيارا! مکي ڄائو محمد عرب ۾ اسلام ٿيو. اهي ٻئي سکي ويس، ڏاڍا سٺا پڙهندو هوس. ميان غلام رسول شاهہ اسانجي ڳوٺ جو مشهور پوليس آفيسر ٿي گذريو آهي، رياست ۾ ناظم ٿيو ۽ مير علي نواز والي خيرپور جو گهرو دوست هو. جنهن کي خُرن ماري ڇڏيو. اهو منهنجي بابي جو دوست هو، ننڍڙو هوس، ٻين جا ابا، چاچا، ماما پنهنجي ننڍڙن کي عطر لڳائيندا هئا، چيچ مان وٺي گهمائيندا هئا. منهنجي دل بہ چوندي هئي تہ منهنجو بہ ڪو هجي ها تہ مون کي گهمائي ها. عيد ٿيندي هئي تہ اسانجي گهر ۾ ماتم ٿيندو هو تہ ڪيڏي ولر مان رڳو هڪڙو مان ڇورو وڃي بچيو هوس. مان غلام رسول شاهہ جي بنگلي جي ٻاهران ٻارن سان راند پئي ڪئي تہ منهنجي ڀائرن جو ڏاڏو محمد بچل آيو. جنهن مون کي وٺي وڃي غلام رسول شاهہ جي هنج ۾ ڏنو. ”هيءَ آهي قاضين جي نشاني“ بس ان ڏينهن کان پوءِ منهنجي شاهہ صاحب سان ڏاڍي دل لڳي وئي، هو مون کي پنهنجي ٻچن وانگر گهرڻ لڳو. جڏهن بہ موڪل تي ايندو هو تہ مونکي گهرائي وٺندو هو. سندس دسترخانو ڏاڍو وسيع هوندو هو. مان روزانو هڪ دفعو ماني ساڳي دسترخاني تي ضرور کائيندو هوس. هو امان کي ”ادي“ ڪري سڏيندو هو، هنن جي خاندان جو اسان جي خاندان سان گهاٽو رستو هوندو هو. سچ بہ پاڇا آهي، ڪو وقت هو جو غلام رسول شاهہ ۽ واحد بخش شاه ماروٽ ٻقات مون وانگر ڇورا ٻار هوندا هئا ۽ گهر ۾ رنون زالون هونديون هيون. نانو سائين ميان قاضي فتح علي جڏهن بہ ڪا نئين شيءِ آڻيندو هو، گهر ۾ ايندي هئي تہ غلام رسول شاهہ جن ڏي پهريائين ويندي هئي، نانو سائين ميان قاضي فتح علي پاڻ بہ ڪچهري ۾ ويهي اها ڳالهہ

ڳائيندو هو ۽ ساڳيو پيار مون کي ڏيندو هو. شاهه صاحب راڳ ٻڌڻ جو ڏاڍو شوقين هوندو هو. پاڻ به ڏاڍو سهڻو هو ۽ حسن پرست به هو. سندس دوست رئيس احسان علي خان لغاري گهڻو ڪري ساڻس گڏ هوندو هو. هو چڱو زميندار هو. مگر ڏاڍو سٺو ۽ علم پرست ماڻهو هو. عاشق مزاج به هوندو هو. مان ته هاڻ اچرج ڪائيندو آهيان ته مان ان وقت ڏهن يا ٻارنهن سالن جو هوس. مگر ڪچهريءَ ۾ مان هنن ٻنهي سان گڏ هوندو هوس. راڳ هجي، ناچ هجي يا چڙا اڪيلائي وينا هجن. ٻيو ڪونه ايندو هو پر مون کي اجازت هوندي هئي. مان ڪجهه ڪافيون ۽ غزل به سکي پيس. ساڻن هڪ غلام محمد نالي هڪڙو حيدرآباد جو دوست به ايندو هو. هو ڳائيندو هو. سان ان کان غزل سکيس، اج به ياد اٿم.

”زاهد شراب نال سي، جب تڪ وضو نه هو،

قابل نماز پڙهني ڪي، تم نه هو.“

ٻن ماڻهن جو مون تي اج ڏينهن تائين اثر رهندو اچي ۽ اج به انهن لاءِ رئندو آهيان ۽ ڪين خواب ۾ به ڏسندو اچان. هڪ آهي منهنجو روحاني بابو علامه قاضي امداد علي ۽ ٻيو ميان غلام رسول شاهه. رئيس شاهه صاحب ۽ مان ٽئي گڏجي ڳائيندا هئاسين، ”رمزن ساڻ غلام، ڪيو ٿي يار اسانکي“. ”تولئه سڪندي ٿيا هن سال ميان، ويئي صحبت لئه سخت گذاريان“ وغيره.

عجيب وقت هو. اٽڪل 1920 کان وٺي 1942 تائين مان شاهه صاحب جي محبت ۾ رهيس. جڏهن ايندو هو ته صوبيدار ته ڪونه لڳندو هو. جڻ هڪ نواب اچي ويندو هو. هالاڻي ڳوٺ جي رونق ئي بدلجي ويندي هئي، ضرور ڳائڻا ڳائڻيون اچن. ماني ڪارائڻ جو مڙس ملهه هوندو هو. ڏاڍو ڪمايائين. صحيح يا غلط پر سمورو خرچ ڪري ڇڏيائين. بچايائين ڪجهه به ڪين ڪي. بجليون ٻري ويندڙيون هيون، ڇنڪارون ٿي ويندڙيون هيون، گلم وڇائجي ويندا هئا. ڪرسيون ۽ موڙا پئجي ويندا هئا.

شاهہ صاحب ڪٽ تي طول وهائو رکي، عاليشان ڪيس وچايل ۽ پائبند ٻذل ڪٽ تي ويهندو هو ۽ ٻنهي طرفن ڪان ٻن قطارن ۾ موڙا ۽ ڪرسيون پيون هونديون هيون. هر وقت گهٽ ۾ گهٽ 30 يا40 ماڻهو هوندائي هوندا هئا. هندو، مسلمان، غريب، شاهوڪار، دولهڏنو، دولت رام، ڪنومل، ڪاريگر ٻڍو، ميان علڻ شاهہ، الهڏنو ڪٽي، ڪمال شاهہ، واحد بخش شاهہ، سوڀارو شاهہ، سيونل شاهہ، رئيس صاحب، وڏيرو وزير، صفر مڱٽهار ۽ ٻيا ڪيترا ماڻهو اچي گڏ ٿيندا هئا.

رات جو سياري اونهاري ڳائڻ ٿيندو هو، هڪڙي رات شاهہ صاحب ڪٽ تي ليٽيو پيو هو، گلم تي ڪنهن ڪلام پئي چيا، ڪچهري مان اٽڪل سئو ڪان بہ متي ماڻهو هوا، منهنجي پرسان هڪ نابين مولوي صاحب نموني ڊيري جو لٺ موڙي تي اڳيان رکيو ويٺو هو. اسماعيل ميربحر ڳائڻ واري جي پرسان گلم تي ويٺو هو. ڪچهري هلندي اسماعيل ان نابين سان چرچو ڪيو تہ سڀ ڏاڍو کليا. وري ڪافي شروع ٿي، اڌ ڪلاڪ ڪن گذري ويو، تان خبر پئي جو نابين پنهنجي لٺ اسماعيل جي متي ۾ اهڙي هٽي ڪڍي جو سڄي ڪچهري وائڙي ٿي وئي. "حافظ هي ڇا ڪيئي"چيائين، "انهيءَ ڪجر ڪي پئي ڳوليم تہ ڪٿي وينل آهي. هڪ دفعي ڳالهايائين ۽ وري بہ تي دفعا ڳائٽي ڪي واهہ واهہ ڪيائين، پوءِ وري هينئر جيئن واه واه ڪيائين، چيم تہ حرامي اٿي نہ وڃي، آواز تي تاڙي اهڙي هنئي اٿمانس جو وري نہ چرچو ڪندو!!"

اهڙيون ۽ ڪئين پيون مسخريون ۽ خوشيون ٿينديون هيون. رئيس شاعر بہ هو، نِنڍڙيون، منڙيون ۽ سهٽيون ڳائٽيون اينديون هيون تہ پوءِ تہ رئيس الائي ڪٿي هوندو هو، شعر ٺاهيائين،

"ننڍڙا ماڻهو ناز وارا، ڇا نچين تو ناز سان."

وني دانهن ڪندو هو، جڏهن ڳائٽي نچندي هئي، "هي! هي! گهوڙا ڙي گهوڙا، هو ننڍڙا پير تہ ڏس، ٺئي نمبر جو بوٽ پائڻ وارا

دلبر، اهو پنهنجو سليپر منهنجي ٽپڻ تي هڻ ته دل ٺري. رئيس گنجو هوندو هو، پر سهڻو هوندو هو. گنج به ڏاڍي ٺهندي هئس، کهڙيون ڳالهيون ڪجن، انهيءَ وقت جون. سوڀارو شاهه، سونل شاهه به منهنجا دوست هوا، سڄيون راتيون ڪچهرين ۾ راندين ۾ گذرنديون هيون. وڏا بزرگ حاجي ميران شاهه، پير شهاب الدين شاهه، غلام حسين شاهه اهي سڀ جيئرا هوا. ناني سائين قاضي ميان فتح علي جي ميان غلام حسين شاهه پير شهاب الدين شاهه جي پيءُ ميان فتح علي شاهه سان ڏاڍي گهاٽي دوستي هوندي هئي. امان چوندي هئي ته جيئن فتح علي شاهه رياست مان ايندو هو ته پهريائين بابي قاضي فتح علي وٽ ايندو هو. غلام حسين شاهه جو پنهنجي پاءُ پير شهاب الدين سان تڪرار ٿي پيو. ناني قاضي فتح علي پير صاحب جو پاسو ورتو. غلام حسين شاهه انهيءَ ڪري ناراض ٿي پيو. بهرحال هيءُ بزرگ مون کي گهڻو قرب ڏيندا هئا. حاجي ميران شاهه صوفي فقير هو، سڄي رات حق موجود سدا موجود جي تنوار لڳي پئي هوندي هئس. محمد حجم طاهر شاهه، عرس مڱٿهار ۾ مان اتي ويهي وٽس صوفي ڪلام ڳائيندا هئاسين. بس حاجي صاحب جي تنوار حق! حق! لڳي پئي هوندي هئي. مون کي يادگيري آهي ته سندس مرڻ وقت مان سندس منهن جي سامهون موڙي تي پرسان ويٺو هوس، جيستائين دم ڏنائون.

محمد حجم به منهنجي پاڙي جو علم رسيده بزرگ هو، فقيريءَ ۾ غرق هوندو هو، مان ڪيس ماما سڏيندو هوس. سندس ويڳي ماءُ مائي صالحان اسان جي گهر ۾ رهندي هئي. سندس زال پاڻيڻ به اسان وٽ ايندي هئي، سندس پيڻ موري پاسي پرٽيل هوندي هئي. اسان وٽ پئي گهڻو ايندي ويندي هيون. پاڙي جا ماڻهو مائٽن وانگر هوندا هئا. ويچارا سڀ مري ويا، هاڻي هنن مان هڪڙو به ڪونه آهي.

اسانجي گهر جي پرسان اوپر ۾ وڏيرن جو گهر هو، جتي هاڻي اسانجو بنگلو آهي. وڏو وڏيرو وزير شهر جو زميندار هو ۽ لکاپتي هو. مال به تمام گهڻو هوس، هيءُ خاندان به پراڻو خاندان هو، امان

چوندي هئي تہ ٿي حسن هئا. جن هالاڻي اڏي، حسن قاضي، يعني اسانجو تمام وڏو سڳ ۾ تمام پري يعني پڙ پڙ پڙ ڏاڏو، حسن وڏيرو ۽ وڏي وزير جو پڙ ڏاڏو تن هالاڻي ناهي. شاهہ صاحبن جو خاندان، اصل هنگورجن جا ويٺل هئا ۽ پوءِ اچي هالاڻي ۾ آباد ٿيا. هڻ جو پڳدار ۽ وڏو مڙس ميان غلام رسول شاه وارن جو خاندان هو ۽ هيءُ سيد نهايت وڏا عالم ۽ درويش صفت ماڻهو هئا.

مون کنهن کي کونہ ڏنو، فقط وڏيرو ننڍو وزير ۽ وڏيري منل جو اولاد شفن ۽ مريد ڏٺم، جي منهنجي پائرن جا پڦات هئا. وڏيرو وزير مون کي ڏاڏو ڪري سڏيندو هو ۽ مان بہ وڏن جي رستي ڪري کيس ڏاڏو سڏيندو هوس. هن پنهنجي اک وڃائي هڪ ڏاڙيل جي وار کان تندي باگي ۾ ميان غلام رسول شاهہ کي بچايو هو. هڪ ڏک شاهہ صاحب کي ڪنڌ ۾ لڳي چڪو هو ۽ هي ٻيو ڏک هو، جيڪو وڏيري وزير اک تي جهليو ۽ ڏاڙيل جهلي وڌائين نہ تہ شاهہ صاحب جو خون ٿي وڃي ها.

هيءُ وڏو ملهہ پڻ هو، تہ ۾ هيءُ ۽ عمر ميربحر وڏا ملهہ هئا. مون ٻنهي کي ملاکڙي ۾ وڙهندو ڏٺو پر پڇاڙي جي وقت ۾، ڏاڏو وزير مون کي ڪڏهن خرچي ڏيندو هو. مان ڏاڍو خوش ٿيندو هوس، ننڍڙي هوندي جون کهڙيون کهڙيون ڳالهيون ياد ڪيان ۽ ٻڌايان.

اسانجي ڳوٺ ۾ بہ ڍنڊون هونديون هيون، هڪ وڏي ڍنڍ، ساڏن جي مندر سامهون، ٻي توڏي جي ڍنڍ، ٻنهي ڍنڍن ۾ وهنجندو هوس. هڪ ڏينهن وڏي ڍنڍ ۾ پنهنجي هڪ عزيز سان گڏجي وهنجڻ ويس. مون کي ڪپ تي ڇڏي اهو همراهہ تہ اندر گهڙي ويو. مان وري ڏوٻيءَ جي ڏوئڻ واري جاءِ تي ڪتل لڪڙي ۾ هٿ وجهي وهنجڻ لڳس. تان خبر پئي تہ منهنجا پير ترڙي ويا ۽ پاڻي ۾ اندر ٻڏي ٿي ويس. اندران اندران ڍنڍ جي پيٽ ڏانهن وهڻ لڳس، جتي پاڻي تمام تار هو، قدرت خدا جي وڃي پنهنجي عزيز جي ٽنگن ۾ پيس. هن مون کي ڪٽي

مٿي ڪيو. بس جيڪڏهن هن جي چنگهن ۾ نه اٽڪان ها، ته هيءَ ساري ڪهاڻي ڪير لکي ها. موت ڪين ماريو، موت کي به مون کي ڏک ڏيکارڻا هئا ۽ اڄ ڏينهن تائين سورن ۽ منهنجي سنگت هلي اچي.

انهيءَ ڄنڊ جي ڪپر تي نئيڙي هوندي چڪر ڏيندو هوس ۽ ڪافيون ڳائيندو هوس، ”آيو ڪين چرخو چريءَ کي ڪتڻ ۾“ وغيره. وقت گذري ويو ۽ وڃي ٿو گذرندو، ڇا ڇا نه ٿيو، ڇا ڇا نه ٿيندو رهي ٿو. منهنجي زندگي به عجيب زندگي آهي، ”واڳ ڌڻين جي وس آءُ ڪا پاڻ وهيٺي.“

جيجل امڙ شايد ڏکن جي لولي ڏني هئي. اڄ جڏهن منهنجا هم ڪلاسي بروهي صاحب (اي ڪي) جهڙا دوست لکن جا مالڪ آهن، بنگلن محلاتن وارا آهن، مان جهڙو سڄو هوس، اهڙو آهيان مگر رب جو شڪر آهي، غربت ۽ سورن ۾ ئي رب انسان کي ويجهو ٿئي ٿو، پاڻ ويجهو ٿئي ۽ رحم ڪري ته ٻيو مون کي ڇا گهرجي.

نئيڙي هوندي مائٽ مري ويا، ڪو به ضابطو نه رهيو، ڪو به ڪنٽرول ڪونه رهيو، ڇورو پاڻ زورو. شل نه ڪا ٻڪت جي تاريخ ٻڌان، شل نه ڪو ڳائڻو نالي وارو ڪٿي اچي، ته پوءِ جيجل امان ۽ نئيڙن ٻائن کي اڪيلو ڇڏي، ڏهن ويهن ميلن تي وڃي ٻڪت يا راڳ ضرور ٻڌان. ڪنور ٻڪت جي خانواهڻ ۾ ٻڪت پئي، اٽڪل 10 ميل پيري پنڌ ڪري وڃي ٻڪت ٻڌم. شل نه ڪا شرنائي بنسري، ٻل شهر ۾ ڪٿي وڄي، رات جو هنڌ مان اٿي امان کان لڪي به وڃي اتي پهچندو هوس، نوري مسخري جي مسخري، ملاکڙا، بس مان ضرور اتي هوندس، جواري پاڙي وارا ميربحر تن سان دوستي، مگڻهار فقير تن سان دوستي، ملهن سان دوستي ڪڏهن انهن کي اوطاق ۾ ماني ڪارائيندو هوس. منهنجي سخياڻي امان ڪڏهن نه چڙي. دانگي چاڙهي طعام پچائيندي، مان وڃي مهمانن کي کارائيندس.

هبچون لڳنديون هيون، هڪ اوڏ محمد فقير هوندو هو ۽ سو هنبوچيءَ ۾ مشهور هوندو هو.

انهيءَ زماني خلافت ۽ ڪانگريس جي آزاديءَ لاءِ لڙائي شروع ٿي. مان به امان ڪان پڇڻ ڪان سواءِ سرڪاري سنڌي اسڪول ڇڏي وڃي قومي اسڪول ۾ ويٺس، چرخو ڪتڻ ۽ صبح جو هندو ڇوڪرن سان گڏجي ڦيريءَ تي نڪرندا هئاسين. ”آءُ وڃان ٿو جيل ۾ سڀ ڇنجو وندي ماترم“ اهو جيل ته اڄ ڏينهن تائين پنهنجي پچر ڪونه ٿو ڇڏي. ائين 5 سالن ڪان وٺي 10-12 سالن تائين عمر گذري.

سنڌي چوٿين درجي ۾ اسانجا امتحان ٿيا، ديوان ڪرم چند امتحان ورتا. اسان به ڇوڪرا گوپال ۽ مان ڳاٽا سڏبا هئاسين. ديوان صاحب جي اڳيان وڃي ڳايوسين، ”بس غم مين تيري يار.“ هڪ غزل چوندو هوس، اهو ڳايم. ديوان صاحب کي ڏاڍو وڻيو. ديوان ڪرم چند هنگوراڻي پوءِ منهنجو آفيسر ٿيو. مهربان بزرگ هو ۽ مون کي اولاد وانگر گهرندو هو. ورهاڱي ڪان پوءِ سنڌڙيءَ ۾ هڪڙو پيرو سڪ لاهڻ لاءِ موتي آيو ۽ مون وٽ ماني به کاڌائين.

ديوان صاحب چيو ته، ”ميان توکي اسڪالرشپ ڏيون تون نوشهري پڙهه. پنگوبهڻ ۾ به ڪين جالي سگهندين، ديوان کي جواب ڏئي ڇڏيم.

هالاڻي ۾ انگريزي اسڪول ۾ پڙهڻ ويٺس، نماز نندي هوندي ڪان پڙهندو هوس، گسائيندو به هوس، پر روزا گهٽو ڪري سڀ رکندو هوس.

(نوٽ : آتم ڪهاڻيءَ جا ڪجهه پنا هتان ڪان گم آهن)

****

خير آخر سيٺ ڪريمجيءَ ڪان ڇني وٺي ڏنائين، شاهه صاحب ڪان موڪلائي ڇني ڪٽي ڳوٺ پهتس. ٻچل کي ٻڌايم، هاڻي خيرپور رياست جي وزيراعظم کي ڪيئن ملجي.

پير شهاب الدين شاهه جو اڳ ۾ ذڪر ڪري آيو آهيان. هو ان وقت خيرپور رياست ۾ نائب وزير هو. گهر گهر سان گڏ هئوسين.

پير صاحب جي نندي ديري وارا ماڻهو. اها ماسي، امان جي اهڙي پياري ساهيڙي هئي، جنهن جي ڪا حد ڪانه هئي. جڏهن جيئن اڳ چئي آيو آهيان تہ وڏو تپ تي پيم. اها جيجل ماسي منهنجي مٿان ويهي امان سان گڏ رئندي هئي ۽ دعائون ڪندي هئي.

”فيض شال اٿي هن اڳڻ تي ٽلندين، منهنجا ٻچڙا شال خدا توکي وڏي حياتي ڏي.“

انهيءَ پنهنجي نوڪرياڻي دائي هوا مون کي گڏي ڏني. دائي هوا هڪ مشهور بهادر عورت هئي، نوڪرياڻي ڪانہ هئي، اميرياڻي هئي، ماسيءَ جا ٻار نپائيندي هئي. تڏهن ڪيس دائي چوندا هئا. نچندي بہ ڪمال جو هئي، ڳائيندي بہ هئي، جيتوڻيڪ پوڙهي هئي، پر سندس لوڏ جوانن کان بہ وڌيڪ جوڀن واري هئي. شڪل ڪپڙا سڀ خانداني هوندا هئس. جيجي دائي هوا مون سان گڏجي هلي. ڏوڪڙ انهيءَ زماني ۾ گهٽ هو. وڃي خيرپور اسٽيشن تي لٿاسين. ڪٽي پيرن تي زور رکيوسين. پانيان ٿو شهر ۾ اندر وڃڻ لاءِ بہ ميل پنڌ ڪرڻو پوندو آهي. رستي ۾ ميرواهہ جي اوريان، هڪ باغ هو ۽ شايد کوهہ بہ هو. وڏي دروازي مان هڪ عورت نڪتي. انب جي ڪکڙي وات ۾ هجيس سا چوسيندي پئي اچي، نہ ڪيائين هم نہ تم ٿوکي ڪٽي ڪکڙي منهنجي وات ۾ وڌائين. گگ سان پري، جنهن کان نفرت اچي، مائي جي پوشاڪ بہ قاتل هجي، پر ڪچيم ڪين. جيجل دائي چيو. ”ابا! هي مائي ڏتي هئي! چڱو ڪيئي جو منهن نہ موڙئي!! هيءَ مشهور مستاني آهي!! جڳ هن وٽان پنڻ ايندا آهن!! تون ابا نصيب وارو آهين.“ مائي ڏتي اهڙي تہ ڪکڙي ڪارائي ڇڏي، جو خوشيون سڀ پيچي ويون. سورن اچي سازيهہ ڪيا، اڄ ڏينهن تائين روئيندو وتان. پر سچ تہ هيءُ آهي تہ ڏکن جهڙو يار ٿيئي ڪونہ. ڏکن جا ماريل ۽ ڏاريل تمام ٿورا. سچا. ڏک. بي غرض ڏک. لالچ کان سواءِ ڏک. قرب جا ڏک. عشق جا ڏک. هي آهن مانڪ موتي شل ڪنهن نصيب واري کي نصيب ٿين. مان اپاڳن تہ آهيان پر لک لائق انهيءَ مالڪ جا جنهن مون کي هيءُ سڀ نصيب ۾ ڏنو. سو

اها آهي مائي ڏتي جي چڪايل ڪڪڙي. خير، اچي پير صاحب جي اوطاق تي پهتاسين. پير صاحب جي اوطاق ناز اسڪول جي بلڪل آمهون سامهون هئي. ماسي هئي، پير صاحب جو ننڍو گهر، وري ننڍي گهروارن جي پياري نوڪرياڻي. پير صاحب پاڳ پريو اڳئي ڏاڍو مٺو پيارو بزرگ هو. امان ڳالهہ ڪندي هئي تہ ميان فتح علي شاهہ جو هن پٽ سان ڏاڍو پيار هو، کيس "پيرا" سڏيندو هو. پير صاحب عالم بہ هو ۽ اکر تہ اهڙا سهڻا هوندا هئس، جنهن جي حدئي ڪا نہ هئي. تنهن بخت آور تہ ڏاڍا قرب ڏنا. سندس آفيس ۾ وچي پڪي هينان سمهندو هوس، جيڪو سنو ڪاڏو ٽيندو هو سو مون کي ڪارائيندو هو. هڪڙي ضروري ڳالهہ ٻڌائڻ ٿو چاهيان متان ٻلجي وڃان. پير صاحب جي ننڍي گهروارن وٽ مان ويندو هوس، اتي هڪ نور ڀري، ڏاڍي اخلاق واري، پرهيزگار عبادت گذار بزرگ عورت پوڙهي، گهڻو ڪري صندل تي جاءِ نماز تي ويٺل ڏسندو هوس. تسبيح هٿ ۾ هوندي هئس، چوندا هئا تہ اها ٻيبي، انهيءَ گهر ۾ ڪنهن پير صاحب جي عزيز سان پرڻيل هئي. پر سندس مڙس گهڻو اڳي مري ويل هو، مائي صاحب کي "شانل ٻيبي" يا ٻيو ڪجهہ ڪري سڏيندا هوا. پاڻ اصل راجپوت هندو عورت هئي، ٿي سگهي ٿو تہ سندس ٽروارن راڻن سان مائٽي هجي، ان وقت هي راجپوت پنهنجا سگ مسلمان خاندانن ۾ ڏيندا هوا. هيءَ ڀلاري عورت بہ راجپوتڻ هئي ۽ مائٽن کيس هالاڻيءَ جي عالمن سيدن جي خاندان ۾ ڏنو. هيءُ مسلم ۽ غير مسلم سنڌين جو هڪ ٻئي سان رشتو، هڪ عجيب مثال آهي.

پير صاحب جن نيٺ هڪڙي ڏينهن وزير عبدالقادر وٽ وٺي هليا. مان تہ هئڙا بنگلا، محل ماڙيون ۽ نوابي دور اڳ ۾ ڪونہ ڏٺو هو، سو البت عبرت ۾ پئي ٽيم. پير صاحب مون وٽ جيڪا ڪريم جيءَ جي چٺي هئي سا بہ وزير صاحب کي ڏني ۽ زباني بہ سفارش ڪيائين. ڇا چيائين سو ڪونہ سمجهيم. وزير صاحب صورت جو هو، تنهن ڪري سنڌي ڪونہ ڄاڻندو هو. پير صاحب جن انگريزي ڪونہ

چاڻندا هئا. خير وزير صاحب مون کي فري بورڊرشپ ڏني ۽ آءٌ وچي مدرسي ۾ داخل ٿيس. هالاڻي ڀهلاڻيءَ جا ٻه انگريزي اسڪول ڪجهه ڪونه ها. هيءُ تمام وڏو اسڪول هو، بورڊنگ هائوس جنهن ۾ اٽڪل سئو کن شاگرد رهندا هوا. اڳيان عاليشان مسجد هئي ۽ لڳولڳ ناز هاءِ اسڪول هو. ماسترن ۽ پرنسپال جا بنگلا هوا. هائوس ماستر هڪ يوپيءَ جو بزرگ هو. سندس نالو جعفر هو. ڇورا چيڙائڻ لاءِ بورڊنگ هائوس واري بورڊ تي لکندا هوا. "جعفر ٽٽُ."

پرنسپال مسٽر عبدالرزاق ميمڻ نوشهري وارو هوندو هو. ننڍو پرنسپال ويرو مل هوندو هو. انگريزي مئٽرڪ ۾ پڙهائڻ لاءِ ريواچند هوندو هو. مسٽر ڪيارام هوندو هو، مشهور صوفي درويش استاد امام بخش ماستر هوندو هو. استاد عاشق مزاج هوندو هو. جڏهن درازين ويو هوس، جنهن جو اڳ ۾ ذڪر ڪري آيو آهيان ته ميڙي ۾ استاد به غلام علي شاهه سان گڏ هوندو هو. استاد جو معشوق گل محمد شيخ هوندو هو ۽ ميان غلام علي شاهه. شوڪت ۽ ٽيڪچند لاءِ پيار رکندو هو.

قاضي سچيڏني روينيو آفيسر جو پاءُ ڊاڪٽر قاضي منهنجو ڪلاسي هوندو هو ۽ مسٽر سيال جو اولهه پاڪستان ۾ پبلڪ سروس ڪميشن جو چيئرمين، اهي ۽ ٻيا ڪيترا منهنجا ڪلاسي هوندا هوا. اسان ٻيو درجو انگريزي پڙهندا هواسين. آچر آچر ڏينهن موڪل ملندي هئي، پوءِ يعني اڪيلو يا ٻين سنگتين سان گڏجي گهمڻ ويندو هوس، لڪي بنگلو گهمندا.هواسين. ڪڏهن وري ريلوي لائين وٽ ويهي، واهه جي پل مٿان ٻيهي، هيٺان واهه ڪي وهندو ڏسندو هوس، رومال ورتم، تنهن سان گڏ هڪ خوشبودار ڪارڊ مليم، ان ۾ خوشبوءِ هئي جا ڏاڍي پسند ايندي هئم. نمازون سڀ پڙهبيون هيون، روزا به سڀ رکندو هوس، اتي محمد صالح ۽ ڪريم بخش ٻه ڇوڪرا وڏن ڪلاسن جا هوندا هئا، جي منهنجي ڳوناٽن لعل ڏني شاهه ۽ غلام شاهه جا دوست هوندا هئا ۽ مون کي به گهٽو گهرندا هوا. پر بورڊنگ ۾ سندن ڏاڪ

هوندي هئي، تنهن کري مان بہ ڦونڊ ۾ هوندو هوس. ڪنڊياري جو احمد علي ڏکڻ جو پوءِ ڪوآپرينو سوسائٽيز جو رجسترار بہ ٿيو. اتي پڙهندو هو. اسين هڪ ٻئي کي ڳوڻائي سڏيندا هواسين، اتي مڙئي دل کي ستون لڳڻ لڳيون، احمد گلابي قميص پائيندو هو، ڏاڍو پيارو لڳندو هو، مون کي فوجي ٽريننگ پئريڊ وغيره لاءِ ڪنيائون، وڏو لانگ بوٽ ڏنائون، يونيفارم ڏنائون، هزهائينس مير علي نواز جو ڀاءُ مير غلام علي اسانجو ڪمانڊر هوندو هو، پئريڊ تي ميدان ۾ ويندا هواسين. ائين ڏينهن گذرندا ويا. هڪ ڏينهن عيد ملهائيسين الائي ڪهڙي عيد هئي، مون کي بہ هڪ حضور جن جي شان ۾ شعر ياد ڪرايائون، جنهن جي پڇاڙيءَ ۾ لفظ هئا، "بدينرا! بدنيرا!" اها محفل بورڊنگ جي اولهہ واري هال ۾ ڪئي ين، محفل جو مور سيشن جج ۽ هوم منستر هو. اهو ڪير هو. اهو هئو منهنجو روحاني بابو، آءِ آءِ قاضي. انهيءَ وقت تہ نہ هو مون کي سڃاڻندا هوا ۽ نہ وري مان ڪين سڃاڻندو هوس. بس فقط ڳلم تي مان سندن پرسان وينو هوس. قرب جون ڪڙيون پندرهن سال پوءِ پيون.

ٻن مهينن کان پوءِ جيجل جي ياد ڏاڍو ستايو. ننڍڙا ڀائر بہ ياد اچڻ لڳا. هاڻ موڪل ڪيئن وٺان، سو ڳهڙي ويس ميمڻ ملي جي گهر ۾. هن جي گهر ۾ ننڍڙا ٻار ڏسي، تن کي پيار ڪيم ۽ پنهنجا ننڍڙا ڀائر ياد پيم. جيجيءَ کي روئي چيم تہ "امان جي سڪ لڳي آ، ميمڻ صاحب کان موڪل وٺي ڏي." موڪل ملي وئي، اچي جيجل وٽ پهتس، موڪل جا ڏينهن گذاري، وري خيرپور سنبريس، محراب اسٽيشن تي پهتس، جا اٽڪل ڇهہ ميل هالاڻيءَ کان پري آهي، اتي ڪوڙو سهتو، ادي سيائيءَ جو ڀاءُ جنهن جو ذڪر اڳ ۾ ڪري چڪو آهيان. اهو بہ اچي اسٽيشن تي پهتو، هو رازڪو ڪم ڪندو هو ۽ دادوءَ وچي رهيو هو. ٻئي گڏجي گاڏيءَ ۾ چڙهڻ لاءِ گڏ ٻيٺا هواسين. هن هڪ ٿلهو بسترو جنهن ۾ الائي ڇا ڇا ٻڌو هوائين، سو بہ ڪنيائين. مون کي تہ صرف پنهنجي ٽرنڪ هئي سو آءٌ تہ ڀهريائين چڙهي پيس.

هن بہ پنهنجو اهو ٿلهو بسترو اندر اڇلي ڇڏيو. گاڏي هلڻ لڳي، ڪوڙو منهنجي گاڏي ۾ ڪونہ چڙهيو.

مان تہ خيرپور لهي پنهنجي ٽرنڪ کڻي وڃي بورڊنگ ۾ پهتس، پوئتان ڪهڙي خبر هن وڃي ريلوي پوليس ۾ فرياد ڪيو تہ مان سندس بسترو چوري ڪري ويو آهيان. خدا جي قدرت حد جو صوبيدار ميان غلام محمد شاهہ هو. جنهن جي پيءُ حاجي ميران شاهہ جو ذڪر اڳ ۾ ڪري آيو آهيان. مون کي تہ هو پاڻ سان وٺي ريلوي اسٽيشن تي آيو. هينيون مٿيون ڳالهيون هئين پوليس وارا ڪندا آهن، پر سڀ مٺيون. ڌاڙيون ڪيائين پر هجي مون کي خبر تہ مان ڪجهہ ٻڌايان، مايوس ٿي پيس موٽي گهر آيس، امڙ کي ڏاڍو ڏک ٿيو چيائين گهٽوئي خيرپور پڙهئين، وري جو مون تي ڪوڙي جي دانهن. شهر جي زميندار غلام حسين شاهہ. پير صاحب جي پاءُ بنگلي ۾ سڏي منهنجي بي عزتي ڪئي ۽ گهٽ وڌ ڳالهايو. سا جا امان کي ڳالهہ ٻڌايم سا ڏاڍو ڪاوڙي. سڌو پير صاحب جي گهر هلي پير صاحب کي دانهن ڏنائين. پير صاحب چيو، "ادي! غلام حسين آ چريو، هي ٻچڙو بسترو کيئن کڻندو، مان ٿو غلام حسين کي ٻچڙو ڪيان." پوءِ امان روئيندي پٽيندي گهر موٽي آئي.

عجب رنگ هن رنگيءَ جا. انسان تہ گهڻو ڪجهہ ڪري، پر جيڪي ڪري سو رب ڪري. انسان پنهنجي ضرور ڪوشش ڪري پوءِ الله تي ڇڏي، آخر ٻيڙا وڃي پار پوندا. انهيءَ ڪشمڪش جي ڪري مان گهر ويهي رهيس، خيرپور مان پڙهڻ ڇڏي ڏنم. يادگيري نہ ٿي پوي تہ پوءِ ڪٿي پڙهيس، ڀلاٽي يا هالاٽي، شايد داخلا ڀلاٽي ۾ ورتم ۽ ٻيو درجو ات پڙهڻ لڳس. ڀلاٽي هالاٽي کان ڏيڍ ميل جي مفاصلي تي آهي. اتي ماستر مسلمان هوا. اسڪول هندڪو هو. مئنيجر ڊاڪٽر ڏيپچند هو، ان جو پاءُ بہ ڊاڪٽر هو. رج چڱا مڙس هوا. هيڊ ماستر محمد اسماعيل هو ۽ ننڍو ماستر عارب خان راٽيپور جو هو. ماستر محمد اسماعيل مديجي جو هو. گهڻي وقت کان پوءِ هاري

ڪاميٽيءَ ۾ وري استاد محمد اسماعيل خان سان وڃي گڏ ياسين.

امان جيجل صبح جو جوئر جي ماني ۽ تيل ۾ پٽاٽا تري ڏيندي هئي. اهي اسڪول کٽي ويندو هوس. منجهند جو به اسڪول ۾ گذاريندو هوس ۽ شام جو موٽي گهر ايندو هوس. اسڪول ۾ صبح پراٿنا جو گيت ڳائيندا هئاسين.

”لک پال سندي رب سائين! لک پال سندي رب سائين!!“

منهنجو آواز سنو هوندو هو پيو پريو خانواهڻ جو هندو ڇوڪرو هوندو هو، اسين پراٿنا چوڻ ۾ اڳواڻ هوندا هئاسين، پهريائين اسين جملا سر ۾ ڳائيندا هواسين، ٻيا پوءِ ڪورس ۾ ساڳي جملا وري دهرائيندا هئا.

ڀلاڙي وڃڻ کان پوءِ راڳ جي شوق ڪري مڱڻهارن جي گهر ويندو هوس، مائي زينب آربي فقير جي ماءُ سا اسانجي مامي ڪرم الله جي وقت کان وني واقف هئي. اتي ٻيا مڱڻهار ڇوڪرا به واقف ٿيا، هندن جي شادين تي شڪارپور ۽ سکر جا ڪاريگر شهنايا ايندا هئا، جن ۾ خاص نالا، جانڻ فقير جو ياد اچي ٿو ساٽس ربن فقير به هوندو هو، شرناءِ جا ڪاريگر هوندا هئا، هڪ ننڍو ڇوڪر ارباب ۽ ننڍو ڀاءُ فيض محمد به شهنائي وڄائيندا هئا. هنن ننڍن ڇوڪرن سان منهنجي ڏاڍي سنگت ٿي وئي. ايتري قدر جو مان سکر جي پرسان سندن ڳوٺ به ويس.

ڀلاڙيءَ ۾ شيو جون ڀڳيون پونديون هيون، اتي هڪ مشهور ناچو آيو، جنهن جو نالو هو مکڻ، ماڻهن متس شعر ناهيا هوا.

”اي مکڻ نازڪ بدن، ناچو نچين تو ناز سان“ ڏاڍو متو ڳائيندڙ هو، ان سان سنگت ٿي وئي. آخر راڳ جي شوق ۾ اهڙو ته غرق ٿي ويس جو پڙهڻ وسري ويم، امتحان ڀلاڙي ۾ ڏنم يا هالاڻي سا يادگيري ڪانه ٿي پوي. غلام علي شاهه مون کان گهڻو وڏو هو، پر شوڪت جي عشق ڪري ٻئي جڻ دوست هواسين. هن ويچاري ڪي منهنجي پڙهڻ کي ڇڏڻ جو ڏاڍو ڏک ٿيو، شايد غربت به ڏاڍو اچي

پڪڙيو، جو امان صلاح ڪري درزي ٿي پيٽ پالڻ جو فيصلو ڪيوسين. عبدالخالق ميمڻ جي درزڪي ڏڪان تي وڃي وينس به ۽ تن وغيره سکڻ لڳس، پر پياري دوست ۽ بزرگ غلام علي شاهه جي زور وجهڻ تي هو مونسان گڏجي هليو ۽ وڃي ٽئين درجي انگريزي ۾ هالاڻي جي اسڪول ۾ وينس. هي اسڪول قاضي حزب الله واري جاءِ جا انمب واٽين جي پاڙي ۾ هو، جڏهن اڃي ٿانواڻن جي پاڙي ۾ ڌرم داس جي اوطاق پرسان کوليو هوائون. هيڊ ماستر جهامن داس هو، هو قربائتو ماستر هوندو هو، سندس پاٽيا خوبو ۽ چيلو منهنجا دل گهريا دوست هوندا هوا. پڙهيم ڪو خاص ڪونه پر پاس ٿي ويس، سو انهيءَ ڪري جو هالاڻيءَ وارن جو چوٿين درجي ڪولڻ جو ارادو هو، انهيءَ ڪري چوٿين ۾ شاگردن جو چڱو نمبر ڏيکارڻ لاءِ آءٌ به پاس ٿي ويس. چندي رام ٿاواڻي اسان جو چوٿين درجي ۾ نئون ماستر مقرر ٿيو، سندس ننڍو ڀاءُ نهال منهنجو دوست هو، اهو به شاهه صاحب ميان غلام رسول شاهه جي ڪچهريءَ ۾ پنهنجي پيءُ ڪنور مل سان گڏجي ايندو هو، پر سرڪار چوٿين جي اجازت نه ڏني، پوءِ اسين هالاڻيءَ جا شاگرد وڃي بهلاڻي جي اسڪول ۾ داخل ٿياسين. چيل، چتو، تلجو، نانڪ،مان ۽ ٻيا به ٻه ٽي ڇوڪرا بهلاڻيءَ ۾ داخل ٿياسين. هيڊ ماستر مستر هولارام هو. بهلاڻي، گرداس، خوشال، پرٿو، ولي محمد ۽ ٻيا ڇوڪرا اچي گڏ ٿياسين. اسڪول ۾ منجهند جو رهي پوندا هئاسين، ماني سيڪو پنهنجي پاڻ سان کڻندو هو، منجهند جو پڳت هوندي هئي، مان ۽ پريو ڳائيندا هواسين ۽ ولي محمد ڊيسڪ وڄائيندو هو. انهيءَ زماني ۾ نهال فقير جو پٽ موسو مگٺهار جو به اجان ڇوڪرو جوان هو، انهيءَ سان سنگت ٿي، ساڻس گڏجي يا اڪيلو سندن ڳوٺ ڏيٺن ۾ ويندو هوس. هڪ ڏينهن نهال فقير سان گڏجي ڊيري ويس ۽ ڪراڙي شاهه سان وڃي ڪچهري ڪئي سين. نهال فقير هيٺ ويهي رهيو، لاچار مون کي به هيٺ ويهڻو پيو.

هالاڻيءَ ۾ انهيءَ زماني ۾ ميان غلام رسول شاهه وٽ محمد

شاهہ ڇوڪرو ڳائڻو هو. هو تنبور تي ڳائيندو هو. سندس ڀاءُ موسن شاهہ گهڙو وڄائيندو هو. مهمان ٿي آيا. محمد شاهہ ڏاڍو سٺو ڳايو. ڀهاڙي ڀيروي ڏاڍي سٺي ڳائيندو هو. ڳائڻ جو ڀير پنهنجو هوندو هوس. ”ادن سمجهہ تم نهين آنا اري نادان پرديسي“ وغيره وغيره مان بہ ڳائيندو هوس، عمر لڳ ڀڳ ساڳي هئي. هو منهنجو دوست ٿي ويو. هو ڏيري بہ ويو. مرحوم محمد علي شاهہ سان مليو. شاهہ صاحب جي هن سان پريت ٿي وئي، هالاڻي ۾ شام جو سوڀاري شاهہ جي بنگلي تي وينو هوس، سونل شاهہ. سوڀاري شاهہ جو ڀاءُ. منهنجو دوست بہ اتي هو. اوچتو ڏسون تہ محمد علي شاهہ اچي ويو. محمد علي شاهہ بہ ان وقت ڇوڪرو هو. ويچارو محمد شاهہ جي سڪ ۾ اچي هالاڻيءَ نڪتو.

نور محمد شاهہ پرين وارو بہ ڏاڍو سهڻو نينگر هوندو هو. امام علي شاهہ ۽ نور محمد شاهہ پنهنجي پيءُ ميان مراد علي شاهہ سان گڏجي هالاڻي ايندا هئا. اها عمر بہ عجيب آهي.

ڀهلاڻيءَ جي اسڪول ۾ هواسين. مسٽر هولارام جي شادي لاهورين لاڙڪاڻي ۾ ٿيڻي هئي، استاد اسان سڀني شاگردن کي دعوت ڏني. وڃي هڪڙي بنگلي ۾ لاٿائين. ڏينهن جو گهوٽ يعني استاد کي گهوڙي تي چاڙهي شهر گهمايوسين. لاڙڪاڻي ۾ پير بخش درپيلي جو فوٽوگرافر هو. تنهن کان گڏجي فوٽو ڪڍايوسين. سرگس وقت منهنجو وات ڦاٽي ويو هو. ويچارو دولت رام ڀهلاڻي وارو جو تعليم ڪاتي ۾ ڪلارڪ هو، مون کي ڪلهي کان جهلي ڇيائين، ”ميان! وات ڦاڙي گهمڻ سان ماڻهو بيمار ٿيندو آهي“ ان جي هيءَ هدايت اڄ ڏينهن تائين ياد اٿم.

ڇا ڇا ياد ڪريان. ڇا ڇا لکان. استاد تہ اهڙا هجن، ڪو هندو، مسلمان جو فرق ڪونہ هو. اڄ بہ اهي شڪليون اڇيو سامهون بيهن. اهو لاڙڪاڻو. هوٽلن ۾ جهلين وانگر جهولڻ پکا. جن کي ڇهہ ڇهہ پر هوندا هوا ۽ چوڏيل وانگر ڦرندا هوا. سکر جو لمليت ۽ ٻيا بوتلن جا قسم. کهڙا کهڙا ماڻهو ڪيئن گڏجي پوندا هواسين، وقت

گذرندو ٿو وڃي، ڪٿان ماڻهو مسافري ڪري ڪٿ پهچي ٿو. ڪلهه ڪٿي هوس اڄ ڪٿي آهيان.

ٻئي ڏينهن لاڙڪاڻي مان نڪتاسين. گاڏي تي چڙهي ڏوڪري آياسين، اٽڪل 20 يا 30 شاگرد شادي وارا مهمان موهن جي دڙي ڏي پير پنڌ وياسين، وري موهن جو دڙو ڪونه ڏٺو اٿم. بس سائين اٽڪل 10 يا 15 ميل بيت ڏيندا ڏاڍيان ڳائيندا. ڪڏهن ڀڳتن واري ڳالهه ڪٽندا وڃي موهن جي دڙي تي پهتاسين، اهو موهن جو دڙو اڄ به ياد پيو اچي، منهنجي منڙي سنڌ جا پراڻا نشان پراڻي تهذيب اڄ به اکين اڳيان پيا ڦرن.

هيءَ پهرئين ڪان وني پنجين تائين، چار سال عجيب زمانو هو، رات جو ڪڏهن ڪڏهن هن دڪان ۾ ته ڪڏهن هن مڪان ۾، شاهه جو مڪان، گاڏهين جو دڪان ۽ ميربحرن جو مڪان، گهڻو ڪري هڪ نه ٻئي مڪان ۾ چونڪي هوندي هئي. جمع، آچر هي ٻاليشاهين مان مسلمان تيل هوا، جتي جا پٽ هوا، مائي راڻي، پانڌي ۽ چاڳي وارن جا مائٽ هوا. ابراهيم ميربحر تمام سٺو گهڙو وڄائيندو هو، پيا به. محرم ڪٿي به ڪلام چوندو هو، رمضان پيٺو به ڳائيندو هو، مان پانيان ٿو ته مان سيني ۾ سٺو ڳائيندو هوس. وقت سر ڀلاڻي ۾ محفلون ٿينديون هيون، جتي مون کي دعوت ڏيندا هوا. هڪ ڏينهن ڀلاڻي جي اولهه ۾ منهنَ هيٺ ڳاتم، پيا به ڳائڻا هوا، ”حڪم حسينڻ مڃي ڪربلا ڏي ڪاهي ويو“ ڪلام ڳايم. گهڙي ڪن ۾ اهڙو جهڙ ٿي ويو، مينهن ڏاڍو وسيو. هيءُ هڪ اتفاق هو پر ماڻهو پيا چون ته قاضي اڄ اهڙو ڳايو جو مينهن وسڻ لڳو، بس هي چار سال ائين گذريا.

محرم ۾ وري ماتم ۾ شريڪ ٿيندو هوس، اوسارا مون جهڙا ڪير پڙهي، وري مرثيا ته اهڙا پڙهندو هوس، ماڻهو روئي روئي دانهون ڪندا هوا. سڄي ساهتيءَ ۾ مشهور ٿي ويس. ڀلاڻي ۽ هالاڻي ۾ ماتم جي ڏينهن ۾ ڪارا ڪپڙا، پير اگهاڙا، مٿو اگهاڙو، مرثين جا ڪتاب هٿن ۾، نغارو به سٺو وڄائيندو هوس. دهل ۽ شرناءِ وڄندي ۽ مان

ڏئنڪا نغارن تي هڻندس. امڙ جيجل سخت پريشان ٿيندي هئي ته کهڙن جو اولاد مان ڇا پيو ڪريان. البت گهر ۾ ويهي جڏهن امام حسين ۽ سندس عزيزن ۽ ٻچن جي مصيبتن جو ذڪر ڪندو هوس ته پوءِ سڀ گڏجي روئندا هواسين.

هڪ ڏينهن داين جي پڌر ۾ پڙ ڪري اچي ويناسين. منهنجي پرسان مون وارو دوست شاهه صاحب زميندار به وينو هو. مان مرثين پڙهڻ ۾ ايڏو ته محو هوس ۽ اکين مان پاڻي پئي وهيو ته اوچتو منهنجي پيرن ۾ اچي نڪر جو ٺڪر ڪريو ۽ ڏسان ته شاهه صاحب جي پرسان ڪيتريون جنبون پيون هيون، مٿي ڪونن تي مايون ويٺيون هيون. نظرن جي پاڻ ۾ ويڙهه هئي. بس انهيءَ ڏينهن کان پوءِ هن ڪم کي هميشه لاءِ خيرآباد ڪري ڇڏيم.

انهن ڏينهن ۾ هڪ پير صاحب جو مون جيڏو ڇوڪرو راڻيپور وارن پيرن مان هالاڻي جي خليفن وٽ مهمان ٿي آيو. اتي خليفن وٽ به ڪچهريون ڪندا هواسين. خليفه محمد عثمان، رٽائرڊ روينيو ڪلارڪ هو، اهو گهڻو وڻائيندو هو. ڏسان ته سڀ تڏي تي ويٺا آهن ۽ سهڻو ڇوڪرو کٽ تي ويٺو آهي. مان اندر ڪوٺي ۾ گهڙي ڪرسي کڻي اچي پير صاحب جي سامهون وينس پوءِ ته سڀ چڙي ويا. پير ڇوڪري جو به منهن ڦري ويو. اهي ڪم نٺڌي هوندي کان ڪندو هوس.

آخر چوٿون درجو انگريزي پاس ڪيم. ويچاري مسٽر هولارام جي مهرباني، ڳائيندو هوس، انهيءَ ڪري مهرباني ڪري پاس جو سرٽيفڪيٽ ڏنائين. نوشهرو مدرسه هڪڙو اسڪول هو. جتي پڙهي سگهيس ٿي. غريب ماڻهو خرچ ڪيڏانهن اچي، منڙين مائن وٽ ته ڪجهه به ڪين هو. زمين جي پئدا سو پيٽ لاءِ مس پوري هئي، هاڻي ته چار پائر ۽ هڪ امڙ تن سيني جو پيٽ پرڻو هو.

آخر وري به ميان غلام رسول شاهه ڏي وڃڻو پيو. شاهه صاحب نواب شاهه ڊويزن جو انسپيڪٽر هو. نواب شاهه هيڊ ڪوارٽر هوس. وٽس ويس ڪمال شاهه اتي وينو هو. انهيءَ کي چيائين ته ميان مراد علي شاهه کي ڇٺي مون کي فري بورڊي وني ڏي. پاڻ خانبهادر گل

محمد رند کي بہ چيائين. خان بهادر گل محمد رند، خان صاحب ميان مراد علي شاهہ مون کي خان بهادر جي اين قاضيءَ وٽ وٺي هليا. هو صاحب نوشهره مدرسہ جو پرنسپال هو. مون کي فري بورڊي بہ ملي، بورڊنگ هائوس ۾ جڳهہ بہ ملي. منهنجي اتي سيني شاگردن سان واقفيت ٿي، ٿوري وقت ۾ راڳ جي ڪري ڇوڪرن ۽ ماسترن ۾ واقفيت وڌي. غلام رسول خان هاٺوڪي جتوئي صاحب چيف منسٽر جو پيءُ، رئيس ولي محمد خان ڪيڙو منهنجا ڪلاسي هوا. جي ايم شيخ جو هاٽي سروس ڪميشن جو چيئرمين آهي، اهو تاج محمد، محمد مغل، غلام محمد، ٻڌل، ريوو خانچند جو اڃا تائين هالاٽي واري مندر ۾ رهندو آهي، نازو، ڪنگو ۽ ٻيا ڪيترا ڪلاسي هوا. ان وقت اسڪول ۾ قاضي غلام نبي پرنسپال مسٽر نهچل داس سکرامر هنگوراٽي سائنس ٽيچر، مسٽر گل محمد ڊرائنگ ٽيچر، قاضي امام بخش پرشن ٽيچر، مسٽر گوبند رام، مسٽر سيال، مسٽر محمد حسن، مسٽر عبدالخالق، مسٽر ڪريم ڏنو ۽ ٻيا ماستر هوا. آخوند ڪريم بخش قرآن شريف جو سبق ڏيندو هو، هيڊ ڪلرڪ يونس هوندو هو.

هت مون کي ٽئين حال نمبر ٻئي ۾جاءِ ملي. اسانجو هائوس مانيٽر الهڏنو ميربحر شاگرد هوندو هو، غلام محمد لاڙڪ سندس دوست هوندو هو ۽ راندين جو ڪيپٽن هوندو هو. هن اسڪول جي ماحول ۾ ٺهي ويس.

ڪلاس ۾ ماستر شمبومل واسواڻي، رتيديري لاڙڪاڻي جو رهاڪو هو، ڪيس هڪ پٽ هو، جنهن کي موتي سڏيندو هو. ماستر صاحب نهايت لائق، محنتي، هوشيار ۽ همدرد هوندو هو. منهنجي امڙ ۽ ڪن ٻين جزوي استادن ۽ سڄڻن کان سواءِ هيءُ شخص هو، جنهن منهنجي زندگيءَ کي ناهيو. ڳوٺ وارن اسڪولن ۾ جيئن اڳ ۾ ٻڌائي آيو آهيان تہ پڙهيس ڪونہ رڳو رليس، تنهن ڪري مسٽر شمبومل جو سوال پڇي جواب بس. شيخ غلام مرتضيٰ، غلام رسول خان، قاضي عطا محمد، تاج محمد، عبدالفتاح ميمڻ، محمد صديق ميمڻ ۽ ٻيا هندو ڇوڪرا اٽڪل ٽيهہ ڪن هن ڪلاس ۾ درجو پنجون انگريزي

پڙهندا هواسي، يعني باقي ٻه سال ميٽرڪ لاءِ رهيل هوا. غلام رسول خان، ولي محمد خان، نارو ۽ مان. گهٽ ۾ گهٽ ڇوڪرا هوندا هواسين. ماستر صاحب مسٽر شمبومل ڏاڍو ڪاوڙبو هو ۽ هميشه پوئين بينچ تي بيهاري ڇڏيندو هو، بي عزتي محسوس ڪيم ۽ چيم ته يا ته چڱي طرح پڙهي عزت سان رهبو نه ته وچي پنبو باقي بي عزتي ڪانه سهبي. اونهاري جي ويڪيشن ملي، ڳوٺ ويس، جيجل امان ڪي سڄي ڳالهه ٻڌايم ۽ پڙهڻ ۾ لڳي ويس. ڏاڍي تياري ڪيم. ويڪيشن پوري ڪري جڏهن نوشهري اسڪول ۾ پهتس ۽ پهرين ڏينهن اسڪول کلڻ سان جاميٽري ۽ الجبرا ۾ مرتضيٰ شيخ سان پهرئين نمبر ۾ ٻٽ تي بيٺس. ماستر صاحب حيرت ۾ پئجي ويو، منهنجي ڏاڍي ساراهه ڪيائين ۽ همت افزائي ڪيائين. هاڻي پڙهڻ ۾ چڱي ترقي ڪيم، اهڙي طرح ميٿميٽڪس ۾ سنيون مارڪون کٽي، چڱي نمبر ۾ امتحان پاس ڪيم. مسٽر شمبومل هالاڻي ۾ موتي سان گڏ اچي منهنجو مهمان ٿيو. ڪا سٺي جڳهه رهائڻ لاءِ ڪانه هئم. ڀڳل اوطاق ۾ رهيو ۽ موتيءَ کي به پاڻ سان وٺي آيو هو. جيجل ماني تيار ڪري ڏني جا کين کارايم. هي استاد مون کي ڏينهن قيامت تائين ياد رهندو، منهنجي دل ۾ هن لاءِ هميشه عزت ۽ دعا رهندي. ڇهين درجي ۾ مسٽر نهچل داس ڪلاس ماستر ٿيو، تمام هوشيار ماستر هو، تاريخ پڙهائڻ ۽ انگريزي پڙهائڻ جو نهايت قابل استاد هو. سڄي سنڌ ۾ هن جهڙو ڪو مشڪل استاد هوندو. پنجين درجي ۾ هڪ دفعي قاضي صاحب پڙهائڻ لاءِ آيو. مون کي ياد آهي ته "هو هليڊن" تي انگريزي ۾ شعر هو، جو اسان کي سمجهايائين. ڏاڍو سهڻو پڙهايائين. قاضي صاحب بدلي تي ويو، ڪجهه وقت لاءِ مسٽر نهچلداس پرنسپال رهيو پوءِ جلدي عثمان علي انصاري پرنسپال ٿي آيو.

مسٽر نهچل داس ڏاڍو پيارو استاد هو، پڙهائڻ جو عجيب ڍنگ هوندو هوس. هڪ ڏينهن جيئن وات ڦاڙي ڪجهه چوڻ ٿي گهريائين ته وات ۾ مک اچي ويس، ڏکو مڙس هوندو هو وٺي ٻاهر پڳو ۽ مک ٿوڪاري ڦٽي ڪيائين.

سندس وقت ۾ ڇهين درجي ۾ شهريار ڪانٽريڪٽر ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر انسپيڪشن ڪرڻ لاءِ اسڪول ۾ آيو. اسانجي ڪلاس ۾ گهڙي آيو ۽ سوال ڪرڻ لڳو. ياد نہ اٿم، صاحب پڙهائيندي، منهنجي مٿي تي شايد پٽڪو هو، وٺي ان ۾ هٿ وڌائين ۽ لاهي ڪٽي هيٺ ستيائين. مون کي خبر نہ آهي تہ ائين ڇو ڪيائين. ڇهين مان ٻہ ڇڱا نمبر ڪٽي ستين يعني ميٽرڪ ڪلاس ۾ داخل ٿيس.

مسٽر هنگوراڻي سائنس پڙهائيندو هو ۽ ميٽرڪ ۾ حسابي ڪم بہ وٺندو هو. انصاري صاحب انگريزي پڙهائيندو هو. هڪ ڏينهن اوچتو ڪلاس ۾ گهڙي آيو ۽ هڪ دوست کي بہ وٺي آيو. چيائين تہ انگريزي ۾ مضمون لکو . ”هڪ ماءُ جنهن کي مڙس جي پرديس ۾ مرڻ جي خبر پئي آهي ۽ تڏي تي جيئن مڙس تي پئي رنائين تہ ٻاهر سندس ننڍڙو پٽ، ڪنهن حادثي جو شڪار ٿي مري وڃي ٿو. ٻڌايو تہ هن جا ڪهڙا احساسات هوندا ۽ هو ڇا چوندي. اسان سيني مضمون لکيو. مون پهريون نمبر ڪنيو. اهڙي طرح ٽي سال پنهنجي پياري ننڍڙي نوشهري مدرسہ ۾ گذاريم. شايد هي ٽي سوا سال جو سورن ۽ ڏکن ٿوري واند ڪائي ڏني.

بورڊنگ ۾ بہ وقت ڏاڍو سٺو گذريو. هر سال هڪ دفعي پنهنجن هالن کي سينگاريندا هواسين. ٽڪ، گلڪاري، سٺيون چادرون، گلن ۽ رنگارنگي ڪاغذن سان هال ڏاڍا سهڻا سينگاريندا هواسين، پرنسپال پهرين نمبر کي انعام ڏيندو هو. ڊائيننگ هال ڪونہ هوندو هو، نئين ونگ جي ورانڊن ۾ تڏن تي ماني ڪائيندا هواسين. نئين ونگ جي پوئتان بورچيخانو هوندو هو. گڏوگڏ آخوند صاحب جي رهڻ جو ڪمرو هوندو هو. نئين ونگ جي وچ ۾ هڪ ڪمرو هوندو هو، جنهن ۾ قاضي امام بخش ۽ مسٽر علي محمد سيال رهندا هوا. انهيءَ ڪمري کي چوڌاري ورانڊو يا پئسيج هوندو هو، يونس بورچي ٻوڙ جو وڏو ديڳڙو ۽ ماني جو ڍير ڪٽي هن ڪمري جي ٻاهران ڏکڻ اولهہ جي ڪنڊ ۾ ويهندو هو. ٿالهين ۾ ٻوڙ ۽ وچايل ڪپڙي تي ماني نوڪر رکي ويندا

هئا. پوءِ گهڻو وچڙندو هو ۽ سڀ شاگرد اچي ماني کائيندا هواسين. ڪراچيءَ جي مدرسي وانگر وڏ نندائي جا درجا ڪونہ هوندا هئا. غلام رسول خان اسان جي تر ۾ تمام وڏي ماڻهو جو پٽ هو. سندس پيءُ خانبهادر امام بخش جتوئي ڪيس شاهنواز بہ سڏيندو هو. بامبي اسيمبليءَ جو ميمبر هو ۽ اسانجي نوشهره ڊويزن ۾ فقط ڪيس ۽ مراد علي شاهہ کي موٽرون هونديون هيون. انهيءَ هوندي بہ غلام رسول خان اسان سان گڏ ماني کائيندو هو. البت يونس سدس خوشامد ڪندو هو. سندس ٿالهيءَ واري ٻوڙ ۾ مٽان، ديگڙي واري مٿاهون گهہ تاري وجهندو هو. رئيس جي ٿالهي واري ٻوڙ جي ٿوري رونق سٺي هوندي هئي. علي نواز ميمڻ، محمد علي شاهہ جو دوست اسان سان گڏ پڙهندو هو ۽ پوءِ تپيدار ٿيو. گدرن، انبن، نارنگين جي چوريءَ ۾ اسانجو ليڊر هوندو هو، اچي ڪاڻ وقت رئيس جي سامهون ويهندو هو. چوندو هو، ”رئيس مان توسان ماني گڏجي کان.“ رئيس رڄ چڱو ڇوڪرو هوندو هو، چوندو هوس، ”يار! توکي ڪير ٿو منع ڪري“ هو وري اهڙو ڏنگو هوندو هو، جهٽ ڏئي مٺ ۾ مک ڦاسائي ڪٽي ٻوڙ ۾ وجهندو هو. يونس ٻي پليٽ ٺاهي رئيس جي اڳيان رکندو هو. علي نواز رقيبي مان مک ڪڍي گهہ وارو شوروو مزي سان مانيءَ سان کائيندو هو.

ڪيتريون ٻيون عجيب ڳالهيون ٿينديون هيون. هڪ ڏينهن اسپورٽ ڏينهن ملهايوسين. رئيس ٿلهو ڇوڪرو هوندو هو، هاٽي اسپورٽ ۾ چا ٿي ڪري سگهيو. قاضي غلام نبي تقرير ڪئي، چيائين تہ غلام رسول خان، خانبهادر حاجي امام بخش جو پٽ آهي ۽ ضرور وڏو ماڻهو ٿيندو. رئيس ڏاڍو پيارو دوست هو ۽ ملڪيت جي خيال کان وڏي ترقي ڪيائين، سنڌ جو چيف منسٽر سندس پٽ غلام مصطفيٰ جتوئي آهي.

ڇهين ۾ ادو خدا بخش گدارو، جان محمد جتوئي، رئيس جو عزيز بہ اسان سان اچي گڏيا. خدا بخش گدارو الائي ڇو مون کي ڏاڍو

پيار ڪرڻ لڳو، رئندو وتندو هو. مون کي چوندو هو ته هن جي مون سان سچي محبت آهي، مان ڪيس ادو سڏيان. انهيءَ ڪري مان ڪيس ادو سڏيندو هوس، پوءِ هو آبدار تي هالاڻي آيو ته به منهنجي اوطاق ۾ رهندو هو. چڻ گهر جو ڀاتي هو، پراڻي رسم جي ڪري امان جي منهن ڪونه پيو، پر مان امان کي سڏيندو هوس ۽ امان ڪيس پٽ ڪري سمجهندي هئي. منهنجا ڀائر به ڪيس ادو ڪري سمجهندا هوا. هاڻي منهنجي لنڊن وڃڻ کان پوءِ مري ويو. ادي خدا بخش جو گدارن وارو ڳوٺ، رئيس جي ڳوٺ پراڻن جتوئين کان ويجهو هو. غلام رسول خان مون کي ڳوٺ دعوت ڏئي وٺي ويو. منهنجي دعوت اهڙي ڪيائين، جو منجهند جي وقت ڪي اٽڪل 15 يا 20 طعام پچرايائين. سڄي ڪوٺي پراڻي ڳوٺ واري بنگلي جي ڀرجي وئي. رئيس سان سڄي عمر سنگت ۾ گذري وئي. ڏاڍو دل جو ڪشادو هوندو هو، ماني ڪارائڻ جو مڙس ماڻهو پر مان هميشه ڪيس چوندو هوس ته ڀهرين مهمانيءَ جهڙي ماني رئيس وري نه ڪارائي" وري ادو خدا بخش ڳوٺ وٺي ويو. رات جو رئيس موٽر ۾ اتي آيو. پنهن راند ڪئي سين، ماني کاڌي سين، رئيس تڏهن ڇوڪرو هو، اٽڪل 15 يا 16 سالن جو. مسٽر انصاري ڏاڍو منو ماڻهو هو، مون سان ڏاڍو مهربان هو. مون کي هميشه "قاضي" سڏيندو هو. منهنجا تعلقات جنهن جو ذڪر پوءِ به ايندو ساڻس مرڻ تائين رهيا. ولايت کان موٽي آيو، عمر انهيءَ وقت شايد 30 سال هئس. اچڻ سان، اسڪول ۾ انقلاب آڻڻ جي ڪوشش ڪيائين. سڀني ڇوڪرن کي سوٽ نهرائڻ لاءِ چيائين، خاص درزي رکيائين ۽ هڪڙي ڪپڙي جي پئٽرن پسند ڪيائين، سڀني جا سوٽ نهيا ۽ اسين پائي اسڪول ۾ ويندا هواسين. اچي شوق ٿيس ته هڪ پارڪ رکجي، نئين ونگ جي اڳتان پارڪ لڳو. پاڻ به ڪوڏر ڪٽندو هو ۽ اسان به ٽوڪرا ڪٽندا هواسين.

پراڻيون يادگيريون دل کي جهورائي ٿيون وجهن. استاد عثمان علي ڏاڍو سهڻو، هڏڪاٺ جو مضبوط، ڊگهو مڙس ۽ اسپورٽس ۾ به اڳرو. سنڌي رانديون ونجهوٽي، ڪبڊي، چنبو ڏئي ڇڏائڻ ۾ ڏاڍو قابل

هو. ايڪسڪرشن تي ويندا هواسين. قاضي صاحب جو زمانو پيو هو، قاضي صاحب به رج چڱو مڙس هو. هن صاحب سان به مرڻ تائين منهنجو ناتو رهيو. هڪ ڏينهن ائنٽرن شو ۾ مسٽر سڪرام داس هنگوراڻي هڪ سلائيڊ ڏيکاري جنهن ۾ شاهه عبداللطيف جو پينٽنگ ۾ فوٽو ڏيکاريل هو. اسان ڇوڪرن اعتراض ڪيو، شايد ماني ٻاني ڪانه کاڌيسين. صبح جو اسان سڀني شاگردن کي قاضي صاحب پنهنجي بنگلي جي اڳتان ٿلهي تي گهرايو، وڏي آواز ۾ چيائين، "منهنجا ٻچڙئو! مان مورتي پرستي جي خود خلاف آهيان." پيرن هيٺان اها سلائيڊ رکي پچي ڇڏيائين.

استاد انصاري مسجد ۾ به ايندو هو ۽ جمع جي نماز پڙهندو هو. مان مولود ڳائيندو هوس ۽ مون سان گڏجي هڪ پليٽ ۾ مٺائي کائيندو هو.

آخوند صاحب به اسانجو عجيب ماڻهو هوندو هو. سندس نالو ڪريم بخش هو. اصل چون ٿا بورچي هو، پر علم سان ڏاڍو شوق هوس، خاص ديني علم سان، عربي ۽ پارسيءَ سان. خطبو پاڻ پڙهندو هو ۽ نماز به پڙهائيندو هو. قاضي غلام حسين خانواهڻ وارو ڏاڍو حرڪتي ڇوڪرو هوندو هو. آخوند صاحب کي چيڙائيندو هو. آخوند صاحب پڳ لاهي تڪڻ ڪدي، آخوند صاحب گنجو هو. ڇوڪرن کي قرآن شريف جو سبق ڏيندو هو. غلام حسين لڪي لڪي، پوئتان اچي آخوند صاهب کي تڪڻ تي ٺونگو هڻي ڀڄي ويندو هو. آخوند صاحب جون پوءِ ڪير ويهي گاريون ٻڌي، ڪڇيون نه پر پڪيون.

هڪ ڏينهن آخوند صاحب توم تراڪ سان جمع جو خطبو شروع ڪيو. سڀ شاگرد ماستر اڳتان صفون ٻڌي ويٺا هوا. اوچتو غلام حسين اٿي آخوند کي چيڙائڻ لاءِ چيو.

"اهو خدا ڪهڙو آهي! جنهن جو نالو وٺي مٺوئي ڪائي ويو آهين؟"

بس غلام حسين جا هي لفظ چوڻ پوءِ ته آخوند صاحب جوش

۾ اچي ويو ڳڻ پئي وهيس. ڏاڍي آواز سان چيائين، ”ڪتي جا پٽ! خدا اهو آهي جنهن ماڻهي جي نيڊڙ.....مان تو هيڏي ساري ڪي ڪڍي، توکي هيڏو ڪيو آهي!“

عجيب حالت ٿي وئي. سڀ چپ ٿي ويا. ٿورو وقت رکي آخوند صاحب خطبو وري شروع ڪيو. رب منهنجي جي عجيب قدرت آهي. ٻاراڻي زندگي ڪيئن گذري وئي. پنجين درجي ۾ سخت بيمار ٿي پيس، مرٽينگ هوس، بورڊنگ هائوس پيو هوس. غربت به هڪ وڏو مرض آهي، جيجل امڙ کي ڪنهن طرح خبر پئجي وئي گهر ۾ ڏوڪڙ ڪونه هو، پنهنجا زيور ڳهه رکيائين. هالاڻي ۾ موٽرون هلنديون هيون. ڇهامن داس ميڙيمل جو پٽ، واچن ۽ موٽرن جو هوشيار مستري هو. وٽس به فورڊ موٽرون هونديون هيون. رستا ڪچا هوا، اجا پڪا ڪونه ٿيا هوا. 5 يا 10 روپيا ڀاڙو خرچ ڪري، نورل جو سندس ماروٽ هو ۽ جنهن کي اسين مامو سڏيندا آهيون. انهيءَ کي موٽر ۾ نوشهرو موڪليائين. مون کي ڳوٺ ڪٺي آيا. جيجل امڙ در تي انتظار ۾ بيٺي هئي. مون کي ڏسي رڙ ڪري ڀاڪر وجهي چنبڙي وئي. ٻيون مائر به اچي مٿان بيٺيون. منهنجي جيجل ماسي پير صاحب جي گهرواري به برقعو پائي پڄندي آئي. خير گهڻي علاج کان پوءِ بيماريءَ مان ڇڙهيس.

مدرسي ۾ ڇايون به ڪندا هواسين. ڪنڊياري جي اسڪول ۾ عبدالله نالي هڪ ڇوڪرو نوشهرو پڙهڻ لاءِ آيو هو، اڄان تائين جيئرو آهي ۽ جڏهن به مون کي ملندو آهي ته ڪلي پراڻي ڳالهه ڪيس ياد ڏياريندو آهيان. تاج محمد منهنجو ڪلاسي به هو ۽ دل وارو يار به هو، هو هاڻي مري ويو آهي. مون کي چيائين ته، ”عبدالله تو مون سان ڪونئسي، هاڻي انهي کي ڪيئن ڦريون.“ اسڪيم ناهي سين. مون عبدالله کي چيو ته تاج محمد کي عادت آهي، پوءِ ته عبدالله کي ٿي پڪ. ڪڏهن حلوو وٺي اچي، ڪڏهن کير پيڙا، ڪڏهن هيءَ شيءِ، ڪڏهن هوءَ شيءِ. ڏاڍو ويچاري خرچ ڪيو. جڏهن به تاج محمد جي ٻه سان ويهي کيچل ڪري، تاج محمد موڙو ڏئي چئيس، ”ماڻهو نه

ڏسي ونن.“ بس ائين ڪندي عبدالله جي ٻيڙي ٻوڙي ڇڏيائين.

تاج محمد مون سان گڏ ساڳي هال ۾ رهندو هو. منهنجي جيڪا به شيءِ ايندي هئي يا وني ايندو هوس سا مان به کائيندو هوس، ته تاج محمد، بدل ۾ ٻين ڇوڪرن کي به کارائيندو هوس. تاج محمد هڪ ڏينهن دٻو بادامين جي مٺائي جي نرم مائي جو ڀري آيو. ٻهرئين ڏينهن مون کي ذرو ڪڍي ڏنائين. انهيءَ کان پوءِ صبح جو لڪي لڪي کائيندو هو، وري دٻو بند ڪري پيتيءَ ۾ ڪنجي هٽي ڪلف بند ڪري ڇڏيندو هو. مون کي ڏاڍو ويچار ٿي پيو. ڇا ڪيم جو هن جي پيتيءَ جي ڪلف جي ڪنجي هٿ ڪيم. مان به هن جي شيءِ جڏهن هو راند تي ويندو هو ته لڪي لڪي کائيندو هوس. چوري لڪائڻ لاءِ مٺائي ڪڍي کائي، دٻي ۾ ننڪريون وجهي، وري انهيءَ ليول تي مٺائي بيهاري ڇڏيندو هوس. اهڙي طرح روز ڪندو هوس. آخر ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ جيئن تاج دٻو کولي مٺائي ڪڍڻ لڳو ته دٻي جو اڌ واري ليول تي پهتل هو. اميد هئس، اجا هفتو کن مٺائي جو مزو وٺندو، ڪٿي جو کولي ۽ جڏهن مٺائي ڪڍڻ لڳو ته ٿوري ذري ڪڍڻ کان پوءِ ننڪريون هٿ کي لڳس. ونني دانهون ڪيائين، ”ڪهڙو ڪير منهنجي مٺائي ڪٺي ويو!!“ بس پوءِ تاج محمد جي ڪو شڪل ڏسي ها.

ادي خدابخش جي ته اڳي ڳالهه ڪري آيو آهيان. هو ويچارو منهنجي ڏاڍي سنڀال ڪندو هو، جيڪا به شيءِ شڪل ايندي هئس ته مون وٽ ڪٺي ايندو هو. رئيس غلام رسول کي ڏار ڪوٺي هئي. ولي محمد خان سائس گڏ رهندو هو. پاڻ ۾ عزيز هوا. ادي خدا بخش کي ڏاڍو چيڙيندو هو. ميٽرڪ ۾ هواسين، اسان کي ڪوٺيون مليون. هال ڇڏي آياسين. مسجد جي اوپر ۾ پراڻي ونگ ۾ ڪوٺين جو جوڙو هوندو هو ۽ اجا آهي. هيءَ ونگ گولائين آهي. اولهه کان اتر، اتر کان اوپر. گول چڪرو آهي، به ڏار ڪمرا اولهه ۾ ۽ به ڏار ڪمرا ڏکڻ ۾ آهن. اتر ۾ گڏ ٿي هال آهن، جن جي وچ ۾ هڪ ڪمرو آهي. محمد صديق ۽ مان هڪڙي ڪمري ۾ رهندا هواسين. اسانجي ڪمري جي پرسان ٻئي

لڳولڳ ڪمري ۾ غلام محمد لغاري ۽ غلام محمد بلوچ اسانجا ڪلاسي رهندا هوا. وراڻدو هڪڙو هوندو هو.

اهڙي اچي ڳالهه شروع ٿي، رات جو سمهان ۽ صبح جو اٿان، ڪنئرو پاٽي جو پريل پيرن ڪان پيو آهي، ڪٽ ڇڪي پئي آهي، ڪٽ ٻه ڪو ٻاهر رکي ٿو وڃي، وقت سر منائي ٻه مٿن ڪان پئي آهي. چيم هڪ عاشق ادو خدا بخش آهي. هي الائي ڪنهن جا ڪم آهن.

ادي خدا بخش ڪان پڇيم ته هي سندس ته مهربانيون ڪونهن، هن بي خبري ڏيکاري. محمد صديق کي چيم، "يار! جن ته ڪونه ٿا اچن" هو ٻه اچرج ۾ پئجي ويو. اسان سڀ مئٽرڪ جا شاگرد چڱا عمر جا وڏا جوان، خير اهو ڏنڊو مهينو ڪن هلندو رهيو. هڪڙيءَ رات اڌ رات ڌاري ننڊ مان جاڳي پيس، ڏسان ته هڪ ڪٽ منهنجي ڪٽ سان پرسان پئي آهي، وراڻدي ۾، ٽڌن ساهن جو نڪاءُ لڳو پيو آهي، "هاءِ! هاءِ!" ڪٽي جو ڏسان ته غلام محمد بلوچ. چيم ته هيءَ سڄي ڪمائي هن غريب پئي ڪئي. خير محمد صديق سان ڳالهه ڪيم، پوءِ همراهه پري ٿي ويو.

اسانجي اسڪول ۾ ٻه ٽي ڇوڪرا ڏاڍا سهڻا هوندا هئا. جن مان انصاري صاحب جو سالو شيخو، جنهن جو اصل نالو صادق علي هو، هيءُ خيرپور رياست جي وڏي وزير صادق علي جو پوٽو هو. هيءُ اصل يوپيءَ جا هوا. وڏي صادق علي جي وزارت ڪان پوءِ هت اچي ويٺا هوا. ٻيو سهڻو ڪنرو واٽيو اسانجو ڪلاسي، ٽيون سهڻو هو عثمان، ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ جو پٽ، چوٿون سمنپال، شڪارپوري هندو ڊاڪٽر جو پٽ. خير هي نالي وارا سهڻا هوا. پر شيخو جو ڪو مٽ ڪونه هو. منهنجا ٻه دوست جن جا نالا ڪونه ٿو وٺان پر ٻئي ميمڻ، هڪ موري تعلقي جو ته ٻيو ڪنڊياري تعلقي جو. بس شيخوءَ لاءِ مرندا هوا مرندا. موري وارو عاشق ڏکو ڳئرو ۽ مضبوط ماڻهو. مگر عشق اهڙو سوڙهو ڪيو هوس، جو چڻ ته ڪو ديوانو ماڻهو هجي ۽ ٻيو منهنجو دوست سو قد جو بندرو پر مضبوط ۽ هوشيار عاشق هو.

هڪ رات جو، موري وارو عاشق جيئن پراڻي ونگ جي اوپر واري ڪمري ۾ سمهيو پيو هو. رات اونداهي هئي ته اوچتو ڏٺائين ته هڪڙي ڪاري بلا سندس ڪمري ۾ گهڙي آئي آهي، هن کي هڪ ايڏو وڏو اکڙو هٿ ۾ آهي، جنهن جي چوٽي آسمان سان پئي لڳي. اها ڪڏهن سندس منهن تائين اچيو رسي وري ڪچيو وڃي. جيئن ويجهو اچي ته بلا وني اهڙي ڪوڪ ڪري جو هيانءُ لوڙهي ڇڏي. موري واري يار جو سر به لٺ سان هيٺ ۽ مٿي پيو ٿئي. آخر خوف کان ڪٺي لٺ ۾ هٿ وڌائين، بلا رڙ ڪري لٺ هن جي هٿ ۾ ڇڏي وني ڀڳي، ڇوڪرا سڀ اٿي آيا، بتيون ٻري ويون، ڏسن ڀڇندا ڀولڙي جهڙا پير. پرواري مقام ۾ گم ٿي ويا، رات جو وڃي انصاري صاحب کي اٿاريائون. هو يار ته جن ڀوتن ۾ اعتبار ڪونه ڪندو هو، شڪارپوري لهجو ڳالهائيندو هو.

"چورا! چريا! ڀجو هتان ڪمبخت ڇا ڇا جن؟" پر موري وارو دوست سو ڏڪي به پيو ۽ چوي به پيو. "سائين جن هو! سائين ڪا بلا هئي." خير انصاري صاحب بندوق کنئي، رات جو پيرا ڪنيائون، چيائين ڇورا ڪوڙا آهيو.

"اڙي! صبح جو فيصلو ٿيندو" پئي ڏينهن صبح جو سيني ڇوڪرن کي سڌي قطار ۾ بيهارياائين ۽ چيائين، "ڏسان ته اهو مڙس ماڻهو، جنهن هيءُ رنگ ڪيو آهي. بهادر آهي ته نڪري اچي، ڪا به سزا ڪانه ڏبي."

بس ٿوري دير ڪان پوءِ مون وارو ڪنڌياري وارو دوست نڪري ٻاهر ٿيو، سڀ کو حيران ٿي ويو. هيءُ اڳ ۾ به ڇوڪرن کي ڊيڄاريندو هو پر ڪنهن کي به خبر ڪانه هئي. اهي ۽ ڪئين ٻيون ڳالهيون ٿي ويون، مسافري جاري رهي.

انهيءَ عرصي ۾ منهنجي راڳ سان دل هلندي رهي. ويساکيءَ جي ميلي تي اهيئي دوست، ماڻهن جون مهمانيون، نيون نيون پارٽيون ۽ ڪچهريون، ڳوٺ به ويندو هوس، مڪانن ۾ راڳ ۾ به شريڪ ٿيندو

هوس. ساڳيا پراڻا دوست اچي گڏبا هوا. ويساکيءَ جي ميلي تي، پڳت، ناچو، نچٽيون، چڪلي واريون، ملهہ، راڳيندڙ، ڳنڍي ڇوڙ هر قسم جا ماڻهو اچي گڏ ٿيندا هوا. منهنجي سيني سان دوستي، چڪلي واريون سڀ اچي ميان سوپاري شاهہ جي بنگلي ۾ حاضر ٿينديون هيون. مان انهيءَ ڪچهري جو مشهور ميمبر هوس ۽ ويتر جو ڳائيندو هوس تنهن ڪري سيني سان خوش خوش جو رستو هوندو هو. بعض بعض تہ مون کي پنهنجي پکن جي اڳتان موڙو وجهي ڏينديون هيون ۽ چونديون هيون تہ فلاڻو ڪلام جيڪو بنگلي ۾ چيو هوم سو کين ٻڌايان. انهيءَ زماني ۾ الهڏنو نوناري سنڌي گويو واقف ٿيم ۽ ڪجهہ وقت کان پوءِ مان هن کي اِستاد پڻ ورتو.

ساڳي وقت هالاڻي وارن ڪانگريسي دوستن سان بہ سڪ قائم رهي. گانڌيجي نوشهرو اچڻو هو، هن جي آمد تنهن لاءِ خوب تياريون ٿيون. آخر گانڌيجي آيو، مان بہ اسٽيج تي وڃي وينس ۽ ڪيس تمام ويجهو ڏٺم، وري سائمن ڪميشن آئي، نوشهري وارا ڪانگريسي دوست، ٻيءَ ڏينهن اسٽيشن تي آيا، اتي مان ساڻن گڏجي خوب نعرا هنيا ”سائمن گوئڪ!“ گاڏي اسانجي سامهون لنگهي وڃي آڏي رات جو پليٽ فارم تي بيٺي. اسانجي نعرن جي بہ ڌم مچي وئي. ٻئي ڏينهن تي مدرسہ ۾ پوليس آئي، اسان کي جهلڻ لاءِ، پر اسانجو استاد انصاري صاحب بہ دلبر هو، تنهن چيو تہ، ”منهنجا ڇوڪر ڪونہ هوا“ اسانکي لڪائي ڇڏيائين ۽ ٻين ڇوڪرن جي قطار نہرائي ڏيکاريائين. پوليس کنهن کي بہ سڃاڻي نہ سگهي.

استاد اسان جو ولايت مان ٿي آيو هو، آزاديءَ جو عاشق هو. انصاري صاحب اسانکي ڪلاس پڙهائيندي چوندو هو تہ صبح جو جڏهن هنڌ مان اٿو تہ پهريائين اهو ورد ڪيو، ”اندڊيا ازفري!“ ”انڊئا ازفري“ يعني ”هندوستان آزاد.“

انهن ڏينهن ميان غلام رسول شاهہ تنڌي ڄام مان ٻي شادي ڪئي، مون کي بہ دعوت نامون مليو. نوشهري مان سڌو تنڌي ڄام

ويس. پوليس وارن جو ڪمرو رهڻ لاءِ مليم. سندس ڪوارٽر منهنجي ڪمري جي لڳ هو. سانس مليس ڏاڍو خوش ٿيو. نهال فقير به اتي آيو. دهلي مان زيبن جان گهرائي وئي هئي. رات جو ڏاڍي عاليشان محفل هئي.

ٿوري عرصي کان پوءِ مدد علي شاهه منهنجي پياري ڀاءُ جي شادي ٿي، هيءُ صاحب پاڪستان ٿيڻ کان پوءِ ڊپٽي ڪمشنر رهيو. ميرپورخاص وياسين ۽ ڪيس پرڻائي آياسين.

اهڙي طرح سان نوشهري واري مسافري پوري ٿيڻ لڳي. حيدرآباد امتحان جو سينٽر هو، اسين اٽڪل 20 - 30 نوشهره مدرسه جا شاگرد هواسين. انصاري صاحب اسانجي رهڻ جو بندوبست غلام رسول ڀرڳڙي جي بنگلي ۾ ڪيو. جيستائين امتحان هليو. ڀرڳڙي صاحب اسان کي ماني کارائيندو هو.

نوشهري ۾ هڪڙي ڏينهن اوچتو ڪنور ڀڳت آيو. سڄي ملڪ ۾ ڪنوڻ جان خبر پئي وئي، فقير هميشه اسر جو ڳائيندو هو، پر هن ڏينهن ته ٻهري جو ڀڳت مقرر ٿي. مسٽر شمبومل چيو ته ڀڳت سنڌ جي نائيٽينگل آهي. پوءِ سيني شاگردن سان ڀڳت وچي ٻڌيسون. واه جي ڀڳت لڳي، اڳ ۾ به خانواهڻ ۽ هالاڻيءَ ۾ چڱيون ٻڌيون هئم. هيءُ آخري ڀڳت هئي جا مان ٻڌي.

آخر امتحان لاءِ اچي حيدرآباد پهتاسين. امتحان ۾ وينس، پيپر چڱا ٿيا. الجبرا جو پيپر سڄو پورو ڪري، سڄي هال مان پهريون شاگرد هوس، جنهن سيني کان اڳ ۾ پيپر ڏنو.

جڏهن امتحان پورو ٿيو ته خبر نه آهي ڇو ميرپورخاص هليو ويس، اتان رات جو موٽيس ته جنهن گاڏي ۾ چڙهيس، ان ۾ ٻيو به هڪ سهڻو ڇوڪرو چڙهيو. گولي حيدرآباد واري ڏاڍي سهڻي هئي. ننڍڙي هوندي چوندو هوس ته ڏٺي مون کي اهڙي ڪنوار ڏجانءِ، ڪنوار ته اجان پري هئي، پر هيءُ منهن گوليءَ جي منهن جهڙو سهڻو لڳم، دل ۾ چيم ته هن سان ڪيئن ڳالهايان. آخر خلق ته ڏاڍي هئي،

ڏکي ڏوٽي وچي پرسان وينومانس. اڳ ۾ به هن يار کي ڏٺو هوم، دل چاهيندي هئي ته هن سان ڳالهايان. اڄ ته اڪيلو ملي ويو. ديرئي ڪانه ٿي، مون کي ڏسي ڪلڻ لڳو. مان به ڏاڍو خوشي ۾ پئجي ويس. ڪٿي ڳراٽڙي وڌائين. چيومانس ڪيتري وقت کان توسان ڳالهائڻ لاءِ پئي سڪيس چيائين ته ساڻس به ساڳي حالت هئي. پئي اهڙا ته ملي وياسين، هو عاشق مان معشوق، جي مان عاشق ته هو معشوق وچي ٿيا خير. هيءُ هئو ميمڻ عزيزالله جو پوءِ سٽي مئجسٽريٽ به ٿيو ۽ محمد سليمان جو پٽ منهنجو پيارو پائن جهڙو دوست هو. تنهن جو وڏو پاءُ هو. دليون اسانجون صفا هيون، مگر محبت ايڏي دل ۾ هئي جو هڪ ٻئي کي ڇڏي نه پيا سگهون. مون کي هڪڙي جڳهه تي وني هليو، اتي سندس معشوق علوي محمد علي چوڪرو لتل هو، پوءِ ٽئي ڄڻا پاسيرا ٿي هڪڙي کٽ تي سمهي پياسين. سڄي رات جاڳياسين. بس پوءِ ته عزيز الله منهنجي دل جو دلبر بنجي پيو. جيستائين عزيز الله جو خط نه اچي ته بيمار ٿي پوان، روز وچي هالاڻي واري پوسٽ آفيس وٽ ويهان. سڄي ڳوٺ جا ماڻهو اچي گڏ ٿيندا هوا. من پوسٽ مين منهنجو نالو ڪٽي، جيڏهن چوندو هو، ”قاضي فيض محمد پٽ قاضي نبي بخش شاگرد“

”اڇهو! اڇهو بينو آهيان“ پڇي وچي خط وٺندو هوس. پر جي وري اکر عزيز الله جا ڏسندو هوس ته نيڻ نري پوندا هئا. وني پڇندو هوس، گهڻيءَ ۾ ڪولي ڏسندو هوس ته ڇا لکيو اٿائين.

”پيارا پائيڙا! تنهنجو تمام پيارو ڪزن“

ڪيڏيون محبتون، ڪيڏيون دليون، هالاڻيءَ مان پڇي وچي ڪنڊياري سندس مهمان ٿيندو هوس. سڄيون راتيون گڏ سمهيا پيا هونداسين، چاچو عبدالمجيد سندس پيءُ اسان کي گڏ سمهندو ڏسندو هو پر ڪڏهن به منهن نه گهنجايائين، هن کي خبر هئي ته اسانجي سچي محبت هئي. مونکي اهڙو پيار ڪندو هو جهڙو ڪزن ۽ سليمان کي. کهڙا ماڻهو، کهڙا ڏينهن، ڪزن ۽ منهنجي سندس مرڻ تائين محبت

رهندي آئي.

خير مئٽرڪ جو امتحان پورو ٿيو. سڄي شهر مان مون کان سواءِ فقط چار مئٽريڪوليٽ هوا. هڪڙو غلام محمد شاهه، مدد علي شاهه، منهنجي گهر جي لڳولڳ رهندڙ. ٽيون قاضي احمد علي، چوٿون ميان فيض محمد ميمڻ جو اڳتي هلي منهنجو سهرو ٿيو.

دل پئي ٽپا ڪائيندي هئي ته شل مان هالاڻي ۾ مسلمانن ۾ پنجون مئٽريڪيوليٽ ٿيان. امڙ جيجل ۽ بيون روز دعائون گهرنديون ته ابو پاس ٿيندو، نوڪري وٺندو، اسانجي غريبي ختم ٿيندي. هالاڻي جا هندو ته گهڻائي مئٽروڪيوليٽ، گريجوئيٽ، ڊاڪٽر، وڪيل هوا.

آخر رزلٽ نڪتي، مان مئٽرڪ ۾ بامبي يونيورسٽيءَ مان پاس ٿيس، غربت هئي روزگار لاءِ ڪوشش ڪجي، جيتوڻيڪ ننڍي هوندي سڪ هوندي هئم ته انجنيئر ٿيان يا وري اسڪولن جو انسپيڪٽر ٿيان. انهن ٻنهي عهدن لاءِ گريجوئيٽ ٿيڻ ضروري هو.

خير فيصلو ڪيوسين ته ميان غلام رسول شاهه وٽ ميرپورخاص وڃان ۽ ڪيس چوان ته صوبيداري ۾ ڪٽائي، خير سان ٽپڙ ٻڌي ميرپورخاص پهتس، وٽس مهمان ٿيس، اهوئي ميان ڪمال شاهه به اتي هجي، منهنجو سڄڻ سهٽل سائين مهين جا مهينا مان وٽس ٽڪيو پيو هوندو هوس. ڪڏهن نه ڪرڪيو. ميان ڪمال شاهه کي چوڻ هوندو هو ته جيئن مان خوش رهان. صوبيداريءَ لاءِ چيائين ته ذرا ڏکي ڳالهه آهي. مان ميرپورخاص جي ڪليڪٽر کي سڌي طرح به درخواست ڏئي آيو هوس. منهنجو پيو نوشهره ۾ هم ڪلاسي، سنڌي، پنجابي، ڪلاسي تنهن به درخواست ڪئي.

شاهه صاحب مون کي شيخ محمد بخش، جو ان وقت ڊپٽي ڪليڪٽر هو، لاءِ چٺي ڏني، ڊگهڙي ۾ جتي هو گشت ۾ هو، ساڻس مليس، ڪيس چٺي ڏنم، تمام سهٺو پيش آيو، مگر بروقت مدد ڪري نه سگهيو.

وري هڪڙي رات پير غلام مجدد اچي ميرپورخاص اسٽيشن

تي لتو. ميان ڪمال شاهه ماني تيار ڪرائي مون کي نوڪرن سان گڏ ماني کٽائي وڃڻ لاءِ چيو ۽ چيائين تہ پير صاحب تمام هلندي پڄنديءَ وارو ماڻهو آهي. نوڪري لاءِ انهي جي معرفت ڪوشش ڪنداسين. پير صاحب کي ماني بہ کارائيسين ۽ ڪچهري بہ ڪئي سين. پليٽ فارم تي ماني کائي چڪر بہ ڏناسين، موٽي بنگلي تي ويس، شايد مهينو کن رهيس مگر نوڪري ڪانہ پئي ملي. هڪ ڏينهن بنا ڪنهن چوڻ چوائڻ جي ڪليڪٽر ميرپورخاص واري جو آرڊر اچي پهتو ۽ مون کي ساماري تعلقي ۾ مختيارڪار جي آفيس ۾ ڪلارڪ ڪري مقرر ڪيو ويو. سهٽل سائين کي ڳالهه ٻڌايم ڏاڍو خوش ٿيو. جيمس آباد اسٽيشن تان لهي، بس ۾ ساماري وڃي پهتس، منهنجي حيرت جي حد نہ رهي. ڏسان ميان سچيڏنو ڪنڊياري وارو ڪزن جو سوٽ مختيارڪار جي آفيس ۾ حاضر منشي آهي. مختيارڪار مسٽر ڇاڳو مل هو، سچيڏني جي هلندي ڇا چئجي، ڄڻ تہ تعلقہ جو مختيارڪار پاڻ هو. مون کي وٺي وڃي پاڻ سان گڏ رهاياڻين.

ساماري مان هالاڻي جا منهنجي پاڙي وارا هندو پريداس ۽ سندس پٽ بہ اتي هوا. ڀائو سچيڏنو ڏاڍو خوش ٿيو. مون کي چيائين تہ شوق ڪري ڪم سک ـ ها ير پاس ڪر ٻن ٽن سالن ۾ مختيارڪار ٿي ويندين، ٿئي بہ ائين ها. منهنجا بہ ڪلاسي غلام محمد سومرو خيرپور مدرسي وارو ۽ دين محمد نوشهري وارو، جي ٻئي مون سان گڏ ڪلارڪ مقرر ٿيا، ٻن چئن سالن ۾ مختيارڪار ٿي ويا. دفتر جو ڪم مون کي ڏنو ويو. ڇاڳو مل ڀائو سچيڏني جي ڪري ڏاڍو مهربان هو. رشوت رڱي ڪان پاسو ڪيم، صبح جو اٺي مصري رات جي پسايل پيئندو هوس. هڪ بہ ميل پنڌ ڪندو هوس، مورا ساٿ ۾ هوندا هوا، پيا رستن تي نچندا ۽ ٽپندا هوا. اپريل جو مهينو هو، ڏاڍي ساوڪ هئي پوءِ اچي مينهن پيا، ايڏا مينهن پيا جو اسان اوطاق ۾ بورچي ڇڏيو، سمهڻ ويهڻ جو بندوبست مختيارڪار جي آفيس ۾ ڪيوسين. ڏاڍو

سنو وقت پئي گذريو پر پنهنجي عادت ۽ عادت کان مجبور هڪ هنڌ آرام ڪيئن اچي؟ چا مختيارڪار يا ڊپٽي ڪليڪٽر ٿي مري وڃجي. دل چيو ته ٻڌ ٽيڙ هل ته هلئون، مٿي پڙهڻ، ترسيس ئي نه. نڪا موڪل ورتم. بس دل اهڙو اچي ڪنيو ته استعيفا ڏي پر هينئر ته سيائي پيو ڏينهن ٽئي. پائو سچيڏنو سمجهائڻ تي، مجال آ جو مان هوڏ تان لهان. هوڏ نه ڪيان ها ته اڄ هت جيلن جي بند خانن ۾ پرديسي فقير ٿي ڪيئن ڦران هان.

الائي ڪيئن ۽ ڪيترو جلد جند ڇڏائي اچي حيدرآباد پهتس. سڌو ڳوٺ روانو ٿي ويس. منهنجي منڙي امڙ! سندس قربن جون کهڙيون ڳالهيون ڪيان. چيائين ته ابا اسان ته سمجهيو ته اسانجي ڏکن جا ڏينهن پورا ٿيا، ابو مختيارڪار ٿيندو، ساڳيو پنهنجي وڏڙن وارو مان مرتبو ماٺيندو،پر ابا تون سواءِ صلاح جو اتان هليو آيو آهين. تنهنجي مرضي! فيض ڏاڍو ڏنگو آن! مان امان کان موڪلائي، خان صاحب مرزا فرخ بيگ وٽ لنگهي ويس. ڪنهن جي سفارش ڪانه ڪنيم، هو ان وقت لوڪل بورڊ نواب شاهه جو پريزيڊنٽ هو. سچي ڳالهه ٻڌائي مانس. آخر اسڪالرشپ ڏيڻ قبول ڪيائين. هاڻي ڪٿي پڙهجي، نوڪريءَ جي ڪري دير ٿي وئي هئي. ڊي جي سنڌ ڪاليج جون داخلائون بند ٿي ويون هيون، سواءِ علي ڳڙهه جي ٻئي هنڌ ڪٿي به ائڊميشن ملڻ محال هئي. اچي امان جن کي ٻڌايم، کهڙيون ڳالهيون ڪيان امڙ جيجل جون ۽ پين امڙين جون. پنهنجا ڳهه لاهي مون کي ڏنائون ته وڪڻي پيسا وٺي علي ڳڙهه وڃ. بس پوءِ اهي ڳهه وڪياسين، ڪجهه رقم پاڙن داخلائن ۽ ڪتابن لاءِ نهي پئي، وري مٿان درياهه جون ٻوڏون شروع ٿي ويون. خير وڃي گاڏيءَ ۾ چڙهيس. گاڏيون مٽائيندو وڃي دهليءَ پهتس. دهلي مان علي ڳڙهه روانو ٿي ويس.

هڪ ڳالهه وسري وئي. علي ڳڙهه اچڻ لاءِ نواب شاهه ويس، جتي بيدار بخش خشڪ وٽ رهيس. هو شايد ڪليڪٽر جي آفيس ۾ ڪلارڪ هو. ويچاري ڏاڍا قرب ڪيا. شهر مان ضروري سامان وٺي ڏنائين. جيئن وڏو ڀاءُ ننڍي ڀاءُ کي سنبرائي پڙهڻ لاءِ موڪليندو آهي، اهڙي طرح سڄو سامان، مسافريءَ لاءِ پوري تياري ڪرائي، مون کي اسٽيشن تي اچي گاڏيءَ ۾ ويهاري علي ڳڙهه ڏي روانو ڪري پوءِ موٽي ويو.

جڏهن علي ڳڙهه اچي پهتس، مون کي منٽوسيءَ ۾ رهڻ جي جاءِ ملي، ياد نه اٿم ڪير مون سان رهيو پر منهنجو ساٿي سنڌي نه هو. امين کوسو، غلام حسن شيخ، غلام نبي پناڻ، شهاب الدين شاهه ڊيري وارو ۽ هڪ الاهي بخش ٻيا سنڌي اڳئي اتي هوا. پرنسپال عبدالمجيد قريشي هو. منٽو سرڪل ۾ آرٽس ڪالج انٽرميڊيٽ جو به اتي هو، مون سامارو انهيءَ ڪري چڏيو هو ته مان انجنيئر ٿيندس، تنهن ڪري مان سائنس ڪنئي، جنهن ڪري مون کي يونيورسٽي سائنس برانچ ۾ پڙهڻ لاءِ وڃڻو پوندو هو. يونيورسٽي منٽو هاسٽل کان اٽڪل ميل کن پنڌ پري هوندي هئي. ايڊميشن وٺڻ ويري پرنسپال صاحب جو منهن ڏٺوسين، پوءِ ته سانس ڪوبه واسطو ڪونه رهيو، فقط في ڏيڻ وقت وڃڻو پوندو هو. يونيورسٽيءَ ۾ روز ويندو هوس، فزڪس جا ڪلاس پروفيسر اسحاق ۽ پروفيسر سرڪار وٺندا هئا. پروفيسر سرڪار ٻوڙو هوندو هو ۽ ڪن تي ٻڻ چڙهيل هوندو هوس. ڪيمسٽري جو هيڊ پروفيسر منسوري هوندو هو، پوءِ پروفيسر هنٽر آيو. حسابي ڪم اسانکي پروفيسر ڀٽ ڪشميري پڙهائيندو هو. انگريزي پروفيسر غلام سرور ۽ پروفيسر خان پڙهائيندو هو. اردو به ڪو استاد پڙهائيندو هو ۽ فقهه به اسان کي پڙهايو ويندو هو. اهڙي طرح سان پڙهائي شروع ٿي وئي. علي ڳڙهه جي زندگي عجيب هئي. پهريائين وائيس چانسلر سر جسٽس سليمان هو، اهڙو سهڻو ۽ عالم ڪو ورلي ليندو. يونيورسٽي هال ۾ ڪڏهن ڪڏهن اچي ليڪچر ڪندو

هو يا يونيورسٽي فزڪس ۾ حصو وٺندو هو. سندس زيارت نصيب ٿي. هو بيگم اختر سهروردي صاحبہ جي ڌيءُ جو سهرو هو. پانيان ٿو تہ پرو وائيس چانسلر پروفيسر مارٽن هو، جنهن جا ڪتاب پڻ لکيلَ آهن. ڊاڪٽر ضياءُ الدين لئل هو، انهيءَ کان پوءِ جلدي سر راس مسعود وائيس چانسلر ٿيو. هن صاحب اچڻ سان يونيورسٽيءَ ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو. سڀ ڊپارٽمينٽ جا هيڊ سر يورپ مان آندائين. پروفيسر هارن پروفيسر چانسلر ڪري رکيائين. پروفيسر آنڊروائيل مئٿميٽڪس ڊپارٽمينٽ جو هيڊ، هڪ جرمن اسڪالر عربي جو هيڊ مقرر ڪيائين، پروفيسر هنٽر ڪيمسٽري جو هيڊ. مطلب تہ يونيورسٽي جو اسٽنڊرڊ اوچو ڪرڻ لاءِ ڏاڍي ڪوشش ڪيائين. مڙس وڏي هشمت وارو هو، تمام ڊگهو مڙس، ٿهڙوئي ٿلهو، پانيان ٿو ستن فوٽن کان انچ ڪن گهٽ هجي تہ نهيو. آواز وري اهڙو ٿلهو، گجندڙ هو-س، ڳالهائڻ جو تہ اهڙو هوشيار جو مان پانيان ٿو تہ مان اهڙو آريٽر اڄ ڏينهن تائين ڪونہ ٻڌو آهي. الائي ڇو مون کي خبر ئي ڪانہ ٿي پوي، مان هڪڙو غريب ۽ ٻري جو ڇوڪرو سندس ويجهو ڪيئن ٿيس. فقط هڪ يا ٻہ دفعا عيدن تي ٻين سان گڏ سندس گهر ويا هواسين. جتي سيون وغيره کاڌيوسين ۽ ٿورو گهڻو ڳالهايوسين. پروفيسر غلام سرور تہ مون کي ڏاڍو پائيندو هو. علي ڳڙهہ ڇڏڻ کان پوءِ بہ خط لکندو هو. ڊاڪٽر ضياءُ الدين سان بہ تمام چڱي واقفيت ٿي وئي. علي ڳڙهہ زندگيءَ جا ٻہ ٿي پهلو آهن. منهنجو دوست حفيظ الرحمان انصاري جو نوشهري ۾ منهنجو ڪلاسي هو ۽ عثمان علي انصاري جو عزيز بہ هو. اهو بہ اچي علي ڳڙهہ پهتو. ڏاڍو منو ماٺهو آهي، اکين ازائڻ جي عادت بہ هن يار وڏي. وٺي هلندو هو رستن تي، ڪا سهڻي ڇوڪري ڪتان لنگهي تہ چوندو هو، "واهہ وا!! ماٺهو تہ هيءُ!" اهڙي طرح مون کي گهلي گهمڻ لاءِ وٺي ويندو هو. پروفيسر شريف جون ڌيئر ۽ ٻيون ڪيتريون زالون ۽ ڇوڪريون وڏن خاندانن جو پردو ڪونہ ڪنديون هيون. پروفيسر شريف جون ڌيئر تمام سهڻيون هيون ۽ ڪپڙا بہ سهڻا پائينديون

هيون. حفيظ جا مزا هوندا هوا، هڪڙي ڇوڪري تہ اسانجي محترم يار ۽ ليڊر ميان افتخارالدين سان شادي ڪئي. جا اجا زنده آهي ۽ لاهور ۾ پنهنجي ٻچن سان رهي ٿي.

علي ڳڙهہ مسلمانن ۽ مرزن جي سياست جو ڳڙهہ هو، سڀ ليڊر علي ڳڙهہ ايندا هوا. منهنجي وقت ۾ مولانا شوڪت علي ۽ مولانا حسرت موهاني آيا هوا ۽ يونيورسٽي هال ۾ ليڪچر پڻ ڪيا هئائون. يونيورسٽي جو ڪنووڪيشن ٿيو، جنهن ۾ لارڊ ارون هندوستان جو وائسراءِ آيو. انهيءَ ڪنووڪيشن ۾ سر راس مسعود جا تقرير ڪئي سا اجان بہ منهنجي ڪنن ۾ گونجي رهي آهي. لارڊ ارون بہ نهايت عاليشان اسپيڪر هو. هڪ هٿ وڏيل هوس، شايد ورلڊ وار پهرين ۾ هيءُ زخم پهتو هوس.

شيخ غلام رسول جو هاءِ ڪورٽ جو جج هو، اهو بہ منهنجو ڪلاسي ۽ دوست هو، مگر هو آرٽس برانچ ۾ هو، مگر مون وانگر مئٿميٽڪس پاڻ بہ ڪنئي هوائين. جعفري جو لاڙڪاڻي جو پبلڪ پراسيڪيوٽر ٿيو، اهو بہ اسان سان گڏ يونيورسٽي ۾ پڙهندو هو. شعبان بلوچ، بخت علي سندس ڀاءُ بہ اتي پڙهندو هو. ڳوٺائي حبيب الله خشڪ بہ اتي پڙهندو هو. ڪجهہ وقت لاءِ مسٽر قاضي غلام مصطفيٰ بہ اتي آيو هو. فيروز نانا بہ اتي پڙهندو هو. لنواريءَ جو پير ڇوڪرا بہ اتي پڙهندا هوا. سڄي هندوستان جا مسلمان ڇوڪرا بہ اتي پڙهندا هوا، نہ فقط ايترو پر سنڌ مان هندو ڇوڪرا بہ اتي پڙهندا هوا. ڪرمچند نوشهري جو بہ علي ڳڙهہ ۾ پڙهندو هو.

علي ڳڙهہ جا سينگاڙا مشهور هوندا هوا، اسين شام جو نڪري ويندا هواسين ۽ سينگاڙا ڇني کائيندا هواسين. اهي پاڻي ۾ پڻ وانگر ٿيندا آهن، انب تہ ايترا هوندا هوا جو رستن سان وڃبو هو تہ سڄا رستا انبن جي وڻن سان ڀريل هوندا هوا. انب ڏاڍا سهانگا هوندا هوا. خاص طرح "چوسني کي ميٺي آم" نوڪر ڏاڍا سهانگا هوندا هوا. اسان وٽ بہ هڪ نوڪر هوندو هو. شيخ غلام حسن ۽ مان گڏ هڪ

ڪمري ۾ مزمل هاسٽل ۾ رهندا هواسين. انهيءَ نوڪر کي مهيني ۾ 7 يا 8 روپيا پگهار ڏيندا هواسين. سڄي مهيني جي ناشتي جو خرچ پنج يا ڇهه روپيا ٿيندو هو. يو پي سهانگو علائقو هو. تازو هاڻي جڏهن هندوستان ۾ هوس. منهنجو تہ مٿو ڦرڻ لڳندو هو، جڏهن ڪاڏي پيتي جا اگهہ ٻڌندو هوس.

علي ڳڙهہ جا تڪڙا ۽ ڪباب. ڪباب تہ اهڙا ڇهرا هوندا هوا جو اسين سنڌي سو سٺ ٻري پچندا هواسين. غلام حسن ۽ مان سنڌين ۾ وڏيڪ گهاٽا دوست هوندا هواسين. ٻئي سال گڏ رهياسين. هڪ دفعي سندس پيءُ بہ علي ڳڙهہ آيو هو. سندس پيءُ ڏاڍو پيارو ماڻهو هو، مون کي بہ پٽ ڪري سڏيندو هو ۽ غلام حسن جيترو پيار ڏيندو هو.

غلام حسن ۽ مان يوپي جي چڪر تي گڏ نڪتاسين. لکنوءَ ۾ وياسين، جتي امام واڙا ڏٺاسين. پل پلا ڏٺاسين. شهر تمام وڏو هو. نهايت وڻندڙ تاريخي شهر آهي. اڳين نوابن جا محل ماڙيون ۽ مقبرا ڏٺاسين. انهيءَ ڪان پوءِ ڪانپور ۾ وياسين، جتي مولانا حسرت موهانيءَ جو گهر هو. اتي ايگريڪلچر ڪاليج ڏٺوسين. شايد ڪراچيءَ وانگر اتي ٽرامون هيون، پوءِ آگري وياسين، جتي تاج محل ڏٺوسين. سڪندريا وياسين، اڪبر جو مقبرو ڏٺوسين. فتح پوري سڪري ۾ وياسين، اتي قلعو ڏٺوسين ۽ اوليائن جون درگاهون ڏٺيوسين. قلعي جي اندر اهي جايون ڏٺيوسين، جتي شطرنج راند جهڙيون چونڪڙيون هيون، جت چوڪريون ڳوٽيون بنائي، بادشاهہ ۽ راڻيون رانديون ڪيڏندا هواسون. جٺري جاڳندي مغلن ۽ مسلمانن جي تاريخ لکيل هئي. آگري جو قلعو ۽ شاهہ جهان پنهنجي قلع مرڻ وقت تائين پنهنجي نور نظر قبر تاج محل ۾ ڏسندو رهندو هو. جمنا جو ڪنارو تاج محل جا منارا، دل ڏاريندڙ نظارا هوا ۽ انهن مسلمانن جي عروج جو نظارو اکين اڳيان اچي بيهي رکيو. دهلي وات تي هوندي هئي، نہ تہ بہ چار پنج دفعا اتي رهياسين. لعل قلعو، چانڊني چونڪ، مسجدون، مندر، سکن جا مذهبي گردوارا،

دهلي، نئين دهلي، ماڻهن جو هلڻ چلڻ ڇا ڇئجي خدا جو شان، هر هنڌ ڪونہ ڪو قلعو آهي، ڪونہ ڪو مقبرو آهي. هر متيءَ جي ذري ۾ مسلمانن جو رت مليل آهي.

خاص طرح دهلي تہ تاريخ جو پيو روپ آهي، سو ڪنهن شاهي خاندان پنهنجا نشان ڇڏيا آهن، قطب مينار، اتي قبرن جا ڍير، ساڳي وقت غير مسلمانن جي بادشاهي جا نشان، هڪ تاريخ آهي، جيڪڏهن بيان ڪجي تہ هيءُ سڄو ڪتاب تہ نهيو، ڪيترا ڪتاب لکجي وجن ۽ ڪيترا لکجي ويا آهن. مگر هڪ هڪ جڳهہ تاريخ آهي، اهڙي طرح سيني جڳهن تي پراڻا نشان آهن. دهلي سڄوري ٻہ ڇڱي طرح گهمياسين. آخري سال جو امتحان ڏئي، گهر ڏي موٽڻ وقت، هڪ دفعي لاهور موٽياسين. هي سڀ جڳهيون عبرت جا مڪان آهن، جڏهن خواجہ صاحب جي مزار تي پهتاسين تہ مجاورن اسان کي قبر تي سجدي ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي، مان ڪين صاف جواب ڏئي ڇڏيو.

منڙو وطن آخر وطن آهي، جيجل جي سڪ، وطن جي سڪ ڏاڍو تنگ ڪندي هئي. گاڏي اچي محرابپور ۾ بيهندي هئي، جنهن مان لهي هلڻ لاءِ هالاڻيءَ واري گاڏي تيار بيني هوندي هئي، جيئن گاڏي بئراج واه تيي اڳتي ٿيندي هئي تہ پهريائين ڀلاڻي ڏسڻ ۾ ايندي هئي. ڀلاڻي ۾ پڙهيس جيڪا ڳوٺ جي پرسان ڳوٺ ئي آهي. ڏاڍي خوشي ٿيندي هئي، وري جڏهن هالاڻي جا وڻ، مندر ۽ مسجد ظاهر ٿيندا هوا، هڪ هڪ شيءِ نري پوندي هئي. جيجل ياد ايندي هئي، هالاڻي اسٽيشن تان لهي، محمد يعقوب پنهنجي پراڻي دوست جي ٻگي ۾ ويهندو هوس. ٻگي جڏهن گهر جي پرسان گهيڙ چڙهڻ شروع ڪندي هئي، چڻ تہ امان کي اڳ ۾ ئي پيغام پهچي ويندو هو، در بند ڪري اندران بيهي رهندي هئي، بس جيئن اندر گهڙندو ويندس، تڏهن تئي امڙيون اچي گڏ ٿينديون ۽ ڀاڪر پائينديون ۽ چميون ڏينديون.

اهڙي طرح سان پيري پيري ائين ٿيندو هو، بس اهي تئي ساٿي گهٽو اڳ لڏي ويا، اج ٻہ ڪين ياد ڪندو آهيان تہ دل ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ

لڳندي آهي.

علي ڳڙهہ جي زندگيءَ جون گهڻيون ڳالهيون آهن. کهڙيون ڪري کهڙيون ڪجن. ڊاڪٽر ڪرنڪو، جرمن عربيءَ جو اسڪالر ڊاڪٽر راس مسعود آندو هو. ڪيس عربي ڊپارٽمينٽ جي هيڊ ڪري رکيو هوائين. ڊاڪٽر منسوري ڪيمسٽري ڊپارٽمينٽ جو هيڊ هوندو هو ۽ چوندا هئا تہ هن هڪ نئون ايليمينٽ لڌو هو، جنهن جو نالو منسويم رکيو ويو هو. اهو منهنجي هوندي مري ويو. مان ۽ شيخ غلام حسن هاسٽل ۾ رهندا هواسين. انهيءَ ڏينهن قدرت خدا جي ڊاڪٽر ڪرنڪو اسانجي هاسٽل ۾ آيو، جڻ تہ ڪنهن ڳولا ۾ هو. آخر اچي اسانجي ڪمري تي پهتو، پڇائين تہ مقام ڪٿي آهي ۽ هو ڊاڪٽر منسوريءَ جي جنازي ۾ شريڪ ٿيندو. مقام هوندو هو يونيورسٽي ميدان ۾، پر ان کي سڏيندا هوا منٽو اي، آخر ڊاڪٽر صاحب کي اسين قبرستان ڏي وٺي وياسين، سڀ يونيورسٽي، ڇوڪرا، پروفيسر اچي گڏ ٿيا. آخر نماز جنازي جي شروع ٿي، ڊاڪٽر ڪرنڪو اسان وانگر نماز ۾ شريڪ ٿيو ۽ باقاعدي نماز پڙهيائين. جيتوڻيڪ ظاهري طرح مسلمان ٿيل ڪونہ هو ۽ نماز کان پوءِ اسان کانئس جدا ٿياسين.

علي ڳڙهہ جي يونيفارم هوندي هئي، نيرو ترڪش ڪوٽ، اهو شيرواني وانگر ڊگهو ٻٽن ڪل بند. هڪ ننڍڙو ساڄي پاسي کان ڇاتيءَ وٽ کيسو، جنهن ۾ قلم وجهي سگهبو هو. پينٽ اڇي، مٿي ۾ ترڪش ڪيپ يا مٿو اگهاڙو، اهي ضرور پڙهڻ وقت پائي وڃڻا هوا. غربت جي حالت ۾ ڪارو سوٽي ڪوٽ بہ پائي سگهبو هو. شاهوڪار ڇوڪرا تہ ايلپاڪي جا ڪوٽ نهرائيندا هوا. علي ڳڙهہ ۾ هن ڪوٽن سڀڻ جا خاص ڪاريگر هوندا هوا. سٺي يونيفارم تي گهڻو خرچ ايندو هو.

پهرئين سال ۾ مان، شهاب الدين شاهہ جي چوڻ تي منٽو سي ڇڏي، منٽو اي ۾ رهڻ لاءِ ڪمرو ورتم. منٽو هڪ سرڪل هئي ۽ پوري ونگ هئي، جنهن کي وڏو دروازو هو ۽ سرڪل جي چئني طرفن کان هاسٽلون هيون، منٽو اي ۾ هڪ دڪن جو ڇوڪرو رهندو هو، جنهن جي

ڪمري کي پردا ۽ اندر نک جي مٿان، سنهڙو ڪپڙو، گلم گهڻو سنهو اهو لڳل هو ۽ ڪوڪن سان فڪس ٿيل هو ۽ ڏاڍو سهڻو لڳندو هو. شاهوڪار ڇوڪرن سيني جا ڪمرا نهايت عاليشان سينگاريل هوندا هوا. هن صاحب پوءِ آءِ سي ايس ڪئي، آڪسفورڊ مان گريجوئيشن ڪئي ۽ پاڪستان ۾ ڪنهن مکيه ڊپارٽمينٽ ۾ سيڪريٽري ٿي رهيو ۽ هاڻي رٽائر ڪيو اٿس. نواب شاهه ۾ هڪ ڪيس ۾ هو منهنجي اصيل هو.

منٽو اي ۾ وهاب نالي هڪ ڪشميري ڇوڪري سان منهنجي دوستي ٿي. يا شايد هو منهنجو روم منٽو سي ۾ روم ميٽ هو. خير منهنجو دوست رهندو آيو. ڏاڍو مضبوط ۽ قداور ڇوڪرو هوندو هو. ورزش ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هوس، ڇوندو.هو ته ايڪٽر ٿيندس، ٻيو غلام محمد پناڻ بنوءَ جو منهنجو ڪلاسي هو ۽ چڱو دوست هو، محمد امين کوسو به منٽو سي ۾ رهندو هو، هن جي سنگت ڏاڍي وڏي هوندي هئي. شيخ غلام حسن جو ڳوٺائي هو، ماني ڪارائڻ جو ملهه، اتي به ڪجهه نه ڪجهه ڪمري ۾ تيار هوندو هوس. شايد عاشق مزاج به هو، هن جي سنگت يو پي جي هڪ ڇوڪري حليم سان هوندي هئي، مون کي به هڪ ڀوپال جو ڇوڪرو جنهن جي شڪل گولي جهڙي هوندي هئي، ڏاڍو وڻندو هو، مگر گهرائپ ڪانه ٿي. برادرم امين سان منهنجو به چڱو رستو هو. غلام نبي به ڏاڍو سهڻو هوندو هو، پروفيسر سيدين ٽريننگ ڪاليج جو پرنسپال هوندو هو، هن جو ننڍو ڀاءُ عباس جو اڄ ڪلهه هندستان ۾ هاڪارو اديب آهي، اهو اسانجو ڪلاسي هوندو هو ۽ محمد امين جو خاص دوست هوندو هو. مون کي اڄ به ياد اچي ٿو، هيءُ دوست ڪيئن يونيورسٽي جي اليڪشن ۾ ڀهرو وٺندا هوا ۽ در در تي ڪنوينسنگ لاءِ ايندا هوا.

اسان انٽرميڊيٽ شاگرد هواسين، اسان کي ڏار يونين هئي. لاري صاحب جو هٽ آيو هو ۽ هاءِ ڪورٽ جو جج به ٿيو، هيءُ اتي اسٽوڊنٽ ليڊر هو ۽ ڊبيٽن ۾ ڀهرو وٺندو هو ۽ سٺو ڳالهائيندو هو.

يونيورسٽي جون اليڪشنون ڏاڍيون اهم هونديون هيون. ڪئنڊڊيٽ اميدوار ڪي ڪٽي ڪلهن تي کڻندا هواسين. سڄي ڪاليج جي هاسٽلن ۾ سرگس ڪڍي گهمندا هواسين.

علي ڳڙهه ۾ خاص ٻي ڳالهه هوندي هئي، ”اڻ ڪٽوتي“ ڀهريائين ڀهريائين وڃڻ سان ڪا نه ڪا شرارت ضرور ڪن. اسان جي ڏينهن ۾ هڪ راجا ڇوڪرو هوندو هو. جو اٺ سال انٽر ۾ ناپاس ٿيو هو. تنهن جو ڪم ئي اهو هوندو ته ڇوڪرن کي ڪيئن ”فول“ بڻائجي، جيئن اسان وٽ ناميارا ڏاڙيل ٿين ۽ سڀ ڪو ڀيو انهن کان ڊڄي. اهڙي طرح هنن سينئر ڇوڪرن کان پروفيسر ويندي پرنسپال تائين ڊڄندا هوا. ڪمري ۾ رات جو اوچتو اوچتو تڏهن خبر پوندي جو دڙام ڪهڙو هڪ ڪني ۽ رنگين پاٽيءَ جو اچي ڦهڪو ڪندو هو. ائڪٽوتي وارا ڀڄي ويندا، ڇوڪري ويچاري جا ڪپڙا وغيره ڪمرو سڀ ڪن تي ويندو هو.

جنهن کي بنائٽو هوندو هون، تنهن کي سڏيندا هوا. ”مولانا“ بس ”مولانا“ ڪري سڏ ڪيائون ته جڻ مصيبت آئي. ٻيو وري ٿيندي هئي، ”مڊ رائيڊنگ“ شال نه مينهن پوي، ڇوڪرا انبوه ڪري نڪرندا، ڪمرن ۾ زوري گهڙي پوندا. ڇوڪرن کي ٻاهر ڪڍي، مينهن جي پاڻي ۾ اڇلائيندا. مٽيءَ سان سڄو منهن ڀريندس، پوءِ ميڙن مٿان ميڙ ٿي پوءِ ڀڄندا پروفيسرن جي گهرن ڏي ويندا. پرو وائيس چانسلر ۽ وائيس چانسلر کي به ڪونه ڇڏيندا.

علي ڳڙهه ۾ نمائش ٿيندي هئي، تمام وڏو ميلو لڳندو هو. اسانجي ميلن وانگر نه پر اتي خاص هنرن جا ۽ جيڪو سنو سامان نهندو هو. تنهن جا هزارن ۾ دڪان نڪري ويندا هوا. ڏاڍو سيٺ سان نماءُ ڪيو ويندو هو. مان غلام حسن ۽ قاضي عبدالرسول جو پوءِ هٽ سيشن جج پڻ ٿيو، گڏجي نمائش ۾ ويندا هواسين. اسان اتان پراڻا ۽ ڪباب وني کائيندا هواسين، چادرون مراد آباد جون به وٺندا هواسين. اسانجي ڪمري جي ڀرسان ٻئي ڪمري ۾ اسماعيل ڪڇي ميمڻ رهندو

هو ۽ ان سان گڏ حميد شيخ ڪراچيءَ جو گڏ رهندو هو. مون کي حميد وڻندو هو. ٺٺل ڦٺل سنڌي ڳالهائيندو هو ۽ منهنجو دوست به ٿي ويو. هڪ يا ٻه دفعا پوءِ ڪراچيءَ ۾ به مليو، پاڻ سان ڏاڍي دل هوندي هئس. قاضي عبدالرسول يونيورسٽي جو شاگرد هوندو هو. اسان سان چڱو رستو هوس، پر اسماعيل ڏاڍو وڻندو هوس، هن جي ديدار لاءِ خاص اسان وٽ ايندو هو. شيخ غلام رسول تي به جعفري پيار مان نالو رکيو هو، چڱي سنگت هوندي هئي.

پروفيسر پُوري، هڪ هاسٽل جو نيو سرڪل ۾ هائوس ماسٽر هو، جيئن ڊي جي ڪاليج ۾ پروفيسر اجواڻي انگريزي ۾ ڳالهائڻ جو ماهر هوندو هو، اهڙي طرح پروفيسر پُوري به ڳالهائڻ ۾ جهڙي بجلي، بس ڪنهن مضمون تي چڙندو هو ته ائين نئين پوندو هو جهڙي ريل. علي ڳڙهه ۾ پيارا صاحب جو راڳ به ٻڌم. سر تمام سنهڙو هوندو هوس پر مٺو. سندس رڪارڊ عام جام وڄايا ويندا هوا.

علي ڳڙهه يونيورسٽي سياست جو ڳڙهه هو، انهيءَ زماني ۾ ڪانگريس جو زور هو، رائونڊ ٽيبل ڪانفرنس به انهن ڏينهن ۾ ٿي. مولانا محمد علي مري ويو ۽ سندس يادگار تقرير سڀ ڪنهن جي وات تي هئي.

هاڻي اچي خير سان ڳوٺ پهتاسين. امتحان جي نتيجي جو انتظار هو. پروفيسر غلام سرور کي عرض ڪري آيو هوس ته مون کي امتحان جي نتيجي جي خبر ڏئي، خط به لکندو رهندو هومانس. ڏاڍو فياض ۽ مٺو استاد هو. آخر هڪ ڏينهن سندس خط آيو ته مان سيڪنڊ ڊويزن ۾ انٽر سائنس ڪئي آهي ۽ چڱيون مارڪون کنيون اٿم. مان انگلش ۾ هت گهٽ هوندو هوس، پر علي ڳڙهه يونيورسٽي جو اسٽينڊرڊ گهٽ هوندو هو. تنهن ڪري پروفيسر غلام سرور منهنجي انگريزي ڏاڍي پسند ڪندو هو ۽ مون کي هوشيار ڇوڪرن مان هڪ سمجهندو هو.

هاڻي نتيجو نڪتو، وري به جيجل امان ان وغيره وڪڻي مون

کي ڪراچي انجنيئرنگ پڙهڻ لاءِ موڪليو. انجنيئرنگ جي لاءِ وڏو خرچ گهربو هو. هاڻي ڪراچي پيڙو ٿياسين. عبدالرحيم ۽ سليمان ڪنڊياري وارو ڪزن جو ياءُ ٻئي آيا. اچي ايف اي ۾ داخل ٿيا. سائنس يا آرٽس جي چونڊ ٻئي سال ڪرڻي پوندي هئي. علي ڳڙهه پهرئين سال اهو فيصلو ڪرڻو پوندو هو. هنن ٻنهي مينارام هاسٽل جي 84 ڪمري ۾ رهائش ڪئي. منهنجا ٻئي پيارا دوست هوا. هنن مون کي پاڻ سان رهايو. جيتوڻيڪ ڪمرو تمام ننڍو هو. انهي وقت اسانجي بلڪل مٿان ڇت واري ڪمري ۾ خوجو حاجي. جو هاڻي ايڊيوڪيشن بورڊ جو چيئرمين ۽ منهنجو تمام منو ۽ پيارو دوست آهي ۽ غلام الله لغاري جو پوءِ وجي چيف انجنيئر ٿيو ۽ منهنجو پيارو دوست آهي. ٻئي گڏ رهندا هوا. ڏکڻ واري صفا هينئين ڇيڙي واري اوپر ۽ ڏکڻ واري ڪنڊ ۾ اسين رهندا هواسين ۽ اهڙي طرح صفا هيٺ اولهه ۽ اتر واري ڪنڊ واري ڪمري ۾ يعقوب، قاضي احمد ۽ بارڪراڻي ڇوڪرا رهندا هوا. اسان هڪڙي ڏينهن پنهنجي ڪمري ۾ چرچو ڪري چيو ته اهي ٽيئي ڇوڪرا پاڻ ۾ ورهائي ڪٽون. مان يعقوب ڪنيو، سليمان قاضي احمد ۽ عبدالرحيم بارڪزئي. هو اسانجي ڪمري ۾ ايندا هوا ۽ اسين وٽن ويندا هواسين. آخر يعقوب عالماڻي جو پوءِ ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيو مون کي ڏسي صفا ڪومائجي ويندو هو. شرميلو ڏاڍو هو. مون کي ڏسي ڳاڙهو ٿي ويندو هو. ساڳي وقت هاسٽل ۾ شيخ عبدالرحمان ۽ شهمير به اتي رهندا هئا. هندو ڇوڪرا ساهتيءَ جا رهندا هوا. اسانجي پرواري ڪمري ۾ رامثري هڪ سکر جو هندو ڇوڪرو رهندو هو.

سامهون، اسانجي ڪوٺيءَ جي پٺ سان واٽر پمپ هوندو هو ۽ پئيو بابو انهيءَ سنڀال لاءِ هوندو هو. پٽيوالن جا ڪوارٽر، اسان جي ڪوٺيءَ جي سامهون هوندا هوا. بابو پئبي جي زال نندڙي جڻ ڇوڪري لڳندي هئي، رنگ جي سانوري، ڏوتي ڏاڍي ڇهٽندڙ ٻڌندي هئي. تمام سهڻي لڳندي هئي، اسان مائيءَ سان ڪا به ڇيڙڇاڙ يا ڏسڻ وغيره ڪونه ڪيو. باقي ڪمري ۾ اندر ويهي ڪڏهن ڪڏهن سندس ساراه

ڪندا هواسين.

مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان ۽ علي ڳڙهہ وڃڻ کان اڳ، نوڪري کان اڳ يا پوءِ سو چئي نٿو سگهان، انهيءَ هاسٽل ۾ آيل هوس، انهيءَ وقت پير غلام حيدر جو سيشن جج ٿيو هو پڻ نوشهري جو شاگرد هو، هاسٽل ۾ رهندو هو، ٻيو هڪ شڪارپور جي سرهندي پيرن جو ڇوڪرو بہ اتي رهندو هو. ياد نہ آهي تہ ڪاليج ۾ داخلا وٺڻ آيو هوس يا گهمڻ، پر هڪ ڳالهہ چڱي طرح ياد اٿم تہ ڪلاسن ۾ ويو هوس ۽ پروفيسر ملڪاڻيءَ جي پڙهائي ڏاڍي وڻي هئم.

هاڻي جا تڪليف ٿي تہ ايڊميشن اين اي ڊي انجنيئر ڪاليج ۾ مليم. پرنسپال اين ڊي گوڪلي، هڪ مرهٽو انجنيئر هو. نهايت سادو، ڌوتي پائيندو هو، اڇو ڏگهو چولو پائيندو هو ۽ ڪلهن تي سلڪ جو پوتڙو ويڙهيل هوندو هوس، ٿياسافيڪل سوسائٽي جو وڏو باني هو. سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جي باني مان هڪڙو هو. پروفيسر جونارڪر نهايت قابل استاد هو ۽ مئٿيميٽڪس پڙهائيندو هو. پروفيسر ڪوٽواڻي مينارام، ٻرين جو ديوان هو، هو مئٿميٽڪس پڙهائيندو هو. پروفيسر شاهاڻي بلڊنگ مٽيرئلس ۽ سروينگ پروفيسر ڀٽاچاريا بنگالي پرائيم نوورس ۽ پروفيسر آڏواڻي پروجيڪشنس ۽ ساڳي وقت ڊرائنگ ٽيچر هڪ گجراتي هوندو هو. سمٿي، ڪارپينٽري بہ ڪاليج ۾ هوندي هئي.

مسٽر ڊسوزا ڪرستان هيڊ ڪلارڪ هوندو هو. گجراتي، مرهٽا، مدراسي، گهڻو بامبي پريزيڊنسي جي سڀن ريجنس جا ڇوڪرا هوندا پر ٻين صوبن کان بہ ڇوڪرا پڙهندا هوا. سنڌين کان سواءِ ٻين ڇوڪرن سان بہ سنگت رکيم. خاص طرح گانڌي، گجرات، ڊاورڪر مرهٽو، محمد صالح قريشي جو پوءِ ڊاڪٽر ٿيو ۽ سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر بہ ٿيو. منهنجا هم ڪلاسي هوا. سڄي پريزيڊنسي ۾ فقط بہ انجنيئري ڪاليج هئا. هڪ اين اي ڊي ۽ ٻيو پونا انجنيئرنگ ڪاليج، سڄي ڪاليج ۾ اٽڪل بہ سئو ٽي سئو ڇوڪرا هئا، جن ۾ اسين مسلمان صرف اٽڪل 20 يا 25 هواسين. اسان کي پنهنجي

سوسائٽي هوندي هئي. شيخ الهورايو. لغاري غلام الله ۽ منهنجو ڪلاسي هو.

ڳالهه اچي اتي بيٺي، فيون، ڪتاب، بورڊنگ لاجنگ جن تي اٽڪل سئو منو ماهيانو خرچ گهربو هو. مون کي فقط ٽيهه روپيا اسڪالرشپ ملندي هئي. تنهن مان پورت ڪيئن پوي. آخر پرنسپال گوڪلي جي ڪمري ۾ گهڙي ويس. ٻڌايومانس ته منهنجي مالي حالت ڏاڍي خراب آهي، خرچ پري ڪين سگهندس، بختاور مون کي چيو ته پنج خط لکي ٿو ڏيانءِ. هي پنج مسلمان ۽ ڇهون آءٌ تنهنجي مدد ڪنداسين. خط سيٺ عبدالله هارون، غلام علي چاڳلا. گبول ۽ ٻين ڏي لکي ڏنائين، مان انهن سڀني صاحبن سان مليس، خط به ڪين ڏنم پر ڪنهن به مدد ڪرڻ جي هامي نه ڀري. سڄي ڳالهه اچي پرنسپال گوڪلي کي ٻڌايم. مان ڏاڍو مايوس ٿي پيس. پرنسپال مون ڏي نهاري مون کي چيو ته ”مون سان سودو ڪندين“ مان چيو، ”ڪهڙو سائين“ چيائين ”تنهنجي ٽيهه روپيا اسڪالرشپ مان ڪٽندس ۽ تنهنجو خرچ مان ڀريندس.“ خوش ٿي چيم ته ”سودو مون کي منظور آهي“ هيءُ هئو غير سنڌي ۽غير مسلم انسان.

آخر پڙهڻ کي لڳي ويس. انهيءَ ڪان اڳ جڏهن علي ڳڙهه کان موٽي آيس ته پنڊت جواهر لعل نهرو هالاڻي اسٽيشن ڪان لنگهي نوشهري ويڻو هو. ڳوٺ جي ڪانگريسي دوستن مون کي پنڊت جيءَ سان ملڻ لاءِ اسٽيشن تي ويهاريو، مون کي شايد هڪ هار به هو. گاڏي بيٺي، گاڏي ۾ چڙهي ٻين سان گڏ مان به ڪيس هار پاتو، پوءِ هيٺ لهي اسٽيشن تي اچي اسان سان ويٺو. سڄي گروپ ۾ مسلمان هڪڙو مان هوس. ديوان روچيرام کي خبر پئي ڏاڍو چڙيو. جوائي موڪليائين ته چوڪري تي ضابطو رکو، هو پاڻ کي ختم ڪري رهيو آهي. ڪانگريسي سرڪار جا دشمن آهن، هن سان سنڌس ناتا چڱا نه آهن.

انهيءَ زماني ۾ ڪراچيءَ ۾ سباش چندر بوش آيو هو، انهيءَ زماني ۾ گانڌي جيءَ ۽ سندس وچ ۾ رساڪشي جاري هئي ۽ سباش

ڪانگريس جو صدر چونڊجي ويو.

آرام باغ ۾ جنهن کي هاڻي آرام باغ ڪوٺجي ٿو، اتي هڪ وڏو جلسو ٿيو. اسان به سندس پرسان بيٺا هواسين. پوليس لاٺي چارج ڪئي ۽ انهي ۾ مون کي ڏڪ لڳا. هاڻي منهنجي دل ۾ وڏيڪ جذبات پيدا ٿيا ته آزادي حاصل ڪجي، پوءِ مينارام هاسٽل ڇڏي وڃي شيوا ڪنج هاسٽل ۾ رهيس. جا رام باغ جي ويجهو هئي.

ڪاليج ۾ پڙهندو رهيس، پر دل ۾ اچي اڻ تڻ ٿي ته انجنيئر ٿيڻ سان، منهنجي سڄي زندگي ختم ٿي ويندي. آزادي لاءِ ڪجهه به ڪري ڪونه سگهندس نه عوام جي خدمت ڪري سگهندس. آخر ڪاليج ڇڏي ڳوٺ هليو ويس. امان کي ڏاڍو صدمو رسيو. پر مان جنهن ڳالهه تي بيهندو هوس ته لهندو نه هوس. اهڙي طرح امان ويچاريءَ ڪٽي مات ڪئي.

ويساکيءَ وارو ميلو به اچڻ وارو ٿيو. منهنجي ميان سوپاري شاهه سان دوستي هوندي هئي. شام جو وٿس وڃي ويهندو هوس. جيئن ميلي جون تاريخون ويجهيون ٿينديون ويون، چڪلي واريون ۽ پيون نچڻ واريون اچڻ لڳيون.

هڪ رات شاهه صاحب سوپارو شاهه، پوليس جا آفيسر پيا دوست ڪچهري ڪيو ويٺا هواسين ته هڪ طوائف ڏڪڙن، هارمونيم سان گڏ اچي ويو. هڪ ڇوڪري 15 يا 16 سالن جي مس ساماڻي هئي. ڏاڍي سهڻي هئي، سندس نالو هو بيگم، سا انهيءَ ٽولي سان گڏ هئي. سيني ڪيس چيو ته ڳائي ٻڌائي. هن سهڻي ڳايو پر ڦڪو، مون کي اصل ڪين وڻيو، ٻين کي به ڪين وڻيو. نڪي هن جي صورت مون کي ڇڪ ڪئي، سيني اچي مون کي ورايو ته مان ڳايان، مون هڪ غزل اردو ۾ ڳايو. پر ڏاڍو سٺو ڳايم، سيني وٺي واه واه ڪئي، مون پنهنجي آڪڙ ۾ بيگم ڏي ڪوبه توجهه ڪونه ڏنو. آخر محفل پوري ٿي، گهر آيس، اچي سمهيس، صبح جو اٿيس ته ٿوري دير کان پوءِ در تي سڏ ٿيو. ڏسان ته ميجر شاهه - هاڻي ته نيڪ نمازي آهي، چيائين ته ”يار

هڪ سوال ڪٿي آيو آهيان!" مان چيو "ڪهڙو؟" چيائين "مجيندين ضرور" مان چيو، "توکي جواب تہ ڪونہ ڏنو اٿم" چيائين تہ، "بيگم کي پنهنجي اوطاق تي ٽي يا چار ڏينهن رهڻ ڏي، جيسين ويساڪي مچي. مان تہ وسامي ويس. قاضين جي اوطاق ۾ بيگم ڪجري اتي رهي، اهو ڪيئن ٿي ٿو سگهي. ڪيس تہ جواب ڏنم، وري منهنجو نندي هوندي جو سنگتي جو ذڪر ڏسيندو هوم، اهو بہ آيو ۽ ساڳيو سوال ڪيائين، البت دل بہ ڪجھہ ڀاڙي ٿي پئي، ڪٿي ها ڪيم، گهڙي ۾ سڄو لڏو اچي اوطاق ۾ لٿو، امان کي پوءِ خبر پئي، چيائين، "ابا! تو تہ اسان سيني کي ٻوڙي ڇڏيو!"

ضدي ماڻهو، اختر بيگم سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ شروع ٿيو، چيائين "قاضي! مون کي رات وارو غزل سيکار!" منهنجي دل بہ سرڪڻ لڳي، پوءِ ساڳي ڪٽ تي مٿن ڪان وهي پاڻ مان پيرن ڪان وچ ۾ هارمونيم، غزل هو،

"وه همسے تڙپارهي هين، ڪيا ڪرون ڪيا ڪرون،
هم انهين سمجها رهي هين، ڪيا ڪرون ڪيا ڪرون."

وغيره وغيره، بس سڄو ڏينهن هيءُ غزل ۽ بيگم. آواز آواز ۾ ملي ويو، اڪيون اکين ۾ ملڻ لڳيون، مگر حجاب مون تي اصل ڪان حاوي رهيو آهي. انهي ڪان وڌيڪ ڪجھہ نہ ٿيو. سچ هيءُ آهي تہ عشق تہ آهي ئي اکين جو، ٻيو سڀ ڪوڙ.

رات جو اوچتو ٻاهر سڏ ٿيندو هو، "چاهي؟"

"بيگم کي پيٽ ۾ سور ٿي پيو آهي." وچي همدردي ڪريان، آخر هن ڏنو تہ مان تمام شرميلو ماڻهو آهيان، مون کي چيائين تہ مان ساڻس شادي ڪريان، مان انڪار ڪيو ۽ هن اوطاق ڇڏي وچي ميلي ۾ پنهنجي لانڍي هنئي ۽ ناٽڪ جي صورت ۾ تڪيت تي راڳ ڳائڻ لڳي. منهنجي دل تہ هوءَ ڦري وئي. هيڏانهن عشق هوڏانهن حجاب، ڏاڍي اندر ۾ جنگ لڳي وئي. لاچار ٻيو ڪو چارو نہ ڏسي، الهڏني خان نوناري گويي کي اچي پاڻ وٽ رهايم تہ من، من ريجهي ۽ مان ميلي ۾

نہ وڃان ۽ نہ وري بيگم ڏسان. تيو بہ ائين الهڏني خان کي استاد ورتم، هن مون کي شاگردپڻ جو ڳانو بہ ٻڌو، هڪ ڀيرو ڏينهن ائين گذري ويو، پر استاد بہ وڃڻ وارو ماڻهو سو ويو هليو، ميلي جي آخري رات هجي، هڪ دوست آيو ۽ ميلي ۾ وٺي ويو، هاڻي ميلي ۾ وڃان، بيگم جو ناٽڪ نہ ڏسان، سو گهڙي وياسين سندس لانديءَ ۾. سڄو وقت منهنجي مٿان بيٺي هئي ۽ بيٺي ڳايائين. آخر اتان موڪلائي ٻئي تنبيلي ۾ آياسين. هتي حاجل ٻئي ڳايو. حاجل بہ ڏاڍي سهڻي جوان هئي، اچا مس ويٺاسين تہ بيگم پنهنجو کيل بند ڪري منهنجي پوئتان حاجل جي کيل ۾ گهڙي آئي. اچي منهنجي سامهون ويٺي. ڏاڍو بي وس ٿي پيس. آخر اتان اٿي موٽي گهر آياسين، پر محبت جي تير دل کي گهائي وڌو. ٻئي ڏينهن هو لڏو پٽي وڃڻ وارا هوا. دل چيو تہ موڪلائي اچان. منجهند جو وقت هو. لانڊي ۾ گهڙي ويس، تڙ ٻئي ڪيائين، چئني طرفن ڪان ڪتن جو پلويڙو ڏنل هو. چيائون تہ بيگم تڙ ٿي ڪري - ويهي رهيس. منهنجو ڳالهائڻ ٻڌي مٿي ٿي، پنهنجو ڪنڌ ڪتن ڪان مٿي ڪري مون ڏي ڏسي ڪجهہ مشڪڻ لڳي، ڪجهہ اداس ڏسڻ ۾ آئي. آخر ڪائنس موڪلائي گهر آيس، پورا بہ هفتا ڪٽ تي ڪريو پيو هوس، نہ ڪائڻ وٽي نہ پيئڻ، نہ ڳالهائڻ، نہ ٻولهائڻ، صرف بيگم جون گذاريل گهڙيون ياد پئي آيون، وري ملڻ ڪونہ ٿيو. گهڻن سالن ڪان پوءِ سکر ۾ سندس گهر ويس، جتي هوءَ ناچ ۽ راڳ جو ڪم ڪندي هئي. اها سهڻي بيگم زماني جي روش جي ڪري بدلجي چڪي هئي. مون کي ڏاڍو قرب ڏنائين ۽ هدايت ڪيائين تہ جهڙي طرح پاڻ کي غلط ڳالهہ ڪان پاڻ پاسي رکيو اٿم. تيئن رهڻ چڱو آهي. پوءِ ڪائنس موڪلائي هليو آيس.

منهنجي زندگي عجيب لرزشن ۾ گذري آهي، اجا ٻيڙو وڃي ڪنهن سهاري جي ويجهو ٿئي تہ اهڙو ڪو طوفان اچيو وڃي جو وري اهڙي اڄل ڪائي وري وڃي ڇولين ۾ پوي، پر هيءَ بہ حقيقت آهي تہ لڏي لڏي، وريو وڃي ڪٿ پهچي پر ٻڌي ڪونہ. جيئن چوندا آهن تہ سچ

جي ٻيڙي لڏي لڏي پر ٻڏي ڪانہ. تمام ڪمزور گنهگار ماڻهو آهيان، پنهنجي حال تي ڏاڍو شرمسار آهيان. پر هڪڙي ڳالهہ ياد اٿم تہ دل جو خراب نہ آهيان، ڪنهن جو دشمن نہ آهيان. البت جيڪي ٿي سگهيو اٿم، ٻين لاءِ ڪندو رهيو آهيان.

خوشيون تمام ٿوريون، ڏک تمام گهڻا. هيءُ منهنجي زندگيءَ جو دستور رهيو آهي. ڏک بہ هر ڪنهن قسم جو. مائٽن جو وڇوڙو، غربت جي مصيبت، ملڪ جي آزادي لاءِ تڙپ، سنڌ لاءِ محبت، سهڻن جون جدايون، عشق جون ڪاهون، غريبن جي تڪليفن ڪي ڏسي روئڻ، مطلب تہ آءٌ نٿو ڀانيان تہ ڪو اهڙو قسم ڏکن جو بچيل هوندو جو مان نہ ڏٺو هجي. ٻئي طرف هندستان ۽ پاڪستان جي سيني وڏن ماڻهن سان ڏيٺ. ڀلن ۾ ڀلن انسانن جي صحبت. عالمن جي پيرن جي خاڪ. سفر تہ ائين ڪنهن نہ ڪيو هوندو. مطلب تہ مون کي هر ديگي چمچو بنائي ڇڏيائين. راڳ مان راڳي، جوارن سان ياري، ڇا چوان. هي سڀ سندس رمزون آهن، مون مسڪين کي ڪهڙي طاقت جو بيان ڪري سگهان.

مون دانگيءَ جي دانگي اهڙي تپايائين، اهڙو جلايائين، هر طرف ڪان، هر طرح جون دل کي لهسون پهتيون. اڳتي ڇا منظور اٿس، اهو ڪيس معلوم آ. شال ايترو ڏئي جو مان سهي سگهان. ايتريون ڳالهيون آهن جو ويهي ڪنداسين تہ ڪونہ کٽنديون. سفر اجا گهڻو ڪرڻو آهي، اجا فقط 20-22 سال سفر جا پورا ٿيا آهن. اجا اڳتي اٽڪل اڌ صدي هلڻو آهي. اچو تہ اڳتي هلون.

ڳالهيون سڄڻ تنهنجون ڳائيندس،
ڏڪڙا ڏکيءَ جا مان سٺائيندس.

آخر فيصلو ڪيم تہ وڃي بي ايس سي پڙهان، وڪالت جو امتحان پاس ڪري وڪيل ٿيان. آزاد ٿي هن نڌر غريب قوم جو خدمتگار ٿي ڪم ڪريان. ويس ۽ وڃي بي ايس سي ۾ داخل ورتم. ڊي جي سنڌ ڪاليج جو پرنسپال بناٽي صاحب هو. صوفي فقير، نصير

فقير جو خاص پيارو مريد، ڊاڪٽر گربخشاڻي جنهن لعل لطيف جي رسالي کي شڪل ڏئي سهڻي نموني ۾ پيش ڪيو. پروفيسر شيخ مئٿميٽڪس جو پروفيسر، ڊاڪٽر ڊيو آرٽ، تاريخ جو پروفيسر پروفيسر آڏواڻي ۽ اجواڻي انگريزي جا استاد، ڊاڪٽر لڪاڻي، ڪيمسٽري جو استاد ۽ ٻيا ڪيترا استاد هوا. مان فزڪس ۽ ڪيمسٽري کنئي. منهنجا مکيه استاد ٻناڻي صاحب فزڪس ۾ ۽ ڊاڪٽر لڪاڻي ڪيمسٽري ۾.

کهڙا عجيب ۽ قربن ڀريا اوستاد هوا. غير مسلم سڏيا ويندا هوا، پر جيڪي علي ڳڙهه ۾ مسلم استاد ڏٺا هئم. اهي ٻه لک لهندا هوا، پر گهٽ هنن ۾ به ڪانه هئي، منهنجي پياري استاد پرنسپال گوکلي جنهن ٻڌو ته مان ڊي جي ۾ داخل ٿيو آهيان. اهڙو مهربان جو شايد پاڻ اچي مون کي چيائين يا چوائي موڪليائين ته انجنيئري ته ڇڏجان، پيسي ڏوڪڙ جي ساڳي مهرباني ڪندو، پر مون کي جي هي جيل نصيب هوا. انجنيئر ٿي ڪيئن جيلن ۾ وڃان ها، دنيا ۽ دولت جا مزا ونان ها، منهنجا ڪلاسي چيف انجنيئر وڃي ٿيا، پر منهنجي نصيبن ۾ هٿ ڪڙيون ۽ رسا چيلهه ۾ لڪيل هوا. ”هي ڪميٽي ڪپر جا امر کي آڏو اچي“ سو مان سندرو ٻڌي سائنس کي وني ويس. استاد جونارڪر مڪئنڪس اهڙو پڙهائيندو هو. جيئن ڪو لوليون ڏئي، پرنسپال ٻناڻي جو پڙهائڻ ٻه لک لهندو هو. فزڪس کهڙو ڏکيو سبجيڪٽ اهڙو ته آسان ۽ محبت سان پڙهائيندو هو جو چئبو هو ته اوستاد بورڊ جي اڳيان بيٺو هجي ۽ سندس منڙي زبان چوندي هلي. هميشه منهن تي مشڪ هوندي هئس. صوفي هو سو عاشق مزاجي ته سندس رڳن ۾ سمايل هئي. منهنجو هڪ دوست حيدرآباد جو عامل چوڪرو هوندو هو. سندس نالو گلاب هوندو هو. سچ پچ گلاب هو. استاد ٻناڻي پڙهائيندي پڙهائيندي، مشڪي گلاب ڏي نهاري چوندو هو، ”گلاب سمجهه ۾ اچي ٿو.“ گلاب ٻه امتحان پاس ڪيل معشوق هوندو هو. هو ته سمجهندو هو ته استاد گلاب سان ڪونه ٿو ڳالهائي

پر گلاب جي سهڻيءَ صورت سان پيو ڳالهائي. جواب بہ صورت کي ڏيٺو هو، هو يار منهن کي ورائي سرائي اهڙي مشڪ منهن تي آڻيندو هو جو استاد کي تہ ڳاري وجهندو هو پر اسان بہ ڪنبي ويندا هواسين. ڊاڪٽر لڪاٽي ولايت مان بي ايچ ڊي ڪري آيو. قد جو تمام ڇوٽو، شايد چار يا ساڍا چار فوٽ، پر ڇا مڙس جي فلڪ چئجي ۽ ڇا سندس ڊليوري هو نيٽ سائنسدان هو. بناٽي صاحب جي طبيعت ڪان ٻي طبيعت جو هو. هي عامل هو ۽ اهو شان شوڪت رکندو هو. عبدالرحيم يوسفاڻي، جو پوءِ ميرپورخاص ۾ پبلڪ پراسيڪيوٽر ٿيو، منهنجو ڪلاسي هو. رفيق صديقي بہ منهنجو ڪلاسي هو. ٻئي منهنجا گهرا دوست، رفيق پوءِ ٽنڊي ڄام ايگريڪلچرل ڪاليج ۾ پرنسپال ٿيو. محمد حنيف منهنجي ٻئي مخلص دوست جو ڀاءُ آهي. اٽڪل پنجاهہ يا سٺ ڇٽا شاگرد هواسين. ڇوڪريون ٽي چار هيون ۽ اسين مسلمان فقط ٽي هواسين.

عبدالرحيم ميمڻ منهنجو ڳوٺاڻي ۽ عزيز اهو هاڻي انٽر سائنس ۾ آيو. اسين ٻئي ۽ هڪ ٽنڊي الهيار جو شاهہ صاحب جو نئون ڪاليج ۾ آيو. هڪڙي ڪمري ۾ مينارام هاسٽل ۾ رهياسي، ڪمري جو نمبر 33 يا 30 هو.

اسانجي پرسان لڳ ڪمري ۾ گيهاڻي رهندو هو. اهو بہ مونسان گڏ جونيئر بي، ايس سي ۾ پڙهندو هو، پيو منهنجو دوست گنادي حيدرآبادي جو اجا هت ڪراچي ۾ رهي ٿو ۽ منهنجو دوست هو، ٽيڪم پيو دوست هوندو هوم، ٽيڪم راڳ جو ڏاڍو شوقين هوندو هو، پٽس ڪو وڏو آفيسر هو. پيسا ڏاڍا ملندا هئس. پيرن وارو باجو سندس ڪمري ۾ پيو هوندو هو. بس ڪاليج مان پڙهي ايندا سين پوءِ هينان هن جا سڏ شروع ٿيندا، "قاضي! قاضي!!" بعض بعض تہ بي ايمان ڏکيا اکر بہ ڳالهائيندو هو. شراب جو شيشو رکيو هوندو هوس. هارمونيم تي پير رکي ۽ هٿ هلائڻ شروع ڪندو هو، وات ۾ سگريٽ ۽ گلاس ۾ شراب پرسان پوءِ ڇوندو هو، "قاضي ڳاءِ" سو پوءِ اهڙو موج

۾ اچي ويندو هو جو خبر ڪانہ پوندي هئس تہ ڪاٿي هوندو هو. ڀڳوان جو دڪان هاسٽل ۾ هوندو هو، پوءِ دريءَ کان منهن ٻاهر ڪڍي چوندو هو، "پيڙ....ڀڳوان! اڙي سوڊا جي بوتل پهچاءِ ۽ برف بہ ڪٽي آ" مون کي چوندو، "اڙي قاضي! اڄ برياني ڪارائيم" وقت سر ولر ڪري حيدرآبادي عامل ۽ مان گڏجي نڪرندا هواسين. سيئي شراب پيئڻ کي وٺي ويندا هوا. مون کي گهٽيون منٿون ڪندا هئا. مان ڪين خوش ڪرڻ لاءِ ائريٽيڊ واٽر جي بوتل جهڙو لائمن يا آرينج، گلاس ۾ وجهي پيئندو هوس ۽ هنن کي ڪمپني ڏيندو هوس. اڌ رات جو چانڊوڪيءَ ۾ سمنڊ تي هليا ويندا هواسين. ڪلفٽن جا ڪنارا گهمندا هواسين.

رفيق ۽ يوسفاڻيءَ سان تہ ڏاڍي محبت هوندي هئي. ڪاليج ۾ سڄو ڏينهن گڏ هوندا هواسين. ڳوناڻي عبدالرحيم سان تہ رهندوئي گڏ هوس. باقي سليمان ڌار رهڻ لڳو. غلام رسول خان پنهنجي دوستي نباهيندو آيو. جڏهن بہ ڪراچي ايندو هو تہ اچي مون وٽ رهندو هو يا مون کي بہ پاڻ سان وٺي ويندو هو ۽ سندس ڳوٺ جا ماڻهو صدر اسٽيشن تي ضرور هوندا هوا. انهن وٽ رهندا هواسين. هو رات جو ڪتون ٻاهر وجهي ڏيندا هوا. اتي سمهندا هواسين. نور محمد شاهہ، جي ايم شيخ بہ انهي وقت اتي پڙهندا هوا، تن سان بہ پيون ملاقاتون ٿينديون هيون. غلام رسول خان جڏهن بہ مون وٽ ايندو تہ هڪ نہ هڪ شرارت ضرور شيخ سان ڪريون. شيخ اچي چڙندو هو، ڪڏهن ڪڏهن تکو بہ ڳالهائيندو هو.

رات جو چوريون بہ ڪندا هواسين. گذريل سال سليمان، عبدالرحيم ۽ مان ڊي جي ڪاليج ۾ ناريلن جا وڻ هوندا، تن مان چوري ناريل پٽيندا هواسين، ڪاليج کي چوڌاري لوهي پلويڙو هوندو هو ۽ وڏا دروازا هوندا هئس، جن کي ڪلف ڏئي ڇڏيندا هئا. اندر پٺيا پوپيءَ جا چونڪي ڏيندا هئا. عبدالرحيم ۽ سليمان اندر پلويڙو ٽپي ويندا هوا. سليمان وڻ تي چڙهي ويندو هو. عبدالرحيم هيٺان بيهندو هو چونڪي

لاءِ ۽ مال ڪٽڻ لاءِ. عبدالرحيم مون کي مال ٻاهر اڇلائي ڏيندو هو، مان ناريل ڪٽي وچي روم ۾ رکندو هوس، پوءِ گڏجي ڪائيندا هواسين.

هڪ ڏينهن اهڙو ٿيو جو عبدالرحيم، چوڪيدار ايندو ڏٺو سو وٺي ڀڳو. سليمان کي ڀڄائي نه سگهيو. مان به ٻاهران بيٺو رهيس، جيئن سليمان ناريل هيٺ عبدالرحيم ڏي اڇلايو، چوڪيدار به انهيءَ مهل وڻ هيٺان لنگهيو. ناريل ٺڪڻ ۾ اهڙو ٺڪ ٿي ويس، وٺي ڪيانءِ "چور! چور!" سليمان ڏاڍو چست هوندو هو. سو لهندو وٺي اهڙي ڊڪ پاتائين جو اچي روم تي پهتو.

گيهاٽي اسانجي پرواري ڪمري جو ڇوڪر ڏاڍو وات جو خراب هوندو هو. هن جي ليکي چرچا هوندا هوا. هو ٻوندا به ڏيندو هو ۽ چرچن ۾ گاريون به ڏيندو هو. مان ۽ عبدالرحيم کيس ڏاڍو سمجهايو ته اسين مسلمان آهيون، گاريون اسان کي نه ٿيون وڻن ۽ گاريون نه ڏئي ته سندس مهرباني. مگر هٿ ۾ ايڏي خارش هئس جو جيستائين گار نه ڏئي ته آرام نه اچيس. ڏاڍو ڪڪ ٿياسين.

آخر وئڪيشن ملي ڇوڪرا سڀ ڳوٺ هليا ويا. اسان واري ونگ ۾ فقط ٽي ڄڻا، مان، ڳوناڻي ۽ گيهاٽي. رات اونداهي هجي، عبدالرحيم به ڏکيون لامون ڪجيءَ جون ڪٽي آيو. مون کي ڪجهه به نه ٻڌائي، مون کي ۽ پاڻ کي ڪاريون لويون ويڙهايائين ۽ مٿي ۾ ڏکها ڪاري ڪپري مان ٽوپ ناهي، مون کي به پهرايائين. ٻئي ٻوٽ ٻڌجي پياسين، وڏيون ٽاريون هٿ ۾ کنيوسين، ڪنهرو ٿيي ٻئي گيهاٽي جي ڪمري ۾ گهڙياسين، ننڊ ۾ ڪونگهرا پيو هڻي. عبدالرحيم بلب ڪڍي ڇڏيو، هو ٻاهرين ڪٻٽ ۾ اڪيلو ستو پيو هو. ڪارو ڏکهو ٽڪندو ٽوپ ۽ مون کي به ساڳيو ٽوپ مٿي ۾ پيل هو. مان وڏو پردو واٽئي جي مٿان وٺي سان وڇائي ڇڏيو. عبدالرحيم به ائين ڪيو، پوءِ عبدالرحيم هڪ خاص چيخ ڪئي ۽ مٿي ٽپو ڏنائين. هو گيهاٽي جي پيرن کان بيٺو هو ۽ مان مٿن کان بيٺو هوس. چيخ تي واٽيو جاڳيو، ڏنائين ته ڪامون پيون ٿيون ڪرن ۽ چڙهن ۽ ڪارو ٽوپ آهي، سو پيو ٿو ٽپا ڏئي، واٽئي

مٿن ڪان اليڪٽرڪسٽي بند تي هٿ هنيو، بتي ٻري ڪانہ ڇو تہ بلب تہ هوئي ڪونہ. وري مون واري ٽوپ تي نظر پيس. عبدالرحيم وري ڇيخ ڪئي، واٽئي جو بدن بہ هيٺ مٿي ٿيڻ لڳو. عبدالرحيم ٽپو ڏئي دانهن ڪئي هن ڪنڌ مٿي ڪنيو ۽ وري ڪري ڇيو، ”هري رام!“

ڍاڪو منٽ واٽئي کي ٿپا ڏيارياسين. پوءِ واٽيو هٿڻ لڳو چڙهيون، پيرن وارو ڪمبل ڪٽي مٿي تي وڌائين. ڪٽ ڀئي ڍڪي، پوءِ اسان ڪٿهڙي تان ٽپو ڏئي اچي پنهنجي روم ۾ ويناسين، صبح جو ڏسئون واٽيو ڪٽ تي پيو آهي. گيهاٽي دير تي وئي اٿي! اٿي. يار رات جن آيا هوا، ايڏيون ڪوڪون ٿيون پر توهان تہ ڪا خبر بہ ڪانہ لڌي. اسان چيس تہ گاريون نہ ڏي، جن چڙن ٿا. بس اهو ڏينهن ۽ گيهاٽي جون گاريون، وري گار ڏنائين نہ پوندو.

ڪاليج ۾ فنڪشنس ٿيندا رهندا هئا. ڪڏهن هي ليڊر ڪڏهن هو ليڊر. ڪڏهن هي ڊرامو ڪڏهن هو. آخر پهرئين سال جي فزڪس جو امتحان آيو. پهرئين سال ۾ پاس ٿيس، خير جو ٻيو سال آيو. مسلم هاسٽل نهي وئي. اسان مسلم هاسٽل ۾ وڃي رهياسين. مان بي ايس سي فائينل ۾ هوس، تنهن ڪري ٽاپ فلور واري سنگل روم نمبر 5 ملي.

هيءُ سال منهنجي زندگيءَ جو اهم سال هو. علامہ عنايت الله مشرقي خاڪسار تحريڪ شروع ڪئي هئي. سنڌ مان نعيم خان، مير الله بخش تحريڪ ۾ شامل ٿي ويا هوا. اسان جو هڪ دوست عبدالحق دهلوي وارو ڪراچي نہ آيو، ڏاڍو پيارو مخلص ماڻهو هو. هو بہ خاڪسار تحريڪ ۾ شامل ٿي ويو هو. ڳوناٺي عبدالرحيم اسان ڪان اڳرو هو. شجرو الهداد بہ اسانجو دوست هو. تحريڪ جو مقصد هو، اسلام جو غلبو. خدمت خلق ۽ سپاهگيري. علامہ صاحب ڪئمبرج يونيورسٽي جو رئنگلر هو، تمام هشيار ماڻهو هو. سر سليمان جسٽس جو ڪلاسي هو ۽ ڪئمبرج ۾ ٻئي گڏ رهندا هوا ۽ گڏ پڙهندا هوا. گورنمينٽ آف انڊيا وٽ انڊر سيڪريٽري رهيو، پوءِ پشاور ۾ اسلامي ڪاليج جو پرنسپال ٿيو، پوءِ نوڪري ڇڏي خاڪسار تحريڪ شروع

ڪيائين. خاڪي ڪپڙا سادا ۽ بيلچو هٿ ۾ کڻي پهريائين پاڻ عمل ڪرڻ شروع ڪيائين. تحريڪ شروع ٿي وئي. هڪ هفتي وار اخبار به ڪيڍڻ شروع ڪيائين. اسان ٿي ماڻهو هواسين، جن بيلچا کڻي ڪراچي شهر ۾ تحريڪ شروع ڪئي سون.

”چپ راس“ ڪندا شهر ۾ گهڙي پياسين. آخر تحريڪ وڌندي وئي. اڌ هاسٽلي ڇوڪرن جو تحريڪ ۾ شامل ٿي ويو. نواب دائود خان اسانجو دوست ناهوڪو نوجوان هوندو هو. بيهڪ جو پورو سپهه سالار هو. هڪ ڏينهن پريڊ ڪندا. سنڌ اسيمبلي جي ٻاهران آياسين. ان وقت اسيمبليءَ جو اسپيڪر هڪ هندو وڪيل هو. ٻاهر ڪيڏي ڪيس سلامي ڏنيسين. محمد دائود اسان جو سالار هو. اهڙو ته سلامي جو ڪاشن ڏنائين جو ديوان ڪان ڇرڪ نڪري ويو ۽ ٽوپي وڃي پري پيس. ڪئمپ ٿي، جنهن ۾ مير علي احمد، جي ايم سيد ۽ ٻيا ڪيترائي وڏا ماڻهو تحريڪ ۾ شامل ٿيا. علامه صاحب آيو. ڪئمپن ۾ تنبن جون قطارون لڳي ويون، مون کي ياد آهي ته بيلچو کڻي خاڪي يونيفارم پائي رات جو ڪئمپ ۾ پهرو ڏيندا هواسين. سنڌ ۾ تحريڪ جي تاريخ لکجي ته ڪتاب پرجي ويندا. مان تحريڪ سان تمام گهڻو پيوند ٿي ويس.

هاڻي تحريڪ کي ڇڏي ڪجهه ٻي ڳالهه تي ٿا اچون. اسان ڪاليج ۾ چار مشهور ڳائڻا هواسين، وشن گيهاڻي، رام پنجواڻي، سڪندر علي شاهه ۽ مان. مان ڪلاسيڪل ۾ سيني ڪان وڌيڪ هوس. هڪ ڇوڪري مس پرڏان مرهتي به ڪلاسيڪل ۾ سٺي ڳائڻي هئي. انهيءَ زماني ۾ سڄي هندوستان جي تاريخي تعليمي ڪانفرنس ٿي رهي هئي، جنهن جي صدارت لاءِ سر راس مسعود کي مدعو ڪيو ويو هو. انهيءَ زماني ۾ اسان علي ڳڙهه اولڊ بوائز ايسوسيئيشن پڻ ناهي، جنهن جو صدر قاضي خدا بخش هو. ان وقت ۾ شايد قاضي صاحب ڪراچي جو ميئر به چونڊيو هو. مون کي علي ڳڙهه اولڊ بوائز جو ايسوسيئيشن جو سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو هو.

سر صاحب جي رهائش ۽ کاڌي پيتي جو ڪم بہ مون تي رکيل هو. اسان ڏينهن بہ هڪ ڪاليجي ڊراما جي واسطي تياري پڻ ڪري رهيا هواسين. انهيءَ ڪري شام جو ڪاليج ۾ پريڪٽس لاءِ ويٺو پوندو هو، جتي مس پرڏان سان منهنجي واقفيت ٿي.

سر صاحبن کي صدر اسٽيشن تي ونڻ وياسين. ڪاليجن جا پرنسپال بتائي صاحب، گوڪلي صاحب، شاهاڻي صاحب ۽ ٻين صوبن مان آيل ڊيليگيٽ، سنڌ جو ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر ۽ ڪيترا ٻيا صاحب کين ونڻ لاءِ اسٽيشن تي پهتاسين، مون کي پڪ هئي تہ سر صاحب هڪ تمام وڏو ماڻهو، مون جهڙي غريب شاگرد کي گهٽو ڪري سڃاڻندوئي ڪين، پر ڳالهہ ٻي تي پئي. پهريانءَ گاڏي مان لهي مون کي سڏ ڪيائين ۽ ڏاڍي سڪ ڏيکاريائين. ڪانفرنس جون ٻيٺڪون ٿينديون رهيون. هڪ شام جو ٽي پارٽي ٿي ۽ اها ڊي جي ڪاليج جو سامهون پارڪ ۾ ٿي. قاضي خدا بخش ۽ ٻيا صاحب اتي هوا. ڪاليج جو پروجيڪشن ويجهو هو، جنهن کي ٽنيا آهن، ڪنهن اچي مون کي سڏيو، توکي هڪ ڇوڪري ٿي سڏي. پروجيڪشن ۾ بيٺي آهي. مان حيران ٿي ويس، مون کي ڪهڙي ڇوڪري سڏيندي. قاضي خدابخش منهنجي پرسان وينو هو، مون کي چرچو ڪري چيائين، "تون تہ ملو ماڻهو آهين، ڇوڪرين سان رستو ڪهڙو رکيو اٿئي." خير مان ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري، ڏاڪڻ چڙهي ڏٺم تہ مس پرڏان وراندي ۾ بيٺي آهي. مان ساڻس مليس. چيائين تہ شام جو ميٽنگ ڪهڙو وقت ٿيندي، وڌيڪ مان ڇا ڇيو مون کي ياد نہ آهي. وري موٽي ويس پر قاضي صاحب اصل مون کي چيڙائيندو رهيو. قاضي صاحب اصل موري شهر جو رهاڪو هو ۽ اسان ٻئي ساڳي ڊويزن جا رهاڪو هواسين. قاضي ناميارو وڪيل هو ۽ ڪنهن وقت سنڌ جو پبلڪ پراسيڪيوٽر پڻ ٿيو.

رات جو سر صاحب جي مدرسي مان اسان علي ڳڙهہ بوائز جي طرفان ڪيس ڊنر جي دعوت هئي. دعوت ڪائي، اتي ئي ويهي رهيو ۽

مير ايوب خان سان محفل لڳائي ويهي رهيو. مير صاحب ڄام غلام قادر هاڻوڪي چيف منسٽر وارن جو عزيز شايد بئريسٽر بہ هو. مگر پريڪٽس ڪانہ ڪندو هو. رات جا 11 ٻيا ٿين، پرنسپال گوڪلي ۽ ٻنائي چيو سر صاحب ڪي 10 بجي ڪانفرنس جي پرزائيڊنگ ڪرڻي هئي. هاڻي ٻارهن ٿا ٿين مان وڃي ڪيس ڪن ۾ سرٻاٽ ڪري يادگيري ڏياري. بس پوءِ تہ ڏاڍو ڏک ڪرڻ لڳو تہ هو پنهنجي ڪابل واري گشت جي جنهن ۾ علامہ اقبال ۽ سيد سليمان ندوي ساڻس گڏ ويهي ڳالهيون پئي ڪيون ۽ شعر شاعري بہ جاري هئي، تنهن ۾ مان رڌنو وڃي ڇڏيو. پوءِ هلي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيا. جهڙوڪ ٻيهڪ جو سهڻو تمام قداور، اهڙو وري گجندڙ آواز هوس.

خير سان ڪانفرنس پوري ٿي. سر صاحب اسان کان موڪلائي ويو، وري زيارت نصيب ڪانہ ٿي.

انهن ڏينهن ۾ مس پرڏان منهنجي هاسٽل ۾ مون لاءِ آئي، مگر مان ڪونہ هوس، اسين مسلمان ڇوڪرا، هندو ڇوڪريءَ جو اچڻ وڏي ڳالهہ هئي.

آخر ڊرامو ٿيو، خان بهادر کهڙو ۽ ٻيا وڏا ماڻهو انهيءَ فنڪشن ۾ شامل ٿيا. ڪن دوستن ڪي صوفي ڪلام چوڻ جو پارٽ هو ۽ مان دلو پئي وڄايو. وڄائيندي اوچتو دلو ڀڄي ٽڪر ٽڪر ٿي پيو. ماڻهن سمجهيو تہ مان مسخري ڪئي. سڀ ونئي ڏاڍو کليا.

اهڙيون ڪئين ٻيون ڳالهيون ٿيون، ڪلڻ جون ڳالهيون گهٽيون، روئڻ جون ٿوريون، ٻيا وري اهڙا دوست هجن، عبدالرحيم جا چرچا، شجرو الهداد جو عشق ۽ روئڻ وري ڪلڻ، سندس سونا ڏند، شيخ رسول حسين گجرات وارو، مرچنٽ مدراس وارو، صديقي يوپي وارو مقاتي گجرات جو، قاضي غلام رسول ٻڙي قاضي، احمد قاضي، ڇوٽي قاضي ۽ مون ڪي وري ڀچي قاضي، لغاري غلام الله، اڪرم شيخ، مرزا، عزيزالله ميمڻ، شمس الدين شاهہ ۽ ٻيا ڪيترا ڪن جا نالا دل تي چڙهن ٿا. ڪي منهن تي فري ٿا اچن پر نالا وسري ويا آهن. سنڌ ۾

جيڪي ٻہ آفيسر پاڪستان ڪان پوءِ ٿيا سي سڀ هيءُ پراڻا شاگرد مسلم هاسٽل وارا شيخ دانيل، خميساڻي الاهي بخش جو پوءِ هاءِ ڪورٽ جو جج ٿيو، منهنجو تمام پيارو دوست هو، وري جو خاڪسار تحريڪ شروع ڪئيسين ۽ هت ڪراچي ۾ اسان ٿي باني هواسين. پيو وري هاسٽل جي چوڏاري پٽريڊون شروع ڪيونسين، تنهن ڪري اسان کي سڀ کو سڃاڻڻ لڳو. مون کي راڳ جو شوق، مرهٽا گويا ۽ ٻيا ڳائڻا سڀ مون وٽ. مون کي عجب لڳندو آهي تہ ڌڻي مون کي ڪهڙو نہ عجيب ۽ غريب ماڻهو ڪري خلقيو. هر ڳالهہ ۾ پورو. انهن ڏينهن ۾ آرين، مرزاين جا ۽ مسلمانن جا ڏاڍا مناظرا ٿيندا هوا. مولوي صاحب لعل حسين، مولوي قاضي شجاع آبادي، مولانا عطاءُ الله شاهہ بخاري جو ساٿي، اهي بہ مون وٽ ايندا هوا. ڪڏهن ڪڏهن مون وٽ مهمان بہ ٿيندا هوا. هينئين هال ۾ جلسا ٿيندا هوا، ليڪچرر ٿيندا هوا. ميان عبدالرحمان بئريسٽر پنهنجي ڪڙڪ ۽ وڏين وتيلن مڇن سان قداور پوڙهو پر دل جو جوان، حسنعلي ۽ طفيل جو پيءُ اڇي ليڪچر ڪندو هو. ڪڏهن ڪڏهن شيخ عبدالمجيد سنڌي بہ ايندو هو. مولوي وفائي جي تہ اسان کان جيتوڻيڪ گهڻو وڏو هو، دوستي هوندي هئي، مولوي صاحب وٽ الوحيد پريس ۾ وهندا هواسين. دين محمد عليگ اهو وري پيو دلبر دوست هوندو هو. ايڏا وڏا دفتر آهن، جو رڳو اهي ڳالهيون پيون لکجن تہ ڪيترا پنا پرجي وڃن.

انسان هڪ عجيب جانور آهي، هن جي سنڀال ننڍي هوندي کان ڪرڻ گهرجي، گهر جو، پاڙي جو، ڳوٺ جو، استادن جو، اسڪول جو وڏو اثر ٿئي ٿو.

افسوس اڄ ڪلهہ هن ڳالهہ جو ڪوبہ ڌيان ڪونہ ٿو رکيو وڃي. مون کي اڄ بہ ياد ايندو آهي تہ مولوي عبدالله صاحب، جنهن کي مان ڪڏهن گهر جي ماڻهن جي علاج لاءِ وٺڻ ويندو هوس. صبح جو سوير امان کين وني اچڻ لاءِ موڪليندي هئي. وڃي سندس گهر يا اوطاق ۾ ويهندو هوس. پاڻ ذڪر ۾ گم هوندا هوا، جيسين

تائين ذڪر پورو نہ ڪندا هوا تہ نهاريندا بہ ڪين هوا. اهي ڳالهيون اڃان مون کي ياد آهن. سندن مرڻ کان پوءِ سندن وڏي پوٽيءَ سان شادي ڪيم، هن تي وڏن جو ايڏو اثر آهي، جو ڪڏهن ڪوڙ ڪونہ ڳالهائي، پنج ئي وقت نماز، ٻچن جي پڙهائڻ جو سخت اونو. منهنجيون ٻچڙايون، ڪڏهن جيل ۾ تہ ڪڏهن ريل ۾، پوءِ روئندي بہ پئي، پورهيو بہ پئي ڪندي. تهجد ۽ تسبيح تي زور هوندو هوس. الله جو نالو دل تي ۽ گهٽو ڪري وضوءَ ۾ رهڻ. ڳالهہ جو مطلب اهو آهي تہ اها سنڌ جنهن ۾ پرهيزگاريءَ جا مقالا ٿيندا هوا. اها سنڌ ختم ٿيندي ٿي وڃي، اسين ننڍي هوندي جڏهن عمر فقط 8 يا 10 سال هئي، سمورا روزا رکندا هواسين. راتين جون راتيون مسجد ۾ جاڳندا هواسين. علامہ قاضي صاحب هڪ ڏينهن مون کي هوريان ڳالهہ ٻڌائڻ لڳو، ”فيض محمد! ابا! ڪهڙا زمانا هوا! ڪهڙا ماڻهو هوا! اسين ننڍي هوندي شرطون ٻڌندا هواسين تہ ڪير وڏيڪ پرهيزگار. ڪير پنهنجي نفس تي سوار آهي. هڪ ڏينهن منهنجو ويجهو عزيز بہ هو ۽ چڻ منهنجو مرشد بہ هو، پر نوجوان، ننڍي عمر هئس، ٻين دوستن کي آزمائڻ تي گهريو، چوريءَ هڪ غريب گهر جي جوان ڇوڪري، جنهن ڪمري ۾ سمهندو، ان ڪمري ۾ ڇوڪري بہ سمهاري ڇڏيندا هوا. بہ راتيون هي ڪمري ۾ ائين نڪري ايندو هو چڻ تہ ڪيس خبرئي ڪانہ هوندي هئي تہ ڪا حسين ڇوڪري سندس ڪمري ۾ سمهي پئي آهي. ايڏو پنهنجي رب جي محبت ۽ ياد ۾ محو هوندو هو. هڪڙي رات اوچتو اڌ رات جو ماڻهو انهي ڪمري مان ٻاهر ڀڳو ۽ پوءِ وري روئڻ جو آواز آيو. وڃي ڏسون تہ مون وارو سوٽ، ميان! ڇو ٿو رڳين. چيائين تہ، ”اڄ اڌ رات مون تي خراب خيال اچي واسو ڪيو. ڪيم ڪجهہ ڪين، پر ائين ڇو ٿيو جو اهو خيال آيو. بس ابا! پوءِ تہ رئندي رئندي ڪنڌا ٿي ويو ۽ آخر ٿوري وقت کان پوءِ مري ويو!“

قاضي صاحب چوندو هو تہ ابا جن وٽ قرآن هجي، مثنوي هجي، رسالو هجي، پوءِ اهي فرشتا صفت ماڻهو نہ ٿين تہ پوءِ هو وڏا

بدبخت آهن. منهنجي هن لکڻ جو مطلب تہ معاشرو ڏاڍو اثر ٿو ڪري، بريون عادتون نہ فقط مذهبي خيال ڪان پر هر لحاظ ڪان بريون آهن ۽ تمام نقصانڪار آهن. هاڻي تہ موسم اهڙي اچي وئي آهي جو بريون ڳالهيون سڀني کي وڻن ٿيون، ان ۾ مقابلو ڪيو ٿو وڃي. هاڻي سنڌ تہ ڳالهہ ئي ٻي هئي. اها سڄي سنڌ تہ مرندي ٿي وڃي، سنڌين جي اعمالن ۽ افعالن سان، سنڌ ڪيئن بچي ۽ سنڌ کي ڪير بچائي. ساڳي طرح سان هي ملڪ پاڪستان کي وڏي اڌوهي وني وئي آهي. خدا ڇاڻي ڇا ٿيندو، پيا ملڪ جيڪڏهن براين ۾ ڪريل آهن تہ شايد انهن وٽ ماضي سنو نہ هجي پر سنڌ جو ماضي تہ بلڪل ڪجهہ ٻي شيءِ هئي. جيڪڏهن ماضي کي ڇڏي ۽ ڪنهن ٻائيتال ۾ پوڻ گهرون ٿا تہ پوءِ سنڌ تہ مري ويندي.

خير اچي پين ڳالهين ۾ پياسين. انهيءَ سال ۾ مسلم هاسٽل جو واردن پروفيسر شيخ عبدالستار هوندو هو. اي ڊي شيخ جي نالي سان مشهور هو. مذهب وغيره سان ڪوبہ تعلق ڪونہ هوندو هوس. ڏاڍو محبوب ماڻهو، شادي بہ ڪئي هئائين، الائي نہ. هاسٽل ۾ اڪيلوئي رهندو هو، ڏاڍو روب هوندو هوس. ڳالهائيندو تمام گهٽ هو، ڳوٺائي عبدالرحيم ۽ مان سندس پيارا شاگرد هوندا هواسين. هڪ ڏينهن مون کي ۽ عبدالرحيم جي پڪ ڪانہ اٿم. شام جو چانهہ جي دعوت ڪيائين. ويس وڃي ڏسان تہ وٽس مهمان هئا. هڪ ٻہ مرد ۽ ٻہ ٽي عورتون هيون، پر مايون ساڙهين سان، چڱيون حسين هيون. شيخ صاحب جي هيءَ مهرباني تنهن ڏيکاريو تہ خاص مون سان سندس ڪيڏي دل هئي.

هڪڙي ڏينهن صبح جو منهنجي در تي ناڪنگ ٿي، ڏسان تہ شيخ صاحب بيٺو آ. گهٽو ڪري انگريزي ۾ ڳالهائيندو هو. "رات تنهنجي روم ۾ لائيٽ هئي، پر تون ڪونہ هئين!" اها انرجي ائين ويسٽ ٿي وئي، ڪو خيال ڪئي تہ جا شيءِ تنهنجي ڪم ۾ نٿي اچي، ان کي جلائي نقصان ڪرڻ ڪيڏو گناهہ آهي." اڄ بہ اها ڳالهہ ياد اٿم، هي

ھئا استاد ۽ سندن جوابداريءَ جو احساس.

انھيءَ سال ۾ منھنجي روم جي پرسان ھڪ نوجوان مير صاحب رھندو ھو. سندو نالو شايد سائين ڏنو ھو، پر پوءِ پنھنجو نالو مٽائي سليم رکيائين. تنھن جو ڪنھن ھندو ڇوڪريءَ سان دل لڳائڻ جو ارادو ٿيو. سليم منھنجو بہ دوست ھو، پر گھاٽو نہ. ڇوڪري کي اشارو ڪيائين يا چٺي لکيائين، تنھن تان اچي گوڙ ٿيو، معاملو وڃي ھندو ۽ مسلمانيءَ تائين پھتو. ھندو ڇون اسانجي بي عزتي ٿي، مسلمان ڇون اسان ڏسي رھنداسون، سليم کي شايد ٽورن ڏينھن لاءِ پرنسپال پٽاٽي ريسٽيڪيٽ ڪيو. اچي ٿيو اسان ڇوڪرن ۾ جوش. خاڪسار تہ اڳئي ھواسين. سو وڏو جٿو ونئي ڪاليج جي ٻاھران پئريڊ ڪرڻ لڳاسون.

ھندن کي ھيءَ ڳالھہ نہ وڻي، انگريز ڪمشنر تائين ڳالھہ پھچي وئي تہ فساد ٿيڻ جو امڪان آھي. پٽاٽي صاحب تي زور آندائين تہ مسلمانن ڇوڪرن تي لاٺي چارج ڪرائي تہ ھو احتجاج نہ ڪن ۽ ڀڄي وڃن. پٽاٽي صاحب کين جواب ڏنو تہ، "پنھنجن ٻچن تي لاٺي چارج ڪرايان، ائين نہ ٿيندو." ڏاڍو مجبور ڪيو ويو. آخر اسان وٽ آيو يا اسان کي گھرايائين. سڄي مٿين حقيقت ڪري ٻڌايائين، چيائين تہ، "ھاڻ مان ڏاڍو مجبور آھيان. ڏنگائي بہ سليم جي ۽ زورآوري بہ توھين ڪريو. پر مان لاٺي چارج ڪونہ ڪرائيندس. استعيفا مان لکي رکي آھي، جيڪڏھن ٽٽا مڙو ۽ ھيءُ پئريڊون ۽ دڙڪا بند ٽٽا ڪريو تہ پوءِ آءٌ ھليو ٿو وڃان!"

اسان سڀ پشيمان ٿياسين، ڪانئس معافي ورتي سين. ھيءُ ھو استاد - ڳالھيون تمام گھڻيون آھن، آخر سال جي پڇاڙي - رٽن امتحان پورا ٿيا، ڇگو ڪيو ھوم پر اھڙو نہ جيئن ٿيڻ گھرجي ھا. ٻيلا سڄو وقت مٿين معاملن ۾ گذري ويو، پڙھائي تي ڪانہ سگھي، ھاڻي پريڪٽيڪل لاءِ ٻامبي وڃڻو ھو. اسان عبدالرحيم يوسفاڻي ۽ مان ھتان

ساموندي جهاز ۾ چڙهياسين. جهاز ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽا ۽ ٻيو ساٿس گڏ عبدالرزاق ميمڻ يا گربخشاڻي هو. خير اسانجو ڪم ڊاڪٽر صاحب سان.

شام جو ڊيڪ تي ساٿس ۽ سندس دوستن سان ڏاڍيون ڪچهريون ڪيونسين. اڳ ڏٺل ڪونہ هواسين. هن مسافري ۾ ڊاڪٽر صاحب سان واقفيت ٿي ۽ پاڻ ڏاڍو مهربان ٿيا. انڌري بامبي ۾ سندس گهر هو. وٽس گهر بہ وياسين، پوءِ خط بہ مون ڏي لکندو هو. بمبئي ۾ اسان هڪ دوست وٽ جو مسلم هاسٽل ۾ اسانجو دوست ٿي رهيو هو، سندس نالو هو سليمان ڪانٽريڪٽر وٽي مهمان ٿياسين. پريڪٽيڪل جو امتحان رايل انسٽيٽيوٽ ۾ ٿيو. ڳوٺ موٽي آيس، امتحان جو نتيجو رٽن ۾ پاس پريڪٽيڪل ۾ ناپاس. غريب ماڻهو - جيجل کي ڏاڍو ڏک ٿيو. ڪاليج ۾ پڙهڻ جي هاڻ طاقت ڪانہ هئي، نوڪري ڪرڻي پئي. قاضي جان محمد تڏهن اسڪول بورڊ نواب شاهہ جو ايڊمنسٽريٽر ۽ اسڪول انسپيڪٽر هو. وٽس لنگهي ويس، پاڻ مهرباني ڪري چاليهہ روپيا ماهوار سان مون کي انگريزي اسڪول ۾ ماستر مقرر ڪيو.

مان سائنس ٽيچر ٿي ڪم ڪرڻ لڳس، قسمت اچي نواب شاهہ پهچايو. انگريزي اسڪول ۾ ماستر، ڳوٺ هالاڻي ۾ بہ "ماستر! ماستر!" سڏڻ لڳا. ويچارو غريب ماستر اسان جي وطن ۾ ڪهڙين نگاهن سان ڏٺو ٿو وڃي، جتي صوبيدار يا مختيارڪار ٿيان ها، جيئڻ اڳ ۾ ارادو هو ۽ شايد هنن چئن سالن ۾ ائين ٿي وڃي ها، پوءِ ماڻهو مون کي "خان صاحب!، صاحب! قاضي صاحب!" ڪوٺن ها. پگهار فقط چاليهہ روپيا. نہ وري انجنيئر ٿيس، جيجل، منهنجي منڙي ضرور اداس ٿي. ڏک بہ ٿيس تہ هيترا جاڳڙا، هيترا خرچ، فقط ماستري لاءِ سا بہ چاليهہ روپين واري. پر منهنجي تہ امڙ هئي هوءَ واپاريءَ وانگر ڏوڪڙ

جو حساب ڪتاب ڇو ڪري؟! عجيب قسمت ڪين ڪٿان ڪٿي اچي ڪٿ هنيو!

اسڪول ۾ فقط پنج درجا هوا. هيڊ ماسٽر مسٽر عبدالستار ٽنيو هو. ٻيا ماسٽر غلام مصطفيٰ قاضي جو هاڻي وڪالت ڪندو آهي ۽ منهنجي گهر سان نواب شاهه ۾ گهر اٿس. مسٽر جيوت رام. مسٽر پڇيل شاهه ڊرائنگ ماسٽر. ڪلاس پنج. ماسٽر به پنج. رهيس هڪڙي اوطاق ۾ - اتي ڀائو عبدالهادي پوسٽ آفيس ۾ ڪلارڪ هو ۽ ٻيو مسٽر غلام علي جو بئنڪ ۾ ڪلارڪ. ٽيو غلام علي جو ڀاءُ جو شايد اسسٽنٽ صوبيدار هو. گڏ رهندا هواسين. بس انسان آهي، اڳيون ڳالهيون وسري ويون. ماسٽر فيض محمد سڏجڻ لڳس. مسٽر غلام مصطفيٰ قاضي ۽ ميان عبدالهادي مون کي "ڀائو" سڏيندا هوا. مان به کين "ڀائو" سڏيندو هوس.

اوطاقن جو جيئن رواج ٿيندو آهي، ائين ئي رهيو. غريب هو بار ڪونه ٿيندو آهي، راڳ چاڻندو هوس، تنهن ڪري آفيسرن ۾ ڪجهه چاڻ سڃاڻ ٿي. فيض محمد منهنجو شاگرد هوندو ۽ محمد دائود جو پوءِ صوبيدار به ٿيو. فيض محمد خيرپور رياست ۾ اسيمبليءَ جو ميمبر ٿيو، اهي منهنجا پيارا شاگرد هوندا هوا. علي نواز جتوئي جو هاڻي سنڌ يونيورسٽي سنڌي ڊپارٽمينٽ جو شايد هيڊ، هو به منهنجو پيارو شاگرد هوندو هو. محمد صادق هاڻي سائيٽ ۾ هاءِ اسڪول جو هيڊ ماستر آهي. مسٽر عبدالقادر سنجراڻي جو هاڻي ايم پي آهي، ون يونٽ جي زماني ۾ ايوب خان جي وقت مغربي پاڪستان جو وزير به هو ۽ وڪالت سکيو، هيءُ به منهنجو شاگرد هو. وزير محمد سومرو جو هاڻي هاءِ ڪورٽ ۾ وڪيل به آهي ۽ ساڳي وقت اديب ۽ ليکڪ به آهي، هيءُ به منهنجو شاگرد هو.

خير اوطاق ڇڏيم. اسڪول جي پراڻي جڳهه ڇڏيسين ۽ نواب

شاهہ ۾ ڪچهري روڊ تي ٻي وڏي جڳهہ ورتيسين. ان هڪ ڪمري ۾ ماڙي تي رهڻ لڳس. وري پوءِ سڪرنڊ روڊ تي جڳهہ مسواڙ تي ورتم. ٽيوشنون بہ ڏنم. نادر حسين شاهہ جو پٽ ابرار حسين شاهہ جو هاٽي سئنيما جو مالڪ آهي، سو شاگرد بہ هو ۽ ٽيوشن بہ وٺندو هو. ڏهہ روپيا ماهيانو هڪ هڪ شاگرد ڏيندو هو. اهڙي طرح 20 يا 30 روپيا اتان بہ ملندا هئم. مٺي ڀاءُ محمد لائق کي پاڻ سان وٺي آيس. هو چوٿون درجو پڙهندو هو. ٻئي ماني پاڻ ڪندا هواسين. خير وقت ويو گذرندو. آخر ڦهريون سال پورو ٿيڻ تي ٿيو. پريڪٽيڪل لاءِ وري بمبئي ويس. اتي منهنجا بہ دوست هوندا هوا. تاج محل هوٽل انڊيا گيٽ جي ڀرسان هوندي هئي، ان جي ڀرسان چڱي سنڌي هندو جي هوٽل هوندي هئي، اتي رهندا هواسين. هڪ گياني جنهن جو ذڪر اڳ ۾ ڪري چڪو آهيان، ڀيو حسن علي، علي ڳڙهہ ۾ دوست ٿيم ۽ سنڌي هو.

جڏهن بمبئي پهتس تہ هن ايڏي پيار محبت ڏني، جنهن جي حد ڪانہ هئي. گياني بير پيئندو هو. رات جي ماني بہ ڏاڍي مزي جهڙي ڪرائي هئئون ۽ مزي سان ڪاڏيسين. رات جو وري پڪچر ۾ وٺي ويا. مان ڀانيان ٿو انهيءَ رات هن مون تي پنجاهہ روپين کان بہ وڌيڪ خرچ ڪيو.

رات جو ڏاڍي شان مان سان مون کي هوٽل جي هڪڙي ڪمري ۾ سمهاريو جو منهنجي لاءِ رزرو ڪرايو هوائون. هيءُ بہ ٻئي وچي آرامي ٿيا. مان ٿڪل وڏي مسافري ڪري آيس ۽ وري بمبئي ۾ رلياسين. وري سڀاڻي تي امتحان بہ هو. سو ڏاڍي سڪ سان پلنگ تي سمهي پيس. بس ننڊ اچي ويم. پر اجان گهڙي ڪين گذري تہ رت جلڻ لڳو. بتي ٻاري ڪٺي جو ڏسان تہ سون جي تعداد ۾ ڪتمل شڪار لاءِ نڪري پيا هوا. محجوب تہ اصل ڪان آهيان. چيم دوستن جي ننڊ ڪيئن

ڦنايان. سو وني هوٽل مان ٻاهر پڳس. انڊيا گيٽ وٽ ننڍڙو پارڪ هو. جتي ٻئنچون پيون هيون، اتي سمهي پيس پر ننڊ ڪا نہ آئي.

صبح جو وچي امتحان ۾ وينس، ائسڊ کي الڪيلي پيوسمجهان ۽ اهڙي تہ پريڪٽيڪل ڪيم جو ڇڪوئي اونڌو ٿي پيو. اڳئين دفعي جڏهن آيو هوس، پوني بہ گهمڻ بہ ويو هوس. اتي مندر وغيره ڏنا هئم ۽ انجنيئري ڪاليج ۾ پيون مشهور جڳهيون ڏٺم پر هن ڀيري جو ظاهر ظهور ناپاس ٿيڻ جا آثار نظر آيا سو ڀڄي اچي نواب شاهہ پهتس. ماستري ۾ مان وري شروع ٿي وياسين، البت هڪ ڳالهہ ٿي تہ ٻاڙي ۾ هڪ ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ جو ارادو ٿيو ۽ ڇوڪريءَ جو ارادو هو تہ مونسان شادي ڪري. هنن سان ٿوري عزازت بہ هئي، نياپو پهتو تہ سندس پيءُ کي چواراپان. پيو ڪوبہ رستو ڪونہ هو مان تہ ڪيس ڏنو بہ ڪونہ هو، پر سندس آواز گهر مان ٻڌندو هوس.

انهيءَ آواز ايڏو تہ موهي ڇڏيو جو هيءُ وري نئون عشق جو سور ايرڻ لڳو. ٻئي پاسي بہ محبت وچي اوج تي پهتي هئي. خطن جو سلسلو جاري ٿي ويو. خط ڏاڍا جذباتي ۽ محبت ڀريا هوندا هئا.

عشق هڪ اهڙي شيءِ آهي، جو جڏهن چوٽ چڙهي تہ حجاب کي اڇليو پري ڪري ڇڏي. مان بہ حجاب کي ڦٽو ڪري وچي سندس پيءُ کي گهر کان ٻاهر سڏيم. پاڻ سڏ سمجهيائين، ٻاهر موڙا وجهي ويناسي. پاڻ وري ننڍو ڀاءُ بہ موڪليائين تہ ڪهڙي ٿي گفتگو ٿئي. پڙس چيو، "ماستر صاحب! ڏيو خبر!"

مان چيو، "تہ مان کي پنهنجي نياڻي جو سڱ ٿيو. مون کي اڳئي سڃاڻو." مڙس ڳاڙهو ٿي ويو.

"پيو ڪو هجي ها تہ موچڙا هڻانس ها، توکي معاف ٿو ڪيان هليو وڃ." مون سان ڇا ٿيو؟ پيءُ ڏيءُ سان ڇا ٿيو. اهو ڪونہ ٿو لڪان.

البت هڪ ڳالهه جا مون کي عجب ۾ وجهندي آهي، ڪلندو به آهيان ۽ رئندو به آهيان، اها هيءَ آهي ته مان انهيءَ سڄڻ جي گهر پرسان ٻئي گهر ۾ ويندو هوس، جت سندس آواز ۾ ٻڌڻ ۾ ايندو هوم. هن ته مون کي ڏنو هوندو پر مان ڪين ڪڏهن ڪونه ڏنو. اٽڪل سال سوا هيءُ محبت جو سور دل ۾ ساماٽيو رهيو. خط به اهڙا ايندا ويندا هوا جو پڙهي دل ڦاٽي پوي. پر حيران آهيان ته ڪڏهن به اهو عرض نه ڪيم ته صورت شڪل جو ديدار ته ڪريان. وچي شادي جي ڳالهين تائين پهتاسين، پر جي ڪٿي ڪو ڏسڻ لاءِ دل اداس ٿئي. بس ڳالهائڻ ٻڌڻ جو ڏاڍو شوق ٿيندو هو. خط ۾ سندس اکرن ڏسڻ لاءِ دل اداس رهندي هئي. جيستائين نواب شاهه ۾ هوس ڪين ڪونه ڏٺم.

انهيءَ زماني ۾ سر شاهنواز ڀٽو، بمبئي گورنمينٽ ۾ وزير هو، انهيءَ وقت گورنر ته نهيو پر وزيرن جو به اهڙو روب هوندو هو، جيترو پاڪستان ٿيڻ کان پوءِ ڪٿي قائداعظم محمد علي جناح جو چئجي، اسپيشل ترين ۾ وزير صاحب آيو، سڄو شهر سينگارجي ويو، دعوتون ٿي ويون، مان به هڪڙي ائٽ هوم ۾ شريڪ ٿيس، اٽڪل ٻه ٽي سئو ماڻهو دعوت ۾ شريڪ ٿيا.

نور محمد شاهه، محمد علي شاهه، رئيس غلام رسول خان سيئي محبت سان ملندا هوا، پر آخر ته مان ”ماستر“ هوس.

خير هن دفعي خيال ڪيم ته اهو ڏينهن ضرور ٿيندو جو مان پنهنجي نالي سان بي ايس سي لکندس. غربت، ننڍڙو ڀايڙو پاڻ سان گڏ، رڏيون پچايون پاڻ پيا، وري ساڳي وقت جواني، راڳ جو سوز، وري جو عشق سان پاڻ هنيم، هيءُ سڀ ڪجهه گڏجيو پنهنجو ذائقو پيدا ڪيو ڇڏي، ڄڻ دردن جو هڪ نئون چاڪليٽ نهي پيو. زبان تي رک ته هڪ ذائقو، وري ڏند ڏئي چباڙ ته ٻيو، پر وڌيڪ وات ۾ ملائي، خوب چباڙجي ته ٽيون، دوستن وساري ڇڏيو، وري هيڏا ٽاپا. شڪل ڏسڻ کان سواءِ عشق. هيءُ به عجيب تماشو، هاڻي سمجهيم ته فقط اکين سان عشق ڪونه ٿيندو آهي، هي چري دل جون ڳالهيون، شل نه

ڪٽي لڳي، پوءِ سمجهيم انڌا به عشق ڪندا آهن. اهو آواز تي عاشق ٿيندا آهن. ڪڏهن هٿن يا آڱرين کي هٿ لڳائي، دل کي جلائيندا آهن.

انڌا اهڙا ته هوشيار ٿيندا آهن، جو هٿ هٿ ۾ وٺي چوندا آهن، تون فلاڻو آهين. هڪڙي انڌي جو ذڪر ڪري رهيو آهيان، اسان وٽ ميٺارام هاسٽل ۾ به ايندو هو، پوءِ ڪيترا ڇوڪرا کيس ڏسڻ لاءِ گڏ ٿيندا هوا، هٿ هٿ ۾ وٺي چوندو هو تون فلاڻو آن. اسان به ڇوڪرا ڏسندا هواسين ته سچ پچ سهڻو هوندو هو. حافظ ويچارو ڳيت ۾ پئجي ويندو هو، ڄاڻ ۾ ڳڻ اچي ويندي هيس، ڪنڌ پيو ڏڪندو هوس، ڏاڙهي پئي ٽپندي هئس.

عشق دل آهي، شل نه ڪاٽي اڙي. خير وڏي موڪل وٺي ڪراچي آيس. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ کي چيم ته مان ليبارٽريءَ ۾ ڪم ڪندس، جنهن موڪل ڏني، چيائين ته تون هوٽلن ۽ پراون گهرن ۾ امتحان ٽيڻ واري جڳهه ڪان پري رهندين ۽ سئنيمائون ڏسندين ته پوءِ ڪيئن پاس ٿيندين. هاڻي تنهنجو بندوبست ڪندس. هندن ڇوڪرن سان گڏجي وڃي رهجائين."

شيخ رسول حسين گجرات جو منهنجو دوست هو. ماستري ڪندو هو. پوءِ اتان موڪل وٺي بي اي تائين اچي پهتو. هاڻي گجرات صوبي ۾ انجنيئر آهي. ٻه ٽي سال ٿيا، هٿ پٽ کي ملڻ آيو هو ۽ مون وٽ پنهنجي گهرواريءَ سوڌو اچي رهيو هو. سو مون کي پنهنجي گهر وٺي ويو ۽ پنهنجا ٻار، پنهنجي امي ۽ ٻار مون سان ملايائين. مان وٽس رهي بامبي ويس. پروفيسر صاحب سينٽ زويئر ڪاليج هاسٽل ۾ رهائڻ جو بندوبست ڪيو هو. مان ٻه هڪ ٻه ڏينهن اڳ ۾ پهچي ويس. سڀ شاگرد ڪراچيءَ وارا اتي هواسين.

هڪ آڏواڻي ڇوڪرو مون سان گڏ ڪمري ۾ رهندو هو. ڏاڍو گهاٽو دوست ٿي ويو هو. چوندو هو، "قاضي، منهنجي ڀيڻ جي توسان سادي ڪرڻ گهري ته ڪيس جهليان ته نه پر ڏاڍو خوش ٿيان. هي ماتهو گڏيلن شادين ۾ الائي ڇو وڙهندا آهن. رتن ۾ ته ٻه سال اڳ

چڱيون مارڪون ڪٺي اهو ڪم ته پورو ڪري ڇڏيو هوم، باقي پريڪٽيڪل ۾ پئي ڇڙيون هنيم. آخر امتحان ڏئي موٽي ويس، خير سان پاس ٿيس. جيجل ۽ بيا عزيز ڏاڍو خوش ٿيا. انهن ڏينهن ۾ تورن ۽ ماپن جو نئون محڪمو کليو هو. شيخ غلام مرتضيٰ به نوڪري ۾ ويو. آسن منياٺيءَ وارو به ڪجهي ويو. اهڙيءَ طرح گهڻا دوست بي ايس سي پاس ڪيل انهيءَ کاتي ۾ ڀرتي ٿي ويا. سرڪاري جايون ته سڀ ڀرجي ويون باقي لوڪل بورڊن جون جايون اجان ڀريون پئي. ڊاڪٽر حامد علي، جي ايم سيد جو استاد هو، تنهن جي چٺي ڪٺي ڪراچي لوڪل بورڊ جي هلندڙ ميٽنگ ۾ اچي پهتس. شاهه صاحب خاڪسار تحريڪ ۾ اڳ چڱو واقف هو. پر اجا هجائتو ڪونه هوس. چٺي ڏني مانس، مون کي چيائين ته به ڏينهن اڳ جاءِ ڀرجي وئي. وري وٺي جيڪب آباد پڳس ۽ غلام حسين جي گهر سندس پيءُ وٽ وڃي رهيس، پر نوڪري اتي به ڪانه ملي، وري قمبر مدد علي شاهه مختيارڪار پنهنجي ڳوٺائي ڏي ويس، مگر نوڪري ڪانه ملئي. ايتري ۾ نواب شاهه جو هيڊ ماستر مقرر ڪرڻ جو فيصلو ٿيو. مسٽر عبدالستار صرف مئٽرڪ پاس ڪيل هو، تنهن ڪري گريجوئيٽ رکڻو هو. ڏاڍي ڪوشش ڪيم، ڏيارام بورڊ جو ميمبر هڪ نندڙي ڳوٺ سانگهڙ ۾ رهندو هو، تنهن وٽ جهنگ ۾ ويس. مطلب ته جيئن اليڪشن جي ڪنواسنگ ڪبي آهي، اهڙي طرح پڳس. پير قربان علي لوڪل بورڊ جو پريزيڊنٽ هو، تنهن مون کي منهن تي ڪجهه ڪاوڙ سان ۽ بي عزتي جهڙو ڳالهايو. دل ۾ ٿي پيم، اتي ئي انجام ڪيم. وڪيل ٿي هن سان گڏ ڪورٽ ۾ وهڻو آهي.

ماستريءَ تان استعيفا ڏئي وڃي ڪراچيءَ پهتس، مرحوم جي اين قاضي ڊي پي آءِ ٿيو هو. هيءَ نئين جاءِ سنڌ گورنمينٽ کولي هئي ۽ سنڌ بامبي کان جدا ٿي وئي هئي. مان وٽس ويس، ان وقت ديوان ڪرمچند ڊائريڪٽر صاحب هو پرسنل اسسٽنٽ هو. ماستري ڏيڻ کان انڪار ڪيائون ته جاءِ خالي ڪانهي، باقي ڪلارڪي خالي آهي جي

قبول هجيم ته هو مون کي ڪلارڪ ڪري مقرر ڪن. روزگار لاءِ ڏاڍو منتظر هوس. قبول ڪيم. روپيا چاليهه پگهار مقرر ٿي. ساماري ۾ ڪلارڪ هوس، تڏهن به چاليهه روپيا. نواب شاهه ۾ ماستر ٿيس ته به چاليهه روپيا. ڇهن سالن جي پڙهڻ کان پوءِ به چاليهه روپيا. مسلم هاسٽل ۾ رهيس ارادو ته لا ڪرڻ جو هو. پر پگهار تمام ٿوري هئي، تنهن ڪري نوڪري به ڪرڻ لڳس ۽ ٽائيپ ۽ شارٽ هينڊ به سکڻ لڳس. بليرا انسٽيٽيوٽ، ڊي پي آءِ جي آفيس جي پرسان، بندر روڊ تي هئي، ۽ اجا آهي اتي سکيا وٺڻ شروع ڪيم.

وري ڪراچي اچي وسايم. اڳيان دوست گهڻو ڪري سڀ اجان هاسٽل ۾ هئا. عبدالرحيم ڳوناڻي، شجرو،مطلب ته گهڻو ڪري سڀ اتي هوا. مان به ٻئي هنڌ ڪٿي رهان ها. پگهار به چاليهه روپيا. هاسٽل ۾ رهڻ لاءِ شرط اهو هجي ته شاگرد هجان. هاٽي ڊاڪٽر ڊيو آرٽ واريڊن هو ۽ جلدي اسان جي نواب شاهه ۽ منهنجو علي ڳڙهه وارو دوست پيرزادو محمد ڪريم واريڊن ٿيو. غلام حيدر شاهه جو پوءِ وزير ٿيو، اهو منهنجي پرواري ڪمري ۾ رهندو هو. ميان احمد سومرو، اي ڪي بروهي، اهي سڀ نوان اچي هاسٽل ۾ داخل ٿيا. الهه اوبايو، انور احمد. دوست محمد ۽ ٻيا نوان دوست هاسٽل ۾ اچي ويا.

مان ته هاسٽل ۾ شروع کان وٺي رهندو هوس. جڏهن ٿهندي هئي ته به روز اچي سلام ڪبو هو. ڊاڪٽر ڊي يو آرٽ جون ٻئي ڇوڪريون ڏاڍيون حسين هونديون هيون. سندس زال به ڪاليج ۾ ڪو سبجيڪٽ پڙهائيندي هئي. زميندارِي پار ڏوڪڙ جام، ڪائڻ پيئڻ ڪشادو، اهي مڙئي ٿورو گهڻو ساهه به کڻندا هوا ۽ ڇوڪرين سان ملڻ جي به ڪوشش ڪندا هئا. هڪڙي رات اوچتو اڌ رات جو دانهون ٿيون. ڏسان ته غلام حيدر شاهه جي ڪمري ۾ ڪو باٽلي ۾ پيو گند گڏائي سندس ڪمري ۾ اڇلائي ويو. شڪ هو ته رقابت سبب آهي.

منهنجو انهي زماني ۾ خاڪسار تحريڪ سان واسطو رهيو. مسلم ليگ جو به نعرو لڳو. جذباتي ماڻهو تنهن ڪري مسلم ليگ جي

جلسن ۾ بہ وجڻ شروع ڪيم. مطلب تہ سياست سان بہ واسطو رهندو آيو.

ٽائيپنگ ۽ شارٽ هينڊ جو ڪورس پورو ڪيم ۽ شاهاڻي لا ڪاليج ۾ داخلا ورتم. اي ڪي بروهي، خميساڻي، ٻيا بہ گھڻا دوست منهنجا هم ڪلاسي هوا. پرنسپال شاهاڻي، مسٽر ڪوتوال، مسٽر ريمنڊ ۽ هڪ ٻہ ٻيا پروفيسر هوا. شام جو ڪلاس ڊي جي ڪاليج جي مٿئين بلڊنگ ۾ ٿيندا هوا.

ايتري ۾ منهنجا بخت وريا. منهنجو سڄڻ علامہ آءِ آءِ قاضي وطن وريو. اڳ تہ واقفيت ڪانہ هئي سواءِ انهيءَ جي تہ خيرپور ۾ ڪين ڏٺو هوم يا سندس خاندان جو اسانجي خاندان سان چڱو رستو هو. قاضي صاحب آيو ۽ اچي هاسٽل جي مسجد کي آباد ڪيائين. جمع جمع ڏينهن ايندا هوا. نماز بہ پڙهائيندا هوا. خطبو بہ ڏيندا هوا ۽ انهيءَ ڪان پوءِ ڪلاڪ ٻہ شاگردن کي پنهنجي صحبت سان روشن ڪندا هئا. قاضي صاحب بہ چار سال اڳ ۾ عيد گاهہ ۾ ڏٺو هوم. ماٺهن ٻئي خطبو ٻڌو تہ پاڻ ڪنهن وڻ کي ٽيڪ ڏئي بيٺا هوا ۽ صفن ۾ ڪنهن غور، غوض سان سندن نگاهہ هئي ۽ صورت غمگين هئي، پر اتي ڪوبہ ڳالهائڻ ڪونہ ٿيو.

سندن اخلاق، زبان، علم، سچائي، محبت، اسلام سان، الله سان، مٺي مرسل سان، مخلوق سان، تنهن مون کي موهي وڌو. پاڻ قرآن پڙهندا هوا، خطبو ڏيندا ۽ پڙهندا هوا، يا ويهي هدايت ڪندا هوا تہ مان وينو روئيندو هوس.

گھر ۾ آچر آچر ڏينهن هڪ يا ٻہ ڪلاڪ ڪلاس وٺندا هوا. يعني فيض ڏيندا هوا. پهريائين جڏهن اسان وٽن وياسين تہ پاڻ اچي وينا. چيائون، ”بابا! توهان سڀئي آيا آهيو، ڏاڍي مهرباني. هاڻي هر هڪ توهان مان پني جو ٽڪرو کڻي، جيڪي هو چاهي ٿو سو لکي ڏئي ۽ پنهنجو نالو بہ هيٺان لکي، پوءِ اهو ڪاغذ ويڙهي مون کي ڏيو.“

سڀني پنهنجي پنهنجي دل جون مرادون لکيون. جڏهن چنيون

ڪيون ته ڪنهن لکيو ته مان ڪليڪٽر ٿيان، ڪنهن لکيو مان انجنيئر ٿيان، ڪنهن وڪيل ٿيان، ڪنهن جج لاءِ تمنا ڏيکاري. جڏهن منهنجي چٺي ڪوليائون ته لکيل هو مون کي پنهنجي دل جو اطمينان گهرجي، پاڻ ته وڏيڪ ڪجهه چيائون. مگر انهيءَ ڏينهن کان پوءِ سندن شفقت ۽ منهنجي ساڻن محبت جو سلسلو وڌندو رهيو. جيسين جيئرا هوا پر مرڻ کان پوءِ به ڪونه وساريو اٿن.

متان هيءَ ڳالهه وسري وڃي، اها هت ئي لکي ڇڏيان ٿو. سندن وڃڻ کان پوءِ ٻن سالن کان پوءِ ٿورو دل ۾ اچي شڪ پيدا ٿيا ۽ چوڻ لڳس ته روح ڇا جا؟ هيءُ بت آهي، جيسين جيئرو آهي، ٺيڪ آهي، مئي کان پوءِ ڪجهه نه آهي.

ڊئڪ جي لاهور ۾ ميٽنگ هئي، يعني ايوب خان جي زماني ۾ سڀني پارٽين جو گڏيل محاذ ناهيو هوائون، مان به ان محاذ جو ميمبر هوس. اوڏانهن پئي ويس، رات جو سيڪنڊ ڪلاس جي مٿئين سيٽ تي سمهيو پيو هوس. اٽڪل 10 يا 11 بجيا هوندا. اوچتو ڏسان ٿو ته منهنجي پرسان مٿائيءَ جي ڳوٺ ۾ اچي ڪري. آواز ٿيو، "ابا مون کي سڃاڻين ٿو" مان چيو، "ها! قاضي صاحب آهيو."

"ابا مون کي ڏسين ٿو" سندن آواز ٿيو.

چيم، "نه!"

چيائون، "ابا روح آهن." بس انهيءَ کان پوءِ جاڳي پيس. سمجهان پيو ته ننڊ به ڪانه هئي پر گهل هئي.

پاڻ چيائون ته وڪالت ڪرڻ حرام آهي. مان چيو مان پڙهان ٿو، چيائون تبليغ جو ڪم ڪبو. ڏڻ ۾ چيم شادي ڪانه ڪندس. فقير ٿي قاضي صاحب سان گڏ ڦرندس. چيائون کاڏي پايو ۽ پوشاڪ جو به نئون نمونو ڪڍيائون. کاڏي گهرائيسون. شايد کاڏي گهرائڻ وراهڻ جو مون تي ڪم رکيل هو. هاسٽل ۾ ڇوڪرن جو خرچ تمام گهٽو ٿيندو هو. سمجهيم ته زيان ٿو ٿئي، تنهن ڪري سڀئي ڪلب بند ڪرائي، هڪڙو ڪلب کوليم. هيڊ بورچي مراد هو، رات جو ڇئين بجي

جاڳندو هوس. ڪاڏو به ويلا ڪرائيندو هوس. صبح جو سيٺي ڇوڪرن کي ماني کارائي، شام جو وري اچي بورچيخاني ۾ وهندو هوس ۽ شام جي ماني سيٺي کي کارائي پوءِ وچي حساب ڪتاب ٺاهيندو هوس. ڇوڪرا سو ڪان به مٿي هوا، هڪ ڏينهن شايد عيد ڪئي سين. قاضي صاحب علامه صاحب کي وٺي آيس، گڏيل بندوبست ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا. پاڻ ماني کائڻ نه ويٺا پر مون سان گڏ ماني کارائڻ ۾ مشغول ٿي ويا.

هڪڙي هڪڙي جو خرچ اڳ ۾ ٽيهه يا چاليهه روپيا ماهوار ٿيندو هو، ٿي وقت ماني کائيندا هوا. مون جڏهن گڏ ڪلب هلائي ته هرهڪ جو خرچ مهيني ۾ ست يا اٺ روپيا اچڻ لڳو. ٻه مهينا ڪلب هلايم، پوءِ بروهيءَ کي چارج ڏنم، پر بروهي ٽڪجي پيو، ڪلب هلي نه سگهي.

قاضي صاحب جن مايوس ٿيڻ لڳا. هڪ دفعي پندرهن ڏينهن ڪنهن سان نه مليا. قاضي علي محمد جي گهر ۾ رهندا هوا. آخر پندرهن ڏينهن ڪان پوءِ مٺي امان ڪين ٻاهر ڪڍيو. امڙ ايلسا قاضي، جرمن ليڊي هئي. نهايت علم واري، فضيلت واري، مطلب ته جهڙو قاضي صاحب هر طرح سهڻو هو، اهڙو پاڻ به سهڻي هئي. سندن فضيلت لاءِ ڇا لکجي. قاضي صاحب شايد مون ڏي لکيو به هو ته هو اسان کي پنهنجو پٽ ڪري سمجهندي آهي، سندس اسان سان محبت جو اندازو اسان لڳائي نٿي سگهياسين.

قاضي صاحب جن سان ملياسين، پڇيوسين ته ڪهڙي ڪاوڙ جو اسان کي وساري ڇڏيائون.

پاڻ چيائون ته "ابا! مون کائڻ بند ڪري ڇڏيو هو، چاهيم ٿي ته مري وڃان!"

"سائين سبب؟" چيائون ته، "ابن سعود عربستان ۾ تيل جي کاڻين جو مقاطع امريڪن کي ڏئي ڇڏيو. هاڻي نسارا عربستان تي قبضو ڪندا. تڏهن ڀانيم ته اهڙي سچ ٿئي، پوءِ به مان جيان!"

ٻن ٽن سالن جي عرصي اندر سنڌ ڇڏي انگلستان هليا ويا.
اسڪيمون سڀ ٺپ ٿي پيون، ٻين ته امتحان ڏنا، پاس ٿي وڃي ٻئي سال ۾ ٿيا. پوءِ چيم ته هاڻي وري لا ڪيان، پوءِ امتحان ڏنم، پهرئين سال ۾ پاس ٿيس.

ٽائيپ رائيٽنگ تڇ ميٽ ۽ شارٽ سکي ويو هوس. جي اين قاضي مون کان امتحان وٺي مون کي اسٽينو گرافر مقرر ڪيو. پگهار هڪدم اسي روپيا ٿي. ڊي پي آءِ صاحب هاڻي مون کي گشت ۾ ٻه ڪٺندو هو، جنهن ڪري ساڻس گڏ سڄي سنڌ ۾ گهميس.

جلدي ايجوڪيشن ري آرگنائيزنگ ڪاميٽي گورنمينٽ مقرر ڪئي، جنهن جو سيڪريٽري خان بهادر غلام علي، رٽائرڊ ايجوڪيشنل انسپيڪٽر ٿيو. خان بهادر کي ”نانا“ صاحب ڪري سڏيندا هوا. فيروز نانا جو پيءُ هو.

مون کي ٻه خان بهادر سان آفيس هلائڻ لاءِ گڏي ڇڏيائون. ڏاڍو عجيب انسان هو. منهنجو آفيسر ته ڪونه هو، پر پيءُ وانگر گهرندو هو. آفيس جو ڪم ته پيو هلندو هو پر سندس روزانو ڪچهريون ڏاڍيون ياد آهن. ڏاڍو منو ماڻهو هو، چوندو هو، ”فيض محمد! سرڪار جو ڪم پيو هلندو، جيترو گهٽ ڪم ڪندين، اوترو ڦاسندين. ڏس ته مان هاڻي ڪيئن ٿو سڄي رپورٽ ٻئي هنڌان لکائي ڏيانءِ!“ خان بهادر ڪانٽريڪٽر جنهن جو اڳ ٻه ذڪر ڪيو اٿم، اهوبه ڪاميٽيءَ جو ميمبر هو.

هڪ ڏينهن اسان جي آفيس ۾ آيو. خانبهادر انگريزيءَ ۾ کيس چيو، ”خانبهادر توهان جهڙو قابل تعليمي ماهر ٿيندو ئي ڪونه!“

هن وراڻيو، ”توهان جي مهرباني!“

”هن رپورٽ لکڻ جي ٻئي ڪنهن کي مجال آهي.“

جواب مليو، ”حاضر آءٌ لکندس!“ پوءِ سڄو ڪم نانا صاحب ڪانٽريڪٽر صاحب کي ڏنو ۽ رپورٽ لکجي وئي. هيءُ قصو اٽڪل ڏيڍ

ٻہ سال هليو، وري سنڌ يونيورسٽي ڪاميٽي ٺهي ۽ ان جو سيڪريٽري پروفيسر واسواڻي ٿيو. واسواڻي صاحب جا اسان مئٽرڪ ڏيڻ واري زماني ۾ نوٽ پڙهندا هواسين. سندس لکيل ڪتابن جي ڏاڍي تعريف هوندي هئي. مان سمجهندو هوس تہ هيءُ بہ ڪو حيدرآباد جي عاملن وانگر سهڻو اڇو اڌ انگريز هوندو، پر جڏهن هو مون وٽ ساڳي ٽاني صاحب واري آفيس ۾ ساڳي ڪرسيءَ تي اچي ويٺو. ڳالهہ بنهہ ابتڙ ڏٺم. واسواڻي صاحب ڪارو رَڌ. شڪل يوپيءَ جي ڀيلن جهڙي، پر پاڻ رج چڱو مڙس ۽ قابل انسان. هن سان بہ سال ڪن جا ليوسي ۽ رپورٽ مڪمل ڪئيسون. انهيءَ ڪان پوءِ وري زميندارن جي پٽن ڪي سڌارڻ لاءِ سنڌ گورنمينٽ هڪ ائڪٽ پاس ڪيو ۽ ان تي آفيسر منهنجو پراڻو استاد عثمان علي انصاري مقرر ٿيو. مان کي وٺس اسسٽنٽ ڪري رکيائون. ان سان گڏ بہ سڄي سنڌ گهميس، خان بهادر قاضي رٽائر ڪيو. ڊاڪٽر دائودپوٽا صاحب ڊي پي آءِ ٿي آيو، ان جو ذڪر اڳ ۾ ڪري چڪو آهيان. مسٽر علي محمد سيال، تنهن ڪان پوءِ روهڙيءَ وارو قاضي صاحب. امر جليل جو پيءُ پرسنل اسسٽنٽ ٿيو. ديوان ڪرم چند رٽائر ڪري ويو.

انهن ڪان پوءِ وري ديوان مينارام پرسنل اسسٽنٽ ٿيو. انهن سڀني کي جڏهن ياد ٿو ڪريان تہ دل ڀرجي ٿي اچي، اکين مان ڳوڙها ٿا وهن. ڇاهي سڀ هليا ويا. هيڏو لشڪر، ها سڀ هليا ويا. هاڻ صرف تون وڃين بچيو آهين. هنن ڏکن ۽ سورن لاءِ، هنن جيلن ۽ دکن لاءِ، ها سڀ ويا هليا. پر دوستو، سڄي سين ڪري پئي!

مسلم ليگ جو زمانو اچي ويو، اسان کي جوش چڙهندا ويا، ڏاڍو شرمسار ٿيندو آهيان، جڏهن ياد ايندو اٿم تہ مان اهڙو ڪميڻو ڪڏهن ٿيو آهيان جو مولانا آزاد جهڙي ماڻهوءَ سان، مسلم هاسٽل جي مسجد ۾ تکو منو ڳالهايم. ڏٽي منهنجا مون کي انهيءَ گناهہ جي معافي ڏي. هاڻي دهلي ۾ ويس ۽ مولانا جي مزار تي بہ ويس، دل مون کي ڏاڍي ملامت ڪئي.

سر غلام حسين سنڌ جو چيف منسٽر، خان بهادر الهه بخش، مير بند علي، مير غلام علي تن سان شخصي انهيءَ زماني ۾ ڊيٽ ويٺ ٿي. اهي سڀ گذاري ويا. باقي جيڪي جيئرا آهن، تن جون ۽ هنن جون ڳالهيون اچا اڳتي ڪندس.

ڳوٺائي عبدالرحيم ۽ سندس ڀاءُ ميان فيض محمد منهنجا دوست هوا. هالاڻيءَ ۾ قاضي غلام الله جي نياڻيءَ لاءِ جيجل ڪوشش ڪئي. انهيءَ زماني ۾ ڏاڏو ميان فيض محمد مون کي چوندو هو ته تڪڙ نه ڪر مان توکي پرڻائيندس. آخر ٿيو به ائين، ٻين مائٽن جي اعتراض هوندي، ڏاڏي فيض محمد پنهنجي نياڻي مون کي نڪاح ۾ ڏني. شادي ڪيم، مرتضيٰ پٽ ڄائو هوم. گهرواريءَ کي، جيجل امڙ کي، منڙي لائق ۽ غلام هاديءَ کي هٽ ڪراچيءَ وٺي آيس. اچي جاءِ مسواڙ تي ورتم.

محمد ابراهيم ڀاءُ کي ڳوٺ ڇڏيم. هي سنگت سڄي مون سان گهڻو وقت گڏ رهي. لا جو ٻيو سال به پاس ڪيم. هاڻي پانيم ته نوڪري ڇڏي آزاد ٿيان ۽ وري وڃي ماڻهن جي خدمت ۾ سرڙو ازايان ۽ وڪالت به ڪيان. استعيفا لکي ديوان مينارام کي ڏنم. چيائين "ميان چريو ٿيو آهين ڇا؟ هت توکي ڏاڍو سٺو فيوچر آهي. نوڪري نه ڇڏ. هرويرو ڪٿي موڪل وٺ." ڪيس چيم، "سچ! تنهنجي قرب لاءِ شڪر گذار آهيان، مان آزاد ٿيڻ گهران ٿو. موڪل وٺندس ته وري به اوسيڙو رهندو. انهيءَ ڪري ٻيڙي ساڙي ڇڏيندس ته هنان جو اوسيئڙو لهي ويندو. مون کي يا ديوان کي ڪهڙي خبر، ته مان ڄائو ئي سورن جي ديگ ۾ رجهڻ لاءِ هوس. هنن سورن جو ساٿي ڪير ٿئي ها. خير نوڪري ڇڏي ڪراچيءَ کي الوداع ڪري وڃي ڳوٺ پهتاسين.

هنن ڏهن سالن جي اندر منهنجي ماسي جنهن کي ناني چوندو هوس، اها به گذاري وئي، جيجل جي ماسي به گذاري وئي. مگٽي پيري منهنجي سوٽ جنهن کي "مائو" چوندو هوس. اها به گذاري وئي. ڏکن جي حياتي هئي، ويچارن منهنجي مائٽن جي مرڻ کان پوءِ سک ڪونه ڏٺم.

قدرت جو مشاهدو ڳوٺ کان ٻاهر نڪري، جهنگ ۾ ويهي رهڻ، بندگي ۾ وقت سر غرق ٿي وڃڻ، پپن جو ڏک ڏسي دل جو تڙپڻ. سريلو آواز ٻڌي دل جو سوز ۾ دکڻ، حسن جو نٺڍي هوندي کان وٺي اثر رکڻ، جنهن ڳالهه تي بيهڻ ته وري نه مڙڻ، اهي سڀ وصفون قدرت مون سان ڳنڍي ڇڏيون هيون. هميشه تلاش رهندي هئي ته دل کي سڄو آرام نصيب ڪيئن ٿئي. هيءُ دنيا ۾ جيڪو عذاب آهي سو ڪيئن ختم ٿئي، ظلم جبر ڇو هجي، انهن سڀني سوالن جو جواب منهنجي لاءِ ملڪ جي آزادي ۽ وڏ ماڻهپائي کي ختم ڪرڻ ئي هوندو هو. انهيءَ ڪري خدا ڏانهن، انساني همدرديءَ ڏانهن ۽ ملڪ جي آزادي ڏانهن دل جو لاڙو رهيو.

آخر روزگار به ڪرڻو هو. انهيءَ ڪري هالاڻي پنهنجي ڳوٺ اچي سند وٺڻ جو ارادو ڪيم. ڏوڪڙ تمام گهٽا گهربا هوا. ساهرا چڱا شاهوڪار ماڻهو هوا، پر پيسي ملڻ جي اميد گهٽ هئي. ويچاري منهنجي گهر واري، پنهنجي ڌهري يا پيو ڪو سونو زيور مون کي ڳهه رکڻ لاءِ يا وڪڻڻ لاءِ ڏنو. انهيءَ کان پوءِ سندس وڏي چاچي ڪجهه پئسا اوڌر ڏنا. ڪراچي وڃي هاءِ ڪورٽ ۾ في داخل ڪرائي سند ورتم ۽ ڪجهه سامان جهڙوڪ ڏي ميز ۽ ڪرسيون وغيره ورتم ۽ ڪجهه ڪتاب به ورتم. نوشهرو اچي آفيس کوليم. هڪ موقوف ٽپل داروغو ملي ويم، تنهن کي منشي به ڪري رکيم ۽ ساڳي وقت هو ويچارو منهنجي ماني به ڪندو هو. مهينو سڄو گذري ويو، ڪو به اصيل ڪونه اچي. انهي کان اڳ ۾، منهنجي پائن جهڙي دوست مسٽر

انور احمد اچي وڪالت شروع ڪئي هئي. هن کي عرض ڪيو هوم ته مون کي پاڻ سان ڪٺي، پر ڪن مجبورين سبب هو ائين ڪري نه سگهيو. آخر اڪيلو منهن ڏيڻو پيو. آخر هڪ پائي بند آفيس ۾ گهڙي آيو. ڏاڍو خوش ٿيس. ڇپائين تعميل وجهڻي آهي، رقم اٽڪل ٻه هزار کن هجي، في روپيا پنج ڏيڻا ڪيائين. پهريائين ڏاڍو ڏک ٿيم پر ٻک ٻجڙي، هي ڪيس ڪنيم. روپيا پنج ڪمايم. آخر ڏنڌو شروع ٿي ويو، روپيا ٻه ٽي سو هر مهيني ملڻ لڳا. في پنجاهه کان سئو تائين ننڍن فوجداري مقدمن ۾ ملندي هئي. پنجن ڇهن مهينن کان پوءِ هڪ ميمڻ جوان پنهنجي پاءُ کي ڏک هٽي ماري وڌو. خون ارادتن ڪونه ڪيل هو، پر پائن جو پاڻ ۾ گاريون گند ڏيندي خون ٿي پيو. حاجي غلام محمد سندن عزيز اچي مون کي وڪيل ڪيو. روپيا شايد پنج سئو يا هزار هجي مون کي في ملي. سيشن جج محمد بچل هجي.

ڏک قبول ڪيل هجي مگر فوتي ڌر جي گارين ۽ چيڙائڻ سبب، آخر ڪيس هلي پورو ٿيو، سزا گهٽ ۾ گهٽ شايد ٽي سال يا پنج سال ملي. خير ائين قصو ويو وڌندو. اسين نوشهري جا وڪيل ۽ نواب شاهه جا وڪيل، ڪڏهن هو هت ته اسين هت. پڊعيدن اسٽيشن تي اچي گڏبا هواسين. ڪڏهن ڪڏهن ته رات به ترسڻي پوندي هئي. سياسي طرح سان يا قومي خدمت جي جذبي سبب کان، يا انساني همدرديءَ جي سبب کان ڇهن کان اٺ ڏهه سال اڳ خاڪسار تحريڪ ۾ شامل ٿيو هوس. خاڪسار تحريڪ سان واسطو رهيو. علامه مشرقيءَ سان تعلقات رهيا. هاڻي مالي حالت ڪجهه چڱي ٿي. وڏي جنگ اجان هلندڙ هئي. سڀئي انتظار ۾ هوندا هواسين ته ڪڏهن ٿو انگريز هارائي ۽ ڪڏهن ٿا اسين آزاد ٿيون.

نواب شاهه ۾ نامپارا وڪيل، ڏئل مل، موسى خان، هرداس مل، هردا رام، حاجي خان لاڙڪ، محمد يعقوب، الهه اوپايو، مرزا فرخ بيگ، آسنداس ۽ پيا به ڏهه پندرهن وڪيل هوندا هواسين. نوشهري ۾ پير قربان علي تارازي، ٽيئونمل، چاندو مل، توپڻ، انور احمد، دوست

محمد، حمزو خان، جوڌارام، جهنڊو مل، پنج يا ست ٻيا وڪيل هوندا هوا. نواب شاهه ۾ محمد ٻچل سيشن جج، فرسٽ ڪلاس جج سندر آڏواڻي، نوشهري ۾ گيهاڻي وشن جنهن جو اڳ ۾ ذڪر ٿي چڪو آهي ۽ جلدئي پوءِ غزنوي صاحب جائنٽ جج ٿي آيو. سرڪاري وڏو وڪيل يعني پبلڪ پراسيڪيوٽر ڏئل مل هو ۽ نوشهري ۾ پوليس پراسيڪيوٽر عزيز الله ميمڻ هو.

نوشهري ۾ هڪ ڪلب هوندي هئي. جتي رات جو گڏبا هواسين. ڪي پتا کيڏندا هوا ته ڪي وري چرچي ڀوڳ ڪي لڳي ويندا هوا. عزيز الله جي ٽوپڻ سان لڳي پئي هوندي هئي. ٽوپڻ جهڙو هوس، نالو اهڙو مانيٽو. هڪ اک ويچاري جي خراب ٿيل هئي. چڱو ٿلهو جوان هو، عزيز الله جا چرچا، ٽوپڻ جو پڻ پڻ ڪرڻ ۽ گيهاڻي جو کلڻ، ڏاڍو ڇهچٽو لڳو پيو هوندو هو. ڪورٽ ۾ چڱي ڇهل پهل هوندي هئي. گيهاڻي جج هوندو هو. نهايت هوشيار، خدا ترس، ايماندار، يار ويس، اسان نون وڪيلن سان سندس ڏاڍي دل هوندي هئي. ٿورو گهٽو ڪم هوندو هو ته جهٽ پورو ٿي ويندو هو. ٻاهر گهمڻ ڦرڻ به ويندا هواسين. هڪ دفعي مان کيس دعوت ڏئي هالاڻيءَ وٺي ويو هوس. غزنوي پوءِ آيو پر هو به ڏاڍو پيارو ماڻهو هو. غيرتمند مسلمان، بئريسٽر، انگريزي لکڻ ڪوئي ڪانئس سکي. ياريءَ جو ته وري مور هوندو هو. مشهور عام گهراڻي جو اولاد، مولانا غزنوي جو تمام ويجهو عزيز هو. گلو تمام سنو هوندو هوس، پنهنجي گهر ۾ جا انهيءَ وقت پوسٽ آفيس جي ڀرسان هئي ۽ شيخن واريون سندس رهڻ واري جڳهه جون دريون اسپتال جي سامهون، وڏي رستي ڏانهن هونديون هيون. پوءِ پيارو جوان جڏهن مونجهه محسوس ڪندو هو ته دريءَ ۾ ٻولڙي وانگر ويهي رهندو هو ۽ ويهي ڳائيندو هو.

”آئي به وه، گئي به وه، ختم فسانا هوگيا.“

سنڌي به سٺي ڳالهائيندو هو. اصل وطن شايد سندن امرتسر هو. لاهور ۾ به سندن گهر هوندو هو. سچ ته انهيءَ وقت، اسانجي هن

سنگت ۾ نہ ڪائي ذات پات نہ مذهب نہ صوبو، ڪائي اهميت رکندو هو. سڀ چڱا ماڻهو هوا. جيڪڏهن ڪو وڪيل روينيو مئجسٽرين کي رشوت کارائيندو هو تہ سندس ڪائي عزت ڪانہ هوندي هئي.

ڪنڊياري ۾ بہ منهنجي آفيس هوندي هئي. وڏن لاءِ ڏاڍي عزت هوندي هئي. ڪنڊياري ۾ جوڌارام موورياڻي، پيمن داس، گرمکداس، پيرزاده شاهنواز ۽ مان وڪالت ڪندا هواسين. غوث بخش مختيارڪار هوندو هو. انهيءَ کان اڳ مسٽر آر بي ميمڻ مختيارڪار هوندو هو. هي ڪامورا مسلمانيءَ جو نالو گهٽ وٺندا هوا. تاهم بہ اڄ کي زماني وارن ماڻهن کان تمام گهٽ اوچا، هوشيار ۽ احساس رکندڙ ماڻهو هوا. مون سان خاص مهرباني ڪندا هوا. هڪڙي ڏينهن ڏئل مل ڪنڊياري ۾ بگيءَ چڙهندي ڪري پيو ۽ کيس ڏاڍي چوٽ آئي.مان کيس مالش ڪئي ۽ سندس ڏاڍي خدمت ڪئي. آخر اسٽيشن تائين گڏجي ويو مانس ۽ کيس گاڏيءَ ۾ ويهاري پوءِ موٽيس. هي ڳڻ ويچارو هميشہ ڳائيندو هو ۽ سندس پاڻيٽيو رام منهنجو گهرو دوست هوندو هو.

پنهنجي سفر جون کهڙيون ڳالهيون ڪيان، رحم بہ اچي ٿو ۽ روئڻ بہ. علامہ قاضي صاحب ۽ علامہ مشرقيءَ جون منيون ڳالهيون، امت محمدي، محمد بن قاسم جي سنڌ تي چڙهائي فقط هڪ بي قصور ۽ مظلوم مسلمان عورت جي خليفہ وقت جي کي پڪار سبب هئي! اهي ڳالهيون دل تي ويهي ويون. اجان دل تي اٿم.

”پر جنين ڪاڻ مياس، اهي ڪانڌي ڪين ٿيا“

اهي مسلمان ۽ سنڌي مسلمان ۽ اهي غريب جن لاءِ مئس، تن وڏن ماڻهن سان گڏجي مون سان ڇا ڇا ڪيو. اهو دل ڏاريندڙ آهي. پر جيئن چوندا آهن،

”اپٽي توڙ نباهہ.“

خبر جذبات ڪاليج وارا، قاضي صاحب جي محبت وارا، هميشہ مون سان گڏ رهيا ۽ اجان رهندا اچن ٿا. ان جو نتيجو آهي تہ

هن وڏي عمر ۾ به پرديسن ۽ جيلن ۾ پيو ڏينهڙا گذاريان. تنهيءَ وقت ۾ حاجي غلام نبي ڏهراج ڪنڌياري تعلقي ۾ وڏي اثر وارو زميندار هو. ڪوڙن ڪيسن ڪري ماڻهن کي ڦيسائڻ ۾ ماهر هوندو هو. منهنجو شخصيءَ طرح سان ساڻس چڱو رستو هوندو هو. پر سندس هي ڳالهيون مون کي وڻنديون هيون ۽ انهيءَ ڪري هن ٻين زميندارن سان گڏجي مون تي جيڪي وار ڪيا، تن جو ذڪر پوءِ ڪبو.

انهيءَ زماني ۾ منهنجي پاڙي ۾ عيسو سيال رهندو هو. سيالن جو ڳوٺ جو اسان جي پرسان ڳوٺ هوندو هو. مير محمد سيال ڳوٺ جو زميندار هو. حاجي سڳورو هو، مري ويو تي نياڻيون ۽ هڪڙو ڇورڙو پٽ ڇڏي ويو. حاجي غلام نبي سندس نياڻيون ڪٺائي ڇڏيون، هڪ سان پاڻ شادي ڪيائين ۽ ٻيءَ سان پنهنجي پٽ شاهنواز جي، عيسي، حاجي غلام نبي تي پڪاريو ۽ ڇوڪرين ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي، حاجي صاحب جي دشمني سر تي کنيائين. عيسو منهنجي پاڙي ۾ اچي وينو هو. مون وٽ ايندو هو. هڪ ڏينهن هالائيءَ ۾ اوطاق ۾ وينو هوس ته شام جو عيسو مون وٽ پڄندو آيو، چيائين، ”سائين! مري ويس، قاضي صاحب مدد ڪر!“ ڪيس اهڙو منجهيل ڏسي منهنجي دل جا تمام نرم هئي، هيڪاري ڏڪوئجي وئي. چيم ”ادا عيسيٰ ڇاهي؟“

چيائين، ”سائين! دودو منهنجي پاءُ جو خدا خانو خراب ڪري، هڪ عورت منهنجي گهر جي پرسان رستي تي اچي ڪري پئي ۽ رڙيون پئي ڪري، هن کي ڪٽي گهر ۾ اچي ويهاريو اٿس ۽ گهر جون زالون سندس خدمت ۾ بيٺيون آهن. هو انڌو آهي، مون کي پڪ آهي ته هيءَ عورت مظلوم نه آهي پر ظالم آهي. حاجي غلام نبي ڪو منصوبو سٽيو آهي ۽ هيءَ ان ۾ ڪو پارٽ ڪري رهي آهي. هاڻي ڇا ڪيان! مان مري ويس!!“ روئي ڏنائين. چيم مان ڇا ڪريان. ٿوري وقت ۾ امام بخش جوٽيجو ٿارو شاهه جو صوبيدار، سپاهين سوڌو عيسيٰ جي گهر ۾ پهچي ويو. مائي جا بيمار تي پناهه وٺڻ لاءِ گهر ۾ گهڙي، اتي دانهون ڪرڻ لڳي، ”گهوڙا، گهوڙا! عيسيٰ، دودو ۽ ٻيا مون کي هٿ زوري ڪٽي آيا

آهن. عيسىٰ، دودي مون سان زوري ڪئي آهي. هنن رنن منهنجا ڳهه قريا آهن ۽ هنن مردن سان مون کي پوري زوري زنا ڪرائي آهي."

عيسو ته گم ٿي ويو. باقي ٻيا سڀ مصيبت ۾ ڦاسي ويا. مون کي به هوا ڀريان جوش ۽ هڪڙي مسلمان ۽ انسان واري همدردي، هڪدم وڃي انسپيڪٽر پوليس سان مليس، پر چڱو جو هيءُ هڪ هندو هو، مسلمان هجي ها ائين ڪين ڪري ها. ڳالهه ٻڌائي مانس، هڪدم ڪارروائي بند ڪيائين، سڀني کي آزاد ڪيائين. جاچ پاڻ شروع ڪيائين. ڪيس ڪوڙو ڪري حاجي غلام نبي ۽ انهيءَ رن تي ۽ ٻين تي ڪارروائي جو حڪم ڏنائين. هوڏانهن حاجي صاحب ٻئي وڃي سڌو فرياد محمد رمضان شوري ڊپٽي ڪليڪٽر وٽ داخل ڪرايائين. جنهن صاحب عيسىٰ ۽ ٻين تي وارنٽ ڪڍيا. هنن غريبن جو وڪيل ٿي انهيءَ ڪيس مان ڪين ڇڏايم. محمد رمضان شورو ڏاڍو پيارو دوست هو ۽ مون سان به چڱو رستو هوس، پر خدا ترسيءَ ۾ هندو آفيسر سو به پوليس وارو، هڪ گريجوئيٽ مسلمان مئجسٽريٽ کان ڪئي ٻار ڀلو هو.

ڳالهيون تمام گهڻيون آهن، هڪ هڪ ڳالهه هڪ دفتر آهي. منهنجي طبيعت، منهنجي دل، هڪ عجيب کيل آهي. درياهه جو پاڻي ڇوليون هڻندو آهي. جڏهن موج ۾ ايندو آهي ته ڪپر کي ٻيڃي ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. منهنجي بي قرار دل جي ساڳي حالت هئي ۽ اڄ ڏينهن تائين آهي. هڪ هنڌ چپ ڪري ويهڻ ناشدني آهي. سو به وري هن دنيا، هن ماحول، هن معاشري ۾، اصل نه هل ۽ هل اها سندس تنوار رهي آهي، نندي هوندي وارو سفر اڳئي ٻڌائي چڪو آهيان.

هاڻي وڪيل نه ٿيس ۽ ڪمائڻ به چڱو لڳس. بدم ته ڪراچيءَ ۾ پوليس پراسيڪيوٽر ٿا مقرر ڪن. ڪراچي ٻڌس اچي اسرويو ڏنم. انگريز آفيسر هوا، سفارشن جي بيماري به شروع ٿي وئي هئي. ڪورنمينٽ به سنڌين مسلمانن جي هئي. مون کي خبر نه آهي ته

سفارش جي يا لياقت جي لحاظ سان مون کي نوڪري نہ ملي.

سچي عمر جيڪا هن وقت تائين گذري چڪي آهي تہ ڏنو ويندو تہ قدرت ڪيئن مون کي ڪٽ ڪٽ گھمائي ڪيئن هٽ پهچايو آهي. پر جي ڪنهن بہ نوڪريءَ ۾ گھڙي پوان ها تہ اڄ هي ڏک ڪير سهي ها ۽ هي جيل ڪير ڀري ها ۽ هي ڪتاب ڪير لکي ها. چوندا آهن تہ بندي جي من ۾ هڪڙي ۽ قدرت ڪي ٻي.

بنگال هميشہ سورن ۾، ڏڪر ۽ ٻوڏون هنن غريبن جي نصيب ۾ لکيل آهن. اچا وڪالت ۾ وڃي مس پير کوڙيم. خبر پئي تہ هزارن جي تعداد ۾ غريب بنگالي مري رهيا آهن. اسٽيشنن، رستن تي چڙيون هٽي پيا تہ مرن. زالون ٻچا رُلي ويا. ڪو بہ ڪين ڪاڍي ڏيڻ لاءِ ماڻهو ڪونهي، دل اڳئي نرم وري متان علامہ مشرقيءَ جي سندس هفتيوار اخبار ۾ سندس اعلان تہ خاڪسار سڄي هندستان مان پهچي وڃن ۽ بنگال مان ڏڪر جي باهہ وسائڻ لاءِ جان ڏڙ جي بازي لائي، ٻڌلن کي ڏڪرجي ٻوڏ کان بچائن. هت اڳيئي وٺي هئي رني، وري آيس پيڪن جو ماڻهو. بس انهيءَ خدمت خلق ۾ ضرور حصو وٺبو. هت سڄو ڪٽنب جيجل امان، ننڍڙا ڀائر، نئين شادي، ٻہ ننڍڙا ٻچڙا. گھرواري ايڏي حسين عورت. اخلاق جو مجسمو. جنهن جانب لاءِ، رات جو سائيڪل تي چڙهي بہ گھر پهچندو هوس. سندس مائٽن سان جنڊي ٻاڙي جو انجام هو، پر هن مني ساٿي پنهنجو گھر ڇڏي، منهنجي لاءِ منهنجي گھر آئي، هيترا محبت وارا ماڻهو هڪ طرف، ٻئي طرف کان ڪلڪتي تي جپان جي بم بازي، هي سڀ سور سختيون، ڪهڙو فيصلو ڪجي.

هوڏانهن انسانيت چيخي رهي هئي ۽ ان سان گڏ علامہ مشرقيءَ جو حڪم. وڏي ڳالهہ تہ هن منهنجي عجيب دل جو فيصلو.

"اٿ تہ رب جي خلق جي خدمت ڪجي"

چوان پيو تہ منهنجي وڃڻ ڪري انقلاب ڪونہ ايندو، نڪي وري ڏڪر بنگال کي ڇڏي ويندو. پر ياد اٿم تہ جڏهن حضرت يوسف

مصر جي بازار ۾ نيلام ٿي ٿيو. تڏهن گهڻا وڏا ماڻهو هيرا جواهر کڻي آيا يوسف کي خريد ڪرڻ لاءِ. اتي هڪ پوڙهي عورت ڪپهہ جون ٻہ ٽي ڦوريون کڻي آئي. اچي نيلام ڪندڙ آفيسر کي چياءِ تہ،

"مان يوسف کي خريد ڪرڻ آئي آهيان."

"مائي هت تہ جواهرن ۽ هيرن جا مالڪ اچي پهتا آهن. هنن ٻن ڦورين ۾ يوسف تون ڪيئن خريد ڪندينءَ؟"

مائي وراڻيو، "ابا! صحيح آهين تون، پر هنن ڦورين جي محابي من منهنجو بہ يوسف جي خريدارن ۾ نالو لکجي."

اهڙيءَ طرح خريدارن جي لسٽ ۾ نالي لکڻ لاءِ هي سڀ سگ ٿوري لاهور روانو ٿيس. علامہ صاحب سان مليس. پاڻ ڪلڪتي محمد علي پارڪ واري ڪيئمپ ۾ وڃڻ جو حڪم فرمايائون. لاهور کان گاڏي ۾ چڙهياسين، ٻيا بہ خاڪسار مون سان گڏ هوا. خاڪي ڪپڙا، پٽو چيلهہ ۾، بيلچو ڪلهي تي، اخوت واري ٻئج ڪلهي تي، مٿي تي پٽڪو هو يا ٽوپي، سو ياد ڪونہ اٿم. وڏو جوش هو ۽ وڏي مسافري. لاهور کان ڪلڪتو، هندستان جي هڪڙي ڪنڊ مان ٻي ڪنڊ تائين، رستي وارا وٽان ماڻهو، جڏهن علي ڳڙهہ پڙهندو هوس، تڏهن ڏٺل هئم، پر هاڻ خاڪسارن جيش سان هڪ ادنيٰ سپاهيءَ جي حالت ۾ هوس. هن حياتي جي ٿورڙي عرصي ۾ ڇا ڇا نہ ڏٺم. اڄ ادنيٰ سپاهي هوس، پوئتي ڇا ڇا نہ ڇڏيم. نوڪري مان آزاد تہ ٿيس، امڙ کي ۽ منهنجي رفيق حيات، ٻائن جي مون ٻچن وانگر پاليا ۽ ننڍڙا ٻچڙا، تن سڀني کي هيءُ ڀھريون ڪاپاري ڏک هنيم. سڀ رئندا ڇڏيم. جپان جي چڙهائيءَ جو امڪان ۽ افواه عام جام هوا. هنن منزن کي منهنجي حياتي جو خطرو نظر آيو، پر آءٌ جڏهن هن منهنجي دل، جنهن کي مون فنا ڪيو ۽ جنهن مون کي فنا ڪيو، تنهن جو چوڻ ڪيئن موٽايان. سڄي عمر مون کي ڪنائين، جتي تتي اتڪيو پوي، وجيو ڦاهي چڙهائي. منهنجي منزي دل جا مون تي بہ هزار ٿورا آهن. جڏهن اڪيلو ٿو رئان تہ ٻيا سڀ ڇڏي وڃن پر هن مون کي نہ ڇڏيو ۽ سڄي عمر مون سان

گذ رئندي رهي.

آخر منزلون ڪاٽي، ”چپ راس“ ڪندا. ڪلڪتي جي اسٽيشن تي لٿاسين، وري بيلچا ڪلهن تي، بسترا پٺيءَ سان، قطار ۾ ”چپ راس“ ڪندا اچي محمد علي پارڪ ۾ پهتاسين. اڳئي سڄي هندستان مان مون جهڙا چريا پنهنجا گهر اجڙ ڪري انسانيت جي نالي، پنهنجي پياري ليڊر فقير علامہ مشرقيءَ جي حڪم تي سون جي انداز ۾ پهچي ويا. جپاني هوائي جهازن جا ڪلڪتي تي حملا جاري هوا. سڀني پهريائين پارڪ جي اندر غارون کوٽيون، تنبو هنياسين. اتي منهنجا جانب يار سنڌ مان ٻيا بہ هوا پر خاص جو ياد اٿم اهو هو قادر بخش لاڙڪ جو انهيءَ زماني ۾ علي ڳڙهہ ۾ پڙهندو هو. هي نوجوان ڇوڪر بہ ڪلڪتي پهچي ويو ۽ اچي ڪئمپ ۾ داخل ٿيو.

هاءِ! انسانيت!! بس پوءِ تہ هزارن ۾ ننڍڙا ٻچڙا، بيواه عورتون، لنگڙا مرد، ڪيمپ ۾ خاڪسار، ٻاهران وٺي پئي آيا. ڪوئ بہ فرق ڪونہ هو، هندو مسلمان سڀ ڪئمپ پئي آيا. هاءِ! هاءِ!! اجا ياد اٿم، اها معصوم ٻچڙي! جنهن جي عمر اٽڪل 6 يا 7 سال هئي، هندو ماءُ پيءُ جو اولاد هئي، مان تہ ڪٽي پاڻ کي يتيمن جي حوالي ڪيو. امينان ٻچڙي، فاطمہ ٻچڙي! محمد ننڍڙو، هي يتيم ۽ ٻيا بہ ٽولن ۾ منهنجي تنبوءَ ۾ رهڻ لڳا. ننڍڙي سيتا هندو هئڻ جي باوجود مان هن کي ڏاڍو پيارو هئس ۽ هوءَ مون کي. بس جڏهن بہ ڪيئمپ مان ٻيو ڪم لاهي ايندو هو، سيتا سيني تي چڙهي ويهندي هئم، امينان بغل ۾ ليٽي پوندي هئي، فاطمہ، محمد ۽ سندس ٽين ڀيڻ زينب منهنجي ڄنگهن ۾ ٻانهن تي ويهي رهندا هوا. واءِ! قسمت هيءَ ابهم منهنجا ٻچا ٿي ويا!! هنن جو ڏک منهنجو ڏک ٿيڻ لڳو. منڙي سيتا تہ هميشہ منهنجي ڳلي لڳل هوندي هئي. ڪئمپ ۾ ڪم لاءِ ويندو هوس تہ پوئتان ڀڄندي ايندي هئي. بس ائين ڏينهن گذرڻ لڳا.

مون کي اهو ڪم ڏنو ويو تہ وڏن ماڻهن ۽ آفيسرن سان جڏهن ملڻو پوي تہ مان انهيءَ ڊيپوٽيشن جو سالار هوندو هوس. اندر

ڪئمپ ۾ لک پڙهه، حساب ڪتاب جو ڪم ڪندو هوس، داخلا جي نظرداري ڪندو هوس.

ڄُريون ته ڪوتي ڇڏيون هيونسين، اوچتو اوچتو الارم وڄندو هو ۽ جهٽ ۾ جپاني حملي وارا جهاز گجگوڙون ڪري ايندا هوا. ڌڙام! ڌڙام!! جا آواز ٿي ويندا هئا. مان پنهنجن يتيم ٻچڙن ڪي وٺي وڃي چرن ۾ لڪندو هوس. هڪ دفعي ته اهڙا بم ڪريا جو جايون لڏڻ لڳيون. ڇڻ ته اسانجي مٿان گولا ڪري رهيا هوا. آخر ڄُرين مان نڪري، مان بمبازي جاءِ ڏسڻ لاءِ نڪتس، اها جاءِ اسٽيشن جي ڀرسان ورڪ شاپ تي بم وسيل هوا. وچي جو ڏسان ته ريلون، ائين ته اڏي ويون هيون جو خبر ڪانه پئي پوي ته هت به ڪا ريلوي لائين هئي. غريبن جون مينهون ۽ ٻيا مال مئو پيو هو. چون ٻيا ته ٻيو زيان گهٽو ٿيو پر ماڻهو ڪونه مئو هو.

بنگال تي هڪ وقت ٻه مصيبتون، هيڏانهن ڏڪر مٿان بمبازي. ڪيمپ جي زندگي عجيب تجربو آهي، اڳ ۾ خاڪسارن جي ڪيمپ ۾ سپاهي ٿي رهيو هوس. شهرن ۾ مارچون ڪرڻ، رات جو پهرا ڏيڻ، اطاعات امير ڪرڻ، وقت سر تماچا جهلڻ، سزائون ڪائڻ، پر هيءَ عجيب ڪيمپ هئي، ڏکن جي ماريلن، بکن جي ستايلن جي لاءِ سهارو ۽ آسرو هو.

شام جو وڏي شاميانې ۾ وهندا هواسين، سڄي هندستان جا خاڪسار اچي گڏ ٿياسين، ڪو ڪهڙي لات لنوي ته ڪو ڪهڙي. هڪڙو خاڪسار وات سان تبلا وڄائيندو ته ٻيو ستار ڇيڙيندو ته ٽيون ڳائيندو. چرچا ڀوڳ مسخري به ٿيندي هئي. اتي ڏڪر جا ماريل ماڻهو به گهڻائي اچي وهندا هوا. دال جون ديڳيون چاڙهيندا هواسين، مانين جا ڪارا پچائيندا هواسين. ڪيمپ ۾ سيني کي ڪاڏو پهچائيندا هواسين. ڪلڪتي جي وچ شهر م اسانجي ڪيمپ هوندي هئي. ڪلڪتي جون اوچيون ماڙيون، ڪلڪتي جي رونق، ٻئي طرف اهي بستيون جتي ماڻهون چڙهيون هٽي پئي مئا.

اسانجي تحريڪ زور ونندي وئي. علامہ صاحب جو حڪم هو تہ هندستان جي ٻين صوبن ۾ هرهنڌ ڪيمپون ڪوليون وڃن ۽ اتي هيءُ مظلوم هزارن جي انداز ۾ پهچايا وڃن. هندو، هندن کي ڏنا وڃن ۽ مسلمان مسلمانن کي. جيڪڏهن هڪ هڪ گهر، هڪ هڪ ماڻهوَ پاڻ وٽ رهائي ۽ سنڀالي تہ لکن جون جانيون بچي پونديون. پر هيءُ حسد ۽ تعصب جنهن انسانيت کي هندستان ۾ تباهہ ڪري ڇڏيو. ڇوت ڇات، برهمڻ، سودر وغيره وغيره هندو، مسلمان، عيسائي، سک، سڀ هڪ ٻئي جي رت پيئڻ لاءِ تيار. انهيءَ تعصب جو اسانجي تحريڪ بہ شڪار ٿي. خاڪسار ويچارا، گهر ٻار ڇڏي پنهنجا چار ڏوڪڙ ڪٽي آيا، پنهنجو ڪائي ٻين جي خدمت ڪرڻ بہ تعصب وارن کي ڪين وڻي.

حڪومت طرفان جنهن جو چيف منسٽر خواجہ ناظم الدين، تن حڪم ڪيو تہ ڪوبہ بنگالي صوبي کان ٻاهر نہ ڪڍيو ويندو. ڊاڪٽر مڪرجي جو ان وقت هندو مهاسڀا ساري هندستان ۾ صدر هو. تنهن پڻ حڪومت تي زور آندو تہ خاڪسارن کي ماڻهو ڪڍڻ نہ ڏنا وڃن.

علامہ صاحب حڪم ڪيو تہ منهنجي سالاري هيٺ اسين وڃي ماڻهن کي ملون ۽ ڪين سمجهايون، جيئن هو ذڪر جي ماريلن بنگالين کي ٻاهر ڪڍڻ ۾ اسانجي حمايت ڪن. ڪنهن ڪنهن سان ملياسين، سو ايترو ياد ڪونہ اٿم. باقي ڊاڪٽر مڪرجي ۽ خواجہ ناظم الدين جي ملاقات تمام چڱي طرح ياد اٿم. ڊاڪٽر صاحب کان ٽائيم وٺي اسين وٽس وياسين، مڙس ڳرو، روب تاب وارو. اسان سان چڱي طرح پيش آيو. ڳالهين ڪندي ڪندي چيائين تہ، ”هڪ بہ هندو بنگال کان ٻاهر نہ ويندو.“ هڪ ٻئي جي واقفيت کان پوءِ مون کي چوڻ لڳو، ”مسٽر قاضي! تنهنجي ڳوٺ جي هندن تارون ڪيون آهن تہ توهان هتان هندن کي ڪيڏي مسلمان ڪندو!! مان توکي يقين ٿو ڏياريان تہ مان هڪ هندو بہ ٻک جي وگهي مرڻ نہ ڏيندس، مون وٽ ايترو بندوبست آهي، البت بنگال مان ماڻهو ڪٽي هت اچو ۽ هندو اسان کي ڏيو. تہ

توهان جي مهرباني، ٻي طرح هندو توهان سان وچڻ نہ ڏيا.“

ڊاڪٽر صاحب جو هيءُ بيان ٻڌي ڏاڍو ڏک ٿيو. انهيءَ کان پوءِ بنگال جي چيف منسٽر خواجہ ناظم الدين وٽ وياسين. پاڻ وڏي ڪوٺي ۾ اچي ويٺو ۽ اسان کي گهرايائين.

پاڻ فرمايئون، ”ڪهڙي خبرچار!“

مان چيو، ”علامہ صاحب اسان کي توهان ڏي موڪليو آهي بندش لاهيو ۽ ڏکر جي ماريلن کي خاڪسارن جي حوالي ڪيو تہ اسان هنن کي هندستان جي ٻين صوبن ۾ وٺي وڃون، جتي ڪين عوام جي مدد سان مصيبتن مان آزاد ڪرايون.“

ٿورو کلي چيائين، ”توهان گهٽا بچائي سگهندا. هتي هزار ۽ لکين مرندا، توهان ڪيترن کي بچائي ڪيترن کي بچائيندئو!“

بس خواجہ صاحب جو ايترو چوڻ مون کي پاٽيءَ مان ڪڍي ڇڏيو. ڏاڍو ڏک ٿيم.

ڪيس چيم، ”خواجہ صاحب! توهان وڪيل بہ آهيو؟“

چيائين ”ها!“ ”پوءِ ٻڌايو تہ هڪ خون جي ڪيس ۾ هڪ خونيءَ کي ڇڏائڻ لاءِ ڪيتري في وٺندا آهيو؟“

چيائين ”وڪيل ۽ ڪيس تي منحصر آهي، هزار بہ في ٿئي، ٻہ هزار بہ!“

مان چيو، ”افسوس آهي تہ توهان اهو سوال پڇيو ڪيترا بچندا. اسين هزارن جي تعداد ۾ جانيون بچائي سگهنداسين، پر جيڪڏهن پنج سئو ماڻهو بچائي سگهون تہ انسان ذات جي ڪيڏي خدمت آهي. مون کي اچرج آهي توهان جي مسلمانيءَ تي. هڪ هندو ليڊر ڊاڪٽر مکرجي بہ جي چوي تہ مان هڪ بہ هندو مرڻ ڪونہ ڏيندس، پر توهان انسانن کي جن ۾ مسلمان بہ اچي وڃن ٿا ۽ خاص طرح مرن بہ مسلمان ٿا. توهان چئو تہ هزار، لک مرندا ۽ ڀلي مري وڃن!“

منهنجو ايترو چوڻ پوءِ تہ خواجہ صاحب آپي کان نڪري ويو.

اسان تہ هواسين خاڪسار، جي جتي بہ ويندا هوا تہ ڪفن سر سان
ٻڌيو ويندا هوا. اسان کي خوف ڇا جو. ناامید ٿي موٽي آياسين. علامہ
صاحب جي حڪمن لاءِ ترسياسين. آخر ڪئمپ ڇڏڻي پئي، پر انهيءَ
کان اڳ ڊاڪٽر مکرجيءَ جي طرف جا ماڻهو آيا. هندن پناهگيرن کي
ونڻ لاءِ، اسان کي سچ چوڻو هو ۽ سڀ هندو کين ڪڍي ڏناسين. انهيءَ
۾ منهنجي پياري ٻچڙي سيتا بہ مون کان جدا ٿي وئي. وڃڻ وقت
دانهون ڪندي رئندي وئي، مان ڪيس ويندو ڏسي رئندو رهيس.

هيءُ هئو تعصب!

مسلمانن کي ٻاهر وڃي اچڻ جي اجازت بہ ڪانہ هئي پر چوري
ڪيم. فاطمہ جي ڀيڻ ڪئمپ ۾ مري وئي ۽ اسان کان جدا ٿي وئي.
باقي امينان، فاطمہ ۽ محمد کي پاڻ سان ڪنيم ۽ ساٿن گڏ هڪ ڊاڪا
جي فئملي، جنهن ۾ هڪ ڊاڪٽر سندس 5 يا 4 پٽ. سندس زال تن
کي بہ پاڻ سان ڪنيم. جڏهن لاهور جي اسٽيشن تي پهتاسين تہ مان
گاڏي مان لهي، هنن لاءِ ماني ونڻ ويس. جيتر مان موٽان تہ گاڏي
ڪراچيءَ ڏانهن اڳ ۾ هلي وئي. بس پوءِ تہ سورن ۾ اچي ويس. تارون
ڪيم، پڳس ڊوڙيس، ٻي گاڏي مان بہ سنڌ ڏي آيس. وچ ۾ گهڻو
وقت گذري ويو. خبر نہ پئي پوي تہ هيءُ بنگالي غريب ڪاڏي ويا. پر
ڊاڪٽر جو وڏو پٽ (اول) ڪاليج جو شاگرد هو ۽ هاڻي بنگلاديش ۾
وڏو آفيسر آهي، تنهن سيني کي سنڀالي ورتو ۽ ڪوٽڙي اسٽيشن تي
لهي پيو. منهنجو نالو ايندو هوس ۽ ڪنهن طرح سان اچي محرابپور
اسٽيشن تي پهتو. پوءِ مان وڃي کين هالاٽي وٺي آيس. ٽئي صغير ۽
يتيم امان جي حوالي ڪيم ۽ منهنجي گهرواري سندس خدمت ڪرڻ
لڳي. محمد تہ تمام ننڍو ۽ صغير هو. سمجهيم پئي تہ مري ويندو.
ڊاڪٽر صاحب کي پنهنجو بنگلو ڏنم جو مان نئون نهرايو هو. ڊاڪٽر
صاحب سال کان ڪجهہ گهٽ مون وٽ رهيو پوءِ ڊاڪا هليو ويو
فئمليءَ سميت. باقي يتيمن کي پنهنجو اولاد ڪري رکيم. ٽئي
ڇوڪريون پرڻائي ڇڏيم. ٽئي خوش آهن ۽ اولاد واريون آهن. محمد

حيدرآباد سٽي ڪورٽ ۾ ڪلارڪ آهي ۽ هائي ميان غلام رسول شاه جي گهر واريءَ وٽ رهي ٿو، مائي ڪيس پٽ ڪري گود ۾ ورتو آهي. هيءُ به جيڪو ڪمائي سو وڃي "امان" جي هٿن ۾ ڏئي، بس رنگيءَ جا رنگ آهن. مون کي ٿئي بار "بابا" سڏيندا آهن.

جڏهن بنگال کان موٽي آيس ته سڀئي عزيز دوست خوش ٿيا. قادر بخش لاڙڪ پوءِ مون وٽ هالاڻيءَ ايندو هو ۽ ٻارن کي ملي ويندو هو. هن کان ٿورو اڳ ۾، حرن جي جهاد جاري هئي. ميان غلام رسول شاهه خيرپور رياست ۾ ناظم پوليس هو. سيد اعجاز رياست جو وڏو وزير هو، انهن ڏينهن ۾ شاهه صاحب ناري تعلقي ۾ ڪئمپ ڪئي، جتي حر ڪيس ماري ويا. لاش ڪٽي هالاڻيءَ پهتا. بس دل کي ڏاڍو صدمو پهتو. هڪڙو پرين پاڻ کان هميشه موڪلائي ويو ۽ سندس دردناڪ موت تنهن ويتر ٻاري ڇڏيو. ڪي ڏينهن شاهه صاحب لاءِ روئندو وتندو هوس.

وري اچي وڪالت کي لڳس، نواب شاهه مان موٽان پيو ته گاڏي ۾ هڪ مسلمان وڪيل اچي مون سان گڏ وينو. هي محمد يعقوب جيلاني خان بهادر نور نبي جو پٽ. هڪ سهڻو پيو ڪلندڙ جوان، بس اسان کي فقط هڪ ٻئي کي ڏسڻو هو. ٻئي هڪ ٻئي سان اهڙو ملي وياسين، جهڙا سڳا ڀائر. ڪيس نوشهرو ۾ هوس، پر ڪيس مان پنهنجي نوشهري واري اوطاق ۾ رهايو.

آخر سنگت گهاٽي ٿيندي وئي، فيصلو ڪيوسين ته وڪالت گڏجي ڪبي، ايتري ۾ سندس مسجد جي پرسان جاءِ به نهي وئي. انهيءَ کان اڳ مسٽر انور احمد سان به وڪالت گڏ ڪيم. اڌواڌ جي حساب سان رهياسين، وري هاڻي محمد يعقوب، مان ۽ انور ٽئي ڀائيوار ٿياسين. مان وڃي محمد يعقوب سان نواب شاهه رهيس. آخر محمد يعقوب ۽ مان وڃي ڀائيوار بچياسين. نور اسان کان جدا ٿي ويو. هاڻي رپيا ٽي يا چار هزار مهيني ۾ ڪمائڻ لڳاسين. گهڻو ڪري ڪورٽن جو ڪم مان ڪندو هوس ۽ محمد يعقوب کي ٿوري تڪليف ڏيندو هوس.

وڪالت ۾ چا چا ڏنوسين، چا چا ڪيوسين، پڻ هڪ وڏو قصو ٿي ويندو. انهيءَ وقت آغا مسنعلي، جو اڳ ۾ سنڌ چيف ڪورٽ ايڊووڪيٽ جنرل هو ۽ ساڳي وقت جڏهن مان نواب شاهه ۾ ماستر هوس تہ آغا صاحب ايڊيشنل سيشن جج هوندو هو. ان وقت نواب شاهه جي ڪورٽ حيدرآباد سيشن ڪورٽ جو حصو هئي، پر نواب شاهه ۾ صرف آغا صاحب هوندو هو ۽ متانس نواب شاهه ۾ ڪوبہ سپيريئر جج ڪونہ هو، هو صاحب سيشن جج ٿي آيو. مسٽر ڀاٽيا جو سڄي بامبي يونيورسٽيءَ ۾ لا ۾ پهريون نمبر ايو هو، سب جج ۽ مئجسٽريٽ مقرر ٿي آيو.

انهيءَ وقت انصاف جي ڪرسيءَ جي ڪيڏي عزت هوندي هئي، تنهن جو مثال تو ڏيان. ڊيوس صاحب انگريز يهودي سپرنٽينڊنٽ پوليس هوندو هو. هڪ ڏينهن ڀاٽيا صاحب جي ڪورٽ ۾ وينا هواسين، تہ ڀاٽيا صاحب کي ڊيوس صاحب جي تار پهتي تہ هو هڪ بجي واري گاڏيءَ ۾ نواب شاهه پهچي ويندو ۽ جيئن تہ سندس شاهدي ڀاٽيا صاحب جي ڪورٽ ۾ هئي، اهو ڪيس هڪ بجي کان پوءِ کنيو وڃي تہ نهايت احسان سمجهيو ويندو. جيئن تار پهچندي وئي ڀاٽيا صاحب ڳاڙهو ٿيندو ويو. هيءُ نوجوان تہ اڳئي آزاديءَ جا سپاهي هوا ۽ انگريزن جي غلامي مان عاجز هوا، سو هڪدم ڪيس کنيائين. شاهد جيڪي حاضر هوا، تن جون شاهديون رڪارڊ ڪري جوابدارن کي آزاد ڪيائين ۽ ڊيوس صاحب تي ڪورٽ جي بي حرمتيءَ جو نوٽيس ڪڍيائين. ڪاپي سيشن جج ان وقت سيشن جج آغا صاحب هو، تنهن کي موڪليائين. اهڙو اطلاع چيف ڪورٽ سنڌ کي بہ موڪليائين. چيف جج ڊيوس صاهب هو. هو صاحب بہ انگريز يهودي هو. چيف جج صاحب ڊيوس سپرنٽينڊنٽ کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ ڪيس چيائين تہ جج ڀاٽيا کان معافي وٺي. اهڙيءَ طرح سان لکيل معافي ورتائين ۽ نوٽيس دفتر داخل ٿي ويو. هيءُ هئو اهو زمانو. ڪارگل صاحب آءِ سي ايس انگريز مست آفيسر نوشهره ڊويزن جو اسسٽنٽ ڪليڪٽر هوندو هو ۽

هائي ورلڊ بئنڪ جو چيئرمين آهي ۽ پاڪستان ۾ به ٽي دفعا آيو آهي ۽ انهيءَ پوزيشن ۾ به سنڌ ڪيس ياد آهي. اهو جڏهن گيهاٽيءَ جج وٽ شاهديءَ لاءِ ايندو هو ته سڄو وقت پڃري ۾ اڀو ٿيو بيٺو هوندو هو. هيءُ هئو ان وقت جو اخلاق.

هن زمــاني ۾ خاڪســار تہ هوس پر خاص ڪم ڪونہ هو. محمد يعقوب به جج ٿي ويو ۽ مان اڪيلو رهجي ويس، هو خانبهادر نور نبي جو انوقت ڪليڪٽر هو، تنهن جو وڏو پٽ هو، تنهن ڪري سياست ۾ گهٽو بهرو نہ پئي وٺي سگهيس. هن جي وڃڻ کان پوءِ ڪامريڊ عبدالقادر، ڊاڪٽر هاسارام ۽ نورالله ڏهراج مون وٽ آيا تہ هاري ڪميٽيءَ ۾ شامل ٿيان. زميندرن جا ظلم تہ اڳ ڏٺا هئم، تنهن ڪري هاري ڪميٽيءَ ۾ شريڪ ٿي ويس.

هن کان اڳ هڪ ڏاڍي وڏي ڪشمڪش ۾ اچي ويو هوس، اسانجي شهر جو زميندار ميان عاقل شاهہ عرف سوپارو شاهہ جو منهنجو ڏاڍو دل وارو دوست هو، ايتري قدر جو جڏهن مان علي ڳڙهہ پڙهندو هوس تہ سندس محبت ڀريا خط مون وٽ ايندا هوا ۽ جڏهن سکر ۾ شادي ڪيائين تہ سندس شادي جي مهمانن جي رهائش وغيره جي بندوبست لاءِ سمورو ڪم مان ڪنيو هو ۽ ڪيس شادي ڪرائي ڳوٺ وٺي آياسين. منظور حسين شاهہ هالاڻيءَ وارو زميندار انهيءَ شاديءَ مان سندس پٽ آهي. زميندار جيسين ظلم نہ ڪري تيسين سندس زمينداري نہ هلندي. هالاڻيءَ جا ماڻهو ۽ پاسي پلئہ وارا غريب ماڻهو، جن سان ظلم ٿي رهيو هو، مڇي مفت، گوشت مفت، نوڪرن کي جيئن وٽي، تيئن ڪن، شل نہ ڪا سهڻي عورت ڏسن، ڪيئن بہ ڪري انهن جي بي عزتي ڪئي وڃي. گهٽيون ڳالهيون پر لکيون ڪونہ، چاڪاڻ تہ هو منهنجي نندي هوندي جو دوست هوندو هو. آغا عبدالنبي ان قت ڊپٽي ڪليڪٽر هو ۽ هن بہ گهٽيون شڪايتون ٻڌيون هيون. تنهن ڪري مون کي چيائين تہ فرياد ڪراءِ تہ شاهہ صاحب جن اهي ڳالهيون ختم ڪيون وڃن. انهيءَ ڪري ائين ڪرڻو پيو، ڪپڙو

ڪونه هوندو هو. راشن ڪارڊ تي ملندو هو. آغا صاحب اهڙي ورهاست وقت مون کي ۽ ڊاڪٽر حامد علي کي پاڻ سان وهاريندو هو. هڪڙي رات غلام هاديءَ پنهنجي نندي ڀاءُ کي ڪپڙي جي وراست ڪرڻ واسطي ڇڏي آيس، گهڻي رات گذرڻ بعد اٽڪل 11 يا 12 ڏاري غلام هاديءَ کي شاهه صاحب جي نوڪر ابل اهڙو ڪروٺو مٽي ۾ هنيو جو ڇوڪرو منهنجو ڀاءُ مرٽينگ تي ويو.

مطلب تہ زميندارن جون مصيبتون ڏسي سمجهو تہ جيستائين زمينداري هوندي، تيسيتائين سنڌي مسلمان عوام ڪا بہ ترقي ڪانہ ڪندو.

هاري ڪميٽيءَ ۾ شامل ٿي ويس، انهيءَ وقت ڪان ٿورو پوءِ مسعود ڀيل ڀڳوان ڪليڪٽر ٿي آيو. اسان اڳ ۾ وڏيون هاري ڪميٽي جون ڪانفرنسون ڪيون هيون. سرهاريءَ ۾ هڪڙي وڏي ڪانفرنس ڪئي سين، جنهن ۾ ڪامريڊ جمال الدين بخاري انهيءَ وقت جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو سيڪريٽري پڻ شامل ٿيو. منهنجي ساٿس دوستي ٿي، اڄ ڏينهن تائين منهنجو پيارو دوست آهي.

نواب شاهہ ڪان سانگهڙ ضلعو جدا ٿيو، اتي جو هڪ انگريز نوجوان ٿامڪنسن ڪليڪٽر ٿيو، مگر سانگهڙ ضلعي جو هيڊ ڪوارٽر بہ نواب شاهہ ۾ ڪيو ويو، ڇاڪاڻ تہ شهدادپور تعلقي جون حدون نواب شاهہ شهر سان لڳن ٿيون ۽ شهدادپور ضلع سانگهڙ ضلعو ۾ هو.

مسعود جي اچڻ ڪان اڳ مسٽر صوفي ڪليڪٽر هو. مان هاري ڪميٽيءَ ۾ گهڻو اڳي شامل ٿيو هوس. هاڻي اليڪشن جو زمانو آيو، هاري ڪميٽيءَ جي دوستن جو ارادو هو تہ مان ڪنڊياري ۾ اليڪشن لڙان، وري وڃي نوشهري ۾ تنبو کوڙيم. ان وقت شيخ غلام حسن علي ڳڙهہ وارو منهنجو ڀائر جهڙو پيارو دوست، سب جج ٿي آيو ۽ محمد يعقوب جائنٽ سب جج. اليڪشن لڙيسين هڪ مسلم ليگ جو اميدوار حاجي غلام نبي، ٻيو سيد محمد علي شاهہ، سيد گروپ جو اميدوار، مان هاري ڪميٽيءَ جي ٽڪيٽ تي بيهي رهيس.

سنڌ ۾ ڪنهن بہ پروگرام تي، پنهنجي علم، اخلاق خدمت جي لحاظ کان اليڪشن کٽڻ ڏاڍو محال آهي. ٻيا اميدوار وڏا زميندار هوا. انهيءَ کان سواءِ ٻنهي کي وڏين پارٽين جي پشت پناهي هئي. اتي مون غريب جو ڪامياب ٿيڻ محال هو. ڪامريڊ حيدر بخش ﷽ اليڪشن جي زماني ۾ نوڪري ڇڏي اچي، هاري ڪميٽيءَ ۾ داخل ٿيو. هاري ڪميٽيءَ وارن دوستن کي غلط فهمي هئي تہ بس ”هاري حقدار“ جي نعري هڻڻ سان ٻيڙا پار ٿيندا. آخر مان هارايو.

نواب شاهہ ۾ آيو هوس. جسٽس طيبجي اتي آيل هو. ائٽ هوم ڪيس ڏنو ويو. آغا حسن علي سيشن جج هو. نواب شاهہ جي ڪلب ۾ ائٽ هوم ٿيو. سڀ نواب شاهہ ضلعي جا هندو مسلمان وڪيل حاضر هوا. آغا صاحب مون کي سڏي جسٽس طيبجي واري ٽيبل تي ويهاريو. آغا صاحب طيبجي کي ٻڌايو، ”چوندون ٿيون ٻين اميدوارن جن کٽيو يا هارايو، سڀني جا منهن پيلا ٿي ويا ڇڻ تہ ڪنهن وڏي بيماريءَ مان اٿي آيا هئا، پر قاضي چوندن ۾ هارايو، پر ڳاڙهو ٿي آيو. ان جو ڪهڙو سبب آهي، قاضي! اسان کي ٻڌاءِ!“

مان چيو، ”طيبجي، آغا صاحب ڳالهہ هيئن آ! تہ پاڻ ماڻهن جو عوام سان پيار آهي، اسين سنڌن ڀلو چاهيون ٿا. جڏهن بہ جت بہ مان هارين سان ملڻ ويندو هوس ۽ ميڙن ۾ تقريرون ڪندو هوس، سچ چوڻ جي ڪري منهنجي دل کي خوشي ٿيندي هئي ۽ مچندو ويس. ٻيا اميدوار تن کي نفس هو تہ اليڪشن کٽئون! روزانو هو مرندا هوا جڏهن ٻڌندا هوا تہ فلاڻو وڏيرو وجي هن اميدوار سان مليو. انهن ڳڻتين ۾ ڳرندا رهيا. تنهن ڪري ڳري ويا ۽ مان خوش رهيس!“ ٻنهي ڏاڍو ڪليو.

هارين ۽ هاري ڪاميٽيءَ جي جڏهن ڳالهہ نڪتي آهي تہ پنهنجو تجربو ٻڌائجي پر اجا ڪجهہ ٻيو بہ ٻڌائڻو آهي ۽ اجا سفر جاري آهي، تنهن ڪري اڳتي هلي اهڙو ذڪر ڪبو.

ڳالهہ پئي ڪئي سين مسعود صاحب جي، هو ڪليڪٽر ٿي آيو،

هارين جي همدردي هن جي دل ۾ تمام گهڻي هئي، اڄڻ سان هڪڙي طرح سان هاري تحريڪ شروع ڪري ڏنائين، اوچتو اوچتو هارين جي ديرن تي وڃڻ، جي ڪنهن هاريءَ سان ڪو ظلم ٿئي ته زميندار کي اهڙي ته ڀيڙ ڪڍي ڇڏڻ جو ياد پيو ڪري. انهيءَ جي زماني ۾ اسان هارين جي صاف بٽئي جي تحريڪ شروع ڪئي ته ڪوبه هاري لاپا ۽ خرچ نه ڏئي، صرف صاف بٽئي وارو حصو ڏئي. زميندار بٽئي نه ڪري ته هاري پنهنجو حصو ورهائي ڪنيو وڃي. هن تحريڪ خاص نواب شاهه ۽ سانگهڙ ضلعن ۾ زور ورتو.

هاري ورڪر رئيس بروهي، ميان محمد لاڪو، علي محمد بروهي، ڊاڪٽر هاسارام ۽ ٻيا دوست هن ۾ شريڪ هوا. غلام محمد بام، نورالله ڏهراج، بهادر خان ڪلوئي ۽ حڪيم محمد، مولوي محمد صالح ۽ ٻيا ڪيترا دوست شامل ٿيا مگر ائين ضرور چئبو ته ٻنهي ڪليڪٽرن جي اسان سان همدردي هئي.

هڪ ڏينهن مسعود مون کي چيو ته توکي سانگهڙ جي ڪليڪٽر ٿامڪنسن ياد ڪيو آهي. مان سانگهڙ جي ڪليڪٽر وٽس ويس هو انگريز نوجوان هو. جڏهن مان سندس آفيس ۾ گهڙيس ته گجڻ لڳو، ”مسٽر قاضي، تو سرهاري ۾ جيڪا انگريزن جي خلاف تقرير ڪئي سا بلڪل زهريلي ۽ ڏکائيندڙ آهي. مان اها ڳالهه هرگز سهڻ لاءِ تيار نه آهيان.“ مون چيو صاحب! جيڪي مان چيو آهي، سو سڀ سچ چيو اٿم، وڌيڪ توهان راءِ جا مالڪ آهيو.“

کلي ڏنائين، مون کي چيائين ته هو پاڻ ڪميونسٽ پارٽي ۾ انگلينڊ ۾ ميمبر هو ۽ وڌيڪ تاڪيد ڪيائين ته هارين جو ڪم تيز ڪريون.

مسعود صاحب سان منهنجو ٻائڻ وارو رستو ٿي ويو. ايتري قدر جو هڪ دفعي پنهنجي بيگم کي وٺي مون وٽ هالاٽيءَ آيو. مان جڏهن لاهور ويندو هوس ته پنهنجي ٻاءُ کي لکندو ته مان سندس ٻاءُ آهيان ۽ مون کي پنهنجو مهربان ڪري رکن. مان لاهور وڃي مسعود

جي گهر ۾ رهندو هوس.

هڪڙي ڏينهن نواب شاهه مون کي چيائين ته هن کي هڪ دل جي ڳالهه مونسان ڪرڻي آهي ۽ ان جو علاج به مون کي ڪرڻو آهي، ”ڪهڙي ڳالهه آهي؟“ پڇيومانس. چيائين، ”توکي خبر آهي ته مان بمبئي صوبي ۾ ڪليڪٽر هوس، مان اتي به غريب ڀيلن جي خدمت ڪئي ۽ مون کي اتي ڀيلن جو ڀڳوان ڪري سڏيندا هوا. ڪانگريس جي وزارت آئي، جن مون کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي. آخر مان ته هت هليو آيس، مگر منهنجو هڪ دوست جو هڪ غريب ماڻهو ڪرجت جيل ۾ بند پيو آهي، منهنجو دوست خان صاحب محمد عمر آهي. ان سان تون وڃي مل ۽ هن سان گڏجي وڃي منهنجي انهيءَ دوست ڪان حقيقت به پڇو ۽ مدد به ڪيو. انهيءَ ماڻهوءَ جو نالو به ڏنو هئائين، جنهن سان خان صاحب ملڻ لاءِ چيو هئو. ٻنهي جو نالو چڱي طرح ياد ڪونهيم، خان صاحب کي شايد محمد عمر سڏيندا هئا.

دوستي ڇا کي چئبو آهي، جي دوست دوست جي ڪم نه اچي ته پوءِ زندگي بيڪار آهي. مان ها ڪئي، بمبئي صوبي ڏي روانو ٿي ويس، انهي زماني ۾بمبئيءَ ۾ هندو مسلمان فساد لڳا پيا هوا. مسلمان آيو ته ڪٿيو پيو هوندو هو. آخر همت ڪري مان وڃي خان صاحب کي گجرات ۽ صورت جي پاسي ڳولي لڌو، سندس ڳوٺ جو نالو به وسري ويو اٿم پر سندس جايون ۽ بيٺڪون اڃان تائين ياد اٿم. مسعود مون کي ڏانهنس ۽ ٻين دوستن ڏي خط ڏنا هوا. هو نهايت سادو ماڻهو ۽ سمجهان ٿو ته وچولي طبقي جو ماڻهو هو. ڪيس هتئون جي خان صاحبن وانگر بنگلا موٽرون ڪونه هيون، مون سان گڏجي وڏي سفر تي نڪري پياسين، پهريانءِ ته بروچ به وياسين، جت هڪ قاضي صاحب وڪيل هو. جنهن وٽ وڃي رهياسين. قاضي صاحب پنهنجا دوست گهرايا ڌاڍيون دعوتون ۽ مجلسون ڪيونسين. ان کان پوءِ مٽنيران هل اسٽيشن تي وياسين. ننڍڙي گاڏي ان ٽڪريءَ تي چڙهندي

ﮨي ۽ ور وکڙ کائيندي هلندي آهي. اتي ڏاڍيون پائڻيون آهن، جن جا نالا کونه ٿا اچنم. اسٽيشن ماسٽر مون کان پڇيو ته ڪٿان ٿو اچان؟ مان پڌايومانس ته مان سنڌ مان ٿو اچان.مون کي چيائين محمد بچل سنڌ وارو جج به مٽيران اچي رهندو آهي.

منهنجي خان صاحب دوست جو مون سان گڏ هو، تنهن ڏاڍا قرب ڪيا. هڪ هوٽل ۾ رهياسين، آب هوا ڏاڍي عاليشان هئي. ڏينهن جو ٽڪريءَ تي رهندڙن مسلمانن ۽ ٻين سنگتين کي گهرايائين، جتي مان تقرير ڪئي، ماڻهن تي ڏاڍو اثر ٿيو. هڪ جين ڊاڪٽر هو، تنهن جي زال منهنجي دعوت ڪئي. اسين ٻئي وٽس وياسين، مائي صاحبہ ڳالهين ۾ ڪلي ٻئي چوڻ لڳي: "مسٽر قاضي، هت مون وٽ هندستان جا سڀ ليڊر اچي رهندا آهن. گانڌي، نهرو، جناح ۽ ٻيا، پر هڪڙي ڳالهہ جا مان ڏني آهي، اها هيءَ آهي ته گانڌي، نهرو يا ٻيا، اسان زالن اڳيان ڪمزور ٿي ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيندا آهن. پر جناح کي پنهنجي اخلاق تي ايڏو ڀروسو آهي جو هو اسان ڏي نهايت بهادري سان نظر وجهي ڳالهائيندو آهي، "آخر هن کان موڪلائي هوٽل ۾ آياسين، ٻئي ڏينهن تي بمبئي هليا وياسين، اتي خان صاحب مون کي پنهنجي دوستن وٽ وٺي هليو، جن ڏاڍي مرحبا ڪئي. پوءِ اسان ڪوجت وياسين، ڏاڍي جاچ ڪئيسين، پر مسعود وارو دوست ڪوجت واري جيل ۾ ڪونہ هو، نڪي وري سندس وڏيڪ پتو پئجي سگهيو. موٽي ڳوٺ آيس.

مسلم ليگ جو زور ٿيندو ويو. منهنجي هاري ورڪرن دوستن صلاح ڪئي ته حيدر بخش ۽ مون کي مسلم ليگ ۾ وڃڻ گهرجي. مسعود ته اڳئي انهيءَ خيال جو هو. اسان مسلم ليگ ۾ شامل ٿياسين. ميمبر سازي ڪئي سين، مان تمام گرما گرم حصو ورتو، مان جذباتي بہ هوس ۽ مون کي اسلام جي واسطي ۽ حضور جي واسطي اصل کان محبت ۽ عزت هئي ۽ آهي. تنهن ڪري مان يقين ڪيو تہ اها تحريڪ مسلمانن جي بهتريءَ واسطي آهي، جيتوڻيڪ ڪيترا ٻيا منهنجا بزرگ ٻئي خيال جا هوا، پر مون کي يقين هو تہ پاڪستان مسلمانن جي

پلانيءَ لاءِ آهي. مون نهايت تيز ۽ مخلصانہ حصو ورتو. ميمبرسازي ڪئيسين. ضلعي جي تنظيم کي مضبوط ڪيوسين. رئيس غلام رسول خان نواب شاهہ ۾ ايندو هو تہ مون وٽ اچي رهندو هو. هئو تہ زميندار ماڻهو تنهن تہ سمجهو تہ حڪومت واري پارٽيءَ سان شريڪ ٿيڻ نيڪ آهي. تنهن تنظيم ناهڻ ۾ ڏاڍي مدد ڪئي، زميندارن کي ڇڏي، عوامي ماڻهو بہ گهڻا مسلم ليگ ۾ شامل ٿي ويا. چاچو قاضي فيض محمد، منهنجو نالي ڀائي، پراڻي خلافتي قاضي خدا بخش جو مائٽ، سرهندي محمود حسن، مخدوم عبدالوالي هاڻي اليڪشن جج آهي ۽ منهنجو نوشهري ۾ جونئر بہ هوندو هو، حاڪم علي زرداري، اسد الله شاهہ، غلام قادر شاهہ ۽ ڪيترا ٻيا دوست مسلم ليگ ۾ شريڪ ٿي ويا.

مسعود ڪليڪٽر بہ اسان جو ساٿي ٿي ويو. مسلم ليگ جا ڏاڍا جلسا ڪياسين. ڪنڊياري ۾ هڪ وڏو جلسو ڪيوسين. مان رات ڏينهن جلسي کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ ڀڳس. هندو ڪانگريسي دوست ڏاڍو ناراض ٿيا. يوسف هارون، ڊاڪٽر صديقي ۽ ٻيا ڪيترائي سڄي سنڌ مان دوست آيا. لوڪل بورڊ بنگلي جي ميدان ۾ جلسو ڪيوسين. هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو آيا. سيني ڏاڍو سنو ۽ اثرائتو ڳالهايو. اخر يوسف هارون ڳالهايو. بهار ۾ جيڪي ظلم ٿيا هوا، ان تي ڳالهائيندي روئي ڏنائين. مون تي ڏاڍو اثر ٿيو، پوءِ وري جڏهن رات جو اندر ماني کائي سمهڻ لڳاسين، مون کي چيائين تہ ڪيئن منهنجي تقرير لڳي؟ پوءِ سمجهيم تہ روئڻ حقيقي ڪونہ هو پر هڪ ناٽڪ هو. صبح جو ڪين ڳوٺ هالاڻيءَ وٺي ويس، جتي سندن نيرن جو بندوبست ڪيم.

اهڙيءَ طرح سان سڄي ضلعي ۾ ڦرياسين. وري لاڙڪاڻي ۾ ڪانفرنس ٿي، جنهن جي صدارت چوڌري خليق زمان ڪئي. اتي ڪامريڊ حيدر بخش مسلم ليگ ۾ اچڻ جو اعلان ڪيو. مسلم ليگ تي زميندارن جو قبضو هو، ان ڪري ڪيس اليڪشن ليگ جي ٽڪيٽ نہ ملي تہ وري موٽي وڃي هاري ڪاميٽيءَ ۾ ڪم ڪيائين.

پراونشل مسلم ليگ جي ڪائونسل جو عيدگاهہ ميدان تي

وڏو جلسو ٿيو. محترم جي ايم سيد ليگ ڇڏي ويو هو، ڇڪري ته وري به لڳي پئي هئي. انهيءَ زماني ۾ حرن تي ڏاڍا ظلم ٿيا. اسان ڪائونسل جا ميمبر گهڻو ڪري سڀ انهيءَ ڳالهه جي ڪري گورنمينٽ تي ناراض هواسين. اهڙو ريزوليشن به پاس ڪيوسين. گروپ به ٿي پياسين. هڪ ۾ هوا وزير ۽ مشير، ٻئي پاسي هواسين اسين. قاضي فضل الله، پيرزادو، عبدالستار، آغا غلام نبي ۽ ڪجهه ٻيا دوست اسان سان شريڪ هوا. فيصلو ٿيو ته هڪ ڊيپوٽيشن ناهي سنڌ ڪئبنيٽ کي ڏسجي. ٿي سگهي ته قائداعظم کي به ڏسجي. ان ڊيپوٽيشن جا ميمبر ته گهڻا هوا، ان جو اڳواڻ مون کي مقرر ڪيو ويو. ڏينهن مقرر ٿيو، اسين هاڻوڪي سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ وياسين. اسان کي ڪاميٽي روم ۾ وٺي وهاريائون، سڀئي وزير اچي ويا. سر غلام حسين، کهڙو صاحب، مير غلام علي، مير بنده علي، اعظم خان ۽ اتڪل ڏهاڪو کن وزير هئا. قاضي فضل الله ۽ محمد جعفر خان به اتي هوا. پاڻيان ٿو 30 يا 40 ماڻهو هوا جي ان ميٽنگ ۾ شريڪ ٿيا. گهڙي کن ۾ اعلان ٿيو ته قائداعظم به اچي شريڪ ٿيندو.

قائداعظم آيو. سندس آجيان ڪئيسين. قاضي فضل الله اسان کي ساڻس واقف ڪرايو. پهريائين اسان وارو يعني حرن وارو سوال کنيو ويو. منهنجي حرن تي جيڪي زيادتيون ٿيل هيون، تن جي ڪري دل ڏاڍي ڏکايل هئي. مان تقرير ڪرڻ اٿيس، چيم ته، ”سائين! هي وزير صاحب جيڪي توهان سنڌ کي ڏنا آهن، سي نهايت ايماندار ۽ جفاڪش آهن.“

قائداعظم مون ڏي نهارڻ لڳو ۽ اجا ڪجهه چوي مان چيو، ”سائين منهنجا، جيڪو صوبيدار حرن کان لکها رپيا ڦري، جيڪو انسپيڪٽر حرن جي عورتن جي بي عزتي ڪري، جيڪو ڪپتان پوليس جو خوب عيش ڪري ۽ غريبن کي تباهه ڪري تنهن کي هي سخت سزائون ڏيندا آهن.“ قائداعظم وري مون ڏي نهاريو، وري شروع ڪيم، ”سائين سزا اها ڏيندا آهن، جو صوبيدار صاحب انسپيڪٽر ...

ويندو آهي، انسپيڪٽر صاحب ضلع جو ڪپتان ۽ ضلع جو ڪپتان سنڌ جو ڊي آءِ جي“ اتي مڙئي همراهن جون اکيون کليون.

قائداعظم چوڻ لڳو، ”انهيءَ لاءِ جوابدار ڪير؟“

مان چيو، ”سائين! توهان!!“

”اهو ڪيئن؟“ پاڻ پڇيائون.

مان چيو، ”جي هنن کي ٽڪيٽون نہ ڏيو ها تہ اڄ سنڌ ۾ هي پَنڻ چو ٿين ها.“

پاڻ ٿورو شوخ ٿي چيائون، ”سنڌ جا ماڻهو هنن وڏن ماڻهن کان سواءِ ٻيو ڪنهن کي چونڊين ها! توکي؟ مان کي پاڪستان گهرجي! مان ڇا ڪيان!“

اتي جعفر خان سنڌيءَ ۾ چيو، ”اڙي قاضي! پٽيا پوڙهي کي نہ چيڙاءِ“

پوءِ قائداعظم چيو تہ مان هنن کي تاڪيد ڪَو ڪريان تہ ظلم نہ ٿئي.

سنڌ ۾ مسلم ليگ جون ڪانفرنسون ٿينديون رهيون. اسان بہ نواب شاهہ ۾ ضلع ڪانفرنس سڏائي. ٻين ضلعن ۾ البت خوشامد ڪڙي هئي، تنهن ڪري پير، مير، وزير صدارت لاءِ گهرايا ويندا هوا. اسان جي ضلع ڪائونسل فيصلو ڪيو تہ اسين هڪ قلندر کي گهرائينداسين. اهو قلندر هو مولانا حسرت موهاني.

مولانا سان لک پڙهہ ڪئيسين. مهرباني ڪري لک احسان ڪري دعوت قبول ڪيائون. تاريخ مقرر ڪيل هئي. مولانا صاحب جي اچڻ جو اطلاع اسان کي مليل هو. ڪهڙي تاريخ ۽ ڪهڙو ڏينهن اهو ياد ڪونہ اٿم. پر رات واري لاهور ميل ۾ اچڻا هوا. رئيس غلام رسول خان موٽرون اسٽيشن تي بيهاري ڇڏيون. انسپيڪشن بنگلي کي خوب سينگاريوسين. رات جو اٽڪل سو ڏيڍ ورڪر ليڊر وچي اسٽيشن تي بيٺاسين. مان مولانا علي ڳڙهہ ۾ ڏٺو هو، تنهن کي گهڻو وقت ٿي ويو هو ۽ انهيءَ ميٽنگ ۾ مولانا کي احرامين واري گوڏ پيل هئي.

خير گاڏي اچي پليٽ فارم تي بيني. هيڏي پڇي هوڏي پڇون.

هن سيڪنڊ ڪلاس، هن فرسٽ ڪلاس ڏي ڳهٽي ڏم ڏم ڪريون. پر مولانا چوي ته مان توهان کي ڪٽي ليان. مولانا جو پتو ڪونه پوي. آخر هڪ ماڻهو ٿرڊ ڪلاس مان لهندو، ٽرنڪ هٿ ۾، بسترو ڪڇ ۾ لڏندو پيو اچي. شايد مان يا ٻئي ڪنهن دوست پڇيس اردوءَ ۾ ته، "ميان، هت مولانا حسرت اج هن گاڏيءَ ۾ اچٿو هو. سندس پتوئي ڪونهي، تون پري جو تو ڏسجين ڪا خبر اتئي؟"

اسان ڏي نهاري چيائين، "ڀائي، وه تو مين هون" سبحان الله، هي اصحابي صفت شخص، ڪيس پوءِ ته ڪٽي ڪنيوسين، اچي موٽر ۾ ويهاريوسين، مان سائس گڏ موٽر ۾ وينس، واقفيت ٿي، نيٺ وڃي بنگلي تي پهتاسين. بنگلي ۾ ته رئيس جي مدد سان ڏاڍو نٺ ڪيو هوسين. بس مولانا اندر گهڙندو ويو ۽ ڳاڙهو ٿيندو ويو. چيوسي مولانا کي الائي ڇا ٿيو، "قاضي صاحب مجهي ڪهان لائي تم ڪو اپنا گهر نهين" هاڻي کهڙو جواب ڏيون.

"مولانا اب آڌي رات مين آپ ڪو ڪس طرح گهر لي چلون."

چيائين، "اچا! ايسي مجبوري هي، تو پهر گهر سي چارپائي منگائو، يه غاليچي، ڪوچ وغيره سب نڪالو."

سائين ڪوچ غاليچا سڀ ڪڇي ويا، واڻ واري کٽ منهنجي گهران آئي. ان تي مولانا پنهنجو هنڌ وڇايو ۽ پوءِ سمهي پيو ۽ اسين گهرن ڏانهن هليا وياسين. مان پنهنجي سهري جي گهر ويس جو نواب شاهه ۾ ڊاڪٽري ڪندو هو.

صبح جو سبجيڪٽ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ هال ۾ ٿي، مان ويهي هڪ نهراءُ لکيو، جنهن ۾ لکيم ته اسان کي پاڪستان گهرجي، جنهن ۾ خلفاءِ راشدين واري زماني جي حڪومت هجي.

مولانا ڏسندي مون کان قلم ڦري ورتو. چيائين، "قاضي! تم ڪڇ نهين جانتا."

پاڻ لکيائين ته "اسان کي اشتراڪي پاڪستان گهرجي، جنهن جو پروگرام رشين رائج دستور جهڙو هجي."

رات جو جلسو ٿيو. مولانا وڏي تقرير شروع ڪئي، جنهن ۾ سيني وڏن ماڻهن تي ڏاڍا حملا ڪيائين ۽ پروگرام ڏنائين. آخر جلسو پورو ٿيو. صبح مون کي چيائين ته مان حر مجاهد ڏسندس، انهيءَ زماني ۾ نواب شاهه ۾ حر ڪئمپ هئي، جت هاڻي تعلقه پوليس اسٽيشن آهي، ڪيس موٽر تي چاڙهي ڪيمپ ۾ وٺي ويس. ننڍڙا حر ٻچڙا سڏي، تن کي چميون ڏنائين ۽ پاڪر پاتائين. پوڙها حر تن کي سيني سان لڳايائين. گهڻي محبت ڏي پوءِ مون کي پنهنجي گروپ مسلم ليگ جي اندر سنڌ ۾ ليڊر مقرر ڪيائين. پوءِ منهنجي پرپٽ هندوستان جي سمورن سوشلسٽ ليڊرن سان واقفيت ڪرايائين ڪيترن جا خط مون وٽ اچڻ لڳا. جن مان سرت چندر بوس به هڪڙو هو.

چونڊون هن ڪان اڳ ٿي ويون هيون. مسلم ليگ حاجي غلام نبي ڏهراج کي ٽڪيٽ ڏني، مان به خاص ٻهرو ورتو. حاجي صاحب جي بنگلي تي ويندو هوس ته به ماني پنهنجي ڪٽي ويندو هوس. حاجي صاحب چوندو هو ته ماني ته اسانجي کاءُ. چوندو هوس خاڪساري ڪانه ڇڏي اٿم، ماني پنهنجي کائبي، ڪم تولاءِ ڪبو، ڇا لاءِ ته جماعت جو حڪم آهي.

شملا ڪانفرنس ٿي، گهڻيون ڳالهيون ٿيون، اهي تاريخي ڳالهيون انهن جو بيان ڪرڻ ضروري ڪونه آهي. آخر پاڪستان بنجڻ انگريزن ۽ ڪانگريس قبول ڪيو، پر اهو پاڪستان ڪونه مليو. لولو لنگڙو پاڪستان مليو. نواب شاهه ضلع جي ليگ ٺهراءُ پاس ڪيو ته صحيح پاڪستان اسان کي ملي، جنهن لاءِ اسان ڪوششون ڪيون هيون. خير ورهاڱي جا ڏينهن اچي ويا.

مسلمانن جيڪي قربانيون ڏنيون، هندستان ۾ رهندڙن ٻين جاتين پنهنجا ڪونڌر ڪهايا تہ هندوستان آزاد ٿئي، مسلمانن پنهنجو سڀ ڪجهہ لٽايو تہ ملڪ آزاد ٿئي. جاتين جو هڪ ٻئي ۾ ويساهہ ختم ٿيو، تعصب سڄي انسانيت کي ساڙي ڇڏيو. پاڙو پاڙي کي جلائڻ لڳو، ماڻهو، ماڻهوءَ کي ڪائڻ لڳو. لاچار ٿي مسلمانن پاڪستان جي گهر ڪئي، صوبن ۾ جيڪي پاڪستان ۾ آهن، اتي مسلمان گهٽائي هوندي، سرمائيدارن، وياج خورن جا غلام بنجندا ويا. بدقسمتيءَ سان وياج خور ۽ رت چوس هڪ غير مسلم جاتيءَ مان هوا. جيتوڻيڪ سڀ ماڻهو خراب ڪونہ هوا. ڀلا هوا، برا بہ هوا، پر چوندا آهن، سڪن گڏ آلا بہ سڙيو وڃن. ٿورن ماڻهن جي برن ڪمن ڪري جاتيون، قومون ۽ ملڪ ختم ٿيو وڃن. تنهن ڪري هتان جا مسلمان جي گهڻو ڪري ٻورهيت هوا، عاجز ٿي پيا.

هئن پاڪستان جي گهر ڪئي، مان بہ انهيءَ جدوجهد ۾ شامل هوس. مذهب يا تهذيب جو ايڏو جهيڙو ڪونہ هو. سڄو مسئلو اقتصادي هو. ڪڏهن آزادي ملندي، ڪڏهن پاڪستان جڙندو، انهيءَ جو انتظار گهڻن دلين ۾ هو. ڪڏهن ٿو نجات جو چنڊ ابري.

آخر آزاديءَ جي گهڙي آئي، سڄو برصغير آزاد ٿيو. پاڪستان ۽ هندوستان هن برصغير جي نقشي تي اُڪري ويا. پر ڇا ٿيو، اهو ٿيو جو ڪنهن جي دماغ ۾ ڪونہ هو، ڪنهن کي خواب ۾ ڪونہ هو، نہ قائداعظم کي خبر هئي ۽ نہ گانڌيجيءَ کي، انسانيت ختم ٿي وئي، تعصب جي باهہ اهڙي ٻري وئي جو اڄان تائين اها باهہ وسامي نہ

سگهي. لاچار تي ماڻهن پنهنجا اباڻا گهر ڇڏيا. ڪجهه ماڻهن پنهنجي شخصي فائدن لاءِ ماڻهو ڪهايا، ڏوهه ڪنهن کي ڏجي، اهڙو طوفان آيو، جنهن انسان کان انسانيت کسي ورتي. ٻچڙا ماريا ويا، مذهب متاثر لاءِ به ڪيترا تيار ٿيا، پر ڪٽر دل انسان انهن ٻچن کي ڪنو، زالن جون، مائن، ڌيئن جون عصمتون لٽيون.

اهڙو زمانو آيو جو غريب ماڻهو هوڏانهن لٽجي مارجي هت آيا ۽ هتئون وارن کي مجبور تي گهر ڇڏڻا پيا. هيءُ سڀ ڪجهه ٿي ويو. قائداعظم کي هن ڳالهه جو ايڏو ڏک ٿيو جو پنهنجي جان ڏئي پاڻ کي آزاد ڪرايائين، هن پاسي گانڌي جي ڪسجي ويو.

خير جيڪي ٿيڻو هو سو ٿي ويو، پاڪستان بنجڻ کان پوءِ به مان مسلم ليگ ۾ هوس. آل پاڪستان مسلم ليگ جو ڪائونسلر هوس. چوڌري خليق الزمان کي پريزيڊنٽ يعني صدر چونڊيوسين. انهيءَ کان پوءِ گورنر جنرل جي گهر ۾ اسان ڪائونسلرن جي دعوت ڪئي وئي. قائداعظم لڏي چڪو هو، خواجه ناظم الدين گورنر جنرل ٿيو. قاضي مجتبيٰ سان گڏجي لياقت علي خان سان ملياسين. ملڪ غلام محمد ۽ چوڌري ظفر الله سان ملاقات ٿي.

مسعود صاحب ۽ مان ڪاڏي تحريڪ شروع ڪئي، ماڻهن کي چرخا ڏناسين. آسناٿي اجا هت هو، جنهن پڻ انهيءَ تحريڪ ۾ مدد ڪئي، پر جلد هو هندستان هليو ويو. خانواهڻ ۾ هڪ گانڌي آشرم هو. جيرام داس هڪ سنت ماڻهو گانڌيجيءَ جو چيلو اتي رهندو هو. خير اها تحريڪ مسعود جي بدلي کان پوءِ خودبخود ختم ٿي وئي. منهنجون ڳالهيون به عجيب آهن. مسعود صاحب ۽ مون صلاح ڪئي ته مان وڪالت ڇڏي ڪاڏيءَ جي پرچار ڪي ونان، پر چگو جو وڪالت نه ڇڏيم.

آخر ڪشمير جي جنگ شروع ٿي وئي. هندستان جي زيادتي هئي يا نه ۽ هن ڪشمير تي زوري قبضو ڪيو يا نه. اسان نواب شاهه ضلع ۾ تحريڪ هلائي. مرحوم محمد علي شاهه، حسن بخش شاهه،

سيد خير شاهہ. غلام رسول خان ۽ ٻيا ماڻهو سڀ انهيءَ تحريڪ ۾ شامل ٿيا. هٿيار گڏ ڪياسين. ڪپڙا، يونيفارمون گڏ ڪيونسين، اٽڪل ٽيهہ، چاليهہ والنٽيئر وٺي، مان ڪشمير جي جهاد ۾ شامل ٿيڻ لاءِ نڪتس. هيءَ ٻي تڪليف عزيزن کي ڏنم. ڪشمير ۾ وڃڻ يعني مرڻ ۽ جيئڻ جو سوال هو. پر هميشہ وانگر هتان روانا ٿي وياسين، هندو اجان هتي هوا.مان جلسن ۾ يقين ڏياريو تہ هن جهاد جي معنيٰ اها نہ آهي تہ اسين ٿورائيءَ وارن سان زيادتيون ڪريون.

راولپنڊي وڃي پهتاسين، سامان ڪمانڊرن کي پهچائي ڏنوسين، والنٽيئر بہ ڪمانڊرن جي حوالي ڪيم. مون کي سناتن ڪاليج راولپنڊيءَ ۾ رهڻ لاءِ ڪمرو ڏنو ويو. ماني جيڪا اتي ننگر ۾ پچندي هئي، سا مون کي ڏيندا هوا. سردار ابراهيم انهيءَ وقت آزاد ڪشمير جو صدر هو. نظير شاهہ صاحب وزير هو. ٻي طرح سندس پيشو وڪالت هو ۽ سردار ابراهيم بہ بئريسٽر آهي. شاهہ صاحب مون سان دوستي رکي. مون کي گهمائڻ ڦيرائڻ وٺي ويندو هو. مون کي ڪو خاص ڪم ڪونہ ڏنو ويو. مان اتي رهندو هوس ۽ شاهہ صاحب سان گڏ ڪڏهن ڪڏهن ٻاهر نڪري ويندو هوس. پٺاڻ جيڪي ايندا هوا، سڄو ڏينهن ڪاليج جي ٻاهران ٺا ٺا لڳي پئي هوندي هئي.

پٺاڻ سپاهي تن کي ڪهڙي خبر تہ سائنس ڇا ٿيندي آهي ۽ ٽيليسڪوپ ۽ مئڪراسڪوپ ڇا ٿيندا آهن تہ ائسڊون، ايليمنٽ ۽ تارازيون ڇا ٿينديون آهن. هو هڪ ڏينهن سائنس هال ۾ گهڙي آيا. مان سائنس اسٽوڊنٽ ٿي رهيو هوس. مون کي انهن شين جو قدر هو. لنيون هٽي سامان پيچي چڙيائون. دل کي دڪ پهتو. پيهر پلنڊري جي پاسي وڃي رهيو هوس تہ واٽ تي هڪ ڪشميريءَ کي پٺاڻ ڦري رهيا هوا. مون کي يونيفارم هئي، پيو ڪجهہ ڪونہ هوم. پٺاڻن کي رائيفلون هيون. خير همٿ ڪيم چيم تہ جهاد هيءُ آهي تہ غريب کي آزاد ڪرايان. انگريزيءَ ۾ وٺي ڌاڌيان ڳالهايم. پٺاڻن سمجهيو تہ مان ڪو آفيسر آهيان، هن غريب کي پوءِ ڇڏي ڏنائون. آخر شاهہ صاحب

ڪان موڪلايم ۽ ڳوٺ ورڻ جو فيصلو ڪيم. هوائي جهاز تي ڪڏهن ڪونه چڙهيو هوس، راولپنڊيءَ ڪان وٺي لاهور تائين هوائي جهاز جي سواري ڪيم. لاهور ۾ ميان افتخارالدين سان مليس ۽ پوءِ ڳوٺ روانو ٿي ويس. اچي ڳوٺ پهتس، سڀ عزيز دوست ڏاڍا خوش ٿيا.

جڏهن ڳوٺ آيس ته ڏٺم ته چند وڏا ماڻهو ملڪيتن ڦٻائڻ جي واسطي، رات جو ڌاڙيل موڪلڻ ۽ ڪوڙا نڪاءَ ڏيارڻ لڳا ته هندو لڏي وڃن ته سندن گهرن، مال ۽ زمينن تي قبضو ڪن، وري اچي هن مصيبت ۾ ڦاسين. رات جو والنٽيئرن جو جٿو ناهي، هالاڻيءَ کي پهرو ڏيندا هواسين ته ٿورائي وارين جاتين سان ظلم نه ٿئي، ساهتيءَ ۾ جلسا ڪياسين. غير مسلمن کي پاڪستان ڇڏڻ نه گهرجي، پر ڇا ڪجي ماڻهن جي ففه اهڙي ٿي وئي جو ماڻهو پنهنجو ملڪ ڇڏڻ لڳا. مسعود صاحب مون سان رنج ٿي پيو. پير الاهي بخش ۽ مسعود مون کي نواب شاهه ۾ گهرايو. چيائون ته غير مسلمن کي منٿون ڪري رهائڻ جون ڳالهيون مون کي ڇڏڻ گهرجن، ٻي صورت ۾ جيل جا دروازا ڏسڻا پوندا. مون جيل قبوليو. علامه قاضي صاحب جو خط پهتو ته صحيح اسلام اهو آهي ته مظلومن جو ساٿ ڏجي، مان جيڪي ڪيان پيو اهو ائين اسلام آهي. خير مسعود مون کي ٻاهر ڪڍي چيو ته مان سندس پاءُ آهيان، هو مون کي ڪڏهن به جيل ۾ ڪونه اماڻيندو. باقي خيالن جو اختلاف آهي.

آخر مسعود صاحب بدلي ٿي ويو، وري ميان نور محمد طوطل ڪليڪٽر ٿي آيو. هيءُ صاحب هاڻوڪي چيف جج مسٽر عبدالقادر جو پيءُ هو. ماڻهو سٺو هو ۽ مون سان چڱو هليو، مان مسلم ليگ جو خاص ورڪر هوندو هوس. تنهن ڪري منهنجي عزت ڪندو هو ۽ صلاح وٺندو هو.

آخر سوال اٿيو ته غير مسلمن جون ملڪيتون خاص طرح زمينون ڪهڙيءَ طرح ڪتب آنديون وڃن. مان تحريڪ هلائي ته اهي اڌواڌ ڪري سنڌ جي هارين ۽ هندستان جي آيلن هارين ۾ ورهايون

وجن ۾ هنن کي الاٽ ڪيون وڃن، اصولي طرح سان حڪومت مون سان هن ڳالهه ۾ شامل راءِ ٿي، پر زميندارن، هارين جي ڪوڙن نالن تي زمينون ڪٽڻ شروع ڪيون. مان تحريڪ هلائي هارين جا جلسا ڪيم. هن ۾ ڪنهن بہ ٻي جماعت ويندي هاري ڪاميٽيءَ بہ منهنجي مدد ڪانہ ڪئي. پنهنجي اڪيلي سر ۾ ڪجهہ تعلقي ڪنڊياري جا دوست، تن گڏجي هيءَ تحريڪ هلائي ۾ گهڻي قدر هارين کي فائدو پيو. زميندارن کي هيءُ ڳالهہ ڪانہ وڻي. تن گڏجي کهڙي صاحب کي جو ان وقت چيف منسٽر هو. هن کي عرض ڪيو تہ مون کي جيل ۾ بند ڪيو وڃي. انهيءَ منصوبي ۾ سڀ زميندار شامل هوا. امير علي قريشي ڊپٽي ڪليڪٽر هو ۽ مسٽر نور محمد ڪليڪٽر، ڪنڊياري ۾ امير علي صاحب جي منزل هئي، مان ڪيس ملڻ ويس، هو منهنجو چڱو دوست هو. چيائين تہ ملڻ آيو آهين. اهو تہ نيڪ ٿيو، پر مون کي حڪومت طرفان هدايت پهتي آهي تہ توکي 107 قلم هيٺ جيل اماڻيان، مون چيو، ”پلي“ وارنٽ ناهي، پوليس کي گهرائڻ لاءِ ماڻهو موڪليائين. مان چيومانس پوليس کي نہ گهراءِ مان خود وڃي ٿو جيل ۾ پوان، مون کي وارنٽ ڏي. وارنٽ وٺي وڃي پاڻهي جيل ۾ پيس. هيءُ پهريون دفعہ هو جو جيل ۾ پيس. محسوس ڪيم تہ لاهور جو پنجابي دوست مسعود ڪيڏو نہ مهربان هو ۽ پنهنجا سنڌي ڪامورا ۽ زميندار تن ڇا نہ ڪيو!

مسعود جي زماني ۾، جيتوڻيڪ ڪيترين ڳالهين ۾ ساڻس اختلاف ڪندو هوس. پر هن دوستيءَ کي داغ نہ لاتو. هڪ دفعي لکي موڪليومانس تہ ڪاڏي پائي ٿو گهمي. ڪاڏي تحريڪ شروع ڪئي اٿئون. تنهنجي محرابپور واريءَ ڪئمپ تي ايڪيهہ سئو روپيا خرچ ٿيو. ڏاڍو ڇڙي ويو. هڪدم ماڻهو موڪليائين تہ مان ساڻس نواب شاهہ ۾ ملان. مان مليومانس مون کي چيائين تہ مون مٿس هيڏو ڪوڙ هنيو آهي. پاڻ کي صاف ڪرڻ لاءِ سرشيدار گهرايائين، پڇيائين تہ ڪئمپ ڪيترو خرچ ٿيو. هن چيو تہ اٽڪل ٿي چار سو روپيا.

پڇيومانس تہ هيءُ رسائيءَ مان خرچ ٿيو يا پنهنجي کيسي مان

ڪڍيا هوائين. ڇيائين رسائيءَ مان. پگهار مان تہ پوري ڪانہ پوندي. مان چيومانس تہ حرام جو مال ،خر حرام آهي، انهيءَ ۾ ٿوري گهٽي جو حساب ڪونہ ٿيو. چار سئو مٿس تہ سندس ڪلارڪن چار سئو خرچ ڪيا هوندا، سي ٿيا اٺ سئو ۽ اهڙا اٺ سئو مختياريءَ جي آفيس ڪاڏا هوندا ۽ تپيدارن بہ اٺ سئو ڪاڏا هوندا. اچي ٿيا بہ هزار.

ٻئي دفعا ڪراچي وياسين، مسعود هاري ڪميشن جو ميمبر هو. مون کي شاهد ڪري وٺي هليو. ڪراچيءَ ۾ ڪيهر صاحب کي بہ پاڻ سان هلي سندس رهائش واري جاءِ مان ڪنيائين. مون کي ٿونٽ هٽي، ماٺ ڪري ويهڻ لاءِ اشارو ڏنائين. ڪيهر صاحب هڪڙي پاسي کان، وچ ۾ مسعود ۽ ٻئي ڇيڙي ۾ مان ويٺس. ڪيهر صاحب کان پڇيائين، ”قاضي فيض محمد کو ڪيهر صاحب جانتي هو؟“

هن چيو، ”خاص طور پر ميري جان پهچان نهين مگر ان کا نام سنا هي.“ مسعود صاحب چيس.

”ڪيسا آدمي هي؟“ هڪڙي گار ڏئي چيائين تہ وڏو ۽ بدنام ماڻهو آهي. جڏهن لٿاسين تڏهن مون کي چيائين تہ، ”تون مون کي برو سمجهندو آهين. هاڻ ڏس ماڻهو تولاءِ ڇا ٿا چون!“

اسانجا پاڻ ۾ وڏا بحث ٿيندا هوا. هڪڙي رات، جڏهن ڪنڊياري ۾ سندس منزل هئي، بحث هو تہ گانڌيجي وڏو ماڻهو آهي يا جناح صاحب؟ اڌ رات تائين بحث ڪيوسين. آخر مڃيائين تہ گانڌيجي وڏو ماڻهو آهي. مان تہ موڪلائي ڳوٺ هليو ويس ۽ وري ڏينهن جو گڏجي محبت ديري ويٺا هواسين. صبح جو ڳوٺ ٺون نڪتس تہ هندن ڇوڪرن ٻڌايو تہ گانڌيجي ڪلهہ خون ٿي ويو. اچي ڳالهہ ٻڌائيمانس. ڏاڍو ڏک ٿيس ۽ چيائين تہ اڄ جلسو ڪبو. پروفيسر هاسانن کي چيم تہ جلسي جو بندوبست ڪرڻو آ. شهر ۾ منادي ڪئيسين، شام جو جلسو ٿيو. هندو مسلمان تمام گهڻا ماڻهو آيا. ڳالهائڻو ڏاڍو قابل هو. چيائين تہ گانڌيجي جو قتل جي ڪري هندن مسلمانن ٻنهي جو ڪارو منهن ٿي ويو. هاڻي جيڪڏهن هندو هت نہ رهن تہ مسلمانن جو فرض

آهي تہ سندن هر طرح مدد ڪن ۽ پائن وانگر ڪائن موڪلائن. هاسارام مون کي چوڻ لڳو تہ مسعود صاحب جيڪڏهن شروعات کان وٺي اهڙو هجي ها تہ نواب شاهہ سڄي برصغير ۾ مثالي ضلع هجي ها.

جيل ۾ وڃي پيس، ماڻهن کي خبر پئي تہ ويچارن گهڻو مون لاءِ واجهايو. گلاب جا گل موڪليندا هوا. پيو پيلا غريب ڇا ڪري سگهيا ٿي ۽ نہ وري مون چاهيو ٿي تہ ڪجهہ ڏئي.

آخر مهيني ٻن کان پوءِ منهنجو ضامن ٿيو ۽ جيل کان ٻاهر نڪتس، گهڻائي دوست جن ۾ عابد شاهہ بہ هڪڙو هو، جيل ۾ آيا ۽ مون کي چوڻ لڳا تہ هارين جي ڳالهين ۾ نہ پئو. مگر مان انڪار ڪيم ۽ جيل قبول ڪيو.

هي پهريون دفعو جيل جو درشن نصيب ٿيو. انگريز جي زماني ۾ ڏاڍيون زوردار تقريرون ڪندا هواسين، مگر ڪڏهن بہ انگريز جيل ۾ ڪونہ موڪليو. هارين جي حقن لاءِ ڪوشش ڪندا هواسين. ڪڏهن بہ انگريز اسان کي جيل ۾ نہ وڌو. هاڻي جيل وڏو جيل ڪونہ هو پر پوليس لاڪ اپ هو. پيا اخلاقي جيلي بہ گڏ رهندا هوا. گرمي بہ سخت هوندي هئي. مون کي ان وقت بہ پٽ هوا، جي مون کي ملڻ ايندا هوا. مرتضيٰ 9 سالن جو هو ۽ مجن 5 سالن جو. ماڻهو طعام ۽ گلاب جا گل موڪليندا هوا.

هاڻي جيستائين ڪنڌياري جيل ۾ آهيان، تيستائين ڪجهہ بہ ٿي ڳالهيون ڪري وٺون، جيستائين مسعود نواب شاهہ ۾ ڪليڪٽر هو. تيستائين زميندار منهنجا دوست هوندا هوا، پر هن جي وڃڻ کان پوءِ سڀ چڙو چڏي پيجي تہ ڪونہ ويا پر سموريون تڪليفون هنن مون کي ڏنيون. رئيس غلام رسول خان جو اهڙو منو دوست هو، تنهن جو ذڪر ڪري چڪو آهيان، جيتوڻيڪ جيل جي ٻاهران لنگهي ويو، مون کي ملڻ نہ آيو. پوءِ سائنس انهيءَ ڪري رنل هوس، پر پوءِ دوستيءَ ۾ جيئن معافي وٺبي آ، معافي ورتائين. محمد علي شاهہ منهن ڪونہ ڏيکاريو، نور محمد شاهہ تہ پين وڏيرن سان شامل ٿي تڪليفون

ڏنيون. هالائيءَ جي شاهه صاحب کي ته وجهه ملي ويو، خوب وارا کياءِ. حاجي غلام نبي، جنهن جي اليڪشن ۾ گهر جو ڪائي رات ڏينهن ڪري، محمد علي شاهه جو مخالف اميدوار هو، تنهن جي ياريءَ کي پري رکندي ۽ سندس مائهن جي بندوقن جي وچ ۾ مسلم ليگ ۽ وڏيري غلام نبي جي ڪاميابيءَ لاءِ ڪم ڪيم، مگر حاجي صاحب مون تي حملن ۾ پهريون نمبر هو.

جيئن پاڪستان ٺهيو ته ڪجهه مائهو هندوستان کان اچڻ لڳا، اتڪل سئو ٻه فئمليون نواب شاهه پهچي ويون. ڪنڍياري تي مسعود صاحب حصو رکيو. ياد نه آهي ته ٻين ڇا ڪيو، مگر مان اتڪل ڏهه فئمليون پاڻ وٽ رهايون، اجا هندن ڪونه لڏيو هو، تنهن ڪري ڪابه جاءِ خالي ڪانه هئي، نڪي مان چاهيو ٿي ته هندن کي تڪليف ٿئي يا هندو ڀڄن. تنهن ڪري کين پنهنجي بنگلي ۽ ڪوهه واري لانڍي ۾ رهايم. زمين به کين الاٽ ڪرائي ڏنم، هاڻي هو هالائي ۾ گهر ڪري وينا آهن. تمام سٺو گذر سفر ڪري رهيا آهن. حاجي نور محمد سندن وڏو اڃان جيئرو آهي، مون کي ننڍا وڏا، "ادو" سڏيندا آهن ۽ اسان جو عزيزن کان به وڌيڪ رستو آهي.

آخر جڏهن مان ڪشمير مان موٽي آيس، اتي هندن ۾ لڏ پلاڻ شروع ٿي. ڪجهه ڪانگريس وارن جي ڏنگائي هئي، جن هنن کي لڏائڻ لاءِ آماده ڪيو، ڪجهه هندوستان ۾مسلمانن تي ظالمن کين مجبور ڪيو، ڪجهه پنجاب ۾ ٻنهي پاسي جيڪا خونريزي ٿي ۽ ڪجهه پنجاب جا مائهو سنڌ ۾ اچڻ شروع ٿيا، تنهن کين خوفزده ڪيو، هاڻي سڄا شهر خالي ٿيڻ لڳا. هالائي سڄي خالي ٿي وئي. مسٽر ٽانور داس ڪنڍياري جو مختيارڪار هو ۽ مسعود جي ڪري ۽ پنهنجي شخصي تعلقات جي ڪري منهنجو گهرو دوست هو ۽ اها دوستي سندس مرڻ تائين رهي. منگهارام وڪيل سندس چاچو هو. مينارام هاسٽل ۾ به گڏ هواسين. سڄي شهر جي گهرن کي مهاجرن ۾ وراهيوسين. هنن جي ڪائڻ پيئڻ جو بندوبست ۽ ٻيو جيڪي اسان کان ٿي سگهيو سو ڪيوسين.

هن ڪم ۾ به چڱو وقت لڳي ويو.

علامہ قاضي تہ منهنجو منو سائين هو. پاڻ پاڪستان جي ٺهڻ ڪان اٽڪل ڇهہ ست سال پوءِ مون وٽ ڪراچيءَ ۾ اچي رهيا. پاڻ پيسٽنجي هائوس ۾ رهندا هوا. صديقي صاحب جو يتيم زميندارن جي ملڪيتن جو مئنيجر هو. هو قاضي صاحب جو دوست هو. قاضي صاحب وٽ يتيم زميندار ڇوڪرا رهندا هوا ۽ ان لاءِ حڪومت جي طرف کان قاضي صاحب جن کي عيوضو ملندو هو. پاڻ انهن ڇوڪرن کي پڙهائيندا بہ هوا. اڄ بہ ڪيترا وڏا ماڻهو آهن جي وٽن پڙهيا هوا. اڪبر خان بگٽي، سابق گورنر بہ ننڍي هوندي قاضي صاحب جن وٽ رهندو هو. اختر هاليپوٽو، امير حيدر شاهہ، جي ايم سيد جو فرزند ۽ ٻيا ڪيترا انهيءَ زماني جا ڇوڪرا، هو هڪ ٻئي کي "ادا" ڪري سڏيندا آهن.

علامہ صاحب جو رستو مون سان هاسٽل واري زماني کان رهيو، ولايت مان بہ خط لکندا هوا. هت تہ وٽن مهيني ۾ هڪ بہ دفعا زيارت لاءِ ضرور ايندو هوس. آخر پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هيءُ برصغير ۾ هيڏا ظلم ڏسي پاڻ هت رهي نہ سگهيا، ولايت هليا ويا.

مان هاٽي ضامن تي سئو ستين واري ڪيس مان ٻاهر نڪتس. هاري ڪاميٽيءَ سان منهنجي واسطي کي اٽڪل ڏهہ سال ٿي ويا هوا. مون وٽ هاري ورڪر، غلام محمد بام ۽ ٻيا رهندا هوا. جن جي ماني ۽ ٿورو گهڻو خرچ مان پريندو هوس. جڻ تہ منهنجا ننڍڙا ڀائر هوا. هارين جي الاٽ ۾ مان تمام گهڻو حصو ورتو ۽ گهڻو ڪري زمينون سڄن هارين کي مليون. سڄي سنڌ ۾ هيءُ پاليسي رهي. هاري هاٽي ترقي ڪرڻ لڳا ۽ هڪڙو وچولو طبقو پيدا ٿيڻ لڳو.

انسان هڪڙو سمنڊ آهي، اڪيلائي يا اجتماعي، ٻنهي ڪاتن ۾، اجتماعي طرح جڏهن ڪوبہ هڪ شخص تحريڪ ۾ اچي ٿو تہ سڄو سمنڊ تحريڪ ۾ اچيو وڃي، جيئن هڪ پٿري ڪنهن وڏي ڍنڍ ۾ اڇلجي تہ سڄي ڍنڍ ۾ رپلس پيدا ٿيو وڃن.

مون کي منهنجا ڪڪا بعضي بعضي ٽڏو ساهه کڻي چوندا آهن ته. ”بابا! تو ڪجهه ڪين ڪيو، مسلم ليگ ۾ هئين، کهڙو، يوسف، فضل الله، الاهي بخش ۽ ٻيا سڀ وڏا ماڻهو تنهنجا دوست هوا. پاڪستان ٺهڻ وقت زمين تي قبضا ڪرين ها. جيئن ٻين ڪيو، بس هلائڻ جون پرمٽون وٺين ها، ته اڄ وزير به هجين ها. هي ماڻهو جيڪي ٽوڪي پٽر ٽا هٽن ۽ جيلن ۾ ٿا وڃهن، سي سڀ تنهنجا سلامي هجن ها! اسان به اڄ وڏا ماڻهو هجون ها! تو ڪيڏو پاڻ تي ۽ اسان تي ظلم ڪيو!!“

ڏاڍو حيران ٿيندو آهيان ته هيءَ دنيا ڪهڙي نه عجيب آهي، پٽن کي چوندو آهيان، ”بابا! توهان جي بابا فقط پراين زمينن تي ۽ ملڪيتن تي هٿ نه رکيو. انهيءَ ڪري منهنجي دل ۾ همٿ ۽ صداقت هوندي هئي، پر مان ته مصيبتن ۽ تڪليفن کي به برداشت ڪندو هوس. هاڻي انهن سڀني مشڪلن هوندي جيئرو آهيان. توهان کي پڙهايو اٿم، پر وڏي ڳالهه ته منهنجي هن تمام ٿوري ظاهري تڪليفن ڪري غريب هارين جي هزارن گهرن کي فائدو پهتو! ارمان نه ڪريو!! جي هئن مون کي وساري ڇڏيو!! ۽ وڏيرن جي چوڻ ته مون کي مارڻ لاءِ به آيا!! پر خدا ته ڏسڻ وارو آهي! انهيءَ مالڪ منهنجي دل کي مسرتن سان ڀرپور رکيو آهي!! دلگير نه ٿيو! شڪر ڪريو!!“

ظلمن جو داستان وڏو آهي، مختصر هي به تي ڳالهيون منهنجي سفر جو وڏو حصو آهن. سچ ته عمر گذري وئي آهي، هاڻي اچي آخري گهڙيءَ تي ويٺو آهيان، پر هن زماني ۾ جيڪي ڪجهه مون کي نصيب ٿيو. اهو پنهنجي جڳهه تي منهنجي لاءِ هڪ وڏي منزل هئي.

زميندارن جي دل نه ٺري، تڪليفون هلنديون رهيون، جتي مونکي ڏسندا هوا ته چوندا هوا ته اچي ٿو عزرائيل!

مان هن ڏينهن ۾ نوشهره ۾ وڪالت ڪندو هوس. آغا اسسٽنٽ انجنيئر منهنجو دوست هوندو هو، مان وڪالت سان هارين جي ڪمن سان، مسعود سان گڏ ۽ ٻوءِ عوامي ڪمن ۾ مشغول رهندو

هوس. ڏينهن ياد ڪونہ تو اچيم پر يادگيري اٿم. ڏيانن واري عيد اچڻ واري هئي. منهنجي آفيس پوسٽ آفيس جي پرواري جاءِ هوندي هئي. جت پنهنجا يار بہ ٿوري وقت لاءِ رهايا هئم ۽ آغا صاحب جي آفيس پرسان هوندي هئي، مان ڳوٺ يعني هالاڻيءَ وڃڻ لاءِ نوشهره جي صفا اتر ۾ شاهي رستي تي بس اسٽينڊ ڏي وڃڻ لاءِ نڪتس. آغا صاحب دريءَ ۾ ڏسي ورتو. فلاسافي ۽ ڪتابن سان آغا صاحب جو شوق هوندو هو. مون کي سڏ ڪري چيائين، ”يار! چانهہ بہ پيءُ ۽ پہ ٿي ڳالهيون بہ ڪيون!“ مان بہ چانهہ جي پيالي تي مست ٿي ۽ آغا صاحب جون پياريون ڳالهيون ٻڌڻ لاءِ وٽس وڃي ويٺس. سورن جون ڳالهيون اصل کان منهنجي نصيب ۾ لکيل هيون. سور نٺيڙي کان وٺي ساٿي رهيا ۽ جيئن جيئن ڏينهن گذرندا ويا، تيئن تيئن سورن جي مون سان محبت ۽ سنگت وڌندي وئي. آغا صاحب بہ فقير ماڻهو هو. فلاسافي سان شوق هوندو هئس. ويهي رهيس تہ ڪجهہ وقت گذري ويو. آغا صاحب بگي گهرائي، بگي تي چڙهي بس اسٽينڊ تي پهتس ڏٺم تہ بس منهنجي اڳتان هالاڻي ڏانهن وڃي رهي هئي. آخر ٻيڙو منهن ڪري موٽي آيس، ڪوريجو غلام محمد منهنجو دوست هوندو هو. انهيءَ وقت پوليس پراسيڪيوٽر هو، پوءِ منهنجو جونيئر پارٽنر بہ ٿيو. تمام ٺورو مونسان هاري ڪاميٽيءَ ۾ بہ هليو ۽ هاڻي سيشن جج آهي، ان وٽ ويس، هن جي اوطاق بہ ويجهي هئي. ڏينهن سخت هو، ماني بہ وٽس ڪاڌم ۽ ڳالهين ۾ سمهي بہ وٽس پيس. چيائين ”رات رهي پئو، خان بهادر قاضي غلام نبي، مسٽر ميمڻ مختيارڪار جي دعوت ڪئي آهي ۽ توهان لاءِ بہ مون کي چيو هوائين تہ توهان کي دعوت ڏيان ۽ توهان کي وٺي هلان!“ ٻچن کان دور پنهنجي رفيق حيات ۽ جيجل کي ڏسڻ جو شوق چوان تہ هينئر وڃان تہ پي گهڙي نہ ٿئي. ڪوريجي ڏاڍو زور رکيو انڪار ڪري نہ پيو سگهان، ڪيس ننڊ اچي وئي، مان پنهنجو ٿيلهو کڻي بس اسٽينڊ ڏانهن پڳس. اجان گهٽي لنگهي هڪڙو ڪڙيو هوندو هو، پير نول گهوٽ جي گهرن ۽ ميمڻ جي گهر جي وچ

۾. ان جي پل ٽپي اڳتي ٿيس ته ڏٺم ته بس اکين اڳيان هالاڻي ڏانهن وڃڻ لڳي، بس وڃائي، غلام محمد وٽ پهتس. کلي چرچا ڪرڻ لڳو، چوڻ لڳو، ”چوڻ ڪونه ورتو، هاڻي ڪهڙي منهن سان موٽي آيا آهيو؟“ خير رات جو ڊنر تي مان به شريڪ ٿيس، قاضي صاحب منهنجو استاد ۽ ڊي پي آءِ سنڌ جي وقت منهنجو آفيسر به هو ۽ علامه صاحب جو پيٽيوو به هو. ڊنر ڪائي موٽي آيس. منهنجا پڙهندڙ دوست هي منهنجي زندگي جي سڀ کان عجيب ۽ ڳجهي ڪهاڻي آهي، تنهن ڪري دل لڳائي پڙ.

جڏهن آغا صاحب خان موڪلائي بس اسٽينڊ تي ويو هوس، بس ته وڃائي ڇڏيم، پر امير بخش سيال منهنجو واقف هو ۽ غلام نبي ڏهراج جيڪي چوڪريون ڪنيون هيون، جن جو ذڪر اڳ ۾ ڪري چڪو آهيان. انهن جو عزيز هو ۽ هاڻي حاجي غلام نبي جو خاص ماڻهو ٿي ويو هو، مون کي اسٽينڊ تي مليو، چيائين ”سائين وڪيل ڪرڻو آهي، هڪ ماڻهوءَ کي ضامن تي ڇڏائڻو آهي.“ دل ۾ چيم ته بس ته وئي هلي. نيڪ آ، چار پيسا ڪمائي وڃهندس. پڇومانس في، هو پنجاهه روپيا ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويو. ڪيس مختيارڪار صاحب وٽ هو. ڪورٽ ۾ آيس، وڪالت نامو ورتم. درخواست لکيم. نور محمد شاهه مختيارڪار سان ڊائيز تي ويٺو هو. مان ۽ ڪوريجو هيٺ ميزوارين ڪرسين تي ويٺا هواسين. ميمڻ صاحب مختيارڪار چيو ته اڄ ضامن ڪونه ٿيندو. نوٽيس ڪوريجي کي ڏيان ٿو. سڀاڻي ضامن ڏيو. وڪيل ويچاري جو ڏنڊو اهڙو آهي، جو ضد ڪري ته خانو خراب. ضرور ها ۾ ها ملائڻي آهي، شايد ميمڻ صاحب جي مرضي هئي ته رات واري ڊنر ۾ شريڪ ٿيان، جنهن ڊنر جو ذڪر اڳيئي ڪري چڪو آهيان.

عيد واريءَ رات ٻچن سان گذاري نه سگهيس پر محترم اوستاد جي اين قاضي وٽ گذري وئي. ڏينهن ٿيو، هن ڏينهن تي عيد جي موڪل هئي، پر مختيارڪار صاحب آفيس ۾ آيو. ڪوريجي وٽ

تڪيل هوس. هن کي وني آفيس ۾ ويس. اٽڪل يارهين بجي ضامن منظور ٿيو. ڪوريجي "اعتراض ناهي" لکي ڏنو. تاريخ وڌائين. ضمانت جو قسم نامون لکيم. مختيارڪار صاحب منظور ڪيو. ياد ڪونہ اٿم تہ ڳوٺ ويس يا نہ. خبر هيءَ ڳالهہ گذري وئي.

نوشهري ۾ صبح جي نماز پڙهندو هوس. پر جيئن رمضان جو مهينو جلد اچڻ وارو هو. سو شيطاني خيال اچي ويو تہ هاڻي نمازون روزا سڀ رمضان شريف ۾ جاري ڪبا. هاڻي ڪيون ٿا وئڪيشن.

مٿئين ڳالهہ کان اٽڪل ٻہ هفتہ پوءِ وري ڳوٺ وڃڻ لاءِبس اسٽينڊ تي ويس. هن دفعي بس مليم ۽ بس ۾ چڙهي ويس. خير سان بس بيهندي بيهندي اچي ڪنڊياري پهتي. پاڻي پيئڻ لاءِ يا ڪنهن سان ملڻ لاءِ هيٺ لٿس. هڪ پوليس وارو آيو. چيائين، "سائين! تون قيد آهين."

"ڇا تو چوين؟" "وارنٽ ڪٿي." پڇيومانس.

وارنٽ ٻارنٽ ڪونهي، مون کي حڪم آهي تہ توکي قيد ڪري جيل ۾ اماڻيان. انهيءَ زماني ۾ ساڳيو امام بخش جوڻيجو ڪنڊياري جو صوبيدار هجي. چيم زور جي اڳيان زاري آهي! هل بابا!! وني وڃي ساڳي 107 ڪيس واري ڪمري ۾ واڙيائين. ڪچڙي منجهند هئي. ليٽي پيس، ٻيهري ٿي آرمڊ سپاهي، جيڪي جبل تي پهرو ڏئي رهيا هوا ۽ پنجابي هوا سي. ويچارا ڏسندا هوا تہ پاڪستان لاءِ مان ڪيڏا ڪشالا ڪڍيا. ڪيڏا جلسا ڪيا ۽ هاڻي ڪيئن قيد ڪرڻ آيا. وقت سر تہ ويچارا روئي بہ ڏيندا هوا. رليم، چيم نماز تہ ڇڏي ڏني اٿم، پر هاڻي جيل ۾ ڪو ڪم تہ ڪونہ آهي. هاڻي نماز پڙهان. سپاهين کي چيم تہ نماز پڙهندس. ويچارن ڪلف لاهي جيل مان ٻاهر ڪڍيو. ڪئنرو ڀري وضوءَ لاءِ ڏنائون. تڏي وارو مصلو اڳئي اتي پيو هو. وضو ڪري، مصلو خزاني واري ڪونيءَ جي سامهون وڇائي، جئن نماز جي نيت ڪري رهيو هوس تہ سخت ڌوٽو آيو. "تو تہ مون کي وساري ڇڏيو، پر مان تہ توکي ڪين وساريندس." سڄي بدن ۾ اليڪٽرڪ ڪرنٽ شروع ٿي

ويو. سبحان الله هيءُ منو تجربو اهڙو تہ هو جو سڄي عمر ياد اٿم ۽ ياد رهندو. چيم، ”مان تنهنجي نالي تان قربان وڃان! هيءُ تہ جيل آهي، پر ڦاهي هجي تہ بہ تون پار ڪرين!! مان ڪيڏو خوشنصيب آهيان. مولا!“ جاچ ڪيم تہ جيل ۾ ڇو پيو آهيان. چيائون مينهن جي ڌاڙي جي ڪيس ۾ مجرم آهيان. جلدي منهنجي گهرواريءَ جو چاچو ميان غلام محمد، جيجل جو ماروٽ نورمحمد جهلجي آيا. ٽي جوابدار جيل ۾ پياسين. باقي منهنجو ڀاءُ قاضي محمد لائق، ايس ڊي او ۽ ڊاڪٽر حامدعلي، ميان عبدالرحيم انجنيئر جو وڏو ڀاءُ روپوش ٿي ويا. خير غلام هادي انهيءَ زماني ۾ ڪراچي ڪاليج ۾ پڙهندو هو، اچي ڳوٺ پهتو. هاري ڪاميٽيءَ وارا يا ليگ وارا دوست سڀ گم ٿي ويا. زميندار تہ اڳئي اسان کي مارڻ لاءِ تيار هوا. مون کان ڪاغذ صحيح ڪرائي نوشهري ڪٽي ويو، ڇاڪاڻ تہ سيشن جج وئڪيشن ڪري پنهنجي ڳوٺ هو. پير قربان علي، انور علي، دوست محمد ۽ ٻين منهنجي وڪيل دوستن کي گڏيو ۽ هنن کي چيائين تہ منهنجي لاءِ ضامن جي درخواست وجهن، ڪنهن بہ هام نہ ڀري شايد محمد بچل جو روب مٿان چڙهيل هون. خير غلام هادي درخواست ڪٽي محمد بچل جي اوطاق تي ويو. محمد بچل جي طبيعت ٿورو رُکي آهي. هو منهنجو پراڻو دوست آهي. ڪاليج پڙهڻ جي زماني ۾ پنهنجي پٽ غلام محمد کي منهنجي سنڀال هيٺ رهايو هوائين. شايد هڪ دفعي مون وٽ ماني بہ کاڌي هوائين. ٻي طرح سان هو ڏاڍو سخت ماڻهو ۽ جج هو. جڏهن مان نواب شاهہ وڪالت لاءِ آيس تہ مون کي چيمبر ۾ گهرائي چيائين تہ دوستي ٻاهر هئي ۽ هاڻي ڪورٽ ۾ دوستي ڪانہ آهي. اهڙو خشڪ ماڻهو. غلام هادي بہ ونس ڏڪندو ويو. ”ڪير آهين! ڇو آيو آهين؟“ محمد بچل ٻري کان هڪل ڪري پڇيس، ”سائين! مان قاضي فيض محمد جو ڀاءُ آهيان!“

”پوءِ ڇا هي! ڇا گهرجي؟“ محمد بچل وراڻيو.

”سائين ادا جيل ۾ آهي، سندس ضامن جي درخواست آهي.“

غلام هاديءَ چيو.

”فيض محمد ۾ جيل! فيض محمد ۾ جيل! تہ پوءِ ڙي تون ڪٿي هئين، هيءَ پڙهيو آهين! مون کي ڏي درخواست.“

درخواست تي ضامن جو آرڊر ڪيائين ۽ غلام هاديءَ کي چيائين، ”يج نواب شاهہ ۾ ضامن ڏئي پاڻ کي آزاد ڪراءِ، “خير مان جيل مان آزاد ٿيس، ٻين کي بہ آزاد ڪرايوسين. پنج ئي جوابدار سيد افتخار نوشهري جي جج وٽ چالان ٿياسين.

پڙهندڙ توکي عجب لڳندو تہ حاجي غلام نبي، عاقل شاهہ، عبدالقيوم سهتو جي ٽئي هوندئن تہ منهنجا دوست هوا، پر زميندار هوا ۽ چاڪاڻ تہ مان هارين لاءِ ڪم ڪري رهيو هوس، تنهن ڪري منهنجا جاني دشمن ٿي پيا. پاڻ ۾ ٻي طرح نهيل ڪونہ هوا، پر مون کي مارڻ لاءِ هي ۽ ٻيا سڄي ضلع جا زميندار ساڻن شامل ٿيا ۽ ڪيس داخل ڪرايائون. امام بخش صوبيدار سندن دوست هو.

واردات جي لاءِ هن کي ڏينهن ڳولڻو پيو. چاڪاڻ تہ ٻي طرح تہ مان وڪيل هوس ۽ ڪورٽن ۾ هوندو هوس. ڏياتن واري عيد واري موڪل جو ڏينهن مقرر ڪيائون. فرياد ڪرايائون تہ انهي ڏينهن تي اسان پنج ئي جوابدار بندوقن ۽ لٺين سان فرياديءَ جي گهر ۾ گهڙي ويا سين ۽ سندس مينهن زوري گهر ڪاهي آياسين. مينهن جا پار پتا لڪايا ويا. انهن پارن پتن واري مينهن ڊاڪٽر حامد علي جي واڙي مان هٿ ڪئي وئي. سڀ سوڏا جوابدار هجون. مينهن اسانجي هئي، جنهن جا نشان پتا عاقل شاهہ هالاڻيءَ واري هن کي ڏنا. شاهد غلام نبي ڏنا. مشير عبدالقيوم جا. اهڙيءَ طرح هيءُ ڪيس نهي ويو. هاڻي ٻئي طرف کي سمجهڻ ۾ آساني ٿيندي. چوندا آهن مارڻ واري کان بچائڻ وارو وڏو آهي. اڳ ۾ ڏسي آيا آهيون تہ مون کي عيد واري رات ۽ ڏينهن کنهن زوري نوشهري وهاري ڇڏيو ۽ رڪارڊ جي شاهدي نهي وئي تہ مان صبح جو يارهين بجي جاءِ واردات حاضر ٿي نہ ٿي سگهيس. ان وقت مان مختيارڪار جي ڪورٽ ۾ نوشهري هوس جو اٽڪل 20 ميل

هالائي کان پري آهي.

ڪيس هليو، آخوند علي محمد سب جج جو منهنجو تمام پيارو دوست آهي، جنهن کي منهنجي چڱي طرح خبر هئي ته آءٌ ڪهڙي قسم جو ماڻهو آهيان. رڪارڊ ٻه ڏنائين، جڏهن ٻه اسين جوابدار وٽس حاضر ٿيندا هواسين ته ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويندو هو، جلد ڪيس پورو ڪري شاهدن ۽ غلام نبي، امام بخش ۽ عبدالقيوم تي ڪوڙي ڪيس ناهڻ جي تهمت هيٺ ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڏنائين. حاجي غلام نبي سيشن ۾ اپيل ڪئي سا منهنجي دوست محمد يعقوب جي اڳيان پيش ٿي، ان رد ڪئي. هاءِ ڪورٽ جج محمد بخش وٽ اپيل هلي، هن رد ڪئي ۽ آخر پير غلام حيدر سيشن جج خيرپور وٽ ڪيس هليو. شاهد سڀ سزا کائي ويا. شاهدي نه هئڻ ڪري وڏيرا ۽ صوبيدار ڇٽي ويا، وري ٻه وچي هاري مصيبت ۾ پيا. فريادي جو نالو ٻه غلام نبي هو، جنهن مون کي ٻڌايو ته غلام نبي ڏهراج جنهن سندس سوٽ تي زور رکيو ته ڪوڙو فرياد ڪر. پر هن انڪار ڪيو ۽ ان تي ڪوڙو ڪيس ڪري نوشهري مختيارڪار وٽ چالان ڪرايو ويو. آخر هن لاچار ٿي اسان تي ڪوڙي ڪيس ۾ فريادي ٿيڻ لاءِ هام ڀري، پوءِ امير بخش سيال کي حاجي غلام نبي نوشهري موڪليو. اتفاق سان، ڇاڪاڻ ته امير بخش هن سڄي منصوبي کان غير واقف هو، جنهن اچي مونکي وڪيل ڪيو ۽ مان هن جو ضامن ڪرايو، جنهن جو ذڪر ڪري آيو آهيان ۽ هن ڪيس کي ڪوڙي ڪرائڻ ۾ قدرت منهنجو هٿيو ٻڌايو، ٻئي طرف وڏيرن سندس سوٽ غلام نبي کي پنهنجو هٿيو بنائي اسان تي ڪوڙو ڪيس ڪرايو. جنهن ڪوڙو فرياد داخل ڪرڻ ۽ ظلم ڪرڻ کان انڪار ڪيو، اهو ته آزاد ٿي ويو، جنهن ڪوڙو ڪيس ڪرڻ قبول ڪيو، اهو اٽڪل ٻه سال قيد ۾ رهيو. هيءُ آهي منهنجي رب جي قدرت جو ڪرشمو. هن کان پيو قصو ٻه عجيب آهي.

هيءُ جنگ مون سان جاري رهي. هيڏانهن هنن جي يلغار، هيڏهون منهنجي رب جون مهربانيون. ڪا موڪل ملي، مان ڪراچيءَ

لاءِ سنبت ڪئي. ڪوريجي غلام محمد پنهنجي واچ ريپئر ڪرڻ لاءِ ڏني. مان اها واچ پنهنجي ٿيلهيءَ ۾ وجهي ڳوٺ هالاڻيءَ روانو ٿي ويس، منهنجي هنن سڄڻن کي خبر پئي ته مان هالاڻيءَ آيو آهيان ۽ ڪورٽن کي موڪل آهي. ٽيڙ ناهيم، بئي ڏينهن تي موري وڃڻو هوم، هڪ روينيو مئجسٽريٽ وٽ ڪيس رکيل هوم. سول ڪورٽون بند هيون، پروگرام اهو هو ته موري کان موٽي رات ڳوٺ ٽڪي صبح جو ريل گاڏي ۾ محرابپور کان ڪراچيءَ روانو ٿي ويندس، تنهن ڪري مسافري جي واسطي بئگ ڪپڙن سان ناهي رکيم. ان ۾ ڪوريجي واري واچ به وڌم. بئگ گهر ۾ رکيم، مان صبح جو موري روانو ٿي ويس، بئگ گهر ۾ رهي، جڏهن موري ۾ ڪيس جو ڪم پورو ڪيم، هاڻي ڳوٺ موٽي اچڻ لاءِ تيار ٿيس، ميان الهه اوباهيو وڪيل به موري ڪيسن ۾ آيو. ڪيس عاليشان موٽر هوندي هئي، مون کي چيائين ته نواب شاهه هلون، مان چيو ته مون کي ڪراچي وڃڻو آهي، سمورو سامان ڳوٺ رکيو آهي، خير موٽر هئي نئين، الهه اوباهيو شوقين مڙس هو، ماني ۽ چانهه ته هميشه پاڻ سان کڻندو هو. منهنجي دل به سرڪو کاڌو. بس پوءِ ته موٽر ۾ چڙهي پيس، منهنجو سهرو ميان فيض محمد نواب شاهه ۾ رهندو هو. نواب شاهه لهي، ٿورا ڪپڙا اتان ڪنيم، سوٽ ته اڳئي پهري آيو هوس، ڏوڪڙ به جام هئم، شايد موري ۾ اصيلن چڱي رقم ڏني هئي. مان ڪراچي هليو ويس، ٽيڙ گهر رهيا، ڪوريجي جي واچ سوڌا.

ڪراچيءَ ۾ خبر پيم ته منهنجي گهر کي ڌاڙو لڳو آهي ۽ ڪي گهر جا ڀاتي زخمي ٿي پيا آهن، ڪيس هنن اڳ ۾ داخل ڪري ڇڏيو آهي. شايد مان اتي رهجي پيس. قاضي فضل الله چيف منسٽر هو. وٽس لنگهي ويس، سچي حقيقت ڪئي مانس. چيائين وڏيرن جي ووٽن سان چيف منسٽر ٿيو هو، پر چيائين، ”ادا مان تنهنجو آهيان! تنهنجو ڏک منهنجو ڏک آهي! مان ڪان جيڪي ٿي سگهندو اهو ڪندس.“

هڪدم آغا عبدالنبي کي منهنجي منهن تي گهرايائين ۽ هڪ

پوليس آفيسر بہ گھرايائين، هڪ کي ڪليڪٽر ڪري رکيائين ۽ ٻئي کي ايس پي، نواب شاھہ وارا ٻئي آفيسر هڪدم بدلي ڪيائين. منهنجي روبرو هنن ٻنهي آفيسرن کي چيائين، جيڪڏهن ڏاڙو نہ لڌو تہ پوءِ ٻنهي جو خير ڪونهي.

ڳوٺ موٽي ويس، سڄو گھر ويران ڏٺم، ڳالھہ ڪيائون، انهيءَ رات جڏهن موري کان موٽي اچڻو هوس. اٽڪل هڪ بجي ڏاري بندوق جو ٺڪاءُ ٿيو، ڏاڙيل پنج ڇهہ گھر ۾ گھڙي پيا، واڪا ڪندا آيا تہ قاضي ڪٿي آهي. امان جيجل منهنجي اهڙي تہ بهادر جو ڏاڙيلن جي سامهون ٿي بيٺي ۽ ڪين گاريون ڏيڻ لڳي ۽ ڪين پٽڻ لڳي. مان کي نہ ڏسي چيائون، ”پير زور هئس جو ڪونهي نہ تہ اڄ ٽڪرا ڪري ڇڏيونس ها. ڇئجوس تہ زميندارن جي خلاف بڪواز ڇڏي ڏئي!!“ پوءِ حملو ڪري امان کي ٻانهن ۾ ڌڪ هنيائون، منهنجي ڀاڄائي کي پٺي ۾ ڌڪ هنيائون. هو ٻيئي سان هئي سا بي حال ٿي پئي، جنهن کي نواب شاھہ موڪليو هئائون ۽ جنهن کان ڌڪن لڳڻ ڪري پيٽ وارو ٻار مري ويو هو ۽ مئل ٻار ڊاڪٽرياڻين ڪڍيو. گھر جا سڀ ٽپڙ بہ کڻي ويا، مون واري ٻئگ جنهن ۾ ڪوريجي جي واچ پئي هئي سا بہ کڻي ويا. منهنجي ڀائڪ جو شڪ سوپاري شاھہ جي ماڻهن ۾ هو جي شهر ۾ لڪندا وتندا هوا. انهن ۾ هڪ هاشم ماڇي بہ هو، پنجن ماڻهن جا شڪ جي ڪري فرسٽ رپورٽ ۾ نالا ڏئي ڇڏيا ها. اهي پوليس پڪڙيا.

پوليس تمام گھڻي دلچسپي ورتي ۽ سڀ سوڏا سهتا جوابدار جهليا. هيءُ اسانجي دوست عبدالقيوم جا ذات وارا هوا. هاشم وارو سيٺ شڪ جو شڪار هوا. مان انهن پنجن کي ضامن تي آزاد ڪرايو. ڪيس ٻنهي سيشن تي هليو. غزنوي صاحب وٽ ڪيس هليو، مان ڪيس سڄي ڳالھہ ٻڌائي ۽ عرض ڪيومانس تہ ماڇين کي ڇڏي ڏئي، ڏاڍو شڪي ماڻهو هوندو هو. متان مان سچا جوابدار ڇڏائي ڪوڙن کي سزا نہ ڏياريان، ڪيس خبر هئي تہ مان ڪوڙ ڪونہ ڳالهائيندس. هن

صاحب ماڇين کي ڇڏي ڏنو. سهڻن جن وٽان سڀ تيز مليا ۽ ڪوريجي غلام محمد جي واچ به ملي.

خدا جو شان ته واقع واري رات مون کي بچايائين. موري مان سڏو نواب شاهه هليو ويس، ٻي صورت ۾ شايد مارجي وڃان ها. منهنجي گهرواريءَ جون سونيون منڊيون ۽ سونيون چوڙيون، ٻانهن ۽ آڱرين مان لاهي ڏيڻ لاءِ چيو جي منهنجي منڙي ياڳ ڀري رفيقه حيات لاهي ڏنيون. منهنجي امڙ کي ڌڪ لڳا سا بي حال ٿي پئي.

منهنجي گهرواري جي مرضي ٿي ته ظالم جي ظلم کان بچڻ لاءِ نواب شاهه ۾ رهجي. هاڻي نواب شاهه ۾ رهڻ لڳاسين. وڪالت به اتي شروع ڪيم. سهري سان گڏ رهندو هوس. هندو وڪيل هليا ويا هئا ۽ ڪي وڃي رهيا هئا. ياد اٿم ته ڪيئن ٽيئونمل کي گاڏيءَ تي چڙهي آيو هوس ۽ ڪهڙي اداس دل سان هو وطن ڇڏي ويو.

ڏنڊو ڏاڍو وڏي ويو. غلام هادي به وڪالت پاس ڪري آيو. روزانو وقت سر ٻه ٻه هزار به ڪماياسين. هڪ مهيني ۾ ڪمائي وڃي ڏهه ۽ ويهن هزارن کي پهتي. رئيس غلام رسول سان پراڻو رستو هو. هڪ ڏينهن نون جتوئين ۾ سندس مهمان ٿي ويس. ڏاڍو پيارو دوست هو. چوڻ لڳو جڏهن اسين پراڻا سنگتي ملندا آهيون ته هو پاڻ کي نوشهري وارو ننڍڙو شاگرد سمجهندو هو. سندس گهر جي جڳهه به خالي هئي. اندريان سيئي گهر جا ڀاتي ٻاهر ويل هوا. بنگلي ۾ رات گذاريسين. صبح جو مون کي گهر اندر وٺي هليو. ٻابي ڏاڍي واريون پراڻيون بندوقون ۽ ٻيون پراڻيون نشانيون ڏيکارڻ لڳو. تان جو گاڏي جو وقت اچي ٿيو. چيومانس ته مون کي هن گاڏيءَ ۾ ضرور وڃڻو آهي، جا اٽڪل 12 بجي جتوئين مان لنگهڻي هئي.

رئيس انڪار ڪيو ۽ چيائين ته هو مون کي ڪونه ڇڏيندو ۽ اهو ڏينهن اتي رهڻو پوندو. ڏاڍو تنگ ڪيومانس، تڏهن چيائين ته وٽس گاڏي يا جيپ حاضر ڪانهي، ٻاهر نڪري نوڪرن کان پڇيم، جن چيو نڪا موٽر آهي نڪا جيپ. شايد منهنجي جلدي وڃڻ کي بند

ڪرڻ لاءِ گاڏيون ڳوٺ مان ڪڍي ڇڏيون هئائين.

خير جڏهن ڏاڍو تنگ ڪيومانس تہ پوءِ گهوڙو سنجرائي مون کي سواريءَ لاءِ ڏنائين. گهوڙو ڏاڍو آهستي فرحت سان هليو. بس جڏهن ڏيپارجن واري رستي ۾ پهتو. گهوڙو اهڙو مست ٿي پيو ۽ اهڙو ونءِ ڀڳو جو مون کي پتوئي ڪونہ پيو تہ ڇا ڪيان. اهو رستو سڌو ريلوي ڦاٽڪ تي ٿي چڙهيو. گهوڙي ونءِ ڦاٽڪ ڏي ڪاهيو. هوڏانهن اکين سان پيو ڏسان ريل گاڏي سوسٽ ڪندي پئي اچي. ڇيم اڄ اها گاڏي منهنجي گهوڙي تي چڙهندي ۽ مان ۽ گهوڙو مري ويندا سين. گهٽوئي گهوڙي کي بيهارڻ جي ڪوشش ڪيم پر گهوڙو زم ڪري ريلوي ٽرين جي منهن ۾ ڀڄڻ لڳو. بس سيڪنڊن جو فرق ٿيو. گهوڙو ڦاٽڪ ٽپي پئي پاسي مس ٿيو تہ پوئتان ريل گاڏي زون ڪري هلي وئي. گهوڙو بيهي رهيو. ائين جان بچي.

اهڙيءَ طرح پيو بہ هڪڙو اتفاق ٿيو. پڊعيدن اسٽيشن تي هوس. نماز پڙهڻ لاءِ مسجد ۾ ويس. هي مسجد اسٽيشن جي سامهون هئي ۽ ڪي اٺ يا ڏهہ ريلون ٽپٽيون ٿي پيون. مسجد ۾ نماز تہ پڙهيم پر مولوي صاحب ڪو چڱو پڙهيل ماڻهو هو. بحث ۽ ڳالهين ۾ پئجي وياسين. ڳالهيون ڪندا ريلون ٽپندا اسٽيشن ڏي پئي آياسين. جهڳ جهڳ جاري هئي. ٻہ گاڏن جا گروپ هڪڙي لائين تي بيٺل هوا. وچ ۾ خال هو. اسان انهيءَ خال جي وچان هلڻ جو ارادو ڪري اجان لنگهنون ئي لنگهئون. نڪاءَ تي ويا گاڏا اوچتو اچي هڪ ٻئي سان لڳا. انجڻ ڌڪو ڏنو. ايترو تہ ويجها هواسين جو بدن تي گاڏن جي ملڻ جي هوا بہ لڳي، جي ٻہ سيڪنڊ اڳ ۾ اچون ها تہ چپجي وڃون ها.

نواب شاهہ ۾ ڏنڊو ڪندو رهيس. هاري ڪاميٽيءَ سان واسطو رهيو. ڪامريڊ حيدر بخش کي شايد اليڪشن ۾ بيهڻ کان بند ڪرائڻ لاءِ جيل ۾ موڪلي ڇڏيو هو يا سڪرنڊ هاري ڪاميٽي جو ڪانفرنس رکي وئي ۽ چونڊون بہ اتي ڪرائٽيون هيون. ڪامريڊ حيدر بخش ڪونہ هو. محترم جي ايم سيد حاضر هو. شايد ڊيليگيٽن جي ميٽنگ

انهيءَ جڳهہ تي ٿي، جتي پاڻ رهيل هو. خبر نہ آهي تہ ڇو؟ جيتوڻيڪ اسانجا شخصي تعلقات تہ سٺا پئي رهيا آهن. پر اليڪشن ۾ چاهي اها پارٽي جي هجي يا اسيمبلين جي پاڻ هميشہ منهنجي مخالفت ڪندو هو. سڪرنڊ ۾ سندس مرضي هئي تہ ڪامريڊ عبدالقادر کي صدر ڪري چونڊائجي.

دوست محمد ابڙو، شمس الدين شاهہ، غلام حسين سومرو ۽ ٻيا دوست مون تي زور وجهي رهيا هوا تہ مان صدارت قبول ڪريان. آخر ڪامريڊ عبدالقادر ۽ مان اميدوار ٿي بيناسين. مون کي گهڻائي جي سپورٽ هئي. ڪميونسٽ دوست منهنجي برخلاف هوا. مان سندن لسٽ تي ملو ڪري ليڪيو ويندو آهيان ۽ مون کي هو ريئڪشنري سڏيندا آهن. هنن فساد ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ٻہ هاري ڪاميٽيون ٺاهي ويون. مولوي نذير حسين، مولوي عزيزالله، حڪيم محمد معاذ، سمو علائوالدين منهنجي فائدي ۾ هوا ۽ مون سان شريڪ ٿي ڪم ڪرڻ لڳا.

ڪميونسٽ دوستن حيدر بخش کي پاڻ سان شامل ڪري، اسان جي برخلاف ڪيو. پر انهيءَ وقت ۾ هاري ڪاميٽيءَ ايڏي ترقي ڪئي، جهڙي ڪڏهن نہ. وري جو ٻن ڪاميٽين ۾ مقابلو هو، تنهن ڪري ڪم تمام زور سان شروع ٿي ويو. مان جيڪي ڏنو ۽ جيڪا اسانکي رپورٽ ملي، تنهن اسانجي ڪميونسٽ دوستن کي دل شڪستو ڪري وڌو. اسان پهريون دفعہ هاري ڪاميٽيءَ کي آئين ڏنو ۽ ان سان هڪ هفتيوار اخبار بہ ڪڍي. جلسن ۾ هزارن جي تعداد ۾ هاري گڏ ٿيندا هئا. ميان افتخار الدين وچ ۾ پئي نہراءُ ڪيو ۽ حيدر بخش ۽ سندس ساٿي بہ اچي اسان سان شامل ٿيا. غلام محمد لغاري بہ ڪامريڊ حيدر بخش سان هو، مان هميشہ عهدن کان پڄندو آهيان. ٽنڊي ڄام ۾ هاري ڪانفرنس ٿي، جتي ڪامريڊ حيدر بخش ۽ ڪامريڊ عبدالقادر جو مقابلو ٿيو. اليڪشن منهنجي صدارت هيٺ ٿي، ڪامريڊ حيدر بخش کٽيو. هاري ڪاميٽيءَ جي زندگي ۾ اها پهرين

اليڪشن هئي جا خير سان پوري ٿي. ڪامريڊ حيدر بخش وري اليڪشن ڪانہ ڪرائي، جنهن جي شڪايت مولوي نذير حسين کي پڇاڙيءَ تائين رهي.

منهنجي صدارت جي وقت ۾، سنڌ عوامي محاذ ٺهيو. شيخ عبدالمجيد سنڌي صدر ٿيو ۽ مان هاري ڪاميٽيءَ جي طرفان شامل ٿيس ۽ مون کي شايد جنرل سيڪريٽري ڪيو ويو. اليڪشن ۾ زور شور سان بهرو ورتوسين.

هڪڙي وقت مسٽر دين محمد سنڌ جي گورنر کي ڪلي اختيار مليا ۽ وزير ۽ اسيمبلي کي هٽايو ويو هو. گورنر مون کي ۽ منهنجي سنگت ۾ مولوي نذير حسين، سمي صاحب هڪ ٻہ ٻيا دوست ٻہ هوا. اسين ساڻس ملياسين. هن صاحب هارين سان گهڻي همدردي ڏيکاري. هاٿوڪو ٽيننسي ائڪٽ انهيءَ صاحب هارين کي ڏنو. جيتوڻيڪ هارين جون گهرون پوريون ڪونہ ٿيون. پر هن ائڪٽ جهڙو ائڪٽ سنڌ جا زميندار ڪڏهن ڪونہ ڏين ها.

انهيءَ زماني ۾ سهروردي صاحب حيدرآباد آيو. شيخ عبدالمجيد ٻہ هن سان گڏ هو ۽ مان ٻہ ميٽنگ ۾ شريڪ ٿيس، پوءِ سهروردي صاحب جي مرڻ وقت تائين ساڻس تعلقات رهيا. خان عبدالغفار جي ايم سيد ۽ شيخ عبدالمجيد مون کي ۽ ٻين دوستن کي ڪراچيءَ گهرايو. پارٽي ناهي وئي، انهيءَ کان پوءِ جلد ميان صاحب افتخار الدين آزاد پاڪستان پارٽي ناهي. مير علي احمد سان خاڪساريءَ واري وقت کان وٺي رستو هو. هنن آزاد پاڪستان پارٽي ناهي، مان ان ۾ شريڪ ٿيس. مير صاحب سان گڏجي سڄي سنڌ جو دورو ڪيوسين. پر پارٽي ترقي ڪري نہ سگهي.

سنڌ عوامي محاذ سان منهنجي وابستگي رهي. صوبائي اليڪشن جو اعلان ٿيو. نواب شاهہ ۾ ميان حسن بخش شاهہ جي بنگلي ۾ ميٽنگ رکيسين. نواب شاهہ مان مون کي اليڪشن ۾ بيهڻ لاءِ چيو ويو. مان معجوب ماٺهو، گهڻو ڪري عهدن کان پاسي رهيو آهيان.

پيرزادي شاهنواز جي مان سفارش ڪئي ۽ نواب شاهه جي گروپ، جيڪو مان ميونسپالٽيءَ جي اليڪشن ۾ ٺاهيو هو، جنهن ۾ مهاجر، سنڌي، پنجابي گڏ هواسين، تن سڀني انهيءَ ڳالهه جي پوئواري ڪئي. رئيس غلام رسول خان پاڻ ته مسلم ليگ جي ٽڪيٽ تي اليڪشن لڙيو پر ٻي طرح سان اسانجي گروپ سان ٺهيل هو. ميان خير شاهه وارا جي اڳ ۾ جي ايم سيد سان وابسته رهيا. هن اليڪشن ۾ مسلم ليگ ۾ رهيا ۽ جي ايم سيد ۽ اسانجي عوامي محاذ جي مخالفت ڪيائون. انهيءَ ڪري جي ايم سيد جڏهن به نواب شاهه ايندو هو ته مون وٽ رهندو هو ۽ هڪ به دفعا ته نواب شاهه اسٽيشن تان لهندو هو ته مان کيس پنهنجي موٽر تي سندس زمينن مجيد ڪيرئي جي ڳوٺ وٺي ويندو هوس. هاڻي اهي زمينون سندس پٽ امداد محمد شاهه سنڀاليندو آهي. سڄي سنڌ ۾ عوامي محاذ طرفان ٽڪيٽون ڏنيون، زميندار دوستن جيڪي اسان سان شامل هواسين، ڪامياب ٿيا باقي عوامي يا وچولي درجي وارا دوست جهڙوڪ ميان الهه اوباهيو وڪيل، الهندو خان مگريو ۽ ٻيا ڪامياب نه ٿيا. سڄي سنڌ ۾ سڄي اليڪشن ۽ بنا ڪنهن زميندارن دٻاءَ جي، پيرزاده شاهنواز واري جاءِ ڪٽيسين. هن اليڪشن جو به وڏو ذڪر ٿي سگهي ٿو، پر جيئن ته هيءُ مون اڪيلي جي سفر جو ذڪر آهي، تنهن ڪري هن کي اتيئي پورو ٿو ڪجي.

سهروردي صاحب ميٽنگون سڏائڻ شروع ڪيون، شيخ عبدالمجيد ۽ مان انهن ميٽنگن ۾ شريڪ ٿيندا هواسين. حيدرآباد واري ميٽنگ جنهن ۾ غلام محمد لنڍخور مرحوم لياقت علي خان کي ڪجهه گهٽ وڌ جلسي ۾ ڳالهايو هو ۽ پوءِ حملو ٿيو ۽ اسانجي ڊائيس تي به حملو ٿيو. مان محترم سهرورديءَ کي ٻاهر ڪڍي ويس.

کهڙي صاحب کي سنڌ جي چيف منسٽري تان لاٿو ويو ۽ پيرزاده عبدالستار سنڌ جو چيف منسٽر ٿيو ۽ اسيمبليءَ جو انداز به وڌايو ويو. گهٽائي صاحب وزير ٿيا، پيرزادو شاهنواز اسانجي پارٽي ڇڏي ويو. هاڻي ون يونٽ بنائڻ لاءِ رٿون رٿجي ويون، رٿون تيار ٿي

ويون.

انهيءَ وقت اولهہ پاڪستان جي صوبن جا مخالف ڌر جا قومي ليڊر جي ايم سيد جي بنگلي تي گڏ ٿيا ۽ ائنٽي يونٽ محاذ ٺاهيو ويو. مان نواب شاهہ ۾ هڪ وڏو جلسو ڪرايو. جنهن ۾ سنڌ جا سڀ وڪيل، عوامي ورڪر، هاري ورڪر ۽ ڪجهہ ليڊر آيا. مگر محترم جي ايم سيد انهيءَ ڪانفرنس ۾ شريڪ ڪونہ ٿيو. هن ڪانفرنس ۾ تنظيم بہ ٺاهيسين تہ ون يونٽ ٽهڻ نہ ڏبو.

لاڙڪاڻي مان، جمال الدين بخاري، عبدالغفور ڀرڳڙي، دوست محمد ابڙو ۽ ٻيا دوست، دادو مانءَ، آخوند شفيع محمد، قريشي علي احمد، ساگر سيد شمس الدين شاهہ، حافظ نيڪ محمد، پناڻ ۽ ٻيا دوست، خيرپور مان سومرو عبدالرزاق، علي مطاهر، ميرپورخاص مان غلام محمد لغاري، روچيرام ۽ ٻيا دوست، سانگهڙ مان قاضي محمد بخش جو تڏهن اجا شاگرد هو، حيدرآباد مان قاضي احمد، محمد آخوند الهہ بچايو ۽ ٻيا دوست، جيڪب آباد، ٺٽي ۽ ڪراچيءَ مان مطلب تہ سڄي سنڌ مان تمام گهڻي انداز ۾ آيا هوا. وڏو شاميانو هٿايو هوم ۽ انسپيڪشن بنگلي ۾ سندن رهڻ جو بندوبست ڪيو هوم.

محترم جي ايم سيد ڪراچيءَ ۾ ميٽنگ گهرائي ۽ پروگرام رکيوسين تہ سڄي سنڌ جو گشت ڪبو. انهيءَ دوري جي تاريخن وقتن جو بہ اعلان ڪري ڇڏيوسين، وئگن وغيره، ڪٿي ڪٿي رهبو. سڄو پروگرام مقرر ڪيوسين، ڀٽائي ڀلاري جي ميلي ۾ جيڪا ڪلچرل گڏجاڻي ٿيندي آهي، ان ۾ شريڪ ٿياسين. پيرزادو صاحب پنهنجي بيگم سميت ڀٽ تي آيو. مائي صاجبہ ڊاڪٽر آهي ۽ سنڌي هندن جو اولاد ۽ سوڪڙي آهي. انهيءَ زماني ۾ غلام محمد ڪان پاورن کسڻ جو هڪ ائڪٽ بہ قومي اسيمبليءَ ۾ پاس ٿيو. جنهن جو جس، پيرزاده عبدالستار ۽ محمد هاشم گذدر کنيو هو. اها بہ خوشي هئي ۽ پيرزاده صاحب ڏاڍو خوش نظر پئي آيو ۽ سمجهوسين تہ ون يونٽ جا ڪکر

لهڻ لڳا آهن. اهڙو ريزوليوشن به پاس ڪيوسين ۽ تقريرون به ڪيونسين.

آخر ڪراچيءَ ۾ هواسين، محترم شيخ عبدالمجيد صاحب، جي ايم سيد جن به هوا. اسين پيرزاده جي بنگلي تي گڏ ٿيا هواسين. رات جو اٽڪل 10 يا 11 ڌاري پيرزادو آيو چيائين ته غلام محمد ۽ سندس ساٿي چون ٿا ون يونٽ جي حمايت ڪريان ته ويسٽ پاڪستان اسيمبليءَ جو ڪيس وڏو وزير ڪندا. يا ٻي حالت ۾ استعيفا ڏيان. شيخ صاحب وارن صلاح ڏني ته جيئن ته ڪيس سنڌ اسيمبلي گهٽائي جي پٽ هئي، تنهن ڪري استعيفا ڏيڻ نيڪ نه آهي ۽ پل ته هو ڪيس ڊسمس ڪن. پيرزادي عبدالستار جو سنڌ تي هيءُ احسان آهي جو وڏي وزير ڪي لت هٽي ڇڏيائين ۽ موقوف ٿي ويو. انهيءَ رات اعلان ٿي ويو ته سنڌ جو چيف منسٽر مسٽر کهڙو ٿيندو.

مرحوم عبدالرحمان قاضي، هيءُ صاحب اسانجي پاسي ڊيري جي پرسان وينل آهي، پاڻ اچڻ آهن، پر علم سان سندن خانداني لڳاءُ آهي ۽ قاضي سڏبا آهن. قاضي صاحب نهايت قابل ماڻهو هو ۽ خلافت جي تحريڪ ۾ چڱو بهرو ورتو هئائين. الوحيد جو ايڊيٽر پڻ رهيو هو. قاضي صاحب انهيءَ رات اسان سان عبدالستار جي بنگلي ۾ گڏ وينو هو. مونکي چيائين، ”فيض محمد! عبدالستار جي ڏينهن ۾ ته ڏاڍا جلسا جلوس ڪيا، هاڻي عبدالستار ته خير سان وڃي ٿو، کهڙي جي خبر اٿي کهڙو ماڻهو آهي. هاڻي ته توهان جو پروگرام به پسي پوندو.“ مان چيومانس، ”قاضي صاحب پيرزادو هجي ها، دورو ملتوي ڪيون ها ته پوءِ ڪا اهڙي ڳالهه ڪانه هئي، هاڻي ته ائين هرگز ڪونه ٿيندو.“ کهڙو صاحب نه هجي، پر ڪٿي سيئي غلام محمد جا ڪمانڊر هجن، دورو ضرور ڪبو!“

کهڙي صاحب سنڌ جون واڳون ورتيون. کهڙي صاحب جا ڪيو، اهو هڪ تاريخ جو باب ٿيندو. هيءُ مون غريب جو سفر آهي، تنهن ۾ سڀ ڳالهيون ڪونه لکبيون. پهريائين ڇئن ڏينهن جي اندر جي

ايم سيد کي قيد ڪيائين. اسان جي گهڻن همراهن جا وضو پڄي پيا. هاري ڪاميٽيءَ جا صدر سيڪريٽري سڀ پڄي ويا. وڪيل صاحب الائي ڪاٿي وڃي لڪا. مگر هي دورو نہ ڪرڻو هو. سيد علي مظاهر خيرپور وارو، جيڪو مهاجر سڏجي ٿو. منهنجا پراڻا دوست ۽ نواب شاهہ جا عوامي ورڪر، محمد حسن ٻگهيو ۽ محمد يعقوب ملڪ اچي مون سان شريڪ ٿيا. هزارن مان وڃي فقط چار بچياسين. سنڌ جي ماڻهن جيڪي سنڌ سان قهر ڪيا آهن، تن جو ڪهڙو روئڻو روئجي.

محمد مراد بلوچ هڪ وڳن ڏيڻ جو جي ايم سيد سان انجام ڪيو هو. انهيءَ ويچاري وڳن بہ ڏنو مئڪروفون بہ لڳارائي ڏنائين ۽ مستري بہ ڏنائين. پروگرام موجب هي غريباڻو قافلو ڪراچيءَ مان هليو. وڃي رات جو ڪوٽڙيءَ ۾ پهتو. چوسول ۾ مائڪروفون لڳائي تقرير ڪرڻ بيهي ويس، اهڙي طرح سان پنهنجو انجام پورو ڪيوسين. رات جو وڃي حيدرآباد پهتاسين. وڪيل صاحب جنهن کي نواب شاهہ ۾ اينٽي يونٽ تحريڪ جو مهندار، ڪيو هوسين، تنهن وٽ وڃي ٽڪيس، ويچارو ڊنل هو، چائين، "ادا! ڇا ٿيندو." اهڙي طرح سان هاري ڪاميٽيءَ جي صدر، سيڪريٽري ۽ ٻيا دوست چوڻ لڳا. هي پنهنجا فيصلا پيا ڪن نہ پڇن نہ صلاح ڪن. هتي سڀني دوستن ڳالهہ کي تاري ڇڏيو. سچ آ تہ جيڪي رب ۾ ڀروسو ٿا رکن، جيڪي توڪل جو ترهو ٿا ٻڌن، اهيئي قلندر ٿي سگهن ٿا، پر جن جو رب ۾ ايمان ناهي، انهن جو يقين هميشہ لڏندو رهي ٿو ۽ هميشہ اٽڪلون ڪندا آهن.

چوٽي آهي، "اٽڪل ساڻ الله ڪڏهن ملندو ڪين ڪي" اهي ئي چار ڄڻا ڪن ڪڍي نڪتاسين. حيدرآباد کان دادو تائين ڇپي ڇپي تي نعرا هڻندا، ليڪچر ڪندا آياسين. جي ايم جي ڳوٺ سن بہ وياسين. سيوهڻ پهتاسين، وڃي سنڌس قبر تي دعا گهري سين، چيوسين، "قلندر اٿي سنڌ کي بچاءِ!" دادو ۾ قريشي علي احمد، آخوند شفيع محمد کو خاص بندوبست ڪونہ ڪيو هو پر اسان پنهنجو انجام پورو ڪيو. اتان وري لاڙڪاڻي روانا ٿياسين. واٽ تي جيڪي بہ شهر آيا، اتي

ميٽنگون ڪيونسين، نعرا هڻاياسين. ويچارا ماڻهو سنڌ جا. لطيف جا شعر ٻڌي روئن ته گهڻو ڀيا پر ڏنل ماڻهو ڀيو ڪن ته ڇا ڪن. جڏهن پنهنجا پنهنجن کي ڏٻائن ۽ سندن غيرت کي مارن ته پوءِ اٽ ڇا ٿي سگهي ٿو.

لاڙڪاڻي پهتاسين، پيرڳڙي عبدالغفور جي اوطاق تي وڃي پهتاسين، ابڙو دوست محمد، تاج محمد، مولوي عزيز الله شايد مولوي نذير حسين ۽ ٻيا هاري ورڪر، عوامي دوست اچي گڏ ٿيا. قاضي فضل الله سان وڃي سندس بنگلي تي مليس. ڏاڍي همٿ افزائي ڪيائين، پر ٻاهر چرڻ اهو اسان چرين جو ڪم هو.

عبدالغفور کان پڇيم ته پروگرام ڪين اڳ ۾ ڏنل هو. ڪو جلسي يا جلوس جو بندوبست ڪيو ويو آهي يا نه. يار جواب ڏنو ته اها پڪ ئي ڪانه هئي ته اسان پروگرام رکنداسين، جي رکنداسين ته کهڙو صاحب هيسٽائين پهچڻ به ڏيندو يا نه. اوڏي مهل ڪجهه دوست شهر ۾ منادي ڪرڻ لاءِ موڪلياسين. جلسو 5 بجي شام جو رکيل هو. چئين بجي خبر پئي ته اهم ورڪر ايس پيءَ وٺي وڃي ٻاڻ وٽ ويهاريا آهن.

وري ٻيا به ڇٽا موڪلياسين. اسين وڃي وڏي پارڪ ۾ ويٺاسين، گلم وڇاياسين، اسٽيج ٺاهيسين، لائوڊ اسپيڪر هنيوسين، جن جا نالا اڳئي وٺي ڇڪو آهيان، ڪجهه ٻيا ماڻهو حاضر هوا. اٽڪل ٽيهه يا چاليهه، پنج بجي لڳي ويا، چيم هاڻي ڇا ڪجي، ڪليڪٽر انور عادل هجي، ڏاڍو ڏکيو ۽ ظالم ماڻهو. سي. آءِ. اي وارو رپورٽ ڪندا ته هنن جي تحريڪ اهڙي مقبول آهي، فقط پنهنجا پاڻ ۾ هوا. شهر جو هڪ ماڻهو به ڪونه آيو. چيم، "اپٽي توڙ نباهه!!" اٽي ٻيهي رهيس، ٻين کي تقرير ڪرڻ کان جهليم. سمجهيم ته مان جاڻ قيد ٿيندس. سيئي ڳالهائيندا ته وڃي جيل ۾ پوندا. آخري تقرير شروع ڪيم، بس پنجن منٽن ۾ ماڻهو ائين اچڻ لڳا، جيئن وڏ ڦڙو مينهن پوندو آهي. اٽڪل پنج ڏهه هزار ماڻهو گڏ ٿي ويا. منهنجي دل ڏاڍي ڏڪايل هئي. اهڙو جذباتي

ڳالهايم جو ڪيترا ماڻهو روئڻ لڳا. جڏهن اسٽيج تان هيٺ لٿس، سڀئي چوڻ لڳا ته مان وڏو اريٽر آهيان. مان کين چيو ته، ”بابا! درد دل آهي، مان ڇا ڪريان؟“ شام جو رتيديري نڪري وياسين، اتي جلسو ڪيوسين، رات جو پرڳڙي جي جڳهه تي موٽي آياسين. پوليس آفيسر اچي ويا، وارنٽ قيد ڪرڻ جو ڪٺي آيا، مان چيو، ”بابا! ترسو، ڪجهه هلڪو ٿيان ۽ پرڳڙيءَ صاحب جي ماني به کائون.“ اينري ۾ ٻاهران هشام ماڻهن جا گڏ ٿي ويا. فساد ٿيڻ جو امڪان هو. مان پرڳڙيءَ کي چيو هو ته جهيڙو جهتو نه ٿئي. مون کي پوليس، لاريءَ ۾ چاڙهي رواني ٿي وئي، پوئٽان ماڻهو نعرا هڻندا رهيا.

ماڻهو سنڌ جا هرويرو ويل ڪو نه آهن، پر ويچارا ماريل ۽ ڪمزور آهن. پوءِ خبر پيم ته جڏهن لاڙڪاڻي وارو جلسو ڪامياب ٿيو ته انور عادل کهڙي کي فون ڪئي، ”قاضي فيض محمد هاڻي ظابطي کان ٻاهر نڪرندو ٿو وڃي.“ صاحب وراڻيو، ”جيل ۾ وجهينس، هن جو ڏنڊو آهي ملڪ ۾ فساد ڪرائڻ.“ اهڙيءَ طرح سان مون جيڪي پنهنجي سر تي ڪنيو هو سو نباهي وڃي پار پيس، پوئٽان ڇا ٿيو، سو هن سفر نامي ۾ اچي نٿو سگهي.

رات هئي، لاڙڪاڻي ۾ ٿورو ترسايائون، مون کي لاريءَ ۾ وهاري، لاڙڪاڻي واري واهه جو ڪپ ورتائون، سکر ڏي روانا ٿيا. ڪپر مٿان وڻن جا ڏار هوا. لاري تکي پئي هلي، ڪنهن وقت مٿي ۾ ٿا اڏارجي مغز ۾ لڳو. ڏک ڏاڍو لڳو، رت وهڻ لڳو، مگر ڏک سهائي ويس. پنهنجي قسمت ۾ سڄي عمر ڏک لکيل هوا. ڪني جي ڪاڻ ڪٿيون ڪڍڻ آيون. آخر سکر شهر ۾ هڪ پوليس لاڪپ ۾ اچي اڇليائون، ٻئي ڏينهن سينٽرل جيل ۾ وٺي ويا. سڄي بئرڪ خالي ٿي وئي. اڪيلو بئرڪ جي اندر اڇلائي ويا. ڪمرا اٽڪل پنج ڇهه هوا، هنن ڪمرن کي خاص نالو آهي. پائخانو به اندر، کائڻ به اندر ته پيئڻ به اندر، وڏو هال به هو، سومرو صاحب جيلر هو. هن جو هڪ نواب شاهه ۾ هارين تي ڪوڙو ڪيس ٿيل هو، مان هارين جو وڪيل هوس ۽

سومري صاحب کان سخت آڏي پڇا ڪئي هئم. جوابدار يڪدم ڇٽي ويا. انهيءَ هوندي بہ پيش ڏاڍو سهڻو آيو. خير اندر پوري ويا ۽ ماڻي مڪائون جا سڀ واريءَ سان پريل هئي، هيءُ پهريون دفعو هو جو ڪنهن وڏي جيل ۾ قيدي ٿيو هجان. صبح جو سومرو صاحب آيو. پڇيائين، ”ڏيو خبر رات ڪيئن گذري“ مان چيو ”رات ڏاڍي سٺي گذري. هڪ دوست مون سان گڏ هو. وقت ڏاڍو سٺو پاس ٿي ويو!“ ”سو وري ڪيئن!“ سومري چيو.

اتي سومري صاحب جو منهن وَنَ وَنَ ڪرڻ لڳو. پانيائين تہ مون کي پاڙي ڪندو.

مان چيومانس، ”پيارا، مان ڳائيندو آهيان. بس راڳ ڇيڙي سمهي پيس، ڳائيندي! ڳائيندي، ننڊ اچي وئي.“ ماني باهران گهرائڻ جي اجازت هئي، تنهن ڪري شمس الدين شاهہ وٽان ماني ايندي هئي. پاتيا جيل جو ڊاڪٽر هوندو هو، منهنجو اڳ ۾ واقف هو، تنهن بہ بيدن، ڪنڊ ۽ ڪير جا واهہ وهائي ڇڏيا.

بہ ٽي ڏينهن گذريا تہ بخاري جمال الدين اچي ويو. اهو ويو تہ وري غلام حيدر شاهہ اچي ويو. انهيءَ جي وڃڻ کان پوءِ قلم ڪنيم ۽ سڄو ناول جنسار لکجي ويو.

جنسار چون ٿا تہ نهايت عاليشان ناول آهي. ريڊيو مون کي جيل ۾ اندر هوندو هو، پڌم تہ ڪامريڊ حيدر بخش کي ٻڌو اٿم. سمجهيم تہ سپاٽي همراهہ هٿ پهچي ويندو. انهيءَ کان اڳ ۾ دعا گهرندو هوس تہ ڏٽي شل اڪيلو هجان، ٻيو ڪونہ اچي، ڇاڪاڻ تہ مان جنسار لکي پورو ڪرڻ ٿي گهريو. ٻئي جي اچڻ ڪري لکي نہ سگهان ها. جنسار بہ انهيءَ رات پورو ٿيو. ڪامريڊ حيدر بخش سان گهٽا اختلاف بہ هوندا هوا، پر ساڻس دل بہ هوندي هئي، ٻئي ڪنهن سان محبت هئس يا نہ پر سنڌ سان عشق هوس.

ڏينهن گذريو، رات ٿي، همراهہ کي وچي ڪوليءَ ۾ بند ڪيائون، مون کي هال ۾ بند ڪيائون، بہ ڇٽا ڏار ڏار پوريا پيا

هئاسين. درن جي شيخن ۾ هٿ وجهي پئي ڳالهايوسين. منهن کوڻ پيا ڏسي سگهون. صبح جو سويري اٺين ناشتو تيار ڪيم، ”حيدر بخش! ڪامريڊ! او ڪامريڊ!!“ نيٺ جواب آيو، ”هائو ڪامريڊ جاڳان ٿو، اٿيو آهيان.“

”ناشتو تيار آهي.“ مان چيو. نيٺ سپاهي به اچي ويو، اسانجي کولين جا دروازا کوليائين. مان ناشتو هيٺ چادر تي لائي چڏيو هو. ڪامريڊ به آيو، ”ڪامريڊ هيءُ ڇاهي؟ هيڏو ناشتو ته گهر به ڪونه ڪاڏو اٿم.“مون ٽن چئن قسمن جا بيدا تيار ڪيا هئا. مٺا، چهرا، نمڪين، هاف فراءِ، آمليٽ، بائلڊ، ڊبل روٽي جا ٽڪا سيڪيا هئم، پيا تريا هئم، وري مٿان چانهه ناهي ڪامريڊ کي پياريم، پوءِ ته مڙس ڏاڍو خوش ٿيو، جيترو گڏ هواسين، ڪچهريون پيون ٿينديون هيون.

هڪ ڏينهن ٿڌو ساهه کڻي چوڻ لڳو، ”هاءِ! هاءِ! قاضي صاحب جي ڪنهن بي قوم ۾ هجون ها ته....“ اجا جملو پورو ئي ڪونه ڪيائين ته مان اڌ ۾ ٽپي چيم، ”ادا هن چڱن مڙسن ته جيل ۾ وڌو آ پر پيا شايد ڦاهيءَ تي چاڙهن ها.“ هن جو مطلب ته بي قوم اسانکي وزير بڻائي ها، ڏاڍو کليو، پوءِ جڏهن ملندو هو ته ڪيس يادگيري ڏياريندو هوس، پوءِ ويهي کلندا هواسين. مان هئبس ڪاربس درخواست هاءِ ڪورٽ ۾ وڌي هئي، تنهن ڪري مون کي ڪراچي گهرايو ويو ۽ هت ڪراچيءَ جي سينٽرل جيل ۾ رکيو ويو. نارائڻ بيچر به انهن ڏينهن ۾ جيل ۾ هوندو هو، اسان جا پيا ڪيترا مهاجر ڪميونسٽ دوست جيل ۾ هئا. ماني پاڻ ڪندا هواسين، اٽڪل پنجاهه سٺ سياسي قيدي هواسين. سڄو ڏينهن رنگ لڳو پيو هوندو هو، اسان کي تالا هٽي ڇڏيندا هوا. بيچر "A" ڪلاس ۾ هو. ان جي ڪمري کي تالو ڪونه هڻندا هوا. هو چانهه تيار ڪري وڏي ڪٽلي ڀري پوءِ چوندو هو،

”گرم گرم چانهه! گرم گرم چانهه!!“ پوءِ اسين پنهنجا گلاس شيخن جي اندر جهليندا هواسين، هو ڪٽليءَ مان گڙ گڙ ڪري

چانهہ ڏيندو هو. ڏاڍا سٺا ڏينهن گذري ويا.

آخر مون کي شنوائي تي گهرايو ويو. منڙو محمد بخش جنهن جو مولوي تميزالدين واري ڪيس جي ججمينٽ ڪري، انگلينڊ تائين نالو مشهور هو. منهنجو ذري گهٽ ڳوٺائي هو ۽ مون سان ڏاڍي دل هوندي هئس. ان ۽ جسٽس ويلاڻي، منهنجي درخواست ٻڌي. مرزا سڪندر بيگ جو منهنجو دوست هو، ايڊووڪيٽ جنرل هو، تنهن ڪان سوال جواب شروع ٿيا. مان تہ اجان وينو هوس. مون تي چارج هئي تہ مان هڪڙي پمفليٽ لکي آهي، جنهن ۾ پٺائي گهوٽ جا مارئي واري سر جا بيت هئا ۽ اهي پڙهي مان فساد برپا ڪيو هو. جسٽس محمد بخش مرزا صاحب کي چيو تہ پٺائي صوفي عدم تشدد جو حامي. انهيءَ جي بيتن پڙهڻ سان فساد ڪيئن ٿيندو. محمد بخش هنئن بہ غيرت وارو جج هو، مرزا صاحب جا ٽين ڪڙڪائي ڇڏيائون. آخر مرزا لاچار ٿي وقت ورتو ۽ ٻئي ڏينهن منهنجو منڙو دوست خميساڻي سرڪار طرف ڪان آيو ۽ مرزا صاحب پاڻ ڇڏائي ويو. خميساڻي چيو تہ ٻل مون کي جج ڇڏي ڏي. ججن مونکي اتي جو اتي آزاد ڪيو. موتي ڳوٺ آيس. ڏنڏو سڀ ختم ٿي ويو هو، چيم تہ جي وري ڏنڏي کي لڳندس تہ ٻاهر نڪرڻ ڪونہ ٿيندو. ولايت وڃڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هوم. پاسپورٽ اڳ نهيل هو. ويزا ورني ۽ ولايت روانو ٿي ويس.

علامہ قاضي صاحب سان ملاقات ٿيندي رهندي هئي، جڏهن ون يونٽ جي سلسلي ۾ بند ٿيس، تڏهن منهنجي جونئر فتح محمد مون کي يونيورسٽي جي سينيٽ ۾ چونڊايو. يونيورسٽيءَ جي سينيٽ جو ميمبر رهيس. منهنجي ميمبري جي وقت ۾ اسان قاضي صاحب کي وڌيڪ پگهار ڪٽڻ لاءِ چيو. پاڻ چيائون تہ روپيا بہ هزار منهنجي رهائش لاءِ ڪافي آهن، وڌيڪ زور ڪندئو تہ مان استعيفا ڏيندس.

ايئر فرانس ڪمپنيءَ مان ٽڪيٽون اوٽ موٽ جون ورتم. هتان رات جو هوائي جهاز ايئر فرانس ۾ چڙهيس. هوائي جهاز ۾ اڳ ۾ ٻه چڙهيو هوس. وڏي مسافري هيءَ پهرين هئي. هيءُ تمام وڏو جهاز هو. سروس ٻه سٺي هئي. سيٽ ٻه پاسي ۾ دريءَ جي پرسان مليم. اچي بغداد لٿاسين. اندر ايئرپورٽ بغداد ۾ عاليشان جڳهه آهي، اتي ٿورو گهمياسين، چانهه پيتيسين ۽ وري اچي جهاز ۾ چڙهياسين. ائين پيو لڳي ته ساڳي وقت هر هنڌ پيا پهچون. سومهڻي جو هتان ڪراچيءَ مان نڪتاسين، سومهڻي جو بغداد پهتاسين. اهائي سومهڻي ته دمشق ۾ پهتاسين. اتي ڪجهه ڪائڻ لاءِ ڏنو ويو. ايئرپورٽ گهمياسين، وري اتان هلياسين، رات گذري وئي. صبح جو نيس فرانس ۾ وڃي پهتاسين. هيءُ پهريون دفعو هو جو يورپ ۾ پير پاتم.

آب هوا ٻي، ماڻهو ٻيا، ماڻهن جو رنگ ٻيو، هوٽلن جا نمونا ٻيا، جايون ٻئي نموني جون. عجيب نظارو هو، هوٽئن ٻه نيس سمنڊ جي ڪناري تي آهي ۽ آب هوا سٺي رهندي آهي. يورپ جا ماڻهو تفريح لاءِ هت ايندا آهن. خير ٿورو وقت ترسياسين. پوءِ وري جهاز ۾ چڙهي پئرس ڏانهن روانا ٿياسين. پئرس ۾ ڪجهه وقت ترسياسين ۽ پوءِ لنڊن روانا ٿي وياسين. رات جو وقت هو، هوائي جهاز مان لهي، بس ۾ چڙهيس، بس اسٽينڊ تي لهي، ٽيڪسيءَ تي چڙهي وڃي هڪڙي هوٽل ۾ لٿس. هوٽل ڪافي وڏي هئي ۽ پهريون دفعو لنڊن ۾ وڃڻ ٿيو. اها لنڊن جنهن جا خواب لهندا هواسين. هڪ عجيب احساس پيدا ڪيو.

خير ڪرايو تمام گھڻو هو، آخر اتي لهي پيس. هوٽل جو نالو ”ريمپرٽن“ هو. سنگل روم مليو، سامان رکي هوٽل ۾ ڦرڻ لڳس. ڊرائنگ روم ۾ مڊمون ائين اچي لٿيون جھڙيون پريون، ڪجھ وقت ويھي، پنھنجي ڪمري ۾ اچي وينس، سوئر جي گوشت جو خوف دل تي تاري هو. فون جي رستي مئنيجر سان ڳالھايم. پٽاٽا تريل ۽ ڪجھ بريڊ جا ٽڪرا گھرايم. ان سان گڏ انگريز بيرو مکڻ به کڻي آيو. ڪائي پيٽ پريم. سمھي پيس. پھرينءَ طرح پلنگ جو فيشن اهڙو جو چيم ته سيءُ ڏاڍو آهي، ڪمبل ته آهيئي ڪونه. پر حقيقت ۾ بستري ۾ سڀ ڪجھ هو، مٿين چادر سئي ڪرٽي هئي، اڌ رات جو ٽائليٽ ۾ وڃڻ جو خيال ٿيو. ٽائليٽ ڏار هو، ٻاهر نڪري ٽائليٽ ۾ ته ويس پر ڪنجي اندر رهجي وئي. ڪمرو بند ٿي ويو، هاٿي ڇا ڪريان، آخر هيٺ لهي مئنيجر وٽ ويس، جنھن ڊبل ڪنجي کڻي مون کي ڪمرو کولي ڏنو. خرچ تمام گھڻو هو، انھيءَ ڪري صبح ساڻ ٻي هوٽل ڳولي لڌم، جتي فقط پندرهن شلنگ ڏيڻا ٿي پيا، پائونڊ جو ملھ تڏهن ڏھ روپيا ڪن هو. يعني ساڍي ستين روپين ۾ سنگل روم ۽ ان سان گڏ موتو ناشتو. پوءِ ته لنڊن ۾ مھينو کن هوس ۽ اتي رهجي پيس. هڪ ڏينهن ويٽر عورت کي شايد ڏهن پائونڊن جو نوٽ ڏنم ته وڃي مئنيجر کي ڏي، موٽي آئي نوٽ ڏيڻ جو پڇيومانس، ڏاڍو ڪاوڙجي وئي ۽ مون سان ڳالھائڻ بند ڪري ڇڏياءِ وري مون سان نه ڳالھايائين. پارليامينٽ ۾ ويندو هوس، چرچل وڏو وزير هو، ڪيس ڏنم ۽ مخالف ڌر جا ليڊر ڏنم، تن کي ٻڌم، اهڙي طرح هائوس آف لارڊس ۾ ويس، پارليامينٽ جي ڪارروائي ڏسندو رهيس. انھيءَ کان پوءِ ٻاهر نڪري ويس، آڪسفورڊ گھميس، ڪئمبرج ۾ ويس، تنھن کان پوءِ ويلس ۾ ويس. ابرٽلري ۾ هفتو کن رهيس. اها بلڪل ٻهراڙي هئي. اتي هڪ دوست ڪيم، سندس نالو مسٽر ايڊون ڪُڪ هو. مون کي پنھنجي گھر وٺي پنھنجي نياڻي ۽ زال سان واقفيت ڪرايائين. چانھ به پياريائون ۽ ساڻن گڏجي ڪجھ ڪاڏوسين به. سندس گھر ۾ چار ڪمرا هوا، ٻه بيڊ

رومس، هڪ ڊائنگ روم ۽ چوٿين ميوزڪ روم. سڄو گھر غاليچن سان سجايل هو. ٻانڻ ڳوٺ جي اسڪول جو هيڊ ماستر هو. ڇهه ڏينهن اسڪول گھمايائين، هو ڪلاس ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ وڃي ويهندو هوس. هڪ ڏينهن ميوزڪ ڪلاس ۾ وٺي هليو. ٻارن کي ٻڌايائين ته مان ٻه ڳائڻ چاهيندو آهيان. مون تي زور وڌائون ته مان ٻه ڳايان. ڪين ڳائي ٻڌايم ڏاڍو خوش ٿيا. اهڙيءَ طرح ٻين ڳوٺن ۾ به ڦريس. جتي نيلسن وارو جهاز بيل آهي، انهيءَ شهر ۾ به ويس، اهو جهاز به ڏٺم، جنهن کي وڪٽري چوڻ ۾ ايندو آهي،ان جي پرسان هڪ ننڍڙو بيٽ آهي، اتي پڻ وڃي رهيس. موٽي لنڊن ۾ آيس. يونيورسٽي گھمڻ ويس، اتي شيخ عزيز الله مليم جو ان وقت پڙهندو هو ۽ هاڻي وڪيل آهي ۽ لا ڪاليج جو پرنسپل به هو. سياست ۾ بهرو وٺي ٿو. سنڌس تعلق نئپ سان آهي. هاڻي مون وانگر جيل ۾ آهي. لنڊن ۾ ٻه دفعا ويو آهيان. پويون دفعا اٽڪل سال اتي رهيو پيو هوس، تنهن ڪري اتان جي وڌيڪ خبر پئي اٿم، پر جي ولايت نه وڃان ته اڳيان امپريشنس وڌيڪ اڄرج سان بيان ڪيان ها. هاڻي مغربي دنيا جي ڳالهين کان گھٽو واقف ٿي ويو آهيان. يونيورسٽيون ڏٺم، عجائب خانا ڏٺم، پارليامينٽ ڏٺم، ڪورٽون ڏٺم، جت وڃي ڏينهن جا ڏينهن ويهندو هوس، وڪيلن سان واقفيت ڪيم. ڪورٽ آف چانسيري جي چيف جج جسٽس گوڊارڊ کي ڏٺم ۽ ڪيس ڪيس هلائيندي ٻڌم ججمينٽ لکائيندي ٻڌم، چڱيون ڪورٽون گھميس، هوٽلون بدلائيندو رهيس. هڪ هفتي کان متي انگلينڊ ۾ رهيس، انهيءَ کان پوءِ فرانس ۾ آيس ۽ اچي پئرس ۾ رهيس. روزانو نقشو ٻانڻ سان ڪٽندو هوس. هڪ پاڙو مقرر ڪندو هوس. اتي گاڏي يا بس ۾ پهچندو هوس. پوءِ سڄو پيادل گھمندو هوس. نيپولين جي قبر تي ويس، سنڌس پوشاڪون ڏٺم، فرينچن جي پارليامينٽ ۾ ويس، ڪورٽون گھميم. محلات اڳين بادشاهن جو ڏٺم، جيئن لنڊن جي وچ ۾ ندي وهي ٿي، ساڳي طرح پئرس جي وچ ۾ به ندي آهي. انهيءَ زماني ۾ انگريز خاموش قوم ڏسڻ

۾ پئي آئي. پر فرينچ ڳالهائڻ جا شوقين اسان وانگر رڙيون ۽ واڪا پئرس ۾ ٻڌڻ ۾ ايندا. سڄي يورپ ۾ سردي هميشه پوي ٿي. اتان جو اونهارو اسان جي سياري جهڙو ٿڌو هوندو آهي. اس نڪرندي ته هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو نڪريو پون. منهنجي هوٽل ۾ مئنيجر هڪ عورت هئي. مون کي چيائين پئرس ۾ جيڪڏهن ڪئباريٽ نه ڏٺم ته چڻ پئرس ڪانه ڏٺم. پڇيومانس خرچ گهڻو ايندو. وڃي سَون ۾ پئي. مان ارادو لاهي ڇڏيو. هڪ روزئو ۽ ٻين فيلسفون جي قبرن تي ويس. اتي هڪ ڇوڪري مليم جو انگريزي چڱي طرح ڳالهائي سگهي ٿي. ڪائنس ڪئباريٽ بابت پڇيم، چيائين اهي ناچ گهر آهن. مون کي ضرور ڏسڻ گهرجن. نقشي ۾ اهو پاڙو ڏيکاريائين، اهو پاڙو منهنجي هوٽل جي ويجهو هو. آخر شام جو اوڏانهن رخ ڪيم. ڪئباريٽ ڳولي لڌم. وڃي پڇيم ته ٽڪيٽ گهٽي ملندي جواب مليا هيترا فرئنڪ. جنهن جو ملهه اٽڪل ڏهه روپيا پيو ٿئي. ڏاڍو خوش ٿيس ته خرچ تمام گهٽ آهي. اجاڪئباريٽ جي ۾ ناچ گاني جو وقت ڪونه هو. ڪلاڪ ڏيڍ دير هئي، چيم چڪر هڻي اچان. جيئن لنگهندو وڃان ٻه گهڻين مان ولر ڇوڪرين جا ڊوڙندا اچن. هڪ انهن مان اچي چوي، ”مون کي سڏ ڪرين تو“ هاڻي اچي ڦاٿس چيم، ”توکي ڏاڍو پسند تو ڪريان، ڏاڍي سهڻي آهين، پر ڇا ڪريان، منهنجو ڪنهن ٻيءَ سان انجام آهي.“ نه ته ٻه 8 يا 10 ڇوڪريون مليون. خير ڇڏائي وري اچي ڪئباريٽ ڏي وريس، ٽڪيٽ ورتم. اندر گهڙي هڪڙي ٽيبل وٺي ويهي رهيس. 10 بجي ڌاري ڊزن اچي ماڻهو جا وسيا. جوان ڇوڪريون، ڇوڪرا، مرد، زالون، پوڙها، پوڙهيون. منهنجي عمر ان وقت پنجاهه سالن کان گهٽ هئي. جواني هئي، پر حجاب ڏاڍو گهڻو. منهنجو ڪو نصيب اهڙو جو ٽي پوڙهيون عورتون اچي مون سان منهنجي ٽيبل تي وينيون، انگريزي ڪونه پيون سمجهن. اشارن سان پيا ڳالهايون، پرسان ٻي ٽيبل تي تمام سهڻي نوجوان ڇوڪري ويٺي هئي، مون کي ڏسي مشڪڻ لڳي، ڪرسي ريڙهي منهنجي پرسان ويٺي، چوڻ لڳي ته ڊرنڪ

پياريم. مان معجوب ماڻهو پر اهڙي سهڻي ماڻهو کي انڪار ڪرڻ بہ مناسب نہ سمجهيم. ڊرنڪ جو آرڊر ڏنم، وسڪيءَ جو پيگ گهرايم. مون کي چيائين، ”تون بہ پيءُ.“ مان چيو شراب ڪونہ پيئندو آهيان. باقي لئمن وٺي توسان شامل ٿيان ٿو. بل جو ڪٽي وٺان تہ وڃي چاليهہ پنجاهہ روپين کي پهتو. پوءِ سمجهيم تہ مون واري هوٽل جي مئنيجر جي ڳالهہ سچي هئي. ڇوڪريءَ چيو، ”اٿ تہ ڊانس ڪيون.“ مان مجبوري ڏيکاري. مون کي چيائين تہ، ”مان جيڪڏهن ٻئي سان ڊانس ڪيان تہ اعتراض تہ ڪونهي.“ مان چيو، ”نہ.“ چيائين تہ مان توسان گڏ تنهنجي هوٽل ۾ هلندس. هوءَ تہ مونکان لکي ڪنهن سان ڊانس ڪرڻ لڳي. هڪڙي پوڙهي ٻاهہ ٻاري ڏني، ”اٿ تہ ڊانس ڪيون!“ ٻين پوڙهين کلي هن کي سمجهايو تہ جوان سان ڊانس لاءِ ڪونہ ويو تہ توسان ڪيئن ويندو. هاڻي سوچيم تہ هيءُ سهڻي ڇوڪري جي وري موٽي آئي تہ منهنجو سر وڃائي ڇڏيندي، بس پوءِ ڪئباريٽ ڇڏي وٺي ڀڳس، جيستائين هوٽل تي پهتس تہ 5 يا 6 ڇوڪريون ۽ زالون مليون، ”مان پسند اچان ٿي“ دل ۾ چيم، توبہ ڪيم، وري نہ هيڏي ايندس، ڇا ايڏو پرهيزگار، صالح يا خدا جو خوف رکندڙ آهيان. هڪ ڳالهہ جا مون ۾ آهي، اها آهي حجاب، حياءُ، شرم. دل جهليندي تہ اجايو خراب ٿيندس. ٻيو يورپ ۾ تہ جڏهن ڪو بہ اهڙو وقت ايندو هو تہ علامہ قاضي صاحب جي صورت اڇيو اڳيان بيهندي هئي. يورپ ۾ پرميسو سوسائٽي آهي، اتي اهي ڳالهيون عيب نہ آهن.

آخر پئرس ڇڏي، سوزرلئنڊ ڏي اسريس. جنيوا ۾ منزل ڪيم. هوٽل ۾ وڃي رهيس. هيءُ شهر ڏاڍو سهڻو آهي. وچ ۾ هڪ وڏو تلاءُ اٿس جڻ تہ درياهہ آهي ۽ ٻنهي ڪپرن تي جي تمام اوچا ٿيندا وڃن، انهن تي شهر ٻڌل آهي. تلاءَ ۾ جيڪڏهن بوٽنگ ڪبي آهي تہ عجيب نظارو نظر ايندو. اقوام متحده جون ڪيتريون جايون آهن. ساوڪ ڏاڍي آهي. هت بہ هفتو بہ رهيس. روزانو گهمڻ ويندو هوس. نديون

ويجهو اٿس، جي پهاڙن ۾ هيٺ ڪرن ٿيون. ماڻهو سهڻا ۽ مٺا.سڄي يورپ جي رهڻي ڪهڻي هڪ جهڙي آهي، هتان پوءِ ميلان روانو ٿيس، هي اٽليءَ جو ٻيو وڏو شهر آهي. هت پهريون دفعو وڪٽوريا بگيون ڏٺم ۽ ڪراچي ياد پيم. اتي ٿئيٽر تمام وڏا ۽ سٺا آهن. اتي ڪيترا عجائب خانا آهن، جتي پينٽنگ جي نمائش ڏاڍي عمدي نموني ۾ ڪيل آهي. رهڻي البت هيناهين درجي جي. هيءُ ملڪ ٻين يورپي ملڪن جهڙو شاهوڪار نظر نٿي آيو. هتي جون ديويون به عاليشان هيون، قبرون به گهڻيون هيون، عيسائي اوليائن جي پوڄا ائين ٿئي ٿي، جيئن اسان وٽ، گهڻو وقت ٿي ويو آهي، ڪيتريون ڳالهيون وسري ويون آهن. هتان پوءِ روم روانو ٿي ويس، اچ هوٽل ۾ رهيس، لِرا هتان جو سڪو آهي، چانهه جي ڪوپ لاءِ انهيءَ وقت چاليهه پنجاهه لرا ڏيڻا پوندا هئا. هزارن جي تعداد ۾ لِرا هوندا هئا ته به چڻ ته ڪجهه جي برابر نه هوندا هئا. روم ڪنهن وقت دنيا جي وڏن حاڪمن جو گهر هو. هر جڳهه دهليءَ وانگر تاريخي نشانن سان سڄي پئي آهي. قلع ۾ وياسين، پراڻا گهر، پراڻيون عمارتون، ٽائون هال ۽ نهايت عبرت ۾ وجهڻ جهڙيون ڳالهيون نظر آيون.

رومن ڪئٿلڪ فرقي جو، ديول ڏسڻ ويس، هنن جو چڻ ته پنهنجو شهر، ديول به تمام وڏي آهي، عبادتگاهه تمام ڪشادو هال آهي. سيني پوپن جون قبرون، هنن جا تاج، هنن جا چوغا ۽ ٻيون تاريخي شيون اندر ديول ۾ رکيل آهن. چرچ وارن جي پنهنجي حڪومت آهي. پوسٽ به پنهنجي، ٽڪليون به پنهنجون، هنن شهر جي وچ ۾ به ندي آهي، هڪ ڏينهن جيئن وٽيڪن ڏي پئي ويس، نديءَ جي پل تان هلي رهيو هوس ته هڪدم هڪ موٽر اچي بيٺي. چيم هت ڪهڙا دوست يا مائٽ اٿم جي منهنجي لاءِ بيهي رهيا آهن. سڏ ڪري چيائون ته فلاڻي بئنڪ ڏني اٿي. مان چيو، "نه" چيائون ته اسين انگريزي گهڻو

ڪونہ چاڙهون. تون اسان جو سونهون ٿيءُ. مان سادو ماڻهو ساڻن موٽر ۾ چڙهي پيس. هڪ هنڌ موٽر بيهاري هڪ ڇٽي ڇيو تہ هو مسافر آهن ۽ ڪين ڏوڪڙ گهرجن. وٽن عاليشان واچون آهن جيڪڏهن مان خريد ڪيان تہ هو وڪرو ڪرڻ گهرن ٿا. پڇيائون تہ ڏوڪڙ گهڻا آهن. چيم تہ ڏوڪڙ تہ هوٽل ۾ رکي آيو آهيان. باقي 3 يا 4 هزار ڊالر آهن. اها سڄي رقم لاچار سو يا ٻن جي ٿيندي.

ڏنائون وريو ڪجهہ ڪين. اها شرافت هئن جو جتان مون کي ڪنيـــو. هئن ات اچي ڇڏي ڏنائون. روم تہ هر هڪ وڪيل لاءِ هڪ تاريخ رکي ٿــو. مــان رومن لا پڙهيــو هو. انهيءَ ڪري اهي پراڻيــون عمارتون. منهنجي لاءِ هڪ اسڪول هو.

روم ۾ هفــتــو کن رهيس. انهيءَ کــان اڳ جرمني بہ ويس. اسٽيٽ گارٽ جرمنيءَ جو تمام مکيہ شهر آهي. اتي وڃي لٿس. هڪ عجيب قسم جو شهر آهي. جيئن هڪ گول کونر هجي. اهڙيءَ طرح شهر جي پوزيشن آهي. رات جو بسن جي اهڙي رونق ٿئي ٿي، ڄڻ تہ آسمان ۾ شهر اڏيل آهي. وڏي جنگ جا آثار هن شهر ۾ ڏٺم. جايون اجان ڊنل پيون هيون. اسٽيشن تمام وڏي ۽ ڏاڍي عمدي نهيل هئي.

جرمن قوم جي محنت ۽ خوش اخلاقي محسوس ڪيم. ماڻهو تمام سنا. سچار. جنهن هوٽل ۾ رهندو هوس. انهيءَ جي پرسان هڪ جڳهہ جڙي رهي هئي. رات ڏينهن ڪم پئي هليو. پڇيم تہ مزور موڪل تي ڪونہ وڃن. چيائون تہ اها جڳهہ ۽ ٻيا ڪيترا ڪم هلن ٿا ۽ چوويهہ ڪلاڪ ڪم پيو ٿئي. پڇيم اهو ڪيئن. چيائون تہ شفٽ طريقہ سان يعني هڪڙو گروپ مزورن ۽ ڪاريگرن جو اچي. اهي اٺ ڪلاڪ ڪم ڪن. وري انن ڪلاڪن کــان پوءِ ٻيــا ، وري ٻين اٺن ڪلاڪن کان پوءِ ٽيان. اهڙيءَ طرح سڄو وقت پيو هلي. شهر پئرس جو عاليشان هو. رات جو اليومينشن يعني بتين جي جهرمر جهڙي پئرس ۾ ڏٺم. اهڙي ڪٿي ڪانہ ڏٺم. پر اسٽيٽ گارٽ ڄڻ تہ نئون شهر نهي

رهيو هو. جنگ جي ڪري گهٽيون جڳهيون ڊهي ويون هيون. نئين طرح ڪم ٿي رهيو هو، پر نهايت عاليشان. شهر ۾ نئين سر تمام ڪشادا رستا ٺهي چڪا هئا. سمجهان پيو ته پئرس کان وڌيڪ صاف شهر هيءُ هو. ريستارنٽ هڪڙو هوندو هو، جتي وچي ماني کائيندو هوس. اتي ويهي رهندو هوس. بئنڊ ۾ پيا ساز وڄندا هوا. ڏاڍو مزو ٿيندو هو، ڪن جي هِتِ ته ڪِن جي هُت مٿي ڏونڻ لڳي پئي هوندي هئي، مان به انهن سازيندڙن جو دوست ٿي ويس. هڪ سر وڄائيندا هوا، جو اسانجي پيرويءَ جون سڪون لاهيندو هو. جڏهن به اچان ريستارنٽ ۾ پير پائيندو هوس ته هو منهنجا دوست اهو سر وڄائڻ شروع ڪندا هئا. هڪڙي دفعا اوچتو لائيٽ وسامي وئي. هڪ منٽ مس. پر جرمن اهڙا ته چڙي ويا، چوڻ لڳا، هيءَ اسانجي بي عزتي آهي، امريڪا جو لشڪر اچا اتي هو، ڪارا شيدي جام هوا. انگريزي گهٽو ڪري ماٺهو سمجهن پيا، جرمن ويچارا جنگ جا ماريل هوا. آمريڪا جا شاهوڪار ماڻهو، ڪارن سان گوريون ڇوڪريون جام پيون گهمنديون هيون.

اتي عجائب خانا ۾ پيون گهٽيون سنيون جڳهيون ڏسڻ جهڙيون هيون. هڪ اهڙو باغ هو، جو سڄو ڪائي جي وڏن هالن اندر هو. وڏا هال، سي الاهي نهيل هوا، سڄا ڪائي جا. سڀ ڪنهن هال ۾ پنهنجي پنهنجي ٽيمپريچر، انهن ۾ گل اناهه ۾ گلن جا ٻوٽا سون قسمن جا پيل هوا. سڄي دنيا جي ملڪن ۾ جيڪي به گل ۾ ٻوٽا آهن، سي اتي هوا.

هڪڙي هنڌ ته منهنجي اهڙي حالت ٿي، جو هڪ ٻوٽي جي گلن ۾ گلن جي سونهن مون تي ايڏو اثر ڪيو جو مان اتي ويهي روئڻ لڳس ۾ رب جي قدرت کي ساراهڻ لڳس، جيڪو جرمن پيو لنگهي، مون کي روئندو ڏسي اچرج ۾ پئجي پيو وڃي. انهيءَ جڳهه جي ٻرسان وري ٻيو نظارو هو. دنيا جون سڀ قسم جون مڇيون ڪنهي ڪيل هيون ۾ اهي پاڻيءَ جي تلائن ۾ پيل هيون، اهي پاڻي تلاءَ، گلاس جي وڏين پيتين ۾

هوا. بس ايڏيون مڇيون ۽ اهڙيون سهڻيون، تن جي چرپر، جهرمر عجيب هئي.

جرمن ۽ انگريز صابرين نظر آيم. باقي فرينچ ۽ اٽليءَ جا ماڻهو اسان وانگر وڏي ڏمڇر وارا. هاڻي يونان ڏي هليس. هوائي جهاز اچي اٿينس ۾ پهچايو. ايئرپورٽ تي لهي اچي بس ۾ چڙهياسون، بس واري جو بس ۾ ريڊيو چالو هجي، جيئن هت اسان وٽ هوندو آهي، وڃائيندو هلي مون کي هيءُ راڳ ڏاڍو وڻي پيو. ڀهراڙيءَ ۾ انهيءَ وقت به يونانين جي پوشاڪ اسان جي ٻروچن ۽ پٺاڻن جهڙي، خاص ڪري زالن جي. اهي ساڳا ڳگها ڳچين ۾ هئن، ساڳي قسم جا وار، خبر ڪانه ٿي پئي ته هو جڏهن هت فاتح ٿي آيا، تڏهن اسان کي اها پوشاڪ ڪرڻ سيکاري ويا، يا پاڻ اها پوشاڪ پهرڻ هتان سکي ويا.

هوٽل ۾ وڃي لٿس. هوٽل سمنڊ جي ڪناري تي هئي. منهنجو ساڳيو رواج ته هڪڙي ريسٽارنٽ ۾ ماني کائيندو هوس. گهڻائي ماڻهو ملندا هئا، هت به انگريزي سمجهي ويندي هئي. اتي انهيءَ جڳهه تي گهڻائي يوناني ٻار ٿي ويا. هڪ ڏينهن هڪ ماڻهو گڏيم. اچي فلاسوفي تاريخ تي ڇتڪيو. مون کي ڏاڍو موهي ڇڏيائين. چيم ته يار ته هيءُ ٻيو ڪل خير. هن سان گڏجي گهمڻ نڪتس. وٺي هلي هڪ بار ۾ وهاريائين. مان پيئندو ڪونه هوس. هو پيڻ لڳو. مون کي صلاح ڪيائين، مان انڪار ڪيو. اتي مڙس وڏيڪ لڪيو. چيائين ڇوڪريون ڪهڙي ملڪ جون وڻيئي. مان ماٺ ڪري ويهي هن ڏي نهارڻ لڳس. ايتري ۾ هڪ جي مٿان ٻي، ٻيءَ جي مٿان ٽي، ٽيءَ جي مٿان چوٿين، ائين هنن اچي ڪڙڪو ڪيو، مون کي چيائين ته ڪهڙي ٿي وڻئي. دل ۾ چيم ته هو شايد ڪو ڀڙوو هو. جند ڇڏائڻ لاءِ چيم، ڪائي ڪانه ٿي وڻي. رنون ڏاڍو چڙي ويون، ڇيبارا ڏيڻ لڳيون.

مان بار مان ٻاهر نڪتس، هيءُ به مونسان لڳي پيو. چيائين اڄ رات اچجائين ته جنت جون حورون ڏيکاريندومانءِ. ماٺ ڪري جند ڇڏائي ڀڳس. ٻئي ڏينهن جڏهن ماني کائڻ اچان ته ساڳو همراهه بيٺو

آهي ڇيائين رات پاڻ منهنجو ڏاڍو انتظار ڪيائين ۽ ڏاڍا سنا ماڻهو هٿ ڪيا هوائين. مان هن کي سڌو جواب ڏنو ته مان پرديسي ماڻهو آهيان. اهي ڪم مان ڪونه ڪندس. انهيءَ کان پوءِ جند ڇٽي. پوءِ جيتوڻيڪ ساڳي ريستارنٽ ۾ وينو هوندو هو پر مونکي سلام ڪرڻ به ڇڏي ڏنائين.

اٿينس پراڻو شهر آهي. ڏاڍو سهڻو ۽ تاريخي شهر آهي، اتي هڪ قلعو شهر آهي، اهو گهمڻ ويس، انهيءَ کان هيٺ پراڻا کنڊر هوا. جت چيائون پئي ته سقراط ۽ ٻيا يوناني فيلسوف ٻيهي ليڪچر ڏيندا هوا. جت ماڻهو اچي کين ٻڌندا هوا. اندر ڏٺل شهر ۾ گهڙيس، تاريخ جا عجيب نشان هوا. بادشاهن جون ماڙيون، ڪچهري هال، ننڍڙيون، ننڍڙيون ڪوڙيون جتي راتيون هار سينگار ڪنديون هيون. هيءُ شهر جبل تي، اٿينس مٿي چوٽي تي آهي. هڪ هنڌ ڏٺم، اسانجي پڳن جهڙيون پڳون، پٿر تي اڪريل قبرن مٿان پيون آهن. پڇيومان ته هيءُ ڇا هي. چيائون ته ترڪ سلطانن سون ورهين تائين يونان تي حڪومت ڪئي. هو مسلمان هوا ۽ اهي نيشان انهن جا هوا. سئنيمائون يورپ ۾ سڄو وقت پيون هلنديون آهن. هتان وانگر هڪڙو شو ۽ ٻيو شو ڪونه ٿئي. ٽڪيٽ وٺي وڃي وهو، جڏهن دل ڇئيو ته نڪري اچي، ڇو ته چار دفعا اهو شو ڦري اچي، ڪو به ڪونه پڇندو ته ڇو وينا آهيو. مان به سمنڊ جي ڪناري تان گهمندو اچي سئنيما ۾ وينس. سمنڊ اٿينس ۾ عجيب طرح ٻيٺل آهي. بهترين جايون، ماڙيون، هوٽلون، ٻنهي سمنڊ جي ڪناري تي اڏيل آهن. ڪنارو تمام اتاهون آهي، تنهن ڪري ڇولين وغيره جو اثر ڪونه ٿئي. جڏهن سئنيما ڏسي ٻاهر نڪتس ۽ هڪڙي ننڍڙي دوڪان تي ويهي چانهه پيتم ته هڪ ماڻهو منهنجي پرسان ويٺل ڏٺم. ٿورو مايوس نظر پئي آيو. پڇڻ تي معلوم ٿيو ته ترڪ هو ۽ يونان جو رهاڪو هو. چيائين ترڪ مسلمانن جي جيڪي صدين کان يونان ۾ رهندا ٿا اچن، هنن جي ڪابه عزت ڪانهي، ڏاڍو ڏکيو وقت گذاري رهيا آهن.

شوق هوم تہ يونيورسٽي ڏسان. هوٽل کان ٻاهر وچ شهر ۾ ويس، پڇا ڳاڇا ڪيم، پر انگريزي سمهجڻ وارو ڪونہ پيو مليم، جتي ماني کائڻ ويندو هوس، اتي بہ منهنجي زبان ڪونہ سمجهندا هوا. مون کي ڳڻتي هوندي تہ سوئر جو گوشت متي ۾ نہ لڳي وڃيم. انهيءَ کري بيرا جي مون کي سڃاڻي ويا هوا. اهي اندر رڌڻي ۾ وني ويندا هئا ۽ پاڻ ڳولي اهڙيون شيون اشاري سان چوندو هوس تہ هيءُ نہ هيءُ ڪاڏو مون کي ڏين. اڄ بہ ڪو ڳالهائڻ وارو ڪونہ ملي. هڪ ماڻهوءَ مون کي سمجهڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر ٻئي هڪ ٻئي مان نااميد ٿي ڏار ٿياسين. هڪ يا ٻہ سئو وکون اڳتي وڌيس تہ ڪنهن اچي ڪلهي تي هٿ رکيو. ڇرڪ ڀري ڏسان تہ ساڳيو ماڻهو ۽ ساڻس ٻيو بہ ماڻهو هو. هن مون سان انگريزيءَ ۾ ڳالهايو چيائين تہ هيءُ همراهہ مون کي تو وٽ وني آيو آهي. چيومانس تہ مان يونيورسٽيءَ ۾ وڃڻ گهران ٿو. هو ويچارا پنهنجو ڀاڙو خرچي بس ۾ مون کي يونيورسٽيءَ جي در تي ڇڏي ويا. ٻاهر ٿوري مفاصلي تي ڏسان تہ ذري گهٽ اسانجي سرندي جهڙو ساز هڪ انڌو وڄائي رهيو آهي. مون کي سر، آواز ۽ سوز ڏاڍو وڻيو. مان رڙهي ان جي مٿان بيهي هن کي ٻڌڻ لڳس، مون کي ڏاري ماڻهوءَ کي بيٺل ڏسي ٻيا بہ اتي بيهي مون کي ۽ انڌي کي ڏسڻ لڳا. اتان وري يونيورسٽي ڏي ويس، هڪ جوان مليم، هو يونيورسٽيءَ جو شاگرد هو، نالو پنهنجو ائرسٽاٽل ٻڌايائين، هو مون کي يونيورسٽيءَ جي ننڍي رجسترار وٽ وني هليو. هوءَ هڪ عورت هئي، ڏاڍي قرب سان ملي، چيائين ڪاٿان ٿو اچين، ٻڌايومانس سنڌ مان. چيائين هوءَ انهيءَ وقت سنڌ يونيورسٽيءَ جي اسسٽنٽ مسٽر محمد حسن طاهر جو صحيح ڪيل ليٽر پڙهي رهي هئي، پڇيائين تہ اسان جا يوناني سنڌ ۾ رهجي ويا هوا، اهي اڃا سنڌ ۾ آهن يا نہ، مون پڇومانس تہ ٻاهر سرندي جو آواز مون کي ڏاڍو وڻيو. ڪلاسيڪل راڳ يونان جو مون ٻڌو آهي، پر اهڙو سوز ڪونهيس. چيائين تہ سرندي ۾ جيڪي مون سر ٻڌا، اهي تڏهن ناهيا ويا هوا، جڏهن اسين ترڪن جا غلام هواسين.

انهيءَ ڪري انهن سرن ۾ سوز آهي، پنهنجي حالت نهڪي آئي.

آخر هلڻ جا سانباها ٿيا. ڏينهن اچي ويو، سامان ته ولايت ۾ ڪٿجي ڪونه، جتي وڃبو سڀ ڪجهه ملندو، ائر فرانس جي آفيس ٻه مون واري ريسٽارنٽ جي پرسان هئي. ٽپڙ آفيس ۾ رکي،ماني کائڻ لاءِ ويس، يوناني سڪا بچيل هئم، چيم اج سڀ ڪپائڻا آهن. انهيءَ کان اڳ ۾ يوناني ديولون ٻه گهميم، پادرين جون پوشاڪون يورپ جي پادرين کان مختلف آهن، ميرن واري ڪاري ٽوپي مٿي تي پائيندا آهن. شايد گريڪ چرچ جو پنهنجو فرقو آهي. ريسٽارنٽ ۾ گهڙي ويو، ماني ناهي ڪاڏم. چيم ته ڏوڪڙ سڀ ڪپائڻا آهن، ڪٿي جو بل ڏسان ته يوناني سڪن کان ڏوڪڙ گهٽا پيا ڏيڻا پون. تشويش ۾ اچي ويس ته ڇا ڪيان. بل ڏهن روپين کي پهچي ويو. مئنيجر مون کي تاڙي ويو، چيائين ته گهبرائڻ جي ڪا ڳالهه ڪانهي، سياٽي پئسا ڏئي وڃجو. چيم ته هيءُ ته چڱو مڙس مهرباني ڪري ٿو، مون کي هاڻي اٿينس ڇڏڻي آهي، جي هيءُ پيسا مان ڪٿي ويندس، سياٽي جيڪو منهنجي رنگ جو ۽ منهنجي ملڪ جو ماڻهو ايندو، انهيءَ جي هٿ ڪهڙي عزت ٿيندي، سڄي ڳالهه مئنيجر کي ٻڌايم، امريڪين ڊالرن جا چيم ته هئم، آخر ڪيس اٿلي وارا لرا ڏيکاريم، هن لرا ورتا ۽ رقم ادا ٿي وئي. آفيس ۾ آيس، بس تيار ٿي چڙهي وڃي ايئرپورٽ تي پهتس، رات ٽيڻ واري هئي، هوائي جهاز تي ڪيرو جي واسطي روانو ٿي ويس.

جهاز ۾ چڙهيس، جا سيٽ منهنجي لاءِ هئي، ان جي پرسان اڳيئي هڪ يوناني ڇوڪري ويني هئي. الانا مون کي اڳي ٻڌايو هو ته يوناني ڇوڪريون سڄي يورپ ۾ وڏيڪ سهڻيون هونديون آهن. هي ڇوڪري ڏسي مان پنهنجي دوست الانا جي راءِ سان شامل آهيان. ويچاري اهڙي ته شريف هئي جو اٽڪل ٽي يا چار ڪلاڪ جيڪي گڏ هواسين، سي مون کي ڪلائيندي گذاريائين. پنهنجي پاڪيٽ مان هڪ فوٽو ڪڍيائين، مون کي ڏيکاري چيائين، ”هي صورت وڻئي ٿي“ چيم ته ”ڏاڍو سهڻو ماڻهو آهي.“ چيائين، ”هاڻي هي مورت ٻه ڏس ۽ منهنجي

صورت ۾ ڏس! ڪير سهڻو؟" مان چيو، "ٻئي سبحان الله! هڪ ٻئي جو پاڇو آهن، پر اصل اصل آهي!" ڏاڍو ڪلي.

پوءِ آخر وڃي ڪيرو پهتاسين. اهڙي منتي ماڻهو کان موڪلائيندي ڏک ضرور ٿيو پر سچي حياتي مسافري آهي، جيڪي اڄ آهي سو سڀاڻي ڪونہ هوندو. يورپ وارا ماڻهو محبت ۾ گهڻو ڪري ڪونہ ڦاسن. هڪ ويو ٻيو ايندو، هي آني جاني دنيا آهي، پر اسان جنهن سان لايون تہ توڙ نباهيون. جدائي ڳائي ڳائي مريو وڃون، هتي اها آني جاني ڳالهہ آهي ڪو ڪنهن جو ويچار ڪونہ ڪري، هت وفاداري، رقابت وڃيو سرن ڪپڻ تائين معاملو پهچي، پر يار رسي وڃي تہ سڄي عمر خاڪ مٿي ۾. گهوڙا ڙي گهوڙا!" ائين يورپ ۾ ڪونہ ٿئي، ٻڌي تہ ٻڌي نہ تہ دال ماني گهٽي. سڀ ڪو آزاد. زال وڃي ٻئي سان ٻڪ هٽي تہ مڙس وري وڃي ٻئي جي زال کي ٻک هٽي. اولاد سترهن يا ارڙهن ورهين جي عمر کي پهتو، پٽس ماڻس چوندس ڇوڪر هجي يا ڇوڪرو، "هاڻي وڃ! هو ميدان پيو اٿئي، وڃي پنهنجو بلو ڪر. مڙس ڪرين، يارڪرين، زال ڪرين يا يارِ ڪرين تنهنجي مرضي، وڃي ڪماءِ ۽ کاءُ."

اولاد بہ اهڙو، پيءُ ماءُ جڏهن پوڙها ٿين تہ ڪير پڇين بہ ڪونہ، ائين ڏاڍي ڏکي حياتي پيان گذارن. ڪهڙو معاشرو نيڪ آهي، نيڪ نہ آهي، تنهن جو منهنجي سفر سان ڪهڙو واسطو.

هاڻي يورپ ڇڏي ايشيا مصر ۾ اچي ويو آهيان، اهو بہ ڪيرو ۾. رات هئي وڃي هوٽل ۾ پهتس، صبح جو ڪڪڙن جون صبح واريون بانگون ٻڌم. سمجهيم تہ ڄڻ ڪراچي يا نواب شاهہ ۾ آهيان، ڪيرو جيڪڏهن چڱي طرح ڏسبو تہ ائين سمجهبو ڄڻ ڪراچي آهي، ماڻهن جو رنگ ساڳو، ڪي اڇڙا، ڪي ڪٽڪ رنگا، ڪي سانورا ۽ ڪي صفا ڪارا شيدي، اهيئي ڪوي جا دوڪان، اهائي پوشاڪ، گهڻو ڪري سوٿن سان ماڻهو، پاڙا بہ جيئن ڪراچيءَ ۾، ڪٿ تہ محل ماڙيون، ڪاٿي تہ اهائي سڃ، گهڻو ڪري پيرن تي زور رکندو هوس. منهنجون

اڪيون شايد هميشہ ڪنهن جي ڳولا ۾ رهنديون آهن. هي ڏسي هن ڪي ڏسن. ڳولي ڳولي ڳوليندي يون رهن، وري ونيو روئن. جڻ تہ جنهن جي ڳولا ۾ آهن، اهو اجا تائين ڪونہ مليو اٿن. اهو ڪٿي ۽ ڪير آهي، اها نہ دل کي نہ اکين کي خبر آهي، هت ڪيرو ۾ بہ دل ۽ اکين مون کي اٿاري ڪنيو. وڃي نيل جي ڪپر تي چڙهيس، دنيا جا پراڻا سڀ شهر درياهن جي ڪپرن تي ٻڌل آهن، هن ڪان پوءِ شهر ڌرتيءَ ڪان مٿي، آسمان ۽ ڌرتيءَ جي وچ ۾ نہندا. جتي ٻين سيارن سان ۽ ٻين ٻين ٻيهڪن جا ۽ ٻين ٻين رنگن جي مخلوق لهندي ۽ چڙهندي، هيءُ ذڪر هڪ تمام پراڻي شهر جو آهي، هن شهر جي پرسان هزارن سالن جي تهذيب جا ڪنڊر اڄ بہ موجود آهن. وقت پنهنجو وهڪرو جاري رکندو ٿو اچي، ڪٿ رڄ ۽ سڄ ڪري ڇڏي، ڪٿي باغ ۽ بستان بنائي ڇڏي، جيڪي ڪلهہ هئو سو اڄ نہ آهي، جيڪي اڄ آهي سو سڀاڻي نہ هوندو. دل اداس ٿيو پوي، ڇا بس انهيءَ لاءِ هي ڪائنات خلقي وئي. بس مان انهيءَ لاءِ آيو هوس. سرندي وانگر وڃي وڃي منهنجون تارون سڙي وڃن، مان روئندو وتان، روئي روئي در در ڀٽڪندو وتان، هيءُ سڀ ڇا لاءِ ۽ ڇو، بس هيءُ سڀ خواب آهي. فقط خواب لاءِ هيڏا ڪشالا. هيءُ شڪار هي عشق! هيءُ عاشق هيءُ معشوق، حسن جلوا، هي آخر ڇا لاءِ؟ منهنجي دل اداس ڇو؟ ڪنهن لاءِ! ڀلا اهو ملي بہ نٿو! ڇا منهنجو ڪم آهي فقط ڳولڻ. فقط جوڙڻ!! ها هيءَ ارتقا آهي. مان بہ ارتقا جي ڪڙي آهيان، سڀ ارتقا جي ڪڙي آهن، هيءُ هڪ وڏو سمنڊ آهي، جنهن ۾ هزار مرندا هزار جيئندا، هزار ڳرندا، هزار جلندا، هيءُ سمنڊ روشن ٿيندو رهندو، هيءُ اڳتي وڌندو هلندو. پر ائين بہ ڇو! ڇو؟ ڇو؟ ڇو؟ ها ڪير آهي، ها ڪير آهي، ها ڪير پڌرو ٿيڻ گهري ٿو. ڪير ظاهر ٿيڻ گهري ٿو، ڪو روشن ٿيڻ گهري ٿو!! ها هيءَ ڪنهن جي اڇل آهي! ها انسان ڪان مٿي، ها عشق ۽ عقل ڪان مٿي اجا بہ ڪا منزل آهي! ها ارتقا! ارتقا!! هل! هل!! ۽ هل!! جو نعرو آهي. مون کي ڪهڙي خبر ان منزل جي، مون کي ڪهڙي خبر ننهن چوٽيءَ جي! آخر مان بہ تہ خاڪ آهيان،

آخر مان بہ تہ هڪ ذرڙو آهيان، مان ڇا آهيان، مان تمام اهم،تمام اوچي منزل آهيان، پر مان ساڳي وقت ڪجهہ نہ آهيان! صرف پاڇو آهيان!! ڇاڻ متجڻ وارو آهيان!! منهنجي حياتي ڇا آهي، ڪجهہ نہ آهي، هڪ اک ڇنڀ آهي!

هيءَ هزارن ورهين جي تهذيب، زندگي منهنجي اکين اڳيان ڦري رهي آهي، بس اهي خيال آهن ۽ مان نيل جي ڪناري تي هلي رهيو آهيان. هتي زبان عربي ڳالهائي ويندي آهي نہ مان ڪنهن کي سمجهان، نہ مون کي ڪوئي سمجهي. هڪ نوجوان تي نظر پيم، هن کي سوٽ پهريل هو. سمجهيم تہ ضرور انگريزي ڄاڻندو هوندو. پرسان وڃي السلام عليڪم ڪيم، هن سلام ورايو. وڏيڪ انگريزي ڳالهائڻ لڳس. نہ هو سمجهي ۽ نہ مان، پر اهڙو فضيلت ڀريو ڇوڪرو هو، جو مون کي هٿ مان وٺي، اندر شهر ۾ هليو، مون کيس ائڊريس لکي ڏني، هن مون کي بس جي ٽڪيٽ وٺي مون کي بس ۾ چاڙهي هليو ويو. ٻي صبح هوٽل ۾ ڪمري جو در کڙڪيو. سمجهيم تہ بيرو هوندو، در کوليم تہ ساڳو نوجوان ۽ ساڻس پيو سندس وهيءَ وارو ڇوڪرو بہ هو. سلام ڏنائون، سلام ورايم. افسوس نالا وسري ويا اٿم. ٻئي مسلمان عرب ڇوڪرا هئا. ٻيو ڇوڪرو انگريزي ڄاڻندو هو. مون کي چيائون تہ سنبرج تہ گهمڻ هلون. مان جهٽ ۾ سنبريس. ڪمري مان ٻاهر نڪتاسين. هڪ هڪڙيءَ ٻانهن مان ورتو ۽ ٻئي ٻيءَ مان، مان بہ سمجهڻ لڳس تہ ڄڻ ٻهلائي جي انگريزي اسڪول جو شاگرد هوس ۽ سنگتين سان موهن جو دڙو گهمڻ نڪتو هوس. مان اٽڪل پنجويهہ سال موٽي جوانيءَ ڏي آيس.

بس ڊوڙندا هلن، مون کي بہ گهليندا هلن. هيءَ هئي اها ياري جا منهنجي مٺڙي نبيءَ مسلم ملت ۾ پيدا ڪئي آهي. سڄي يورپ ۾ هئڙا مائٽ ڪونہ مليم. ڇريا ڇوڪرا ڪڏهن هت بيهن، ڪڏهن هُت. ساڳيون لٺمن جون بوتلون، ساڳا سگر ۽ مٺايون، خرچ سمورو سندن، بس تي چڙهياسين، ٽڪيٽون پاڻ ورتائون، وڃي پرئمڊن تي پهتاسون،

اتي پراڻيون جايون، پراڻا کنڊر، پراڻيون مورتيون، بوتا، اڄ بہ اهڙا بينا آهن جڻ ڪلهہ هيءُ شهر زبون ٿيو هو، اوچو پرئمڊ بہ مٿان بينو هو، اتي جا گائيڊ اچن ۽ اچيو مون کي وڪوڙن، هي منهنجا نيڙا سنگتي هنن کي ڳالهاوَ ڏيو پڇايو ڇڏين.

لڙي منهجند تائين هت گهمياسين، هنن جي بوتلن سان اهڙي دل هئي، ڪلاڪ اڌ ڪان پوءِ بوتلن جو دور ضرور ٿئي، نيڙا ڇوڪر خرچ بہ پاڻ ڪن، مان ڪجهہ ڪيان تہ مون سان وڙهن. ٻن ڏينهن جو انجام رکي ويا. پوءِ مان اڪيلو گهمڻ لڳس. عجائب خانو گهميم، جتي مئل فرعونن جون مميون پيل هيون. پراڻي تهذيب جي ماڻهن جا ڳهہ ۽ ٻيون ڪئين نشانيون بہ پيون هيون، سڄو ڏينهن اتي گهميس ۽ شهر جون گهٽيون ۽ بازارون گهميس. رات جو پنهنجي هوٽل جي پرسان هڪ ڪئباريٽ ڏٺم. سوچيم تہ پئرس ۾ بہ ڪئباريٽ ڏٺم، هاڻي هت داخل ٿجي. ڏسجي تہ ڇا آهي. سگريٽ گهٽو ڪونہ پيئندو هوس، نڪو عادت هئي، پر ولايت ۾ اڪيلائي محسوس ٿي، ڪڏهن ڪڏهن سگريٽ دکائيندو هوس. مان اندر گهڙي ويس، ويچ ٽيبل وٺي ويس، سڄو وقت اڪيلو وينو هوس، تماشو شروع ٿيو، استيج تي ڊانس شروعِ ٿيو. هتان جو ڊانس نرالو آهي ۽ ساز بہ نرالا آهن.

هڪ نازنين حسين جوان عورت استيج تي آئي ۽ پنهنجي هنر جي نمائش ڪئي، بدن گهڻو اگهاڙو هوس، خاص طرح ڇيلهہ ڪان مٿي بدن ظاهر هو ۽ اهو هنن لاءِ ضروري آهي، هي ڊانس ۾ صرف پيرن ۽ هٿن جي حرڪت ڪانہ هوندي آهي پر هنن جي بدن جون مشڪون سي بہ حرڪت ۾ ايندي آهن. اهائي هنن جي ڊانس جي خصوصيت آهي جا يورپ ۾ ڏسڻ ۾ نہ ايندي. هن جو ڊانس پورو ٿيو. منهنجي عجب جي حد نہ رهي، جو ڏٺم تہ هوءَ نازنين سڌو اچي منهنجي ٽيبل تي ويٺي، هوڏانهن ٻيا سندس چاهيندڙ شاهوڪار ماڻهو گهٽائي وينا هوا. سڀني جون نظرون مون ۾ کُپي ويون. مان ڏاڍو خوش ٿيس، هن سهٽي ماڻهوءَ حڪم ڪيو تہ ڊرنڪ گهراءِ. منجهي پيس ڇيم تہ ڦاسي

ويندس، عرض ڪيم تہ مان ڊرنڪ ڪونہ پيئندو آهيان. منهنجو سگريٽ وارو پاڪيٽ ٽيبل تي پيو هو. ڪلي چيائين تہ، ”پلا سگريٽ تہ پيارينديِن.“ چيم، ”لڪ سگريٽ، سهڻا سائين.“ ڏاڍو ڪلي. ڪو اڌ ڪلاڪ ڪن مون وٽ ويٺي پوءِ تہ ٻيا چاهيندڙ گهٽائي هوا ۾ هيءُ پڪي مون وٽان اڏامي هليو ويو.

دنيا جو سير هڪ عجيب تجربو آهي، هوٽل ۾ موٽي آيس، سڄي رات اها مورت اکين اڳيان ڦرڻ لڳي. صبح جو وري منهنجا يار آيا. رات واريون ڳالهيون وسري ويون. چيومان تہ هڪ پوهومل نالي هٽ جواهري آهي، ان سان ملڻو آهي، ويچارا ڇوڪر هڪ هندوستاني مسلمان وٽ وٺي آيا. جنهن پوهومل جو نشان پتو ڏنو. اچي پوهو مل وٽ پهتاسين. سيٺ صاحب هڪ ڇوڪريءَ سان ڳالهائڻ ۾ مشغول هو. ڇوڪري چيس تہ جيڪي سندس ماءُ هيرا پسند ڪري وئي سي محفوظ رکي ٻئي ڏينهن ڏوڪڙ ڏئي، هيرا ڪٽي ويندي، پوهومل آيو اچڻ سان هٿ ڏنائين، سنڌي ۾ ڳالهايومانس ڏاڍو خوش ٿيو. بوتلون يا چانهہ ڪجهہ گهرايائين، ويهي پيتوسن، چيائين، ”خبر اٿو اها ڇوڪري ڪير هئي؟“

اسان چيو، ”اسان کي خبر نہ آهي.“

چيائين، ”اها هئي شهزادي رينا جا جارڊان جي بادشاهہ سان شادي ڪرڻ واري آهي.“

پڇيومانس، ”ڪا سنڌ جي يادگيري.“

چيائين، ”ڏادي! پر ڪيستائين، تنهن ڏينهن مان، ٻيا ۽ ڪاڪو هيڏي پئي آياسين، ڪراچيءَ ۾ لٿاسين، اسان اندر ايئرپورٽ ۾ گهڙي وياسين، ڪجهہ ڪائڻ پيئڻ لاءِ، ڏنوسي تہ ڪاڪو آهيئي ڪونہ، انتظار ٿيو، موٽي ڳولڻ لڳاسين، ڏنوسين تہ ڪاڪي جون نگاهون آسمان ۾ آهن، ڪجهہ واجهائي رهيو آهي، چيومانس ڪاڪا! اندر هلو! چيائين، ڇورا ڪجهہ تہ ڇڏيم، سنڌ جي هوا کان، وٽ ڏسان!! بس سائين اسان جي اها حالت آهي، پر اسان کان پوءِ اسان جا ٻچا تہ سنڌ

کي ڪونہ ياد ڪندا.

بس پہ چار ڳالهيون ڪري پوهومل ڪان موڪلايوسين. پئي منهنجا دلبر يار مون سان سچو وقت گڏ رهيا. هاڻي مون بہ هلڻ لاءِ تيڙ پڌڻ شروع ڪيا. هنن کي پنهنجي ائڊريس ڏنم ۽ ڪانئن سندن ائڊريس ورتم موڪلايوسين.

باقي هڪ ٻہ ڏينهن اجا هو، هڪڙيءَ رات سئنيما ۾ وڃڻ جو شوق ٿيم، ٽڪيٽ وٺي اندر وينس، ٿوري گهڙيءَ ڪان پوءِ ساڳي يوناني ڇوڪري پنهنجي ماءُ سوڌي بہ سئنيما هال ۾ گهڙي، هن مون کي ڪونہ ڏٺو ۽ منهنجي اڳيان بن ٽن قطارن ڪان پوءِ اچي ويٺي. بوتلن وارو بيرو آيو، ڪيس چيم، ”بہ بوتلون اهي ٻہ عورتون جيڪي اتي ويٺيون تن کي وڃي پيار“ هي بوتلون کڻي ويو، هو ڏاڍي اچرج ۾ پئجي ويون. بيري مون ڏي اشارو ڪين. مون کي ڏسي ڇوڪري کلي ڏنو، پوءِ ماءُ سان گڏ مون سان ملي ۽ پنهنجي ماءُ سان منهنجي واقفيت ڪرايائين.

ڪيل پورو ٿيو، سڀ ڪنهن پنهنجو پنهنجو رستو ورتو. آخر هن سير جو ڦيرو بہ اچي پورو ٿيو، مان ڪيري مان هوائي جهاز تي چڙهي اچي ڪراچي پهتس، ڇا ڏنم، تمام ٿورو لکيو اٿم. پلا حياتيءَ جو سمورو احوال ڪيئن لکي سگهجي ٿو. هيءُ آهي منهنجو سفر. الائي ڪڏهن پورو ٿيندو، ڪير اڪين تي هٿ ڏيندو، ڪير پوريندو ۽ ڪٿ. ڪا خبر ڪانہ آهي....

وطن آخر وطن آهي، وطن سمنڊ جي ٻاڻيءَ وانگر هڪ اهڙو ٻاڻي آهي، جنهن کان سواءِ جيئڻ محال ٿيو پوي، جيئن مڇي ٻاڻيءَ کان سواءِ مري وڃي، تيئن وطن جي ڇڪ به هڪ الستي ڳالهه آهي، پرديس ۾ ڪٿي ڪهڙا به سک هجن، پر وطن آخر وطن آهي، وطن ڏي موٽي آيس. ڪراچي ايئرپورٽ تي لٿس، اچي ڳوٺ پهتس. منهنجي مٺي وطن جي خاڪ، منهنجي منڙي لطيف جي زمين، اها زمين جنهن لطيف، سچل، مارئي، سسئي ۽ سهڻي پيدا ڪئي، اها زمين جيڪا عشق الاهي ۾ پچي لعل ٿي وئي، جنهن زمين جو هر ذرو رب جي ذڪر ۾ غرق آهي. اها منهنجي ساهه جو سينگار، جيءَ جو جيار، سِڪي زمين ڪان منهنجي لاءِ اوچي حضرت موسيٰ واري طور آهي. شل ڏٽي هن زمين کي پنهنجي سونهن سميت قائم ۽ دائم رکي.

اها زمين مون کي ڇڪي ڪٽي آئي، پر منهنجي زمين مظلوم، سندس هاري مظلوم، ظلم ۽ مصيبت جو گهر ٿي چڪي هئي. منهنجي دل تي اهيئي داغ، اهيئي سور وري منجي ناسور ٿي پيا. ولايت کان وڃڻ کان اڳ ۾، خيرپور ۾ نيڙهي شهر ۾ جلسو ٿيو، ننڍي هوندي کان وٺي الله، اسلام ۽ دلبر ۽ يتيمن جي يار پياري محمد صلعم سان گهڻي محبت رهي. جئن ٻڪتين ۽ راڳ جي محفلن ميلن جا ميل ننڍڙن ٻارائن پيرن سان پنڌ ڪري وڃي ڏسندو هوس، اهڙي الله ۽ الله جي رسول جو جت به ذڪر ٿيندو هو، اتي مان ضرور هوندس. خبر نه آهي ته هن جلسي جي دعوت هئي يا ائينئي ويو هوس. سو ياد نه اٿم، پر ٽڪيو وڃي آغا تاج محمد وٽ هوس جو ان وقت خيرپور رياست جي اسڪولن

جو صـــاحب هو ۽ منهنجو پراڻو پيـــارو دوست هو. پر ســـچو وقت خميساڻي الاهي بخش ساڻ هوم ۽ سندس موٽر پئي آندو ۽ نيو. مولانا شبير احمد جن جي تقرير هئي. مولانا اڳ ۾ ته ڏنو هوم پر سندس تقرير ڪانه ٻڌي هئم. مولانا هڪ نهايت نيڪ ۽ مخلص عالم هو. هي ماڻڪ موتي سڀ لڌي ويا. تقرير منطق، اثر، سچائي، الله عشق ايڏو ته سمايل هو جو مان ته مولانا جي تقرير ۾ گم ٿي ويس. جلسو ڪري موٽي آياسين، خميساڻي خيرپور ۽ سکر چڏي، ڪراچي ۾ الله بخش بروهي (اي. ڪي بروهي) منهنجي ڀاءُ سان گڏجي وڪالت ڪرڻ لڳو. بروهي صاحب سان منهنجا اختلاف رهيا آهن ۽ ڪيترين ڳالهين آهن، جي مون کي سندس نيڪ نه لڳنديون آهن، پر روحاني طرح سان سندس بابو علامه قاضي صاحب هو ۽ امڙ ايلسا قاضي هئي، مون کي به اهي مهرباني ڪري پنهنجو پٽ سڏيندا هوا. حفيظ قريشي انهيءَ زماني ۾ ڪراچي ۾ وڪالت ڪندو هو. منهنجو شاگرد به هو ۽ خاڪسار تحريڪ جي ڪري رفيق به هو ۽ هاڻي ته گهڻن محاذن تي گڏجي ڪم ڪيو اٿئون، تنهن ڪري تمام ويجها آهيون.

حفيظ به چيو ته مان ساڻس گڏجي ڪراچيءَ ۾ وڪالت ڪريان، تورن مهينن ۾ خيال آيو ته جن سان جنم گذاريو اٿم وري موٽي اوڏانهن وڃان. ڪراچيءَ ۾ ته سنڌ جا هاري ڪونه هوا. مارن جي سڏ تي موٽي وڃي نواب شاهه وسايم ۽ ٻيا به ڪجهه سبب ٿي پيا. ون يونٽ عمل ۾ اچي ويو. محمود الحق عثماني، عوامي ليگ جو جنرل سيڪريٽري هو. شهيد سهروردي صدر هو. ساڻن ملاقاتون ٿينديون رهنديون هيون. ساڻن گڏ سياسي ڪم به ڪندا هواسين. عثماني مون کي عوامي ليگ ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني. مان شامل ٿيس، مير رسول بخش اڳئي شامل ٿي ويو هو. ٻين دوستن کي به عوامي ليگ ۾ وٺي آيس، جن ۾ غلام محمد لغاري به هو. ٿوري وقت کان پوءِ مير رسول بخش سنڌ عوامي ليگ جو صدر ٿيو ۽ مان جنرل سيڪريٽري، منهنجي اها ڪوشش رهي ته ون يونٽ ٽٽي ۽ سنڌ وري پاڪستان جي

نقشي تي اچي. عوامي ليگ چگي خاصي مضبوط ٿيڻ لڳي. جنرل اڪبر. جنجوعا، ميجر اسحاق، پير مانڪي شريف، نوابزاده نصرالله خان، عوامي ليگ ۾ شامل ٿي ويا هوا. سهروردي صاحب نهايت قابل، محنتي ۽ وفادار دوست هو. سادو، وڏائي بلڪل ڪانه. ڏاڍو محبتي ماڻهو، اسان سڄي سنڌ ۾ جلسن جو بندوبست ڪيو. ميرپورخاص ۾ غلام محمد جي همٿ سان عاليشان ڪانفرنس ٿي. سهروردي صاحب ايڏو درويش صفت ماڻهو هو، جو ٻئي هنڌ ڪٿي نه لٿو، اچي غلام محمد جي جهوپڙي، سچائي منزل ۾ ديرو ڪيائين. مون کي ياد آهي ته منهنجا ننڍڙا ٻار جن جي عمر 7 ۽ 9 سال هئي، تن کي به مان پنهنجي موٽر ۾ ڪٺي ميرپورخاص ۾ پهتو هوس. ارشاد ۽ مشن. تن سان سڄو ڏينهن ويهي رانديون ڪيائين. سخي به رڄ سخي هو، وڏو وڪيل هو، وڏي خاندان جو فرد هو، ولايت ۾ بئريسٽري پاس ڪري آيو هو. مسلم ليگ ۾نئون روح ڦوڪڻ وارو ماڻهو هو. گڏيل بنگال جو چيف منسٽر ٿي رهيو هو. گانڌيجيءَ سان گڏجي انسان ذات جي هن پنهنجي جان تي کيڏي خدمت ڪئي.

قومي اسيمبليءَ ۾ مخالف بينچن جو ليڊر هو، انهن سيني ڳالهين هوندي، نهنائيءَ جو ۽ قرب جو سرچشمو هو. مرزا اسڪندر کيس وزيراعظم ڪيو. عوامي ليگ حڪومت ۾ شامل ٿي وئي ۽ رولنگ جماعت ٿي وئي. اسين اٽڪل 25 ڪن عوامي ليگ جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ جا ميمبر هواسين. مولانا ڀاشاني به اسان سان هو.

انهيءَ زماني ۾ عربن تي حملو ٿيو. انهيءَ وقت اسڪندر مرزا غلط رستو ورتو. سهروردي جنهن چين سان دوستي ڳنڍي، قومي اسيمبليءَ ۾ هڪ تاريخي تقرير ڪئي. اهو اسڪندر جي چنبي ۾ اچي ويو. هن عربن جي حمايت نه ڪئي ۽ سهروردي صاحب ون يونٽ جي حمايت ۾ ڳالهائڻ لڳو.

اسان جي سنگت کي ڏاڍو صدمو پهتو. سهروردي صاحب کي خبر پئي ته ورڪنگ ڪاميٽيءَ ۾ کيس ٿورائي حاصل آهي. پنهنجي

پاليسي کي بحال ڪرائڻ لاءِ ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي وزيراعظم واري گهر ۾ ميٽنگ سڏايائين. اسين جڏهن سندس بنگلي ۾ داخل ٿياسين، ڏٺوسين تہ وڏو شاميانو لڳو پيو آهي. ڪرسيون ۽ ميزون لڳيون پيون آهن، اسي کن ماڻهو اڳئي ڪرسين تي ويٺا هوا.

”سائين! سهروردي صاحب هيءُ ڇا هي؟“

چيائين، ”هي سڀ ورڪنگ ڪاميٽيءَ جا ميمبر آهن.“

”سائين سو ڪيئن؟“

چيائين، ”مان صدر آهيان، مون کي ورڪنگ ڪاميٽيءَ تي ميمبرن رکڻ جو حق آهي، مان هنن کي ورڪنگ ڪاميٽيءَ جو ميمبر ڪيو آهي.“ پاڻ وزيراعظم، بنگلو سندس، 10 يا 15 دوست ڇا ڪري ٿي سگهياسين. آخر ميٽنگ شروع ٿي، پاڻ اٿي تقرير ڪيائين، جا انهيءَ رات پوري ٿي نہ سگهي، آخر ٻئي ڏينهن صبح جو بہ سهروردي صاحب تقرير ڪئي. اسان جي ڌر فيصلو ڪيو تہ مان ڪيس جواب ڏيان، پوءِ پارٽي ڇڏي ڏجي، مان ڏاڍي جذباتي تقرير ڪئي. آخر ۾ مان چيو، ”سهروردي صاحب پنهنجي منهن سان گڏ اسان سڀني جو منهن بہ ڪارو ڪري ڇڏيو.“

ڏاڍو چڙيو، ”چيائين! گاريون ٿا ڏيو.“

مان چيو، ”توکان پئسا وٺي ڪم ڪونہ ڪيو هوسين، تنهن ڪري ٻہ ٽي گاريون اسان کي بہ ڏيڻ ڏي.“ انهيءَ هوندي بہ مون ڏي نياپو موڪليائين تہ پارٽي نہ ڇڏ. چيومانس، ”اهو فيصلو ٿي ويو آهي، پارٽي ڇڏڻي آهي.“ اهڙيءَ طرح عوامي ليگ ڇڏيسين.

هن کان ٿورو اڳ جڏهن سهروردي صاحب مخالف ڌر جو قومي اسيمبليءَ ۾ ليڊر هو ۽ چوڌري محمد علي وزيراعظم هو. اجا ون يونٽ شڪل ڪانہ ورتي هئي، کهڙو صاحب سنڌ جو چيف منسٽر هو. سانگهڙ ۾ اسيمبلي جي جاءِ خالي ٿي. کهڙي صاحب اعلان ڪيو تہ هو ... اليڪشن ۾ اميدوار ٿي چونڊ ۾ بهرو وٺن. قاضي سچيڏنو ان وقت سانگهڙ جو ڊپٽي ڪمشنر ٿيو هو. مان ولايت مان موٽي آيو هوس. دل

۾ چيم تہ هيءُ سنڌ جو دشمن بنا مقابلي چونڊجي وڃي ۽ سڄي دنيا کي ٻڌائي تہ هيءُ سنڌ جو مقبول ليڊر آهي ۽ سنڌ ون يونٽ جي فائدي ۾ آهي، هيءَ اسانجي وڏي بيعزتي ٿيندي.

عوامي ليگ جا دوست ۽ رفيق رائو فتح محمد، عارف علي شاهہ ۽ ٻيا پنجابي ۽ مهاجر دوست تن سان صلاح ڪيم. سنڌي هڪڙو بہ مون سان ان وقت ڪونہ هو تہ کهڙي صاحب جي مخالفت ڪجي. سهروردي صاحب سان صلاح ڪانہ ڪيم. سمجهيم تہ ايترو مٿي وڃڻ ڪري کهڙي صاحب کي خبر پئجي ويندي. اليڪشن کان اڳ ۾ جيل ۾ وجهي ڇڏيندو. رائو فتح محمد جا ذات وارا شهدادپور تعلقہ ۾ رهندا هوا. ووٽرن جي لسٽ ۾ انهن جا نالا هوا. آخر پيپر ڀرڻ جي تاريخ مقرر ٿي. رائو فتح محمد کي چيم تہ ووٽرن کي گهرائي. مان پنهنجي موٽر ڏني مانس، اٺ ڏهہ ماڻهو اچي ويا. صبح جو ٻہ موٽرون ڀري سانگهڙ روانا ٿي وياسين. ايس پي يا ٻئي ڪنهن آفيسر، سي آءِ ڊي سميت ڪنهن کي بہ خبر ڪانہ پئي.

صبح جو سوير وڃي سانگهڙ پهتاسين. سورن سندا ساز شروع ٿيا، الائي ڇو سورن سان هميشہ منهنجو ساٿ رهيو. ڪڏهن ڪڏهن جي خوشيءَ جي گهڙي بہ آئي تہ سورن جي رقابت شروع ٿي ويندي هئي. بس پوءِ اچي سور سرن کي جاڳائيندا هوا. پيروي ۽ درباري جي جهونگار، منهنجي آواز ۾ شروع ٿي ويندي، اکين ۾ پاڻي اچي ويندو، چوندو هوس، ”پلي آيا! دلبر يار!! منهنجي دل تہ اوهان جو پئي پڇيو! خوشي گهڙي لاءِ آئي هئي! اچو سدا اچو!“

جيئن سانگهڙ جي ڀرسان آياسين، ڏٺوسين تہ جيئن ڪروڙجي وٽن ۾ ڳاڙها پڪا هوندا آهن ائين ۽ ڳاڙهين پڳڙين سان پوليس وارا نظر آيا. ٿورو اڳتي وڌياسين، سمجهيم تہ کهڙي صاحب جي اليڪشن سا ضرور ائين ٿيندي ۽ ٻيو ڪيئن ٿيندي. سنڌڙي! تنهنجي بدبختي، اهي جوڳيڙا، اهي فقير جن جي تون جند هئين، جي تنهنجي جند هوا، جي توڪل جا صاحب، ڏڻ تي گذاريندڙ مارو، جن ٻين جو درد رنو، جن الله

ڪارڻ جيل ۾ ٽڪر جهاڳيا. اهي سڀ هليا ويا. جن الله ۽ الله جي رسول جي محبت جو پيغام ڏنو. جن شهوتن ۽ شوقن کان پاسو ڪيو. اهي سڀ مري ويا! منهنجي لاڪيٽي سنڌ. تون فرئونن. ڪارونن جي هٿ ۾ اچي وئينءَ. انهن وڏيرن هر هنڌ ظلم جا ڏانڊ ٻاريا. پنهنجي پيٽ لاءِ. پنهنجي وڏائيءَ لاءِ. ڇڱائيءَ جا سڀ دروازا بند ڪيا. انهن جو سردار وڏيرو کهڙو صاحب ڪهڙي طرح سان صحيح چونڊ ڪرائيندو.

آخر اچي ڪليڪٽر جي آفيس جي پرسان پهتاسين. آفيسر ته مونکي سڀ سڃاڻندا هوا. پوليس جو صوبيدار جو شايد منهنجي ننڍي پاءُ سان گڏ پڙهيو هو. پوليس جو ٽولو ٻه ساڻ هوس. رستي جي منهن ۾ بيٺو هو. هٿ مٿي ڪٽي هڪل ڪيائين، ”موٽر جهل!“ ڏاڍي جي لٺ جي اڳيان زاري. موٽر جهليم. شايد موٽر پاڻ پئي هلايم. ”بابا ڇا هي؟“

چيائين، ”سائين کهڙي صاحب جو حڪم آهي ته ڪابه موٽر اندر اچڻ نه ڏيو. ڪوبه اهڙو ماڻهو پيادل به اندر نه اچي، جو سياسي ماڻهو هجي.“ موٽرون اچي ڇڏيم. دوستن کي ساڻ ڪنيم. تڙ تڪڙ ۾ لوهه جو جهنگلو ٽپي پياسين. وٺي آفيس جو منهن ڪيوسين. صوبيدار شايد سمجهيو ته مان ۽ عارف وڪيل هواسين ۽ ٻيا اسان سان اسانجا اصيل هوا. تنهن ڪري پيڇو ڪونه ڪيائين. ٻين کي آفيس ۾ ويهاري، ائڊيشنل ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ جي روم ۾ گهڙي ويس. محمد خان سومرو. منهنجو پراڻو دوست جو اسان سان بي ايس سي ڪيمسٽري ۾ هم ڪلاسي يا هم ڪاليجي هو ۽ منهنجو دوست پڻ هو. ڪرسيءَ تي ويٺو هو ۽ ان وقت سانگهڙ ضلع جو دفتر دار ۽ اي ڊي ايم هو. اٿي بيهي رهيو. ”اڙي جانب قاضي صاحب! تنهنجا ڏک تنهنجا سنڌ جي لاءِ غريبن جي لاءِ جيل ڪاٽڻ! ڪنهن کي ياد نه هوندا!! ڀلا ڇا پيئندئو، ٿڌو ڪوسو؟“

”ادل اول حال احوال ته وٺ.“ مون چيو.

ڀلا ڏيو خبر!“

"ادا نامينيشن فارم گهرجن. اسين آيا آهيون نامينيشين پيپر ڀرڻ. اڄ آهي پيپرن ڀرڻ جي تاريخ."

مونڌي ڏسي شڪل کي بدلايائين، ٿورو شوڪ منهن ۾ وڌائين، رنگ ائين مٽبو ويو جو ڏسڻ وٽان هو. آخر ڳالهہ نڪتس، "ميان! تون تہ وتين ڪڪر ۾ ڪڙا هڻندو! پنهنجي تہ پيڙي ٻوڙيئي ڇاڏي اسان غريب ڪامورن جي پوئتان پيو آهين!! جي اسانجي عزت جو خيال هجيئي تہ پاڻ سان اهڙي ڳالهہ نہ ڪر. قاضي سچيڏنو ڪليڪٽر ڇاڏي، توهان ڇاڏو!"

بس هن جي آفيس مان نڪري ڪليڪٽر ۽ آفيس جي وچوارو جيئن رستو لنگهياسين ڏٺوسين تہ پٽڪن وارا ڪرڙ گم ٿي ويا. هٽ تہ ڪڪر جو مانارو هو، سڀ ڳاڙها ڏينهو ائين تہ ڳتا پيا هوا جو پير ڪوڙڻ جي جاءِ ڪانہ هئي، اسان جو اڃا ڪمپائونڊ ٽپي اندر ٽيڻ هي انساني ڏونگري ڏينهو پوليس وارا اچي اسان تي ڪڙڪيا. لنيون هٿن ۾، بندوقون ڪلهن تي الله امان ڏئي، عارف منهنجو شاگرد ۽ دوست چالاڪ ماٺهو مان تہ ڪوڙ ڳالهائڻ يا ڏٽي ڏيڻ ڪان ڪيپائيندو آهيان. هن ڏڏڪيدار اردوءَ ۾ چيو، "هٽ جائو! تم ديکتي نهين هم وڪيل هين، ڊي ايم ڪي پاسي هماري ڪيس هين، هٽو! رستا دو!" پوليس وارن تي هن جو رعب جمي ويو. وچي آفيس ۾ پهتاسين. قاضي سچيڏنو، ڊي ايم کي چٽي موڪليسين ۽ دستور موجب سرڪاري سلپ جيڪا مليل هئي، ان ۾ ڏيڪارٽو هو تہ ڪهڙي ڪم سان صاحب سان ملٹو آهي. انهيءَ ڪالم ۾ لکيو، چونڊ ۾ نامينيشن پيپر ڀرڻ.

بس چٽي صاحب کي پهچندي وئي. ڊي ايس پي قاضي محمد شريف، ميمڻ غلام نبي جو ڪهڙي صاحب جو قانوني صلاحڪار هو. اچي منهنجي پرسان بيٺا. چيائون، "صاحب اڃا ڪنهن ٻئي ڪم ۾ مشغول آهي، چيو اٽس تہ ترسو، هلو ٻاهر ويهي تيسين ڪچهري ڪيون."

آخر ڪٿون ڪمپائونڊ وال جي اندر پر ٻاهرئين در جي ڀرسان ڏکڻ طرف سرنهہ جي وڻن هيٺان رکجي ويون. اسان اتي ويهي رهياسين.

ميمڻ غلام نبي منهنجو پراڻو دوست آهي، ساڳي وقت لا ڪاليج ۾ گڏ پڙهياسين ۽ مسلم هاسٽل ۾ به ساڳي وقت رهياسون. قاضي محمد شريف منهنجي تمام منن دوستن جو مائٽ هو ۽ مون سان سندس دوستانو رستو هو. اچي ڳالهين ۾ چٽڪياسين، چانهه وغيره به گهرايائون. ڪچهري لڳي، مان هر هر چوان، ”يار! اجان نامينيشن پيپر پرڻا آهن. اجا فارم ئي ڪونه مليا آهن!!“ هنن دوستن پئي ٽنايو. ”چاڻ قاضي سچيڏنو واندو ٿيو! توهان کي فارم ملي ويندا.“

ايتري ۾ آءِ جي عيساڻي ڊي ايم جي بنگلي مان نڪتو. موٽر در تي اڳئي بيٺي هئي. در تي بيهي مون کي سڏ ڪيائين، ”قاضي صاحب! سائين! ٿورو هيڏي اچو!!“ هن صاحب کي به اڳ سڃاڻندو هوس، ڏاڍو قرب مان سڏيائين، مان به اهڙي قرب سان مشڪندو ڏانهنس ويس. اجان پرسان پهتس ته هن صاحب جي شڪل متجڻ لڳس. پوليسي روب سان چيائين، ”مهربان! موٽر ۾ وهو!!“

”چو سائين؟ مون کي قيد ڪرڻ جو حڪم آهي ڇا؟“

چيائين، ”هائو! گهڻو نه ڳالهايو!! موٽر ۾ اندر لنگهو!!“

”يار! آخر ڪو قائدو قانون آهي، ڪو وارنٽ ڪا اتارتي؟!!“

مون چيو.

”هو ڏسين ٿو کهڙو صاحب هيڏي پيو اچي، لکڻ پڙهڻ جي ڪا ڳالهه ڪانهي، انهيءَ صاحب جو حڪم آهي.“ عيساڻي چيو ۽ ڏنم ته کهڙو صاحب به ڳاڙهين اکين سان باهه جون ڦوڪون ڏيندو اچي رهيو هو. مان چيو. ”عيساڻي صاحب! ائين ته مان به موٽر ۾ ڪونه ٿو وهان! پل زوريءَ کڻي مون کي موٽر ۾ بند ڪيو!“ هن ڪجهه منهنجي ٻانهن ۾ هٿ وجهي، موٽر ڏانهن ڌڪيو ۽ مان به گهڻي تڪليف ڪيس ڪانه ڏني. بس موٽر ۾ عارف کي به مون سان گڏ ويهاريائون ۽ ٻيا پوليس وارا ۽ هڪ مهاجر ڊي ايس پي اڳتان ٿي ويٺو. موٽر وني پڳي. جئن جڻ لنڊن ۾ پارليامينٽ کي باهه لڳي وئي هئي، باهه وسائڻ واري ويگن زون ڪري ڀڄندي وئي. سانگهڙ جي ٻاهران ائين ڀڳي جو ماڻهن

جا رستي تي منهن به ڏسي ڪونه پيو سگهان. مان به ڊي ايس پي کي خوب گاريون ڏنيون. هو ڪلندو به هلي، جڏهن شهر کان ٻاهر نڪري وياسين، چيائين، "صاحب هم ڪيا ڪرين، مجبور هين" خبرڪانه پئي پوي ته جهنگ ۾ هلي فائر ڪري ماريندا. الائي ميرپورخاص جي جيل ۾ واڙيندا يا ناري واهه ۾ اڇلائي ڇڏيندا. آخر اچي رستن ۽ واهن جي ڪراسنگ تي پهتاسين. پوءِ هڪ واهه جو ڪنارو ورتي، هڪڙي هنڌ ۾ جهنگ ۾ لاٿائون. ڊي ايس پي، هڪ به پيڪيٽ کوليو، جنهن ۾ منائي هئي ۽ ڪجهه نمڪين شيون، "سائين! کائو، ڪجهه آرام ڪيو! قاضي صاحب!!"

پيو کهڙو رستو هو، عارف ۽ مان به تي تڪيون وات ۾ وڌيون. اڃ لڳي هئي، پاڻي به پيتوسين، يادگيري نه آهي ته پاڻي ڪٿئون آيو. به ٽي ڪلاڪ رکي وري حاڪمن جو حڪم ٿيو ته موٽر ۾ چڙهو. موٽر ۾ چڙهياسين. موٽر سانگهڙ پيا اچن. سانگهڙ جڏهن اکين سان ڏسڻ ۾ پئي اچي. شايد ميل يا به پري هواسين. ڏينهن به ڏاڍو گرم هو، اوچتو موٽر بيهي وئي. ڊي ايس پي چيو، "سائين! موٽر خراب ٿي پئي آهي. لهو ته موٽر کي ڪجهه ناهجي: اسان اچا هيٺ لٿاسين ته اوچتو موٽر زون ڪري وٺي ڀڳي. اسان ٻئي اتي رهجي وياسين. آخر ڏپ اس ۾ تڙپندي پنڌ ڪندي اچي سانگهڙ پهتاسين. خبر پئي ته کهڙو صاحب بنا مقابلي چونڊجي ويو. مون غريب جي موٽر گم. ٽيڪسيءَ وارو ته الائي ڪاڏي ويو. آخر مس مس ڪري موٽر لڌي، شام ٿي وئي، نواب شاهه موٽياسين.

ڪتي آيا خير سان هوجمالو. اسان جي ڪچي وڃڻ واري خبر لڪي ڪانه سگهي. وڃي نواب شاهه تائين پهتي، پڇا انتظار ۾ هئا ته بابو موٽي ايندو الائي مارجي ويندو. مون کي جيئرو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا. پوءِ مون کي محمد موسيٰ وساڻ سانگهڙ جو زميندار جو ان وقت کهڙي صاحب جي ڪچهريءَ ۾ هو. تنهن ٻڌايو ته راشدي علي محمد جو به ان وقت وزير هو ۽ کهڙو ٻئي سرڪاري بنگلي ۾ لٿل ها. اوچتو

کهڙي صاحب کي خبر پئي سو پچندو راشدي صاحب، وٽ آيو. ”راشدي، هنن حرامين هٿ به نه ڇڏيو.“ کهڙي صاحب چيو.

”ڇاهي؟“ راشدي پڇيو.

”اڙي قاضي فيض محمد وارا هٿ به پهچي ويا.“ کهڙي وراڻيو. ”اها به ڪا ڳالهه آهي! ڪٿاءِ لوفرن کي.“ قاضي سچيڏنو کي کهڙي چيو ته، سيفٽي ايڪٽ هيٺ مون کي ٻڌي. مرحوم منهنجو دوست هوندو هو. اسان وٽ نواب شاهه ۾ رهي ويو هو. هن انهيءَ ڳالهه کان انڪار ڪيو. پوءِ راشدي صاحب اسڪيم ناهي ۽ هٿن جي صفائي ٿي وئي. راشدي صاحب منهنجو ۽ محترم جي ايم سيد جو پراڻو دوست آهي. سنڌ ۾ هن ماڻهو جو تاريخي ڪردار آهي. خبر نه آهي ته تاريخ مٿس ڪهڙي فتوئ ڏئي. انهيءَ سان پلا منهنجي هن سفر جو ڪهڙو واسطو. خبر نه آهي ته تقدير منهنجي قسمت ۾ هيءُ سڀ ڳالهيون ڇو لکيون. ماڻ ته مان به نه ڪندس. وڏو هڪڙو زوريءَ ڪٽائڻ جو فرياد لکيم. ست اٺ صفحا ٽائيپ ڪري مسٽر آخوند، ايس ڊي ايم جي ڪورٽ ۾ کهڙي صاحب جي برخلاف شهدادپور ڪٽي ويس. آخوند جون ته وائيون ويون هليون. هٿ ڏڪڻ لڳس، آخر فرياد ته مون کان ورتائين، پي اي جو آرڊر ٿيو تاريخ مقرر ٿي. وري شاهد وغيره موٽر تي چاڙهي شهدادپور روانو ٿيس. شهدادپور جي چوڌاري وري پوليس ڦري بيٺي هئي. وجڻ ڪونه ڏنائون، غير حاضريءَ ۾ فرياد رد ٿي دفتر داخل ٿي ويو.

منهنجي دلڙي به عجيب دلڙي آهي، مرڻ تائين شايد آرام ڪرڻ نه ڏئي. مڙڻ سوبه عشق جي رستي ۾، حق جي رستي ۾ ڪڏهن ڪانه سگهي. اهڙيون سڏون ڪيائين جو وڃي نانگن جي ٻرن ۾ هٿ وجهندو هوس. ڏنگ ڪائيندي، روئندي رڙندي پر مڙندي ڪين، سورن سندا سات گڏ ڪيائين، جي پڇاڙي تائين مون کي ٽڪيندا ڪائيندا رهيا. پنهنجي دلڙيءَ جا ڪهڙا قرب ياد ڪريان!!

سچا نقل ورتم، پانيم ته سيشن ڪورٽ ۾ به ساڳو جال

ٿئي.سمجهيم تہ هاءِ ڪورٽ کي تہ تمام وڏا اختيار آهن. تنهن ڪري وري درخواست هاءِ ڪورٽ ۾ داخل ڪيم. درخواست ڪرڻ کان پوءِ نوٽيس وغيره همراهن تي نڪتا. هڪڙي ڏينهن ميان افتخارالدين کي قومي اسيمبليءَ ۾ ملڻ لاءِ ويس. اجا ٻاهر پهرئين فلور تي ڏاڪڻ جي مٿان پلويڙي تي ميان صاحب جي قومي اسيمبلي جي ٻاهر نڪرڻ جي انتظار ۾ بيٺو هوس تہ کهڙو صاحب لنگهيو ۽ مٿي چڙهي اندر اسيمبليءَ هال ۾ پئي گهڙيو. وري اوچتو موٽيو ۽ اچي مون وٽ بيٺو. "قاضي! ڪين مڙندين!! آخر تنهنجو مطلب ڇا آهي! ڪجهہ سمجهہ! نہ تہ ڏاڍو پڇتائيندين!" هن چيو.

"کهڙا صاحب تو مون کي زوري ڪٽايو. مان ڪوڙو فرياد ڪيو هجي تہ پوءِ تہ مان ضرور پڇتايان. فرياد سچو آهي! مان ڪونہ هٽندس. منهنجو رب منهنجي لاءِ ڪافي آهي." مون عرض ڪيو. ڏاڍو چڙي مٿي چڙهي ويو.

مان نواب شاهہ موٽي آيس. ٿورن ڏينهن کان پوءِ محمد رحيم قريشي سيوهڻ وارو ۽ منهنجو دوست تنهن مون کي گهرايو. مان وٽس ويس. چيائين، "قاضي صاحب تو تہ اسان کي ماري وڌو آهي. تنهن ڏينهن سانگهڙ هلي وئين، اتي وڃي ٻڙڏوڪ وڌي. اسانکي خبرڪانہ پئي. صاحب ڏاڍو ڪاوڙجي ويو آ. هاڻي مون تي خاص مهرباني ڪر. مون سان هل تہ کهڙي صاحب وٽ توکي وٺي هلان ۽ تنهنجو پرچاءُ ڪري ڇڏيون."

مان عرض ڪيو، سچڻ! مون اخلاقي يا قانوني ڪو ڏوهہ ڪيو هجي تہ پرچڻ تہ نهيو. معافي وٺڻ لاءِ بہ تيار آهيان. باقي هن حالت ۾ پرچڻ جو ڪو سوال ئي ڪونهي."

چيائين، "هاڻ ٻڌ! مون وٽ بنا شرع جي وارنٽ تنهنجي ٻڌڻ لاءِ پيا آهن. مون کي حڪم آهي تہ مان توکي ٻڌان! هاڻي ضد ڇڏ!!"

چيم، "هيءُ بندو حاضر آهي! ڀلي مون کي جيل اماڻيو!" ڏاڍو غمگين ٿي چيائين،"مان تہ اهڙو ڪارو منهن ڪونہ ڪندس، تون ڏاڍو

الائي کهڙي ڳالهہ نکتي، محمد بچل مون کي ٻڌايو تہ پوليس جاچ ۾ هن کڏهن بہ دست اندازي ڪانہ ڪئي چيائين تہ صرف قاضي فيض محمد جو هن ضامن ڪنيو هو! اميد آهي تہ هو ضامن رد ڪونہ ڪندو."

منڙي محمد بخش چيو، "پوءِ تہ هيءُ وٺ ضامن جو آرڊر." روشن علي شاهہ آفيس ڏانهن آرڊر ڪٽي هليو. مون ضامن ڏنو ۽ آزاد ٿيس. هي هوا انهيءَ زماني جا جج، هڪڙي هن ڪان بہ اڳ جي ڳالهہ ياد ٿي اچيم. سمون صاحب منهنجو عزيز، منهنجو دلبر دوست، هاري ليڊر، حريت جو ايڊيٽر، ڪٿان لين سمن جهڙا ماڻهو؟ کهڙي صاحب جو سخت مخالف هو. هي ون يونٽ جي زماني ڪان اڳ ۾ جي ڳالهہ آهي، تڏهن بہ کهڙو صاحب چيف منسٽر هو. اي ڪي بروهي کهڙي صاحب جو جاني دوست ۽ منهنجو ياءُ جيئن اڳ ۾ چئي آيو آهيان، ائڊووڪيٽ جنرل هو. مان سمن جي "هئبس ڪارپس" درخواست هاءِ ڪورٽ ۾ داخل ڪئي. طيب جي چيف جسٽس هو، سنڌ هاءِ ڪورٽ جو. تاريخ مقرر ٿي. هڪ دفعي بروهي صاحب معطلي لاءِ درخواست وڌي جا منظور ٿي. هدايتون ونٽيون آهن، انهيءَ هجت تي بروهي صاحب ڪيس رڪايو. ٻي شنوائي ٿي، بروهي صاحب ۽ مان حاضر ٿياسين. شايد سمين صاحب کي بہ ڪورٽ ۾ آندو ويو هو. وري بہ بروهي صاحب مهلت لاءِ عرض ڪيو، سبب ساڳو چاٽايو.

طيب جي چيو، "تاريخ مهمل ڪونہ ڪندس، جيڪڏهن توهان کي هدايتون اچا حڪومت ڪونہ ڏنيون آهن تہ ان ۾ اسان جو يا درخواست ڪندڙ جو ڏوهہ ڪونہ آهي، جيڪڏهن وقت توهان کي اچا بہ گهرجي تہ پوءِ چو نہ عرضدار کي ضامن ڏجي."

منهنجو ياءُ بروهي، تنهن جي سڀ ڪجهہ کي خبر آهي، وقت سر ڏاڍو چڙي ويندو آهي. هاڻي تہ سرڪاري وڏو وڪيل هو ۽ سندس پٺ تي کهڙي صاحب جهڙو وڏو زبردست چيف منسٽر هو. تنهن ڏاڍي هڪڙي نياري انداز ۾ چيو.

"هن ڪورٽ کي اهڙو اختيار ڪونہ آهي!"

"چا هن ڪورٽ کي اختيار ڪونہ آهي." ڪرمنل پروسيجر

ڪوڊ، جهڙت ميز تان ڪٿي سيڪشن 491 پڙهي ٻڌايائين. "اسان عرضدار جي درخواست منظور ڪئي. مسٽر قاضي ضامن حاضر ڪريو. عرضدار آزاد آ."

ڪيڏي ججن ۾ غيرت هئي، ڪيڏي همت هئي، نه مرن راڻا نه ڪاڪ ولهي ٿئي! آخر مونواري ڪيس ۾ شنوائي ٿي. محمد بچل منهنجي درخواست ۾ ڪوبه دخل نه ڏنو ۽ سچو محمد بخش پڌو. ڪيس ڪراچيءَ جي سٽي مئجسٽريٽ وٽ آيو. مئجسٽريٽ جو چڱو مڙس هو، پر مهاجر هو، تنهن ڪري هن کي سنڌ جي حالتن جي واقفيت ڪانه هئي. پيو ڊوڙائيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ته ڊاڪا ڪان ونئي هيڏي پڇندو هوس. هڪ دفعي تاريخ تي پهچي نه سگهيس. تاپن ۾ وجهي ڇڏيائين. شاهد ڪيس ۾ هڪ ڪيرئو نوجوان منهنجي وقت ۾ نواب شاهه اسڪول ۾ منهنجو شاگرد هو ۽ پوءِ ويچارو خون ٿي ويو. پيو مهاجر جو پڻ منهنجو دوست، اهي ٻئي ڪوڙا شاهد ميان منير شاهه، کهڙي صاحب کي ڏنا. فرياد هو ته مان پاڪستان کي الٽ پلٽ پئي ڪيو. نواب شاهه جي هڪ جلسي ۾ تقرير ڪئي هئم ته خان عبدالغفار خان مون ڏانهن تيار ٿي پيو اچي، هيڏانهن حر اُٿي رهيا آهن. اچو ته پاڪستان کي ختم ڪرڻ لاءِ جهاد ڪريون. سي آءِ ڊي ڪان اهڙي ڪوڙي فرياد لڪائي. ميان خير شاهه سائين ڪان ڪوڙا شاهد ونئي هيءُ ڪيس داخل ڪيو ويو.

ميان خير شاهه کي "سائين" انهيءَ ڪري ٿو سڏيان، ڇاڪاڻ ته منهنجو اڄ به هو دوست آهي، غيرت وارو ماڻهو آهي، پر کهڙي صاحب سان وڏيڪ دوستي هئس. لالچ ۽ ڊڄ پڻ هو، تنهن ڪري هي مرد ڏنائين. ٻئي شاهد منهنجا پنهنجا پيارا هوا. جڏهن ڪراچيءَ جي ڪورٽ ۾ آيا. ڏاڍا شرمسار نظر آيا ۽ چيائون ته هو سچ ڳالهائيندا.
مهاجر دوست سرڪاري وڪيل هو. شير محمد شيخ منهنجو مينارام هاسٽل وارو دوست اسسٽنٽ پراسيڪيوٽر هو. مون کي چيائين، "قاضي ڪيس مون کي ونئي ڏي ته مان ٿو پڇان." هاڻي ڪيس ڪيئن ونئي ڏيان." ريمنڊ صاحب سڏو سرڪاري وڏو وڪيل هو. يعني پي - پي هو، منهنجو پراڻو استاد ۽ مون سان خاص مهرباني هوندي هئس.

هاءِ ڪورٽ ۾ مليومانس. ”استاد! مون تي کهڙي ڪيس ڪرايو آهي. ستي مئجسٽريٽ جي ڪيس ۾ ڪيس. اهو شيروءَ کي ڏي!“

چيائين، ”حاضر“ اسان پيار مان شير محمد کي ”شيرو“ سڏيندا هواسين. ڪيس شيروءَ کي مليو. شاهد اچڻ سان اچي چيو ته ڪيس ڪوڙو هو. شيرو مئجسٽريٽ کي چيو ته ڪيس ڪوڙو آهي ۽ مون کي ڊسچارج ڪيو وڃي. اهڙيءَ طرح سان هيءَ ڪهاڻي پوري ٿي.

آخر مون واري فرياد جو مون کهڙي صاحب تي ڪيو هو، ان ۾ روٽين درخواست محمد بچل جي سامهون آئي، تنهن صاحب هڪ ٽيڪنيڪل گرائونڊ تي رد ڪري ڇڏي. سبب اهو ڏيکاريائين ته پهريائين سيشن ڪورٽ ۾ وڃڻ گهربو هو. انهيءَ ڪري هي سڌي هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست ٿي نه ٿي سگهي. محمد بچل به رڳ چڱو مڙس ۽ ايماندار جج هو پر هو خاندانن جو خيال رکندو هو.

فقط فرياد ڪونه ڪيو هوم، پر عوام جي آڏو به هن ڳالهه کي آندو هوم. محترم شيخ عبدالمجيد ۽ ڪامريڊ حيدر بخش کي به وني هڪ تمام وڏي پريس ڪانفرنس ڪيم. پريس جو ايڏو ساٿ رهيو ۽ پروپئگنڊا ٿيو جو عبدالرحيم جو ان وقت امريڪا ۾ هو، هن ٻڌايو ته امريڪا ۾ پريس ۾ اخبارن کهڙي کي، ”گئنگسٽر آف پاڪستان“ ڪري سڏيو ويو.

اسيمبليءَ جي اندر، سهروردي صاحب ۽ شيخ مجيب جهڙا اسانجا ليڊر هوا. تن ته کهڙي صاحب کي اهڙو ڪنيو جو کهڙي صاحب جا وڻ وڃائي ڇڏيائون. پانيان ٿو ته کهڙي صاحب جي سياست جو باب پورو ٿيو. کهڙي صاحب سان منهنجي ڪا به عداوت ڪانهي. حقيقت ۾ فقيرن جي ڪنهن سان عداوت ڪانه هوندي آهي. مان فقير نه آهيان، پر فقيرن سان محبت ضرور رهي آهي. کهڙي صاحب جي ڪراچيءَ کي سنڌ کان جدا ڪرڻ واري تحريڪ جي مخالفت، قائدو قانون بحال رکڻ، ان ۾ جيڪي هن پارٽ ادا ڪيو، سو تعريف لائق آهي.

جيئن تا ڏينهن وجن، تيئن تا مچ مچن. منهنجو سفر! هائو منهنجو سفر، کهڙو سفر، ڏکن جو سفر، سورن جو سفر. جيئن اڳ ۾ چئي آيو آهيان، سهروردي صاحب کان موڪلايوسين. عوامي ليگ ڇڏڻ واري گروپ جو وڏي ۾ وڏو ليڊر مولانا ڀاشاني هو، ان سان گڏ محمود الحق عثماني، ميجر اسحاق ۽ ٻيا ڪيترا دوست هئا. تن مان مولانا ڀاشاني، عثمان، ميجر اسحاق ۽ ڪيترن ٻين جن ۾ ڪميونسٽ گروپ به اسان سان گڏ هو، تن گڏجي نيشنل پارٽي، جنهن ۾ خان عبدالغفار خان، ميان افتخار الدين، محمود علي قصوري، جي ايم سيد، شيخ عبدالمجيد بزرگ ۽ دوست هئا. هنن سان ڳالهيون هليون ته گڏجي نئين پارٽي ناهجي، اهڙي ميٽنگ ڍاڪا ۾ رکيسين، سنڌ مان ٻيا ته گهڻا دوست ۽ ليڊر هليا. پر ڍاڪا وارن دوستن ۾ قريشي علي احمد، شمس الدين شاهه، مون کي ۽ ٻيا به تي هئاسين، تن کي هڪڙي موچاري هوٽل ۾ رهايو ۽ وڏا ليڊر جهڙو شيخ صاحب، جي ايم سيد، ميان صاحب، محمود الحق عثماني، قصوري ۽ ٻين کي شاهه باغ نئين هوٽل ۾ رهايو ويو. ڊيليگيٽن ۽ ورڪرن جي سائينما هال ۾ ميٽنگ ٿي. نئين پارٽي جو نالو ٻنهي پارٽين جا نالن يعني نيشنل پارٽي مان نيشنل ۽ عوامي ليگ مان عوامي کڻي "نيشنل" "عوامي" گڏي نيشنل عوامي پارٽي ناهي وئي. صدر مولانا ڀاشاني کي چونڊيو ويو ۽ جنرل سيڪريٽري عثمان کي چونڊيو ويو. نائب صدر شايد خان عبدالغفار خان کي چونڊيو ويو. اهڙي طرح سان اين اي پي وجود ۾ آئي. انهيءَ پارٽي جي سهاري هيٺ پلٽن ميدان ۾ وڏو جلسو رکيوسين. جلسو شروع ٿيو ۽ ٿوري دير کان

پوءِ عوامي ليگ جي ورڪرن اچي جلسو ڦٽايو. انهيءَ وقت مشرقي بنگال ۾ حڪومت عوامي ليگ جي هئي، وڏو وزير عطاءُ الرحمان هو. شيخ مجيب وزير هو، محمود علي نيشنل پارٽي طرفان وزير هو، جنهن استعيفا ڏني. پوليس اسانجي ليڊرن ۽ ورڪرن کي گهيري ۾ ورتو، جلسو ڦٽي ويو، اسان کي چيو ويو ته ٻاهر سلامتي نه آهي، ماڻهو وڃن ته پوءِ اسين وڃي ٿا سگهياسين. اسان جا سڀ ليڊر خان عبدالغفار خان، مولانا ڀاشاني، ميان صاحب، شيخ صاحب، جي ايم سيد ۽ ٻيا ۽ سيئي گڏجي سڌو پنهنجي پارٽيءَ جي آفيس ڏي روانا ٿياسين، واٽ تي اسان تي پوليس جي معرفت حملو ڪرايو ويو، مون کي بندوق جو ڪنداڪ چنگهه ۾ لڳو ۽ چنگهه ڦٽجي پئي. هتي سنڌ ۾ ڏکن جي ڳالهه اخبارن رستي ڦهلجي وئي، منهنجن عزيزن، گهر جي ڀاتين ۽ دوستن کي ڏاڍو انتظار ٿيو. ون يونٽ عمل ۾ اچي ويو. مغربي پاڪستان جي اسيمبلي جون اڻ سڌي طرح چونڊيون ٿيون. ڊاڪٽر خانصاحب کي وڏو وزير مقرر ڪيو ويو.

نيون ڳالهيون، نوان روپ، اسان ۽ اين اي پي ون يونٽ کي ختم ڪرڻ جي تحريڪ جاري رکي. قدرت پنهنجا ڪارناما ڪيئن پئي هلائي، قدرت ڪيئن وهندي ملي ٿي، هڪ وڏو درياهه آهي، جنهن کي موجون آهن، جنهن ۾ طوفان آهن، لهرون آهن، قدرت هڪ تحريڪ ڪان جنهن کي اول آخر آهيئي ڪانه، وقت مفاصلو، جو اسان حياتيءَ وارن لاءِ ته ڪجهه معنيٰ رکي ٿو. جتي يعنيٰ چند سال هن پوٽي جا ۽ پوٽي ۾ دل جي دڪ دڪ جا، مگر قدرت جنهن جي حياتي، ڪڏهن شروع ۽ ڪيستائين، انهن حدن کان ٻاهر آهي. اهڙي حالت ۾ وقت ۽ مفاصلو ڪا معنيٰ نٿو رکي. جي انسان هن تحريڪ ۽ ارتقا جي هڪ منزل نه هجي، جي شعور انسان ۾ پيدا نه ٿئي، عشق، علم، عقل، انسان ۾ نه هجي ها. جي ياد، دک، ڏک، سک انسان جي احساسات جو پهلو نه هجي ته هيءُ ڪارونيار ڪاروينارئي رهي. چنڊ تارن سج هوندي قدرت ۾ انڌيري هجي ها. قدرت پنهنجي اندر انسان پيدا

ڪري، پاڻ کي روشن ڪيو.

انسان ۾ عشق، عقل، ايڏو تہ زلزلو آندو جو هو خود قادر ٿي پيو ۽ هن قدرت ۾ نمايان حصو ورتو. اج انهيءَ انسان جي طفيل، هيءَ دنيا ۾ ۽ آسمانن ۾ جهرمر لڳائيندو اڏامندو ٿو وڃي. ڪٿي ويندو، ڪڏهن ويندو، ڪهڙي منزل، ڪهڙو رستو، تنهن جي خاص خبرڪانہ ٿي ملي. البت اها خبر پوي ٿي تہ هيءُ بہ ارتقا ۾ هڪ پتلو آهي ۽ ارتقا من ۾ نئون جنم ورتو آهي. بس خيال آهي، خيال جو سمنڊ آهي، خيال انسان تي سوار آهي، انسان خيال ۾ گم آهي،انهيءَ سڄيءَ هلچل ۾ هڪ ماڻهو، مرد يا عورت، هڪ ٽپڪو، هڪ ٻڙي نہ آهي، بس هڪ اولڙو آهي، هڪ پاڇو آهي، سڀ ڪنهن کي پنهنجو چٽڪو آهي، ڪو خراب ٿي، ڪوتاهہ نظر ٿي، پنهنجي پيٽ لاءِ جانور ٿي، غرق ٿيو وڃي، گهٽو. گهٽان انهيءَ وهڪري ۾ وهيو وڃن، ڪي ڪٿ ڪي ڪٿ پنهنجو قدم وقت تي، مفاصلي تي، خيال تي، ارتقا تي ڄمايو وڃن. اهي سچ پچ وڏي بخت وارا ۽ ڀلارا انسان آهن. جن ارتقا جي ڪڙي بنجي، خيال کي اڳتي وڌايو، ڪجهہ بنايو، ڪجهہ ڻاهيو وڃي بس ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي. هيءُ حياتي پنهنجو سفر هر ڪنهن انسان ۾ ائين پورو ڪندي، وهندي هلي ٿي،مان بہ هڪ اولڙو آهيان، دردن دل گهائي ڇڏي، اکين روئي روئي راتيون گذاريون، ڪڏهن ڪنهن جي غربت تي رنيون، ڪڏهن ڪنهن ظلم کي ڏسي، دل تڙپي، ڪڏهن بک ۾ ٻين کي تڙپيندو ڏسي خود بہ ڏاڍو ڏکي، ها ڪڏهن گلن جي حسن کي ڏسي تڙپي، ڪڏهن سمنڊن جون لهرون ڏسي ڏڙڪي، ڪن سهڻن جون اکيون ڏسي ڪڙڪي، ڪڏهن ڪو ڪلندڙ مکڙو ڏسي مرڪي، ڪڏهن ڪو آواز ٻڌي جاڳي، ڪڏهن ساز ٻڌي سوز ۾ ٽٻي ڏني، بس اهي ها پهلو، اهي ها پيوند، منهنجي دل جا. دل اداس ڇو. سڀ ڪجهہ ڏسڻ ڪان پوءِ، سڀ ڪجهہ سڻڻ ڪان پوءِ، سڀ ڪجهہ ٻڌڻ ڪان پوءِ، سڀ ڪجهہ چکڻ ڪان پوءِ، هي چکڻ جا لاءِ، هي پنڻ جا لاءِ، هي بک ڪنهن جي، هي پياس ڪنهن جي، هي راتين جو جاڳڻ ڪنهن لاءِ، هي اڌ راتين

جو اتي لکڻ ڪنهن جي لاءِ. بس هيءُ چو ۽ هو چو، چو ۽ چو. اهين وهندي هلي ٿي، وهندي رهندي، تون هجين، مان نہ هجان، مان هجان، تون نہ هجين، بس هيءَ حياتي، هي قدرت بي پرواهہ آهي، هن سڀ ڪجهہ جي پوئتان ڪير، اڳتان ڪير آ. دل جي پڪار دل جي پڇا. دل جي جستجو، هيءَ ڪڏهن شروع ٿي، ڪٿان شروع، ڪيستائين شروع رهندي، تنهن جي لاءِ نظر ڪپي، ڪنهن جي نظر، ڇا جي نظر، ڪيڏي نظر تمام دور، تمام دور، ڏاڍو دور، ايڏو دور، ڪيڏو دور، اها نظر ڪيئن پيدا ٿئي. جيڪڏهن جيڏي نظر پيدا ٿئي، ڪنهن کي ڏسي ڪنهن جو پڇي، ڪو پڇڻ ۽ ڏسڻ جو دنگ ناهي، نہ حد آهي، نہ حساب آهي، بس هي پنڌ، هيءُ پاهڻ، جيسين دم آهي، دلاسو آهي، جي دم نڪري تہ اجهامي خاڪ ٿيو پوي. هي سورن پورن جون ڳالهيون ايڏيون تہ وڏيون، گهاٽيون ۽ اونهيون آهن جو قلم هلندو رهي ۽ سچ تہ قلم بہ ڪيتري زماني کان هلندو اچي ٿو ۽ هلندو رهندو، پر پچار پچارئي رهندي، لکندو رهندو، لکندو رهي ٿو. خيال وتندو رڙندو رهندو، وڙندو رهي ٿو، بس هڪ خيال آهي، خيال هو ۽ خيال هوندو. هاءِ! اي بي خبر انسان تو اڳ نہ سوچيو! تو اڳ نہ پاتو، تو تن نہ لاتو، تو من نہ موهيو، تون تنهن ۾ غرق نہ ٿئين، تون مرڻ کان اڳي مري، غرق نہ ٿئين، تو جيڪي ڏنو، اها رڄ هئي، جنهن جي پويان ڊوڙئين اها سچ هئي، تو ۾ اڄ هئي، اڄ آهي، اڄ رهندي.

بس وهڪري ۾ گهٽو وهي ويس، هاڻي انهيءَ زماني جي ڳالهہ ٿو ڪريان تہ مونسان ڇا ڇا نہ ٿيو. ميرپورخاص ۾ ڪيس هئم، اڪيلو موٽر ڪاهي، انهيءَ زماني ۾ پيلي جيسٽر هئيم، جمڙائو جو ڪپ ڏئي ويس ۽ ڪپ ڏئي آيس. اوچتو جڏهن گاڏي چڱي رفتار ۾ هئي، چنڪار ٿيل واهہ جي ڪپ تان گذرڻ لڳي، ترڪي گوهيون ڪاڏائين ۽ وني سيري ۽ چيري، جمڙائو ڏي ٿيو ڏئي ٻڏڻ لاءِ پڳي. جمڙائو جو وهڪرو فقط ڏهہ فوٽ مس ڪپر ڪان پري هو، گاڏيءَ کي نہ تہ بہ چاليهہ ميل يا پنجاهہ ميل رفتار هئي. هڪ اک چنب ۾ ڪا

واردات ٿيٺي هئي، ڪارڪي ۽ مون کي ٻڌٺو هو ۽ هميشہ لاءِ هن دنيا مان موڪلائٺو هو. بي وس هوس ۽ بلڪل اڪيلو، وقت منجهند جو، نہ ڏسڻ وارو، نہ پڪارڻ وارو، نہ ٻڌائڻ وارو، جمڙائو چڱو اونهو واهہ آهي، موٽر جي اندر وڃي هلي تہ ٻاهران ڪوبہ ڏسي نہ سگهي. ڏڙام گاڏي بيهي رهي، بس هڪ ٻير جي وڻ جو ٿڙ جو ڪپر جي ۽ جمڙائو جي وچ تي هو، سو وڃي پوئين بمپر ۾ اٽڪيو يا بمپر وڃي ٻير جي وڻ جي ٿڙ سان اٽڪيو، بس ائين جان بچي ويم. ماڻهن کي سڏ ڪيم، جن موٽر ڪڍي ڪناري لاتي، وري موٽر هلايم ۽ ٻئي هنڌ بہ گوهي ڪيائين، پر جهلي وڌم ۽ آخر اچي نواب شاهہ پهتس.

سڄي عمر تحريڪ ۾ گذري، پچڻ ڊڪڻ ۾ گذري، روئڻ رڙڻ ۾ گذري، ڪڏهن ڪڏهن ڪلڻ مرڻ ۾ بہ گذري، پر چڱيون خاميون جفائون ۽ ظلم هاري ۽ هاري جي بهتريءَ لاءِ گذري ويا. هارين سان تہ نندي هوندي کان دل هوندي هئم. منهنجو پيءُ پڙهڻ ڇڏي اچي هاري ٿيو، ڪيس ڏنم ڪونہ ڪو، پر پنهنجا هاري، جن کي مان ”مامون“ سڏيندو هوس ۽ عزيز سمجهندو هوس، جن منهنجي ننڍپڻ ۾ منهنجي سنڀال ڪئي، گهر ۾ ان جا داڻا پهچائي ويندا هوا، جن جا چهرا نوراني سپاجهڙا ۽ سچار هوا.

جڏهن منهنجي منڙي امڙ پردي ۾ ڏيوڍيءَ جي اندر بيهندي هئي تہ هو ڪيس ”ادي“ ڪري سڏيندا يا ”امڙ“ ڪري پڪاريندا ۽ منهنجي جيجل کين ”ادا“ يا ”ابا“ ڪري، ساڻن ڳالهائيندي هئي.

اهي هاري، اصل سنڌ جا مالڪ، سنڌ جا پورهيت، سنڌ جا درويش ۽ سنڌ جا فقير هئا. مان انهن کي ڪيئن وساريندس، جي سراپا سچ هوا. انهن کي ڪڏهن نہ وساريم ۽ گهڻو حصو ڪم جو سندنئي خدمت ۾ ويو.

هاري ڪميٽي هڪ هاري تحريڪ هئي، جا فقط ويهہ يا پنجويهہ سال هلي، پوءِ اسانجي ڪوتاهين ڪري مري وئي. نعرو تہ اڄ بہ آهي مگر اهو روح جيڪو عبيدالله سنڌي کيس بخشيو هو، عبيدالله

سنڌي جا شاگرد مولوي حڪيم معاذ، چاچي لاکو محمد، مولوي عزيز الله، مولوي نذير حسين، شيخ عبدالمجيد سنڌي، جي ايم سيد، امين کوسو، محمد هاشم گهانگهرو ۽ سوين ٻيا جنهن جي جان هوا. اها هاري تحريڪ مري وئي. اسان جي ڪميونسٽ دوستن پير پاتو. هنن سنڌ جي روح کي نہ سمجهيو ۽ سنڌ سان گڏ سنڌ جي هاري تحريڪ بہ مرڻ لڳي. خدا شل سنڌ ۽ سنڌ جي هارين کي سلامت ۽ آباد رکي. هاري ڪميٽيءَ جو بنياد سکر بئراج جي کلڻ جي زماني ۾ پيو، جن پلن انسانن هن جو بنياد رکيو، اهي هئا جمشيد مهتا، پرنسپال گوڪلي، ڇينمل، شيخ عبدالمجيد سنڌي، جي ايم سيد ۽ ڪامريڊ عبدالقادر. مقصد اهو هو تہ بئراج کلڻ کان پوءِ زمين آبادي لاءِ وڌي ويندي. هارين کي مدد ڪجي تہ چڱو حصو زمين جو پنهنجي قبضي ۾ مالڪ هيٺ آڻي سگهن. هي سيئي الله لوڪ هئا، جن جو سواءِ خدمت جي ڪوبہ مقصد ڪونہ هو. اٽڪل ڏهن سالن کان پوءِ مان هن ۾ شريڪ ٿيس ۽ اڄ ڏينهن تائين هن جو خادم چوائڻ ۾ مان خوشي محسوس ٿو ڪريان، هاڻي گهڻو ڪجهہ تہ اڳيئي ٻڌائي چڪو آهيان.

منهنجي هاري ڪاميٽيءَ ۾ اچڻ کان اڳ چڱا ڪميونسٽ دوست شامل ٿي چڪا هوا. جمال الدين بخاري، ڊاڪٽر هاسارام ۽ ٻيا ڪيترا هندو، مسلمان، سک نوجوان ڪميونسٽ ٿي چڪا هوا. جن هاري ڪاميٽيءَ ۾ ڀهرو ونڻ شروع ڪيو. ڪيترا پنڊت، سک ۽ ٻين جاتين جا ماڻهو تحريڪ ۾ شامل ٿي چڪا هوا، پر ان زماني جا ڪميونسٽ نهايت شريف ۽ نيڪ انسان هوا، جن جي دل ۾ سچي خدمت جو جذبو هو، انقلابي تہ ضرور هوا، پر مذهبي اعتقادن ۾ هو دخل نہ ڏيندا هوا ۽ اجائي بڪ ڪونہ ڪندا هئا. اختلاف جا بہ بهتر ماڻهو هوا. گهڻو ڪري پراڻي زماني جا ڪانگريسي ۽ خلافتي هوندا هوا.

مون کي مهرباني ڪري سنڌ جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو سيڪريٽري ٿيڻ جي آڇ ڪيائون، جا مان نہ قبولي، اسين سڀني خيالن

جا ماتهو گڏجي ڪم ڪندا هواسون. گهڻا ورڪر ۽ ليڊر ان وقت هندو ۽ سک هوندا هوا. واپارين کان مدد وٺڻ يا جلسا جلوس ڪرڻ جو خرچ ويچارا پنهنجي سِرِ گڏ ڪندا هوا. هاري ڪانفرنسون ٿينديون هيون تہ ماني گهٽو ڪري پاڻ تيار ڪرائيندا هوا. چوڪا پيرن جي پٽن تي رکي دال جا بہ ٽي چمچا وجهي، هيٺ زمين تي قطارون ڪري کائيندا هواسين. ڪراچيءَ ۾ ڪميون بہ هونديون هيون. جمال الدين بخاريءَ جي گهرواري جا مرهٽي هئي، اڄ بہ سائنس لاڙڪاڻي ۾ آهي، سا ويچاري ماني ڪري ڪامريڊن کي کارائيندي هئي. پاڪستان کان پوءِ هاري ڪاميٽيءَ جو ذڪر ڪري چڪو آهيان. ان کان پوءِ الاٽمينٽ جي زماني تائين اڳئي پهچي چڪا آهيون.

هاري ڪاميٽي تنظيم جي حيثيت ۾ هارين کي هندڪي زمين الاٽ ڪرائڻ ۾ ڪا خاص دلچسپي ڪانہ ورتي. هاڻي هاري ڪاميٽي ڪامريڊ حيدر بخش پنهنجي هٿ هيٺ آڻي ڇڏي، جهڙيءَ طرح وڻندو هوس ائين ڪندو هو، تنظيم ڪانہ ٿهي ۽ نہ وري ڪا سنگت ناهيائين. پنهنجي سر پاڻ گهٽوئي ولوڙيائين. پر سوال جواب، بحث مباحثي کان ڪوه پري ڀڄندو هو. ٻئي طرف اها ڳالهہ بہ هئي تہ جن دوستن جو مان اڳ ۾ ذڪر ڪري چڪو آهيان، تن مان ڪي ڏاڍا اگرا هوندا هوا. مولوي نذير حسين نهايت بهادر، ايماندار، غيرت رکندڙ. ڳالهائڻ جو ڪاريگر هوندو هو پر جذبات ۾ اچي وقت سر پاڻ وڃائي ويهندو هو ۽ وڃي گارين، ٺڪ بجي ۾ پوندو هو. سمو صاحب بہ سخت هوندو هو. منهنجي صدارت جي زماني ۾ مان هنن منڙن دوستن جو ۽ ٻين جو سڀ ڪجهہ سهندو هوس ۽ اتڪل اسين نوي ڪائونسل جا ميمبر هوندا هواسين ۽ پنجويهہ ٽيهہ ورڪنگ ڪاميٽيءَ جا ميمبر هوندا هوا ۽ سڀني خيالن جا. راتين جون راتيون بحث ۾ گذري وينديون هيون، انهن باڊين جون ميٽنگون، واهڻن ۾ بہ ڪندا هواسين.

سڄو سنڌ جو صوبو گهمياسين، هزارن جي تعداد ۾ هاري ايندا هوا، پنهنجون گاڏيون ڪاهي جهنڊا کڻي ايندا هوا. ڪانگريس کان

پوءِ هاري ڪاميٽي هڪ مقبول تحريڪ هوندي هئي. پوءِ ائين نہ ٿيو. ڪامريڊ حيدر بخش ڪيترن ورڪرن، هاري ليڊرن کي هاري ڪاميٽيءَ مان خارج ڪري ڇڏيو. ڪامريڊ غلام محمد جهڙو برجستو ماڻهو اهو مولوي نذير حسين ۽ ٻيا دوست مايوس ٿي پيا. ٽهراءَ لاءِ مان ڏاڍي ڪوشش ڪئي مگر الٽو اهو نتيجو ٿيو جو مولوي نذير حسين ڏاڍو ڏکيو خط هيٺ مٿي اکرن سان پريل مون کي لکي موڪليو.

مان ڪامريڊ حيدر بخش سان، هاري ڪاميٽيءَ کي نقصان رسندي ڏسي تہ بہ هميشہ وفائي ڪئي، ساڻس ڪيترن دورن ۾ پنهنجي موٽر سميت ۽ دوري جي خرچ برداشت سميت هميشہ ساڻس گڏ رهيس. خدا جنت نصيب ڪري مولوي نذير حسين کي جيتوڻيڪ ڏاڍو چڙندو هو جا سندس طبيعت چيڙاڪ هوندي بہ مون سان ڪونہ ڦتايائين، آخري وقت تائين پيرو نہ ڇڏائين، اهڙا دوست ۽ رفيق ڪنهن کي شال نصيب ٿين.

ڪامريڊ حيدر بخش سان ڪٿي ڪيڏا بہ اختلاف هجن، خبر نہ آهي، هارين سان منهنجي ايتري محبت هئي يا نہ، پر هڪ ڳالهہ جا يقين سان چئي سگهجي ٿي، اها هيءَ آهي تہ هو سنڌ جو سچو عاشق هو، ٻين رفيقن جون ڪهڙيون ۽ ڪيتريون ڳالهيون ڪجن، پراڻا رفيق گهٽا ويا ۽ ٻيا اچي وچڻ تي بيٺا آهيون.

هارين کي هندڪيءَ زمين جي الاٽ ٿيڻ جو ذڪر اڳ ۾ ڪري چڪو آهيان. الاٽمينٽ جن کي ملي، اهي ڏاڍو خوش ٿي ويا، چڱي ملڪيت ٺاهي ويا، هڪ نئون مڊل ڪلاس بنجي رهيو هو، ڳوٺن ۾ چڱا دوڪان نڪري ويا، ننڍن شهرن ۾ واپار وڌي ويو. سبب اهو هو تہ هي ننڍڙا، الاٽي هاري پنهنجو ضرورت جو سامان ننڍن شهرن مان وٺڻ ايندا هوا. واپار ننڍن شهرن جو وڌي، سونارا، لُهار ڏاڍو ڪمائڻ لڳا. ٻين هنڌن وارو جو بخت وري پيو، هي ننڍڙا ننڍڙا ڪاتيدار بنجي پيا. وڏا زميندار جيڪي ڪمائن سو اچي وڏن شهرن ۾ داخل ٿئي، شراب ڪباب تي سڀ لٽجي وڃين، ولايتن جو نهيل سامان، خريد ڪندا آهن،

سموري ڪمائي سموري غريبن جو رت وڏا ماڻهو پنهنجي عياشيءَ لاءِ ولايتن ڏانهن موڪليو ڇڏين، پر هنن نندڙن نندڙن هارين سڀ ڪجهه وطن ۾ خرچيو ۽ سڀ ڪجهه وطن ۾ رهيو. پلا سنڌ جي زميندارن جڏهن ڏٺو ته اٽڪل ٽيهه يا چاليهه سيڪڙو هاري جيڪي هندن جي زمين تي ويٺل هوا، اهي آزاد ٿي ويا ۽ سندن هاري به ريس ڪرڻ لڳا. تن مهاجرن ڪليمن سان سازبازي ڪئي. اهڙي چڪر چلايو جو هي زمينون هارين کان قرجي ڪليميتن ڪي ملن، جي وري مقاطع يا وڪرو سنڌي وڏن زميندارن کي ڪن. جڏهن وقت جي حڪومت اهڙي پاليسي اختيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو. الاٽي هارين جون ميٽنگون سڏايم، جلسا ڪرايم، تارون ڪرايم، جينوٽيڪ انهيءَ سڄي جدوجهد ۾ هاري ڪاميٽي منظم ٿي ڪو ساٿ نه ڏنو. افسوس اهو آهي ته اسان وٽ رقابت ۽ حسد ايڏو ته پنهنجون پيڙهيون هٽي ويو آهي جو سياسي يا غير سياسي ڪو به ڪم ڪجي ته پنهنجي مطلب خاطر ڪجي، جيڪڏهن ڪم پيو ڪري ته ان کي برو پلو چئي ان کي ڊاهجي. پاڻ ماڻهو انهيءَ ڪم کي لڳي وياسين ته زمينون الاٽي هارين کي قسطن تي ملن ۽ انهيءَ رقم مان مهاجر ڪليمتين کي بئريج مان نئين زمين وني ڏجي. هن تحريڪ ۾ اين اي پي پنهنجو ڪردار ادا ڪيو ۽ اسان سان مدد ڪئي، خاص طرح ڪميونسٽ دوستن چڱي طرح مدد ڪئي. آخر مان نواب شاهه ۾ مرڻ ورت رکيو. اٽڪل هفته ڪن روزو جاري رهيو. عزيز الله، غوث جو مون وٽ هاري تحريڪ ۾ ڪم ڪندو هو، ٿوري گهٽي پگهار به ڏيندو هومانس، هاڻي هن تاج بيبي ايم پيءَ سان شادي ڪئي آهي. ڪامريڊ بخاري، علي مظاهر ۽ ٻين دوستن چڱي مدد ڪئي. عثماني نواب شاهه آيو، جلسو ڪري پوءِ مون کان روزو ڪولرايائون. ڏنم ته ڪجهه ڪونه ٿو ٿئي، پوءِ سڄي سنڌ جي الاٽي هارين جي ڪراچي ۾ وڏي ڪانفرنس گهرايم، جنهن ۾ هزارن جي تعداد ۾ هاري آيا، هن ڪانفرنس کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ، ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻي ۽ پوهومل جو نالو وٺڻ تمام ضروري آهي.

شيخ عبدالمجيد سنڌي ڪانفرنس جي صدارت ڪئي ۽ محترم جي ايم سيد بہ شريڪ ٿيو. ٻيا بہ ڪيترا ليڊر ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيا. شهر مان جلوس ڪڍيوسين، جو پڻ تاريخي جلوس هو. اهڙيءَ طرح ڪانفرنس ختم ٿي، هي ڪانفرنس ختم ٿي، رات جو صدر واري پارڪ ۾ هڪ وڏو جلسو ڪيوسين، جت هزارن جي انداز ۾ هاري ۽ شهر جا ماڻهو گڏ ٿيا. پاڪستان جي نهڻ ڪان پوءِ ڪڏهن بہ هارين جي حقن لاءِ اهڙي نمائش ڪانہ ٿي، اسان انهيءَ ڪان اڳ هڪ ڊيپوٽيشن ناهي هئي ملڪ جي صدر مرزا اسڪندر بيگ کي ملڻ لاءِ. هت جيڪڏهن عثماني جن جو يا ڪن مهاجر ترقي پسند دوستن جو ذڪر نہ ڪبو تہ اها وڏي بي انصافي ٿيندي. هن سڄي ڪانفرنس جي ڪاميابي جو سهرو انهن جي سر تي آهي ۽ خاص طرح عثماني صاحب جا همدردي ۽ مدد ڪئي سا وسارڻ جهڙي نہ آهي.

اسان کي صدر صاحب وٽان ملڻ لاءِ وقت مليو. اسان جي ڊيپوٽيشن ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌي جو ڪانفرنس جو صدر هو، محمود الحق عثماني، ڪامريڊ عبدالقادر ۽ مان هواسين. انهيءَ کان اڳ اسان خليلي صاحب سان جو ان وقت انهيءَ محڪمي جو سيڪريٽري هو، جنهن جي اڳيان مان زمين الاٽين کي ڏيڻ ۽ ان جي عيوض ڪانئن پيسا وٺي ڪليميٽن کي بئريج تي زمينون ڏيڻ واري رٿ پيش ڪئي، هن کي ڏاڍي پسند آئي ۽ مون سان شامل راءِ ٿيو. اسان چئني ڄڻن صدر صاحب سان ملاقات ڪئي. اسڪندر مرزا ڏاڍي سهڻي نموني سان اسان سان مليو. مون کي مخاطب ٿي هن چيو تہ اها رٿ تہ سندس سيڪريٽري خليلي صاحب کي تمام پسند آهي پر اسانجا سنڌي زميندار ۽ سندن عيوضي ۽ سنڌي وزير انهيءَ رٿا جا سخت مخالف آهن ۽ هو باوجود همدرديءَ جي ڏاڍو مجبور هو. تنهن هوندي بہ هو قزلباش ون يونٽ واري وزيراعليٰ کي گهرائيندو ۽ اسين ساڻس ڳالهايون. هن سموري ڪشمڪش ۾ اسان سان ڪامريڊ حيدر بخش ڪابہ همدردي ڪانہ ڏيکاري، نہ وري سندس هاري ڪاميٽيءَ ڪجهہ سات ڏنو.

ڪامريڊ غلام محمد لغاري سات ڏيندو آيو. سبب هيءُ هو تہ هيءَ جدوجهد اين اي پي جي پليٽ فارم تان ڪئي وئي، تنهن ڪري ليڊرشپ جو سوال ٿي پيو. جنهن وقت اسان اسڪندر بيگ کان موڪلايو تہ هو پنهنجو ڪمرو ڇڏي اسان کي ٻاهر ڇڏڻ آيو. ٻين کان موڪلائي، مون کي جهلي بيٺو ۽ انگريزيءَ ۾ چيائين سواءِ رت ڏيڻ جي ڪا بہ ڳالهہ ڪانہ ٿيندي، جيستائين توهين هاري رت جي قرباني نہ ڏيندا، تيستائين ڪجهہ ڪين ورندو. مان عرض ڪيو تہ مان عدم تشدد ۾ اعتقاد رکان ٿو، تنهن ڪري رت وهائڻ، ماڻهو مارڻ ۽ مارائڻ جي مان سخت برخلاف هوس. انهيءَ مهل تہ مرزا صاحب جي شخصيت ڏاڍو اثر ڪيو پر ڪجهہ وقت ڪان پوءِ سمجهم تہ مرزا صاحب انهيءَ لاءِ پئي ڪيو تہ جيئن مارشل لا هٽي ۽ سڄي ملڪ جو ڊڪٽيٽر صدر ٿي وڃي. فيروز نون صاحب وڏو وزير هو، هن کي البت رنج هو تہ ڪيس لتاڙي اسين وڃي صدر سان ڳنڍيا آهيون ۽ ساڳي وقت هو وڏو زميندار پڻ هو، سو اسان کي نہ مليو.

قزلباش ڪراچيءَ ۾ آيو ۽ اسان کي گهرايائين، وڏو عملو ٻنهي حڪومت، قومي وصوبائي جي طرفان وني آيو، جن ۾ انور عادل ساڳيو لاڙڪاڻي وارو جو ريڊيو اسٽيشن جو وڏي ۾ وڏو آفيسر سو بہ هن سان گڏ هو. تمام ٿوري وقت جي نوٽيس تي مان ٻيا دوست گڏ ڪري نہ سگهيس. فقط ڪامريڊ عبدالقادر مون سان گڏ هو.

آخر ميٽنگ ٿي، گهڻو بحث مباحثو ٿيو. آخر ڏاڍي هڪڙي ڏکئي لهجي ۾ انور عادل مون کي چيو، ”قاضي صاحب! جب هندو يهان ان زمينون ڪي زميندار ٿي، تب تو آپ لوگون ني ڪوئي اعتراض نهين ڪيا. اب اگر يہ زمينين مسلمان ڀائيون ڪو مل رهي هين تو آپ ڪيون جل رهي هين.“ مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ عذاب بہ رسيو. مون وراڻيو. ”صاحب! بڙا افسوس هي جو آپ مسلمان ڀائي جو ٻاهر سي آئي هين وه هندوڪي پوزيشن اختيار ڪرنا چاهتي هين. مگر آپ ڪو معلوم هونا چاهيي، هندو اور همار ي ايڪ زبان ٿي ۽ اور ايڪ تاريخ ٿي اور وه

هماري هم وطني تي. انهون ني سنده کو کيون چهوڙا. هم ني سنده مين ان کي اوپر کوئي ظلم نهين کيا. پهر آپ بتاسکتي هين وه اس زمين کو چوڙ کر کيون ڀاگ هئي. صرف اس لئي کي انهون تي غريب هاري کا خون پيا، اگر آپ يہ چاهتي هين، تو جب ڀي کوئي انقلاب آئي گا تو پهر آپ لوگ کهان جائينگي. هندو تو هندوستان چلاگيا. کيا آپ عربي سمنڊ مين کودينگي!"

هيءُ هڪ طبقو آهي، جو پاڪستان کان اڳي بہ سنڌ ۾ هو، جنهن جو مذهب نہ هندو هو نہ مسلمان، نہ هو سنڌي هوا، نہ هندو، هنن کي دولت گهربي هئي، مگر انهن چند ماڻهن جي ڪري ڪيترا ڀيا غريب ماڻهو مصيبت ۾ پئجي ويا، هنن جو ڀين غريبن ڀائن سان جي هندوستان مان يا پنجاب آيا آهن، تن جو ڪوبہ واسطو ڪونہ آهي، تنهن ڪري ٿورن ماڻهن جي ڪري سڀني مهاجرن يا پنجابين کي سنڌين جو دشمن سمجهڻ بلڪل غلط آهي. محترم جي ايم سيد جيتوڻيڪ ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيو. پر منهنجي هنن ڪمن ڪري مون سان رنج هو، هن تحريڪ مان بہ ڪو خاص ڪڙتيل نہ نڪتو. سنڌ جو زميندار، مهاجر ڪليمنٽ يعني هندستاني نون زميندارن سان ملي ويو، سو هنن کان بہ ويهہ وڪون اڳتي هو، هنن اسانجي مخالفت ڪئي.

پوءِ جڏهن هي دروازا بند ٿيا، تہ پوءِ سول نافرماني ڪرڻ جو منصوبو ناهيم، هنن تحريڪن ۾ مان آزاديءَ سان فيصلو ڪندو هوس ۽ منهنجا رفيق نيشنل عوامي پارٽيءَ وارا پوءِ مون کي همٿائيندا هوا ۽ منهنجي مدد ڪندا هوا.

نواب شاهہ جو ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ ۽ ڊپٽي ڪمشنر انهيءَ وقت قاضي سڃيڙنو هو، محرابپور جي پرسان ڳوٺ ۾ جتي هڪ غريب عورت هارياڻي کي زمين الاٽ ٿيل هئي ۽ اها زمين ڪانئس ڪليم ۾ کسڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. مان اعلان ڪيو تہ اتي الاٽي هارين جي ڪئمپ ڪئي ويندي. مان وڃي ڪئمپ هنئي، انهيءَ ۾ ڪامريڊ بخاري ... سان گڏ هو. نهايت مخلص ماڻهو هو، مون سان هر قدم ۾ شامل

رهيو. قاضي صاحب انهيءَ حد ۾ جت اسان ڪئمپ هنئي هئي، 144 سيڪشن لاڳو ڪئي، جيستائين پوليس اچيئي اچي، اسان رات ٽي رات جو ڪئمپ پٽي. محرابپور جو شهر بہ 144 هيٺ آندل هو ۽ محرابپور جي پرسان هڪ وڏي شاخ آهي ۽ اٽڪل اڌ ميل ڪان بہ گهٽ مفاصلي تي محرابپور ڪان پري آهي. مگر144 سيڪشن اتي لڳل ڪونہ هئي، مان هن شاخ جي ڪپرتي ڏاڍن گهاٽن وڻن جي هيٺان ڪئمپ هنئي، ڪئمپ جو نالو "ابو ذر غفاري، ڪئمپ نالو رکيوسين. اٽڪل ڏهہ پندرهن ورڪر ۽ ليڊر اتي رهڻ لڳاسين. مان موٽر ۾ پنهي تعلقن ڪنڊياري ۽ نوشهري ۾ چڪر هنيا ۽ الاٽين هارين کي 144 سيڪشن کي جٽن ۾ رهي ٽوڙڻ لاءِ آماده ڪيم. هن تحريڪ ۾ پنجابي، مهاجر هاري الاٽي ۽ سنڌي هاري الاٽي تن سيني بهرو ورتو. تحريڪ چڱو وقت هلائي سين. روز هڪ جٿو 144 سيڪشن کي ڀڃڻ لاءِ موڪليندو هوس. هرهڪ جٿي کي سسينگاري بئنچون هٽي، جهنڊو هٿ ۾ ڏئي محرابپور شهر ۾ موڪليندا هواسين ۽ پوليس اچي هنن کي جهليندي هئي. اهڙيءَ طرح 111 ماڻهو قيد تي چڪا هوا. انهيءَ تحريڪ ۾ محرابپور جي رهاڪن مان محمد هاشم گانگهري خاص طرح سان اسانجي وڏي مدد ڪئي. روزانو، منجهند ۽ رات جو اسان سيني جي ماني سنڌس پاڳيري گهرواري ڪندي هئي. ٻيا اسانجا دوست نانگراج الاٽي هاري هوندا هوا. جن جي گهرن جي پرسان هي ڪئمپ هنئي هئي. گهنشام داس ۽ ٻين اسانجي خاصي مدد ڪئي. حاجي غلام نبي ڏهراج جنهن جو ذڪر اڳ ۾ ڪري چڪو آهيان. هن ڪئمپ جي لاءِ بہ تي ڳوٺيون ان جون موڪليون هيون. اسان سان همدرديءَ جو اظهار ڪرڻ لاءِ هاڻوڪو چيف منسٽر ميان غلام مصطفيٰ جتوئي ڪئمپ تي آيو هو. سنڌس پيءُ غلام رسول خان جو تہ اڳ ذڪر ڪري چڪو آهيان.

خير هڪ ڏينهن وري موٽر ڪاهي پنهي تعلقن ۾ نڪري پيس، الاٽي هارين کي ٻڌايم تہ جيسين هزارن جي انداز ۾ جيلن کي ڀرڻ لاءِ تيار نہ ٿيندا تہ ڪين اهي زمينون جي سون ورهين ڪان وٺي آباد ڪندا

هوا، جت سندن ڳوٺ هئا سي ڪونہ ملنديون، گڏ ٿين لاءِ جڳهہ ڪنڌياري شهر جي ڀرسان، وڏي واهہ جي ڪپ تي موري وٽ ڪئمپ ڪيم. انهيءَ جڳهہ تي مقرر ڏينهن تي جو انگ مان مقرر ڪيو ويو. پنج هزارن جو سڏ ڏنو هو، مگر فقط پنج سئو ماڻهو گڏ ٿيا. هن وقت هيءُ تحريڪ ٿورو پوئتي پوڻ لڳي، ڇاڪاڻ تہ جن ماڻهن 144 سيڪشن جي ڀڃڪڙي ڪئي، تن کي نہ فقط ٽي مهينا سزا ملي پر ان سان گڏ ڏنڊ بہ پيو ۽ وصوليءَ لاءِ هنن جي ڍڳن تي ڪارروايون ٿيڻ لڳيون. مان اعلان ڪيو هو تہ پنج هزار الاٽي هاري گڏ ٿيندا تہ مان بہ ساڻس گڏجي 144 سيڪشن جي ڀڃڪڙي ڪندس. هن موقعي تي منهنجو ڀاءُ غلام هادي بہ مونسان گڏ هو ۽ ٻيا ورڪر عزيز الله، بخاري صاحب ۽ ٻيا بہ گهڻا اچي. هن ميٽنگ ۾ شامل ٿيا. فيصلو ڪيائون تہ مقرر انداز ۾ والنٽيئر گڏ ٿي نہ سگهيا، تنهن ڪري تحريڪ وڌيڪ هلائڻ ٺيڪ نہ آهي ۽ هاري دلشڪستہ ٿيندا، تحريڪ بند ڪئي وئي. مان نواب شاهہ ۾ وڃي جيڪي بہ هاري بند هوا، جن تي بہ ڏنڊ پيل هوا، تن جون اپيلون وجي ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ قاضي سچيڏني وٽ داخل ڪيون.

قاضي صاحب ڏاڍو قربدار ۽ احساس وارو ماڻهو هو، تنهن سڀ ماڻهو ڇڏي ڏنا ۽ ڏنڊ بہ معاف ڪري ڇڏيا. پوءِ معلوم ٿيم تہ قاضي صاحب منهنجي گهڻن دوستن سان شڪايت ڪئي تہ مان سندس حد ۾ هيءُ تحريڪ شروع ڪئي. جيتوڻيڪ ون يونٽ گورنمينٽ ڪيس حڪم ڪيو هو تہ مون کي سيفٽي هيٺ قيد ڪري تہ پوءِ سڄي تحريڪ هڪ ڌڪ سان ختم ٿي ويندي. پر هن سرڪار کي جواب ڏئي ڇڏيو تہ جيسين مان پنهنجي سر ڀڃڪڙي نہ ڪندس، تيسين هو مون کي جيل ۾ نہ موڪليندو.

هن تحريڪ جي محترم جي ايم سيد سخت برخلاف هو. مان هن کان اڳ بہ ٽي سال سانده سنڌ نيشنل عوامي پارٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري رهيس ۽ شيخ عبدالمجيد صدر، محترم جي ايم سيد، سنڌ

جو وڏو ليڊر هو. جڏهن مان سول نافرماني محرابپور ۾ شروع ڪئي. انهن ڏينهن ۾ نيشنل عوامي پارٽي جي ميٽنگ حيدرآباد ۾ ٿي ۽ چونڊون به ٿيڻيون هيون. مان ميٽنگ ۾ شامل ٿي نه سگهيس، ڇاڪاڻ ته ڪئمپ هلئي هئم ۽ سول نافرماني شروع هئي. جي ايم سيد مون لاءِ ڏک ظاهر ڪيو ته پارٽيءَ جي اجازت ۽ فيصلي ڪان سواءِ، مان وچيو ڪڏهن ڪانفرنسون ڪيان، ڪڏهن سول نافرماني ڪيان. انهيءَ ڪري مون کي جنرل سيڪريٽري نه چونڊيو وڃي. منهنجي بدران غلام محمد لغاري کي جنرل سيڪريٽري ڪري چونڊيو وڃي. آخر منهنجو نالو ۽ غلام محمد لغاري جو نالو پيش ٿيو ۽ پنهي جي وچ ۾ ووٽ ورتا ويا ته شاهه صاحب جي مخالفت هوندي ۽ منهنجي غيرحاضريءَ ۾ مون کي ووٽ گهٽا مليا. عجب جي ڳالهه اها هئي ته ميان غلام محمد ڪميونسٽ دوستن جو ساٿي هوندي، ڪامريڊ سوڀي منهنجي مدد ڪئي ۽ شاهه صاحب جي نندي پٽ امداد محمد شاهه جنهن جو ذڪر هن ڪان پوءِ به ايندو. تنهن پنهنجي پيءُ جي مخالفت ڪري مون کي ووٽ ڏنا ۽ ڏياريا. پيءُ کي چيائين ته هو وني غريبن جي حقن لاءِ لڙندو ۽ مرندو ۽ هن جو قدراهو ٿئي ته هو جنرل سيڪريٽري به چونڊجي نه سگهي. اها هن جي حق تلفي ٿيندي.

ڪامريڊ حيدر بخش سان انهن سڀني ڳالهين هوندي به جڏهن به حڪم ڪندو هو ته وڃي حاضر ٿيندو هوس. ڪامريڊ حيدر بخش خبر نه آهي ته ڇو اها بندش وڌي ته ٻين پارٽين ۾ جيڪي به هاري ورڪريا هاري همدرد ڪم ڪندا، تن کي هاري ڪاميٽيءَ مان ڪڍيو ويندو. اهڙيءَ طرح اسان گهڻن تي هاري ڪاميٽيءَ جا دروازا بند ڪيا ويا. پر ڪامريڊ جي مون کان سواءِ نه سرندي هئي ۽ مون کي ميٽنگن ۾ گهرائيندو هو. بس جڏهن ون يونٽ ٿيو ۽ خاص طرح سان ايوب خان جو دور آيو ۽ هاري ڪاميٽي ڪامريڊ حيدر بخش جي هٿ ۾ رهي، هي تاريخي تحريڪ اچي پوين پساهن تي پهتي ۽ سڄي وقت ڪان پوءِ حيدر بخش يا اسان ٻين سڀني دوستن لاءِ ون يونٽ هڪ وڏي مصيبت

نظر اچڻ لڳو ۽ حيدر بخش جي قربانيون ون يونٽ جي ٽوڙڻ لاءِ ڏنيون سي وسرڻ جهڙيون نہ آهن.

هاڻي اچون ٿا اين اي پيءَ جي ذڪر تي. هن وقت الاٽين هارين جو ذڪر تہ اڳئي ڪري آيا آهيون، پر جيئن ڍاڪا کان پارٽي ناهي موٽياسين، سڄي سنڌ جي دوري تي نہ نڪتاسين ۽ سڀني وڏن شهر ۾ جلسا ڪياسين. خيرپور ميرس وارو جتوئي، عبدالرزاق سومرو، سنڌس ڀاءُ عبدالجبار سومرو، سيد علي مطاهر ۽ ٻيا ڪيترا مهاجر دوست اسان سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺا. خيرپور ۾ وڏي ڪانفرنس ڪئي سين، جنهن ۾ سنڌ جي ليڊرن شيخ عبدالمجيد، جي ايم سيد، عثماني ۽ ٻين، ٻاهران مولانا ڀاشاني، خان عبدالغفار خان، ميان افتخار الدين، بزنجو ۽ ٻين وڏن ليڊرن شرڪت ڪئي. نواب شاهہ ۾ پڻ اسان هڪ تاريخي جلسو ڪيو، جنهن ۾ هي صاحب سڀ آيا. شهر ۾ جلوس بہ ڪڍيوسين ۽ اسٽيشن تي ليڊرن جي آجيان هزارن جي تعداد ۾ ڪئيسين. انهيءَ وقت عوامي ليگ وارا نواب شاهي دوست ۽ مسلم ليگ وارا اسانجي سخت برخلاف هوا. پر اسان ٻهراڙيءَ جا هزارن جي تعداد ۾ هاري اچي گڏ ڪيا. انهيءَ ڪري هنن جي دال نہ ڳري ۽ اسان جي جلسي يا جلوسن ۾ ڪابہ گڙٻڙ نہ ڪري سگهيا. اسان ون يونٽ کي ٽوڙڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ ڳالهايو، مون کي ياد آهي تہ اهي منهنجا ٻئي ٻچڙا، مشن ۽ ارشاد هن دفعي خان عبدالغفار ۽ مولانا ڀاشاني جي هنج ۾ هوا، جڏهن اسان نواب شاهہ ۾ ترڪن تي جلوس ڪڍيو.

اسان ۾ انهي وقت ٻن قسمن جي ليڊرشپ هئي. هڪ ٽاپ ليڊر شپ، ٻيا اسان جهڙا غريب. عثماڻي گهڻو ڪري اسان سان شامل هوندو هو. هن سان گڏ وڏن ليڊرن کان سواءِ بہ سڄيءَ سنڌ جو دورو ڪيوسين، هو منهنجي ڳوٺ هالاڻيءَ بہ آيو.

هڪ وڏي هاري ڪانفرنس لنڍي اسٽيشن شهر ۾ ڪئي هئيسين، جتي بروهي ڪليمي هارين تي پوليس وٽي حملو ڪيو. پر هارين اهڙي تہ مار ڏنن جو هڪ وڏو ڌاڙي جو ڪيس هارين تي داخل

ٿي ويو. مسٽر مولا بخش لغاري ان وقت نواب شاهه جو سيشن جج هو ۽ سانگهڙ ضلع جو ٽڪرو شهدادپور تعلقه ۽ سنجهورو، نواب شاهه ڪورٽ سان لاڳو هوندو هو، هيءُ به ڏاڍو پيارو ماڻهو هو، چوندو هو ته سندس منهنجي شروع ڪيلن تحريڪن سان ڏاڍي همدردي هوندي هئي. چاليهه ڪن بروهي هاري ڌاڙي جي ڪيس ۾ پوليس ڦاسايا. مان سندن ضامن جي درخواست وٺس وڏي، سڀني کي پوليس جي هلندڙ جاچ اندر ضامن تي آزاد ڪيائين.

انهيءَ لنڊي ۾ هاري ڪانفرنس ڪئيسين، جنهن ۾ مولانا ڀاشاني نه فقط شرڪت ڪئي، پر اسانجي پارٽيءَ جا بنگالي ايم پي ۽ هڪ به عورتون ليڊر به شامل ٿيون، هيءُ تمام ڪامياب جلسو ٿيو. اهڙيءَ طرح سان نيشنل عوامي پارٽي ۾ اسان جو وڏي جوش ۽ همٿ سان ڪم ڪيو.

جڏهن سهروردي صاحب ڪان جدا ٿياسين ۽ هيءَ پارٽي ناهي، سيلان ڪولمبو ۾ ورلڊ پيس ڪانفرنس گهرائي وئي ۽ سڄي دنيا جون ڪابي ڏر واريون پارٽيون ۽ طاقتون گڏ ٿيٽيون هيون. اسانجي پارٽي ليڊرن کي دعوتون مليون ۽ مون کي به دعوت ملي. ميان صاحب، جي ايم سيد، شيخ صاحب ۽ ٻيا ليڊر ڪولمبو هجڻ لاءِ تيار ٿيا ۽ آءٌ به تيار ٿيس. اسان کي جهاز جون جايون اڳ ۾ مليون ۽ اسانجا ليڊر پوئتان اچٽا هوا. اسان خير سان وڃي ڪولمبو ۾ پهتاسين. به يا ٽي پڻاڻ دوست، هڪ به پنجابي، دوست پڻ مون سان گڏ هوا. مشرقي پاڪستان مان به اسان جا بنگالي دوست اڳيئي پهچي ويا هواسين. اسان جا ليڊر جيئن ڪراچي ايئرپورٽ تي آيا ۽ وڃي هوائي جهاز تي وينا ته اوچتو پوليس آئي، کين لاهي وئي. هيءُ سهروردي صاحب جو زمانو هو.

ليڊرن جي نه پهچڻ جي ڪري مون کي پاڪستان گروپ جي اڳواڻي ڪرڻي پئي، هندوستاني گروپ جو ڊاڪٽر سيف الدين ڪچلو ليڊر هو. هو تمام پراڻو خلافتي ليڊر هو، ننڍي هوندي سندس فوٽا

مولانا شوڪت علي ۽ محمد علي سان گڏ هوندا هوا ۽ اهڙا ڪارڊ ڇپايل هوندا هوا. جي اسين ماڻهن ۾ وڪرو ڪندا هواسين.

رشيا جو گروپ، چين جو گروپ، آسٽريليا گروپ ويندي اسرائيلين جي طرفان بہ هڪ گروپ آيل هو. عرب، انگريز، جرمن مطلب دنيا جي سمورين قومن جا عيوضي اتي آيل هوا. اسان سيني کي هڪ هوٽل ۾ ترسايو ويو. ٿوري وقت کان پوءِ خان بهادر غلام علي نانا بہ اچي اسان سان شريڪ ٿيو، جڏهن خبر پيس تہ ليڊرن کي ڪراچي ۾ لاهي ڇڏيائون تہ پوءِ پاڻ منهنجو ڪمرو ڇڏي وچي هڪ سنڌي هندو دوست آڏواڻي وٽ رهيو. ڪليل سيشن ٿي، جنهن ۾ هر ڪنهن ڊليگيشن جي ليڊر ڳالهايو. مان بہ اتي ڳالهايو. تقرير انگريزي ۾ ڪيم، مگر ان جي پڇاڙي لطيف جي شعر سان ڪيم، ”ڪڍي ڪان ڪمان مان، ميان نہ مارج مون

مون ۾ آهين تون، متان تنهنجوئي توکي لڳي.“

هن جو ترجمو ڪري ٻڌايم، سمجهان ٿو منهنجي تقرير پنجن يا ڇهن مکيہ تقريرن مان هڪ هئي. ماڻهو ايترو تہ متاثر ٿيا جو ڏاڍيون تاڙيون وڃي ويون. پهريون ماڻهو جنهن اسٽيج تي اچي مونکي ڀاڪر پاتو، اهو ڊاڪٽر ڪچلو هو. ڪانفرنس جون ڪارروايون هلنديون رهيون، شهر ۾ دعوتون، راڳن ۽ ناچن جون رهاڻيون ٿينديون رهيون. هيءَ پهرين ورلڊ ڪانفرنس هئي، جنهن ۾ مان شريڪ ٿيو هوس ۽ اهم ڀرو ورتم. اسان سيلان جي وڏي وزير مسٽر بسرنائيڪي يعني هاڻوڪي وزيراعظم جي مڙس، هڪ عاليشان دعوت ڪئي. رات جو سندس بنگلو اهڙو تہ رنگين بلبن سان سينگاريو ويو جو اڳ پئرس جي اليومينشن بہ ڏني هئم پر هيءَ عجيب هئي. سيلان جا وڻ ڏاڍا ڏڪها ٿيندا آهن، تن ۾ بلبن جي جهرمر عجيب رنگ لائي ڇڏيو هو ۽ سيلاني شهنايئن جي بہ عجيب تنوار لڳي پئي، تنهن سان نغارا تن بہ مجلس کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا.

سنڌي هندو خبر هئم تہ ڪولمبو ۾ تمام گهڻا رهن ٿا. تنهن

ڪري هنن کي ڏسڻ جي سڪ هئم. هڪ ڏينهن سوٽن جي ڪپڙي خريد ڪرڻ لاءِ ڪپڙي مارڪيٽ ۾ گهڙي پيس، وڃي هڪ دوڪان تي بينس ته ڳالهه ٻولهه سڄي سنڌي ۾ پئي هلي. مان به وڃي ڪپڙي وٺڻ لاءِ اتي بيٺس. ميز تي ڪپڙو آندو ويو، سنڌي هندو هو، جنهن مون کي ڪپڙو ڏيکاريو. مان ساڻس سنڌي ۾ ڳالهايو، مون ڏي ڏسي چيائين، "ڀائي ڪٿان آيو آهين." مان چيو، "سنڌ مان." "اڇا سنڌ ۾ هندو آهن ڇا." مان چيو، "ڀائي سنڌ ۾ اڇا هندو آهن پر مسلمان سنڌي آهيان." "پوءِ سائين توهان هت ڪيئن؟" سڄي ڳالهه ٻڌائي مانس. سندس نالو رام هو، بس پوءِ هو مون کي ڇو ڇڏي، جيترو وقت اتي هوس، شام جو ڪجهه نه ڪجهه ميوو ضرور ڪٽي اچي. "ڀائي مان هت ورلڊ وپيس ڪانفرنس جو ڊيليگيٽ آهيان. اسان کي سڀ ڪجهه ملي ٿو." چيائين، "ڀائو! منهنجي دل کي فرحت ٿي اچي، جڏهن توهان لاءِ ڪجهه آڻيان ٿو!"

هڪ ڏينهن ٽئڪسي ڪري آيو، مون کي پنهنجو گهر به گهمايائين، ٻچڙا به ڏيکاريائين ۽ پوءِ هل اسٽيشن ڪئنڊي تي وٺي هليو. اتي يونيورسٽي ڏيکاريائين ۽ ڪيترا باغ گهمايائين. هڪ مندر ۾ وٺي هليو، جتي مهاتما گوتم ٻڌ جو ڏند رکيل آهي،سنڌي هندو اچي گڏ ٿيا، پوڙها جوان،ڇوڪر ڪو هتان اچي ته ڪو هتان، ڪو پستا کيسي ۾ وجهيم ۽ ڪو بادام، مطلب ته منهنجي لاءِ اتي پراڻي سنڌ بنجي وئي. هڪڙي سنڌي دوست وٽ مون کي رام وٺي هليو. سندس گهر ۾ هڪ فوٽو ڏٺم. سندس صورت ۾ مٿي ۾ ترڪي ٽوپي "ڀائي هي ڇا!" چيائين، .سائين مان شيخ عبدالمجيد سنڌي جو مائٽ آهيان. شيخ ٿيو هوس پر هت گهڻي وقت کان وٺي ڪاروبار آهي ۽ هاڻي هنن سنڌين سان گڏ گذارڻو آهي، تنهن ڪري هنن جو ٿي ويو آهيان." پوءِ سڄو ڏينهن ڪئنڊي ۾ گذاري موٽي ڪولمبو ۾ آياسين. هڪ سنڌي هندو دوست مون کي هڪ وڏي هوٽل سمنڊ جي ڪناري تي وٺي هليو. چيائين، "سائين! هن هوٽل ۾ منهنجي ڀائيواري آهي! پر سنڌ اڃا نٿي وسري."

وري ٻئي دفعي هڪ شڪارپوري سيٺ جي دوڪان تي ويس، سيٺ جي ڪوٺي، هڪ وڏو بنگلو هو، چانهه وغيره پياريائين، چيائين ”سائين! هت مون وٽ رهي پئو، هت مون وٽ موٽرون، رهڻ جون جايون آهن، توهان کي ڏاڍو خوش رکنداسين.“ مان چيو، ”نه ڀائو! مان اڳئي ٻين جو مهمان آهيان.“ جڏهن ڏٺائين ته مان وٽس ڪونه رهندس، چيائين، ”سائين اسان ڪنهنجي پوڄا ڪندا هونداسين.“ مان چيو، ”رام ۽ ڪرشن جي.“ چيائين، ”نه سائين! اڙي پوهو هوءَ مورتي ته ڪٿي آ! جنهن جي مان پوڄا ڪندو آهيان.“ مورتي مون کي ڏيکاريائين، پڇيائين ته، ”ڪير آ سائين!“ مون مورتي ڏسي درويش کي سڃاڻي ورتو. مان چيو، ”هي سخي قبول محمد درازن وارو آهي.“ چيائين، ”اسين ته انهيءَ مورتي جي پوڄا ڪندا آهيون.“ هڪ وڏو ڪپڙي جي دوڪان جو مالڪ جنهن وٽ خان بهادر نانا رهندو هو، چيائين، ”سائين! سيلوني پاڪستان ۾ ائمبسر منهنجو دوست آهي، مون کي چوندو آهي ته مون کي سنڌ گهمائڻ لاءِ وني وڃڻ لاءِ تيار آهي، چيومانس ته جنهن هنڌ مون کي امان جنم ڏئي، اتي ڏارين سان پاسپورٽ تي وڃان، انهيءَ کان مرڻ ڀلو آهي.“ خير سان ڪانفرنس پوري ٿي. رام ڪجهه سوڪڙيون حيدرآباد ۾ عزيزن لاءِ ڏنيون، جي هن جي عزيزن کي پهچايم.

هاڻي هت هڪ نئون انقلاب آيو. مرزا اسڪندر بيگ مارشل لا لڳايو. اسيمبليون وزير وغيره سڀ چٽ، ايوب خان مارشل لا ائڊمنسٽريٽر ٿيو. اسان مان گهڻا جهلجي ويا. جنهن ڏينهن پوليس انسپيڪٽر مون کي قيد ڪرڻ آيو. انهيءَ ڏينهن منهنجي جيجل نواب شاهه ۾ مون وٽ هئي. منهنجي زال ته ويچاري سڄي عمر ڏکن ۾ گذاري،تن جي لاءِ جڻ موت اچي ويو. هميشه جي دستور موجب وجي نواب شاهه جي ضلع جيل ۾ داخل ڪيائون.

هن زماني کان اڳ ۾ جڏهن به جيل ۾ ويندو هوس ته هٿڪڙي ڪانه هڻندا هوا ۽ نڪو وري رسو ٻڌندا هوا. دل ۾ خيال ايندو هو ته امام زين العابدين کي هٿن ۾ ڪڙيون به لڳيون هيون ۽ ڪيس رسيون به ٻڌيون هوائون. الائي ڪڏهن مون کي به هٿڪڙيون لڳنديون. مون ڏکن کي جڏهن به جنهن به نموني ياد ڪيو آهي ته هوبهو انهيءَ صورت ۾ اچيو مون وٽ بيهن.

نواب شاهه ڳوٺ واري جيل ۾ مون کي وچي اتر واري ننڍي ڪمري ۾ واڙيائون. پرسان هئو پائخانو. جنهن ۾ روز هڪ سئو به سئو قيدي پاڻ کي هلڪو ڪندا هوا. اتي هڪ ڏسٽو وائسٽو وڪيل وچي، ڏاڍي تڪليف ٿيندي هئي. اندر ڪمري ۾ ڏسان ته موڃند به وينو آهي، بصرمل به، مينهون خان،خان بهادر گل محمد جو پٽ ۽ منهنجو دوست به اندر وينو. حاجي علي مراد زرداري منهنجو اصيل ۽ جو ڪنهن وقت پاڙي وارن وڏن زميندارن جو شڪار هو. جنهن کي مان انهيءَ زماني ۾ همٿ ڪري ڇڏايو هو ۽ جو منهنجو پوءِ گهرو دوست.

ان جو پٽ پيا اٽڪل ويهارو ڪن قيدي اسان سان ساڳي ڪمري ۾ سلهاڙيل هوا. واٺيا ماڻهو تن جو ته ساهه پئجي ويو. بصرمل ته قاضي احمد جو وڏو شاهوڪار ماڻهو هو. ويچارا ڏڪن پيا. مان وچڻ سان هنن کي ڏاڍا دم دلاسا ڏنا. تاسون گهرايونسين. خوب پٽي راند ڪندا هواسين. مينهون خان سو به رئيس ماڻهو ۽ رندن بلوچن جو سردار. اسان وٽ جيل ۾ وڃڻ وڏو عيب ۽ وڏي بيعزتي سمجهي ويندي آهي. سو به ڏاڍو ششدر ۽ پريشان. ڏاڍا چرچا ڀوڳ ڪري هندن مڙسن کي خوش رکيم. جيل جو سپرنٽينڊنٽ سو هو مولائي ماڻهو ۽ سدائين شراب جو پيالو اڳتان پيو هوندو هو. اهو ڪڏهن ڪڏهن اچي اسان وٽ وهندو هو. سچاٽندو اڳ ۾ گهٽو هو ۽ لحاظ به ويچارو ڪندو هو. پر حاڪمن جي حڪم کي ڪير اڏو اچي. مان ويهي ڳائيندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن ته اهڙو موج ۾ ايندو هو جو سڀ قيدي اڳڻ ۾ گڏ ڪري مون کي چوندو هو، ”سائين ڳايو.“ مان وري پيروي ۾ ”منهنجا لاهوتي ته لڏي ويا، هيءَ نا وير وڃڻ جي“ ڳائيندو هوس. ائين نواب شاهه ۾ وقت گذاريوسين. اسانجو هڪ پيو دوست جو هاري ورڪر به هو ۽ هڪ هفتيوار اخبار به ڪڍندو هو. ميان عبدالخالق آزاد. اهو به مون سان گڏجي ٻڌجي آيو هو. فڪر تيو ته اڳي سکر جيل ۾ رکندا هوا. سڄي بيرڪ خالي ڪري ڏيندا هئا. هن دفعي هت ته سوَن منجهه ڪٽي هنيو اٿن. پوءِ جلدي خبر پئي ته مٿان اچا کي به وارنٽ ڪونه پهتا هئن، صرف حڪم هو ته هنن کي ٻڌو. هاڻ ٻڌن ڪيئن، سو هڪ ڪوڙو ڪيس 108 ڪرمنل پروسيجر ڪوڊ هيٺ ڪري اسان کي اچي اندر ڌريو اٿن. ڪيس داخل ڪيو هوائون. محمد رحيم ڊي ايم وٽ اهو صاحب جڏهن به ڪنهن دعوت ۾ ويندا هواسين ته مونکي چوندو هو ته پهريائين توهان هلو ته هو پوئتان هلي. وقت جو ايس پي سو ته جڻ منهنجو مريد هوندو هو ۽ ڏاڍو قربدار دوست هو. هن مارشل لا جي زماني ۾ حالت اهڙي اچي بڻي جو مون کي هٿ ڪڙيون هڻي، رسو چيلهه سان ٻڌي وچي ڪورٽ ۾ حاضر ڪندا هوا. صاحب بهادر کي اها

جرئت نہ ٿيندي هئي جو مون کي چوي تہ ويهہ يا پوليس کي چوي تہ هٿڪڙيون ڪڍوس.

آخر جلدي مون کي سکر وني ويا. ٻيا بہ گهڻا سياسي قيدي اڳئي اتي هوا. رات جو خواب ۾ ڏٺم تہ اسڪندر مرزا کي ڪٽي ٻڌو اٿن ۽ مون کي ڪجهہ چئي رهيو آ. صبح جو خبر پيم تہ اسڪندر مرزا کي صاحبي تان لاهي ايوب خان پاڻ حاڪم ٿي ويٺو آهي. خير اهڙي طرح سان ڏينهن گذرڻ لڳا. هڪ ڏينهن ڏسان تہ احمد ميان، اسان واري ونگ ۾ گهڙي آيو. ڪپڙا اڇا قيدين وارا پيا اٿس ۽ ٽوپي بہ قيدين واري پيل اٿس. منهنجو ڪاليج جي زماني کان دوست هو. ٻيو وري حاجي مولا بخش جو فرزند، مجاهد الله بخش جو ڀائٽيو. ڪيس ڏسي ڏاڍو حيران ٿيس، ٿورو پريشان نظر آيو. اسان سياسي قيدي ڇهہ يا ست هواسين. وڏي هال ۾ ويٺا هواسين. ڪيس ... چيومانس، "هاڻي جي ايوب خان پاڪستان مارشل لا ائڊمنسٽريٽر آهي تہ توکي اسان هن رعيت جو ائڊمسٽريٽر ٿا بنايون." عهدا ڪٽي وراهياسين، ڪنهنکي فڊ منسٽر، تہ ڪنهن کي فننئس منسٽر مطلب تہ وقت کي ڪاٽڻ لاءِ ڏاڍا سٺا طريقا اختيار ڪياسين. بس پوءِ تہ احمد ميان صبح کان سانجهيءَ تائين اسان وٽ ويٺو هوندو هو. ماني بہ گڏجي کائيندا هواسين ۽ سڄو ڏينهن برج راند لڳي پئي هوندي هئي. پيارو صادق علي انصاري جنهن جو ذڪر اڳي ڪري چڪو آهيان، نوشهري جي مدرسي وارن ڏينهن جي بيان ۾. شيخو بہ سڏيندا هواسونس. هو شڪارپور جو هو ۽ اهو جيل جو ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ هو، پوءِ تہ سڀ ماني گڏجي کائيندا هواسين. منهنجي ماني ڳوٺائي عبدالرحيم وٺان ايندي هئي. هو ان وقت اتي سپرنٽينڊنٽ انجنيئر هو. هفتي ۾ ميان احمد وٽ بہ پڪل تترن جو ڍير، ٻيون سڀ شيون، سڪا ميوا، تازا ميوا، پيسٽريون، ڪيڪ جام هوندا هوا. اسان وٽ منهنجا ۽ ميان احمد جا آفيسر دوست بہ ايندا هوا. ائٽ هوم ٿي ويندي هئي. اهڙي جو هڻ تہ ڇٽي. اندر باغ بهاريون لڳيون پيون هونديون هيون. جڏهن حاجي مولا بخش ۽ سندس گهروارن کي خبر پئي تہ مان ميان احمد سان گڏ آهيان. تڏهن ڏاڍا

خوش ٿيا. مان مهيني ۾ هڪ ٻه دفعي نواب شاهه ۾ چڪر هڻندو هوس. ٻيو هڪ ڪيس تندي آدم ۾ شروع ٿي ويو، اتي ٻه وڃڻو پوندو هو. هڪڙيءَ رات تندي آدم لاڪپ ۾ رکيائون، اها ڏاڍي پياري رات هئي. ڪوٺي جي اڌ ڇت هئي پر اڌ اگهاڙي هئي. رات چانڊوڪي هئي، چنڊ پئي مون ڏانهن جيل ۾ جهاتيون پاتيون، اڪيلو هوس، پوليس وارا هتن ۾ هٿڪڙيون ۽ ڇيلهه ۾ رسو ٻڌندا هوا. پائي خاني جو خيال ٿيندو هو ته هٿڪڙيون هٽي پائيخاني ڏي نيندا هوا. هاڻي صفائي ڪيئن ڪجي، ڏاڍي تڪليف ٿيندي هئي. غلام قادر وڃي هبس ڪارپس درخواست هاءِ ڪورٽ ۾ وڌي، وڪيل آغا امداد ڪيائين، پر هو جلد سيشن جج ٿي ويو.

آخر شنوائي آئي، جسٽس انعام الله ۽ جسٽس وحيدالدين جي اڳيان. وحيد الدين منهنجو مهربان به هو، مون کي چڱي طرح سان سڃاڻندو هو. درخواست مس پيش ٿي، هڪدم سرڪاري وڪيل کي تڙي ڪڍيائين، ”مان قاضي فيض محمد کي شخصي طرح سڃاڻان. هو رڄ چڱو مڙس آهي. منهنجي مرضي آهي ته ڪيس ضامن تي آزاد ڪجي.“

انعام الله البت ڪمزور ماڻهو، تنهن ڪن ۾ سس پس ڪيس. پوءِ سرڪاري وڪيل کي وري چيائين، ”جي ٻي شنوائي تائين، مسٽر قاضي کي آزاد نه ڪيو ته پوءِ اسين ڪيس ڇڏي ڏينداسين.“

هڪ رات اوچتو اوچتو جيلر آيو. چيائين، ”سائين توهان آزاد ٿي ويا.“ ٻاهرڪڍي ڇڏيائون، اچي گهر پهتس. ڪيس هوا ڪوڙا تن مان به ڇٽي ويس. سياست وئي گم ٿي، پلاٽ هڪ ورتم، ان تي بنگلو نهرائڻ شروع ڪيم. مان جڏهن به جاءِ نهرائڻ ۾ هٿ وجهندو آهيان ته منهنجي ڪمائي وڌندي آهي. مهيني ۾ پنج هزار خرچ ته پنج هزار ڪمائي جي ڏهه هزار خرچ ته ڏٺي جي فضل سان ڏهه هزار ڪمائي. اهڙيءَ طرح سان اٽڪل ڏيڍ لک روپين جو بنگلو نهي ويو. منهنجي گهرواري خوش ٿيندي هئي چڱو جو ايوب آيو. سياست وئي ۽ بنگلو نهي ويو. اهڙي طرح سان اچي هاڻي ويجها ٿيا آهيون. سفر جو مفاصلو گهٽبو پيو وڃي.

ايوب خان جو زمانو هو، جمهوريت ختم ٿي وئي، ماڻهن جي حالت اها ته جيڪو چڙهيو تنهن جا سلامي، اين اي پي جو ڪهڙو حال هو؟ ڪهڙا صدما پهتا، اهو ذڪر اڳتي ڪبو. مطلب ته سياست کان ٿورو دور رهڻو پيو. هونئن به خدا جو فضل هو، وڪالت ڪيم پر ايمانداريءَ سان ڪيم. پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪنهن به ماڻهوءَ کي مان رشوت کانسواءِ ڪارائي ۽ نه وري نوڪري جي وقت ۾ رشوت ڪاڍي. البت ڪلارڪن کي يا پٽيوالن کي ڪم ٽيڻ کان پوءِ خرچي ڏيندو به هوس ۽ ڏياريندو به هوس. جيتوڻيڪ مان سمجهان ٿو ته مون کي ائين ڪرڻ نه گهربو هو. ڪيسن جو هلائڻ، آڏي پڇا ڪرڻ، تقرير ڪرڻ، انهيءَ ڳالهه ۾ سنڌ جا جيڪي وڏا وڪيل هئا، تن کان ڪنهن به حالت ۾ گهٽ ڪونه هئس. مسٽر ڏيئل مل سنڌ جي نامياري وڪيل سان مخالفت ۾ ڪيس ڳايم. هو مون کي چوندو هو ته مان بهترين طرح سان ڪيس هلايو ۽ ڳايو هوم. غلام نبي ميمڻ، پيو ڪيئن به هجي پر وڪيل قابل آهي، اي ڪي بروهي ۽ ميان آخوند الهه بچايو.مسٽر ڏرم داس، طفيل جو پوءِ سنڌ جو چيف جج ٿيو، حفيظ پيرزادي سان، پنهنجي ذوالفقار علي سان، جو پاڪستان جو وزير هو ۽ ٻين ڪيترن ناليوارن وڪيلن سان گڏ ڪيس ڳايم ۽ سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ سرڊئوس جي وقت کان وٺي وڪالت ڪندو رهيس. شيخ غلام رسول جج، سندر آڏواڻي منهنجي ڪم کي، تقريرن کي تمام گهڻو ساراهيو، چو ۽ چا لاءِ، سر ڊنوس سنڌ چيف ڪورٽ جو وڪيل هو، مون کي ڪورٽ ۾ چيو ته، ”اسين ڏاڍو خوش ٿينداسين، جي تون اسانجي ڪورٽ ۾ ايندو رهندين.“

هڪ وقت جي ڳالهه آهي، جڏهن آغا علي حيدر نواب شاهه ۾ سيشن جج هو، مون سان سندس پڙاڻ وارو رستو هو. نهايت ايماندار ۽ شريف جج هو، ڪڏهن ڪڏهن مون کي پنهنجي زمين تي وٺي هلندو هو، جيپ يا موٽر منهنجو هوندو هو ته چوندو هو ته جيڪڏهن تيل سندس پيسن مان وٺان ته هو مون سان گڏ هلندو، ٻي صورت ۾ نه.

ماڻهن کي خبر هئي ته هو منهنجو دوست آهي. انهيءَ زماني هڪڙي خون جي ڪيس ۾ مونکي ڪن غريب هارين اچي وڪيل ڪيو. پهريائين جڏهن مون وٽ آيا ته چيائون تمام غريب آهن. مٿن قياس ڪريان. ڪائڻ گهٽ في ونان. مان رحم ڪائي ائين ڪيو.

جڏهن ڪيس آغا صاحب وٽ هلڻ جوڳو ٿيو ته منهنجي انهن اصيلن مان هڪ آيو. جنهن چيو. "سائين اڄ ڪلهه ڏوڪڙ ڏيڻ کان سواءِ ڪم ڪونه ٿو ٿئي. روپيا پنج هزار حاضر آهن. توهان آغا صاحب جا دوست آهيو. اسانکي ڇوڪرو ڇڏائي ڏيو." منهنجو ته هيانءُ سڙي ويو. سڄي عمر ۾ منهنجي ماڻهن کي خبر هئي ته ڪنهن ٻئي قسم جو ماڻهو آهيان. ڪنهن به مون سان اهڙي ڳالهه نه ڪئي. ڏاڍو گهٽ وڌ ڳالهايومانس. سمجهيم ته هيءُ وري وڃي ڪنهن ٻئي هنڌ ڦاهو ڪائيندو. آغا صاحب ته شريف ۽ ايماندار ماڻهو. هيءُ پئسا وڃئون ڪو ڪائي ويندس. تنهن ڪري ڪيس تسلي ڏيٽي پئي. اسان وڪيلن کي خبر پوندي آهي ته ڪيس ۾ ڪهڙي ثابتي آهي. ڪيس بيهندو يا نه. مونکي خبر هئي ته ڪيس ۾جوان ڇوڪرو ڇٽي ويندو. سندس پيءُ کي جنهن کي چيم ته سندس پٽ ڇٽي ويندو. ڪٿي به پئسا نه ڏئي. آخر ٿيو به ائين. پوءِ هو پوڙهو مونکي ۽ جج کي دعائون ڪندو ويو.

رشوت خور جج سان منهنجي ازلي دشمني هوندي هئي. پوءِ ڇو نه ڪٿي هو منهنجو گهرو دوست هجي. بي ايمان ججن. مئجسٽريٽن سان جهيڙا گهڻائي ڪيم. پر هڪ جهيڙو ڪيم. جنهن جو ذڪر ڪيان ته چڱو ٿيندو.

انهي ساڳي آغا صاحب جي ڏينهن ۾ هڪ مهاجر قريشي صاحب. منهنجي استاد علي ڳڙهه واري پرنسپال جو عزيز. راڳ جو شوقين. جنهن ڪري منهنجو گهاٽو دوست ٿي ويو. مون کي خبر پئي ته اها ڳالهه عام جام هلي وئي ته جج ڀاڻي آهي. ڪرپٽ جج جيڪڏهن بي ايمان ٿئي ته ان جو فائدو يا نقصان. فقط ان ڪيس ۾ ڌرين کي ڪونه ٿو ٿئي مگر اثر خراب ۽ ٻين سيني ڪورٽ ۾ ايندڙ ماڻهن کي

نقصان ٿو ٿئي.

رشوت ڪائيندڙ جج ضرور سچن ڪيسن ۾ سچن ڏوهارين کان ڏوڪڙ وٺي ڇڏي ٿو ڏئي، جنهن ڏر سان ناانصافي ٿي ۽ جن جو ماڻهو ڪسجي ويو ۽ جوابدار ڇٽي ويو، اهو پوءِ پنهنجي هٿن کي هلائي بدلو وٺي ٿو، پوءِ اها بدلي وٺڻ جي بيماري سالن تائين پئي هلندي آهي ۽ غريب تباهه ٿيو وڃن.

ٻيو ته سچا ڪيس جي جج ڇڏيندو ته انگ پوري ڪرڻ لاءِ ڪنهن کي سزا ڏئي، پوءِ اهي ماڻهو جيڪي رشوت ڏئي نه سگهن پوءِ انهن کي جج اڙايو ڇڏي. مطلب جج جو رشوت وٺڻ معاشري لاءِ وڏو نقصان آهي.

آغا صاحب سان مان قريشيءَ جي ڳالهه ڪئي، مگر هن مون کي چيو ته هن کي ڪوبه اختيار ڪونهي. هڪ نواب شاهه جي پنجابي مهاجرن جو خون جو ڪيس هو، جنهن ۾ چار جوابدار هئا. هنن کان جج صاحب مسٽر قريشي پئسن جي گهر ڪئي، ڪن هزارن ۾ انگ هو. مان هنن کي منع ڪئي.

مان قريشيءَ صاحب کي سندس چيمبر ۾ چيو ته جج کي رشوت ڪائڻ نه گهرجي، چيائين "اري قاضي صاحب! ڪيا جج سنياسي بن ڪي بيٺي؟"

جڏهن ڪيس هلڻ شروع ٿيو ته مان ڏنو ته جج صاحب پيسن نه ملڻ ڪري رنج آ. مان ڪيس جي مهملي جي درخواست وڌي ته اسين هاءِ ڪورٽ ۾ هي ڪيس ٻي ڪورٽ ۾ هلائڻ لاءِ درخواست وجهنداسين، ڪيس رکجي ويو.

منهنجا اصيل ڏاڍا همت وارا ماڻهو هئا. شايد ڪو سنڌي ماڻهو هجي ها ته ايڏي جرئت نه ڪري ها. جيتوڻيڪ هنن جا ماڻهو جيل ۾ هئا. هنن مون سان هام ڀري، هاڻي قريشي صاحب سان منهنجو خدا ڪارڻ انصاف خاطر جهيڙو شروع ٿيو.

مان هاءِ ڪورٽ ۾، رخواست وڌي ته ڪيئن قريشي جج کائڻ

رشوت گهري، اهڙو قسم نامون بہ اصيلن جو پيش ڪيم. قدرت خدا جي هيءَ درخواست جج ريمنڊ صاحب وٽ پيش ٿي جو منهنجو استاد هو. درخواست ائڊمٽ ڪرڻ جو ڪم گهٽو ڪري ڪورٽن ۾ ٿيندو آهي ۽ لسٽ لڳندي آهي يا ڪورٽ ۾ ويهي جج وڪيل سڏائيندو آهي. ريمنڊ صاحب جو پٽيوالو مون کي ڳوليندو وتي، آخر اچي مون کي لڌائين، ”صاحب جج صاحب بلا رهي هين.“ مان چيو تہ ريمنڊ صاحب کي اڄ مون سان ملاقات جو شوق ٿيو آهي سو وٽس سندس چيمبر ۾ گهڙي ويس، مون سان تمام گهرو هوندو هو، چوڻ لڳو، ”فيض محمد! ڪين سڏرندين، هي ڇا ڪيو اٿئي؟ ڇا لکيو اٿي! خبر ٿي تہ هن جو نتيجو ڇا ٿيندو؟ سند وڃائيندين ۽ جيل بہ ڪاٽي ويندين، منهنجي صلاح ٿي تہ هيءَ درخواست واپس وٺ.“ مان چيو، ”نہ سائين اڳ ۾ بہ گهڻائي جيل ڪاٽا اٿم، هاڻي انصاف جي خاطر جي جيل ڪاٽم تہ اهڙو جيل اکين تي آهي.“ چيائين مون کي خبر آهي تون ضدي آهين، ڪين مڙندين، چڱو درخواست ائڊمٽ ٿو ڪيان ۽ نوٽس ٿو ڪيان.“ اسٽي آرڊر لاءِ چيومانس سو بہ ويچاري ڪري ڏنو.

آخر ڪيس آخري تاريخ تي آيو. مان وڃي حاضر ٿيس، هاڻي هيءَ درخواست چيف جج انعام الله جي اڳيان ٻڌڻ لاءِ آئي. سڀ وڪيل چوڻ لڳا تہ هاڻي منهنجو سر ويندو، مشهور هو تہ قريشي صاحب، جسٽس انعام الله جو گهرو دوست آهي.

ڪورٽ ۾ ويس لسٽ ۾ منهنجي درخواست کان اڳ ٻيا اٽڪل ويهارو کن ڪيس هوا. دل ۾ چيم تہ هاڻي تہ ويهي سر ويندو، ڪرل جج وٽ بہ انهيءَ ڏينهن ڪيس رکيل هو. ڪورٽ ۾ اتي ويهي جسٽس انعام الله کي عرض ڪيم تہ مون کي موڪل ڏئي تہ مان ڪرل صاحب وٽان ڪيس ڳائي اچان.

جج انعام الله صاحب مون ڏي نهاري چيو تہ، ”توهان گهٽو وقت هن درخواست هلائڻ ۾ وٺندو، مان چيو، ”سائين! حليم صاحب سرڪاري وڪيل، ڪيترا ڪتاب کڻي آيو آهي، مان بہ ڪتاب کڻي آيو

آهيان، گهٽ ۾ گهٽ ته ٻه چار ڪلاڪ ونندو. جج انعام الله چيو ته چڱو تنهنجو ڪيس ٻڌائين ٿو ڪٿان. منهنجي ٻڌڻ کان اڳ ۾ سرڪاري وڪيل کي چيائين ته هنڪي ڇا چوڻو آهي. حليم صاحب جو هائي ڪورٽ جو جج آهي، ان وقت ننڍو سرڪاري وڪيل هو. وٺي ڏاڍا اعتراض شروع ڪيا. انعام الله صاحب چيو، هنن تهمتن هٽڻ کان پوءِ انهيءَ جج وٽ هي ڪيس ڪڏهن به واپس موڪلجي نٿو سگهجي. "ڪيس ٽرئنفرڊ" جج لکي چيو.

پوءِ قريشي صاحب تي انڪوائري هلي ۽ ڪيس نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيائون. "قاضي صاحب گهڻو وقت لڳو" هيءُ هئو پنهنجي وڪالت ڪرڻ جو نمونو.

منهنجي زندگيءَ تي ٽن ماڻهن جو گهڻي ۾ گهڻو اثر پيو آهي. هڪ علامه آءِ آءِ قاضي، ٻيو مولانا حسرت موهاني، ٽيون علامه مشرقي عنايت الله خان. پر انهن ٽنهي مان قاضي صاحب مون تي گهڻي ۾ گهڻو اثر ڪيو.

ٽنهي بزرگن جو هن کان اڳ ۾ بيان ڪري چڪو آهيان. هاءِ ! هاءِ! هيءُ سڀ هليا ويا، ڏاڍو پري! تمام پري. هاڻي وڃي ڳالهيون رهيون، پر ڳالهيون به اهڙيون جي وسرڻ جهڙيون نه!!

علامه قاضي صاحب جڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر هو، پاڻ ڪار ڪانه ورتائون، صبح جو وڪٽوريا بگيءَ ۾ ايندا هئا ۽ آفيس جو ڪم پورو ڪري وري به وڪٽوريا بگيءَ تي چڙهي موٽي ويندا هوا. پروفيسر شيخ جو مسلم هاسٽل ۾ واردن هو، جنهن جو ذڪر اڳ ۾ ڪري چڪو آهيان، پٽائيءَ جي ميلي تي آيو، ٻئي جي ايم سيد وٽ رهيل هواسين. مون کي چيائين، "قاضي! جڏهن تون هاسٽل ۾ پڙهندي هئين، تڏهن به قاضي صاحب جا ليڪچر ٻڌا هئئي، هاڻي اسانجي يونيورسٽيءَ ۾ ڌار ڌار ڊپارٽمينٽن جا ليڪچر ٿيندا آهن. ڪڏهن مئٿيميٽڪس تي، ڪيمسٽريءَ تي، فزڪس تي، هسٽري تي، انگلش لٽريچر تي، عربي تي، پارسي تي ۽ ٻين سبجيڪٽن تي ۽ سڀني

جي صدارت قاضي صاحب ڪندو آهي. جڏهن اسين هيڊس ۽ ٻيا پروفيسر ڳالهائي بس ڪندا آهيون، پوءِ قاضي صاحب پنهنجا صدارتي خطبا ڏيندا آهن ته اسين حيران ٿي ويندا آهيون ته لا جو بئريسٽر هن کي ايڏو علم ڪيڏانهن آيو جو اسان کان به گهڻو اڳتي وڌي ٿو وڃي.

مان مهيني ۾ هڪ يا ٻه دفعا ضرور حيدرآباد ۾ سندن زيارت ڪندو هوس. هڪ ڏينهن سندن جاءِ تي ويس. پاڻ به آيا. مدر مسز قاضي به اچي ويٺي. اچ امڙ جو ٻيو موڊ هو. اچڻ سان مون کي چيائين، "تون بي شرم آهين! توهان کي ڪو شرم ڪونهي!!" علامه صاحب خود به حيران ٿي ويو. انگريزيءَ ۾ امڙ کي چيائين، "پياري! فيض محمد ويچاري تنهنجو ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي؟"

چيائين، "مون کي لطيف جي زبان گهرجي ۽ نه اردو."

علامه صاحب وراڻيو، "پر غريب فيض محمد ڇا ڪري؟"

امڙ سنڌي به ڳالهائيندي هئي، اڳ ۾ ته ڪڏهن سنڌي ڳالهائيندي ڪونه ٻڌو هومانس. آخري ڏينهن ۾ گهرواري ۽ منهنجا ننڍي ۾ ننڍا ٻچا به اسان سان هوا. جاويد ۽ تسنيم ـ جاويد تمام ننڍو هو. تنهن کي منائي هٿ ۾ ڏئي چيائينس، "منو ڪاءُ! منو ڪاءُ."

هڪ ڏينهن ڪين ڏاڍو اداس ڏٺم. دل ۾ خيال پيدا ٿيو ته شايد ڪين پيسي جي تڪليف آهي. هي تڏهن جي ڳالهه آهي جڏهن استعيفا ڏئي اچي گهر ويٺا. نواب شاهه وڃي هڪ چيڪ ڪجهه رقم جو ۽ خط ڏانهن ڏياري موڪليم. شڪريه جو خط ٿورن لفظن سان ٻن ڇئن ڏينهن ۾ پهچي ويو. ڪين خط ۾ لکيو مان ته اسين سندس ڪيترا روحاني پٽ آهيون، جي ٿورو اسين ڏانهنس موڪليون ته نه اسان کي تڪليف پهچندي ۽ نه ڪين. ٻن هفتن کان پوءِ وڏو خط پهتو ۽ مون وارو چيڪ به ان سان گڏ موٽي آيو.

مختصر مطلب اهو هو ته مان ٻچڙيوال هوس ۽ خود غريب هوس، پنهنجي لاءِ لکيائون ته اجان ڪين گذر سفر لاءِ چڱو ڪجهه آهي، چيائون دعا ڪريان ته ڪنهن جي اڳيان هٿ ڊگهيرڻو نه پوي ۽ ان کان

اڳ ۾ مري وڃن.

خير منهنجي دل کي تسلي نہ ٿي، مان بروهيءَ سان ڳالهہ ڪئي تہ قاضي صاحب جي مالي حالت خراب آهي. هن مون کي تسلي ڏني تہ هو تمام گهڻو ٿو ڪمائي ۽ قاضي صاحب کي ڪنهن بہ تڪليف ۾ ڏسڻ هو برداشت نہ ڪندو. بروهيءَ صاحب پنهنجي نياڻيءَ جي شادي ڪرائي، ڏيءَ ۽ نياڻيءَ کي قاضي صاحب جي زيارت لاءِ وٺي وڃڻ جي اجازت گهريائين. مقرر ڏينهن تي قاضي صاحب جن وٽ ويو، شايد قاضي صاحب جي مدد لاءِ سوکڙي جو منهن ڪري، وٽن هڪ سونو ٿي سيٽ ڪٽي ويو. يعني گهڻو ڪري تري، ڪوپ، ساسر ۽ ٻيا ٿپڙ سڀ سونا هوا.

امڙ ايلسا هي سونو سامان ڏسي حيران ٿي ۽ چڙ ۾ ڳاڙهي ٿي وئي، چيائين، ”بروهي! هيترو وقت اسان سان تنهنجو رستو رهيو! تو اڄ ڏينهن تائين اسان کي نہ سڃاتو! اسين مرون تہ اسان جي گهر مان سون نڪري، اهو ڪيئن ٿي تو سگهي؟“

بروهي ويچارو، ڏاڍو مونجهو ٿيڻ لڳو. قاضي صاحب امڙ ايلسا کي چيو تہ سيٽ وٺي رک. لاچار سيٽ وٺي رکيائين، حمزو خان قريشي هيءُ اسانجو پيارو دوست ۽ پاڻ وٽس آيو. ان کي سونو سيٽ موٽائي ڏنائين، جنهن وڃي بروهيءَ کي پهچايو.

علامہ صاحب ولايت مان لکن جو يونيورسٽيءَ لاءِ سامان وٺي آيو. يونيورسٽيءَ وارن چيو تہ توهان جي وڃڻ ۽ ولايت ۾ رهڻ ۽ اچڻ جو بل اٽڪل ويهہ يا ٽيهہ هزار روپيا ٿيندو اهو وٺو. قاضي صاحب وٺڻ کان انڪار ڪيائون، چيائون تہ اسانجو ارادو گهمڻ جو بہ هو، تنهن ڪري هي پئسا وٺڻ حرام ٿيندا، انڪار ڪري ڇڏيائون.

خانبهادر غلام علي جو بہ سينيٽ جو ميمبر هو، تنهن کي خبر پئي، خانبهادر جي پارسي بيبيءَ سان قاضي صاحب شادي ڪرائي هئي. خان بهادر قاضي صاحب سان هجائتو هوندو هو، ويهہ هزارن جو يا مٿي چيڪ وٺي، قاضي صاحب جي اڪائونٽ ۾ داخل ڪرائي ڇڏيائين.

قاضي صاحب پنهنجو اڪائونٽ تپاسيو. ڏنائون تہ ويهہ هزارن ڪان بہ مٿي رقم ڪٽان آئي، جڏهن ڪين حقيقت جي خبر پئي، سمورا پئسا يونيورسٽيءَ کي موٽائي ڏنائون. ڳالهيون تمام گهٽيون آهن، ڪهڙيون ڪري ڪهڙيون ڪجن.

مان هن عرصي ۾ سياست کان منهن مٽائي ماٺ ڪري ويهي رهيس. هڪ تہ ايوب خان جمهوريت ختم ڪري ڇڏي. ٻيو ڪجهہ صدما بہ پهتا. هاري ڪاميٽيءَ ۾ يا اين اي پي گهٽو واسطو ڪميونسٽ دوستن سان هو، پر ڏسندو هوس تہ هو سمجهندا هوا تہ اسين مهرا آهيون. اسانکي هو ڪم آڻيندا، جيستائين ڪم جا آهيون، پوءِ لت هڻي ٻاهر ڪڍي ڇڏيندا.

شيخ عبدالمجيد سنڌي، سنڌ جو صدر ۽ آءٌ جنرل سيڪريٽري هوس، هي دوست مون وٽ آيا چوڻ لڳا تہ جيئن تہ شيخ صاحب پوڙهو ٿي ويو آهي، تنهن ڪري مان صدر ٿيان ۽ باقر شاهہ جنرل سيڪريٽري ڪري ڪٿجي. مون کي ڌاڍو ڌڪ ٿيو تہ شيخ صاحب جهڙي ماڻهوءَ جي مخالفت ڪيان، هنکي ڪڍي ڇڏجي، چاڪاڻ تہ ڪميونسٽ دوستن کي پسند ناهي،مون کي ڌاڍو صدمو پهتو. هونئن بہ هي دوست پاڻ ۾ ويهي فيصلو ڪندا هوا، پوءِ ٻاهر اچي هاري ڪميٽي نيشنل عوامي پارٽي ۾ فيصلو اسان تي مڙهيندا هوا، تنهن ڪري هيءَ پارٽي ڇڏي ڏنم. سمجهيم تہ ڪميونسٽ دوست بہ ملا آهن، جيڪي هي صحيح سمجهن، اهو صحيح آهي. شيخ سنڌي، جي ايم سيد، يا ڪو ٻيو جيڪڏهن ڪميونسٽ نہ آهي تہ پوءِ هو انهن ماڻهن کي ڪم آڻيندا. ڪيتري بہ هنن سان رفاقت هجي، ڪيترو بہ پاڻ پتوڙيو، پر جيڪڏهن ڪو هو پاڻ ۾ فيصلو ڪندا تہ رفاقت جو خيال ڪونہ ڪندا. هنن ماڻهن سان جند ڳاڙڻ اجايو آهي، هنن جو خاص واسطو ڪميونزم سان آهي. انسانيت، آزادي، جمهوريت صرف هنن جي زبان تي آهي، هي بہ هڪڙي گروه جا مال آهن، تنهن ڪري سمجهيم تہ نيڪ ائين ٿيندو تہ ماٺ ڪري ويهي رهجي. مولانا ڀاشاني ڪراچيءَ ۾ عثمان وٽ اچي لٿو. مان

مليومانس پنهنجي مجبوري ڏيکاريم.

مولانا ڀاشانيءَ سان ٻه چڱو وقت گذاريوسين. سنڌ جي دوري تي جڏهن خان عبدالغفار خان، مولانا ۽ ٻيا دوست نڪتا هوا. ڪوٽڙي اسٽيشن تي ورڪر آجيان ڪرڻ آيا. حلواڻ ڪپڙي جا وڏو ٽڪرو ٻن لنين ۾ هو، جنهن تي لکيل هو، ”الله آڻج اوءِ، جن آئي من سرهو ٿئي.“ مان جڏهن ڪين معنيٰ سمجهايم ته خان عبدالغفار مولانا کي چيو ته، ”قاضي صاحب ڪميونسٽ نهين هين.“ مولانا کلي چيو، ”درست“ مولانا سنڌ جا وڏا ميدان ڏسي، دل جي حسرت مان چوڻ لڳو، ”ڪيسي هوتا اگر هم بنگالي يهان لاتي“ سنڌ جون زمينون، سنڌ جي دولت، سنڌ کي تباهه ڪيو آهي.

ائين پئي وقت گذريو. بنگلو بہ نهي اچي راس ٿيو. هڪ ڏينهن گهر ۾ وينو هوس، نصرالله خان جو اڳ ٻڌڪ جو صدر هو ۽ هاڻي گڏيل محاذ جو نائب صدر. مونکي تارڪئي تہ سهروردي صاحب بيمار پيو آهي، توکي ياد ٿو ڪري. اهڙي منڙي ماڻهوءَ جي تار اچي ۽ مان نہ اچان. ڪيس اچي اسپتال ۾ مليس. انهيءَ زماني ۾ سندس ڏيءَ جي گهر ۾ سيني سياسي پارٽين جي ليڊرن جي ميٽنگ ٿي رهي هئي. چيائين تہ "نئپ تہ توکي عيوضين ۾ نامزد ڪيو آهي. مان توکي عوامي ليگ جي طرفان نامزد ڪريان ٿو ۽ ميٽنگ ۾ شريڪ ٿياسين. سهروردي صاحب بيمار هو، انهيءَ ڪري شريڪ ٿي نہ سگهيو. اسان سڀ شريڪ ٿياسين. مان ڏاڍي جوشيلي تقرير ڪئي، عطاءُ الله مينگل بہ هو، سنڌيءَ ۾ چيائين تہ اهڙو گرم نہ ٿيان، پہ ڏينهن ميٽنگ ۾ حاضر رهيس.

پڇاڙيءَ واري ڏينهن رهي نہ سگهيس، ڳوٺ هليو ويس، انهيءَ ڏينهن تي هڪ ٺهراءُ پاس ٿيو ۽ سيني ليڊرن تي ڪيس ٿيو جو ٽي چار سال هليو. سينيکي جيلن ۾ وجهي ايوب خان کين دربدر ڪيو. انهيءَ کان پوءِ مان هڪ سيني پارٽين جو ميڙ نواب شاهہ ۾ ڪوٺايو، جنهن ۾ گهڻو ڪري سنڌ جا ننڍا ليڊر آيا. محمد علي قصوري، ميجر اسحاق، آخوند شفيع محمد، مير علي بخش، حفيظ قريشي ۽ ڪيترا ٻيا ليڊر آيا. سهروردي صاحب ترمذي کي موڪليو. عثماني سڄي سنگت سوڌو آيو.

شهر ۾ جلسو ڪيوسين. انهيءَ کان پوءِ جلد سهروردي وفات ڪري ويو.

انهن ڏينهن ۾ صدارت لاءِ اليڪشنون ٿيڻيون هيون. مخالف ڌروارن اميدوارن بيهارڻ لاءِ ميٽنگون ڪيون پر مان شريڪ نه ٿيس. آخر محترمه فاطمه جنهن کي مخالف ڌروارن اميدوار ڪري بيهاريو. مير رسول بخش، مير علي احمد وارن مونکي به چيو ته آئون مادر ملت جي لاءِ ڪم ڪريان، مان تمام گهڻي دلچسپي ورتي. نواب شاهه ضلع ۾ اليڪشن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ مونکي به ڪنيو ويو ۽ گهڻو ڪري سڄي اليڪشن جي پوئواري مان ئي ڪئي. موٽر پنهنجي هوندي هئي ۽ ڪم ڪندو رهيس. جوند واري ڏينهن سڄي ضلع کي چڪر ڏيڻو هو، موري ۾ ميان غلام قادر ڏاهري سان منهنجو ٺورو تڪرار ٿي پيو، ڇاڪاڻ ته هو پولنگ اسٽيشن جي در تي بيهي ووٽرن تي زور آڻي رهيو هو. مان ايس پي کي پڪاريو جنهن غلام قادرکي اتان هٽائي ڇڏيو. جڏهن نواب شاهه ڏي موٽر ۾ موٽي رهيو هوس ته ووٽرن جي ڪٽنب ٿيندي رهي.

انهيءَ زماني ۾ ٻي سياست ته ڇڏي ڏنم پر هارين سان جو نينهن اٿم سو پاڙيندو رهيس. ڪامريڊ حيدر بخش ارادو ڏيکاريو ته هاري ڪاميٽيءَ کي مضبوط ڪجي،مون موٽر حاضر ڪئي ۽ سڄي سنڌ جي دوري تي نڪتاسين.مرحوم باقر شاهه به اسان سان نواب شاهه ايندو هو ۽ رشيد صاحب جنهن جو واسطو نئپ سان رهندو آيو، ان وٽ پارٽي جي ڪم سان ايندو هو. پر مون سان ڪڏهن، ڀيرو ڪونه پڳائين. اهو سمجهان ٿو ته ڪامريڊ حيدر بخش جو آخري دور هو، هالاڻيءَ منهنجي ڳوٺ پهتاسين. حيدر بخش کي بنگلي ۾ رهايم، منهنجو ڀائٽيو آصف علي، غلام هاديءَ جو پٽ تنهن شرارت ڪري منهنجي منهن تي منهنجي امان کي چيو ته مان حيدر بخش سان گڏ سڄي سنڌ جي چڪر تي وڃان پيو. آصف مون کي بابو ڪري سڏيندو آهي. چيائين، ”جيجل! بابو هاڻي قيد ۾ پوندئي!!“

امان کي خبر هئي ته مان هاڻي سياست کان پري آهيان، هي ٻڌي درد مان دانهن ڪيائين، ”فيض! هاڻي مان مرڻ واري آهيان،

تنهنجو جيل ۾ وڃڻ منهنجو موت ثابت ٿيندو! مان مري وڃان پوءِ تنهنجي مرضي.“ خير سنڌ جو چڪر هڻي واپس آياسين.

امان جيجل اسان کان موڪلايو. اها رات جڏهن منهنجي امڙ دم ڏنو، الائي ڪهڙي رات هئي. سڄي رات سندس کٽ جي پرسان سمهي پيس. ننڍڙي هوندي کان وٺي منهنجي پيريءَ تائين مون سان گڏ هئي. منهنجي ڏکن جي ساٿياڻي مون کان جدا ٿي وئي: اهي ڪوٺ، اهي ماڙيون، جت منهنجي امڙ ڄائي هئي، مان ڄائو هوس، اهي ويران ٿي ويا. اهو آواز جو مونکي ”فيض“ ڪري سڏيندو هو، اهو هميشہ لاءِ اجهامي ويو. جڏهن ڪيس دفنائي موٽياسين، منهنجو پاءُ محمد لائق، امڙ ڪانسواءِ گهر ڏسي، ايڏو تہ ڪومائجي ويو جو بيهوش ٿي ڪري پيو. چوندي هئي تہ شل منهنجا چارئي پٽ جيئرا هجن ۽ پاڻ ڪنهن جي اگهائي نہ ڏسي. اسين چارئي سندس ڪانڌي ٿيون. جيجل جي وصيعت پوري ڪئي سين. مٿن کان مان ۽ محمد ابراهيم ڪلهو ڏنو ۽ پيرن کان محمد لائق ۽ غلام هادي. ننڍڙن ٻارن وانگر واڪا ڪري رنوسين. پر هيءُ هن دنيا جو دستور آ، مئن ڪاڻ ڪوئي ڪونہ مرندو، بس مئو ماڻهو ڇڻ تہ ڪو مسافر هو، روزانو وڃي دور ٿيندو. دور! دور! تمام دور!! منهنجي جيجل امڙ بہ اسان کان دور ٿي وئي.

محترم جي ايم سيد حيدرآباد ۾ ميٽنگ سڏائي هئي، مان ميٽنگ ۾ حاضري ڏني، پر حيدرآباد اچان علامہ صاحب کي نہ ڏسان. تنهن ڪري علامہ صاحب جي جاءِ تي ويس، وڃي ڏٺم تہ هيءَ اسانجي منڙي امڙ ايلسا بہ اسان کان اڳئي موڪلائي چڪي هئي. دردن پنيان درد. علامہ صاحب ڪنهن کي اطلاع ڪونہ موڪليو. يونيورسٽيءَ وارن چيو تہ ڪين جلوس ۾ قبرستان کڻي هلن. قاضي صاحب انڪار ڪيو. جسٽس خميسائي ڪراچيءَ مان سندس بنگلي تي پهچي ويو ۽ ٻيا ڪيترا معزز ماڻهو آيا. تن سڀني کي ٻاهر چوائي موڪليائين تہ سندن مهرباني پاڻ ڪنهن سان ملي ڪونہ سگهندو ۽ پاڻ پلي واپس وڃن،سندن وڏي نوازش. فقط اسان سندس پراڻا پيارا پٽ اتي هواسين،

اسان وجي منڙي امان ايلسا کي حافظ صاحب جي پرسان دفنايو. جت کين امانت ڪري رکيو ويو. چاڪاڻ تہ کين قاضي صاحب سان پرسان دفنائڻو هو.

جلدي ويچاري فاطمہ جناح بہ وفات ڪري وئي. منهنجي ننڍڙي تسنيم مون کي چوڻ لڳي، اٽڪل پنجن سالن جي هئي، ٻاراڻي واري پاڪ آواز ۾ چيائين، "بابا! تنهنجي جيجل امان، تنهنجي منڙي امان، تنهنجي ڀيڻ واري امان، ٿئي مري ويون!" مان کيس چيو، "هائو پٽ، تنهي صلاح ڪئي هئي."

مان اها ڳالهہ ڇئي اچي قاضي صاحب کي ٻڌائي، ٻڌي غمگين ٿيو ۽ مرڪي مون ڏي ڏسڻ لڳو.

آخر ملڪ ۾ هڪڙي تحريڪ شروع ٿي وئي. انهيءَ وقت ۾ لاهور ۾ آل پارٽيز ڪانفرنس سڏائي وئي. مان تہ هاڻي ڪنهن بہ پارٽي سان ڪونہ هوس. آرام سان وينو هوس. نانءَ چڙهيو چور ڦاهي ڪائي، منهنجي پياري ۽ پراڻي دوست جعفر خان جمالي، منهنجي دوست شان بخاريءَ کي موڪليو تہ مون کي لاهور وٺي هلي. مان اتي ون يونٽ جي برخلاف پمفليٽون ڇپائي ويو هوس، جلسي جلوس ۾ هلياسين. مولانا جان محمد اسلامي جماعت وارو، عبدالغفور ٻرٻڙي، اسين گڏ لاهور هوٽل ۾ رهيل هواسين. ڏاڍيون ڪچهريون ڪندا هواسين. سنڌ مان آيل دوستن مونکي سبجيڪٽ ڪاميٽي تي کڻايو. چوڌري محمد علي تہ منهنجو اڳ ۾ واقف هو، مولانا مودودي ۽ ٻين ليڊرن سان سي اڳ واقف ڪونہ هوا، تن سان واقفيت ٿي.

جلد ايوب خان جي خلاف تحريڪ شروع ٿي وئي. انهيءَ زماني ۾ قمرالزمان ۽ ترمذي، شيخ مجيب جو نياپو کڻي مون وٽ نواب شاهہ آيا ۽ اچي منهنجا مهمان ٿيا. شيخ صاحب چوائي موڪليو تہ مان عوامي ليگ ۾ شرڪت ڪيان ۽ عوامي ليگ ون يونٽ جو ٽوڙائڻ بہ پنهنجي پروگرام ۾ رکندي، مون کي اعتبار ۾ نہ پيو اچي. قمرالزمان چيو تہ مان ڍاڪا ۾ ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ ۾ شريڪ ٿيان ۽

اهڙو ٺهراءُ ميٽنگ ۾ پاس ڪيو. جيڪڏهن ائين ڪيو وڃي ته عوامي ليگ داخل ٿيان نه ته نه. شان بخاري ۽ ٻيا دوست وڃي ڍاڪا ۾ پهتاسين. شيخ صاحب جيل ۾ هو. اهڙو ٺهراءُ پاس ٿيو ۽ مان پوءِ پنهنجي وڌل شرط پوري ٿيڻ تي عوامي ليگ ۾ شريڪ ٿي ويس، بس پوءِ هر مهيني بنگالي مون وٽ يا مان بنگالين وٽ. سڄي مشرقي بنگال ۾ ڦرياسين. هڪڙي دفعي امداد محمد شاهه، پير يونس، ترمذي ۽ ٻيا دوست سڄي اوپر واري حصي ۾ ڦرياسين.

سيني پارٽين گڏيل محاذ ناهيو. پٽو صاحب ڊئڪ ۾ شريڪ ڪونه ٿيو. مونکي مغربي پاڪستان جي ڊئڪ جي ڪائونسل تي عوامي ليگ جي پاران ڪنيو ويو. هاڻي لاهور عام جام پنڌ ڪرڻا پيا. وري اچي پراڻا ساٿي ملياسين. محمود علي قصوري، شوڪت حيات ۽ ٻيا ڪيترا.

راڳ ۽ حسن، هڪڙي طرح ٻئي هڪ ڳالهہ آهن. راڳ ڳلي جو حسن آهي ۽ حسن صورت جو، مورت جو حسن آهي. راڳ احساسات جو ترجمان آهي. حسن قدرت جي تجلي جو جلوو آهي. راڳ ڪنن جي رستي دل تي قبضو ڪري، حسن اکين جي رستي دل تي حملو ڪري. شل نہ ٻئي گڏ ٿين. جي گڏ ٿين ۽ وري ناچ بہ گڏجي وڃي تہ پوءِ ٿيا مڙئي خير. ناچ، پيرن، هٿن، مشڪن، رڳن، اکين جي هلچل جي زبان آهي. اهي ٽئي حسن جا پهلو قدرت انسان کي عطا ڪيا. ٻي ڪابہ اهڙي مخلوق ڪانہ آهي، جت هي ٽئي سوغاتون گڏ هجن. ويچاري دل، دل بہ انسان جي ڇا ٽنهي جي شڪار لاءِ خلقيائين. راڳ، حسن، ناچ ۽ دل، هي ڇاهي؟ ڇو آهي! بس منهنجي زندگي انهن جي چوڌاري ڦري.

راڳ جي ڳالهہ انهيءَ ڪري ٿو ٻڌايان تہ راڳ مون کي ٻي دنيا ۾ وٺي ويو. پاڻ بہ ڳائيندو هوس ۽ ڳائيندو آهيان، راڳ وڄائيندو هوس ۽ وڄائيندو آهيان. منهنجي زندگي جو نهايت ئي پيارو ساٿي، مان تہ راڳين ۽ راڳڻين سان گڏ روئندو ۽ کلندو آهيان.

انهيءَ راڳ منهنجو گهڻن سان ناتو اڙايو. مکڻ ناچو، ارباب ۽ موسو شهنائيءَ وارا، بيگم نڇڻ واري، اوستاد الهڏنو خان ۽ اوستاد بڙي غلام علي خان. هنن سان منهنجا شخصي دوستانا تعلقات ٿيا. هنن جو ذڪر ڪري چڪو آهيان. اوستاد غلام علي خان منهنجو پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ واقف ٿيو ۽ مون وٽ نواب شاهہ ۾ رهيو بہ. سندس ڀاءُ برڪت علي خان بہ منهنجو مهمان ٿي رهيو ۽ مان وٽن مهمان ٿي رهيس.

راڳ، حسن، ناچ، شعر شاعري ۽ ٻيا اهي ڪردار جن سان ٻئي جي دل راضي ٿئي، اهي ڪن سڀاڳن ماڻهن وٽ هوندا آهن. حسن وارو ٻه سون ۾ هڪ ضرور ٿئي، پري گلي وارو هزارن ۾ هڪ ٿئي.

نَنڍي هوندي، مبارڪ علي خان، مراد علي خان، بچايو خان، سيندو خان ٻڌم، پنڊت اٿڪرنات، ڀڳت ڪنور رام ٻڌم، جيوڻي ٻڌم. هن زماني ۾ جنهن جو ذڪر ڪري رهيو آهيان، يعني ايوب خان جي حڪومت واري زماني ملڪ ۾ راڳ روپ مروج ڪيو ته جيئن ماڻهو هنن رنگن ۾ مشغول هجن. انهيءَ ڪان ٿورو اڳ اسان سلامت ۽ نزاڪت ڪي نواب شاهه گهرايو. هن دور ۾ اقبال بانو، فريده خانم، امانت ۽ فتح علي نواب شاهه آيا ۽ ساڻن چڱي واقفيت ٿي وئي. منظور علي خان ۽ الهڏنو خان ٻه مون وٽ ايندا هوا. اميد علي خان کي ٻه هڪ دفعي گهرايو هئوسين. پيرل فقير، بخشڻ فقير ۽ ٻيا راڳ جا ماهر ۽ سازيندڙ صاحب، نه فقط منهنجا واقف هوا. پر هو مون وٽ ايندا هوا ۽ مان هنن کي پيارو هوس ۽ هو مونکي پيارا هئا.

ايوب جو آخري دور ۽ ذوالفقار علي ڀٽي جو اسرڻ به هڪ دور آهي، جنهن سان منهنجو واسطو رهيو. ڀٽو صاحب جڏهن بئريسٽر ٿي سنڌ ۾ آيو. انهيءَ وقت کان وٽي منهنجي ساڻس واقفيت ٿي. ڪامريڊ حيدر بخش جي ڪيس ۾ ٻئي وڪيل هواسين. انهيءَ زماني ۾ مان سهرورديءَ سان عوامي ليگ ۾ هوس. مون ڪان هاءِ ڪورٽ ۾ هواسين جت صلاح ورتي هئائين ته عوامي ليگ ۾ شامل ٿئي يا نه. مون کي سهروردي صاحب جي خبر هئي ته ماڻهو تمام سنو ۽ پيارو هو پر پارٽي هلائڻ ۾ اصول وغيره وقت سر توڙي ڇڏيندو هو. ڀٽو صاحب نئون بئريسٽر ۽ هڪ اهم خاندان جو فرد مون ڪيس صلاح ڏني ته عوامي ليگ ڀٽي صاحب لاءِ ٺيڪ نه ٿيندي، پوءِ هو عوامي ليگ ۾ نه آيو. وڏيڪ مان چئي نٿو سگهان ته عوامي ليگ ۾ شامل ڇو نه ٿيو. رب ئي پنهنجا ڳجهه ٿو ڄاڻي. سياست هڪ ماڻهوءَ جي عمل، عقل يا ارادي سان ڪانه ٿي هلي سگهي.

جڏهن مارشل لا لڳڻ کان پوءِ سينٽرل گورنمينٽ ۾ وزير ٿيو ۽ نواب شاهه ۾ قاضي احمد ۾ رئيس علي نواز وٽ مهمان ٿي آيو. تڏهن سميع قريشي ڊپٽي ڪمشنر هو. تنهن جي معرفت ملڻ لاءِ مون کي قاضي احمد ۾ گهرايائين. ڏاڍي محبت سان مليو. جڏهن به تعريف جوڳو ڪم ڪندو هو ته مان کيس همٿائڻ لاءِ خط وغيره لکندو هوس، جنهن جو ترت جواب ڏيندو هو. اهڙي طرح سان اسانجا تعلقات رهيا.

جڏهن وزارت ڇڏي ڪراچي آيو ته منهنجي سندس جاءِ تي ساڻس ملاقات ٿي ۽ پوءِ ٻيا ملندا هواسين. جڏهن فارين منسٽر هو، تڏهن به ملاقاتون ٿينديون هيون.

مير صاحبن سان منهنجو پراڻو رستو آهي. انهيءَ ڏينهن مير علي احمد، حيدرآباد ۾ پيٽي صاحب ۽ اسانجي دعوت ڪئي هئي. محمود علي قصوري، شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ مان ان دعوت ۾ شريڪ ٿياسين. نئين پارٽي ناهڻ جي ڳالهه نڪتي. مان هن دفعي کيس عوامي ليگ ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني. جا کيس منظور نه هئي. انهيءَ ڏينهن شام جو يا ٻئي ڏينهن پريس ۾ پيپلزپارٽيءَ جو اعلان ڪيائين.

ٿوري وقت گذرڻ بعد پارٽيءَ جون شاخون برپا ڪرڻ لاءِ پيٽو صاحب، مير رسول بخش، ڪر صاحب، حفيظ قريشي ۽ ٻيا دوست ساڻس گڏ سنڌ جي دوري تي نڪرڻا هوا. وقت ڏاڍو عجيب هو. ايوب خان جو زور هو. پيٽي صاحب جا اڳيان زميندار سنگتي پيڇي ويا. مونکي حيدرآباد مان فون ڪيائون ته هو نواب شاهه اچڻ گهرن ٿا. مان کين چيو ته منهنجي اکين تي اچن. جيڪڏهن سندن ميزباني ڪرڻ ۾ ڪا سزا ملي ته مڙئي خير هو. اسين سزائن جا اصل کان عادي آهيون.

ڇئن پنجن موٽرن تي همراهه اچي نواب شاهه نڪتا. بنگلو ته شهر کان ٻاهر به هوم، پر ڪم از ڪم مونکي انديشو هو ته متان ڪو دشمني ڪري ڪجهه ڪري وجهي. تنهن ڪري ٻار سڀ هيٺئين گهر مان ڪڍيم. رات جو ڊنر ڪئي سين، جنهن ۾ شهر جا سئو به سئو ماڻهو گهرايم، گهر کان ٻاهران شاميانو هڻايم.

رات جو پتو صاحب مون وٽ رهيو. پاڻ مهرباني ڪري مون کي پارٽيءَ ۾ اچڻ لاءِ دعوت ڏنائون. مون مجبوري ظاهر ڪئي، جيم تہ شيخ مجيب الرحمان مونسان انجام ڪيو آهي تہ هو ون يونٽ ٽوڙائيندو. منهنجو عوامي ليگ کي ڇڏڻ مناسب نہ ٿيندو. سندس پارٽي نواب شاهہ ۾ شروع ڪئي سين. منهنجا گهڻا دوست ۽ شاگرد ساڻس پارٽيءَ ۾ شامل ٿيا. ميان امداد محمد شاهہ بئي ڏينهن ٽي وڏي ڌوم ڌام سان دعوت ڪئي.

هائي پٽي صاحب جي ٻاهر اچڻ سان ۽ هن جي جدوجهد، ايوب خان لاءِ ڏکيا ڏينهن آندا. مان عوامي ليگ جي طرفان ڊئڪ ۾ داخل ٿيس. هن ڪان پوءِ لاهور اچڻ وڃڻ جام ٿيو. نوابزاده نصرالله سان پڻ ملاقاتون ٿينديون رهيون. لاهور ۾ سينٽرل ڊئڪ جي ميٽنگ ٿي ۽ شيخ مجيب جي آزادي جي گهر ڪئي. ايوب خان سڀني پارٽين کيس سڏائي پڌڻ لاءِ تيار ٿيو. آخر شيخ صاحب آزاد ٿيو ۽ راولپنڊي ۾ آيو. اسان بہ اتي هئاسين ۽ مشرقي پاڪستان گيسٽ هائوس ۾ رهياسين. ايوب خان وٽ ميٽنگ ٿي. اها ميٽنگ مهمل ٿي وري ٻي ميٽنگ جي تاريخ مقرر ٿي. اسان سنڌ مان گهڻائي لاهور وياسين. جي ايم سيد، شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ شاهہ صاحب جا جهونا دوست بہ لاهور آيا.

ڊئڪ جي ميٽنگ ٿي. ون يونٽ جو سوال بہ اٿيو. ٻين پارٽين اهو فيصلو مشرقي پاڪستان وارن تي رکيو. بنگالي انهيءَ وقت سڀ هڪ ٿي ويا. ڪجهہ حق جي ڳالهہ هئي، پر ان سان گڏ مشرقي پاڪستان جي فائدي جي ڳالهہ بہ هئي. ون يونٽ ڪري سڄو مغربي پاڪستان ڄڻ پنجاب ٿي ويو هو. انهيءَ ڪري بنگالين جي فائدي جي ڳالهہ اها هئي تہ ون يونٽ ٽٽي ۽ ننڍا صوبا وري زندگي وٺن. ائين ڪرڻ سان بنگالين کي هتان مدد ملندي. پنهنجي ۽ ٻين ننڍن صوبن جي مدد سان نہ فقط پنهنجا حق ملندا، پر هو سڄي پاڪستان تي پڻ حڪومت ڪري سگهندا.

انهيءَ ڪري بنگالي سڀ هڪ ٿي ويا تہ ون يونٽ ٽوڙيو وڃي.

شيخ صاحب مون کان انگ اکر گھريا. خاص طرح سان بلوچستان لاءِ اعتراض تہ اهو صوبو اقتصادي ڳالهين ڪري خود مختيار صوبو ٿي نہ ٿي سگھيو. مان ضروري انگ اکر شيخ صاحب کي ڏنا. راولپنڊيءَ ۾ سڀ وياسين. مون سان امداد محمد شاهہ گڏ هو.

ايوب خان ٻين گھرن سان گڏ ون يونٽ ٽوڙڻ واري رٿ پڻ قبول ڪئي. ايوب خان جي خلاف تحريڪ زور وٺي وئي. آخر ڪيس گادي ڇڏڻي پئي ۽ يحيٰ خان گادي تي ويٺو. اچون پنهنجي سفر جي ڳالهہ تي. پنهنجو سفر منهنجي منزل مالڪ اصل سورن سان گڏ مقرر ڪيو هو. سنڌ واسطي ۽ سنڌي عوام جي بهتريءَ لاءِ ڪم ڪرڻ معنيٰ پنهنجن ۽ پراون جي موچڙن کي سڏ ڪرڻ. هيءَ تہ عشق جي ڳالهہ آهي. سنڌ ڪيئن وسري؟!

انهيءَ کان شيخ صاحب جي آزاد ٿيڻ کان اڳ ۾ ڍاڪا ڏي اچڻ وڃڻ جام ٿيڻ لڳو. مان ڍاڪا ۾ هوس، امداد محمد شاهہ، پيربونس مون سان گڏ هوا، جو اسان کي علامہ صاحب جي وفات جي خبر پئي. اتان اچڻ ۽ سندس جنازي جي نماز ۾ شامل ٿيڻ ڏاڍو ڏکيو هو. چاڪاڻ تہ خبرئي اسان کي انهيءَ ڏينهن پهتي، جنهن ڏينهن کين دفنايو ويو. خير روئي روئي راتيون گذاريم. مشرقي بنگال جو دورو مقرر هو. دل کي پرپائڻ لاءِ ٻهراڙيءَ ۾ نڪري پياسين. جيسور، بوگرا ۽ ٻيا ڪيترا شهر اتر ۽ اوڀر مشرقي پاڪستان جا گھمياسين. جلسا وغيره بہ ٿيا، موٽي سنڌ ۾ آياسين.

هاڻي شيخ صاحب آزاد ٿيو هو. عوامي ليگ جو ڪم چڱيءَ طرح شروع ٿي ويو. شيخ صاحب آل پاڪستان عوامي ليگ جي وڏي ڪانفرنس ڍاڪا ۾ گھرائي، سنڌ مان بہ وڏو جٿو وٺي وياسين، ٻين صوبن مان چڱا ماڻهو آيا. امداد محمد شاهہ، غلام نبي پناڻ ۽ ٻيا دوست بہ اتي هوا.

عوامي ليگ جو دستور تہ اسان اڳي ئي ناهي ڇڏيو هو، جو ساليانی ڪانفرنس ۾ منظور ٿيو. مان ٿورو دير سان ڍاڪا پهتس،

ترمذي ۽ ٻين دوستن کان شيخ صاحب پڇندو رهيو. مون کي ٻڌايو ويو تہ شيخ صاحب جي مرضي آهي تہ سينئر وائيس پريزيڊنٽ مونکي چونڊجي. آخر رات جو اهو فيصلو ٿيو ٻئي ڏينهن تي لکي ڪانفرنس ۾ چونڊون ٿيون. مون کي سينئر وائيس پريزيڊنٽ چونڊيو ويو. شيخ صاحب مون کي پنڊال ۾ اسٽيج تي مبارڪون ڏنيون. مون عرض ڪيو تہ آءٌ غريب ماڻهو ايڏا خرچ ڪيئن ٿي ڪري سگهيس. شيخ صاحب چيو تہ جيڪڏهن پاڻ وڏو وزير ٿيو يا جيل ۾ ويو تہ ٻنهي حالتن ۾ عوامي ليگ مونکي سنڀالڻي پوندي. خداکي تہ الائي ڇا منظور هو. مون کي شيخ صاحب چيو تہ ”تون اليڪشن ۾ بيهہ.“ مون انڪار ڪيو.

شيخ صاحب سنڌ ۾ آيو. ڪراچيءَ ۾ وڏو جلسو ٿيو. جي ايم سيد، ميترا پول ۾ سندس ائٽ هوم ڪئي. جنهن ۾ سنڌ جا وڏا وڏا ماڻهو شريڪ ٿيا. هيءَ دعوت عوامي محاذ سنڌ جي پاران هئي. فيصلو ٿيو تہ عوامي ليگ بہ شاهہ صاحب جي عوامي محاذ سان تعاون ڪندي.

اليڪشن جو زمانو اچڻ لڳو. ووٽرن جون لسٽون نهڻ جو حڪم ٿيو. مگر لسٽون اردوءَ ۾ نهيون هيون، شاگردن هلچل هلائي تہ سنڌ ۾ لسٽون سنڌيءَ ۾ ڇپجڻ گهرجن. لالا عبدالقادر شاگرد هن تحريڪ جي اڳواڻي ڪئي. مرڻ تائين روزي جو انجام ڪري روزي ۾ شروع ٿي ويو. حيدرآباد ۾ عوامي محاذ جو ڪم بہ شروع ٿي ويو هو. قاضين جي هوٽل ۾ هڪ وڏو جلسو ٿيو. مان تقرير ڪئي تہ اسانجا ٻچا سنڌ ۽ سنڌي زبان لاءِ روزا رکي رهيا آهن. اسانکي انهن جي همدردي ۾ ڪجهہ قرباني ڏيڻ گهرجي. مان ڇوڪرن جي همدرديءَ لاءِ وٽن ويندو هوس. اها هلچل سنڌ يونيورسٽي جي پراڻي ڪئمپس ۾ شروع ڪئي وئي. غلام مصطفيٰ شاهہ منهنجو پراڻو ۽ خاڪسار رفيق هاڻي وائيس چانسلر هو. جي ايم سيد هن تحريڪ جي مخالفت ڪئي. سندس خيال هو تہ ڊيپوٽيشن ٺاهي لاهور ۾ تعلق رکندڙ آفيسرن سان ملجي، پر اها رٿ اسانکي پسند ڪانہ هئي.

مان هڪ ڏينهن ڇوڪرن سان ملڻ آيس. اتي لالا عبدالقادر بہ

روزي ۾ وينو هو. مان تمام جذباتي ماڻهو آهيان. هن جي هيءَ حالت ڏسي مان اعلان ڪيو ته جيڪڏهن شاگردن جون گهرون قبول نه ڪيون ويون ته مان فلاڻي تاريخ تي مرڻ تائين روزي ۾ شريڪ ٿي ويندس. حڪومت ڪٿي ٿي ٻڌي. انهيءَ مقرر ڏينهن مان پنهنجي نياڻين جي گهر حيدرآباد ۾ آيس. غلام مصطفيٰ شاهه کي خبر پئي، مون کي چورائي موڪليائين ته مان وٽس وڃان، مان ته ڪونه ويس. پر پوءِ به خبر پيم ته هن جو ارادو هو ته مونکي ڪنهن طرح سان مجبور ڪري جو مان انهيءَ هلچل ۾ شامل ٿي نه سگهان. شام جو وڃي چوڪرن سان مان به روزي ۾ ويٺس، پوءِ تحريڪ ٻيو رخ ورتو. غلام محمد لغاري به اچي مون سان شامل ٿيو ۽ روزو رکيائين. هاڻي هيءَ عوامي تحريڪ ٿي وئي. مون مناسب نه سمجهيو ته اسين يونيورسٽيءَ جي ڪئمپس ۾ پيا هجون. ٻئي ڏينهن تي رات جو شاميانا يونيورسٽيءَ جي ٻاهران لڳاراياسين. ماڻهو به سون جي تعداد ۾ اچڻ لڳا. اسانجي مهاجرن ڀائن مخالفت شروع ڪئي. تحريڪ وئي وڌندي، رات جو وري اڌ رات اوچتو حملو ٿي ويو. اسان سمهيا پيا هواسين ته لٽ لنان ٿي وئي. مون کي به ڌڪ لڳا. پر غلام محمد کي گهڻا ڌڪ لڳا. انهيءَ کان هڪ ڏينهن اڳ ۾ ڪامريڊ حيدر بخش بيماريءَ جي حالت ۾ پاڻ ڪٽائي اسان وٽ ڪجهه وقت اچي وينو هو.

پوليس اسانکي زوري بسن ۾ چاڙهيو. اسان جا تپڙ ڪئمپ ۾ رهجي ويا. منهنجي نياڻيءَ جو ريڊيو جو مان ڪٽي آيو هوس. هن جو فيملي هنڌ منهنجي واچ مطلب ته ڪو پنجين سوين جو سامان پوليس وارا ڪٽي ويا. اسان کي اچي حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ هنيائون. انهيءَ کان به ڏينهن اڳ شيخ مجيب الرحمان جي تار آئي ته مان روزو ڇوڙيان. هو ڪوشش ڪندو ته اسان جون گهرون قبول ڪيون وڃن.

جيل ۾ وياسين، اسانکي انهيءَ بئرڪ ۾ رکيو ويو، جتي اڳ خان عبدالغفار خان به رهيو هو ۽ راولپنڊيءَ جي ڪيس وارا باندي به اتي رهايا ويا هوا.

فيض احمد فيض، ميجر اسحاق، جنرل اڪبر ۽ ٻيا. مان

حيدرآباد جيل ۾ اڳ ڪونہ رهيو هوس. هيءُ پهريون دفعي هو جو هي جيل نصيب ٿيو. صبح جو سپرنٽينڊنٽ آيو. جنهن ٻڌايو تہ نورخان وقت جي گورنر ڪيس فون تي چيو هو تہ اسان سان مروت سان هلڻ گهرجي. هن صاحب مون تي زور آندو تہ هاڻي جيل ۾ آيا آهيون، تنهن ڪري روزو بند ڪرڻ گهرجي، ٻيءَ ۾ صورت لاچار هن کي ڪجهہ اپاءَ وٺڻا پوندا. بهاولپور جو رهاڪو هو. اسان سان همدردي ڏيکاريندو هو. کٽ، ريڊيو وغيره مليو. کاڌي جو تہ سوال ئي ڪونہ هو. نارنگي جي رس پيئندو هوس. اها جيل وارا مهيا ڪري ڏيندا هوا.

ٻيا سڀ ڪڏي ڇڏيائون. باقي غلام محمد ۽ مان انهيءَ ونگ ۾ وڃي رهياسين. تحريڪ زور وٺندي وئي، هڪ ڏينهن ٻيو صاحب بہ اسان سان ملڻ آيو. اسان کي ڪمشنر نصرت وٽ گهرايائين. نصرت کي مان سمجهايو تہ ڇو اسين سنڌي ۾ لسٽون ٿا گهرون، هن شام جو رس جا گلاس اسان کي پيارايا.

هاڻي منهنجي حالت ضعيف ٿيندي وئي. هڪ رات جو تہ بلڪل سمجهي وينس تہ هاڻ جيئڻ مشڪل آهي ۽ جلد موت ايندو ۽ موت سان ملي مري وڃبو. ٿورو مون کي دل جي تڪليف بہ ٿي. ميڊيڪل ڪاليج جا شاگرد جن ۾ منهنجي ڪکي مائي خورشيد بہ هئي. تن جيل جي ٻاهران اچي نعرا هنيا. ٻئي ڏينهن ڊاڪٽر عباسي ۽ ٻيا ڊاڪٽر آيا، جن اچي مون کي تپاسيو، حالت خراب ڏسي مونکي اسپتال ۾ کڻي ويا، جتي بہ مونکي کاڌي کائڻ لاءِ چيو ويو پر مون نہ قبوليو. پنڌرهن ٿو روزي کي هاڻي اٽڪل ارڙهن ڏينهن ٿي ويا ها.

هڪڙيءَ رات ڊاڪٽر عباسي پڄندو آيو ۽ ٻڌايائين تہ لسٽون سنڌيءَ ۾ ڇپجڻ منظور ٿيو آهي ۽ ان سان گڏ ون يونٽ جي ٽوڙڻ جو اعلان بہ ٿيو آهي. هاڻي روزو ڇوڙيو. مان انڪار ڪيو، مان چيو ٻئي ڏينهن صبح جو رب جي در تي شڪرانو بہ ڪبو ۽ روزو بہ ڇوڙبو.

ٻئي ڏينهن روزو ڇوڙيم. ٻاهر جو گارڊ بيٺو هو. اوچتو اوچتو بسترا کڻي پڄڻ لڳو. مان پنهنجا ٽپڙ کڻي رڪشي ۾ وڌا ۽ اچي پنهنجي نياڻين مائي روشن ۽ مائي ارشاد وٽ حيدرآباد ۾ پهتس.

عجب ماڻهو، عجب ڳالهيون، سنڌ سئين، ماڻهو منجهس خام جا ڏانهن لڳين موچڙو، اوڏي ڪم سلام. تهڙا اسان جا وڏيرا ۽ وڏا ماڻهو. حقيقت اها آهي ته سنڌ ۾ شاگردن، عوامي ورڪرن، ڪجهه عوامي ليڊرن ون يونٽ جي ٽوڙائڻ لاءِ ڪوششون ڪيون، پر ون يونٽ ڪڏهن نه ٽٽي ها، جيڪڏهن بنگالي ۽ خاص طرح سان شيخ مجيب ڪوشش نه ڪري ها. ون يونٽ ٽٽو، سنڌ جا احسان فراموش ماڻهو، تن سڀ ڳالهيون وساري ڇڏيون. محترم جي ايم سيد جو عوامي محاذ ائين گم ٿي ويو، جنهن جي خبرئي ڪانه پئي. پهريائين چار سنڌ جا ورڪر ساڻس گڏيا. جن ۾ گهڻا ترقي پسند ڪميونسٽ نظريي جا ماڻهو هوا. شاهه صاحب جڏهن وڏيرا داخل ڪيا ته ترقي پسند ڀڄي ويا، وري جڏهن اليڪشن جو زمانو آيو. هڪڙو وڏيرو به شاهه صاحب سان ڪونه بيٺو، سندس عزيز به ڪيس ڇڏي ويا.

هاڻي اهڙو اچي تنگ ٿيس، ڇيم ته شيخ مجيب ۽ بنگالي ڇا چوندا ته سنڌي اهڙا بي وفا آهن، جو عوامي ليگ جو نالي ونڻ وارو به ڪونهي. اکين ۾ حياءُ ڏاڍو مون کي تنگ ڪيو. پيتو صاحب مهرباني ڪري مون وٽ آيو، منهنجي پاءُ جي معذرت ڪرڻ. ساڻس مير رسول بخش به آيو. وري به مهرباني ڪري مونکي پيپلزپارٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏنائون. مونکي خبر هئي ته پاور پيپلزپارٽيءَ کي ملندو.

منهنجي پٽ ۽ ٻين عزيزن مون تي ڏاڍو زور آندو تہ پيپلزپارٽيءَ ۾ وڃان پر بنگالين جو مون کي ايترو شرم پيو ماري جو مجبور ٿي مير صاحب کي جواب ڏنم.

هن کان اڳ مون سان هڪ ٻيو واقعو ٿي گذريو. منهنجو پيارو ڀاءُ محمدلائق اوچتو ڪراچيءَ ۾ وفات ڪري ويو. جڏهن هن جو جنازو اڃان هالاڻيءَ بہ ڪونہ پهتو هو. سندس موت جي خبر ٻڌي هالاڻي پڳاسين تہ اتي منهنجو وڏو پوٽو طارق مرٽينگ حالت ۾ پيو هو. صرف ڪنهن جي لاءِ ترسيل هو. جڏهن اسين اتي پهتاسين تہ مونکي ۽ پنهنجي ڏاڏي کي ڏسي اسان کان جدا ٿي ويو. ٻئي جنازا گڏ ڪنياسين، وڃي دفناياسين. دل ۽ جگر جو هي ڦٽ مرڻ تائين ڪين لهندو.

ايترين مصيبتن ۽ مجبورين هوندي بہ متان محترم جي ايم سيد سان بلوچستان، ڪوئيٽا تائين رلندو رهيس. اڳ ۾ شيخ مجيب سان ڪوئيٽا ۾ ويو هوس ۽ شيخ صاحب ان زماني ۾ نواب شاهہ پڻ آيو. انهيءَ ڏينهن جنهن ڏينهن ون يونٽ ٽٽو ۽ سنڌ حڪومت عمل ۾ آئي. ڪوئيٽا ۾ بہ شاهہ صاحب ميان خير شاهہ جي صلاح سان عوامي محاذ ناهيو. رئيساڻي صاحب اتان جو صدر بنيو. نواب خير بخش، عبدالصمد اسان جو جهونو دوست بہ اتي هو ۽ وٽس دعوت پڻ ڪاڏيسين. مگر عوامي محاذ ڪٿي ڪونہ بڻو.

سنڌ ۾ هڪڙو اميدوار بہ عوامي محاذ جي ٽڪيٽ تي ڪونہ بيٺو. مان ڏاڍو پريشان ٿيس، وري هاري ڪاميٽيءَ وارا دوست بہ آيا. محترم حيدر بخش گهٽو اڳ وفات ڪري ويو. جي ايم سيد ۽ مان وڃي پٽر ڀائي ٿياسين. هاڻ مولوي عزيز الله صدر چونڊيوسين. مولوي عزيزالله، غلام حسين سومرو، غلام محمد لغاري، مولوي نذير حسين اهي سڀ مون وٽ آيا.

صلاح اها بيٺي تہ عوامي ليگ جي نالي ۾ ۽ هاري ڪاميٽيءَ جي مدد سان اميدوار بيهان، وڏي ڳالهہ اها هئي تہ هتي ڪجهہ ڪم ٿئي، عوامي ليگ ۽ هاري ڪاميٽيءَ جو نعرو گهٽ ۾ گهٽ زنده رهي ۽ ان ڪري مشرقي پاڪستان ۾ شيخ صاحب جي مدد ٿيندي. انهيءَ ڪري مار. اليڪشن ۾ بيٺس. امداد محمد شاهہ مون وٽ آيو ۽ چيائين تہ پيپلزپارٽيءَ وارا حاڪم عليءَ کي هٿ ڪٽائين تہ پوءِ سيد گروپ شبير شاهہ کي هٿ ڪٽائيندو ۽ منهنجو بنا ڪنهن خاص مقابلي چونڊجي اچڻ آسان ٿيندو. مان بہ سادو ماڻهو ڪٿي انهيءَ ڳالهہ تي ڳنڍ ڏنم. هالاڻيءَ وجي پنهنجي ڀاءُ غلام هاديءَ سان اها ڳالهہ ڪيم، هو تہ وڏيرن کي سڃاڻي، رات ڏينهن انهن سان رهي ٿو. هو مون تي ڪليو بہ چيائين امداد محمد شاهہ واري ڳالهہ اجائي آ. سيد هٿ ڪونہ ڪٽندا. مان ساڻس رنج ٿي پيس ۽ نواب شاهہ هليو ويس، ٻئي يا ٽئي ڏينهن تي نواب شاهہ آيو، انهيءَ ڏينهن ميان غلام مصطفيٰ جتوئي جو چيف منسٽر هو ۽ حاڪم علي زرداري غلام هاديءَ سان گڏجي مون وٽ آيا. انهيءَ وقت امداد محمد شاهہ بہ مون وٽ ويٺو هو. جتوئي صاحب سندس منهن تي چيو تہ ڪين مون لاءِ عزت هئي ۽ حاڪم علي هٿ ڪٽڻ لاءِ تيار آهي. ڀلي شاهہ صاحب شبير شاهہ هٿ ڪٽي. پوءِ هو منهنجي مدد ڪندا. ٻئي ڏينهن تي مان مولوي عزيز الله، غلام محمد لغاري، سومرو غلام حسين، جي ايم سيد وٽ حيدرآباد ۾ وياسين. ڪيس سڄي ڳالهہ ٻڌائيسين، شاهہ صاحب بگڙي ويو. ساڻس جويو صاحب بہ ويٺو هئو سو بہ ڪجهہ گرم ٿي ويو. شاهہ صاحب چيو تہ شبير لکها روپيا خرچ ڪري چڏيا آهن، هو هٿ ڪيئن ڪٽندو؟ چيوسين حاڪم عليءَ بہ لک خرچ ڪيا آهن، آخر شاهہ صاحب وڏيڪ ڪاوڙجڻ لڳو، مونکي چيائين توهان کي عوامي ليگ جي ٽڪيٽ ڪانهي. مون چيو تہ، ”سائين مان اهڙو اطلاع شيخ صاحب کي ڪري پوءِ بيٺو آهيان. شيخ صاحب تہ مشڪور آ منهنجو تہ مان عوامي ليگ جي نالي تي اليڪشن ۾ بيٺو آهيان، پر توهان ڪيئن ٿا چئو تہ مون کي شيخ صاحب جي اجازت نہ

آهي.“ چيائين، ”شيخ صاحب مونکي خط لکيو آهي ته توهان پنهنجي منهن اليڪشن ۾ بيٺا آهيو.“ مان چيو، ”سائين! جيڪڏهن شيخ صاحب ائين توهان ڏي لکيو آهي، جيتوڻيڪ مونکي به لکي سگهي ها. پر اهو خط ڏيکاريو ته مان هينئر ئي هٿ کڻان! مون غريب کي کهڙي اچي پئي جو پنهنجي هٿ سان وني پيڙي پوڙيان. تيهه چاليهه هزار روپيا خرچ به ڪريان، اليڪشن ۾ هارايان به ۽ شيخ صاحب کي رنج ڪيان. خدا جي واسطي مونکي خط ڏيکاريو ۽ منهنجي جان ڇڏايو!“

خط شاهه صاحب ڪونه ڏيکاريو. شيخ صاحب ڍاڪا ۾ مون سان اهڙي ڳالهه ڪئي ته نه هن شاهه صاحب کي خط لکيو هو. پاڻ منهنجو ڏاڍو شڪر گذار هو. چوڻ لڳو، ”پتو صاحب مشرقي پاڪستان ۾ هڪ اميدوار به پيپلزپارٽيءَ جي نالي تي کڙو ڪري نه سگهيو، مگر منهنجا تو جهڙا دوست ۽ رفيق اهڙا به هئا. جن مغربي پاڪستان ۾ عوامي ليگ جو جهنڊو بلند رکيو. خير شاهه صاحب سان مان بگڙي ويس، جڏهن خط ڏيکاري نه سگهيو. چيومانس، ”سائين! وڏيرا وڏيرن جا يار! اسين ڪيترين به قربانيون ڪيون مگر اسانجو قدر نه ٿيندو. شاهه صاحب پوءِ به منهنجي اهڙي مخالفت ڪئي جو وڃي اخباري بيانن تائين پياسين. وقت ويو گذري، ساڳي حالت سنڌ جي هارين ۽ عوام اسان سان ڪئي. پٽ ۽ موٽر تي هنن پنهنجي محسنن کي وساري ڇڏيو، نه هاري ڪاميٽي ياد آين ۽ نه وري عوامي ليگ ۽ نه شيخ مجيب جون مهربانيون.

ڏک ڪنهن هڪڙي ڏر ڪان رسيا هجن ته انهن جي ملم پٽي ڪجي. بس صرف انهيءَ رب جي اوسيئڙي تي پيا جيون. جي ايم سيد سان به ساڳي بي وفائي ٿي. چوندون ٿيون، تنهن ڪان پوءِ چا ٿيو، اهو سڀ ڪنهن کي معلوم آهي. صوبائي اليڪشن جي وقت مان ڍاڪا ۾ هوس. شيخ صاحب چيو ته هو اليڪشن ڪئمپن ۾ چٽگانگ وڃي رهيا آهن ۽ مان به ساڻن وڃان. رات ٿي وئي، شيخ صاحب جو ماڻهو ڪونه آيو. سمجهيم وڏو ليڊر آهي، مونکي وساري ڇڏيائين، جهٽ هڪ يا ٻه

عوامي ليگ جا ورڪر پهچندا آيا. شيخ صاحب منهنجي انتظار ۾ گاڏي جهلايو بيٺو آهي. جيڪو تيز آيو سو ڪٽي هٽ ۾ ڪنيوسين. موٽر پهچائي وڃي گاڏيءَ تي پهتاسين. شيخ صاحب در تي بيٺو هو. جيسئائين مان ويس چيائين، ”مان سمجهو تہ تون اچي ويو هوندين. هٽ ڏنم تہ واريءَ وارا ڪڪ. ماڻهو پهچايم.“ پوءِ مون کي هڪ سيٽ سمهڻ لاءِ پنهنجي بوگيءَ جي پرسان ڏنائين. وڃي چٽگانگ پهتاسين. وڏو شاهي جلوس ڪڍيو ويو. شيخ صاحب کي هڪ ترڪ تي چاڙهيائون. مان بہ هڪ ڪنڊ ۾شيخ صاحب جي پرسان ويهي رهيس. شام جو چٽگانگ بندر تان، هيلي ڪاپٽر ۾ چڙهي وڃي انهن ٻيٽن تي لٿاسين، جت سمنڊ جو طوفان چڙهيو هو ۽ هزارين ماڻهو مري ويا. اتي جلسو بہ ٿيو. مان اوڏانهن ڪونہ ويس ٻئي. هڪڙي دوست کي وٺي ٻيٽ گهمڻ لڳس. وري شام جو ئي موٽي چٽگانگ آياسين. ٻئي ڏينهن ٻهراڙيءَ ۾ نڪري پياسين. جت وڃون اتي خاص طرح هندو عورتون، شيخ صاحب جي اڳيان اٿين پيون نمن ۽ ايترو پيون ادب ڪن جو مان ڏسي حيران ٿي ويس. اتي ڪنهن صاحب وٽ شيخ صاحب جي دعوت هئي. دعوت کائي ماڻهن سان ملي واپس چٽ گانگ آياسين. واٽ تي سندس مخالف جو ايوب خان جي ڏينهن قومي اسيمبلي اسپيڪر هو، تنهن ڪن گهرن کي باهيون ڏياريون هيون، اهي گهر ڏناسين. واٽ تي دشمن هڪڙي جيپ تي حملو ڪرايو. جيپ هيٺ ڪري پئي، شاگرد هوا اهي ڦٽجي پيا. شيخ صاحب ۽ سڄو سفر وارو گروپ چوڪري کي اسپتال ڪٽي آياسين. ٻئي ڏينهن هو مري ويو.

اڌ رات جو قمرالزمان اچي مون کي اٿاريو. چيائين، ”تياري ڪر. شيخ صاحب موٽرن ۾ ڍاڪا ويندو ۽تون بہ ساڻس وڃ.“ خير بہ موٽر هليا. اڳئين ۾ پاڻ ۽ پوئين ۾ مان. وري واٽ تي موٽر بيهاريائين، مون کي پنهنجي موٽر ۾ ويهاريائين. خير سان اچي ڍاڪا پهتاسين. مون کي هوٽل تي ڇڏي پاڻ گهر هليو ويو. هيءُ اهو اخلاق انهيءَ ۽ انهن ماڻهن جو جي هزارين ميل اسان کان پري هوا. هيءُ منهنجي وطن وارن

جيڪي ڪجهہ اسان سان ڪيو، اهي دلين تي داغ آهن، جي ڏينهن قيامت تائين ڪين لهندا. آخر واري وقت 21، 22 مارچ جو هٽ پروپئگنڊا شروع ٿي ويو تہ ننڍن صوبن جا حق شيخ صاحب مشرقي بنگال تان صدقي ڪري ڇڏيا. هتان وٺي پڳس سڏو ڊاڪا. انهيءَ زماني ۾ بنگلاديش جو جهنڊو چڙهي ويو، موٽرن تائين جهنڊو لڳي ويو. شيخ صاحب کي فون ڪيم، ڏاڍو خوش ٿيو، چيائين ۵ بجي ڌاري موٽر مون وٽ ايندي، پوءِ مان وٽس پهچي ويندس. شام جو موٽر موڪليائين، وڃي وٽس پهتس، چيائين، ”اڄ سڀني پارٽين جا ليڊر هٽ ايندا، تون، مان، خونڊڪر، تاج الدين، عوامي ليگ جي طرفان ساڻن ڳالهائيندا سين. ڪلاڪ اڌ ۾ ممتاز دولتانا، ولي خان، مفتي محمود، مولوي نوراني، شوڪت حيات، بزنجو ۽ ٻيا ليڊر شيخ صاحب جي گهر آيا. ڳالهيون ٿيون، سڀني شيخ صاحب کي صحيح ٺهرايو ۽ چيو تہ يحيٰ خان سان ملندا ۽ کيس آماده ڪندا تہ هو شيخ صاحب جون ڳالهيون مڃي.

مان بہ شيخ صاحب جي موٽر ۾ چڙهي وڃي شاهہ باغ هوٽل ۾ پهتس، صبح جو مون وٽ پروفيسر مظفر آيو. پراڻو دوست هو، چيائين، ڪلهہ بہ هو آيو هو ملڻ لاءِ پر مان ڪونہ هوس. خير ڏاڍو منو ماٺهو هو، چانهہ پيتائين ۽ مون کان موڪلايائين. پڇومانس تہ ڪاڏي ٿي ويو، چيائين تہ سندس ليڊر ولي خان ۽ بزنجو هوائي جهاز رستي وڃي رهيا آهن، تن کي ڇڏڻ ۽ کائڻ موڪلائڻ. هو تہ ويو هليو مونکي اچي خيال ٿيو تہ رات هو چئي ويا تہ يحيٰ خان سان ڳالهيون ڪندا، اڄ چا ٿيو. ڪبير منهنجو دوست هو، جنهن وٽ ولي خان ۽ بزنجو رهندا هوا. ان کي فون ڪيم تہ مان هن وٽ وڃڻ گهران ٿو. هن جي گهر کي گهٽا ڏينهن ٿيا آهن. ڏنو هوم. اتي ڪيئن وڃان.

هن مون کي موٽر موڪلي، وڃي وٽس پهتس، انتظار هوم تہ سيٽ جهاز ۾ ملي. شيخ صاحب جو يحيٰ خان سان جهيڙو ٿي پيو، تنهن ڪري هو تہ منهنجي ڪابہ مدد ڪري نٿي سگهيو، ڪبير ۽ سندس زال

مليا. ڪين چيم تہ مون کي سيٽ وٺي ڏين ڇيائون هزارين ماڻهو ايئرپورٽ تي ويٺا آهن، هفتي يا ڏهن ڏينهن کان پوءِ سيٽ ملندي. دل ۾ چيم تہ ڏوڪڙ ايترن ڏينهن رهڻ لاءِ اٿم، ٽڪيٽ بہ اٿم، ائين بہ نيڪ هو. آخر ڪيس ٽڪيٽ ڏنم، وڏيڪ تاڪيد ڪيومانس.

ولي خان ۽ بزنجو آيا، حال احوال ورتوماڻ، چيائون بنگالي ۽ پنجابي نهي ويا، هاڻي اسين هٿ ويهي ڇا ڪيون، شڪر جو ڪبير ڪي ڳالهہ ياد اچي وئي، ولي خان کي چيائين تہ هو مون کي بہ وٺي وڃن. ولي خان، يحيٰ خان جي سيڪريٽريءَ کي فون ڪئي، جنهن چيو تہ سيٽ انهيءَ ڏينهن ڪانہ هئي، يعني 24 مارچ جي ٻئي ڏينهن لاءِ هو ڪوشش ڪندو. ٽڪيٽ واپس وٺي سڌو شيخ صاحب ڏي ويس. چيم تہ ڀچان تہ سهي تہ بنگالي ۽ پنجابي ڪيئن نهيا. شيخ صاحب ويندي شرط چيو تہ ڏينهن پورا ٿيا آهن، سپاڻي يا پريئن هٿ بندوق بازي ٿيندي، هاڻي مون کي موٽي واپس وڃڻ گهرجي، پر جيڪڏهن وڃڻ جي ڪا واهہ نہ هئي تہ پوءِ هو مونکي ڪنهن بنگاليءَ جي گهر ۾ رهائيندو. پچومانس ٻيا همراهہ ڪٿي، چيائين اهي سڀ ويا هليا. چيم، "شيخ صاحب تون تہ مارجي ويندين! تون بہ وڃ."

چيائين، "مان ليڊر آهيان، مان ڪيئن ڀڄندس، منهنجو سر بنگالين تان قربان آ. ساٿس ڀاڪر پاتم ۽ ڪائنس روئي موڪلايم، پاڻ بہ روئي ڏنائين! خير آسرو هئم تہ شايد سيڪريٽري صاحب سيٽ وٺي ڏئي. هوٽل ۾ آيس، مئنيجر ٻڌايو تہ صدر جي سيڪريٽريءَ سان ڳالهايان.

ڳالهايم، جواب مليو تہ صبح جو ايئرپورٽ تي پهچي وڃو ۽ سپاڻي مونکي هو روانو ڪري ڇڏيندا. ٻئي ڏينهن 25 مارچ تي ايئرپورٽ تي آيس، هزارين ماڻهو ويٺا هوا. آخر رُلي رُلي وڃي در تي پهتس. جتان ملٽريءَ جي آفيسرن کي نالو ٻڌايم، جن صدر صاحب جو مهمان سمجهي، هوائي جهاز تي چاڙهي ڇڏيو. هندوستان تان مٿان اچڻ وڃڻ تہ بند هو، وڃي سيلان پهتاسين. ڪولمبو ۾ لٿاسين، اتي هڪ

سيلاني آفيسر مليو، چيم تہ ڪو سنڌي ڏسان تہ هن سان ڳالهايان، بس منهنجو سنڌين جو پڇڻ ۽ سيلان واري آفيسر جو سنڌين ڪي گارين ڏيڻ ۾ چٽڻ، چيائين سنڌين سيلان وارن جو رت پي ڇڏيو آهي. سمجهيم تہ پرائي زمين ڏاڍو ڏکيو پنهنجو ٿي ڪري. اچي ڪراچي نڪتاسين، پئي ڏينهن خبر پئي تہ پاڪستاني ملٽري ۽ بنگالين جي جنگ شروع ٿي وئي هئي. جيڪڏهن انهيءَ ڏينهن مونکي هوائي جهاز ۾ سيٽ نہ ملي ها تہ پوءِ يقينن مارجي وڃان ها يا گهٽ ۾ گهٽ مان بہ ڪٽ قيدي هجان ها ۽ ٻن سالن تائين ڪنهن سان ڪونہ ملان ها. پر منهنجو مولا اهڙو جو هميشہ ڪيترين مشڪلاتن هوندي اچيو پار پهچائي. اڄ بہ ڏاڍن ڏکن ۾ مبتلا آهيان، باندي آهيان، خبر ڪانہ اٿم تہ مون سان ڇا ٿيندو. پر مون کي پنهنجي رب ۾ اميد آهي تہ وچي ٻيڙا پار ڪندو. پر جن آٽي هٽ منهنجي پيرن هيٺان تختا ڪڍيا آهن، شل ڏٽي انهن جو بہ ڀلو ڪري.

بنگالين جي ۽ مغربي پاڪستان جي فوج جي وچ ۾ جنگ شروع ٿي. شيخ صاحب کي قيد ڪري هيڏانهن آندو ويو. انهيءَ ڪار پوءِ ڇا ٿيو، سو نہ منهنجي سفر ۾ آ ۽ نہ مان اکين سان ڏٺو. جيڪي ڪجهہ اخبارن لکيو يا ريڊئي تي آيو، اها سڀني کي خبر آهي.

جنگ اهڙي منزل تي پهتي جو هندوستاني لشڪر گهڙي آيو ۽ پاڪستان ۽ هندوستان جي جنگ شروع ٿي وئي. ڇا ٿيو تنهن اکين ڏٺو احوال مون وٽ ڪونهي ۽ جيڪا مونکي خبر آهي سا سڀني کي خبر آهي. هندستان جنگ کٽي، بنگلاديش ٺهي ويو. هت يحيٰ خان کي هٽايو ويو ۽ ڀٽو صاحب صدر ٿيو. هن شيخ مجيب کي آزاد ڪيو. شيخ صاحب جڏهن مون کي لنڊن ۾ بيماريءَ جي وقت گڏيو هو ان وقت هن ڀٽي صاحب جي تعريف پئي ڪئي. مان بہ راولپنڊي هليو ويس تہ من پڇاڙيءَ جي ملاقات شيخ صاحب سان ٿي سگهي، مگر ملاقات ٿي نہ سگهي. شيخ صاحب پوءِ لنڊن روانو ٿي ويو. ڪوشش ڪئي سين تہ عوامي ليگ کي هت پاڪستان ۾ زنده رکجي. هڪ ٻہ ميٽنگون بہ ڪيونسين. ماستر گل خان کي صدر ٿيڻ جو شوق هو. مان سمجهيو تہ عوامي ليگ بنگالين سان هئي، تنهن ڪري عوامي ليگ هت جيئڻ مشڪل آهي. ماستر گل خان پاڻ کي عوامي ليگ جو صدر سڏايو. خبر نہ آهي تہ هينئر ڪهڙي پوزيشن آهي. مان سڀني تحريڪن ۽ پارٽين کان دور ٿي ويس.

ڀٽي صاحب اسانکي ڪراچيءَ ۾ گهرايو. بنگلاديش سان ۽ هندستان سان ڪهڙا لاڳاپا رکجن، اسان جا ڀٽي صاحب رايا ورتا.

اسانجا ڪجهہ مهاجر ڀائر مجيب کي ڪافر ڪوٺڻ ۾ دلي مسرت ماڻي رهيا هئا. مان صدر صاحب، ڀٽي صاحب کي صاف اکرن ۾ چيو تہ بنگلاديش کي هڪدم مڃڻ گهرجي ۽ هندستان سان دوستي رکجي. هندستان سان اسانجا ناتا آهن، اسين پاڪستاني ۽ هندستاني، هڪ ئي زمين مان پيدا ٿيا آهيون. اڄوڪي جنگ نهايت خرچ ڪرائڻ واري آهي، هرهڪ جنگ ٻنهي ملڪن لاءِ تباهي آندي آهي. بنگلاديش ۾ اسانجا مسلمان ڀائر گهٽائيءَ ۾ آهن ۽ جو اسانجو هڪ حصو هو. هندستان جي هر ذري ۾ اسان سنڌي مسلمانن جي خاڪ گڏيل آهي، اڄ بہ پاڪستاني مسلمانن کان هندوستاني مسلمانن جو انداز گهٽو آهي. آخر هيءُ جهيڙو ڪيستائين هلندو ۽ ٻنهي قومن هندوستاني ۽ پاڪستانين کي ڪٿي پهچائيندو. جيڪي مون چيو، ان جي حقيقت کي ڀٽي صاحب تسليم ڪيو ۽ ان کي دهرايو.

جڏهن هيءَ ڪچهري پوري ٿي ۽ جنهن ۾ پروفيسر حليم ۽ ڊاڪٽر قريشي ڪراچي يونيورسٽيءَ جا اڳيان وائيس چانسلر، جسٽس قديرالدين، حسين امام، شيخ اياز، رسول بخش پليجو بہ حاضر هئا. جڏهن موڪلائڻ لڳاسين، تڏهن مان ڪيس اڪيلو ڪري عرض ڪيو تہ سنڌي زبان جو مسئلو خوامخواه اڇلي، اجايو طوفان ڪڙو ڪيو ويو آهي. مونکي چيائين تہ نوٽ لکي ڪيس ڏيان، مان اهڙو نوٽ لکي موڪليو، جنهن ۾ سنڌي زبان جي اهميت ڏيکاريم. ساڳي وقت سنڌي زبان کي بچائڻ جو طريقو بہ ٻڌايم ۽ انهيءَ سان گڏ اردو زبان سان ڪابہ دشمني اظهار ڪيل ڪانہ هئي.

انهيءَ کان پوءِ اسلام آباد ۾ زبان جي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ، ساڳين مٿين ماڻهن ۽ ڪجهہ ٻين ماڻهن کي بہ ڪجهہ ردوبدل سان گهرايو ويو.

پهرئين ڏينهن ٿي سنڌين مان، سواءِ منهنجي ٻيو ڪوبہ ڪونہ هو، مان جيڪا تقرير ڪئي هئي سا هلال پاڪستان ۽ عبرت ۾ ڇپجي چڪي آهي. هڪ ڏينهن ڪانپوءِ شيخ اياز ۽ ڀٽي بہ اسلام آباد ۾ اچي

ويا. هڪ ٻي حاضري ڪميشن جي اڳيان ٿي جتي شيخ اياز ڳالهايو. انهيءَ کان پوءِ ڇا ٿيو. مهاجر ڀائن سان ڪهڙيون ڳالهيون ٿيون، ڪهڙا فيصلا ٿيا. تنهن جي اسان کي ڪابہ خبر ڪانہ رهي. اسانجي مهاجرن ڀائن کي وزير هوائي جهاز تائين ڇڏڻ آيا. اسانکي ڪو پڇڻ وارو بہ ڪونہ هو. نيٺ موٽي اچي ماڳ پهتاسين.

پٽي صاحب قومي اسيمبليءَ ۾ نهايت وزندار ۽ بهترين تقرير ڪئي جا اسان پنهنجي ڪنن سان قومي اسيمبليءَ جي لابي ۾ ويهي ٻڌي. پٽو صاحب وري نواب شاهہ آيو، اتي ملاقات ٿي.

مان اڳ ۾ حڪومت کي عرض ڪيو هو تہ مون کي شيخ صاحب سان ملڻ جي اجازت ڏني وڃي. اهڙي عنايت مون سان حڪومت ڪئي، جنهن ۾ حڪومت جو بہ مقصد هو. حڪومت شيخ صاحب جي خيالن کان واقف ٿيڻ گهريو ٿي. انهيءَ ڪري منهنجو لنڊن وڃڻ ٿيو. شيخ صاحب سان مان مليس، مون سان نهايت مهرباني ۽ شفقت سان مليو. جهڙي اڳ ۾ سندس محبت هئي، اها ئي محبت ڏيکاريائين. ايتري قدر بہ چيائين تہ جي مان لنڊن ۾ وڏيڪ رهڻ چاهيان تہ هو مونکي هزار يا ٻہ هزار پائونڊ خرچ لاءِ ڏئي. مرسان مرسان ڏيو نہ چرسان. سڄي عمر ۽ سڄو وقت جو مان شيخ صاحب سان هوس ۽ مون عوامي ليگ ۾ اٽڪل لک روپيا کپايا هوا. شيخ صاحب کان مان ڪڏهن پئسو بہ نہ گهريو. هاڻي جڏهن بنگلاديش ۾ ذڪر هو تہ ڪهڙي حالت ۾ ڪانئس ڪجهہ وٺي سگهيس ٿي. مان انڪار ڪيو. اٺلندو ويهہ پائونڊ بنگلاديش فند ۾ ٻاهر هڪ بنگالي آفيسر کي ڏئي آيس. جنهن چيو رسيد نواب شاهہ پهچندي، مگر رسيد اڄ ڏينهن تائين ڪانہ پهتي.

لنڊن ۾ اٽڪل ٽي هفتا گذاريم. وري موٽي پنهنجي ماڳ تي آيس، پر ڀٽي صاحب سان ملاقات ڪانہ ٿي ۽ نہ وري اڄ تائين ڪٿي مليا آهيون.

مون سمجهو تہ هاڻ پنهنجي عمر چڙهي چڪي آهي، نئون زمانو آهي، ڀيڻ ۽ ڪائڻ جو. دغا ۽ ڌوڪي ڪرڻ جو. مارڻ ۽ ڳارڻ جو

پنهنجو زمانو گذري چڪو. ماڻ ڪري حياتيءَ جا ڏينهن گذاري مري وڃڻ گهرجي.

مان شاگردن جي محفلن ۽ ميٽنگن ۾ وڃڻ ڇڏي ڏنو. جي ايم سيد ته گهر ۾ بند هو نه وري مان ان سان مليس. نه وري مونکي هنن ماڻهن جي پروگرام ۾ ڪوئي اعتماد هو. هتي به ڪميونزم جي جهلڪ هئي. لطيف جي سنڌ سان هتي به دشمني هئي. نوجوان اسانجي ٻاهرين آيلن عالمن جي پرچار کان عاجز ٿي چڪو هو، جن فتوائون ڏنيون ته وطن جي ڳالهه ڪرڻ ڪفر آهي. انهيءَ ڪري نوجوان جن جي وطن سان محبت هئي، انهن ڪفر قبوليو. الله، اسلام کان بيگانا ٿيا. هيءَ حالت ڏسي، مان غريب ڇا ڪري ٿي سگهيس، اسلام ۽ وطن ٻنهي جي ٻنهي طرفن کان دشمني هئي. جي ماڻهو قدرت جي قانون جي خلاف ڪم ڪري رهيا هئا.

وطن ۽ وطن جي محبت، اسلام جو جزو آهي. حضور جي چوڻ موجب وطن جي محبت ايمان جي نشاني آهي. زبانون سڀ قدرت خلقيون آهن، هزارن ورهين جي ارتقا کان پوءِ وجود ۾ آيون، انهن جو انڪار ڪرڻ سراسر اسلام سان دشمني آهي. ٻئي طرف کان خدا جو انڪاري ٿيڻ آهي، اسلام جي دشمني. هي ٻئي جذبا وڌندا رهيا ۽ وڌندا رهن ٿا. ات وطن ۽ اسلام ڪيئن جيئندا. هي ٻئي موت منهنجي لاءِ مون کي موت نظر آيا.

ڪراچي ۾ تحريڪ شروع ٿي ته سنڌ کي به اڌ ڪريو. وطن ۾ سياسي خون ٿيڻ لڳا ۽ ٻيون هزار ڳالهيون ٿيون، تن دل کي ڳاري ڇڏيو.

آخر فيصلو ڪيم ته ڪجهه وقت ٻاهر نڪري وڃي ڪجهه آرام به ڪريان، هن ٻاهه کان به پري ٿيان. انهيءَ ڪري گهرواريءَ کي به آماده ڪيم ته ڪجهه وقت هلي حضور جن جي پاڙي ۾ مديني منوره ۾ رهجي. مونکي هن وقت اونو ته سڀ ڪنهن جو آهي مگر جيڪو ڏک اتم اهو گهڻو پنهنجي گهرواري جو. منهنجي جيلن ۽ مصيبتن هنکي ٻ

ڳاري ڇڏيو آ. سک جي گهڙي نصيب ڪانہ ٿيس. انهيءَ ڪري ڪيس وٺي ويڃڻ لاءِ جتن ڪيم.

آخر ٽڪيٽون وغيره وٺي وڃي هوائي جهاز جي ويجهو ٿياسين، جتي پاسپورٽ وغيره بہ صحيح ٿيا ۽ سامان بہ وڃي هوائي جهاز تي پهتو. اوچتو اهڙو بم ڇٽو. جنهن اسانکي اهڙو تہ ماريو جو نس نس ڏکڻ لڳي. اسان کي وڃڻ کان منع ڪئي وئي ۽ تيز جهاز تان لاٿا ويا.

سڄي عمر جنهن ملڪ وطن لاءِ ڏجي ۽ پوءِ انهيءَ ملڪ ۾ ايڏي بي عزتي ٿئي. مان پڪو پهہ ڪيو تہ انهيءَ جيئڻ کان مرڻ ڀلو آ. هڪ ڳالهہ وسري وئي اٿم. جيئن ڀٽو صاحب صدر ٿيو ۽ ممتاز صاحب گورنر ٿيو تہ هڪ ڪانفرنس ڪراچي مدرسي ۾ ٿي. جتي نوراني، جي ايم سيد، پير حسام الدين، امر جليل ۽ ٻيا ڪيترا دوست ۽ ليڊر آيل هوا. شهر جا معزز ماڻهو پڻ چڱي انداز ۾ گڏ ٿيا هوا. اتي مان تقرير ڪئي، البت جوشيلي تقرير هئي. مونکي ممتاز صاحب گهرايو ۽ ٻڌايو تہ منهنجي تقرير ڏاڍي جوشيلي هئي. مان جيڪڏهن پيپلزپارٽي ۾ شامل ٿيان تہ هو ڏاڍو خوش ٿيندا. مون عرض ڪيو تہ پارٽيون اسان لاءِ هاڻ ختم ٿيون، باقي سنڌ جنهن لاءِ مان هڪڙو ڪري ڇا تو سگهان.

ٻي ڳالهہ جا ٻڌائڻ چاهيان پيو. اها هيءَ هئي تہ جڏهن راولپنڊي جي انٽر ڪانٽينينٽل هوٽل ۾ رهيل هواسين، تڏهن اسين سڀ مهاجر ۽ سنڌي هڪڙي هوٽل ۾ هوندا هئاسين. مان تہ ٻهريائين وچي شهر ۾ هڪ غريبائي ڏهين رپئين روزانو مسواڙ واري هوٽل ۾ رهيس، سرڪار مان ٽڪيٽ وغيره ڪانہ ملي هئي. سمورو خرچ پنهنجو ڪري ويو هوس. پر شاباس آهي نواب مظفر کي جنهن سرڪار سان وڙهي ۽ انٽرڪانٽينينٽل ۾ جڳهيون ورتيون. آءٌ ان جي طفيل ۽ هن جي مدد سان وڃي انٽر ڪانٽينينٽل هوٽل ۾ رهيس، اتي چڱيون ڪچهريون ٿينديون هيون. هو مون وٽ ايندا هوا ۽ ٻئي ڏينهن جڏهن پيٽي ۽ اياز بہ اتي پهچي ويا تہ هڪ ٻئي سان ٻيا ملندا هواسين. لفٽ ۾ اسان ٿي چڙهياسين ۽ مدني صاحب ٻيا ۽ ساڳي لفٽ مان ايرفلور تي پئي لٿا.

مونکي هنن دوستن سان شخصي دشمني تہ ڪانہ هئي، مونکي تہ سيني لاءِ اڄ بہ محبت آهي، اڳي بہ هئي. مان مدني صاحب جي ڪڪي ڏاڍي پيار ۽ ادب مان جهو هڪ نياڻيءَ جو حق هو. چيم، ”بيتا! پهلي آپ نڪل آئين. پهر مين اندر آئون!“ اهي لفظ مدني صاحب کي اهڙا وڻيا جو زبان مان نڪري ويس، ”ڪاش! قاضي صاحب! اسي دن آپ کي صدر صاحب کي سامني تقرير ڪرني مين بہ ايسي ميني زبان هوتي.“ مان وري بہ کيس چيو تہ اهو سنڌ جو مون تي حق هو، جو مان ادا ڪيو، پر انهيءَ ڏينهن بہ تلخ ڪونہ هوس.

انهيءَ هوٽل ۾ منهنجو تمام پيارو دوست امين ڪوسو بہ مون وٽ ايندو هو، ڪابہ تڪليف ايندي هئم تہ هو مونکي ضرور ياد ڪندو هو. تمام وڏا خط لکي موڪليندو هو. هدايتون ڪندو هو. جڏهن علي ڳڙهہ ۾ هواسين. اتي ڪميونزم ڏانهن لاڙو هوندو هوس، پر پوءِ جڏهن مولانا عبيدالله سنڌي سان دل لڳي ويس تہ ايڏو تہ نيڪ نمازي ٿي ويو، جنهن جي حد حساب ڪانہ آهي. هڪ بہ دفعي ڪراچيءَ ۾ بہ ساڳين هوٽلن ۾ گڏ رهيا هواسين. ڪوسي جي دسترخوان تي جيستائين پنج پندرهن ماڻهو نہ اچن تہ کيس آرام ڪيئن اچي. زمين جي جيڪا بہ ڪمائي ٿيندي هئس سان ڇهين ڇهين مهيني ڪنهن وڏي شهر جي هوٽل ۾ اچي خرچ ڪندو هو. ٻي تہ خدا کيس ڪابہ عادت ڪانہ ڏني. ڪتاب وٺندو هو ۽ پڙهندو هو، ٻيو ماني کارائڻ جو مڙس، پوءِ جڏهن ڏوڪڙ کٽندا هوا تہ ڳوٺ روانو ٿي ويندو. مرحوم الله بخش جو تہ عاشق هوندو هو، سنڌ سان ايڏي دل هوندي هئس جنهن جي حد حساب ڪونهي. مولانا عبيدالله سنڌي برصغير جي عالمن ۾ چوٽيءَ جو عالم هو، وڏو انقلابي هو، ڄائو پنجاب جي هڪ سک گهراڻي ۾ هو. سندس سڪڻ ماءُ بہ چون ٿا. ساڻ هوندي هئس. اها سک مذهب تي رهي ۽ عبيدالله مسلمان ٿيو، مگر ماءُ جو ايڏو تہ ادب ڪندو هو ۽ خدمت ڪندو هو، جنهن جو ڪو اندازو نٿو لڳائي سگهجي. مولانا ننڍڙي هوندي سنڌ ۾ آيو. سنڌي بزرگن، عالمن، درويشن وٽ رهيو.

سنڌي زبان جڻ سندس مادري زبان هئي، سنڌي پوشاڪ سندس لحاف هئي ۽ سندس نالو سچي هندستان ۾ عبيدالله سنڌي رهيو. انهيءَ مرد خدا جو امين شاگرد هو ۽ مريد هو. اسين هوٽل ۾ ويٺا هواسين. وقت سرماني به مون وٽ اچي ڪائيندو هو. هئه ! هئه ! هيءَ هن راٺل سان مَنهنجي آخري رهاڻ هئي. مون چيومانس، ”امين! توکي عجب لڳندو هڪ ڳالهه تي، ٻه چار هفتا ٿيا. صدر صاحب، پِٽي صاحب مونکي ڪراچي گهرايو. اتفاق سان مان سندس پرسان ويٺو هوس. منهنجو به فوٽو ساڻس گڏ نڪري ويو ۽ اخبارن ۾ ڇپجي ويو. جيڪو سنڌي نواب شاهه ۾ ملي مبارڪون پيون ڏئي. چيم مبارڪون ڇا جون. ”سائين! پِٽي صاحب سان گڏ توهان جو فوٽو!“ ڏاڍو حيران ٿيس پر جڏهن سنڌ جي لاءِ ۽ سنڌ جي ماڻهن لاءِ جيل ڪاٽي پوئتي نڪتاسين ته هي ماڻهو مبارڪ يا سلام ته ڪونه ڪن پر پوئتان پوندا ڏين. امين! هيءَ آهي پنهنجي قوم!!“ ڏاڍي جوش ۾ اچي ويو ڏند پيڙي. ٻئي هٿ پوندن جا زمين ڏي ڪري چيائين، ”لخ لعنت آهي، انهيءَ قوم تي! اها قوم آهي!! اسانکي ٻڏي مرڻ گهرجي.“

آخري ڏينهن تي جڏهن راولپنڊي اسٽيشن سنڌ ڏي موٽڻ لاءِ آياسين ته اسين ٽي، پِٽي، اياز ۽ مان هواسين. امين منو اتي به اسانکي ڇڏڻ آيو. جيئن گاڏي هلي ته مان به گاڏي جي در تي بيٺو رهيس ۽ هو پليٽ فارم تي بيٺو هو. مون کي ڏسندو رهيو ۽ مان کيس ڏسندو رهيس. بس ڪوسو مون ڪان شايد انهيءَ ڏينهن هميشه جي لاءِ موڪلائي ويو. اها شڪل اچا به ڏسان ٿو. اها اچي ڏاڙهي! اهو مشڪندڙ منهن اجان به ڏسان پيو، پر دور! دور!! تمام دور ٿيندو ٿو وڃي، ها ضرور جڏهن مان به مرندس، تڏهن اها دوري به گم ٿي ويندي.

ڪهڙيون ڪجن ڏکن جون پچارون. ڪهڙيون ڪجن جدائين جون پچارون. بس هيءَ دنيا آهيئي غم، آهيئي جدائي. ڪئين آيا. ڪئين

ويا، ڪئين اڪيون پيار سان ڏسندي اڃهامنديون ويون، ڪئين ڏڪ ڏڪ ڪندڙ دليون، ساهہ سونيون دليون، ڪئين ڪئين پيار پريون اکيون، رئنديون رئنديون گم ٿي ويون، هميشہ لاءِ گم، جن ڏنيون، تن تي زخم ڇڏي ويون. اهي زخم بہ انهن جي مرڻ ڪان پوءِ گم ٿي ويا.

جهاز تان تيز لاهي گهر آياسين، ماٺون جيڏانهن تيڏانهن ورائي ويا، ڪي ڪلڻ لڳا، ڪجهہ سڪڻ لڳا. جڻ تہ ڪو مان ڏاڙيل هوس. مني سنڌ جا ڏک ڏار بس دل بي آرام ٿي پئي. پهہ ڪيم تہ هاٿي هت نہ رهبو، وري موتي نہ اڃبو. بس ننڍڙا ٻچڙا، غريب پائر ۽ منڙي منهنجي رفيقہ حيات، سندس روئڻ ۽ منهنجي لاءِ تڙپڻ، مون لاءِ هميشہ وڏي رنڊڪ رهيو آهي، جي هيءَ زال نہ هجي ها تہ مان گهڻو اڳ مري وڃان ها. دنيا جي ڏنل زخمن سهڻ جي مون ۾ طاقت ڪانہ آهي. پر ڇا ڪيان؟ سندس رئندڙ چهرو اڃبو اڪين اڳيان بيهي. پوءِ لاچار ٿي مرڻ جو ايرادو لاهيو ڇڏيان. جيڪي ڪجهہ هينئر مون سان هت ٿيو آ، جنهن جو بيان پوءِ ڪندس ۽ جي تازو سندس ڳوڙهن سان تمندڙ اکيون، ياد نہ اچن تہ مان اڄ بہ جيڪر روانو ٿي وڃان شايد انهيءَ لاءِ جيئٽو آهي.

علامہ صاحب هڪ دفعي سخت بيمار ٿيو، سندن بنگلي تي ويس، امڙ ايلسا ٻاهر نڪري آئي، رئي پئي ۽ ايڏو تہ رنائين، چيائين انگريزيءَ ۾، ”هو تہ وڃي ٿو پيو، پر هن ڪان سواءِ مون لاءِ هت ڪير هوندو،مان هن ڪان سواءِ ڪيئن جئندس، ڪيئن هلندس؟“ مان ڪين گهڻي تسلي ڏني ۽ دعا ڪيم تہ شل ڀهريائين امڙ ايلسا مري ۽ انهيءَ ڪان پوءِ قاضي صاحب. ٿيو بہ ائين! علامہ صاحب امڙ جي جدائي ڪان پوءِ بنهہ ختم ٿي ويو، سدائين سمجهبو هو تہ پير تہ هاڻ ڏرتيءَ تي ڪين ئي ڪونہ ٿا، رهي ڪين سگهيو، جدائي سهي ڪين سگهيو، وڃي درياهہ ۾ ٽپو ڏنائين.

مان بہ چوان ٿو تہ هي تڪليفون پلا اچن ۽ ڪڏهن ڪڏهن اهو خيال بہ اچي ٿو تہ هت بي عزتيءَ سان رهڻ ۾ فائدو. پر جيستائين اهي ٺمندڙ اڪيون مون سان آهن، منهنجو مرڻ مون لاءِ مشڪل پيو لڳي. ڌڻي رحم ڪري.

اليڪشن جيئن شروع ٿي، مان پاڻيان ٿو سنڌ مان فقط مان هوس، جنهن ڀٽي صاحب جي سخت مخالفت ڪئي. قومي اسيمبليءَ جون جڏهن چونڊون پوريون ٿيون، مشرقي پاڪستان ۾ منهنجي پارٽي، شيخ مجيب جي قيادت هيٺ جا ڪاميابي حاصل ڪئي، اها تاريخي ڪاميابي هئي.

ساڳي وقت سنڌ ۽ پنجاب ۾ ڀٽي صاحب جي پيپلزپارٽي جيڪا ڪاميابي حاصل ڪئي سا بہ تاريخي هئي. منهنجا ڀٽي صاحب سان اصولي اختلاف هئا. جيتوڻيڪ شخصي طرح سان الائي ڇو منهنجي ساڻس محبت رهي آهي. هن وقت هيءُ سندس مهرباني آهي جو هنن مصيبتن ۾ آهيان، تڏهن بہ بددعا دل مان نٿي نڪري، جيتوڻيڪ دل ڏاڍي تتل اٿم.

مان عوامي ليگ کي منظم ڪرڻ لاءِ پنجاب ۽ سرحد جي دوري لاءِ نڪري چڪو هوس. بهاولپور ۾ ويس، جتان ملتان پهتس. هي ٻئي تاريخي شهر آهن. اڳ ۾ ڪڏهن بہ ڪونہ ڏٺا هئم. ملتان بہ هڪ عجيب شهر آهي. سڄو ڏينهن مئن سان ملاقاتون ڪيم. سڀئي مقبرا گهميس، ٻئي ڏينهن وڪيل برادريءَ سان مليس. بهاولپور ۾ بہ وڪيل برادري سان مليس.

هيءَ برادري بہ چڱي برادري آهي، وڪيل، وڪيل سان ملندي هميشہ خوش ٿيندو. لنڊن تائين وڪيل وڪيل سان هميشہ محبت سان ملندو. ملتان ۾ هڪ هوٽل ۾ رهيل هوس. دل ۾ خيال آيو تہ اقبال بانو سان ضرور ملجي. سياسي ماڻهو. چيم تہ جي ڪو سڃاڻندڙ ماڻهو ايڏانهن ويندو ڏسندو تہ ڇا چوندو، پر آخر همٿ ٻڌم. اقبال بانو

ڏاڍي مني ڳائي آهي، جڏهن ته نواب شاهه ايندي آهي ۽ جيڪڏهن مان محفل ۾ هوندو آهيان ته ڪيس ڏاڍو پيارو داد ڏيندو آهيان ۽ چوندي آهي ته منهنجي هئڻ سان سندس محفل ڏاڍو مچندي آهي. اها ساڳي ڳالهه استاد غلام علي خان به ڪندو هو. مان ملتان ۾ اقبال بانوءَ جي جاءِ ڳولي لڌي. چوائي موڪليومانس ته مان نواب شاهه کان آيو آهيان، صبح جو وقت هو، مون کي وٺي هلي، پنهنجي گهر جي اڳيان پارڪ ۾ ويهاريائين. نوڪر اڳئي ڪرسيون رکي ڇڏيون هيون. البت ڪلاڪ کن اتي ويٺس، مٺائي، ڪيڪ، نمڪين شيون گهرايون هئائين ۽ چانهه جا گرم گرم پيالا پيتاسين. هيءَ مئترڪ دهلي مان پاس ڪيل آهي، ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي ڏاڍي مني ۽ هڪ سياڻي عورت آهي، چڱي بينڙائي واري آهي. هي سندس پنهنجو بنگلو هو ۽ چيائين ته هن پنهنجي پٽ ۽ شايد پيڻ کي به آمريڪا موڪليو آهي، جتي هو پڙهن ٿا ۽ خرچ کين پاڻ پهچائيندي آهي.

نندي هوندي کان وٺي ميان غلام رسول شاهه جي صحبت ۾ هن ڪلاس سان واقفيت هئم. خير کانئس موڪلائي هوٽل ۾ آيس. وڪيل دوستن کان موڪلائي بس ۾ لاهور روانو ٿي ويس. ريل گاڏي ۽ بس جي مسافريءَ ۾ گهڻو تفاوت آهي. بس ۾ ماڻهو زمين سان ۽ رهندڙ ماڻهن جي گهڻو ويجهو آهي. ڳوٺڙا ڏسندو اچي لاهور پهتس. لاهور ۾ دوستن سان مليس. اڳتي راولپنڊي ويس، جتي به پارٽيءَ جي ورڪرن ۽ دوستن سان مليس، پشاور ويس، جتي ماستر گل خان گل وٽ رهيس ۽ پوءِ پنهنجي پراڻي ۽ مني ساٿي ارباب عبدالغفور سان سندس ڳوٺ ملڻ ويس. ڳوٺاڻي زندگي هوبهو سنڌ واري زندگي آهي. پوک جي ٻاهران کٽ تي ويناسين. سندس گهر جو ڪوٽ سو به زمين سان لڳولڳ آهي ارباب سڪندر منهنجو پراڻو دوست آهي. انهيءَ سان مليس، رات جي ماني هڪ هوٽل ۾ کارايائين، پوءِ اچي اسٽيشن تي ڇڏي ويو. وري موٽي

لاهور آيس. جت پريس ڪانفرنس سڏايم، اتي پيٽي صاحب تي سخت نڪتہ چيني ڪيم. لاهور جي اخبارن انهيءَ منهنجي پريس ڪانفرنس کي وڏي اهميت ڏني. اهڙيءَ طرح سان ڪراچيءَ ۾ پريس ڪانفرنس هڪ سخت بيان ڪيم. پيٽي صاحب کي هن ڳالهہ جو ڏک ٿيو ۽ جتوئي صاحب سان اهڙو ڏک ڪيائين، جنهن مونکي شڪايت ٻڌائي. پنهنجو پيٽي صاحب سان ڪوبہ شخصي اختلاف ڪونہ هو. سنڌ جو مسئلو هو، مان سمجهيو ٿي خودمختياري جيتري شيخ صاحب ۽ عوامي ليگ جي پاور ۾ اچڻ سان ملندي، اها پيٽي صاحب کان ملي نہ ٿي سگهي.

اخلاقي قانوني طرح سان بہ عوامي ليگ پاور ۾ اچڻي هئي. تنظيم کي مضبوط ڪرڻو هو جو حڪومت ونڻ وقت کي چڱا ساٿي ملي وڃن.

انهيءَ سلسلي ۾ سڄي سنڌ ۾ دورو ڪيم. پياري عبدالغفور پرڳڙيءَ جي بنگلي ۾ ميٽنگ سڏايم. دوست محمد ابڙو تہ اهڙو پيارو دوست آهي، جو جڻ تہ منهنجو پاءُ آهي. جڏهن لاڙڪاڻي وڃان تہ وچي وٽس رهندو آهيان. نواب شاهہ کان پوءِ لاڙڪاڻو مونکي پنهنجو نظر ايندو آهي، ڇاڪاڻ تہ هاري تحريڪ جي زماني ۾ هيءُ ڀهريون شهر هو، مون کي گهڻي کان گهڻا سياسي دوست بہ لاڙڪاڻي ۾ آهن ۽ ون يونٽ جي خلاف تحريڪ ۾ بہ مان لاڙڪاڻي ۾ جهليو هوس ۽ جا همدردي لاڙڪاڻي مون سان ڏيکاري سا هميشہ ياد رهندي. لاڙڪاڻي جا سڀ معزز ماڻهو ميٽنگ ۾ آيا. باجنسي روئن پيا تہ پيٽي صاحب جي راڄ ۾ هو مارجي ويندا. مان کين تسلي ڏني تہ حڪومت سنڌ پيٽي صاحب جي ٿيندي مگر گورنر اسانجو رهندو. تنهن ڪري کين ڪابہ تڪليف نہ پهچندي. عوامي ليگ کي جيڪڏهن پاور ڏنو وڃي ها تہ گهڻا وڏيرا پيپلزپارٽي ڇڏي اسان وٽ اچن ها. انهي وقت بہ مونکي گهڻن نياپا موڪليا هوا.

اي صاحبِ دل! منهنجي سورن جو احوال نہ پڇ! منهنجو سورن جو داستان تمام وڏو آهي، ڪهڙا سور توکي ٻڌايان!! شايد ڪو انسان هجي، تنهن ايترا سور سٺا هجن!! صرف ٻين لئہ! مون پاڻ کي برباد ڪيو، خوشين جي حساب سان، مون پاڻ کي آباد ڪيو، سورن جي حساب سان. ڪير ٻڌائي تہ ڪهڙو سودو سٺو.

سورن جا پاڙا ٿين، سورن جون ذاتيون ٿين، سورن جا رنگ ٿين، سورن جا ڍنگ ٿين، سورن جي پنهنجي پنهنجي موسم ٿئي، سڀ ڪنهن جي پنهنجي خوشبوءِ ٿئي، پنهنجي خوراڪ ٿئي، سورن سان شل سدائين ساٿ هجي! ڪيئن چوان ساٿ نہ هجي! ائين چوان تہ مان بي وفا ٿيان!! خوشيون ۽ سک بي وفا آهن، سور باوفا آهن!! ڀلا جي منهنجي هن منڙي رت تي پليا، جن منهنجي اکين جا ڳوڙها چٽيا! جن منهنجي دل ۾ رفعت آندي! جن مونکي اڏما ڪارايا! جن مونکي ڪوڙي مني، ڪوڙي تلخ، لذت ونائي! منهنجي عمر جا ساٿي، تن سان بي وفائي! سو بہ تڏهن جڏهن اڃي قبر پيڙو ٿيو آهيان! منهنجي قبر تي ڪير روئيندو!! منهنجي قبر تي ڪير مجاور ٿي ويهندو! ها مونکي خبر آهي. هيءُ سور منهنجي قبر جي مٿان ڀون ڀون ڪري گهمندا! هي منهنجي قبر سُنگهندا. ڪٿان ڪٿان ايندا، ڪي لنڊن مان ايندا، ڪي دهليءَ مان ايندا، ڪي آگري مان ايندا، ڪي ڪانپور مان ايندا، ڪي ڍاڪا مان ايندا، ڪي آڪسفورڊ مان ايندا، ڪي ايٿنس مان ايندا، ڪي ڪيرو مان ايندا، ڪي ڪابل مان ايندا! پوءِ سنڌ وارا سور سندن مهماني ڪندا! منهنجي قبر تي ميلو لڳندو، پر منهنجو هڏ هڏ هنن جو ٻڌي چڪندو، ٻرندو ۽

چوندو پلي آيا! پلي آيا! اچو اچي اسان کي کائو. اچو اسان کي کٽي، کنهن ديگ ۾ باهه تي پاڻي ۾ وجهي پاهه کري، سُرکيون پريو!! اچو! پلي آيا!! پوءِ سنڌ جي سور، سسئي، سهڻي ۽ مارئي کي وٺي ايندا. اهي منهنجي مٿان مٿو اگهاڙو کري رئنديون!! کا پنهل! پنهل کندي، کا ميهر ميهر کندي، کا وطن وطن کندي! هاءِ! هاءِ! مون اندر قبر مان کنهن کي پکاريندس! کنهنکي نه! فقط توهانکي منهنجا مٺڙا ڏکڙا، توهان مون سان کيئن گهاريو، کيئن گذاريو! کيئن اچ وري اچي منهنجي قبر تي مليا آهيو! ٻيو ته کوئي نه ايندو! سڀ وساري ڇڏيندا! پلي آيئو سورَ!

يتيم، پرديسي، جيلي، سکايل، ماريل، رسين ۾ ٻڌل، هٿن ۾ هٿکڙيون، باندي، مظلوم، کڙي کٽيل، جياري ۽ وري مارڻ، ماري وري جيارڻ، هي آهي ۽ هئي منهنجي زندگي!!

سور سولا نٿا اچن! اي صاحبِ دل ! شاهوکار ته گهٽا، خوشين ۾ نچندڙ ۽ ٽپندڙ ته گهٽا، پر سورن جو سڙيل کو ۽ ورلي ملندو!! سورن کي سڏڻ ڏاڍو ڏکيو!! سور ٻڌن ئي کون!! سورن کي خوراک گهرجي، سور کي سوز گهرجي! سورن لاءِ آواز گهرجي، ساز گهرجي، سورن لئه حسن گهرجي، سورن لئه دل گهرجي!!

مونکي منهنجي مولا اهي سڀ کجهه ڏنيون! مٺڙي آواز تي موهجي وڃڻ، حسن جي اڳيان ڦٿکي پوڻ، قدرت کي ڏسي روئي ڏيڻ! هيءَ آهن منهنجا احساسات!! منهنجي دل تکر تکر ٿيو وڃي، جيئرا جليو وڃن!! سورنکي اهڙو گهر گهرجي، مون وٽ قدرت نندي هوندي کان اهڙو گهر بنايو.

اڄ اهڙي ميدان تي نکرون ٿا، جو منهنجي زندگي جو نرالو چئپتر آهي. تمام نرالو، تمام انوکو! جهاز تي لاهي ڇڏيائون، هزارن جي سامهون اسان کي لاٿو ويو! کنهن جي قرب اسان کي ڇکيو هو، مني مدنيءَ، اکين جي نار جا اهي ماڳ جت پاڻ مليا هوندا، ويٺا هوندا، انهن جي ڏسڻ جي سک گهر مان کڍي، کراچي ايئرپورٽ تي آندو.

مني مرسل جي سڪ ۾ اکين ۾ پاڻي هو، اهو خواب اکين اڳيان پئي ڦريو ته چاڻ ته سندن وٿاڻ، وطن تي پهچون، پر هنئن زوري لاهڻ، وڇوڙو وجهڻ، تنهن دل کي ڳاري وڌو!!

رئندا موتياسين، منهنجي گهرواري ته عاشق رسول آهي، جا چوويهن ڪلاڪن مان جيترو جاڳندي آهي، تنهن جو گهڻو حصو عبادت ۾ گذرندو آهي ۽ مني مرسل جي سڪ ۾ هميشه رئندي آهي، سا اڄڻ سان بيهوش ٿي ڪري پئي، انهن ۽ ٻين ڏکن مجبور ڪيو ته وطن ڇڏي بي وطن ٿجي، ڪنهن اهڙي هنڌ وڃجي جو وري نه موٽجي. دل ته چاهيو ته ٻئي زال مڙس گڏ هجون، پر هڪ عورت سا به عمر رسيده، پردي نشين، تنهن کي ساٿي بنائي نٿي سگهيس.

تڪيٽن جا پئسا اٽڪل ڏهه ٻارهن هزار منهنجا پياريل هئا، ڊالر به وٺل هوا، سي واپس ڪرائڻا هوا. انهن جي عيوض روپيا حاصل ڪرڻ، پنهنجي ٻچن لاءِ ۽ رفيقه حيات جي لاءِ ڪجهه سال اڌ جو قوت لائي ڪجهه ڇڏڻ، اهي سڀ ڳڻتيون هئم، پئسن وٺڻ ۾ چڱو وقت لڳي ويو، گهر ۾ اٽڪل پنجويهه يا ٽيهه هزار ڏنم، ڊالر جي بليڪ ۾ ورتل هوا، اهي پاڻ سان لڪائي رکيم ۽ ڪجهه هزار پاڪستاني روپيا به ڪنيم.

آخر جڏهن سمورا پئسا مليم، تڏهن بئنڪ مان موٽندي دل کي خوشي ٿيڻ لڳي ته اڄ، هتان ڇڏڻ جا سانباها ڪبا. اڄ وطن کان الوداع ڪرڻ لاءِ قدم اڳتي وڌائڻا پوندا. گهڻيئي رستا پڇيم ۽ جاچيم، پر آخر اهو فيصلو ڪيم ته ٿر کان نڪري وڃان. گهرواري کي يا ڪنهن عزيز دوست کي مطلب ته ڪنهن کي به ڪونه ٻڌايم ته مان هميشه لاءِ لاڏاڻو ڪيو ٿو وڃان. آخر منجهند جي ماني ڪائي، تيڙ ناهي پنهنجي رفيقه حيات کان موڪلائي نڪتس، ٻه ننڍڙا ٻچڙا تسنيم ۽ جاويد مون سان ڪراچيءَ ۾ گڏ هوا. دل کي درد ته ٿئي پيو ته مان هاڻي اهڙي سفر تي وڃي رهيو آهيان، جو وري هن سان موٽي ملڻ ڪونه ٿيندو، جڻ ته مرڻ جو ڏينهن اچي ويو هو ۽ هميشه جو وڇوڙو

اچي رهيو هو، الائي چو جنهن وقت ٿيلهو ڪٽي ٻاهر پئي نڪتس تہ منهنجي زال رڙ ڪري چيو، ”اڙي! رسي تہ ڪونہ ٿو وڃين!“

مان نتائي ٻاهر نڪتس، اڳيان گهر جي ٻاهرين ڳليءَ ۾ رفيق منهنجو نياڻو بہ اچي رهيو هو، چيائين، ”چاچا! مان ٿيڙ ڪٽائي هلانوَ!“ مان چيو، ”نہ ابا! مهرباني.“ ڪن ٻوساٽي نڪري پيس، شهر ۾ ڪونہ ويس، شهر کان ٻاهر حيدرآباد جي بس لاءِ وڃي ويٺس، گهر کان ٻاهر رڪشو ڪيو هوم، دل ڏاڍي اداس هجي! جوان پيو تہ شل ڪونہ ڏسي ڪونہ پڇي، بس آئي، بس ۾ چڙهي ويٺس، پري کان هڪ ڏٺل صورت نظر آئي، پاڻ کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪيم. حيدرآباد وڃي پهتاسين. بس اسٽينڊ تي وڃي لٿاسين، جيتر ٻي لاري اچي تيتر پئي پاڻ لڪايم، بس ميرپورخاص واري آئي، رات رهي ۽ پئي ڏينهن تي هڪڙي اسٽيشن تي وڃي لٿس، جتان ٽرڪون ٿر ڏي وينديون هيون. انهيءَ اسٽينڊ تي لهي پيس، وڃي هڪڙي مال گاڏيءَ جو پاسو ورتم، اتي چادر وڇائي، ٿيلهو مٿن هيٺان رکي سمهي پيس.

خبر لڌم تہ ٽرڪون شام جو روانيون ٿينديون، انهيءَ ڳوٺ ۾ غريب مزورن ۽ مسافرن کان پڇڻ لڳس تہ ٿر ۾ ڪهڙا ڪهڙا ٿڙ آهن، جتان هندوستان جون حدون ويجهيون آهن، ماڻهو مون کي هندو سمجهڻ لڳا ۽ مان بہ پاڻ جاڻائڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪئي. اتي اهڙا پيداگير هوندا آهن، جن جو ڌنڌو هوندو آهي ماڻهن کي پئسا وٺي پار ڪندا آهن، مون کي بہ بہ ماڻهو اچي ڦريا، هو مون کي سمجهي ويا تہ مان اترادي واڻيو آهيان، هندستان وڃڻ گهران ٿو، هنن هزار روپيا گهريو، مان هنن کي ڏنو، پوءِ هو مون سان ٽرڪ ۾ گڏ چڙهي مونکي وٺي هليا. مون کي سمجهايائون، ”ڀائي! تون برهمڻ سڏاجانءِ، چئجان تہ تنهنجا چيلا ٿر جي پاسي رهن ٿا. انهن کي ملڻ لاءِ وڃي رهيو آهين.“ آخر ٽرڪ ۾ سوار ٿياسين، ٽرڪ هلي، ڪٽ هيٺ، ڪٽ مٿي، جلدي وڃي وڏن ڊٻن تي پهتاسين.

رات بہ اونداهي هئي، ٽرڪ جي لائيٽ هئي، بس وڏيون

ديوارون ڏسڻ ۾ پيون اچن، وري انهن تي چڙهي وڃون، ڪڏهن لهي وڃون، منهنجا ساٿي مون کان دور ٿي وينا، اهڙي طرح چڙهڻ هئڻ جو مون سان ڪوبه واسطو ڪونه هو.

اي اهل دل ! تون اڄ مون سان هئڻ ڪشالن ۾ اچي گڏ ٿيو آهين! شايد تون به مون سان منهنجن ڏکن ۾ شريڪ ٿيڻ گهرين ٿو!

اڄوڪي رات عجيب رات، موڪلاڻي جي رات آهي، وري هت موٽي اچڻو نه آهي، سڄي حياتي اکين اڳيان ڦرڻ لڳي، مٺي رفيقه حيات، سندس موڪلاڻي وقت منهن، ننڍڙا ٻچڙا، غريب پانديئڙا، سنگتي ساٿي، منهنجي اکين اڳيان ڦرڻ لڳا، چڻ چوندا پيا، "اسان ڪان ڇو رُسي وڃين ٿو! ڇا هميشه لاءِ وڇوڙو ڏئي وڃين ٿو! ڇا وري تنهنجو منهن ڪونه ڏسنداسين." مان به اهي منهن ڏسي ڪڏهن کلان به پيو، ڪڏهن رُئان به پيو.

منهنجي وطن جي مٽي، منهنجي وطن جا ماڻهو، منهنجي وطن جون واريا سون ڊبون سڀ منهنجي اکين اڳيان ڦيرا پائڻ لڳيون. سنڌ جا سر ڪوهياري، پيروي، راڻو منهنجي ڪنن ۾ وڄڻ لڳا، جڏهن هي سڀ ئي ڦري اچن ته ڪنهن جي دل نه ڦاٽندي، مون ئي پنهنجي خوشي سان، زماني جي ظلم کان وطن جي ڏکن ڏسڻ ۽ ڏکن لاهڻ ڪاڻ پڄڻ لاءِ مجبور ڪيو، پر اهي جن پنهنجو وطن، پنهنجا محل ماڙيون، پنهنجا جهوپڙا، ظالمن جي ظلم کان ڇڏيا هوندا، جن جا ٻچا انهن جي اکين اڳيان ڪُٺا هوندا، اهي دليون ڪيڏيون نه اداس ۽ غمگين هونديون، بس اهي ديس، اهي ويس، ياد اچي پيم.

ڇا سباش چندر بوس هوس، مولانا عبيدالله سنڌي هوس، هو ته وڏا ماڻهو هوا، جبل هوا، پهاڙ هوا، جن پنهنجي وطن لاءِ هيڏي قرباني ڪئي، مان ته هئڻ جهڙو ڪونه هوس، ڇا ڪنهن جي بي وفائيءَ کان دل اداس ٿي ۽ بي وفا جي ياد ۾ جهنگل اختيار ڪيم، يا ڪنهن محبوب کي ڪٽ ڳولڻ ٿي ويس، ڇا سنياسي هئس، جڳ ۽ جيون کان تياڳ ڪيو هوم، ڇا مارئي هئس ڪنهن زوري ڪٽي قيد ڪرڻ ٿي

گهريو؟ آخر ڇا هوس؟ مان انهن مان نہ هوس، ها مان انهن سڀني مان هوس، نہ مان اڃا ڪجهہ ٻيو هوس. ڇاڪاڻ تہ بي خبر هوس تہ ڪاڏي ٿو وڃان، ڇو ٿو وڃان ۽ ڇا ٿيندو! بس منهنجي دل ۾ هميشہ وڃان وڃان جي وائي رهندي آهي. ڪٿ بہ ٽڪ لڳائي نہ ويٺس، پر اڄوڪو وڃڻ هڪ ٻيءَ طرح جو هو.

بس پٽن مٿان پٽون اينديون وڃن، ڪڏهن اڪيون بند ٿيو وڃن، ڪڏهن ڪليو وڃن، ڪڏهن ڏڙاڪ ڳوٺين جي مٿان ڪريو پوان، ڪڏهن پرسان ويٺل پوڙهي يا جوان جي مٿي سان وڃي مٿو ٽڪرجي، وات تي چگڙا ڳوٺ پيا اچن، جت مسافر چانهہ جي پيالي لاءِ يا پاڻيءَ جي گلاس لاءِ لهيو پون، ائين رات گذرندي رهي.

اڄ بہ ڏاڍي لڳي پر ٽرڪ تان هيٺ لهڻ، وري چڙهڻ، ڪنهن جو هٿ وٺڻ، ڪنهنکي چنبڙڻ، اهو سڄو ڪشالو ڪير ڪري. تہ ۾ اسين اتر جا ماڻهو ظاهر ٿيو پئون، منهنجي منڙي سنڌ جا رنگ بہ نوان نوان آهن، ڪٿي ڪيئن، ڪٿي ڪيئن! هت هندو سي نيچ ذات جا گهٽا پيا گهمن، وري پيل هئم پينٽ چيم تہ ڪو سڃاڻي نہ وني، ڪو ڳالهائي نہ، ڇاڪاڻ ڳالهائن هو بہ سنڌي پر لهجو ٻيو. آخر جڏهن لڙي اڌ رات ٿي تہ مني ۽ ٿڌي هوا وٺڻ جي لاءِ، ٽرڪ جي ڊرائيور واري جاءِ جا مٿان ڊڪ تي اٿي ويٺس، اتي اڳيئي هڪ ماڻهو ويٺو هو. ڏسڻ ۾ ڏاڙهي ۽ سلوار ۽ پٽڪو پيل هوس. مان سمجهو تہ ڪو بروچ آهي، هن مون کان خبرچار وٺڻ شروع ڪئي، جي جواب نٿو ڏيان تہ بہ شڪي ٿئي، جي ڳالهايان ٿو تہ بہ ٿو ڦاسان. آخر جواب ڏيڻو پيو. پڇيائين، "ڪير آهيو ڪاٿان ٿا اچو؟"

"چيم برهمڻ آهيان، اتر لاڙڪاڻي کان ٿو اچان!"

"ڪاڏي ٿا وڃو."

هاڻي ڇا چوان، زبان مان نڪري ويو، "ديوين جي آستان ڏي درشن لاءِ!"

ڪجهہ شڪجي نهاريائين، "ڀلا ڪهڙا برهمڻ آهيو؟"

ڇا چوان، چيم، ”منڪنپتي.“

چيائين، ”برهمڻ جو اهڙو پاڙو نہ ٿيئي ڪونہ.“

هاڻي سمجهيم تہ هيءَ پڇا ڏکي. مان تہ هن کي بروچ سمجهيو پر هيءُ تہ وڏي ڪا بلا آهي. چيم ڇا ڪيان، سو وني اوباسيون ڏنم. چيم ننڊ ٿي اچي، اچي هڪ اسٽينڊ تي ترڪ بيٺي، هو همراهہ جي پريان وينا هوا. لهي پيا. لهي پري کان بيهي اشارو ڪيائون تہ لهي پئہ. ٽپڙ ڪٺي لهي پيس، هن ماٺهو ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪن پوساتي هيٺ لهي پيس، اڄ بہ ڏاڍي لڳي هئي، آخر ٽورو پري وڃي ٻن همراهن سان گڏيس، چيائون، ”اهو برهمڻ آهي ۽ ڪيس مهراج ڪري سڏيندا آهن. اهو پوليس جي لاءِ سي آءِ ڊي بہ ڪندو آهي. بچ تہ ٻچون!“

پاڻي بہ پيتم الائي نہ. هاڻي ترڪ اتي بيٺي هئي، ماڻهو صبح تائين اتي آرام ڪندا آهن. ڪتون مسواڙ تي ملنديون آهن. مان بہ اڄ چور هوس، حڪومت جي اجازت کان سواءِ سو بہ دشمن ملڪ ڏي وڃي رهيو هوس. دل پئي ٿوري ٿئي تہ اتي پوليس جو ٿاڻو بہ آهي، متان وڃي پوليس کي ٻڌائي ۽ جي پڪڙجي پيس تہ پوءِ تہ ڏاڍو خراب ٿيندو، ٿوري روشنائي هئي، هو ٽري هوا. تن کي ٽر جا پيچرا رستا تن سڀني کان واقف هوا. هلڻ جا ڏاڍا تڪا. منهنجو ٿيلهو هنن کنيو. مان بوٽ هٿ ۾ کنيو. ڊڄان بہ پيو تہ هو جيڪڏهن ماري ڇڏين تہ پوءِ مان ڇا ڪري ٿي سگهيس. البت هندو سڏائڻ ڪري هنن جي همدردي مون سان هئي، وري جو کين ٻڌايم تہ منهنجا ٻار ٻچا هندستان ۾ آهن، اهي مون کان سواءِ ڏاڍا ڏکيا آهن، انهيءَ ڳالهہ هنن جي دل ۾ منهنجي لاءِ همدردي پيدا ڪئي، آخر هلندا هلون! هلندا هلون! اسر جي وقت هڪڙي ڳوٺ جي پرسان لنگهياسين، ڪتن ڀونڪيو، هڪڙو ٿلهو متارو ماڻهو سلوار ۽ پيٽ اگهاڙي سان نڪري اسانجو اڳ ونڻ لڳو، ”ڪير آهيو، هنڙي ڏڪئي وقت نڪري پيا آهيو.“ منهنجي همراهن مونکي جهلي ڇڏيو تہ مان نہ ڳالهايان. مون هن کي وراڻيو تہ مينگهواڙ هواسين. هن

ڪان پڇيائون، چيائين، "مان خاصڪيلي آهيان." پر هن اهڙي چئي ۽ مني سنڌي ڳالهائي جو منهنجي دل ۾ چڀي وئي. رات ٿڌي هئي چار پنج ڪلاڪ پنڌ ۾ گذري ويا هوا ۽ پيچرن تي واري هئي پر ايتري هيناڻين متاهين ڪانه هئي، جنهن وقت مان هنن سان پهريائين ڳالهايو هو، تڏهن مون ڏي ڏسي چيو هئائون، "يائي! تون پوڙهو ماڻهو آهين! پنڌ جون سٽون ڪئي جهلي سگهندين." پر هنن پنجن ڇهن ڪلاڪن ۾ ته مان ڪٿر ڪانه ڇڏي. وقت سر ته هنن کان به اڳتي پيو نڪري وڃان، آخر ڏينهن تيڻ لڳو، اتي واريءَ جي دڙن به منهن ڪڍيو. ڪڏهن هيٺ ڪڏهن مٿي، وسندي رات جو ڇڏي آياسين، اتي جنگهن ڪجهه سور محسوس ڪيو، پيرن ۾ لڦون پوڻ لڳيون، اڄ به اچي ورايو، پري ڪان جيڪڏهن ڪي گهر يا وڻ ڏسڻ ۾ اچن ۽ همراهن کي چوان ته اوڏانهن هلن، هو چون ته پڪڙجي پونداسين، بس ڊڄ وري ڪٽي موڙي، هلندي هلندي هاڻي ٿڪاوٽ اچيو ورائي، ڪٿي ويهي رهان، ڪٽ رڙهان، همراهه مونکي ڏسي چوڻ لڳا، "اسان ته اڳيئي چيو ته تون سنڌ جو واڻيو، ڪٿي ٿو رڻ جي دپ جهلين" پر ڪجهه شرم، ڪجهه لڄ کان ڪجهه ضد کان اڳتي هلندورهيس، پن ٽن هنڌن ساهيون به ڪنيم، پر اڄ به اچي اهڙو ورايو جو بيهوش ٿيڻ جهڙو ٿي ويس. اتي اچي ڪچڙي منجهند ٿي، سج به تپڻ شروع ڪيو، واري به تپي رهي هئي، وات به خشڪ ٿي ويو، هاڻي ته ڪاري واري پئي نظر اچي، آخر هڪ ڪرڙ هو يا ڪانڊيرو، تنهن جي ٿورڙي ڇانوَ ۾ پوتي وڇائي ڪري پيس، هاڻي ڏئي وني بيهي رهيس. همراهه به بي پرواهه ٿيڻ لڳا ۽ ڊڪڻ لڳا. خوف به تاري ٿيڻ لڳو ته مون وٽ روپيا به هئا ۽ ڊالر به، هي ڪٿي ماري نه ڇڏن پوءِ ته ماڻهو هيڏي نه هوڏي. چيومان ته ڪٿان پاڻي آڻي ڏين، چيائون ته هو ڪٿي ڦاسي پوندا چرڻ جي نه ڪن. سمجهيم ته هاڻي اتيئي ٿو فيصلو ٿئي. اکيون بند ٿي ويون، ڏاڍي تڪليف محسوس ڪرڻ لڳس، ايتري ۾ ڪجهه ڳالهائڻ پڌم پر سمجهه ۾ نه پيو اچي، پوءِ هڪڙي همراهه رڙ ڪري چيو ته پاڻي مٿان پيو ٿو وڃيئي، اسانکي نٿو

ملي، اڪيون ڪوليم ڏسان تہ هڪ پريءَ جهڙي سهڻي ڇوڪري آهي. مٿي تي گهڙو اٿس، پر اسان کان اڳتي وڌي وئي، وسيعت تہ ڪانہ هئم پر حياتي بہ مٿي آهي، جيئن تيئن ڪري وڃي پهتومانس، چيومانس، ”امڙ! مان تنهنجو پيءُ وانگر آهيان. مران ٿو! پاڻي پياريم.“ مونکي ڏسي بيهي رهي، ڳالهايائين ڪونہ. گهڙو لاهي منهنجي پڪ ۾ اوتڻ لڳي، پاڻي پئندو وڃان پر پاڻي زبان بہ پيو تئي. ڏٺي شل ان نياڻيءَ جي لڄ رکي، پاڻيءَ جي زبان جو خيال ڪونہ ڪيائين، مون کي رڄ ڍئہ ڪرايائين، پوءِ جڏهن مان هٿ جهليا. وري ڪٽي گهڙو مٿي تي رکيائين ۽ هو هلي وئي. مان موٽي اچي همراهن سان مليس، پوءِ سمجهيم تہ هنن کي ڇو جواب ڏنائين. هي جوان مڙس هوا. ڇوڪري کي شڪ پيو تہ متان سائس ڇيڙ ڇاڙ ڪن. اتي ڪجهہ هوشيار بہ ٿيس، هاڻي اتي هلڻ لڳاسي، اڄ اهڙي شيءِ آهي، جو لهڻ کان پوءِ بہ نہ لهندي آهي. ڪجهہ هلياسين تہ وري اڃ ٿيڻ لڳي، پر هاڻي ائين ٿيو جو اچي ڪيتين ۾ پياسين، جتي ڇانهان ڇپي ڇپي تي ولين ۾ لٽڪيا پيا هوا. مٺا ڪونہ هوا. ڦڪا هوا. پر مونکي هي تاس سو وڃان پيجندو ۽ پاڻي پيئندو. آخر ڇاهن اهڙو تہ ناري ڇڏيو جو چرڻ کان ٻاهر. ڪيتيءَ جا ملڪ ڪٽ ملن پيا ڪٽ نہ. منهنجن همراهن کي ٻيڙيون هيون، هڪ ٻيڙي پيا ڪنهن کي ڏين تہ هو پنج ڇانهيان پيو ڇني ڏئي. اڃي ڍنڍ تي پهتاسين، منهنجي همراهن چيو تہ ”اسان هن ڍنڍ مان توکي پاڻي پياريون ها“ ڍنڍ اهڙي ڪني هئي جو توبهہ، چيم تہ جي اتان پاڻي پيان ها تہ بيمار ٿي پوان ها. اتي چوڌاري چيلهہ جيڏا گاهہ بينا هوا پر سڪي ويا هوا. دل ۾ چيم تہ سنڌ جي حڪومت هيءُ گاهہ ڪپائي ڪٽي وڃي تہ مال جي لاءِ الاهي خوراڪ ملي وڃي.

اتي منجهند لڙي وئي، پيرن جون لڦون تن ۾ اچي سور پيو، همراهن کي آزيون ڪيم تہ ڪٽ آرام ڪڄ، وڻن جا جهڳٽا بہ نظر پيا اچن. هڪ اڌ ڳوٺ بہ پري ڪان ڏسڻ ۾ آيو. همراهن جو دلاسن تي زور، اجهو هن ڳوٺ پرسان، اجهو هَن ڳوٺ جي پرسان هلي ٿا آرام

ڪريون! ائين ڪندي ڪندي ڀيڙي لڙي وئي. هڪڙا ٻن انن تي ٻه مسلمان وڏيرا اچي لانگهائو ٿيا، جي مون کي چتائي ڏسڻ لڳا. منهنجن همراهن ٻچا ٽي ٻڌايو ته اسين مينگهواڙ آهيون. انن وارن همراهن مون کي ڏسي کلي ڏنو، ڇي ھي همراهه ته مينگهواڙ ڪونه آهي ۽ هنن کي ڇيائون ته هو پيداگير هوا. همراهن کي اچي ٽاهوڙ پئي. مونکي ڇون ته پڇ ته پڇون، هاٺي مان پڇان ڪيئن. پري کان ڏنوسين، ڪجهه عورتون دلا ڪٽي قطار ڪيون پيون ڪاڏي وڃن. هنن ڇيو ته هو تلاءُ ڏانهن پاڻي ڀرڻ لاءِ وڃي رهيون آهن. آخر ڏاڏو ٿڪجي پيس، پوءِ هنن ترس کاڌو، هڪ ڳوٺڙي جي پرسان وٽن جي جونڪڙيءَ ۾ اچي مون کي وهاريائون. هل هلان جي وقت خوف ۾ مون کان سڀ ڪجهه وسري ويو.

چادر وڇائي سمهي پيس، وٽن جي ڇانوَ هيٺ. هڪ هنن مان هليو ويو، ٿوري دير کان پوءِ ٻاجهريءَ جون ٻه سڪيون مانيون ڪٽي آيو ۽ پاڻي جي دلي به آندائين، ڏاڏو خوش ٿيس، ڊنس پئي ته ڪُمي ممي نه ڪتان رڏل ڪٽي اچن، پاڻي پي سمهي پيس، سج لهڻ کان ٿورو اڳ ،ر جاڳيس، ڪٽي جو ڏسان ته ڪتان موترون پيون اچن، ڪتان جيپون پيون اچن، ڪٽ ماٺهو پيا ڦرن، ڪٽ ماٺهو پيا ڊوڙن، ڏاڏو تعجب ۾ پئجي ويس، موترن ۽ جيپن جي ڪڙڪي جو آوز ته اچئي ڪونه، پوءِ هنن سمجهايو يا پاڻ ئي سمجهيم ته مان رڻ پٽ ۾ هوس، اتي اهي رنگ ٿيندا آهن.

سجي رات ۽ سجي ڏينهن جو عجيب چڪر ڪاٽي، اج اڪيلو رڻ پٽ ۾ پنهنجي چادر وڇائي، متن کان ٿيلهو رکي ويٺو هوس، جنهن ۾ سواءِ ڪجهه ڪپڙن جي ٻيو ڪجهه به ڪين هو. اج سڀ اوسيئڙا لاهي، سڀ سانگا لاهي، هڪ نانگو ٽي ڪنهن جي نينهن ۾ نڪري نروار به ٿيس ۽ گم به ٿيس. ضرور دل ۾ نينهن هو، ضرور دل ۾ عشق هو، ڪنهن جو، انسان جو، وطن جو، نه سيني کان متي انهي ڪائنات جي مالڪ جو. انسان جي محبت هجي، وطن جي محبت هجي، پر ان کي هميشه پردو سمجهبو آهي. انهن سيني تهن جي اندر سوجهرو

حقيقي عشق هوندو آهي. محبت، عشق، متي نہ آهي، هذا نہ آهي، وڻ نہ، ٻن نہ آهي، يعني ڪوئي وجود نہ آهي، عشق، محبت، عقل، علم ڪي ڪوئي وجود نہ آهي، تہ پيلا هيءُ ڇا آهي ۽ اهو تہ عجب آهي، اهو تہ تعجب آهي، هيءُ سڀ ڪجهہ آهي بہ ۽ انهي هوندي ناهي بہ، اهو سڀ ڪجهہ هڪ نشاني روشني آهي، تڙپ آهي، تڙپ آهي، تڙپ آهي، ظهور جي. هيءَ شاهدي آهي، انهيءَ ذات جي هجڻ جي، جنهن جي ذات نہ آهي، جنهن ڪي ڪو وجود ڪونہ آهي، هو هنن سڀني وجودن، صفتن کان پاڪ آهي، ڪيئن ليندو، ڪتي ليندو، ڪير لهندو، ڪڏهن لهندو؟ لهڻ لڀڻ هيءُ وجودي تمثيلون آهن، هو لڀڻ ۽ لهڻ کان پاڪ آهي. هو پائجي سگهجي ٿو، هن جي هجڻ جو احساس محسوس ٿي سگهي ٿو، هو ڇاٽي سگهجي ٿو، هو پري ڪونہ آهي، هو هردم ۽ هرهنڌ وسي ٿو. هيءُ تنبورو، يعني انساني وجود، هي ارتقا جي بهترين ۽ شايد مڪمل منزل آهي، ڪائي مخلوق هن کان بهتر ڪانہ آهي ۽ شايد نہ ٿئي. هيءَ ارتقا جي عظيم ۽ آخري منزل آهي. ساز تہ نهي ويو، ساز بہ اهڙو جيئن هڪ ريڊيو سيٽ هجي يا ٽيليويزن سيٽ هجي، سڄي جهان جون لهرون اچن ۽ انهن کي جهٽي ۽ وري انهن کي صورت ڏئي ٻين کي پيش ڪري، انساني وجود، سڄيءَ ڪائنات جي درستي آهي. انسان نہ هجي تہ ڪائنات انڌي ٿي پوي. خود ائين چوڻ تہ انسان نہ هجي غلط آهي، ڇاڪاڻ تہ انسان بہ انهيءَ ڪائنات جي پيدائش آهي. انسان ڪا ڌار چيز نہ آهي، سڄي ڪائنات هڪ وجودي ارتقا آهي، جوڙون جڙندي جوڙون جڙنديون رهنديون، واهون وڌنديون رهنديون، راهون کلنديون رهنديون، بس هن سڀ ۾ هڪ رمز آهي، هڪ راز آهي، هڪ ساز آهي، هڪ آواز آهي، اهو وهندو، وڌندو ۽ وڇندو رهي ٿو، اهو راز آهي ارتقا.

انساني وجود هڪ اعليٰ منزل آهي، انسان خود ساماڻجي، ڪنهن ڪڙيءَ تي پهتو آهي، جو ارتقا کان ڇڄي ڌار ٿي، خود هڪ قسم جو خالق بڻجي چڪو آهي. اڄ قدرت جي ارتقا ۾ هن بہ ڪيترن وجودن، شين، ڪيترن تخيلن کي جنم ڏنو آهي ۽ انهن کي پيدا ڪيو

آهي. قدرت ۾ جيڪي نهي ويو، نهي پيو، نهي ويندو، انهيءَ سان گڏ انسان جيڪي ناهي ويو، ناهي پيو ۽ ناهيندو تنهن ته سڄي ڪائنات کي سينگاري سهڻو ناهي، اڄ هن منزل تي پهچايو آهي، هي هوائي جهاز، هي راڪيٽ، هي آسمان ۾ ڌرتيءَ جي وچ تي نيون آباديون، نيون بستيون، هي ريڊيا، ٽيليويزن، هي محل، ماڙيون، هي سارنگيون، سرندا، شهنايون، هي رنگي، هي روپ، هي ناچ، هي گانا. مطلب ته جيڪي ڪجهه ڏسجي ٿو، هي سڀ ڪجهه هن انسان جي دماغ جي ايجاد آهي. هيءَ اهڙي جهاڳ آهي، جنهن کي جيترو ولوڙبو، ايترا رنگ اختيار ڪندي، پر هي رنگ ڪيئن پسجن ۽ ڪيئن ڏسجن. هي رنگ خود رنگ نه آهن، پر هيءَ اک آهي، هيءَ دل آهي، اها ڪهڙي منزل تي پهتل آهي، ڪيڏي اوچائيءَ تي پهتي آهي، هن جو انتهائي سور ڪهڙو آهي، اهو انهيءَ اک تي، انهيءَ دل تي، انهيءَ دماغ تي منحصر آهي. جيئن هڪ ننڍڙو ٻار يا هڪ گند اندر ستل انسان، سو ته گونهه ۽ گلقند ۾ ڪوبه فرق ڪونه ڪندو، جهٽ ڪٽي وات ۾ وجهندو، انهيءَ ڪان مٿي هوندو ته ڪجهه تميز ڪندو، پر انهيءَ ڪان مٿي چڙهندو ته خبر هوندس ته هنن جي، هن جي ڪائڻ مان ڪهڙا نقصان، ڪهڙا فائدا، پر اڃا به مٿي هوندو ته هنن جي جزن، ڪيميائي قدرن جي هن کي خبر هوندي. انسان خود ته ارتقا جي آخري ڪڙي آهي، پر خود ۾ ان ۾ نئين يعني دماغي، خيالي ارتقا شروع ٿي وئي آهي، جا اڃا هلندي رهي ٿي ۽ جنهن آخري ۾ مڪمل منزل حاصل نه ڪئي آهي يا ائين ڪٽي چئجي ته اها ارتقا لامحدود آهي، انهيءَ کي آخري ڪڙي آهي ئي ڪانه. اها وڌندي رهندي، هلندي رهندي، پچندي رهندي.

بس اهيئي ويچار ۽ اهيئي ڳالهيون. اها هئي ايڪانت جا مونکي اڪيلائيءَ ۾ رڻ پٽ ۾ حاصل ٿي. تحقيق هيءُ تنبورو آهي، جنهن کي ٻاهران ڪوبه ڪونه ٿو وڄائي، پر خود هن ۾ قدرت آهي ته پاڻ وڄي، هن جون تارون ملائٽيون آهن، هن جو تارن کي گرُ ڪان بچائڻو، هنن تارن کي مهٽي، اڇو اجرو رکڻو آهي، هنن کي ڪنهن پڄ تي رکڻو آهي،

هنن سيني کي گڏي سر ۾ ڪري پوءِ ڪنڌ سان لائي، جهوليءَ ۾ رکي، تارن تي، تنبوري جي پيٽ تي آڱريون رکٽيون آهن. تنهن ڪان پوءِ گندي صفا ڪري، هٿ ۾ ڪٽي هن تي هلائٽي ذهي ۽ پوءِ آڱرين کي بندن تي گهمائٽو آهي، تنهن ڪان پوءِ سُر نڪرندو، آلاپ ٿيندو، دانهن نڪرندي، پر تنبورو تہ نهيو ۽ وڳو. پر تنبوري وڄائڻ وارو ڪير آهي، هن ڪيتري محنت ڪئي آهي، هن جي دل ۾ ڪيترو درد آهي، سرندو يا تنبورو بہ نيڪ آهي، پر وڄندا هٿڙا آهن، وڄندي تہ دل آهي، انهيءَ دل جي ڪهڙي منزل آهي، هن انهيءَ تنبوري تي ڪيترو رياض ڪيو آهي. يعني هن جي ارتقا جي منزل ڪيتري آهي. تڏهن تہ منڙو لطيف چوي ٿو. "تتيءَ تڏيءَ ڪاه، ڪانهي ويل ويهڻ جي" هل ۽ هل! پڙهہ ۽ پڙهہ! جل ۽ جَل! اَڏي وڃ اڏامي وڃ، چڙهندو وڃ ۽ چڙهندو وڃ! هيءُ ڪڏهن ٿي سگهي ٿو، جڏهن مٽي ڇنڊي، ڏوڙ ۽ دز کي پري ڪري روشن ٿجي. اجا بہ چون ٿا تہ دنيا صرف مٽيءَ جو وجود آهي. نچڻ، چمڻ ۽ سمهڻ ئي صرف سندس ڪم آهي، جيڪي ۽ جيترن کي چمي، يا تن سان سمهي سگهجي، اوترو نيڪ آهي، خير سڀ ڪو پنهنجي خيال ۾ گم آهي، پر حقيقتن اهو بہ ڪنهن انداز اندر ڪنهن حد اندر فطرت جي تقاضا آهي پر اتي بيهي رهڻ ۽ انهيءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ ٻين کي عذاب ڏيڻ، سڄي معاشري کي درهم برهم ڪرڻ ۽ ڪتي وانگر سڄو ڏينهن گگ ڳاڙڻ، هيءُ تہ ارتقا کي ٻنجو ڏيٹو آهي. انهيءَ ڪري ضروري آهي تہ انهيءَ گند مان، اکين جي دِوَ مان، شهوتي لذتن مان ڪجهہ ٻاهر نڪري، گهٽو ڪجهہ آهي، جو ڏسجي. پر جي هتي ئي انسان غرق ٿي، سڄو معاشرو انهي ٻيڻ ۽ سمهڻ جي لپيٽ ۾ اچي وڃي تہ پوءِ جيئن اڄ ٿي رهيو آهي، سڀ ڪو، سڀ ڪجهہ پاڻ ڏي ڇڪيندو، پوءِ تہ هن رڄ ۾ اسين سڀ ٻاٽي ٻاٽي ڪري مري ويندا سين.

هيءُ ارتقا جي خلاف، هيءُ ترقيءَ جي راهہ ۾ رڪاوٽ آهي تہ انسان جانور ٿي شهوتن ۾ غرق ٿي وڃي، سنڌ جنهن جي وڏي منزل هئي ۽ شايد هجي، سهڻي، سسئي، مارئي، هي قرباني، سورن ۽ حب ۽

محبت جون روحاني منزلون آهن. جي لطيف پنهنجي وجود سان ۽ وجود ۾ طئي ڪري چڪو هو ۽ جي هن وطن جي ماڻهن ڪي ماڻهو ڪرڻ لاءِ ڳايون آهن ۽ پڙهيون آهن. جيڪڏهن سنڌ اهي منزلون وڃائي ڇڏيون ۽ صرف شراب، ڪباب ڪائڻ، پيئڻ ۽ ٻين سان سمهڻ ئي سنڌ جو نالو آهي، ڪن جي اڳيان اها سنڌ آهي ته پوءِ اهڙي سنڌ کان توبهه! پوءِ اها سنڌ هجي يا نه هجي، ڪا معنيٰ ڪانه ٿي رکي. جيڪڏهن لطيف جي جڳهه شرابي، زاني، چورن، مڪارن، نفس پرستن کي بيهاريو ويو ۽ لطيف کي ڏاهيو ويو ته پوءِ سنڌ جي ڪابه معنيٰ ڪانه آهي. لطيف ڪجهه به نه آهي، لطيف سنڌ آهي، لطيف سنڌ جي زبان آهي، لطيف سنڌ جي هزارن ورهين جو نچوڙ آهي، لطيف انهيءَ انسان، انهيءَ پيغمبر جو روح آهي، جو دنيا جو هڪ مڪمل انسان، هڪ مڪمل رهبر هو، جو الهامي دنيا جي ارتقا جي آخري ڪڙي هو. هيءُ تنبورو ۽ تنبوري جون تارون تڏهن پنهنجي عروج تي اچي سگهن ٿيون، جڏهن گهٽي ۾ گهٽي پاڪائي، يعني گند کان ٻاهر ٿيڻ، فڪر، علم، عشق هجي، جيئن وڌ تيئن بهتر.

اڄ مان هت اڪيلو هوس، ڇا جوڳي هوس، ڇا انقلابي هوس، ڇا عاشق هوس، ڇا سسئي هوس، جڏهن انسان سڀ ڪجهه دنيا ۾ ڇڏي ٿو ته پوءِ هو گهڻو ڪجهه حاصل ڪري ٿو. نه مان ڪنهن جو، نه منهنجو ڪوئي بس جڻ ته اڄ مري چڪو هوس. دنيا دولت، زينت، شهرت، منا پيارا، عشق محبت، سڀ پاڻ تان لاٿم، ڪفن سر تي پائي، هڪ ويراڳي بنجي ڪٿ اچي پهتس، منهنجي ڪيفيت ٻي ٿي، سمجهيم ته اڳيان مفڪر، فقير، سيلاني ائين ڇو ڪندا هئا. ائين ڇو ڪيم، اچا پتو نه ٿو پويم ته ائين ڇو ڪيم. ها ضرور ڪا تانگهه هئي، ضرور ڪا ڇڪ، ضرور ڪو درد هو، جنهن ديوانو ڪيو. اهڙو ديوانو ڪيو جو سڀ ڪجهه ڇڏيم، انهيءَ لاءِ ڇڏيم ته لطيفي سنڌ ختم نه ٿئي، يعني لطيفي لات ختم نه ٿئي، يعني منهنجي رب جو منڙو ذڪر ختم نه ٿئي، انساني محبت ختم نه ٿئي، دنيا محبت سان تمتار ٿئي، دنيا علم سان

روشن ٿئي، دنيا الاهي عشق ۾ مست ٿئي، يعني ارتقا جو رستو آزاد رهي، وجودي ۽ لاوجودي ارتقا پنهنجي موج ۾ هجي.

انسانيت جو قافلو هلندو رهي، منزل هجي، مقصد هجي، نہ تہ بنا مقصد ۽ بنا منزل جي هيءُ قافلو تباهہ ٿي ويندو، اڄ جا بم، اڄ جا راڪيٽ، اڄ جي قدورت، اڄ جي ڏڪار، هيءُ سڀ منزل جي نہ هئڻ ڪري آهي. عشق جي اڇهامي وڃڻ ڪري آهي، دلين ۾ اونداهي ٿيڻ جي ڪري آهي، بس مان هڪ ڪمزور انسان، بي ڪار انسان ڇا ڪري سگهيس ٿي، ڇا ڪري سگهان ٿو.

رات ٿي وئي، رات بہ اونداهي، جهنگل، رڻ پٽ هو، هڪ پاٽي جي دڪي ۽ پيالو اڳيان پيو هوم، چادر هيٺان ۽ ٿيلهو مٿي هيٺان، خيالن جي دنيا هئي، ڪوبہ غم ڪونہ هوم، ڪوبہ خطرو محسوس ڪونہ ڪيم، همراهن جي اچڻ جو انتظار هوم، آخر آيا، ساڳي ٻاجهري جي ماني، شايد کير جو پيالو بہ آندائون. ٻڌايائون تہ مان هلڻ کان تہ بيڪار آهيان، اڃا منزل دور آهي. هنن هڪ اٺ جو بندوبست ڪيو هو. مون کي چيائون، ”اسان جي پويان اچ!“ هلندو بہ وڃان، ٿاٻا کائيندو بہ وڃان. آخر هڪ خالي منهڙي جي اڳتان ٿلهي تي اچي ويهاريائون، ماني بہ کارايائون، پري کان هڪ زائفان جي ڳالهائڻ جو آواز بہ اچي رهيو هو، شايد ڪي گهر هوا.

اٺ پهچي ويو، پوءِ انهن مان هڪ همراهہ اٺ تي مونسان چڙهي ۽ بيو موڪلائي جدا ٿي ويو، ياد نہ ٿو اچيم تہ اٺ جو مالڪ بہ اٺ تي چڙهيو يا نہ، اٺ هاٽي هلڻ شروع ڪيو، هلڻ جو سنو نہ هو پر اڇل ڏاڍي هئس، رقيب بہ ڪونہ هئس، جان سڄي رات ۽ سڄي ڏينهن پنڌ ڪرڻ ڪري ڏاڍي جهريل هئي. هڪ هڪ قدم بدن کي توڙي رهيو هو. دانهن بہ نہ پيو ڪيان، سمجهيم تہ ائين ڪندس تہ همراهہ چڙي ويندو، هو اڳئي واٽيو، سمجهي کٽي پئي ويا، جي چڙي پيو تہ ٺڪر هٽندي ويرم ڪانہ ڪندو، ٺورو ڪنجهان تہ چويم، ”ماتا جي سياٽي منائي ورهائجانءِ“ ماتا مان سمجهي نہ پيو سگهان پر پوءِ ٻڌم تہ ماتا

هو ڪنهن ديويءَ ڪي چئي رهيو هو، ياد اچيم ته، ڪالي ديوي جا همراهہ پوڄاري هئا ۽ اهو اشارو ڪالي ديويءَ ڏانهن هو، پوءِ خيال آيم ته لوئيءَ جا مون وٽ هئي، سا ڪڍي ان جي پڇڙين کي ملائي ٻڌي، پاڪڙي جي وچيئن پاڪڙي جي ڪڙيءَ ۾ اٽڪايم، رڪيب نهي پيا ۽ لوئي جي ڪنڊن ۾ پير وجهي ويهي رهيس. انهيءَ ترڪيب گهٽي فرحت ڏني، اٺ بہ هاٽي تکو هلڻ لڳو، لاڙن مان، پٽن مان، ميدانن مان، ڳوٺن مان وهندو ۽ هلندو هليو. ٿوريءَ دير ڪان پوءِ چاندوڪي ٿي، آس پاس ڏسڻ ۾ پئي اچي. هيءَ سڄي مسافري مون کي ائين پئي لڳي، ڄڻ تہ هن ڪان اڳ هڪ دفعو مان هتان گهمي ويو هئس. خبر نہ آهي تہ ڪنهن اليڪشن جي زماني ۾ آيو هوس يا خواب ۾. هيءَ ساري ڪارروائي ڏٺي هئم يا ڪنهن ڪتاب ۾ هيءُ پڙهيو هوم، پر خبر نہ آهي تہ ڇو مان ائين پئي محسوس ڪيو تہ اتي مان اڳ ۾ آيو هوس. اڄ بہ ائين ٿو سمجهان، پر جي يادگيريءَ تي زور ٿو ڏيان تہ ڪوبہ اهو واقعو ياد ڪونہ ٿو اچي. هن ڳجهہ کي مان اڄ ڏينهن تائين سمجهي نہ سگهيو آهيان. ڏاڍي مٺي، ٿڌي رات هئي، هلندا هلندا اچي هڪ ڳوٺ ۾ پهتاسين، اجا اونداهي هئي پر باک ڦٽڻ جا آثار نظر پئي آيا. هڪ ماڻهو مليو، جنهن کي ڪٽ لاءِ منٿ ڪئيسين، جو ڪٽ کڻي آيو ۽ سمهي پيس. چيومان تہ مونکي هن پر پهچايو. ڳوٺ جي ٻاهران، هڪ ڦٽل گهر ۾ رهاياٿون. ساڳي ٻاجهريءَ جي ماني کڻي اچي کارايائون، ٿوري وقت ڪان پوءِ همراهہ اچي چيو، هن پر هلي ڪونہ سگهبو. پاڻي اچي ويو آهي، دل ڏاڍي مايوس ٿي تہ هيترو جاکوڙو ڪيوسين، پر نااميدي ظاهر ٿي رهي آهي.

ٿورا پيا ماڻهو مون کي ڦٽل گهر ۾ اڪيلو ڏسي گهڙي آيا، ڪو منهنجي واچ ڏسڻ، ڪو قلم ڏسڻ لڳو، ڪو ٿيلهو ڏسڻ لڳو، ٿورو ششدر ٿيس تہ هيءُ ماڻهو مونکي ڦرن نہ. هن ڪان اڳ همراهہ کي ڪجهہ پاڪستاني نوٽ ڏنا هئامانس تہ ٻئي ملڪ جا پئسا ملي وڃن تہ ڏاڍو چڱو. هو پهر ڪن ڪان پوءِ موٽي آيو، چيائين هت ٻئي ملڪ جا

پئسا ڪونہ ملندا ۽ اها ڳالهہ بہ ڪيائين تہ پاڻي اڃي ويو آهي. منهنجا ڏنل اٽڪل بہ سئو ڪن روپيا. سي موٽائي بہ نہ پيو ڏئي. ڪيس تمام گهٽو ليلايم تہ مون کي هن پر پهچائي. شام جو اونداهي وقت آيو. پاڻ سان هڪ پوڙهو بہ آندائين. چيائين هن پوڙهي سان هاٽي اڳتي وڃو مگر پوڙهو تمام چيڙاڪ آهي، هن سان خاموشي سان هلڻو پوندو. پائجامو لهرائي، لوئي جي گوڏ ٻڌارايائون. ڊالر ۽ ٻيا نوٽ پائجامي جي اڳٺ ۾ ابداٽي جي اندر ٻڌل هوا. سي هن ڪان لڪائي، رومال ۾ ٻڌي هٿ ۾ رکيم. آخر لڙي سانجهيءَ جو هيءُ ٻي انوکي منزل شروع ٿي. ڀهريائين اوندهہ هئي ۽ مان ان ماڻهو سان ڏڪا ٿاٻا کائيندو ويس. ڪڏهن هو اڳتي هليو وڃي ۽ مان پوئتي رهجيو وڃان، چوي تہ واٽئي جا پٽ تکو ٿي نہ تہ اهڙي لٺ هٽندوسانءِ جو ڳوليو بہ ڪونہ لڀندين. هڪ ٻن هنڌ تہ تيز ڪائي ڪري پيس، جهنگ هو ۽ ننڍا ٻوٽا ها. جن ۾ اهڙا سخت ڪندا هئا جي رانن ۽ پيرن ۾ پيا چڀن، پيون هڪڙيون ڪنڊايون ڦلڙيون هيون جي منهنجي لوئي واري گوڏ ۾ اٽڪجي پيون ۽ سڄي واٽ بدن ۾ چڀن پيون، پوڙهو هلڻ جو بہ تکو.

پري ڪان آواز ٻڌڻ ۾ آيو. ڪائي عورت مرد سان ڳالهائي رهي هئي. هيڏو ڏک ڏسي آيس، تڪل بہ ڏاڍو هوس ۽ اڄ بہ ڏاڍي لڳي، پوڙهي کي ڪجهہ چئي بہ نہ سگهان، تہ متان لٺ هٽي ڪڍي، هلندي هلندي هلي هڪ هنڌ بينو رات هئي ۽ چڱي اونداهہ هئي. اوچتو مون کي چيائين هٿ ٻيهہ. پوءِ ڏنم تہ هي اوڏانهن ويو، جتان فقط ٻن ماڻهن مرد ۽ عورت جو آواز پئي آيو. عورت جي آواز ۾ ڪشش بہ آهي ۽ آرام بہ. آواز تمام منو ۽ وٽندڙ هو. ماٺ ڪري ويهي رهيس. آخر هن پوڙهي جو آواز بہ وڃي هنن جي آوازن سان ڳنڍيو. ڪتن جي ڀونڪ بہ ٿي، ٿورو وقت رکي پوڙهو ۽ ٻيو ماڻهو ٻئي اچي منهنجي مٿان بيٺا. چيائون، ”اٺ هل“ اڄ ڏاڍي لڳي هئم. پاٽيءَ لاءِ چيومان، پوءِ مون کي گهر جي پرسان وٺي هليا. گهڙو پاٽيءَ جو ڪٽي آيا ۽ وتو. پي ڏاڍو ڏئہ ڪيم،

وري هنن ٻنهي وٽي پڇڻ شروع ڪيو. پوکن مان، جهن مان، پوڙن مان، چيريندا پڇندا پيا وڃن. مان ڪرندو ٻه اچان ۽ هننکي سڏيندو ٻه اچان. ڪڏهن بيهن، ڪڏهن ڇهڙ ڏين. آخر هڪ هنڌ اوچتو بيهي ويا. چيائون هو اڳتي نه هلندا. ڏاڍو اچي مونجهو ٿيس. چيومان ته مونسان اهو انجام هو ته مونکي هن پار آٽي بس تي چاڙهي ڇڏيندا. هي ته انجام جي ڀڃڪڙي آهي. پوڙهي چيو ته هو اڳتي نه هلندو، چاڪاڻ ته هتان، هتان جي پوليس تمام ويجهي آهي. مون کي چيائون ته اڪيلو هليو وڃ، ميل ٻن کان پوءِ ڳوٺ ايندو، ان ۾ گهڙي وڃان، اهي ماڻهو منهنجي مدد ڪندا. چيائون نڪ سوڌو اوپر هليو وڃ، اوپر اشارو ڪري ڏيکاريائون. دل چيم ته هاٽي هنن ماڻهن سان ڪرو ڳالهائيندس ته هي ماري ڇڏيندم، جيڪڏهن موتي ٿي آيس ته سڀ مصيبتون اجايون ۽ امڪان هو ته پيسن ڦٻائڻ لاءِ مونکي هو ماڻهو ماري ڇڏين. آخر فيصلو ڪيم، اڪيلو آئي، ڪونهي سورن ڀائي. هنن کي اتي ڇڏيم، اوپر طرف نڪ سامهون هلڻ لڳس ته پوڙهي ڊوڙي اچي مون کي جهليو، چيائين: واٽيا! اسانجو سر ٻه وڃائيندين ۽ پنهنجو ٻه. اهو ته سڌو پاڪستان ۾ پيو هلين. صبح ٿي ويندو وڃي پوليس جي حوالي ٿيندين ۽ هو ٻه مصيبت ۾ اچي ويندا. پوءِ ته ڪٽي ڏکڻ ڏي وک وڌايم. اتي سمجهان پيو ته اڌ رات ٿي وئي هئي، هلڻ کان اڳ پوڙهي کان ٻئي ملڪ جا ڏوڪڙ گهريم، جنهن موتي ٻه نوٽ ڏنا هوا. اونداهي ۾ ته ڏسي نه سگهيس، تمام تکو ڏکڻ طرف هلس، ڪلاڪ ٻه ڪلاڪ اڪيلوئي اڪيلو پنڌ ڪيم، تان خبر پئي ته اچي چڪڻ ۾ پيس. اڳتي وڌيس ته پاٽيءَ ۾ اچي پيس، ميل ڏيڍ پاٽي ۾ چاپڙ چاپڙ ڪندو پاٽيءَ ۾ هليس. ڏسان ته پاٽي وڃي وڌندو، خيال ڪيم ته شايد سمنڊ ۾ اچي پيو آهيان، اڳتي وڌندس ته پاٽيءَ ۾ وڃي پوندس ۽ جي ڪا وير چڙهي ته پوڙي ڇڏيندي. تنهن ڪري اتي ئي ويهي رهيس، جيسين

ڏينهن ٿئي. بوٽ لاهي، پاڻي ۾ گپ جي اندر وڌم. مٿان ٿيلهو رکيم. ٿيلهي جا باقي ٻه ٽي انچ پاڻيءَ کان مٿي هئا. ان تي ويهي رهيس. ڏاڍي مٺي هير پئي لڳي، جانورن جون ڪوڪون، پاڻيءَ ۾ اندر، ڪنهن جي ٺاڪڙ ٻڌڻ ۾ پئي اچي، اهڙيون اهڙيون ڪوڪون پيون ٿين جو جيڪر موت جو خوف لاهي، موت کي وٺڻ لاءِ تيار نه هجان ها ته دل جيڪر دهلجي وڃي ها. آسري رب جي ويهي رهيس، هتان جا خيال، هُتان جا خيال، ڪڏهن ڪوڪن جي ڪري ڀرجي وڃن، ڪڏهن ٻلجي وڃن، چيم ڪيڏو نه عجيب سمو آهي، چوطرف پاڻي پاڻي آهي. پاڻيءَ جون ڇوليون آهن، موت جي بلڪل نزديڪ ويٺو هوس. دل ۾ هيءُ دليل پيو اچي ته هاٿي هت ڪو سامونڊي جانور، واڳون يا اهڙي ڪا شيءِ آئي ته مونکي ڳهي ويندي يا ڇيچلائي ويندي، پر دل کي چيم، جڏهن مرڻ لاءِ منڍ کان تيار ٿي نڪتو هوس ۽ جيڪڏهن موت اڄ رات اچي ويو ته ڪا ڏکي ڳالهه ڪانهي. مان هيءُ سمورو ڪم پنهنجي رب جي خوشنوديءَ لاءِ ڪيو آهي.

هي موت يقين رب جي راهه ۾ آهي، پوءِ مونکي ڇو ڊڄڻ گهرجي، چيم، "موت جي ڪٽ ويجهو آهين! ته هليو آ شير جا پٽ! پاڻ مرڻ لاءِ تيار ٿي آيو آهيان." ڏک ته ڪونه پيو ٿئي، پر خوشي پئي ٿي. موت کي مارڻ لاءِ اهو رستو آهي ته پاڻ ماٺهو مرڻ کان اڳئي مري وڃي. مان ته پنهنجن لاءِ مري چڪو هوس، ڪوبه غرض ڪونه هئم. اڄ مران، سڀاڻي مران، مون کي پرواهه ڪانه پئي ٿئي. خوشي ته ايتري ٿيم جو ويهي درباري ۽ مالڪوس جهونگارڻ لڳس، پر البت ضعيف هئس، تنهن ڪري سُر نه پيا لڳن، ڪٿي ماٺ ڪيم، هاٿي سهڻي مون کي ياد آئي، چيم ته تيو ڏينهن مارئي وانگر وطن ڇڏي عمر جي قيد ڏي روانو ٿي چڪو هوس، ڪالهه سسئي وانگر رڻن ۾ رليس ۽ اڄ سهڻي وانگر پاڻيءَ ۾ پيو آهيان. تنهي دفعي موت سان ڳالهيون ڪيم.

مارئي،سسئي ۽ سهڻي تئي محبت جي راهه ۾ مري ويون، نه مارئي مارن کي ملي، نه سسئي پنهل کي ۽ نه سهڻي ميهر کي. مان به انهيءَ ٻيڙيءَ ۾ چڙهيل هئس. مان ته اڃا جيئرو هوس. سمجهان پيو، مارئي ۽ سسئي واري زندگي، ڏکن جو پور، مشڪلن جو سور، جدائي ۽ ڏور، اهي سڀ جهاڳي آيس، هاڻي سهڻي واري قرباني لاءِ اتي اچي ڦهتو هئس. تنهي واري محبت جي راهه ۾ هڪ ئي دفعي جان ڏيڻي پوندي. ها! اونداهي رات، درندن جون دانهون، اڪيلائي، اهوئي ٻڳل گهڙو هيٺان هوم، جنهن تي ويٺو هوس.

ائين ڳالهائيندي ڳالهائيندي، خيال پچائيندو رهيس، اتي اچي ڀاڪ ڦٽي، هاڻي ڪجهه پري پري نظر پوڻ لڳي، بس رڳو پاڻي پاڻي هو، سمنڊ جي ويرن جو پاڻي هو، اڳتان سمنڊ هو، هيڏي هوڏي واجهايم، پري ڪان هڪڙي پاسي زمين ڏسڻ ۾ آيم. بوٽ چڪڻ مان ڪڍيم، اٽڪل 3 يا 4 سير پاري تي پيو، سڄو مٽيءَ ۾ پرجي پيو، چيم ته بوٽ کي ڪٽي اتي ڦٽو ڪريان، پر پوءِ چيم ته بوٽ ڪم اچي ويندو، انهيءَ ڪري گوڏ جا اڳئي پاتي هئم، سا ڪڍهن گرگهلي ٿيو وڃي. هڪڙي هٿ ۾ بوٽ ۽ ٻئي ۾ ٽيلهو. گهلندو سهليندو اٽڪل ميل به پنڌ ڪيم. اچي آلي امين جي پيڙي ٽيس ڏسان ته وڏا وڏا رستا لڳا پيا آهن، ڪٽ پاڻي جا واهه پيا وهن، هي رڻ پٽ هو، اتان جي مٽي کي هزارين رنگ ٿيندا رات. رات وهامي وئي راڻو نه موٽيو. انهيءَ راڻي جي بدن ۾ هوس. جنهن مومل کي رئاڙيو هو.

سو هڪ رستو جو مٿاهون ڏسڻ ۾ آيم، دل به ڏاڍي خوش ٿي اوڏانهن ڊوڙيس، ڏسان ته هيءُ ته پاڻيءَ جو تلاءُ هو. آخر ائين ٿيڪندي ٿيڪندي جيڪو اڃو واهه ٻئي ڏسڻ ۾ آيو، اهو ميدان هو، انهيءَ ميدان تي چڙهي پيس، سچ ته ٿي ويو پر هاڻي ٻهر ڪن سچ چڙهي ويو هو، بس انهيءَ تر ۾ ٻئي ڦريس. ڪٿان به واهه نه ملي، پري ڪان

هڪ ڏڙو ڏسڻ ۾ آيم. اوڏانهن منهن ڪيم، ٿوري وسندي نظر آئي، اجا اڳتي هليس ته دڙي تي سپاهي گهمندا ڏٺم. گمان گذريو ته شايد پنهنجي ملڪ ۾ پئي ڦريو آهيان ۽ هيءُ اسانجي پوليس جو ٿاڻو آهي. چيم لڪي لڪي هينئان وڃي ڪنهن ڳوٺ ۾ پوان من اتان خبر پوي ته ڪٿ آهيان. ٿڪل ڏاڍو هوس ۽ آخر ان پاسي وڃڻ جي ڪوشش ڪيم، هاڻي ويجهو سپاهي ڏٺم، گورڪا قسم جا سپاهي هوا، قد ڇوٽا، بدن جا مضبوط. سمجهيم ته پنهنجو ملڪ ڇڏي هاڻي ٻئي ملڪ ۾ پهچي ويو آهيان. مان چيو ته هاڻ هلي انهن کي پنهنجو پاڻ حوالي ڪجي يا انهن کان ڀڄا ڪجي. منهنجا افعال تمام بڇڙا هوا. ٿيلهو سڄو پاڻي ۾ پسيل، بوٽ مٽيءَ جا ٻه ڀچرا، لوئي جي گوڏ جنهن ۾ ڪنڊا ۽ ڦلڙيون ڪنڊن وايون، گهپجي ويون هيون. حال کان بيحال هوس. پنهنجي حالت ڏسي پاڻ تي روئڻ به پيو اچيم ۽ رحم به پيو اچيم. هيڏا ڏولاوا ڪنهن لاءِ ۽ ڇو؟ بس اصل منهنجي قسمت ۾ ڏولاوا لکيل هوا. اتي هڪ سپاهي جي نظر پئجي وئي ۽ مان به ارادو ڪيو ته انهن وٽ هليو وڃان، مان ڪٿي سڌ ڪيومانس نه ڄاڻ ته اها ملٽري ڪئمپ هئي، هو شڪجي پيو، مونکي وٺي هلي هڪ تنبوءَ جي ٻاهران ويهاريائين، اتي ٻيا سپاهي به اچي ويا. مان هيٺ زمين تي ويٺو هوس، بوٽ ۽ ٿيلهو ڪٽي پرسان رکيم. لوئي واري گوڏ مان گوڏا ڪڍي ويهي رهيس. خشڪي وٺي وئي، ٿتل سٿل ۽ گڏيل اردو ۽ هندي ۾ چيو، ”مونکي پاڻي ڏيو اڄ ٿو مران“ پاڻي ڪٿي آيا. پيتم، پوءِ ته هو گارين ۾ شروع ٿي ويا، ڪو چوي پاڪستاني جاسوس آهي، ڪو چوي واٽيو پاڪستان مان ڀڄي آيو آهي. يڪو انهيءَ فڪر ۾ هوس ته اهڙي رپورٽ ڪري ته هنن هڪ پاڪستاني جاسوس پڪڙي سوب پاتي آهي، ڪين انعام ملڻ گهرجي. ڪن جي نظر منهنجي ٿيلهي ۾ هجي ته واٽئي کان رقم ڪڍون، ڏاڍيون گاريون ڏيڻ لڳا، دڙڪا ڏيڻ لڳا. ڏانهن نهاري اکين ۾ پاڻي به اچڻ لڳو ته مان پنهنجو حال هن حالت ۾ ڪيئن آندو. واه! حضرت عشق اڄ مجنون وانگر ليلان جي ڳولا ۾ ڪٿي اچي ويٺو آهيان.

وار وڏا، ڏاڙهي اڇي ظاهر، ڏوڙ سڄي بدن تي مون کي اهڙو ته رنگ ڏئي ڇڏيو، جو ڏسي حيران پيو ٿيان ته عشق ڪهڙو نه انڌو آهي ڪڏهن هت هوس، اڄ ڪٿ هوس، ڪٿ تان لهي پٽ تي پوڻ انهيءَ ڪي چوندا آهن.آخر هو سوڙهو پوندا ويا. چيم هاڻي هنن کي حقيقت ٻڌايان، هي هندوستان جي ملٽري جا ماڻهو آهن. تنبوءَ ڏانهن نظر ڪيم، سمجهيم ته ات ڪوئي آفيسر آهي. تنبو تمام ويجهو هو، اٽڪل ڏهه قدمن تي. هڪ لنبو ٿورو پوشاڪ مان معلوم پئي ٿيو ته هو ڪو آفيسر هو، هتي هنن کي چيم ته مان سنڌن آفيسر سان ڳالهائيندس، پهريانءِ ته چيبارڻ لڳا، ٻانيم ته شايد هاڻي موچڙا ڏين، سو زور سان سنڌن آفيسر کي پڪاريم ڪيس چيم ته مان ساڻس ڳالهائڻ چاهيان ٿو. هو به ڪو هلڪو ماڻهو هو، سو گار ڏئي چيائين ته، "مون کان ڇا ٿو گهرين." آخر اتي هن کي پاسيرو ڪري ڪيس پنهنجو سڄو نالو ٻڌايم ۽ ٻڌايومانس ته مان شيخ مجيب الرحمان جو دوست ۽ رفيق آهيان. اتي ڪجهه ڪن ڪڙا ٿيس، هڪدم ٻيگو وڃي فون ڪيائين. سمجهيم ته ڪيس حڪم مليو ته مون سان شرافت سان پيش اچن. بس اچڻ سان ادب سان چوڻ لڳو ته وهنجو ۽ چانهه پيو، اسان جا آفيسر اچي رهيا آهن. پوءِ ته ڦري مان سنڌن آفيسر ٿي پيس، هنن جا جهنگ ۾ لوڙهن جي اندر يا ڇپرين سان وڪوڙيل پائخانو به هو، غسل خانو به هو، پاڻي ڀري آيا، صابڻ ڪٽي آيا، تيل ڪٽي آيا، مان سمورا ڪپڙا ٿيلهي مان ڪڍي سڪائڻ وڏا، وهنتس، اڌ سڪي اڌ آلي قميص، پينٽ سڪائڻ واري جڳهه تان لاهي پاتم، ڏاڙهي لاهڻ جو سامان ٿيلهي ۾ هئم. ڏاڙهي لاٿم، اتي اچي ڏسڻ جهڙو ٿيس، چانهه اچي وئي. ڪٽ تنبوءَ ۾ اندر پئي هئي، اتي ڪٽي مون کي ويهارياٿون، ٿوري دير کان پوءِ جيپ جو گهوگهٽ پڌم. جيپ اچي بيٺي. هڪ ماڻهو ملٽري ڊريس ۾ ڪو ڪرنل برنل نظر آيو ۽ ٻيو اچي پينٽ ۽ قيمص ۾ جنهن جيپ پئي هلائي، پر آفيسر پئي لڳو، جيپ مان لهي اچي مون کي مليا، اتي ڪئمپ تي ات ته جام هوا پر جيپ رڳي هيءَ هئي،

مون کي سڏي، جيپ تي چاڙهيائون. مونکي اڳين سيٽ تي ويهاريائون، آفيسر پوئتان وينو ۽ ٻئي آفيسر سادي ڪپڙن وارن. جيپ هلائي ور وڪڙ ڪندا، ڪڏهن ساوڪ مان، ڪڏهن وڻن جي ٻيلن مان، ڪڏهن ڊوڙ مان، ڪڏهن ٽڪرن مان اچي هڪ وسندي ۾ پڳاسين. جتي پڪا ڪوارٽر نهيل هوا. اهو ملتري آفيسر جنهن کي يونيفارم هئي، اهو مون کي پنهنجي ڪوارٽر ڏانهن وٺي ويو. هڪ ڪمرو خالي ڪري منهنجي حوالي ڪيائين. ٻه ڏاڍي لڳي هئم ٻر هاڻي پنهنجي ڪمري ۾ ڪٽ تي سمهي پيس، آرام ڪيم. صاحب جي ماني آئي، ورانڊي ۾ سڏ ڪيائين. ماني بلڪل سادي هئي، دال هئي ۽ ڦلڪا هوا. پيلا ٻه ٽي ڏينهن رڳي ٻاجهري ٻئي کاڌم. ڦلڪا ڏسي دل خوش ٿي، صاحب سان ويهي گڏ ماني کاڌم. ڏاڍو ڏءُ ڪيم. هن ويچاري ڌوٻيءَ کي گهرايو، سپاهين کي حڪم ڪيائين ته منهنجو بوٽ صفا ڪن. ڪپڙا ڌوئڻ لاءِ ڏنم. ٿوري گهڙي کان پوءِ بوٽ جي اصل شڪل پڌري ٿي ۽ اس ۾ سڪڻ لاءِ رکيل ڏنم. وري وڃي سمهيس. صاحب وٽ هڪڙو پراڻو ۽ غريباڻو ريڊئو به ڏنم. هن ويچاري مون کي ورونهن لاءِ ڏنو. شام جو پيچا ڳاڇا ڪيائين، مون وٽ ته ڪا خاص ڳالهه ڪانه هئي ۽ نه ڪو مان جاسوس هوس، جو مان ڪا ڪين سندن فوجي ڪم جي ڳالهه ٻڌايان. آخر هاڻي البته پاڻ کي ماٺهو پيو سمجهان. خيال ڪيم ته هاڻي آزاد آهيان، اجهو ٿا شيخ صاحب وٽ پهچائين. ٻاهر مورن جا وار ڏنم. ساوڪ به جام هئي، سو ڪوني کان ٻاهر نڪري هتي جو پيچڻ ڏڪڻ ڏسڻ لڳس، اڳتي جڏهن ساماري ۾ ڪلارڪ هوس، تڏهن به مورن کي ڏسي ويهي ڏانهن تڪيندو هوس. هت به اها ساڳي قدرت جي سونهن نظر آيم. سومهڻي ٿي، صاحب سان ٻاهر ڪرسيءَ تي ٽيبل تي وڃي ويٺس. صاحب پيگ پاڻي گهرايو. پيالو مونکي به پيش ڪيائين. چيومانس، ”دلبر! پيگ ڪونه پيان. قدرت اهڙو پيگ پياريو آهي، جو رلندو اچي تو وٽ پهتو آهيان، مون کي پيگن جي ضرورت ڪانه آهي!“ ڪلي ڏنائين، چيائين پيلا سگريٽ جي ڦوڪ. مان ان کان به انڪار ڪيو.

پوءِ چيائين، "تون سئونت ماڻهو آهين! مان تہ ڪلاڪ اڳ پيگ پيئڻ ۾ لڳائيندس." مان معافي گهري ۽ ماني کائڻ لاءِ خيال ڏيکاريم. ماني اچي وئي، شايد ساڳي دال ۽ ڦلڪا هوا يا پٽاٽا بہ تريل هوا. ڪائي خوش ٿي وچي کٽ تي سمهيس. اڄ منهنجي لاءِ ٻي دنيا هئي، بہ ٽي راتيون اڳ ۾ ڪيئن گذاريم، پوءِ قدر پيم تہ کٽ ۽ چڱو ڪاڏو بہ الله جي رحمت آهي. شال غربت ختم ٿئي، هرڪو سکي وقت گذاري.

اهڙي کٽ تي سمهي خيالن کي ڦيرايم. اڄ رات وطن جي زمين کان نڪري ٻي وطن ٿيس. پنهنجن مان نڪري پراون وٽ پهتس. آرام جي وقت سڀ بيارا ياد ايندا آهن. ٻچا، ڀائر، گهرواري سڀ ياد اچڻ لڳا. سمجهيم تہ هاڻي موت جي وات مان بچي اچي ماڻهن پيڙو ٿيو آهيان. اهڙي طرح ننڊ اچي ويم. صبح جو چانهہ جو پيالو مليو. ناشتي ۾، ڪجهہ تريل ٽڪي ۽ شايد بيدو مليو، پر ڪو خاص نٽ ڪونہ هو، نهايت غريباڻي نيرن ملي، کاڌم. ڪپڙا بہ ڌوبي آيا. فون جي گهنٽي ٻئي وڳي. صاحب جي هلو! هلو!! لڳي پئي هجي. ڳالهہ ڪٿي کهڙي بہ هجي پر مان پيو ٻانيان تہ هيءُ سڀ منهنجي ڳالهہ پئي هلي. منهنجي ڳالهائڻ ۽ گفتگو مان ۽ منهنجي تعليم ۽ وڪيل هئڻ، هنن تي اثر ڪيو ۽ سچو عملو مون کي ذاتي محبت سان پيش اچڻ لڳو. آءٌ تہ سائين لطيف جي زمين جو ماڻهو هوس. سو زبان ۾ نورت قرب گهٽو هو، تنهن ڪري ٻاڻ تہ سڀ ڪنهن کي ٻاءُ سمجهندا آهيون، پنهنجي دل ۾ ڪنهن جي لاءِ بہ حقارت ڪانہ آهي، سو هڪ ڏينهن ۾ "پير" ٿي ويس.

ٻئي ڏينهن تي يا ٽئي ڏينهن تي صاحب ٻڌايو تہ هاڻي هتان هلڻو پوندو ۽ مونکي جوڌپور ۾ سندن وئگن ڇڏي ايندو. ٻهرياڻ جن جيپ تي آندو هو، اهي ٻئي آفيسر ۽ مان، اڳين سيٽ تي ويناسين ۽ بندوقن سان هڪ پوليس جو جٿو بہ وئگن ۾ پوئتان سوار ٿيو. هنن مون کي اهو محسوس ڪرڻ ڪونہ ڏنو تہ مان پهري هيٺ هوس، پر هاڻي هت جت قيد آهيان، سمجهان ٿو تہ مان ات بہ قيدي هئس. خير اسير! ان وقت اهو دليل ڪونہ وينو پر هاڻي هت پوليس پنهنجي پهري

تي بينل ڏسي، سمجهان ٿو ته هندوستان ۾ به مان اسير هوس. هاءِ! اسيري!! ڪيڏو عجيب آهي اسيري!!

وئگن ۾ چڙهياسين. اچي هڪ ڳوٺ ۾ لٿاسين، جيئن ملٽري وارا ماڻهن کي هيڏي هوڏي ڪندا آهن. ڳائو مال هو. تنهن کي پاسي ڪرايائون، ڳوٺ جا ماڻهو به پئي گهميا ڦريا. پر ڪو خاص روب تاب ڪونه هو. هي آفيسر مون کان موڪلائي هليا ويا. ڊرائيور ۽ مان اڳين سيٽ ۾ هواسين ۽ سپاهين جو عملو پوئتان. بس وئگن هلي، نظارا شروع ٿيا. دل ڏاڍي فرحت ۾ اچڻ لڳي، هتي جي ماڻهن ۽ سنڌ جي ماڻهن ۾ ڪو خاص فرق ڪونهي، بس صرف هي سنڌ جا ٿري پئي معلوم ٿيا. پوڪون گاهه ساڳو ٿر وارو نمونو. ٻاجهري جام هئي، شايد هتي واهه ڪونه هو ۽ برسات تي ئي آبادي ٿيندي آهي. ڳوٺن جا ڳوٺ رستن تي ايندا رهيا. اهي ئي سنڌ وارا ڳوٺ. ماڻهن کي پڳڙ وڏا ۽ ڌوتي. ڳوٺن ۾ بيهندا پيا وڃون، لهي ڪوشش پيو ڪيان ته من ڪو سنڌي ملي وڃيم. سپاهي بندوق ڪٽي هيٺ بيهن پيا پر مون کي منع ڪانه پيا ڪن. هڪڙي هنڌ هڪ سنڌي ڇوڪرو نظر آيم. پڇومانس ته "پيا به سنڌي آهن." چيائين. "سائين گهٽائي." "گذر سفر ڪيئن پيو ٿئي." چيائين، "نيڪ پيو ٿئي." مون کان به پڇيائين، "ڪٿان ٿا اچو." چانهه پاڻيءَ جي صلاح ڪيائين. مان چيو ته، چانهه پيڻ جو وقت ڪونه هو. ماڻهو ڏاڍا چڱا. بس تي سواريون هيون، جيئن اسان وٽ سنڌ ۾ رش آهي، تنهن کان رش گهٽ. سڀ ڪنهن آرام سان پئي مسافري ڪئي، وات تي ٿاڻا. اسڪول ڏسندو پئي آيس. ڳاڙهو جبل، سمجهيم ته هي پٿر قدرت اتي ڪيڏو نه پيدا ڪيو هو. اسانجي سنڌ واري هاءِ ڪورٽ ۾ به شايد هن جبل جو پٿر ڪم آندل آهي، اهڙي طرح سان هيٺ مٿي چڙهندا لهندا اچي ڪنهن وڏي شهر جي ويجهو ٿياسين. همراهن وٺي هلي هڪ ملٽري ڪئمپ ۾ وهاريائون، هڪ وڏو شاميانو سڄو خالي هو، اتي مان اچي ويٺس، بلڪل محسوس ڪونه ڪيم ته مان قيدي آهيان، شايد قيدي نه هجان پر مهمان هجان. آخر

ڪنهن جي معرفت تہ شيخ صاحب وٽ پهچڻو هوس. اتي ڪوبہ پهرو ڪونہ هو، باقي شهر ۾ وڃڻ ۽ گهمڻ لاءِ منع ڪن ها يا نہ سو چئي نٿو سگهان. هل هلان هوئي الائي ڪيڏي مهل اتان نڪرجي، خير سانجهي ٿي، هڪ سک آفيسر اچي مون وٽ وينو. ڏاڍو رئڻ پٽڻ لڳو تہ ڪيئن ۽ ڪيترا ماڻهو دربدر ٿي ويا ۽ جهيڙي جو ڪو سبب بہ ڪونہ هو. چڱو ماڻهو پئي لڳو. رات جي ماني ڪينٽين مان آئي. ڦلڪا ڀاڄي دال تہ هئي، پر پڊنگ ڀتاري بہ اچي وئي. هنن مون کان اڄڻ شرط پڇيو تہ ڇا کائيندس. مان سادي ماني لاءِ چيو. گوشت کائڻ تہ منهنجي لاءِ محال هو، تنهن ڪري وشنو کاڌو وڌيڪ سيف هو. البت پڊنگ جي لاءِ شوق ڏيکاريم. پوءِ رات ٿي ٻئي نوجوان خانگي ڊريس ۾ مون وٽ آيا. چيائون تہ هلو تہ توهان کي جوڌپور وٺي هلون. رات هئي اچي گاڏيءَ ۾ چڙهياسين، مون کي مٿي خالي سيٽ وٺي ڏنائون، پر هئو ٿرڊ ڪلاس. خير گاڏي رواني ٿي، صبح جو وڃي جوڌپور ۾ پهتاسين.

اسٽيشن کان ٻاهر نڪتاسين تہ خانگي ڊريس ۾ هڪ صاحب اچي مليو. ڏاڍي سٺي اردو ڳالهائڻ لڳو. چيائين تہ سڄي گاڏي رليو پر اسانکي لهي نہ سگهيو. هاڻي اوسيئڙو لاهي واپس پئي ويو. واقفيت کان پوءِ چيائين تہ علي ڳڙهہ جو وينل هو. نالو بہ ٻڌايائين، پر مون کي ياد نہ آهي. مون کي تہ ائين بہ شڪ آهي ڪو سنڌي ڇوڪرو هو. وڃي هڪ ريسٽارنٽ ۾ لاٿائين. پوءِ ٻہ ٽي ڏينهن اتي هئس، مون وٽ هن جو وڏو آفيسر بہ آيو، جو منهنجي واچ تي عاشق ٿي پيو. نوجوان ڇوڪرو هو چيائين تہ، ”مان تنهنجي پٽ جيترو آهيان. هندستان ۾ اهڙيون واچون ڪونهن، مان ڪيس واچ ڏيان تہ مون خوشيءَ سان قبول ڪندس.“ اها واچ مان لنڊن مان ورتي هئي. پاڻ کان ڪو سوال ڪري تہ سڄو سر حاضر ڪري ڏيون. واچ ڪيس ڏئي ڇڏيم ڇيومانس تہ مون کي ڪا سادي سودي واچ وٺي ڏئي پر ريٽيم ضرور هجيس جو رات جو وقت ڏسي سگهان. رهڻ کائڻ جو چڱو بندوبست هو پر هنن آفيسرن مون کي چيو تہ مان ڪوشش ڪري ماڻهن سان نہ ڳالهايان ۽ ٻاهر بہ نہ

نڪران. ٻه ٽي سپاهي سامهون شامياني هيٺ ويهاري ڇڏيائون. ڪم پوندو هو ته انهن کي سڏيندو هوس، وڏي آفيسر اچي مون کي چيو ته دهلي هلبو ۽ هو هوائي جهاز جون ٽڪيٽون وٺي آيو آهي. هي ٻئي آفيسر پنهنجي موٽر ڪاهي آيا ۽ مون کي ڪٺي ايئرپورٽ تي هليا. جڏهن اتي پهتاسين، چيائون ته پلين ڪانه ايندي، پوءِ وري اچي ايئر آفيس تي، جيپور مان سيٽ جو بندوبست ڪيوسين، پوءِ ٽئڪسي ڪري جيپور روانا ٿياسي. جوڌپور به هڪ عاليشان شهر آهي، راجا جي گاديءَ جو هنڌ هو، پري کان هن جي رهڻ جا محلات ڏيکاريندا هليا ۽ هاٽي اڌ محلات هوٽل ٺايو ويو آهي، پيون شهر جون جايون پڻ پري کان ڏيکاريائون. ايئر آفيس ۾ ته ٻه ٽي ڪلاڪ ترسڻو پيو ۽ ٻاهر ٽي بينس، اسان ۽ هنن ماڻهن ۾ ڪو خاص تفاوت نظر ڪونه آيو.

ٽيڪسي رواني ٿي، ڇڙو وڏو آفيسر مون سان هليو. رات جو ٽئڪسي پئي هلي، آخر اچي اجمير پهتاسين. انهيءَ اجمير ۾ مان اڳ به آيو هوس. مگر رات جي وقت ڪجهه ڏسي ڪونه سگهيس. ماني کائڻ لاءِ هڪڙي ريسٽارنٽ ۾ لهي پياسين، چگي چهل پهل هئي، اهو ئي هتان وارو قصو ۽ نمونو. ڪوبه خاص فرق ڪونه هو. ڏاڍي ڪوشش ڪيم ته ڪو سنڌي ملي ته هن سان چار چونڪ ڳالهايان، پر ڪوبه سنڌي ملي نه سگهيو. ماني کائي وري روانا ٿياسين. رات جو پنڌ هو. آخر اچي جيپور ۾ پهتاسين. هوائي جهاز وارن اڳئي هوٽل ۾ بندوبست ڪيو هو، وچي هوٽل ۾ رهياسين. صبح جو نيرن لاءِ اجان ٽيبل تي مس ويناسين ته ايئر سروس جو وئگن اچي ويو. نيرن ڇڏي جيپور جي هوائي اڏي تي روانا ٿي وياسين. اڏي تي جڏهن پهتاسين، البت ٻي رونق محسوس ٿي، ڪيترا يورپ جا ماڻهو سيلاني اڏي تي نظر آيا. شهري زندگي ڏسڻ ۾ آئي. هوائي جهاز آيو، چڙهي دهلي روانا ٿياسين. هوائي جهاز ۾ هوسٽس هئي، سندس نرڙ تي ڳاڙهو تلڪ لڳل هو، ٻانهون ٻڌي نمستي اهڙي مٺي نموني ۾ ڪيائين جو ڏاڍي خوشي ٿي. هوائي جهاز هلي دهلي پهتو، اٽڪل ٻه ڪلاڪ يا ٽي ڪلاڪ لڳي ويا.

دهلي، جنهن ۾ 45 سال اڳ پيرا ڪيا هئم. پراڻيون ڳالهيون. پراڻا سنگتي، پراڻا رستا ياد اچڻ لڳا. لعل قلعو، جامع مسجد. پر حقيقت اها آهي تہ اٽڪل هزار ورهيہ هت مسلمان حاڪمن حڪومت ڪئي، سڄي دهلي جڻ مسلمانن جي تاريخ آهي.

ہ تي ماڻهو اڳئي هوائي اڏي تي بيٺا هوا. منهنجي سنگتيءَ ڪي ڏسي اسان ڏانهن وڌيا. ڏاڍي محبت سان پيش آيا. پوءِ اتان وٺي وڃي اسانکي هڪ وڏي هوٽل تي رهايائون. مون وارو دوست آفيسر جو مون سان جوڌپور کان وٺي گڏ هو. اهو بہ مونسان هوٽل ۾ رهيو. مان هاڻي البت ماندو ٿيڻ لڳس تہ جنهن دوست جي ڪري هت آيو آهيان تہ ان سان جلد ملان. هوٽل ۾ ٽي يا چار ڏينهن رهياسين. شيخ صاحب وٽان ڪوبہ جواب اچي نہ سگهيو. پوءِ هن مون کي هڪ فليٽ ۾ رهايو. پهرئين ڏينهن بيمار ٿي پيس، پوءِ تہ بيماري وڌندي وئي، مان تہ هرويرو اهڙي بيماري محسوس ڪانہ ڪئي. ڊاڪٽر گهرايو ويو. جو منهنجو علاج ڪندو رهيو.

هڪڙي رات سخت تڪليف ٿي پئي، ايتري قدر جو پائخاني تائين بہ وڃي نہ پيو سگهان. رات جو ڊاڪٽر گهرايو ويو. جنهن علاج ڪيو. وري ٻئي ڏينهن صبح جو آيو. هن بيماريءَ تي اٽڪل چار هفتا گذري ويا. انهيءَ ڪان پوءِ ڪجهہ گهمڻ ڦرڻ جوڳو ٿيس. پوءِ مون کي ٻڌايو ويو تہ بلڊ پريشر وڃي ٻاهتر ڊگرين تي پهتو هو ۽ ٽيمپريچر هڪ سئو پنج ۽ ڇهہ ڊگريون ٿي وئي هئي. ڊاڪٽر فيصلو ڪيو هو تہ ڏينهن ٻن ۾ بهتري نہ ٿي تہ پوءِ سرڪاري اسپتال ۾ اندرئين مريض جي حيثيت ۾ علاج ڪرايو. مون سڄي وقت ۾ گهبرايو ڪونہ ۽ ڪلندو رهيس. ڊاڪا وڃڻ جو ڏاڍو انتظار هوم. جڏهن وڃڻ جو پروگرام نہيو. تڏهن مان بيمار ٿي پيس. تنهن ڪري ڪجهہ وقت دهليءَ ۾ رهڻو پيو. پوءِ بيماريءَ جي ڪري هڪ بورچي رکڻو پيو. ڪرستان هو. مگر پراڻو پنجابي هو. جنهن کي گهڻو تاڪيد ڪندو هوس تہ خاص طرح گوشت سنڀال سان آڻي. هن.مون کي ٻڌايو تہ دهليءَ ۾ ڪاسائي

گهٽو ڪري مسلمان آهن ۽ هو منهنجي لاءِ گوشت انهن وٽان آڻيندو هو. انهي ٿوري وقت ۾ آگري به ويس ۽ ساڳيون جايون ڏٺم جي علي ڳڙهہ جي زماني ۾ ڏٺيون هئم، وري نئين طرح ڏسي پاڻ کي نئون ڪيم. مسلمان به ڏٺم، پر اداس!

دهلي لعل قلعو ۽ گهٽو ڪري سڀئي تاريخي جڳهيون، پارڪون، ميوزيم ڏٺم. راڳ جون محفلون به ٻڌم. مون کي ريڊيو هو، هندستان جا ڳائڻا ۽ ڳائڻيون سڀ ٻڌم. مون کي سڀني کان وڌيڪ سلطانا پروين وڻي ۽ ٻيو نمبر نرملا. مسلمانن جو هن وقت آرٽ ۾ وڏو دخل آهي. تاريخي طور هندستان جي مشهوري ڪجهہ جيڪڏهن ڏسڻ جي لائق آهي تہ اهو آهي جيڪي مسلمان ڇڏي ويا آهن. مطلب تہ دهليءَ ۾ اهڙو پاڙو ڪونهي ڇتي مسلمانن پنهنجيون نشانيون نہ ڇڏيون آهن. نئين دهلي، پراڻي دهلي ڇپو ڇپو ڪري گهميس. منهنجو پراڻو ننڍڙي هوندي وارو دوست شوڪت ٿاواڻي دلت ۾ رهي ٿو، بهار ۽ لعل روچيرام جو پٽ دهليءَ ۾ رهي ٿو مگر ساڻن ملي نہ سگهيس. اڪيلو ئي اڪيلو درسگاهن ۾، مسجدن ۾، قبرستانن ۾ وڃي گهمندو هوس. ڏک بہ ڏاڍو ٿيندو هوم. دل جلندي هئي تہ مسلمان ڪنهن زماني ۾ ڪيڏي اوج کي پهتل هوا. اڄ ڪيترو ڪري پيا ۽ ڪيئن فنا ٿيندا وڃن ٿا.

گانڌيءَ جي سماڌي، پنڊت نهرو جي سماڌي، مولانا ابوالڪلام جي قبر ۽ ٻيون ڪيتريون جڳهيون گهميس. آخر شيخ صاحب ڏي وڃڻ لاءِ تياري ڪيم. دهلي مان ڪلڪتي ريل جي رستي روانو ٿيس. وات تي پراڻيون جايون ڏسندو ويس. ڪانپور مان بہ منهنجي گاڏي لنگهي، سڄي يوپي اورانگهي بهار مان ٿيندو وڃي مغربي بينگال ۾ پهتس ۽ صبح منهنجي گاڏي ڪلڪتي پهتي. پنهنجو اڳيون سفر ڪلڪتي وارو ۽ علي ڳڙهہ وارو ياد پيم. اهي ساڳيا شهر ساڳيا ماڻهو، ساڳيون طرزون، ساڳيون جايون، پر اهي جاني مون کان اڳ جدا ٿي ويا. ڪلڪتي ۾ بہ چڱو وقت رهيس، گنگاندي جو ڪنارو بہ

گهميس، ڪلڪتي جو قلعو. ڪلڪتي ۾ مسلمانن جون قبرون، مسجدون، ڪالي ديويءَ جو مندر، سئنيمائون ۽ انگريزن جون عروج واريون بازارون، اوچيون اوچيون جايون، نيون ڪالونيون. بنگالي هندو، جي اڳ ڍاڪا ۽مشرقي بنگال ۾ رهندا هوا. جن کي اجا تائين پنهنجو پراڻو وطن ياد هو. کاڌو خوراڪ ڏاڍو مهانگو هو. مهانگائي پنهنجي اوج تي هئي، سيڪو پنهنجين مصيبتن ۾ پورو هو. جهڙي طرح هت اهڙي طرح اتي بہ وڏا ماڻهو پنهنجن وڏن بنگلن ۾ موجون ماڻي رهيا هوا. موٽرون سندن درن تي هيون، خوراڪ پوشاڪ تمام چڱي، پر غريب جنهن مصيبت ۾ هو،انهيءَ مصيبت ۾ رهيو اچي. ڪلڪتي جي ريلوي اسٽيشن بہ هڪ تمام وڏي اسٽيشن آهي ۽ ڏسڻ وٽان آهي.

هوائي جهاز تي ٽڪيٽ وٺي بنگلاديش جي ايئر سروس ۾ چڙهيس، وڃي ڍاڪا پهتس. اهو ساڳيو ڍاڪا جيڪو اڳ ۾ ڏهاڪو سال منهنجو ملڪ هو. جت مهيني ٻئي ضرور ويندو هوس. ڪيترا ساٿي، ڪيترا سنگتي، اڄ انهيءَ ڍاڪا ۾ پهتس ڪوبہ ساڳيو منهن ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو. سواءِ شيخ صاحب جي سيڪريٽري ۽ ٻئي هڪ پراڻي بنگالي دوست جي. سندس سيڪريٽري لنڊن کان وٺي منهنجو سڃاتل هو. مون کي تہ هو گهٽي وقت کان وٺي سڃاڻندو هو. اچي مليو ۽ خاص مهمانن واري ڪمري ۾ وٺي هليو. شيخ صاحب جو پيغام بہ کڻي آيو تہ افسوس جو منهنجي اچڻ جي وقت مون کي پيا دوست ملي نہ ٿي سگهيا ۽ منهنجو اچڻ اتي مخفي رکيو ويو آهي.

سرڪاري عاليشان ڪار ۾ مون کي مهمان خاني ۾ وٺي ويو. جت منهنجي رهڻ جو اڳ ۾ ئي بندوبست هو. هيءُ ريسٽ هائوس جت جيڪي بہ وڏا ماڻهو، وزير، صدر ٻين ملڪن جا ايندا تن کي رهايو ويندو هو. بورچي خانو. ڊائيننگ هال ۽ چار پنج وڏا ڪمرا ڏاڍا سٺا سينگاريل، تن ۾ عاليشان باٿ رومس، اهي سڀ منهنجي لاءِ رزرو ڪيا ويا هوا. سواءِ منهنجي ۽ اسٽاف جي ٻيو ڪوبہ اتي ڪونہ هو. شيخ صاحب جو پوليٽيڪل سيڪريٽري طفيل، اسان جو پراڻو عوامي ليگ ۽

شاگردن جو ليڊر مون کي ملڻ لاءِ به آيو. چيائين ته شيخ صاحب توهان سان رات پنهنجي گهر ۾ ملندو. مان رات جو سندس گهر ويس، اتي جيئن اڳتي ملندو هو، اهڙي طرح سان شيخ صاحب مون سان ڏاڍي سک سان مليو. سيني دوستن ۽ سنگتين جو پڇيائين.

شيخ صاحب وٽ ڪلاڪ به ترسيس، چانهه وغيره پيتيسين، سندس ويجها ماڻهو جي اڳ ۾ به منهنجا واقف هئا. مون سان مليا. چيائين ته مان اتي وٽس رهي پوان، پنهنجن ٻارن کي به گهرايان، منهنجو سڄو خرچ هو ڀرڻ لاءِ تيار آهي. پر جي اسين لنڊن يا ٻئي هنڌ رهون ته به هو خرچ پکو ڏيندو رهندو. چيائين ته افسوس جو جدائي ٿي وئي. تنهن ڪري مان ٻين دوستن سان ملي ڪونه سگهندس. موٽي اچي ريسٽ هائوس ۾ رهيس، جت به پاڻ مون وٽ آيو. منهنجي رهڻ جي جڳهه ويندي باٿ روم به ڏٺائين. منهنجا ڪپڙا به ڏٺائين ۽ پيسي ڏوڪڙ جو به پڇيائين ۽ جيڪي ڪانئس ٿيو سا مدد به ڪيائين. مان چڱو وقت ڍاڪا ۾ گذاريو ۽ خاص دوست شيخ صاحب جا مون کي ملندا رهندا هوا. پر اهو ضرور محسوس ڪيم ته مان هاڻ هت ڌاريو هوس. اڳيان واسطا سڀ ٽٽي ويا. جڏهن اسان عوامي ليگ ۾ هواسين ته بنگالي دوست ڏاڍا مٺا ماڻهو هوا. پر زبان ۽ رنگ رسم جو فرق ضرور هو. جيڪي ڪجهه هو فيصلا ڪندا هوا. انهيءَ صلاح ۾ اسانکي شريڪ نه ڪندا هوا. هنن جون گهڻيون مخفي رمزون ۽ ڳالهيون هونديون هيون. ماسٽر خان گل ۽ مان به ٽي دفعا شيخ صاحب سان اهڙو ذڪر به ڪيو هو. هڪ دفعي ته مان شيخ صاحب کي استعيفا به لکي ڏني هئي. مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو جو يحيٰ خان سان جڏهن شيخ صاحب ملاقاتون ڪيون، جيتوڻيڪ مان سينئر وائيس پريزيڊنٽ هوس، پر ڪڏهن به مون کي پاڻ سان وٺي نه ويو. مون کي پرچائيندو هو ته چوندو هو ته اليڪشن ۾ مان جيڪڏهن ڪامياب ٿيان ها ته هو ضرور مون کي پاڻ سان انهن اهم ملاقاتن ۾ شريڪ ڪري ها. پر مان سمجهان ٿو ته اهو صرف دم دلاسو هو.

ڪجهہ اهڙو تلخ تجربو آهي، زبان ۽ زمين جو وڏو اثر رهي ٿو. بنگالي جڏهن بہ پاڻ ۾ ملندا هوا تہ اسان هن پاسي وارا پنهنجا ڪونہ سمجهيا ويندا هئاسين. ڪجهہ حجاب، ڪجهہ مخفي ۽ ڪجهہ ظاهر وارو قصو هوندو هو، اهو ٿورو گهٽو حجاب رهي ٿو. اسين هڪ زبان وارا ڪٽي هڪ ٻئي جا ڪيڏا بہ دشمن هجون، تڏهن بہ هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ ۾ شرم نہ ايندو ۽ ڪا بہ ڳالهہ مخفي نہ ٿي رهي سگهي.

مگر شيخ صاحب جا اسان تي گهٽا ٿورا هوا، تنهن ڪري پڇاڙيءَ تائين دوستي نباهيسون. شيخ صاحب بہ پڇاڙيءَ تائين منهنجو چڱو خيال رکيو. هاڻي هو اسان ڪان هميشہ لاءِ جدا ٿي ويا. مفاصلو بہ تمام گهڻو آهي، هئن ۽ اسانجي وچ ۾.

هاڻي تہ ڍاڪا اهو نہ هو، ڏک بہ ٿيم، تہ مان هاڻي اتي ڌاريو هوس. هاڻي مان آزادي سان گهمي نہ سگهيس ٿي نہ ڪنهن سان ملي سگهيس ٿي تہ پوءِ اتي اهڙي رهڻ جو مطلب ڪونہ هو. روزانو مونتي بنگلاديش جي سڪي موجب اٽڪل پنج سون ڪان وٺي هزار تائين ٽڪا لڳي ويندا هوا، جيتوڻيڪ پيئندو بہ ڪونہ هوس. غريب عوام، مان تن جو ويهي خون پيان. دل کي چيم تہ هاڻي اتان پڇڻ گهرجي. اتان نڪري اچي ڪابل ۾ پهتس. اتي شيخ صاحب جا ماٺهو هوا، جن منهنجي رهڻ جو بندوبست ڪيو، ٻن ڏينهن اندر ڪابل ڇڏي وڃي لنڊن پهتس. لنڊن تہ اڳ ۾ بہ دفعا ڏٺي هئم. هن دفعي لنڊن مون کي ٻي طرح نظر آئي.

لنڊن ۾ وڃڻ ڪان اڳ ٻيا ملڪ جهڙوڪ ترڪي، ايران، اٽلي، فرانس، جرمني، انهن ملڪن ۾ لٽس پر ٿوري وقت لاءِ، اڄ يورپ ۾ ٽي ملڪ خاص طرح سان فرانس، جرمني ۽ انگلينڊ، هڪ ٻئي جا ثاني آهن. هنر، علم ۾ سندن مٽ يورپ ۾ ڪو مشڪل ملڪ ملندو.

لنڊن هوائي اڏي تي جهاز لاٿو. جهاز مان لهي سامان هٿ ڪيم ۽ ٻاهر اچڻ لڳس. اٿين اوچتو، پنهنجي ملڪ جي جنهن کي ڊبڪي چئبو آهي، تنهن جو آواز ٻڌم. ڏسان تہ چڻ ٻاوا ۽ ٻاون جون زالون سون جي

تعداد ۾ گيڙو ڪپڙن ۾، مردن کي وڏيون چوٽيون، سي نچي ۽ ڳانگهه وڄائي رهيا آهن. چيم هيءَ هندوستان ته نه آهي، هيءَ انگلينڊ آهي، وري جو ڪٽي ڏسان ته سڀ انگريز. هيءَ سڀ هندو ٿيا هوا ۽ سندن گرو انهيءَ ڏينهن هندستان وڃي رهيو هو. انهيءَ کي اماڻڻ آيا هوا.

ولايت ۾ يعني مغرب ۾ هنن جي هلڻ هئڻ جا نه طريقا مشرق کان گهٽو ڀيا آهن. هيءُ منهنجو لنبو سفر هو، ذري گهٽ وڃي سال ٿيو. اڳي صرف مهمان ٿي ايندو هوس ۽ مهينو يا ٻه رهيس، اهو به هوٽلن ۾. هوٽلن ۾ ٿوري وقت رهڻ سان هنن ماڻهن کي سمجهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. مان ته هاڻي ارادو ڪري آيو هوس ته مان ات هڪ "ڪامنر" ٿي رهندس. تنهن ڪري هن طرح سان لنڊن ڏسڻ، انگلينڊ ڏسڻ يا يورپ ڏسڻ منهنجي لاءِ هڪ عجيب تجربو هو.

ٽپڙ ڪٽي جڏهن اڳتي هليس، هتان وانگر مزور ڪونه ملن. تنهن ڪري ٽپڙ ڪڻڻ ذرا مشڪل لڳا. ٿيلهي جي "زپ" به ٽٽي پئي، تنهن ڪري ٽپڙن کي کهلڻ لڳس. بس اسٽينڊ به پري هئي ۽ هيٺ مٿي لهٽو پيو. لنڊن جو هوائي اڏو، چڻ ته هڪ تمام وڏو شهر آهي.

منجهس هوٽلون دنيا جي هر ڪنڊ جا ماڻهو ڏسڻ ۾ ايندا. ٽپڙ رکان به، ڪٽان به، هڪ انگريز اچي لانگهائو ٿيو. اڳتي هلي وري موٽيو. ڪا بئج لڳل هئس، شايد ڪنهن تنظيم جو ميمبر هو، پر پڪي طرح سان چئي ڪونه سگهندس. مون کي ٽپڙن کي گهليندو ڏسي چوڻ لڳو ته، "مدد جي ضرورت آهي؟"

مان چيو، "اها ته مهرباني ٿيندي." پوءِ هنن منهنجي ڳري بئگ کنئي ۽ وٺي هلي بس اسٽينڊ تي بيهاريائين. بس ۾ مٿي چڙهي، ٽپڙ چاڙهي مون کان موڪلائڻ لڳو. چيم ته مٿان مزور هجي، يا ڪو غريب هجي، جنهن جو اهو ڌنڌو هجي، ڏوڪڙ ته ٻئنڪ مان هوائي اڏي تان مٽائي چڪو هوس. تنهن ڪري اهو مشڪل ڪونه هو. ڪجهه ڏيڻ جي آڇ ڪئي مانس، ونڻ کان انڪار ڪيائين ۽ وڏيڪ چيائين ته هي لنڊن آهي ۽ خيال ڪجو. بس هو ته مون کان موڪلائي ويو. ڪجهه وقت

اهو خيال رهيم. دنيا ۾ اجا رحم سان ڀريل دليون آهن.

آخر هڪ هوٽل هٿ ڪيم. جڏهن ڀهريائين هوٽل ۾ گهڙيس ۽ ٽيڪسي واري ٽپڙ اندر هوٽل ۾ رکايا. بس اسٽينڊ تي آفيسون آهن. جن کي جيڪڏهن ڪنهن هوٽل ۾ رهڻ لاءِ چئبو ته هو فون ذريعي پڇا ڪري ٻڌائيندا آهن ته ڪٿي ڪمرا خالي آهن ۽ شايد وٽن اهڙيون لسٽون به هونديون آهن. مون واري هوٽل جي مئنيجر کي خبر هئي ته مان مهمان آهيان. هوٽلون ته هزار آهن ۽ لنڊن جي ماڻهن جي ڪمائي جو هيءُ به وڏو ذريعو آهي، پر هيءَ ڪا خاص ناميار ي هوٽل ڪانه هئي ۽ نه وري اهڙي گهٽ درجي واري هئي. اتي يونيفارم ۾ هڪ بيرو هوٽل وارن جو نوڪر آيو. جنهن اچي مون کان ٽپڙ ورتا. لفٽ ۾ چڙهياسين. ڪمري تي پهچي ڪمرو کولي ڏنائين. اندر اچي ٽيليفون چالو ڪري ڏنائين. پڇڻ لڳو مان ڪٿان تو اچان ۽ ڪير آهيان. مون هن کي ٻڌايو. منهنجي پڇڻ تي هن ٻڌايو ته هو مسلمان آهي ۽ مصر جو رهاڪو آهي. ڏاڍي همدرديءَ سان پيش آيو پر وري ڪونه مليو.

ڪمري ۾ اندر شاور هو. نيرن. ڊائيننگ هال ۾ ڪائٽي پوندي هئي، مگر ”بيرا“ گهڻو ڪري سڀ مصري مسلمان نوجوان هوا. اها ڳالهه ڏاڍو حيران ڪندڙ هئي.

انهيءَ هوٽل ۾ به اٽڪل ڀ تي سئو ماڻهو رهندڙ هوا. روزانو صبح جو نوان نوان منهن نوان نوان ماڻهو! هوٽل ۾ زالون ۽ مڙس گڏ ڪم ڪندا هوا. اهو ولايت ۾ رواج آهي ته جيڪڏهن ڪنهن سان ڳالهايو ته مشڪي ڳالهايو. گهڻو ڪري صرف منجهند جي ماني کائيندو هوس. ڳوليندو هوس ته ڪا سستي جڳهه ملي. ٽيوب اسٽيشن ڀرسان هڪ ريسٽارينٽ ڳولي لڌم. جنهن ۾ نوڪر يا بيرو ماني کڻي آڻڻ يا ڪارائڻ وارو ڪونه ٿئي. سڀ ڪو ماڻهو اچي، پليٽن جو ڍڳ پيو هوندو آهي، ان مان پليٽ کڻي وري چمچا ۽ ڪانٽا پيا آهن، انهن مان جوڙو کڻي پوءِ جيڪي ڪجهه گهرجيس اهو هٿ سان کڻي ۽ طعام جهڙوڪ مڇي پڪل، گوشت پڪل، رڌل ڀاڄيون، پٽاٽا ۽ ٻيون تمام

گهڻن قسمن جا رڌل طعام، اتي هوٽل وارن جا ڪم ڪندڙ بيٺا هوندا آهن، اهي اهو سامان پليٽ ۾ وجهي ڏيندا. اڳتي وڏيڪ ڪئشير کي مال ڏيکاربو هو، پيسن جو حساب ڪري پئسا وٺندو، پاڻ ماڻهو ڪاڏو کڻي وڃي ٽيبل تي کائي، هتي مون کي اٽڪل چاليهه يا پنجاهه پينير خرچڻا پوندا هوا ۽ ڍءُ ڪري کائيندو هوس. پر جيڪڏهن ڪنهن ٺٺ ٺانگر هوٽل تي ريسٽارينٽ ۾ اهڙي ماني کائبي ته ٻه پائونڊ خرچ اچي ويندو. مان ته هڪ تمام مسڪين ماڻهو، تنهن ڪري مونکي خيال سان هلڻو ٿي پيو. پوءِ ٽيوب اسٽيشن تي لهي ۽ لنڊن جو چڪر هڻڻ ويندو هوس.

هوٽل جو ڀاڙو پنج يا ڇهه پائونڊ هوندو هو، جو منهنجي مالي حالت جي مطابق تمام گهڻو هو، تنهن ڪري ڌهن ڏينهن جي اندر هوٽل ڇڏڻي پئي. اسٽيشن يا ٻين جڳهن تي بورڊ لڳا پيا هوندا آهن، جتان معلوم ٿي سگهندو ته ڪٿي ڪٿي رهڻ جون جايون مسواڙ تي ملي سگهنديون، مان به هڪڙي جڳهه ڳولي لڌي، جت ڪمرو مسواڙ تي وٺڻ جي ڪوشش ڪيم، مون هڪ عمر رسيده ماڻهوءَ کي ماني به پاڻهي ڪرڻي هئي، تنهن ڪري اهڙو ڪمرو گهربو هوم، جنهن سان گڏ ”ڪچن“ به هجي ۽ ٽائيٽ به هجي. هڪ جڳهه ۾ اهڙو ڪمرو هٿ آيم، جو ڪمپليٽ سيٽ هو، ڇڱو خاصو موڪرو ڪچن، پئسيج ۽ لڳولڳ ٽائليٽ پهرئين فلور تي مليم، مسواڙ ٻه پائونڊ روز، هئو ته هيءُ به منهنجي لاءِ گهڻو پر هڪ پائونڊ وارو ڪمرو به هو، پر انهيءَ کي ڪچن ڪونه هو ۽ ڪامن ڪچن ۾ ماني پچائڻي ٿي پئي. پنهنجا مسلماني خيال. سوئر جي گوشت کان نفرت، تنهن ڪري ٻين سان گڏ ”ڪچن“ ته پوءِ سوئر جو گوشت ڏسڻو پوي يا گوشت جي بدبوءِ اچي. انهيءَ ڪري وڌيڪ خرچ ڪرڻو پيو. ڪمري ۾ ٽپڙ رکي، مسافريءَ جي شروعات ڪيم، اڳي ائين ڪونه رهيس، ملڪ مان جو رُسي ڪن مجبورين ڪري نڪتو هوس، تنهن ڪري خيال ڪيم ته پنهنجن سان ملڻ مان ڪهڙو فائدو، انهيءَ ڪري ڪنهن سان به ملڻ

جي ڪوشش ڪانہ ڪيم، وقت کي ڪاٽڻ لڳس. هاڻي پنهنجي گهروارو ٽيس ۾ انهيءَ جڳهہ ۾ ست رهڻ جا ڪمرا هوا. هڪ سنگل ۽ ٻيا ڇهہ ڊبل. مان بہ ڊبل ڪمري ۾ رهندو هوس، پر هوندو سنگل هوس. وري ”ڪمپليٽ“ سيٽ هوم، تنهن ڪري ٻين ماڻهن کان ٿورو وڌيڪ ڏيکاءُ ڏيندو هوس ۽ پاڻ کي ٻين کان بهتر سمجهندو هوس ۽ ٻيا پاڙيسري بہ مون کي ڪجهہ اوچو ماڻهو سمجهندا هوا. جاين جو بهتر ۽ گهٽ، ڪپڙن جو فرق، ڪاڌي جو فرق، هلڻ چلڻ جو فرق، ماڻهن ۾ وڏ ماڻهپائي ۽ ننڍپائي جو خيال پيدا ڪري ٿو. انهيءَ ڪري حضور جن جي وقت جي ڳالهہ آهي تہ هڪ اصحابي جو ساڻن وڌيڪ ويجهو هو. ان وٽ ڪڏهن ڪڏهن ويندا هوا. هڪ ڏينهن در تان ئي موٽي آيا. اندر وٽس ڪونہ ويا. اصحابي کي ڏاڍو ڏک ٿيو، هو مسجد ۾ آيو ۽ ڪانئن اچي سبب پڇيائين، پاڻ فرمايائون تہ سندس ڪوٺي جي مٿان ٻيو ڪوٺو ٺهي رهيو هو ۽ انهيءَ ڪري ٻين جي گهرن کان سندس گهر اوچو ٿي رهيو هو ۽ لازمي ٻين ۾ ابتري جو احساس پيدا ٿئي ها. انهيءَ روش ڪين صدمو پهچايو ۽ پاڻ بنا اصحابي جي ملاقات جي موٽي آيا. اصحابي محسوس ڪيو تہ هڪدم وڃي مٿيون ڪوٺو ڊاٺائين.

جاين جي ڳالهہ نڪتي آهي تہ اڳوڻوءِ انهيءَ کي پورو ڪجي. انگريزن پنهنجي ملڪ کي ذري گهٽ ”ويل فيئر“ اسٽيٽ ناهي ڇڏي آهي. هيءُ هڪ تاريخي وهڪرو آهي. جنهن جي تفصيل ۾ وڃڻ لاءِ وقت گهرجي. جايون انگلينڊ، يورپ ۾ وڏن شهرن ۾ سڀ هڪ جهڙيون، سردي تہ هنن ملڪن ۾ ڏاڍي آهي. هتان جو سخت سيارو، اتان جو تهہ اونهارو آهي. تنهن ڪري ٻاهر سمهڻ يا پکو رکڻ يا پکو هلائڻ جو ڪو سوال ئي ڪونهي. هڪ هڪ جاءِ جڻ ڊبلي آهي. ٻاهران ڪامن در، جنهن جي ڪنجي سڀ ڪنهن ڪمري ۾ رهندڙ کي هوندي آهي. اندران دروازو کلي سگهندو مگر ٻاهريون ماڻهو سواءِ ڪنجيءَ جي اندر اچي ڪونہ سگهندو. اندر ڪمرا سڀ هڪ جهڙا، وڏا ننڍا تہ ضرور ٿين پر هنن جي اندر غاليچا، بيڊ وغيره سڀ هڪجهڙا.

جيڪڏهن گهر يا ڪمرو مسواڙ تي ونبو ته گهر ۾ ڪنهن شيءِ جي خريد ڪرڻ جي ضرورت ڪانه پوندي. ”بيڊ“ اڳئي ڪمري ۾ پيل هوندو، جي ٻن بيڊن، وارو ڪمرو هوندو ته به ”بيڊ“ هوندا، پلنگن تي لڳل غاليچا، ڪٻٽ، ڪرسيون، ڪوچ، اڳئي پيل هوندا، ڪائڻ ۽ پچائڻ لاءِ سڀ ڪجهه اتي پيل هوندو. گهر جو مالڪ يعني ساڳي جاءِ ۾ رهي يا ٻاهر رهي. پر گهر کي صاف رکڻ، بسترا وغيره صاف رکڻ سندس ڪم آهي. گهر مسواڙ تي ڏيڻ هيءُ هڪ اتي جو ڌنڌو آهي. ماڻهو سو مان نوي سڀ مسواڙي، هزارن ورهين جا رهندڙ سي به گهڻو ڪري سڀ مسواڙ تي رهن.

هتان وانگر لئنڊ لارڊ جنهن کي زميندار چئو ۽ لئنڊ ليڊي جنهن کي زميندار جي زال ڪٺي چئجي، اهي ٻئي اتي عام جام ملندا. انهن کي زمين جا هزارها ايڪڙ ڪونهن، پر هنن کي هڪ يا ٻه گهر هوندا، جن جي پنهنجي رهڻ جي ڪمري کان سواءِ، ٻيا ڪمرا مسواڙ تي ڏنل هوندا. حقيقتن اهي اسان واري تخليل موجب زميندار ڪونهن، پر مزور آهن، جي گهر جي ٻاهرين حصي جي صفائي ڪن.باٿ روم صاف رکن، بسترا وغيره مٽائن، هر گهر هڪڙي قسم جي ننڍڙي هوٽل آهي، جنهن ۾ ڪرائيدار مهيني کان وٺي 6 مهينا سال، ڪي ته سالن جا سال اتي رهندا اچن، انهيءَ ڪري اتي وڏو ماڻهو ۽ ننڍو ماڻهو ڪونه ٿئي، ڪوبه وڏيرو وغيره ڪونهي، سڀ ڪو پنهنجي خانيءَ خان آهي.

اهڙيءَ طرح سان مان به هڪڙو انهن مان اپرڻ لڳس، روزانو پنهنجي ڪائڻ پچائڻ واسطي سامان وٺي ايندو هوس. جهڙوڪ بيدا، چانور، بريڊ، تيل، ڪاڏو پچائڻ، بصر، ٽماٽا يا اهڙيون ڪائڻ لاءِ پيون شيون، فروٽ وغيره وٺي ايندس، اٽڪل هفتي جي لاءِ روزانو به ڪي شيون وٺنيون پونديون هيون، مڇي، گوشت، قيمو ۽ اهڙيون ٻيون شيون روزانيون وٺيون پونديون هيون. اخبار هڪ يا ٻه رسالا روز وٺي ايندو هوس. ڪاڌي جو سامان ريفريجريٽر ۾ رکندو هوس. ڪاڌو پچائڻ گئس تي تيندو هو، سڄو بندوبست گهر جي مالڪ کي ڪرڻو هوندو

هو، لائيٽ بہ ملندي هئي، گئس بہ ملندي هئي، جنهن جا پئسا مونکي ڏيڻا پوندا هوا. اهو سسٽم عجيب آهي، لائيٽ ۽ گئس جي انڊيڪس هيٺان دٻا هوندا هوا، جنهن ۾ ڏوڪڙ وجهبا هوا. پنج پينسجز جو يا ڏهن پينجسز جو سڪو وجهبو هو تہ پوءِ انهيءَ آهر ۾ اوتري وقت لاءِ اليڪٽرڪ سٽي ۽ گئس ملندو هو، وري مقرر انداز جي کپائڻ کان پوءِ خود بہ خود اليڪٽرڪسٽي ۽ گئس بند ٿي ويندي هئي، وري پئسا وجهڻا پوندا هوا، تڏهن وري هيءُ سڀ شروع ٿيندو هو.فون جو بندوبست سڀ ڪنهن گهر ۾ آهي، پر پهريائين سڪو وجهبو تہ ڪنيڪشن ملندو ۽ جنهن بہ ماڻهوءَ سان يا فون نمبر واري سان ڳالهائڻو هوندو، اهو گهنڊٺي تي اچي حاضر ٿيندو، هو "هلو" چوندو يا فون جي آواز مان خبر پوندي ڪنهن فون ڪئي آهي، پوءِ سڪو وجهبو تہ پاڻ ڳالهائي سگهبو پر سڪو نہ وجهبو تہ فون پاڻمرادو بند ٿيو وڃي. منهنجي لئنڊ ليڊي، ٻين گهرن ۾ رهندڙ عورتن سان جهيڙو ڪيو ۽ فون بند ڪرائي ڇڏيائين پوءِ مان ساڳي فون، پنهنجي ڪمري ۾ هٿائي، جڏهن مان پنهنجي ڪمري ۾ هٿائي تہ پوءِ بل ايندو هو ۽ پئسا ڏبا هوا.

اهڙي طرح سان پنهنجو وقت گذرندو رهيو، اتي شهر ۾ ٻاهر اچڻ وڃڻ لاءِ ڏاڍيون سهوليتون آهن، هڪ شهر جا نقشا هدايتن وارا ڪتاب شهر ۾ عام جام ملندا. سڄي لنڊن جي هيٺان زمين دوز ريلون ئي ريلون آهن. مٿان بسون تمام گهڻيون هلن، تن جا هر هنڌ اسٽئنڊ آهن، جن تي بورڊ لڳا پيا آهن، جن تي انهن بسن جا نمبر لڳا پيا هوندا آهن جي انهيءَ اسٽينڊ تي بيهڻ واريون هونديون. نقشا ۽ ڪتابچون عام جام ملنديون آهن، جي ڏيکارينديون تہ ڪٿان ڪٿان ڪهڙيون ڪهڙيون بسيون ملن ٿيون. گهٽين ۽ گهرن تي نالا ۽ نمبر لڳا پيا آهن. لنڊن ۾ ڏيڍ ڪروڙ کان بہ وڌيڪ آدم رهي ٿو ۽ ايراضيءَ جي خيال کان لنڊن دنيا جو وڏي ۾ وڏو شهر آهي، پر نواب شاهہ ۾

ڪنهنکي يا ڪنهن جي گهر کي ٻوليءَ ۾ تڪليف ٿئي پر لنڊن ۾ ايتري به تڪليف ڪانه ٿئي. سيني جڳهن تي، گهرن ۾، هوٽلن ۾، آفيسن ۾، سئنيمائن ۾، دوڪانن ۾، ناچ گهرن ۾، شراب خانن ۾ مطلب ته هر هنڌ ”هيٽنگ“جو بندوبست تيل آهي. ٻاهر ايڏو سيءُ هوندو جو ڏکيو پيو، پر جي ڪنهن اهڙي جاءِ ۾ ماٺهو گهڙي پيو ته گرمي گرمي نظر ايندي. مون کي ته ٻيو ڪوئي ڏنڌو ڪونه هوندو هو، کائڻ، پڙهڻ، ٻڌڻ، گهمڻ ۽ سمهڻ ۽ لکڻ. مان به انسان آهيان، مون ۾ به انساني جذبات آهن. هوئڻ ته سڀ ڪنهن هنڌ پر پرديس ۾سنگت جي تمام گهڻي ضرورت محسوس ڪجي ٿي. خاص طرح انهن ملڪن ۾ جتي عورت ۽ مرد جاتي ڪاتي گڏ ڏسڻ ۾ ايندا. انهيءَ ڪري جذبات تي اثر ٿئي ٿو. جنسي خيال سان نه جيتوڻيڪ اها به هڪ فطري ڳالهه آهي، پر خاص طرح سان سنگت جي خيال کان مان به اڪيلائي محسوس ڪرڻ شروع ڪئي. هت پنهنجي گهرواري سان ته ٻاهر نڪتس پئي پر هاڻي هن کي اتي گهرائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪيم، پر جواب اهو ئي مليو ته بي وفائي ڪري مان وڏا توڙي خاص نديڙا ٻچڙا ڇڏي پيجي ويس، پاڻ اهڙو بي وفا نه ٿيندي. ٻي طرح ٻچڙا، انهن جي تعليم رلي ويندي. هيڏي موٽي اچڻ جو ارادو به پهرين ڇئن پنجن مهينن ۾ بلڪل ڪونه هو.

مٺي مرسل جون ڳالهيون جيتوڻيڪ چوڏهن سئو سال پراڻيون آهن، پر اڄ به اهي نيون پيون لڳن ۽ شايد ڏينهن قيامت تائين سندن زندگي هميشه نئين هوندي.

قدرت جو ڪيڏو ڪمال آهي ته ارتقا جي ڪڙيءَ ۾ هڪ مڪمل انسان، انسانيت جو معراج هڪ مثالي انسان پيدا ڪيو ۽ جنهن کي پيغام مليو ۽ پيغمبري جي ڪڙي ۾ آخري پيغمبر هو.

پاڻ غربت يعني سادگي قبول ڪيائون ۽ اها دعا گهريائون ته

شل غربت ۾ اُتن ۽ غريبن سان ٿي گڏ هجن. سندن زندگيءَ جي هڪ هڪ گهڙي اسان لاءِ روشنائي آهي. هن نئين دنيا ۾ جڏهن سندن خيال ڪيان ٿو تہ پاڻ پراڻا ڪونهن پر نوان آهن ۽ هميشہ نوان رهندا.

لنڊن ۾ اندر گهڙبو تہ گهٽيون ماڻهن سان ڀريل نظر اينديون، بسن ۾ چڙهبو تہ بسون ڀريل نظر اينديون، گاڏين ۾ چڙهبو تہ گاڏيون ڀريل نظر اينديون. زالون مڙس ڏسڻ ۾ ايندا. لنڊن جي شهر ۾ انهن گاڏين، بسن ۾ ڪو ڪلاس ٿيئي ڪونہ. اندازن زالون ۽ مرد هڪ جيترا ڏسڻ ۾ ايندا. اجان بہ عورتون گهٽيون پر مرد ٿورا نظر ايندا. جيڪڏهن ڪوشش ڪبي تہ هنن ۾ وڏو ماڻهو ڪير آهي، ننڍو ڪير، شاهوڪار ڪير، غريب ڪير، سيٺ ڪير، نوڪر ڪير، امير ڪير، فقير ڪير تہ اهڙو پتو پئجي نہ سگهندو. سڀ ڪو هڪجهڙيءَ پوشاڪ ۾، سڀ ڪنهن جي منهن تي ساڳي مُرڪ. سڀ ڪو خاموش، سڀ ڪنهن کي اخبار هٿ ۾. هتان وانگر سيني ڪلاسن جا ماڻهو اکين اڳيان ڏسبا تہ زميندار، سيٺ، شاهوڪار، غريب، مزور، هاري پري کان پڌرو.

حضور جي يادگيري آيم تہ پاڻ ڪڏهن بہ مصلي تي نماز ڪان پوءِ نہ وينا. هميشہ وڏي تڏي تي سڄي جماعت سان گڏ ويهندا هوا. ڪو طول وهاڻو، غاليچو يا اوچي پليٽ فارم تي ڪونہ وينا. ڪائنئ جڏهن پڇيو ويو تہ ائين ڇو، چيائون، انهيءَ لاءِ تہ پاڻ سيني جا پائر هوا ۽ انهيءَ لاءِ متان متائين يا بهتر جڳهہ تي ويهڻ ڪري ٻين ۾ ابتري يا برتري جو احساس پيدا ٿئي. حضور جن جهڙو پيو ڪهڙو حاڪم پيدا ٿيندو، پاڻ نہ فقط ٻين جي جسمن تي حڪومت ڪندا هوا، پر ٻين جي دلين جا بہ مالڪ هوا. انهيءَ هوندي بہ سندن گهر ٻين جي گهرن کان بہ سادو، ايتري قدر جو گهر کي در دروازو بہ ڪونہ هو، فقط چڪون هيون. ڪپڙو لٽو فقط هڪ وڳو. شايد بہ جو پاڻ صفا ڪن،

ڪائڻ پيئڻ جي اها حالت جو هڪ ڏينهن کان وڌيڪ خوراڪ گهر ۾ ڪا نہ هوندي هئي. هن انقلابي دنيا ۾ يورپ جي قومن کي انهيءَ پاسي اچڻو پيو آهي. يورپ وارن جا پنهنجا انداز آهن، پنهنجا قدر آهن، قدر ۽ انداز، گهڻين ڳالهين تي دارومدار رکن ٿا. آب هوا جو بہ وڏو اثر ٿئي ٿو. انهن ملڪن ۾ سردي تمام گهڻي آهي، انهيءَ ڪري هنن کي اهڙي آب هوا مطابق گهر ناهڻا پيا آهن. پوشاڪ بہ انهيءَ مطابق ناهڻي پئي آهي. هو هميشہ سيءَ جي ڪري ڪمرن ۾ بند رهن، هنن جو ڳالهائڻ بہ آهستي ٿئي، ڇاڪاڻ تہ ميدانن ۾ هو ڪونہ رهن جو ڏاڍيان ڳالهائين يا ڏاڍيان سڏ ڪن، تنهن ڪري گهڻو ڪري خاموش رهن، جنسي لحاظ کان بہ ٿڌا.

دنيا، ڪائنات، قدرت هڪ عجيب ايجادون آهن، هڪ اهڙو عجيب چڪر آهي، ايڏو اونهو، بي انت آهن، هي تہ اسانجا، احساسات، اسان جا جذبات، اسانجو عقل ۽ اسانجو علم، هنن کان متاثر ٿئي ٿو، پر هنن کان ٻاهر ڇاهي، جتي اسانجي دماغ جو، انساني جسم جو بادشاهہ حصو آهي، جو ارتقا جون منزلون ڪندو رهي ٿو، خيالي دنيا ڏينهون ڏينهن بدلجندي رهي ٿي، وجودي دنيا بہ وڃي ٿي وڌندي ۽ دماغ بہ ان جي پوئتان اهڙو ڊوڙي پڄڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي، جو هڪ عجيب قدرت جو پهلو آهي. هيءَ ڪائنات جي ارتقا جي رفتار بہ وڃي وڌندي ۽ انساني دماغ جي ارتقا جي ڊوڙ بہ ڏاڍي تيز ٿيندي ٿي وڃي، وڃن ٿيون هڪ ٻئي کي وڪوڙيون. عجيب تماشو آهي، پر ڪجهہ هن کان بہ ٻاهر آهي، جو عقل، وهم، فهم کان مٿي آهي. هيءَ ڪهڙي بازي آهي، هيءُ ڪهڙو تماشو آهي، ڇو ۽ ڇا لاءِ! هيڏي ڪشمڪش آهي؟ بس سمنڊن مٿان سمنڊ آهن، پاڻيءَ جا سمنڊ، پاڻيءَ جا درياهہ، هوا جا ڍير، هوا جا طوفان، اهڙيءَ طرح سان خيالن جا ڍير، جذباتن جا ڍير، عمل جا ڍير، علم جا ڍير، نہ هي خود پنهنجي اندر

سمنڊ آهن، منجهن وڏيون لهرون آهن، وڏيون اڇلون آهن، اهي سيئي وريو هڪ ٻئي سان مخالف ٿي، لڏي لمي، وڃي سمنڊ ٿين. هيڏي هوڏي ڀڄي، ڪپرن سان ٽڪر هڻي، وڃي هڪ ٽڪ ٿين. پوءِ ڪيئن گم ٿيو وڃي، ڪيئن نئون نئون رنگ وٺن. منهنجا مولا! مان انڪساري ڪيان!! تنهنجي در تي ڪران!! تنهنجي وڏائي منهنجي دل تي! منهنجي دماغ تي ايڏو تہ اثر ڪري ٿي تہ جيڪر مان مري خاڪ ٿي وڃان! تنهنجي قدرت!! تنهنجي وڏائي! ڪهڙي زبان آهي جو ان جو بيان ڪري!!

توکي ڪير ڏسي! ڪا اک اڃ تائين اهڙي پيدا نہ ٿي آهي ۽ نہ ٿيندي، جا حجت ڪري تہ ان توکي ڏٺو!! تون وجود صفتن کان بالا آهين!! پر سچ تہ تون اهڙو ويجهو ۽ سڀ ڪنهن جي پرسان آهين، سڀ ڪنهن جي دل ۾ آهين، توکي ڏسڻ تمام آسان آهي، شرط اهو آهي تہ اهڙي دل هجي، هيءُ جيڪي ڪجهہ هت آهي، سو تون نہ آهين تہ پيو ڪير آهي! هي سڀ تنهنجون نشانيون آهن، قدرت تنهنجو معجزو آهي، قدرت تنهنجي قرب جو جلوو آهي!!

يورپ جي ماڻهن جو راڳ، ناچ، اهڙو تيز ۽ اڳرو آهي، جنهن جو مقصد آهي گرمي پيدا ڪرڻ، خود هنن جو هڪ ٻئي کي وچڙجي وڃڻ، بنا ڪنهن هبڪ جي جيرن، باغن، رستن، ريلن تي هڪ ٻئي سان چهٽي وڃڻ، اسان لاءِ تہ هڪ نامناسب ڳالهہ آهي، هنن کي هن ڳالهہ ۾ ڪوبہ اعتراض ڪونهي، هيءَ هڪ عام رواجي ڳالهہ آهي، ڪيستائين هي آهي. ان جي پرک انهيءَ ۾ آهي تہ انسان جي ترقيءَ لاءِ هيءَ آزادي صحيح آهي يا غلط؟ هن کي هو ”پرسيو سوسائٽي“ سڏن ٿا. يعن هيءُ جنسي آزادي وارو معاشرو آهي. انهيءَ منزل تي يورپ ڇو پهتو آهي. ڇا اها ترقي آهي يا تنزل؟

انهيءَ کي ارتقا چئي سگهجي ٿو يا نہ؟ جيئن اڳ ۾ چئي چڪو آهيان، هنن کي گرم ٿيڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ گهرجي، پر هن جو ٻيو پهلو

اهو آهي تہ هيءُ گهڻو ڪري سڀ ڪرستان آهن. هندو ۽ ڪرستان لاءِ شادي هڪ پوتر ۽ مضبوط ٻنڌڻ آهي، جا مرڻ لاءِ جوڙي کي ٻنڌي رکي ٿي. ڪوبہ ٻئي ڪان جدا ٿي نٿو سگهي، چاهي شادي ڪامياب ٿئي يا نہ، چاهي جوڙو پاڻ ۾ جاني دشمن ٿي پوي تہ بہ هيءُ ٻنڌڻ ٻڌي رهندي. پراڻي زماني ۾ صحيح هو يا غلط سا هڪ ڳالهہ آهي، پر هن زماني ۾ ڪرستانن ۽ هندن نوان قائدا پاس ڪري پنهنجي مذهبي فرضن ڪان انحرافي ڪندي طلاق جو اصول قبول ڪيو آهي ۽ سول شاديون بہ ٿين ٿيون. انهيءَ ڪان سواءِ جي نوجوان ڇوڪرو ۽ جوان ڇوڪريءَ نہيو وجن، يعني جوڙو هڪ ٻئي راضي ٿئي تہ هو پاڻ ۾ زال مڙس وانگر گذجي گذارن، اولاد پيدا ڪرڻ ڪان پرهيز ڪن، اهڙيءَ طرح ويندي پوڙهن ۽ پوڙهين تائين هي سلسلو جاري آهي. هن سڀ ڳالهہ جو نچوڙ هيءُ آهي تہ شادي جا قدرتي ۽ مذهبي هڪ جوڙ آهي جو ٽٽي نٿو سگهي، اها اصول يورپ ۾ بلڪل ختم ٿي ويو. هاڻي هڪ قسم جو ٻن سريرن جو سودو آهي. سودو معنيٰ انگريزيءَ ۾ قبوليت يا ڪانٽريڪٽ. حضور جي اچڻ ڪان پوءِ اسلام شاديءَ کي هڪ قبوليت جي صورت ڏني آهي، جا ڪنهن بہ ڌر جي ايرادي سان ٽٽي سگهي، مگر ڇاڪاڻ تہ اسلام جا پوئلڳ چوندڙ اسلام ڪان هزارين ڪوهہ پري آهن، هاڻي يورپ کي ڪير هدايت ڪري.

عجب تہ اهو آهي تہ جڏهن ڇوڪري ساماڻي تہ ماءُ پيءُ سندس مڙس لاءِ ايترو نہ پر "بواءِ فرينڊ" لاءِ ڪوشش ڪندا. ڇاڪاڻ تہ انهن لاڳاپن کي اڄ بہ اخلاقي طرح نيڪ نٿو سمجهو وڃي ۽ ڪرسچن مذهب جي خلاف ليکيو وڃي ٿو. پوپ ڪيترا دفعا اهو اعلان ڪيو آهي، تنهن ڪري اهو هڪ عام خيال آهي تہ جيڪڏهن مذهب اهڙا ٻنڌڻ ٻڌي ٿو، جنهن کي هو ٽوڙي رهيا آهن تہ اها تحريڪ بہ جاري آهي تہ پٽ ماءُ، پيءُ ڌيءَ سان ۽ ڀاءُ ڀيڻ سان جنسي تعلقات رکن تہ ان ۾ ڪابہ خطا ڪانهي. اها آهي حد جنهن کي يورپ وڃي رسيو

آهي. يورپ جون بد رسمون اسان وٽ اڃا رهيون آهن. عجب تہ اهو آهي تہ هت بہ اهڙا ماڻهو آهن جي مذهب ۽ خدا جي مڃڻ جا انڪاري آهن. اهي بہ اها ئي ڳالهہ ڪن ٿا، پر هڪ ڳالهہ خيال ۾ رکجي تہ جيڪڏهن بہ سرير هڪ ٻئي کي دوست رکن ٿا تہ ٻئي ڪنهن سان تعلق رکڻ هنن لاءِ عيب آهي. هتي جا اهي ماڻهو، هنن واري باندي قبول نٿا ڪن، هيءُ سڀ ڪجھہ يورپ ۾ ٿي رهيو آهي.

هي غلط آهي يا صحيح! ان لاءِ ڪسوٽي اها آهي تہ اهو عمل اسان کي ترقيءَ جي راهہ تي وٺي هلي ٿو يا نہ. هاڻ يورپ ۾ اهو محسوس ٿي رهيو آهي تہ آزاد معاشرو ڏاڍو نقصانده آهي، ان کي جيترو ٿي سگهي، جلد ختم ڪجي.

مذهب هڪ قدرتي تحريڪ آهي ۽ مذهب سان ارتقا بہ ڪنهن حد تائين شامل آهي. مذهب جي مراد آهي اسان ۾ اخلاق پيدا ڪرڻ ۽ جانورپڻ مان ڪڍي ڪنهن ٻي منزل تي پهچڻ. مذهب هڪ ضابطو ڏئي ٿو، جنهن تي انسان کي عمل ڪرڻو آهي، جنسي تعلقات هڪ فطري ڳالهہ آهي، اجا بہ اڳتي وڌي پئي سگهجي. جنسي تعلقات انسان پيدا ڪرڻ جي ڪنجي آهي، مخلوق کي پيدا ڪرڻ جي ڪڙي، تنهن ڪري سنياسين، ٻاون وانگر ان کي غلط چوڻ خود هڪ وڏي غلطي آهي. سوال اهو آهي تہ اهو ڪنهن حد اندر هجي، جو انسان ارتقا ڪرڻ جي بدران ڪري هڪ جانور ٿي نہ پوي. علم، عقل ۽ عشق ڪيئن ترقي ڪري سگهي ٿو، جيڪڏهن هو ڪتي، گڏهہ يا سوئر وانگر سڄو ڏينهن ناسون هٽندو وتي ۽ راتيون ڏينهن پنهنجا ائين ختم ڪري ڇڏي. انهيءَ ڪري بنا ڪنهن ضابطي جي نہ ڪنهن حد ۽ اصول جي جنسي شهوت تہ انسان کي ناس ڪري ڇڏينديون. انهيءَ ڪان پوءِ جيڪڏهن بي اصوليءَ سان، انسان پنهنجي عورت کي ڇڏي ٻئي هنڌ تعلقات رکي تہ پوءِ عورت جو ٻيڙو ٻڏو، سڄو هن جو گهر برباد ٿيو. ساڳي حالت مرد سان ۽ سندس خاندان سان ٿئي، انهيءَ ڪري زنا کي حرام ٺهرايو ويو آهي.

ڪيترين عقل، حجت، بحث جي ڪسوٽين کي جاچي ڏسبو ته هيءَ افراتفري، بي راهه روي، انهن ڪردارن کي ته خراب ڪريو ڇڏي، پر سڄي معاشري جي لاءِ مصيبت بنجيو پوي. هن پهلو تي ڪتاب لکي سگهجن ۽ هيءُ اهڙو مسئلو آهي جو عقل کي ڪم آڻڻ سان فيصلو ڪري سگهجي ٿو. پيءَ طرح سان يورپ جنهن باهه ۾ جلي رهيو آهي، ان کان وڏيڪ باهه اسان وٽ اچي رهي آهي جو شعر ۽ شاعري ۾ لکڻ، ادب جي نالي، هيءُ زهر اسانجي ٻچن جي رڳن ۾ وڌو ٿو وڃي، سنڌ ۽ پاڪستان ٻئي اهڙو ته جلي ويندا، جيڪڏهن اسان هي ترقي پسند تحريڪون ۽ ادب قبوليو.

انهيءَ مرض ۽ ٻين مرضن جي هوندي به يورپ ۽ انگلينڊ ۾ گهٽيون چڱيون ڳالهيون پڻ آهن. خاص طرح انگلنڊ جي لاءِ ڪجهه چئي سگهان ٿو پر ٻين ملڪن ۾ مان گهٽو وقت ڪونه رهيس، پر لنڊن سڄي مغربي دنيا جي دل آهي، آهي سڄي دنيا جو مرڪز. ڇا لاءِ ته انگريزن سڄي دنيا ۾ سڌي يا اڻ سڌيءَ طرح پنهنجو ڌاڪو ڄمايو، انهيءَ ڪري انگريز جو سڄي دنيا سان واسطو رهيو ۽ اجا رهندو اچي. ٻيون جيڪي تخليقون انگلستان ۾ ٿيون جهڙوڪ جمهوريت، ووٽ جي رستي عوام جي راءِ وٺڻ ۽ ان جي فيصلي جي بجاوري ڪرڻ، مخالف ڌر ۽ حڪومت جي ڌر، ٻن پارٽين جو پارليامينٽ جي ايوان ۾ هجڻ، جڊيشري بهترين ۽ آزاد، اهي سڀ انگلينڊ تمام گهٽيون قربانيون ڏئي حاصل ڪيون ۽انهن ادارن جو سڄي دنيا ۾ پکڙجڻ ۽ هن وقت سڄي دنيا ۾ ضمير جي آزادي، قلم جي آزادي، ڳالهائڻ جي آزادي ۽ گڏ ٿي جلسا جلوس ڪرڻ جي آزادي، اهي سڀ ڪجهه انگلستان ۾ آهن، سڄي دنيا انهن تخليقن کي اجوڪي نئين روپ ۾، ڪجهه نه ڪجهه انداز ۾ هلي رهي آهي ۽ ٻيون ڪيتريون اهڙيون ڳالهيون آهن، جن جو جيڪر بيان ڪجي ته ڇگو خاصو ڪتاب ٿي پوي، دنيا ۾ مروج ڪرڻ ۾ هن ملڪ ۽ هن ملڪ جي ماڻهن اڳواٽي ڪئي.

انگريزي زبان خود هڪ عالمگير زبان جي حيثيت حاصل

ڪندي تي وچي ۽ گهڻو ڪري دنيا جي سڀني حصن ۾ هن جي بوءِ اچي ٿي. دنيا جي هر ڪنڊ ڪڙڇ جا ماڻهو هت ليندا، نه فقط ليندا پر چڱو خاصو ڀاڱو ٿي چڪا آهن. ڪارا ماڻهو، افريڪا کنڊ جا تمام چڱي انداز ۾ ڏسجن ٿا. ڪاٿي ٻه وڃبو ته پنجاهه ۾ هڪ يا ٻه ڪارا ماڻهو ضرور نظر ايندا. هن برصغير جا ماڻهو ٻه لکن جي انداز ۾ انگلينڊ ۽ لنڊن ۾ ڏسڻ ۾ ايندا. هيءُ چڱو ڪشاده دل قوم آهي، جنهن جي اندر ٻين ڪيترن رنگن، مذهبن، ٻين ملڪن جي ماڻهن شهرين حاصل ڪئي آهي. انهيءَ ڪري پڻ دنيا ۾ هن ملڪ ۽ خاص طرح لنڊن جي پوزيشن نمايان آهي.

هن ڪان ويهه سال اڳ جڏهن لنڊن ۾ هوس، تڏهن لنڊن ۽ انگلينڊ بهتر شهر ۽ ملڪ هو. اڄ اها سچائي صفائي ڪانه آهي، تنهن هوندي به هتي گهڻيون چڱيون روايتون ۽ پهلو اجا به موجود آهن. هي ماڻهو وقت جا پابند، واعدي جا پورا جيتوڻيڪ هاڻي ڪجهه نڳ ۽ ٽيتائي هنن جي معاشري ۾ پيدا ٿي پيا آهن. صفائي، سنائي سان محبت، پڙهڻ سان اڳئين جهڙي نه پر تڏهن به اجا تائين پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ. شهر ڳوٺ سڀ خوبصورت، جايون جهڙيون لنڊن ۾، اهڙيون جايون ننڍڙن ڳوٺن ۾، رستا تمام صاف ۽ ڪشادا، قدرت زمين کي ڏاڍو حسين بڻايو آهي. هيٺيون مٿايون،سڄو ملڪ سائو ڇهڇ، موٽر تي چڙهي، هنن جا ڳوٺ ڏسجن، اتي ننڍڙيون بازاريون، نهايت رنگين نظارا نظر ٿا اچن.

مون کي پنهنجي رهڻ واري جاءِ هميشه لاءِ ياد رهندي. اوپر ڏي منهن هوس ۽ اولهه ڏي پٺ. منهنجو ڪمرو جاءِ جي چيڙي ۾ اوپر ۽ اتر جي ڪنڊ تي. وڏي دري ڪاني جي تاڪن سان، جي تاڪ لهي به سگهندا هوا ۽ چڙهي به سگهندا هوا. تنهن جي سامهون وڏو وڻ جو ۽ چيڙ جو جوڙ، نه باغ ۽ نه پارڪ، پر ان هوندي ٻنهي جو مڪسچر هو، گهر جي ٻاهران، ٻاهرين در مان ننڍڙو پيچرو، جنهن کي ٻنهي طرفن کان به ٻارا جنهن ۾ گلاب جي قسمن قسمن جا ٻوٽا لڳل هوا. گلاب

بہ گھٽن قسمن جو هو. اتان وچي وڏي رستي تي لهبو هو. اٽڪل ٻن سون قدمن تي وڏو پارڪ هوندو هو، جنهن ۾ هڪ ڪينٽين هوندي هئي، ان سان گڏ وڏو ٽينس گرائونڊ هو. جت 5 يا 6 جوڙا ڏار ڏار راند ڪري سگهندا هوا. ٻئي طرف ڪان ننڍڙن ٻارڙن جي راند ڪيڏڻ لاءِ جوڏيل، ڦرٽيون ۽ وهنجڻ لاءِ چگو تلاءُ هوندو هو. ٻئي هنڌ هڪ شاماني جي جاءِ نهيل ۽ ڊڪيل هڪ ٿلهو هوندو هو. جتي رانديگر، جادوگر، مسخرا اچي نمائش ڪندا ۽ اسڪولن جا ننڍڙا ٻار اچي گڏ ٿيندا هوا. جڏهن بہ دل اداس ٿيندي هئي تہ اچي اتي ويهندو هوس. هرويرو بہ ماڻهن کي خوش خوش ڪندو هوس. ڪينٽين جي مالڪياڻي ۽ مالڪ خوش خوش ورائيندا هوا ۽ مان وچي سندن ڪينٽين ۾ ويهندو هوس تہ ڏاڍو خوش ٿيندا هوا. هن پاڙي ۾ رهڻ ڪري وڏا توڙي ٻارڙا چڱا واقف ٿي ويا. ڪي چانهہ پيارڻ لاءِ چوندا ڪي خرچي گهرندا. ڪلاڪ ٻہ پارڪ ۾ ويهي، نيون پراڻيون ڳالهيون ياد ڪري گم ٿي ويندو هوس، مٿان ڪڪرن جون قطارون گذرنديون هيون، ڪڏهن جهڙ اهڙو گهاٽو هوندو هو جو اونده ٿي ويندي هئي، ڪڏهن سج لکي لکي ليئو پائيندو هو ۽ اُس ٿي ويندي هئي. اُس ٿيڻ سان گهرن مان ماڻهو نڪري پوندا هئا. پوءِ تہ پارڪ ۾ ميلو لڳي ويندو هو. خاص طرح مئي کان وٺي آگسٽ تائين سيءُ تہ رهي ٿو تہ بہ چڱي موسم رهي ٿي. سياري ۾ تہ سڄي لنڊن ۾ چپ لڳي ويندي هئي. مان چڻ تہ اتان جو باشندو ٿي ويو هوس، ٿوريون چڙهيل زالون شل نہ رنج ٽين يا مڙس سان جهيڙو ڪري طلاق وٺي ٻاهر نڪرن. انهيءَ پارڪ جي پرسان هڪ وڏو گهر هوندو، جنهن ۾ پادرياڻيون رهنديون هيون، اتي بيواهن جو بہ ڊگ هوندو تهو، بہ چار پارڪ ۾ ضرور اچن. مان بہ ساڳين بينچن تي ويهندو هوس. ساڻن واقفيت ٿي. هڪ تہ اشراف، شڪل جي چڱي، پر عمر اٽڪل پنجيتاليهہ سال، اچي واقف ٿي هميشہ ٽي يا چار ساهيڙيون بہ پاڻ سان آڻيندي هئي. ڪڏهن سندس چوڻ تي چانهہ جو ڪوپ پياريندو هومانس، سندس ساهيڙيون چوڻ لڳيون تہ رات جو هي تنهنجا

خواب ٿي لهي، تنهنجو نالو وٺي اٿي ٿي ويهي رهي. چيم مان تہ هاٺي اچي قبر جي پر تي پهتو آهيان. هن رن مون ۾ ڇا ڏٺو آهي. پڇومانس، ”ڇا وٽيو ٿئي؟“ چيائين، ”تنهنجو راڳ! تنهنجو نڪ!“ ”ڀلا ڪهڙو ارادو ٿئي؟“ چيومانس. چيائين، ”مون سان شادي ڪر. سندس ڌيءَ اسپتال ۾ نرس آهي ۽ ڪين گهر آهي، هڪڙو ڪمرو هن ڪان وٺي وقت گذاريندا اسين.“ چيم، ”مان ڪي منهنجي ڏاڍي منڙي زال آهي!“ چيائين، ”طلاق ڏينس.“ بس پوءِ تہ ٻيون رنون وٺي ڪلنديون هيون.

اهڙا واقعا اتي عام جام ٿين، پارڪ منهنجي لاءِ مصيبت ٿي پيو، جڏهن وڃان تہ هيءَ وينئي آ. آخر ڪي ٻہ ٽي هفتا، انهيءَ چرچي يوڳ ۾ گذري ويا، پوءِ الائي ڪاڏي هلي وئي، وري منهن نہ ڏنومانس.

اسانجو گهر ٻہ مسافر خانو هوندو هو، ست ڪمرا هوندا هوا. ماٺهو پيا ايندا ويندا هوا، ڇوڪرا، جوان، ڇوڪريون، پوڙهيون، پوڙها، واقفيت ٿيو وڃي، جڏهن لنگهہ تہ خوش خوش ضرور ڪرٽي پوي، ننيڙن ٻارن سان منهنجي محبت رهندي آهي، هڪ ننيڙو اٽڪل ڇئن يا پنجن سالن جو ٻار، تنهن ڪي ڪٽي اچي پنهنجي ڪمري ۾ ويهاريندو هوس، هو وري اهڙو گهرو ٿي ويو جو ماءُ کي چوندو هو تہ، ”مان هاٺي پنهنجي فرينڊ ڏي ٿو وڃان.“ وقت سر ٻاڙي جا پنج ڇهہ ٻار وٺي اچي منهنجا ڪبٽ کوليندا هوا. بسڪيٽ هوندا، ميوو هوندو، سڀ ڪين ورهائي ڏيندس، بعض کائيندا، بعض ڪٽي وٺي پڇندا. بس اها منهنجي وندر هوندي هئي.

يورپ جا ماٺهو سواءِ ڪن ٿورن جي سخت مرچوت، ڪڏهن ٻہ چانهہ جي ڪوپ جي بہ صلاح ڪانہ ڪندا. پلي ڪٽي هنن کي چانهہ پياريو، ڪا شيءِ شڪل ڏيو، پر ڪنڌ پچين جي ڪٽي ڪوڏي تان هٽ ڪٽن.

منهنجي گهر واري گهٽي، اٽڪل سئو ڏيڍ وکن ڪان پوءِ وڃي بازار ۾ پوندي هئي. پوسٽ آفيس منهنجي گهر واري گهٽيءَ جي هڪڙي پاسي ۽ بئنڪ گهٽيءَ جي ٻئي پاسي هڪ ٻئي سامهون هونديون هيون.

اڳتي بازار ايندي هئي ۽ اتي ٿورو ميدان جتي مشهور بس اسٽينڊ هوندي هئي. دوڪانن تي سڀ واقف ٿي ويا. بئنڪ، پوسٽ آفيس ۾ ڪم ڪندڙ ڇوڪريون، عورتون، مرد سڀ واقف ٿي ويا. ويندو هوس ته مشڪي خوش خوش ڪندا هوا. انگريز خشڪ ماڻهو، اهو پنهنجو بخت سمجهندو هوس. حجم جي دوڪان تي به مهيني ۾ هڪ ٻه دفعا ويندو هوس، اتي به واقف ٿي ويا. موچي جو دڪان به انهيءَ بازار ۾ هو ۽ اتي به ويندو هوس. ڌوٻي به ويجهو هوندو هو، ڪڏهن ڪڏهن ڪپڙا ڌوئڻ لاءِ ڏيڻ ويندو هوس، ٻي وري هڪڙي لانڊري هوندي هئي، جتي سڀ ڪو پنهنجا ڪپڙا ڪٺي اچي ۽ پاڻ ڌوئي. هن ڳالهه پڙهڻ سان تاثر ٿيندو، ته اسان جا ڳوٺن وارا، موچي، ڌوٻي، حجم هوندا، انهيءَ خيال کي دور ڪرڻ لاءِ اهو ڄاڻائڻ ضروري آهي، حجم وار ته لاهيندا هوا مگر اهڙا اڄا ۽ هلڻ ڳالهائڻ جا اهڙا اجرا جهڙا هتي اڳي انگريز ڪليڪٽر ۽ ڪمشنر ٿي ايندا هوا. موچيءَ جو عاليشان دوڪان هو ۽ منڊمون بيٺيون هونديون هيون جي جوتو وٺي ڪارخاني ڏي ڏياري موڪليندايون هيون، مرامت لاءِ. ڌوٻي ڪونه هوندا، سئلون هوندي هئي، جنهن ۾ سوٽ قميصون اهڙي سهڻي نموني سان ٽنگيون پيون هونديون هيون.

دڪان اسان جي سبزيءَ وارن دڪانن جان ڪونه هوندا هوا. نهايت عاليشان سينگاريل سڀ ڪا شئي پيڪ ٿيل دٻن يا ٿيلهن ۾ پيل هوندي هئي. سڃا ڪبٽ پريا پيا هوندا هوا. ڪي شيون جهڙوڪ مکڻ، مڇي، گوشت جا پڪل ٽڪرا، ٻيون اهڙيون شيون جي ٻاهر خراب ٿي وڃن، اهي گلاسن جي ڪيسن ۾ ريفريجريٽر جي اندر رکيل هونديون هيون. در مان اندر لنگهبو ته در تي ننڍڙي ميز جي خانن جيڏيون ڪيس پيون هونديون هيون، سڀ ڪو هڪ ڪٽندو پوءِ پنهنجي پسند جون شيون پئڪيٽن ۾، دٻن ۾، سي ڪٺي پنهنجي ڪيس ۾ وجهندو ۽ اهو ڪٺي در جي ڀرسان ايندو جتي دڪان واريون يا دڪان واري نوڪرياڻي يا مالڪ هڪ شئي ڪڍندو ويندو ۽ مشين جي ڪڙن تي

هٿ هٽندو ايندو، پڇاڙي ۾ مشين مان هڪ پنو نڪري ايندو، جنهن ۾ سمورين شين جون تفصيل وار قيمتون هونديون ۽ ٽوٽل رقم لکيل هوندي. رقم ڏئي خريد ٿيل سامان سڀ ڪو کنيو هليو ويندو، اهڙيءَ طرح سان نه سوال، نه جواب، نه بحث، نه مباحثو، نه جهيڙو، نه تڪرار. ائين پيو ڏنڊو هلي. اتي ڪارن جا، هندوستانين جا، پاڪستانين جا، سنڌي هندن جا دوڪان، ڪٿ نه ڪٿ ملي ويندا. جنهن بازار ۾ جنهن جو ذڪر ڪري آيو آهيان، اتي ريز ڪي دڪان ھڪ ڪوجي جو هوندو هو، جي افريڪا ـ يوگنڊا مان ڪڍيا ويا هوا. انهن مان هڪ چائو به آفريڪا ۾ هو، پر سندس پيءُ ڪڇ جو رهاڪو هو. سندس زال به وقت سر اتي ڪم ڪندي هئي، ٻه انگريز نوڪراڻيون به هونديون هئس. پهريان ڇهه مهينا سندس دڪان انهيءَ بازار ۾ هو ۽ گهر دڪان جي مٿان، منهنجو ته اهڙو دوست ٿي ويو جو مان سندس گهرواريءَ کي ڀيڻ ڪري سڏيو. گهر ۾ ڪڇي ڳالهائيندا هوا. اڄ به جڏهن ياد ٿو ڪريانس ته دل ڀرجي ٿي اچي، ڪنهن ڪنهن سان وڃيو ملائي. منهنجو اهڙو گهرو دوست ٿي ويو جو هفتي ۾ هڪ دفعو ضرور اچي ۽ هفتي ٻن مان سندن گهر ضرور وڃان ۽ پوءِ منهنجي ڀيڻ مون لاءِ طرحين طرحين جا طعام پچائي. هڪ نه ٻئي ڏينهن فون تي ضرور ڳالهايون، منهنجي هن دوست جي عمر اٽڪل سٺهٺ سال هئي ۽ سندس زال به ايتري عمر جي، ٻه ڏيئر هئس، ٻئي پرڻيل ۽ ٻئي چڱين نوڪرين تي، پٽ ته وڏو اڪائونٽنٽ هوس، لنڊن ۾ ڪوجا جماعت جو شايد خزانچي هو.

جڏهن ڪيس منهنجي پاڙي ۾ دوڪان هوندو هو، مان ڪلاڪ کن ضرور سندس دوڪان تي وڃان، چوندو هو ته ”تون نٿو اچين ته دل بيقرار ٿي ٿئي!“

هن وٽ ٻه انگريز نوڪرياڻيون هيون، هڪ ته وڏي استاد هئي ڏاڍي چرچائڻ، ٻي سهڻي پر هڪڙي اک ٽيڏي هوندي هئس، جڏهن ويندس ته ڪوجا دوست جي روبرو چالاڪ انگريزياڻي چوندي ته ”هئه

اج ڏاڍي مونجهہ ۾ ٿي پئي اٿس! فڪر اٿس جو عاشق ڇڏي ويو اٿس، هاڻ ڪير ڪيس پاڪر پائيندو!" تيڏي ويچاري اهڙي تہ سادي هوندي هئي جو اڪين ۾ پاڻي اچي ويندو هوس. بس ڪانہ ڪا ڳالهہ اهڙي مون کان يا منهنجي دوست کان يا نوڪرياڻين کان ٿيندي جو کلي کلي پيٽن جا سور هوندا هوا. منهنجو دوست دوڪان وڪڻي، گهر خالي ڪري ويو ۽ وچي گهٽو پري رهيو، پر مون کي ڪڏهن نہ وساريائين. مون وٽ ايندو رهندو هو ۽ مون کي وٺي پنهنجي پٽ جي گهر ويو، پنهنجي گهر ويو، پنهنجي ڏين سان واقفيت ڪرايائين، ڇڻ تہ مان بہ هڪ گهر جو ڀاتي ۽ عزيز هومان. مان ڪٿان جو، هو ڪٿان جو، بس ڪيچي ۽ سنڌي اسانجون هڪجهڙيون روايتون ۽ شڪليون تن ڇڪي ايڏو تہ ويجهو آندو، ڇڻ تہ اسين سڳا ڀائر هواسين.

منهنجي هن سالن ۾ هن جي مونسان دل کيڻ لڳي. هڪ بہ دفعا هو بيمار ٿي پيو ۽ ڪڏهن ٻاهر بہ نڪري وڃڻو پيس، دڪان جي سنڀال مون کي ڏئي ويو، چوندو هو تہ، ”هي رنون بي ايمان آهن، منهنجو دوڪان لٽن ٿيون، تنهن ڪري مون واري جاءِ تي ويهي يا بيهي سنڀال ڪندو ڪج." بہ چار دفعا ائين ڪيم، مونکي چيائين تہ، ”تو منهنجي دڪان تي ڪم ڪيو آهي، پنهنجي مزوري وٺ!" مان وٺي کلڻ لڳس چيومانس، ”ادا! سڏرئين ڪونہ!!مان ڪيڻ ٿو توڪان پئسا وٺان!" بس هيءُ ٿورو هن کي ياد ٿي بيٺو. پٽ سان، زال سان، ٻين دوستن سان، جڏهن منهنجي روبرو ملي تہ اچي ساراهہ ۾ ڇٽڪي. مان جي لنڊن ۾ رهان ها، جهڙو ارادو بہ هوم تہ وٽس يا سندس معرفت نوڪري ڪيان ها.

ڪڏهن ڪڏهن جڏهن اداس ٿيندو هوس تہ سئنيمائن، ٿيٽرن، جوا گهرن، پبن ۾ وڃي ويهندو هوس، شراب ڪونہ پيئندو هوس، باقي لئمن گهرائي پيئندو هوس، ٻين شرابين سان ويهي محفل ڪندو هوس. هنن وٽ رنگ ڍنگ ٿيئي ڪونہ. مست آهن مست! چار گهڙيون هنن سان گذاري موٽي ايندو هوس. وڏن دڪانن ۾ وندر لاءِ ويندو هوس،

هڪ هڪ دڪان اڏ نواب شاهه جيڏو ٿيندو آهي، تن ڊپارٽمينٽن ۾ هر قسم جي شيءِ دڪانن تان ملي سگهندي. هڪ ڏينهن جيئن ته دلاسو هوم ته منهنجي گهرواري ايندي، سو هار هو، ائرنگ هوا، منڊي هئي، اهي خريد ڪرڻ لاءِ لنڊن جي هڪ وڏي بازار آڪسفورڊ ۾ بيٺو هوس. هڪ سدا ملوڪ مشڪندڙ چهري واري ڇوڪري به اچي اتي بيٺي. چيومانس ته مون کي مٿيون شيون وٺڻيون آهن، هاڻ تون پسند ڪر ته مان وٺان، وٺي ڪلي. ڪجهه شيون پسند ڪيائين، چيومانس ته ”تون پاءِ ته مان ڏسان!“ ڪلڻ لڳي ۽ ڪٽي پاتائين. چيومانس ته، ”سهڻا ماڻهو جيڪڏهن ڪا موچاري سوچاري شيءِ ڪٽي پائين ته پاڻ کي سينگارڻ جي بدران، اها پوشاڪ يا ڳهه جو پاڻ سينگار بڻجي پون. هي هار، منڊي ۽ ائرنگ جي تو پاتا آهن، اهڙا سهڻا ته ڪونه هوا، پر هاڻي اهڙا سهڻا ٿي پيا آهن جهڙي تون!“ وٺي ڏاڍو ڪليائين. بس دل کي بهلائڻ جي واسطي اهي بهانا هوندا هوا.

هڪ ڏينهن هڪ دوست وطن مان آيو، چيائين ته هل ته گهمي اچون. ساٿس ماني گڏجي کاڌم. ماني کائي اڳتي هلياسين، چيائين، ”کيل ڏسندين!“ مان چيو نيڪي ۽ پوڇ پوڇ. همراهه اهڙي ته کيل تي وٺي هليو جو ڇا چئجي. مون کي اندر نندڊ اچڻ لڳي. اکيون ٻوٽجي پيون وڃن، تڏهن هٿ کان وٺي لوڏو ڏنائين! ”هو ته ڏس!“ ڇا ٿو ڏسان! چيومانس، ”مار! ماڻهن کي هٿ ڪيڏي نه محنت تي ڪرڻي پوي!“ اچي ڪليو. بس ائين ڏينهن گذرندا ويا.

اٽڪل سال کن رهڻ سان لنڊن جڻ وطن ٿي ويو. اهو معلوم ٿيڻ ختم ٿي ويو ته مان لنڊن ۾ آهيان، اسان انگريزن جا غلام ٿي رهيا آهيون. اڄي چمڙي وارن اسان تي حڪومت ڪئي، اها ابتري واري طبيعت اڄان ٿورو ٿورو هتان جي ماڻهن ۾ آهي، وري جي پراڻن حاڪمن جي ملڪ ۾ ڀهريائين ماڻهو وڃي ٿو ته ڪجهه هنن جي برتري ۽ پنهنجي ابتري محسوس ٿئي ٿي پر ساڻن گڏجي رهڻ کان پوءِ اڳين حاڪمن جي سموري خبر پئجيو وڃي، ضروري آهي ته ماڻهو پنهنجو

گهر وني رهي، باقي هوٽلن ۾ رهڻ سان گهٽي خبر ڪانه ٿي پوي.

لنڊن جون گهٽيون، لنڊن جا پارڪ، لنڊن جا عجائب گهر، لنڊن جا ڪتب خانا، لنڊن ۾ جانورن جا وٿاڻ، ماڻهن جي هلچل، هيءُ سڀ ڏاڍو ياد ٿا پون. لنڊن جا ڇاپخانا، لنڊن يونيورسٽي، هي سڀ ايڏيون ڳالهيون آهن، جي ويهي لکجن ته وڏا دفتر بنجي وڃن.

سنڌ مان ويل انگريزن جي، سرڪاري آفيسرن جي سنڌ ايسوسيئيشن جت هر سال گڏبا آهن، هي آفيسر ايسوسيئيشن جي خرچ تي هڪ آفيسر سنڌ ۾ موڪليندا آهن. ساليانی ميٽنگ تي اهو انگريز آفيسر سنڌيءَ ۾ سنڌ جو احوال ڏيندو آهي. هتان جا اتي رهندڙ، هندو مسلمان ان موقعي تي اچي گڏ ٿيندا آهن.

اٽڪل پنجن مهينن کان پوءِ مان ظاهر تي ماڻهن سان ملڻ لڳس. هائيڊ پارڪ به تمام مشهور جڳهه آهي، جتي آچر آچر تي ماڻهو اچي پنهنجا خيالات ظاهر ڪندا آهن. مان به اهي ليڪچر وڃي ٻڌا. چوڪڙيون چوڪڙيون ٿيو ويون، اٽڪل ڏهه يا پندرهن گروپ هوا، ڪنهن ميڙ ۾ ڏهه ماڻهو، ڪنهن ۾ پنج، ڪنهن ۾ پنجاهه ۽ ڪنهن ۾ پنج سئو. مگر انهيءَ کان مٿي. ڪٿي ماڻهن جو ميڙ ڏٺم. ليڪچر ڪرڻ واري کان آيل ماڻهو سوال جواب ڪن ٿا ـ سڀ ڪنهن ميڙ ۾ ليڪچر ته ڪونه هوا، پر هڪ ٻئي کي ٺڪ لعنت جو وسڪارو هو. ويندي وڃيو گارين ۾ پون. وڏي ۾ وڏو ميڙ هڪ شيدي جي اڳيان بيٺو هو، جن به انگريزن کي خوب گاريون ڏنيون، سڀ ڪنهن پئي ٻڌيون. ڪيترا انگريز پڻ بيٺا هوا. جهيڙو جهڳڙو ڪونه ٿئي. ڪيڏو به ڪٿي ڪن ٿئي پر دخل ڪونه ڏين، هي جلسا ۽ ليڪچر اهڙا هوا، جت ڪجهه نه ڪجهه چڱي ڳالهه ٻڌڻ ۾ آئي. سمجهه ته هتي سڀ ڪو آزاد آ. جيڪي دل ۾ اچيس سو چئي ڇڏي. ڪو پاڻ سان اسٽول ڪٺي توتارو يا مئڪروفون وات تي رکي شروع ٿي وڃي. جيئن هت بازيگر يا جادوگر يا بنئي پهريائين ڊبڪي بنسري وڄائي ته ماڻهو گڏ ٿين، اهڙي طرح ڪنهن جي به دل ۾ ڪا به ٻاهه هجي ته اسٽول توتارو پاڻ سان

ڪٿي اچي. پوءِ ماڻهو هجن نہ هجن جيڪا بڪ شڪ ڪرڻي هجيس سا ڪري وني. ڪٿ هيٿ، ولسن، ٿاريس تي گارين جو وسڪارو هجي، ڪٿ راڻي محترمہ تي ڏڙهہ هجي، پر جي ڪٿي ڪوئي برداشت نہ ڪري ۽ حملي جهڙي صورت هجي تہ پوليس جا پري بيٺي هوندي آهي، مجموعي ڏي پڇندي سمجهبو تہ اجهو ٿا هن همراهہ کي ٻڌن، جنهن راڻي محترمہ کي گاريون ڏنيون آهن. پر حالت اها ٿيندي، جو ڪو ماڻهو جلسي ۾ دخل ڏئي ۽ ڳالهائيندڙ جي سلسلي کي ڦٽائي. پوليس ان کي چوندي تہ جي ڳالهہ نٿي وڻيس تہ جلسو ڇڏي وڃي مگر ڳالهائڻ واري جي آزادي ۾ دخل نہ ڏئي، شيدي هئو اڃن انگريزن تي ڪاوڙيل تہ شيدي انگريزن سان نوڪرين ۾ هيءُ ظلم. گهر رهڻ لاءِ ڪونہ ٿا ملن، انگريزن....اسان جي ملڪ ۾ اچي سئو ورهيہ اسانکي لٽيو. هاڻي اسين جڏهن هن ملڪ جا باشندا ٿي ويا آهيون تہ پوءِ هيءُ انڌير ڇو. همراه ليڪچر ۾ ڪارا بہ هوا. اڇا بہ هوا. هڪ اچي هن ڪان سوال جواب ڪيو، آخر گرميءَ جي ڊگري وئي چڙهندي، سو چوي تون....هو چوي تون ڪتي....بس همراهن جي چڙ وڃي چڙهندي، جيڪو شيدي ڊائيز تي ڳالهائي رهيو هو، تنهن امالڪ، قيمص جا بٽڻ لاهي، ڪف مٿي ڪري الر ڪري چيائين، ”تنهنجي ماءُ....تنهنجي پيڻ“ مان سمجهيو تہ اجهو ٿو هت بہ هندو مسلم، شيعا سني، سنڌي مهاجر فساد ٿئي. پر عجب اهو تہ پيا اڇا ۽ ڪارا چڙيا تہ ڪونہ پر بينا کلن. همراهہ پاڻهي ٺڏا ٿي ويا. پر هنن ليڪچرن کي ڪابہ اهميت ڪانہ ملي. ائين نہ هتي جي اخبارن وانگر وڏين سرخين ۾ ايندو تہ فلاڻي مولانا هيئن چيو ۽ فلاڻي ليڊر هيئن چيو. ڪوبہ هنن ماڻهن کي پڇي ئي ڪونہ.

انسان هڪ عجيب مخلوق آهي، لاٽون آهي لاٽون، جيئن ڦيرائينس تيئن پيو ڦري. ڪوبہ لاف نہ هٽي تہ هن تي سندس اردگرد جو اثر ڪونہ ٿئي، ماڻهو ڏسڻ ۾ تہ سڀ ماڻهو، مگر نفسياتي طرح ڪي ڪتا ٿين، ڪي گڏهہ ٿين، ڪي سوئر ٿين، ڪي آدمخور ٿين، ڪي جهنگلي جانور ٿين. مطلب تہ جهڙي صحبت تهڙو اثر. انسان کي

پنهنجي چوگرد اهڙو ماحول پيدا ڪرڻ گهرجي يا اهڙي ماحول ۾ رهي جتي چڱن جي صحبت هجي، اخلاق هجي، سچائي ۽ صفائي هجي، پنهنجي اندر به انسان کي ڪيتريون چڪون آهن، انسان جي اندر به هڪ وڏي ڪائنات آهي، جيڪا انسان تي ۽ انسان ان تي اثرانداز پيو ٿئي. برائي ڀلائي ٻئي منجهس اٿس، انسان کي ڪوشش ڪري برائيءَ کان پاسو ڪرڻ گهرجي ۽ ڀلائيءَ جي طرف رجوع ٿيڻ گهرجي. ان لاءِ توڪل، پرهيزگاري، عبادت تمام ضروري آهن، عبادت پاڻ کي مالڪ ڏانهن رجوع ٿيڻ، پاڻ کي غلاظتن کان محفوظ رکڻ کان سواءِ هڪ زندگي ۾ ضابطو يعني ڊسيپلين به پيدا ڪري ٿي. مان ملن جي نڪته نگاهه کان ڪونه ٿو چوان، مان پنهنجي آزمودي مان ٿو چوان. مُلا ويچارا تمام جهوني زماني جا ماڻهو آهن، جڏهن ماڻهن کي دوزخ جو ڏڙڪو ۽ بهشت جو دلاسو ڏئي ڪو ڪم ونبو هو، مُلا اجا انهيءَ زماني جا ماڻهو، جنهن کي گذرئي ڪئين سئو سال ٿيا، پر حضور جن جي اچڻ کان پوءِ، صرف دليل ۽ عقل انسان کي ڪم آڻٿو ۽ انهيءَ آرسي ۾ منهن ڏسڻو آهي.

ڳالهه لنڊن جي پئي ڪئيسين. خبر پڏي هئم ته ولايت ۾ به غوث آهن، فقير آهن، ڏس ته ڪونه پيو مليم، ياد نه آهي ته ڪهڙي طرح مسٽر مارٽن جو نالو مليم. هو گورنمينٽ جي وڏي ۾ وڏي ڪتابي گهر جو وڏو آفيسر آهي. هي ڪتابي گهر رسيل اسڪيئر جي پرسان لنڊن يونيورسٽي جي لڳ آهي. ڪاهي ويس ان ڪتابي گهر ۾، ڪروڙها ڪتاب هوا، سوين محڪمه هوا، سڀ ڪنهن قسم جا ڪتاب، سڀني زبانن ۾ ڪتاب، سڀني زبانن جا ڪتاب، مسلمانن جي انسان ذات کي ڏنل ڪتابي ڏاج منڊ کان وٺي پڇاڙي تائين محفوظ ويندي قرآن حڪيم جا نسخا، عجيب طرح لڪيل ۽ گيتا، گڙ صاحب، پراڻا نوان سڀ اتي هوا، سڄي دنيا جا اسڪالر اتي اچيو ويهن ۽ پنا ورائي پيا پڙهن ۽ پرائين. هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو روز اچن ۽ وڃن. آخر هڪ محڪمو جنهن جو ڪرتا ڌرتا، مارٽن صاحب هو، ات ويس مارٽن

صاحب جو پڇيومانس چيائين، وقت ونٽو پوندو، پوءِ فون ڪيائين، الائي مارٽن صاحب پاڻ ڪنئي يا سندس سيڪريٽري پر جواب مليو تہ فلاڻي ڏينهن فلاڻي تاريخ ملاقات ٿيندي. انجام تي وڃي پهتس. ڏاڍو واٽ تي تشويش ۾ هوس تہ شل وقت اندر پهچان. گاڏين، بسن تي اچڻ، پنهنجي وس جي ڳالهہ نہ آهي، نڪتس بہ چڱو اڳ ۾ پر حالت اها اچي ٿي باقي ڪي منٽ بچيا. جڏهن گاڏي تان لٿس ۽ پيرين پنڌ بہ ڪرڻو هو، ڏاڍو تڪو هلي باقي منٽ يا ٻہ هو جو اچي پهتس. ساڳي ڪلارڪ فون ڪئي، جواب مليو تہ ترسان. بس ٿوري گهڙيءَ ۾ هڪ صاحب اچي منهنجي مٿان بيٺو، چيائين، ”ڪهڙو ڪم آهي؟ مان تمام مشغول ماڻهو آهيان.“ چيم، ”مان تہ توهان سان صحبت لاءِ آيو آهيان.“ ڪجهہ ويهو مون سان ڳالهايو، ”مشڪي پاڻ سان پنهنجي آفيس ۾ وٺي هليو. پاڻ بہ ويٺو ۽ مون کي بہ ويهاريائين. سنڌ ۾ صوفين جون ڳالهيون ڪيائين. هندوستان ۾ هندن مسلمانن کي جهڳڙن تي ڏک ڪديائين. چيائين تہ هن صوفين جا ڪلام بہ ڳائڻ وارن کان ٻڌا آهن. مان چيو تہ مان بہ ڳائيندو آهيان، مون کان اهي ڪلام ٻڌو، وقت ڪونہ هو، سرڪاري آفيس هئي. هنن جا گهر اسان جي گهرن وانگر ڪونهن، نڪو اوطاقون آهن جو محفلون ٿين. انهيءَ کان سواءِ وقت تمام قيمتي شيءِ آهي، ڪلاڪ يا منو مون سان ويٺو، آخر چيائين تہ مون کي ٻين سان بہ ملڻو آهي، اٺي ڪڙو ٿيس، پاڻ بہ اٿي بيٺو، پوءِ عرض ڪيم تہ منهنجي لاءِ دعا گهر. هٿ مٿي ڪٽي جيئن اسان ڪندا آهيون، قرآن شريف مان ڏاڍيان آيت پڙهي! دعا پوري ڪيائين. سندس شفقت ايڏي جو آفيس ڇڏي، اچي ٻاهرئين در تي موڪلايائين، مان بہ ڪٽي پاڪر وڌومانس. افسوس جو وري ملاقات نہ ٿي سگهي. مان ڪيس عرض ڪيو هو تہ مون کي هڪ ڪتاب جو مون لکيو آهي، اهو ڇپائڻو آهي، چيائين ڇپائي ڏاڍي مشڪل ڳالهہ آهي، پاڻ هڪ تصنيف ڪئي اٿس جا بہ ڏاڍي مشڪل سان ڇپي آهي. مون کي پنهنجي انهيءَ ميوزم جي پروارن دوڪانن جو ڏس ڏنائين، اٺي ويس، مارٽن صاحب جو اچا

نالو وٺان تہ سڀ مستان ٿيو وڃن. ڪو هيڏانهن ڪو هوڏانهن اڃي، پر ڪتاب ڇپڻ جي ڪوئي هموار ي نہ ڪري، صرف ڏس پيا ملن.

آڪسفورڊ پريس، هن پريس، هُن پريس ۾ وڃان. ٽائيپ ٽيل ڪاپي وٺي رکن وري مهيني ٻن ڪان پوءِ اها موٽي اچي. جواب اهو تہ اسان وٽ ڪم تمام گهڻو آهي، تنهن ڪري معاف ڪجو. آخر هڪ انگريز مسٽر هليلي دوست ٿي ويو. هيءُ لنڊن يونيورسٽيءَ ۾ ڪو ريسرچ جو ڪم ڪندو آهي ۽ هت پاڪستان ۾ رهي بہ ويو آهي. پر اردو اهڙي ڳالهائي ۽ فون تي چوندو، "اسلام عليڪم!" ويچاري هڪ دفعي دعوت بہ ڪئي، جنهن کي ڀاڱ ڪتاب جي ڇپائڻ جي مشڪلات ٻڌايم. لئمبرڪ صاحب، جنهن سنڌ ۾ گهڻو وقت گذاريو آهي، هو هاڻي آڪسفورڊ يونيورسٽي ۾ فيلو آهي. تنهن ڏانهن مسٽر هليلي منهنجي تڪليف لکي موڪلي، جنهن لکي موڪليو تہ سنڌس ڪتاب "تيررسٽ" (Terrist) بہ سترهن يا ارڙهن پريسن موٽائي موڪليو هو ۽ آخر ڏاڍي جفاڪشي ڪان پوءِ ڇپيو. مسٽر هليلي مون ڏانهن ڊان اخبار جون ڪٽنگس بہ موڪليندو هو. خاص طرح ڪي مضمون جن ۾ لطيف جو ذڪر هوندو هو. هڪ صاحب جي لکيل مضمون ڊان اخبار جي ڪٽنگ ڪڍي موڪليائين ۽ نوٽ لکي موڪليائين تہ هن صاحب کي جڏهن سنڌ وڃو تہ چوندا تہ انگريزي زبان جو خون پيو ڪري ۽ اهڙيءَ طرح سان لطيف جي خيالن جي ترجماني بدران، سنڌس بي حرمتي پيو ڪري.

ڏاڍو پڇتايان ٿو تہ ذري گهٽ سال رهيس جي ڪنهن يونيورسٽي ۾ داخلا وٺي پڙهان ها تہ ڪيڏو نہ چڱو. جيتوڻيڪ ڪجهہ لنڊن يونيورسٽي ۾ وڃي ٻڌم. جن بہ صاحبن، ڊاڪٽرن، پروفيسرن ڳالهايو، تن جو مون تي ايڏو اثر نہ ٿيو ۽ نہ وري مان ڪا ايڏي قابليت ڏٺي. حقيقت هيءَ آهي تہ استاد علم جو گوهر بہ هجي، اخلاق جو صاحب بہ هجي، پر جيڪڏهن الاهيت ۾ غرق نہ آهي تہ هو ايڏو اثردار نٿو ٿي سگهي. ٻن مفڪرن کي ٻڌوسين بہ، ڏٺوسين بہ، صحبت بہ

ڪئيسين، يعني علامہ قاضي صاحب، علامہ مشرقي بہ تمام اوچا استاد هوا. پر پرنسپال ٻناٽي يا پروفيسر جونارڪر بہ چڱا استاد هوا.

هڪ ليڪچر هئو پاڪستان جي جوڙجڪ ۽ سياست تي، همراهہ جنهن ڳالهايو، اهو اسانجي حاتم علوي صاحب جو عزيز چيو پئي ويو. مان تہ هنن سياست جي مصيبتن مان لنگهي اڳتي ٿيو هوس ۽ پاڪستان ۾ تہ منهنجو گهر آ. سياست ۽ وڪالت ۾ عمر گذري وئي. سو جوڙجڪ جي بہ مون کي چڱي خبر آ. مون کي پروفيسر صاحب پار پئي لڳو.

ٻيو ليڪچر هڪ انگريز پروفيسر جو هو، جنهن کي ڊاڪٽر پئي چيائون، هن صاحب سرائيڪي زبان تي ڳالهايو. چڱو ڳالهايائين، چيائين تہ لاهور، ملتان ۽ ٻين پاڪستان جي ڪنڊن ڪڙڇن سنڌ ۽ ٻين هنڌن تان سير ڪري موٽيو هو ۽ سندس پاڪستان ۾ اچڻ جو مقصد هو، سرائيڪي زبان جو مطالعو. سندس ڳولا مان پاڻ ائين ٿي سمجهائين ۽ چيائين تہ ملتان جي پاسي هڪ تحريڪ هلي رهي آهي ۽ هنن ماڻهن جو چوڻ آهي تہ پنجابي ڪين پنجابي نٿا سمجهن ۽ سنڌي ڪين سنڌي نٿا سمجهن. ڊاڪٽر صاحب جو چوڻ هو تہ نيٺ پنجابي فقط لاهور ۽ قصور ۾ ۽ ٻين هڪ يا ٻن ضلعن ۾ جي هندستان سان لڳل آهن، تن ۾ پنجابي ڳالهائڻ ۾ ٿي اچي نہ تہ ٻين سيني علائقن ۾ سرائيڪي ڳالهائي وڃي ٿي. هاڻي هي ماڻهو اها گهر ٿا ڪن تہ جنهن صورت ۾ سندن پاڪستان ۾ گهڻائي آهي، ڪثرت انهن ماڻهن جي آهي جي سرائيڪي ڳالهائن ٿا، تنهن ڪري قومي زبان سرائيڪي ٿيڻ کپي. ڊاڪٽر صاحب سرائيڪي ڳالهائي بہ پيو وڃي ۽ پڙهي بہ پيو وڃي ۽ ٻہ رسالا بہ پاڻ سان آندا هئائين، جي سرائيڪي زبان ۾ ڇپجي رهيا آهن. چيائين تہ سنڌ ۾ بہ سرائيڪي مروج آهي، سوالن ۽ جوابن جي وقفي ۾ مون کيس ٻڌايو تہ سرائيڪي جا شاعر گهڻي مان گهڻا سنڌ پيدا ڪيا آهن. پر سرائيڪي جو نالو سنڌيءَ ۾ سنڌ مقرر ڪيو آهي، سرائيڪي معنيٰ سِري جي زبان. سرائڪي ۽ سنڌي ٻئي هڪ ٻئي سان گهڻو ڪجهہ

سهٽي مشڪل جو تہ ايڏو منڍ هوس جو دل اندران ڪڍي پئي، پنهنجي هٿن ۾ قيد ڪري، ڪانئس هڪ ٻہ شي ورتم پر ٿورو پري ٿي ڪيس ڏسڻ لڳس، هٿن جو نچڻ ۽ ٽپڻ. سمجهيم تہ حسن اڄ پنهنجي موج ۾ آهي، حسن کي خبر پئجي وئي آهي تہ هو جادو آهي، ٻيو سڀ ڪجهہ سندس اڳيان خاڪ آهي. بس ڪيترو وقت بيهجي ۽ هڪ تجلي جو تئہ سهجي، چيم، ”ٻيلي هل!“ پر دل نہ رهي چيومانس، ”وڃان ٿو! هڪ دفعي تہ اهي سهٽيون اکيون منهنجي اکين ۾ وجهہ ۽ مشڪ تہ مان ڪسان!“ بس منهنجو ايترو چوڻ، اکيون منهنجي اکين ۾ اهڙيون ڪوڙيائين جو اڄ بہ ياد اٿم. وري گهٽائي انهيءَ دوڪان تي پنڌ ڪيم پر وري اهو ماڻهو نہ ڏٺم.

هي ڳالهيون هت ڪرڻ معنيٰ سر ڪپائڻ، وري جي مون جهڙو ماڻهو اچي ڏاڙهي، اٿو خراب. ڪري تہ ماڻهو جيڪر حيران ٿي وڃن، پر اتان جي واسطي تہ مان ڇوڪريءَ جي دل ڏاڍي خوش ڪئي.

ولايت ۾ هيءَ تہ تمام ننڍي ڳالهہ آهي ۽ هڪ چرچو آهي، پر اتي جيڪي پيو ٿئي سو تعجب ۾ وجهندڙ آهي. اگهاڙن جا ڪلب، اگهاڙپ جا کيل ۽ ان کان بہ ڏرو اڳتي هلي ڪليءَ سئنيما هالن ۾ ڏيکارڻ وري شوق سان ماڻهن جو ڏسڻ مون کي تعجب ۾ وجهندو هو. حسن تہ منهن ۾ آهي، ڪٽي چئجي تہ بدن جي بيهڪ ۾ آهي، اوگهڙ تہ سڀ ڪنهن جي هڪ جهڙي آهي ۽ اها صبح شام اسان جي پنهنجي اڳيان آهي. پوءِ هيءَ اگهاڙپ ڏسڻ جي بک ڇو؟ هيڏا اڳتي وڌيل ملڪ، علم ۽ عقل ۾ اڳتي، اهڙي طرح ترقي پسند ادب بہ انهن ڳالهين سان ڀريل.

ٻئي پاسي اهي ماڻهو هرويرو هن ڳالهہ کي وني وڌائين، آٽيو عرش تي چاڙهي، ڪرشن جي زماني ۾ گوپين اگهاڙو ٿي پئي سنان ڪيو، ڪرشن اتان اچي لنگهيو. ڪنهن پڇيس تہ، ”ڪرشن! هي بي حيائي تہ ڏس!“ ڪرشن وراڻيو تہ، ”اهو انهيءَ ڳالهہ تي دارومدار ٿو رکي تہ توهان ڪهڙن اکين سان ٿا ڏسو!“

لنڊن جون زمين دوز گاڏيون ۽ اسٽيشنون به عجيب رونق ۾ آهن، لکها ماڻهو روز سواري ڪن. اٺ ڏهه ته گاڏين جون ڪمپنيون آهن، جيئن اڳي هتي ايسٽرين ريلوي، نارٿ فرنٽ ريلوي، فيڊر ريلوي ۽ ٻيون ڪيتريون گاڏيون، برصغير ۾ هلنديون هيون. لنڊن ۾ به ڪيتريون ڪمپنيون آهن، انهن جون لائينون به مقرر آهن. هنن جو اسٽاف به ڏار ڏار آهي، در اسانجي گاڏين وانگر اندر ٻاهر ڪونهن، بس هڪ پردي وانگر در جا ٻنهي پاسن کان پردا نڪري اچيو گڏ پڪڙجن، بس سڄي گاڏي ائين بند ٿئي، انجڻ ڊرائيور جي ڪنٽرول ۾ در کلندا ۽ پڪيڙبا آهن.

هڪ ئي ٽڪيٽ ۾ زمين اندر سڄو ڏينهن ماڻهو پيو گهمي ته پڇڻ وارو ڪونه. نڪو وري ٽڪيٽ جي چيڪنگ ٿئي، پر جي ڪنهن به اسٽيشن تان ٻاهر نڪربو ته ٽڪيٽ ڏيڻي پوندي، ٻي حالت ۾ پئسا ڀري ڏيڻا پوندا. سڀ ڪنهن اسٽيشن تي لفٽون آهن، جو سڄو ڏينهن ڏاڪڻ جي ڏاڪن وانگر مٿي چڙهن ۽ ٻئي پاسي کان هيٺ لهن. بس رڳو ڏاڪي تي پير رکڻ جي ضرورت آهي، پوءِ ڏاڪا پاڻهي مٿي چڙهن ۽ لهن. ڪي تکا ۽ تڪڙا جوان يا پوڙها ٻئي فائدا وٺن، پاڻ ڏاڪڻ تان لهن به ۽ ڏاڪڻ به لهندي وڃي. يعني ٻيڻي رفتار سان لهيو يا چڙهيو وڃن، قطارن جون قطارون، هڪ پاسي سامهون پيون لهن ته ٻيون پيون چڙهن. گاڏيءَ ۾ جواني جا جلوا ۽ حسن جا حملا نظر ايندا. ٻاهر شهر کان وڃڻو هجي ته ٻيون گاڏيون آهن، جن ۾ ويهڻ جون وڏيڪ سٽيون جايون ۽ پئرلل سيٽون، ٽائليٽ، ڊائيننگ روم ۽ ٻيون سهوليتون اندر گاڏي ۾ آهن، ڪراسي ڪلاس به اسانجي هت سيڪنڊ ڪلاس کان بهتر.

ليبر يونين جي ڪانفرنس برائيٽن ۾ ٿي، اها ڏسڻ لاءِ لنڊن کان ٻاهر ويس، وڏو بندوبست هو. هي ڪانفرنس هڪ وڏي هال ۾ ڪئي وئي هئي. ڊيليگيٽن جي ويهڻ جو سٺو بندوبست هو. ٻاهر ڪانفرنس جون آفيسون هيون. انهيءَ هال جو لاڳيتو ڪينٽين پڻ هئي.

سڀني ڪانفرنس جي ڪارروائي ڏٺيسين. گروپنگ اندر پارٽي ۾ اتي به هئي، هر هڪ گروپ ڌار ڌار فيصلو ڪري، ڪانفرنس ۾ ووٽنگ ڪندو هو. برائيٽن سمنڊ جي ڪناري تي شهر آهي ۽ گهيڙ چڙهي گهٽيون شهر جون لنگهبيون، سمنڊ جي ڪناري تي هٿڻ ڪري ڪناري سان لڳ چڙهيون هوٽلون ئي هوٽلون نظر اينديون. ٻئي دفعي به هن شهر ۾ آيس، جتي اسانجي دعوت هڪ تمام پياري ماڻهو ڪئي هئي. مان ته استاد يا مرشد ٿيڻ جو لائق ڪونه هوس، پر هن مون کي هروڀرو سرٽيفڪيٽ ڏنو. ڇوڪري هڪ مسلمان مصري ڇوڪري سان پرڻجڻ جو ارادو ڪيو هو، مون وٽ آيا به ٻئي گڏ هوا. منهنجي رهڻ واري جاءِ ۾ ٻه مصري مسلمان ڇوڪريون به رهنديون هيون. مسلمانيءَ جي ڪري هو مون سان گهڻو محبت ۽ اخلاص سان پيش اينديون هيون. هي انگريز ڇوڪري به انهن جي ساهيڙي ۽ پنهنجي بواءِ فرينڊ سان مون وٽ آئي هئي، سندس وڏي مهرباني اها ٿي جو مون کي منهنجون لکيل انگريزي ۾ سسئي، سهڻي ۽ مارئي جون زبانيون پڙهي پرک ڏنائين، جي اڄ به مون وٽ آهن، سندس زبان ۾ ڏاڍو درد هو.

هاڻي پنج ڇهه مهينا گذري چڪا هوا. پنهنجي گهرواريءَ کي گهرائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪيم پر هو ڪونه آيا. ارادو ڪيم ته انگلينڊ جي شهريت حاصل ڪري روزگار سان لڳي وڃان ۽ پنهنجي زندگيءَ جا ڏينهن لنڊن ۾ گهاريان. سنڌي هندو ته تمام گهڻا آهن، پر مسلمان به چڱا موچارا ماڻهو، اتي پنهنجو گهر ڪيو ويٺا آهن. منهنجن گهڻن دوستن جي صلاح هئي ته مان موٽي وطن تي اچان. اجان خاص ڪنهن به فيصلي تي ڪونه پهتس ته وزيراعظم جو نياپو مليو ته مان موٽي ڳوٺ وڃان. سنڌ جي وزيراعليٰ به ائين مناسب سمجهيو، وري ڀاءُ ميان غلام هادي جو خط به پهتو، وڏيڪ خبر پيم ته منهنجي گهرواري ۽ منهنجو ڀاءُ محمد ابراهيم بيمار ٿي پيا آهن ۽ رات ڏينهن پيا ٿا روئن ۽ وطن جي به ڪا خدمت ٿي نه ٿي سگهي. انهن سڀني ڳالهين جي ڪري فيصلو ڪيم ته وطن ڏانهن موٽجي.

جڏهن هيءُ فيصلو ڪيم ته پوءِ وطن ڏاڍو ياد پيم. حقيقتن، ٻاهر ڪٿي ڪهڙي به سهوليت يا عيش هجي، پر وطن آخر وطن آهي، پنهنجا عزيز تن جهڙو پيارو ٻي دنيا ۾ نه لڀندو. جهڙا ڪي تهڙا ته به مارو ضرور ياد ايندا.

انهيءَ کان پوءِ پڪو فيصلو ٿيو ته وطن ڪيئن ورجي. جيئن اڳ ۾ چئي آيو آهيان ته پاڪستاني پاسپورٽ مون وٽ ڪونه هو، موٽجي ته ڪيئن موٽجي. وزيراعظم جي طرف کان اهو واعدو هو ته پاسپورٽ جو بندوبست هو پاڻ ڪندا، پر هاڻي دير پوڻ لڳي.

انهيءَ وچ ۾ ڪوشش ڪيم ته سنڌي ڇوڪرا جي اتي پڙهن ٿا، تن سان ملجي، آچر آچر ڏينهن ويهه يا پنجويهه سنڌي شاگرد ايندا هوا، اتي ڪائيندا به هواسين، راڳ به ٿيندو هو، ويچارا شاگرد سئو سئو ميلن تان به ايندا هوا. زبان زمين جو وڏو اثر ٿئي ٿو، اسان جڏهن پاڻ ۾ گڏبا هواسين، ائين سمجهبو هو ته جڻ سنڌ ۾ آهيون. سڄو گهر خالي ٿي ويو هو، ٻيا ڇهه ڪمرا خالي هوندا هئا.

لئنڊ لارڊ وري اهڙو مون سان نهي ويو جو سڄي جاءِ جون ڪنجيون مون کي ڏئي ڇڏيائين نه فقط ايترو پر ٻي جاءِ جا چاٿايل بازار ۾ هئس ۽ انهي گهر جي هڪ ڪمري جي ڪنجي به مون کي ڏئي ڇڏيندو هو، وقت سر انهيءَ ڪمري ۾ وڃي آرام ڪندو هوس، تنهن ڪري جيڪڏهن ويهه يا پنجويهه مهمان ايندا هوا ته آساني سان محفل ڪري سگهبي هئي. اهڙيءَ طرح سان ڇٻاڙيءَ جا پنج ڇهه مهينا ڏاڍايءَ سنا گذريا، ٻن ٽن دوستن کي پنهنجون ڪاريون هونديون هيون، انهن جي ڪارن تي چڙهي لنڊن کان ٻاهر نڪري ويندا هئاسون، انهيءَ هنڌن تي به وياسين، جتي شينهن، هاٿي ۽ ٻيا جهنگلي جانور جنهن ۾ ڦرندا آهن، اسان به ٻن اهڙين جڳهن تي وياسين، شينهن اچي موٽرن سان لڳي بيهن، پر ڪن ڪجهه ڪين، آڪسفورڊ کان پرتي ڪيترا ڳوٺ گهمياسين، اتي به وياسين جتي شيڪسپيئر جو گهر ۽ قبر آهي. هي سڀ

قدرت جا ڪرشما ڏناسين.

ولايت جون چونڊون بہ ڏٺم. نڪو جلسو، نڪو جلوس، نہ جهنڊو نہ ترڪ. سڀني پارٽين جي ليڊرن ريڊيو ۽ ٽيليويزن رستي ماڻهن سان ڳالهايو. فيصلو ماڻهن کي ڪرڻو هو. چونڊ واري ڏينهن ماڻهن جو قطارون ڏٺم. ڪوبہ نعرو، جهنڊو ديگ پٽ جي موٽر ترڪون ڪونہ هيون. قطارون لڳيون پيون هيون. سڀ ڪو ووٽ باڪس ۾ وجهندو ٻاهر نڪري. پنهنجي ڪمن ڪارن تي لڳي پئي ويو.

منهنجي دل ڪيڏي بہ خوش هوندي، وري وچي ساڳي جاءِ وٺي اهو ئي فراق، اهو ئي سور، راڳ تہ سچو سور آهي، جيئن گهر ۾ ويهندو هوس تہ پوءِ راڳ بہ ساٿي هوندو هو. لنڊن ۾ وري شاعر بہ ٿي پيس. سسئي، سهڻي ۽ مارئي جي زباني جيئن انگريزي ۾ لکيون هئم، ائين سنڌي شعر ۾ بہ چيم، اهو شعر بہ درد هوندو هو. پڙهندو بہ هوس ۽ روئندو بہ هوس. لنڊن ۾ جي بہ منهنجو راڳ ٻڌندا هوا تہ هنن کي ڏاڍو وڻندو هو. منهنجو دوست ڪوجو جنهن جو ذڪر اڳ ۾ ڪري چڪو آهيان، سو مون وٽ اچي ويهندو بہ هو ۽ منهنجو راڳ ٻڌندو بہ هو. جيتوڻيڪ هو ڄائو بہ افريڪا ۾ هو، پر الائي ڇو هن تي منهنجي راڳ جو اثر ٿيندو هو. مون کي چوندو هو تہ، ”تنهنجي راڳ سان ساز بہ شامل ڪونہ آهي، پوءِ ايڏو اثر.“

بس جدايون، ڪنهن جو فراق، ڪنهن جو ڏک، ڪنهن جي سڪ، سي سڀ اچي سوڙهو ڪندا هئم. پوءِ بعض سنگت مان سڄيون راتيون ۽ سڄا ڏينهن راڳ ڳائي پاڻ کي ڳاري ۽ ڪيترا دفعا پاڻ کي روئاڙي پيو ڳائيندو هوس.

وقت سر ذڪر ڪيل پارڪ ۾ ويهندو هوس، ان کي ڪئينس پارڪ ڪري سڏيندا هوا. مان ان جي ڀرسان چوجننگ جي ڪمري ستونجاهہ ۾ رهندو هوس، پنهنجو ڪمپليٽ فليٽ هوم. پارڪ ۾ ويهي

رهندو هوس. ننڍڙن انگريز ٻارن کي ڪٺي، هنن کي راڳ ڳائي ٻڌائيندو هوس، سندن ماءُ پيءُ اتي ويٺا هوندا هوا. ٻار چوندا هوا تنهنجو ڳائڻ اسانکي وڻي ٿو. ڳاءِ ته ٻڌون، ڪي ٻار ته اڃان هلڻ جهڙا مس هوندا هوا. انهن کي به ڪٺندو هوس.

منهنجي لئنڊ ليڊي توڙي لئنڊ لارڊ مون تي ڏاڍو مهربان هوندا هوا. چوندا هوا ته سڄي عمر ۾ ڪين اهڙو مسافر ڪرائيدار ڪونه مليو. لئنڊ ليڊي مون وٽ مڙس سوڊو ڪلاڪن جا ڪلاڪ اچي ويهندي هئي، هي اصل هنگاري جا هوا. وطن ڇڏي اتڪل ويهه يا پنجويهن سالن کان لنڊن ۾ رهندا تي آيا. هي ايڏو ته ڪميونزم کان ڊنل هوا ۽ ايڏيون درد ڀريون ڳالهيون ۽ نراس ٿي بس رئندا ڪونه هوا. باقي درد جي هڪ هڪ دانهن اهڙي ڪندا هوا جو مون کي پڻ ڏاڍو ڏک ٿيندو هو. چوندا هوا ته لنڊن ۾ هو هزار بار سکيا هوا ۽ هاڻي هو به انگريز ٿي ويا هوا. چون پيا ته سندن وطن ۾ ڪوبه پنهنجو ڳوٺ مان ٻئي ڳوٺ ۾ ساڳي ملڪ ۾ وڃي نٿي سگهيو. جيستائين پوليس کي نه ٻڌائي، وري جنهن به ڳوٺ ۾ وڃي ته اتي پوليس کي اهڙو اطلاع ڏئي سواءِ ڪميونزم جي ٻي ڳالهه لکڻ، چوڻ پڙهڻ سڀ منع آهي. جيستائين ڪلاسن جو معاملو آهي ته ڪلاس ته ضرور ختم ڪيا ويا آهن پر انهن جي جڳهه ڪميونسٽ پارٽي جي اتي جي حڪومت جا پرزا آهن. انهن لاءِ سڀ سهوليتون ميسر آهن. باقي ٻيا پيا وهن. هڪ قيمص جي خريد ڪرڻ لاءِ يا بوٽ خريد ڪرڻ لاءِ هفتن جا هفتا ڪمائي جڏهن ٿي پٽي ڪمائيءَ جي بچائن ته بوءِ ڪين جتي نصيب ٿئي، خدا ڄاڻي انهن سوشلسٽ ملڪن ۾ ڇاهي. اهو ته اتي وڃي رهي ڏسجي ته خبر پوي. پر هي هنن ماڻهن جا تاثرات هئا.

انهيءَ ساڳي گهر ۾ ٻي به وچولي عورت ايندي هئي ۽ انهيءَ لينڊ ليڊي جي ساهيڙي هئي. سا به هنن سان گڏ ايندي هئي، مون کي ته

خبـر ڪانـ پوندي هئي پر ڪلاڪن جا ڪلاڪ هو منهنجا ڀـريل ڪئسٽ ويهي ٻڌندي هئي، هلي ويندي هئي، هڪ ڏينهن ڪلاڪ ڪن ويهي ٻاهر نڪري وئي ۽ وري اٽڪل ڏهن پندرهن منٽن ڪان پوءِ موٽي آئي. چيائين تہ اها ڪئسيٽ چاڙهيان، جنهن ۾ منهنجي ڳايل پهاڙي هئي، مان بہ ويهي رهيس ۽ جنهن وقت راڳ منهنجو يا ٻئي جو ٻڌندو آهيان تہ سورن جا بار مٿي تي چڙهي ويندا اٿم، مان پنهنجي پورن ۾ ئي گم هوس، هيءَ عورت اوچتو اٿي ڪڙي ٿي، مون کي ڀاڪر پائي چميون ڏيڻ لڳي، هي ماٺهو سوئر ڪائن، ٻيو اهڙو تمام حسين ڪانـ هئي، البت ڏسڻ جهڙي هئي ۽ تمام پوڙهي بہ ڪانـ هئي سو چپن تي چمي ڏيڻ ڪانـ ڏني مانس، آخر جند ڇڏائي ٻري ٿي ويٺس. حيران آهيان تہ ائين ڇو ٿيو. پوءِ بہ ايندي هئي پر اهو ڊرامو وري ڪونہ ٿيو.

اسان هتي جا ماٺهو انهيءَ ڳالهہ کي عجيب ٻيا سمجهون يا شڪجي پئون تہ انهيءَ ۾ ڪا جنسي بوءِ هئي پر اتي رهڻ ڪان پوءِ صاف سمجهي وڃبو تہ اهو فقط همدرديءَ جو جذبو هو. اهڙي طرح سان جيڪڏهن اتي سال جو پهريون ڏينهن هتان جو ماٺهو ڏسي تہ جيڪر چوي تہ انهي رات جو رڳو جنسي تعلقات ۽ رنگ هوندا آهن، اسان بہ چار دوست بہ نئين سال جي پهرئين رات جو رنگ ۾ ڏسڻ وياسين. هڪ خاص جڳهہ جتي پاٽي جو وڏو تلاءُ ۽ وچ ۾ هڪ ٿلهو آهي، اهڙو سيارو هوندو آهي جو جان پئي ٿڙڪندي آهي، زالين مڙسين، خاص جوان مرد ۽ عورتون اچيو گڏ ٿين، ڪيترا زوري هڪ ٻئي کي ٿڌي پاٽي ۾ ڪيرائين پوءِ تري وڃي ٿلهي تي بيهن جو اٽڪل ڏهہ پندرهن فوٽ پاٽي ڪان مٿي اوچو آهي. بس اتي پيا نچندا ٽپندا، جڏهن ٻارنهن وڄي پورا ٿيندا، پوءِ ڇوڪرا، ڇوڪريون، جوان، پوڙهيون، هڪ ٻئي کي يا جيڪو بہ منهن چڙهين، تنهن کي چمين سان اچيو وٺن. اسان بہ وچ ۾ بينا هواسين ۽ جيئن هلياسين تہ اها مهرباني اسان سان بہ

تيندي هلي، وري هوٽلن ۾ ته گهڻا ماڻهو جوڙو جوڙو ٿي ڪمرا وٺڻ لڳا. خير اسان ته مٿئين مهرباني ۾ خوش ٿي وياسين. رش ڏاڍي، ٽئڪسي جي ڪٽي اچي ته اڳئي پرچي وڃي. ٻارهين ڪان پوءِ ته گاڏيون بند وڃي هڪ ريسٽارينٽ ۾ ويناسين. پهرينءَ جنوري جي اهي جڳهيون سڄي رات کليل هونديون آهن، وقت پاس ڪرڻ لاءِ وڃي اتي ويناسين. ٻيا پاڪستاني، جي لنڊن ڪان ٻاهران آيل هوا، اهي به اچي اسان سان گڏ وينا. ڏاڍو چڱو وقت گذريو، اتي بيرو به پاڪستاني مسلمان هو، جنهن ويچاري هم وطني سمجهي ڏاڍي خدمت ڪئي. ايتري قدر جو ڪجهه شايد چانهه يا کير جو پيالو هو جو هن اسان کي مفت پياريو، وڏيڪ به صلاح ڪرڻ لڳو، پر اسان معافي ورتي. رات جا ٽي يا چار ٿي ويا. هي به ريسٽارينٽ بند ڪرڻ لڳا. اتان نڪتاسين، اچي ٽيوب اسٽيشن جي پرسان ويناسين، مگر اندران ڪلف لڳل هو. تنهن ڪري اندر وڃي نه سگهياسين، اسان سان اٽڪل ويهارو کن ٻيا ماڻهو به وينا هوا.

ايتري ۾ هڪ سهڻو ڏڳهو، مضبوط ماڻهو اچي اسان سان گڏ بينو، ڏسڻ مان ائين پيو اچي ته هيجڙو هو، ڪڏهن هن جو پاسو، ڪڏهن هن جو پاسو اچيو وٺي. پڇي پڇي جند ڇڏائيسين. بس به ڪانه ملي ڏڪا ٿاٻا کائي، پوءِ ٻين دوستن کي ته بس ۾ اماڻي ڇڏيم، باقي مون کي بس نه ملي ۽ صبح جو اٽڪل ستين ڏاري گاڏي ملي اچي گهر پهتس. جان بچائي لاکون پايا. گهر جو ٻڌو گهر ۾ آيس. هيءَ تمام اونهي لنڊن جي زندگي هئي. تنهن ڪري دل تي حجاب جو چڪر چڙهيو، ٿورو مايوس ٿيس ته نه وڃان ها ته چڱو.

عجب جهڙيون ڳالهيون، گهٽ ۾ گهٽ منهنجي لاءِ ڏاڍيون عجب جهڙيون هيون، هڪ ڏينهن صبح جو ٽيوب اسٽيشن تي ويس، اتي گهڻائي ماڻهو هوا، ٻه ٽي ڇوڪريون ڏار پئي گهميون. ڇوڪريون

انڪل 16، 18 سالن جون هيون، وچي گاڏيءَ ۾ ويناسين. هڪ منجهن سهڻي به هئي ۽ شايد فارورڊ به هئي، منهنجي سامهون ويٺي هئي، اچي ڏاڙهي اٿو خراب. مون ڏي نهارڻ لڳي، اڪيون ڏانهنس ڪيان ته ڪٽي اڪيون اکين ۾ وجهي، ائين پيو سمجهان ته هو مون سان مقابلو ڪرڻ تي گهري ته ڪير ٿو ٿڪجي. چار پنج اسٽيشنون جيستائين هئي اهڙو ته مقابلو ڪيو جو سڄي گاڏيءَ جو ڌيان ڪٽي پاڻ ڏي ڇڪيائين. مان به اهڙو اچي ڦاٿس، جو جڏهن وئي ته سلام ڪري گم ٿي وئي.

ٻئي دفعي گاڏيءَ ۾ انڪل يارهين ٻارهين ڏاري گهر ڏي پيو موٽان، هڪ عورت وچ عمر جي مون کي ملي، چوڻ لڳي ته، "ملڪ جو ڪهڙو حال آهي، سچ آهي. مان ته اهڙي مصيبت ۾ آهيان جو ٻلين جي هيٺان سمهي ٿي وقت ڪاٽيان، تنهنجو ڪهڙو حال آهي؟" چيومانس، "منهنجو حال چڱو آهي. پنهنجو نويلڪو فليٽ اٿم." بس مون سمجهو ته هيءَ به ڪو ڦند آهي. ڪيس ڇڏي وچي گاڏي ۾ وينس ته هيءَ به انهيءَ گاڏيءَ چڙهي پئي، وري مون گاڏي مٽائڻ لاءِ لٿس، ته ڏسان ته هيءَ لهي پئي ۽ منهنجي پٺيان لڳي اچي. چيائين، "تون اڪيلو آهين! مون کي پاڻ سان وٺي هل." ڊڄي ويس ته هن مصيبت کي جي ڪٽي وٺي وڃان ته سياڻي هي چوندي ته "مان سندس مڙس آهيان، پوءِ ته اڙجي ويندس، ٻانهون ٻڌي جند ڇڏايم، پوءِ منهن ۾ گهنڊ وجهي هلي وئي.

ڳالهيون تمام گهڻيون آهن، هيءَ يورپ ۽ يورپ يا لنڊن جون ڳالهيون ڏاڍيون وڏيون آهن. لنڊن ۾ هڪ پرميسو سوسائٽي ڪان هتي جا ماڻهو هاڻي تنگ ٿي چڪا آهن. ماڻهن جو رجحان بدلجي رهيو آهي، مان ريڊيو پئي ٻڌو، هڪ تقرير ڪنهن پادري جي شروع ٿي وئي. ڏاڍي چاهه سان ٻڌڻ لڳس. هن چيو نوجوان بي راهه رويءَ کان تنگ ٿي چڪو آهي، سو وري پنهنجي رب ڏانهن موٽڻ چاهي ٿو. هن چيو ته انگلينڊ ۾ اهڙيون سوسائٽيون ناهيون ويون آهن، اهي نوجوان عمروارن جون آهن.

هنن سڀني مذهبن جون عبادتگاهون ناهيون آهن، مندر، مسجد، ديول، گرد وارو ۽ پيون، پوءِ هو سڀئي وچي سڀني پرن ۾ عبادت ڪن تا.

پر هنن جو خاص ڌيان ٻن مذهبن سان اهڙو، پهريون ته هو ڪرستان تي چاوا آهن، تنهن ڪري هنن اباڻي مذهب ڪي ڪونه وساريو آهي، پر هنن جو توجهه گهڻو مسجد ۽ اسلام سان آهي. پنج ئي وقت نماز پڙهن تا ۽ قرآن شريف ترجمو پڙهن تا. جيتوڻيڪ پاڻ کي مسلمان ڪونه سڏائين.

ڏاڍو شوق ٿيم ته وڃي ڪين ڏسان، دوستن ڪي به چيم، پر اوچتو موٽي پيس، تنهن ڪري آس پوري ٿي نه سگهي.

لنڊن جون کهڙيون ڳالهيون ڪجن، هڪ هجي ته ڪٽي ٻڌائجي. لنڊن ۾ اٽڪل هڪ سال سڄو هڪ عوامي ۽ انگلينڊ جو شهري ٿي گذاريم. هاڻ ته لنڊن ڏاڍي ياد ٿي اچي. وقت سر ته ايڏو پريشان ٿيو پوان ته جيڪر لنڊن نه ڇڏيان ها. زندگي هڪ عجيب تماشو آهي، خاص طرح جڏهن پنهنجي زندگيءَ تي نظر وجهندو آهيان ۽ ٻين جي زندگيءَ تي غور ڪندو آهيان ته نهايت حيران ٿيندو آهيان. منهنجا دوست جن مان الله بخش بروهي به هڪ آهي، خميساني، غلام رسول شيخ هي ٻئي صاحب هاءِ ڪورٽ جا جج ٿي رهيا آهن. سياسي زندگيءَ ۾ قاضي فضل الله، پيرزادو عبدالستار، پير الاهي بخش، جي سنڌ جا وزيراعليٰ ٿي گذريا آهن. شيخ عبدالمجيد سنڌي، جي ايم سيد ۽ حيدر بخش جتوئي جن هميشه جيلن ۽ مصيبتن ۾ گذاري. هڪ مري ويو ۽ هڪ اڃان جيئرو آهي ۽ ٻيا ڪيترا دوست هوا، سنڌي، هندو، تن ويچارن ته وڃي ٻيا ملڪ وسايا ۽ انهن جي جڳهه تي اسان جا مسلمان ڀائر ٻاهران آيا. تن مان به ڪيترن سان گڏ سياسي زندگيءَ ۾ رفاقت ڪيم. محمودالحق عثماني، عزيز الله، رشيد احمر، علي مطاهر ۽ ٻيا ڪيترا دوست، اهڙي پنجاب مان محمود علي قصوري، ميجراسحاق، سرحد مان خان عبدالغفار خان، خان عبدالولي خان، سڪندر خان ۽ ٻيا

ڪيترا دوست. بلوچستان مان بزنجو، مينگل، خير بخش مري، عبدالصمد خان، شير محمد خان مري ۽ ڪيترا ٻيا دوست. مشرقي بنگال ته منهنجو ٻيو گهر هو. هاڻ جي نظر تو ڦيرايان ته هيءُ هيڏو سارو قافلو سڄو ڪنهن طوفان جي حد ۾ اچي، سڄو ٻيڙو غرق ٿي ويو ۽ شايد مان اڪيلو رهجي ويو آهيان ۽ اهو به ڏاڍو پري، هيٺ لنڊن ۾، جت سواءِ پنهنجي سنڌي نوجوان شاگردن جي، چڱو جو اهي به اتي آهن نه ته ٻي دنيا ته تمام وڏي آهي ۽ تمام گهڻا ماڻهو آهن. تمام منا ۽ ڀلا ماڻهو مگر وطن کان دور وطن جي يادگيري عزيزن، دوستن جي يادگيري به ڪافي. وري موتڻ لاءِ ڪافي ڪشش پيدا ڪري رهي هئي.

پنهنجي وطن کان ٻاهر ماڻهو ڪو خاص ڪم به ڪري نٿو سگهي. صرف پنهنجي شخصيت رهي ٿي، جنهن جي وڌائڻ ۽ وسيع ڪرڻ جو موقعو ضرور ملي ٿو. اهڙيون حالتون پيدا ٿيون جو مون کي پنهنجي سنڌڙي ڏانهن موٽڻو پيو. اچڻ لاءِ ڏاڍو اداس ٿيڻ لڳس، مگر موٽجي به ڪيئن. پنهنجي وطن جو پاسپورٽ ڪونه هوم. انهيءَ ڪري ٻه ٽي مهينا وڌيڪ رهڻو پيو. انهن ٽن مهينن واري زندگي ڏاڍي سورن واري زندگي گذري.

حياتي عجيب رنگن ۾ گذري وئي. ڳالهائڻ يا تقرير جي خيال کان. ڪيس هلائڻ ۾ مان محسوس ڪيو ۽ اهڙي طرح ججن يا پراڻن وڏن وڪيلن کان، وڪالت جي شروعات واري زماني ۾ چڱو خاصو داد مليو. جيڪڏهن وڪالت سان لڳو رهان ها ۽ جيئن ڪراچي ۾ ٻه چار مهينا وڃي وڪالت ڪيم ته شايد چڱي درجي تي وڃي پهچان ها. پر هيڏو مشاهدو قدرت جو، انسانيت جو. شايد انهيءَ ذات عظيم جو نصيب نه ٿئي ها. ها ٻيا دوست بنگلن، ملڪيتن، عيشن ۽ دولت، شهرت سان مالامال ضرور ٿيا. مگر مون کي منهنجي رب هيءَ فقيري نصيب ۾ ڏني هئي جا منهنجي پلئه پئي. حضرت عشق اهڙيون ته پاڙون ڪوڙيون، جنهن مون کي فقير بنايو ۽ عجيب مشاهدا به ڪرايا. نهايت سخت، مشڪل ۽ عذاب واري زندگيءَ ۾ وجهي مبتلا ڪيو.

مان ننڍو ٻانيان تہ ٻ نڍ ۾ ڪو اهڙو منهنجو خوش نصيب هجي، جنهن هي سڀ ڳالهيون پنهنجي زندگيءَ ۾ گذاريون هجن. مائٽن جو مري وڃڻ ۽ انهن مان ڪنهن کي بہ نہ ڏسڻ. ٽن مهينن کان پوءِ يتيميءَ جو طوق پوڻ. غربت نصيب ۾ اچڻ. سنڌ جي گهٽو ڪري سيني وڏن جيلن ۾ قيدي ٿي رهڻ. چيلهہ ۾ رسن جو ٻڌجڻ. هٿڪڙيون جي جهٽڪار. زوري ڪٽائي چڙڻ. خوني حملا. ملڪ نيڪالي يا هجرت. زير زمين ٿي وڃڻ. رڻن ۾ رلڻ. سمنڊن ۾ ڦاسڻ. پرديس ۾ اڪيلو ٿي رلڻ. پنهنجي ملڪ جي پڇا وارن سيلن ۾ رهڻ. بنگلن ۽ ريسٽ هائوس ۾ نظربندي. آخر گهر ۾ نظربندي. هي سڀ مزا مون کي پنهنجي رب کان مليا. اهي سڀ انهيءَ ڪري جو مان انسانيت جي. مسلمانن جي. سنڌ ۽ سنڌ جي ماڻهن جي خدمت ڪرڻ ٿي گهري ۽ سندن بهتريءَ لاءِ ڪوشش ٿي ڪيم. خاص طرح هاري طبقي لاءِ مون گهڻي جدوجهد ڪئي. جهاد لاءِ ڪفن سر سان ٻڌي ڪشمير جي جنگ ۾ بہ شامل ٿيس. پنج دفعا موت جي منهن مان بچي ويس. ٽن جو ذڪر ڪري چڪو آهيان. چوٿون واقعو هينئن ٿيو تہ مان پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ اڪيلو موٽر ۾ چڙهي ميرپورخاص ڪيس هلائڻ لاءِ ويس. جڏهن موٽيس پئي. ڪار مان خود پئي هلائي ۽ ٻيو ڪوبہ ماڻهو مونسان گڏ ڪونہ هو. جمڙائو جي ڪپر تي جتان مان ڪار پئي هلائي. تازو چنڪار ڪيل هو ۽ موٽر جي رفتار چاليهہ يا پنجاهہ ميل هئي تہ اوچتو ڪار ترڪڻ شروع ڪيو ۽ سڌو جمڙائو جي وڏي واهہ ۾ ٻڏڻ لاءِ منهن ڪيو. واهہ ڪپر کان لاچار وڇي فوٽ پري هو. جيئن بريڪ سخت هنيم. تيئن موت جو وارو مضبوط ٿيڻ لڳو. بچڻ جي اميد ختم ٿي وئي. تہ اوچتو هڪ وڏو آواز ٿيو ۽ منهنجي گاڏيءَ جو پويون بمپر وچي هڪ ٻبر جي ٿڙ سان لڳو ۽ ڪار جهلجي پئي. پوءِ گاڏيءَ تان لهي. ماڻهن جي ڳولا ۾ نڪتس. جن جي مدد سان ڪار ڪڍي اچي رستي تي رکيسين ۽ پوءِ نواب شاهہ روانو ٿي ويس.

ٻئي دفعي پڊعيدن اسٽيشن تي ترسيل هوس. نماز پڙهڻ لاءِ.

ريلون سپ ٿپي پيءِ پر مسجد ۾ ويس، اتي مولوي صاحب هو جو تمام چڱو ماڻهو ڏسڻ ۾ آيو ۽ انهيءَ جي صحبت ۾ ويهي رهيس. ٿوري وقت کان پوءِ ٻئي ڄڻا گڏجي ويٽنگ روم ڏي اچڻ لڳاسين، ريلون ٽپڻ لڳاسين، آخر هڪ ريلن جي پٽن تي پهتاسين، ٻنهي طرفن کان گاڏا بيٺل هوا ۽ وچ ۾ پنج يا اٺن فوٽن جي وٿي هئي، ارادو ڪيم تان وچان لنگهجي ۽ جڏهن لنگهڻ تي هوس ته هڪ گاڏو ڏاڍو تيز چريو ۽ وڃي ٻئي سان ڏڏڪو ڪري لڳو، منهنجي پهراڻ کي گاڏيءَ جي چرڻ ڪري هوا لڳي، يعني مان فقط ٻه ٽي انچ پري هوس ۽ ڪو سيڪنڊن جو تفاوت ٿي ويو، جيڪڏهن ٻه سيڪنڊ اڳ ۾ لنگهان ها ته مغز پڄي پوي ها ۽ وڃي موت سان ملان ها.

هي عجيب وارداتون پيش آيون. ڪشمير ۾ ٻه جڏهن جهاد جي خيال سان ويو هوس، اتي ٻه پناڻ پائڻ جي بندوقن جو ذري گهٽ نشانو ٿيڻ وارو هوس. انسان ويچارو هڪ عجيب ڪينهوڙو آهي. مان پنهنجي زندگي جي هنن تجربن، تحريڪن مان هڪ نتيجي تي پهتو آهيان. پنهنجي شخصي زندگي کي ناهڻ لاءِ، انسان جيتوڻيڪ مڪمل طرح آزاد ڪونهي، ڪئين ٻيون ڳالهيون يا زماني جون حالتون اثر انداز ٿين ٿيون پر هوندي به هو آزاد آهي، پر معاشري کي بدلائڻ لاءِ ۽ انقلاب آڻڻ لاءِ، هر انسان ڪو خاص اثر نٿو رکي، ائين ضرور آهي ته هن جو تحرڪ پڻ ضروري آهي مگر حالتون وڌيڪ اثر انداز ٿين ٿيون، اهي حالتون ڪيئن پيدا ٿين ٿيون ۽ ڇو پيدا ٿين ٿيون، اهو هڪ وڏو اونهو قصو آهي، جنهن جي پروڙڻ جي لاءِ پڻ نظر گهرجي، تجربو گهرجي.

زماني جي حالتن کي ڏسي ۽ پنهنجي مجبورين جي ڪري موٽڻو ته ضرور هو، پر موٽجي ڪهڙيءَ طرح سان، جن سڄڻن موٽڻ جا پيغام مڪايا. جتوئي صاحب لنڊن آيو ۽ چيائين موٽي سنڌ ڏي اچان. مگر عملي طرح سان ڪابه مدد نه ملي، ڏاڍي سوچ ۾ پئجي ويس ته ڇا ڪجي. ڏاڍو عاجز ٿيس، پوءِ هڪ رات جو جيئڻ سمهيو پيو هوس ته

خيال آيم. جنهن پاسپورٽ تي لنڊن پهتو هوس، ان کي ڪم آڻڻ جي ڪوشش ڪيان. انهيءَ پاسپورٽ ۾ فرانس ۽ اٽلي ۽ جرمني ۾ رهي ٿي سگهيس. خيال ڪيم ته لنڊن ته ضرور ڇڏڻي آهي، هاڻي ڪجهه وقت وچي پئرس ۽ روم ۾ رهان، تنهن ڪري ويزا وٺڻ لاءِ هنن ملڪن جي ايمبسين ڏي روانو ٿيس، مگر قدرت ڀلائي مون کي برٽش ايئر ويز آفيس ۾ اچي بيهاريو، چيم ته هنن کان پڇان ته هن پاسپورٽ جي وسيلي هڪ مسافر جي حيثيت ۾ ڪراچي لهي سگهان ٿو يا نه.

جواب اهو مليو ته فقط ٻن ڏينهن لاءِ، ٽرئنزٽ مسافر جي حالت ۾ ڪراچي ۾ لهي سگهان ٿو. انڌي کي هڪ اک ملي ته ٻه وڏي ڳالهه، مون کي ٻئي اکيون ٻئي مليون، وري اچان هيڏي هوڏي ڦريس ته نوٽس لڳو پيو هو ته ڪوبه ماڻهو جو انگلستان جو باشندو هجي يا ٽن مهينن کان مٿي انگلستان ۾ رهيو هجي ته هن کي ڪراچي يعني پاڪستان جي وڃڻ لاءِ سستي اگهه ۾ ٽڪيٽ ملندي. يعني ڪوئي هزار روپين جو فائدو پئي پيو، مگر ٽن مهينن کان وڌيڪ رهڻ واري ڳالهه لاءِ سرٽيفڪيٽ پيو گهرجي. چيم پنهنجن مان ڪنهن سان ٻه ڳالهه ڪندس ته متان پاڪستان ايمبسين وارن کي خبر پوي ۽ هو مون کي تڪليف ڏيڻ لاءِ ڪراچيءَ ۾ مون کي لهڻ کان روڪائي ڇڏين، تنهن ڪري پاڻهي ڪوشش ڪيم ۽ منهنجي گهر جي پرسان هڪ اٽارني وڪيل جي آفيس هئي. هن کان سرٽيفڪيٽ ورتم، هن ويچاري صرف مون کان قسم نامو ورتو ۽ شايد پنج روپيا فيءَ جا يعني ويهه پينري ورتا. سرٽيفڪيٽ ملي ويو، وري ساڳي بي او اي سي جي آفيس ۾ آيس. هن گهوٽالو وجهي ڏنو ته مان ڪراچي لهي نه سگهندس، ٻهرئين ڏينهن وارو بيو صاحب هو، هيءَ ميڊم هئي. آخر وري وڃي انهيءَ صاحب سان ڳالهايم، جنهن مئڊم کي سمجهايو، وري چوڻ لڳي ته ڪراچي تائين هو مون کي ٽڪيٽ ڏئي سگهيا ٿي ۽ ٻي ٽڪيٽ پي آءِ اي يعني پاڪستان ايئر سروس کان وٺڻي پوندي. دل چيم ته انهيءَ مصيبت کان ته آءٌ ڀڄي رهيو آهيان، هاڻي اتي وڃڻ ته وڏو مشڪل ٿيندو. آخر نيٺ

اها ڳالهہ بہ مڃائي مانس تہ ٻي ٽڪيٽ بہ پاڻ ڏين ۽ پوءِ اهو حساب پاڪستان سروس کي پاڻ پيري ڏين، وري انهيءَ ڳالهہ تي ڇڪتاڻ هلي، پر آخر انهيءَ ڳالهہ تي بہ هو راضي ٿيا. بہ ٽڪيٽون هڪ ڪراچي جي ۽ ٻي ڪراچيءَ کان اڳتي مليون. سوال اٿيو تہ ڪڏهن ۽ ڪهڙي فلائيٽ ۾ وڃڻ چاهيان ٿو. مان اڄ وڃي سگهان تہ ڀيو ڏينهن نہ ٿئي. ميڊم چيو هفتي ٻن کان پوءِ جڳهہ ملي سگهندي، مان چيو تہ ٺيڪ آهي، واڳ ڌڻين وس آءُ ڪا پاڻ وهِٽي. سيٽ رزرو ڪرڻ لاءِ فون ڪيائين، جوابِ آيو تہ جيڪڏهن ٻئي ڏينهن مسافر وڃڻ گهري تہ جڳهہ آهي. ميڊم مون کي اها اڄ ڪئي، مان اکين تي کٽي رکي. ٽڪيٽون ورتيون، اچي پئسا مٽايم ۽ ٻئي ڏينهن لاءِ تياري شروع ڪيم.

رات جو منهنجي ڀاءُ جي فون آئي تہ هتان جي صاحبن جو چوڻ آهي تہ مان پاڪستان ايمبسيءَ کي اطلاع ڏيان ۽ هُنَ آفيسرن کي فون ڪئي ويندي جي مون کي آمريڪا موڪلڻ جو بندوبست ڪندا. دل چيم تہ هاڻي وطن وڃڻ جو سمورو بندوبست ٿيو پيو آهي. سياسي حالتون الائي ڪهڙيون آهن، اسان جي حاڪمن کي خبر نہ آهي تہ ڪهڙيون مجبوريون آهن. هنن جي چوڻ تي مان ايمبسي ۾ وڃان، وري ڪا ٻي تڪليف شروع ٿي وڃي، جيڪي چار دوست هوا، تن سان بہ صلاح ڪيم، سڀني جو رايو اهو هجي تہ فورن واپس وطن هليو اچان، پوءِ جيڪڏهن هت ڪا بہ سزا ملي يا مصيبت اچي تہ اها بهتر آهي. غلام هادي پنهنجي ڀاءُ کي فون تي ٻڌايم تہ مان ٻئي ڏينهن تي فلاڻي فلائيٽ ۾ رات جو ڏيڍ بجي ڏاري پهچي رهيو آهيان ۽ مان پاڪستان ايمبسي ۾ ڪونہ ويندس.

صبح جو ٽيڙ ڪٽي اچي ايئرپورٽ تي پهتس، ڪا بہ تڪليف ڪانہ ٿي، آخر اچي پنهنجي هوائي جهاز تي ويٺس، خدا جا ڏاڍا شڪرانا بجا لاتم. هيءُ جهاز بہ سڌو جرمني مان، سعودي عربيہ مان، آبوڌابي مان اچي ڪراچي پهتو. سمجهيم تہ حڪومت وارن دوستن تہ مون کي اڳئي چيو هو تہ موٽي پاڪستان اچان ۽ ڀاءُ کي بہ اهڙو اطلاع

ڏنو اٿم. ضرور هوائي جهاز مان لهڻ سان سرڪاري بندوبست سان مون لاءِ بينا هوندا. جهاز مان لهي ۽ ايئرپورٽ ۾ گهڙيس مگر پنهنجو ڪوبہ ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو. ٿورو پريشان ٿيس تہ هاڻي الائي ڇا ٿيندو. آخر اچي چڪاس واري هنڌ پهتس، هنن کي ٻڌايم تہ مان ٻئي ملڪ جو باشندو آهيان ۽ هتان ٻن ڏينهن ۾ هليو ويندس. هنن منهنجو پاسپورٽ ورتو، نيو بہ هنيائون تہ فقط هڪ ڏينهن رهي سگهان ٿو. دل چيم، اهو بہ نيڪ. جڏهن ڪسٽمس واري جڳهہ تي پهتس تہ پويان هڪ آفيسر ڀڄندو آيو. مان بہ ڇرڪ ڀريو تہ هيءُ الائي ڪهڙي مصيبت، هو مون کي آفيس ۾ وٺي هليو ۽ پاسپورٽ پاڻ ورتائين. هڪ رسيد لکي ڏيڻ لاءِ عملي کي حڪم ڪيائين، وري پاڻ واپس هليو ويو. ٻيو صاحب آيو، جنهن رسيد بہ ڪيدائي ڏني ۽ وري چيائين تہ ڀل پاسپورٽ بہ کڻي وڃ. اهڙيءَ طرح سان ايئرپورٽ ڇڏي سامان کڻي، ٽيڪسي ڪري اچي پنهنجي پٽ جي گهر پهتس، ڪراچيءَ ۾ جڏهن پير پاتم تہ دل تي ايڏي خوشي ڇانئجي وئي جو شايد ڪو ماڻهو ڪنهن ملڪ جو بادشاهہ ٿئي تہ ان کي بہ نصيب نہ ٿئي. وطن واپس اچڻ جو ڪڏهن منهنجي خواب ۾ ڪونہ هو ۽ سواءِ پاسپورٽ يا ويزا جي، اهڙو آسانيءَ سان پهچڻ وڏي خوشيءَ جو باعث ٿيو.

خوش قسمتيءَ سان منهنجو پٽ جو ڪراچيءَ ۾ نوڪري ڪندو آهي، اهو ٻارن ٻچن سان اتي هو، پر منهنجو ٻيو پٽ، ني ياڻيا ۽ ياءُ ميان غلام هادي بہ ڪراچي ۾ هوا. سندن ٻہ موٽرون بہ اتي هيون، خيال ڪيوسين تہ متان سرڪار جي آفيسرن کي خبر پوي ۽ هٿ ئي ڪٽي ڪاٺ ۾ اڙائين، تنهن ڪري رات ئي رات ۾ منهنجا ياڻيا ۽ ننڍو پٽ موٽر تي چڙهي حيدرآباد لاءِ روانا ٿياسين. صبح جو حيدرآباد پهتاسين، منهنجون ٽي نياٽيون اتي رهيل هيون، ٻن جي اتي شادي ڪيل ۽ ٽين نوڪري ۾ آهي، هنن لاءِ تہ عيد ٿي وئي. ٽئي نياٽا بہ مليا. ننڍڙا ٻچا بہ ڏٺم، پنهنجي رفيقہ حيات جي ملڻ جي ڏاڍي سڪ هئم. سو اتان نواب شاهہ روانا ٿياسين، منهنجون ڏيئر سي بہ نواب شاهہ اچڻ لاءِ تيار ٿي

ويا. منهنجي نياڻي ڊاڪٽرياڻي آهي، تنهن جي ڏير جي ڪار بيٺي هئي، اها گاڏي به ساڻ ڪنئيسين ۽ اچي نواب شاهه پهتاسين. منهنجي گهرواري ڏڏ مان مڪڻ ڪڍي رهي هئي، ڇوڪرن ٻچي منهنجي وڃڻ کان اڳ ڪيس ٻڌايو پر هن تي اعتبار ڪونه ڪيائين ۽ نڪا وري ڪيس اڳ خبر هئي ته مان اچي رهيو هئس. پنهنجي ڪم ۾ مشغول هئي. جڏهن وڃي مٿان بيٺومانس ته مون ڏي نهاريائين مگر ڳالهائڻ کان صفا جواب.

آخر منهنجن ڪڪين سمجهايس پوءِ لاچار هوءَ به تيار ٿي وئي ۽ وري سيئي گڏجي ڳوٺ هالاڻيءَ پهتاسين. هالاڻيءَ وارن کي به اها خبر ڪانه هئي، سڀ حيران ٿي ويا. منهنجو ڀاءُ جو هالاڻيءَ ۾ هو ۽ جو مون لاءِ تمام گهڻو روئندو هو، اهو گهر ۾ ته آيو مگر ڪٽ تي ويهي روئڻ لڳو. ڳالهائڻ کان صفا جواب. مئل ماڻهو جڏهن قبر مان اٿي اچي ته ان جي اچڻ جي جا خوشي ٿيندي، اچ اسانجي گهر ۾ اها خوشي هئي، هت ته سڀ مون کي مئو سهائي ويٺا هوا. پوءِ جڏهن خبر پين ته مان جيئرو آهيان ته موٽي اچڻ جو امڪان نظر نه پئي آيو.

خير زندگيءَ جا عجيب رنگ آهن، پر منهنجي زندگي ته عام زندگين کان نرالي گذري آهي. هاڻي وري ڳٽتي شروع ٿي. حڪومت الائي ڪڏهن ٿي پنهنجو عمل شروع ڪري. گهر ڀائنين ۽ ڀائٽن جا مڱڻا ڪرائڻا هوا. خبر ڪانه ٿي پئي ته ڪنهن وقت سرڪار جو مهمان ٿيڻو پوي، تنهن ڪري مڱڻن جون تاريخون جلد ۾ جلد رکيونسين. آخر مڱڻا ٿي ويا. هن عرصي ۾ ڪجهه دوست مليا. پر گهڻا ڊپ کان ملڻ ڪونه آيا. ڪن ڏنن وائنن ماڻهن کي ته ڏک ٿي پيو ته مان موٽي ڇو آيس، ڪن کي خانداني سياسي سبب هوا ٻين کي ٻيا سياسي سبب هوا. سنڌ جا ماڻهو منهنجا هم وطن ماڻهو تن جي شڪايت ڪيان ته گهڻو ڪجهه چئي سگهان ٿو مگر شڪايت ڪري ڪنهن کي دل شڪستو نه ڪبو. ٻيو سبب هيءُ به آهي ته هت اڄان جاگيرداري معاشرو آهي، جنهن ۾ اسانجا وڏيرا ڀائر نهايت سست طبيعت ماڻهو ٿين ۽ عوام به زوري يا خوشي سان انهن جي پنيان آهي. جيڏي وڏيري جو منهن اوڏان

اسانجا ماڻهو. قومي ڪارڪنن ۽ هڏڏوڪين جو هتي قدر ٿيئي ڪونه. وڏيرو ته صرف پنهنجن فائدن کي ڳوليندو آهي، ڪي ٿورا ماڻهو انهيءَ ڪلاس ۾ اچا به آهن، جن ۾ ڪجهه قدر ماڻهپو آهي؛ باقي ٻي طرح ٺيو خير. هنن جي سمجهه ۾ اها ئي ڳالهه ته مان تمام خطرناڪ ماڻهو آهيان، انهيءَ ڪري مون وٽ اچڻ ۽ مون سان ڳالهائڻ خطرناڪ آهي. جيتوڻيڪ ڪن پيارن دوستن انهيءَ ڳالهه جي پرواهه ڪانه ڪئي ۽ مون کي ملڻ آيا. خير اهڙيءَ طرح سان هڪ مهينو گذري ويو. آخر مڱڻ جي چوٿين پنجين ڏينهن ڪان پوءِ پوليس انسپيڪٽر پوليس جي ٽولي سان اچي در تي بيٺو. منهنجو ننڍي ڀاءُ قاضي ميان غلام هادي گهر ۾ گرفتاري جو وارنٽ ڪٺي آيو. تياري ڪئيسين. بسترا وغيره گول ڪري پاڻ کي پوليس جي حوالي ڪيوسين. منهنجي ننڍي ڀاءُ انسپيڪٽر صاحب کي سڃاتو پوءِ پوليس جي ٽرڪ جي برابر مون کي منهنجو ڀاءُ پنهنجي موٽر ۾ ڪٺي هليو ۽ نواب شاهه وٺي ويا. ايس پي صاحب کان اجازت وٺي نواب شاهه گهر ويس، پنهنجي رفيقه حيات ۽ ننڍن ٻچن کان موڪلائي ڪراچي روانا ٿياسين، منهنجو ننڍو ڀاءُ مونسان گڏ هو. آخر ڪراچيءَ ۾ ڪلفٽن پوليس ٺاڻي اچي پوليس لاڪ اپ ۾ واڙيائون. پوءِ اتان ڪدي هڪ ٻئي ٺاڻي تي وٺي ويا، جتان هڪ خانگي جڳهه ۾ وڃي رهايائون، ان کي پڇا ڳاڇا وارو ٻئي سڏيائون. هفتو کن پڇا ڳاڇا ٿيندي رهي. پوليس آفيسرن ۽ عملي جي روش ٺيڪ هئي، مون سان نهايت سهڻي طريقي سان پيش آيا. آخر اهو سيل ڦري بنگلو ٿي پيو ۽ مان ڪائڻ پيئڻ جو پنهنجو بندوبست ڪيو مگر پوليس جي چونڪي هيٺ هوس، يعني بنگلي ۾ جيل ناهي ڏنائون. اڳين حاڪمن جي وقت جڏهن به سرڪاري مهمان ٿيو هو ته جيل جي اندر بنگلو ملندو هو.

هي بنگلو هڪ يوروپين عورت جو هو، جنهن مسٽر مرزا ارچيستدڪت سان شادي ڪئي. مرزا صاحب اصل حيدرآباد دڪن جو باشندو هو، جنهن هن يوروپي عورت سان لنڊن ۾ شادي ڪئي هئي. هيءُ بنگلو به هن پنهنجي رهائش لاءِ ٺهرايو هو. سندس نالو ائستنا هو

۽ ڪيس مسز مرزا سڏيندا هوا. مائي نپ پوڙي هئي. جڏهن ڪجهہ چوڻو هوندو هو تہ لکي ڏبو هوس، پڙهي پوءِ جواب ڏيندي هئي. هن مائي صاحبہ جو ذڪر بہ هڪ عجيب هو. هيءَ اصل جرمني ۽ رشيا جي وچ ۾ هڪ ننڍڙو ملڪ هو، اتي جي رهاڪو هئي، ننڍو ملڪ ٿي رهڻ بہ شايد عظيم گناهہ آهي ۽ ان سان گڏ ملڪ ڪمزور بہ هجي، اهو ملڪ ڌار رهي نٿو سگهي. اسان ايشيا ۾ تہ خير اهڙن مصيبتن جو هميشہ شڪار رهيا آهيون، مگر تعليم ۽ ترقي سان مالامال يورپ ۾ بہ ائين آهي، جنهن ملڪ جي مائي ائستا رهاڪو هئي. اهو هميشہ جرمني ۽ رشيا جي رساڪشيءَ ۾ شڪار ٿيندو رهيو. ڪڏهن جرمني جي حڪومت رهي تہ وري ڪڏهن رشيا جي. مائي صاحبہ جي وقت ۾ سندن ملڪ رشيا جي قبضي ۾ اچي ويو، سندس پيءُ حريت پسند ماڻهو هو جو وڙهندي اتي مارجي ويو ۽ پنهنجا ٻار ٻچا لنڊن ڏياري موڪليا هوائين. هيءَ مائي صاحبہ لنڊن ۾ هئي. مائي صاحبہ مون کي پنهنجي شاديءَ جو فوٽو ڏيکاريو، جنهن کي اٽڪل چاليهہ سال گذري ويا آهن، مائي تمام حسين هئي، بس ڪهڙي ڳالهہ ڪجي، پر زماني جي زبردستين ڪيس هاڻ اهڙو ٻڻائي ڇڏيو هو ۽ ايڏي خزان آڻي ڇڏي هئي جو پرسان ويهارڻ جهڙي بہ ڪين هئي. ٿيو ائين جو هت پاڪستان ۾ اچڻ کان پوءِ سندس مڙس مرزا صاحب کي چڱي نوڪري ملي ۽ ڏاڍي مزي ۾ روب تاب سان ڪراچي ۾ رهڻ لڳا، جت سندن وزيراعظمن جي خاندان سان لڳ لاڳاپا رهيا. مگر قسمت کي شايد ٻيو ڪجهہ منظور هو ۽ مرزا صاحب 15 سالن ۾ پاڪستان ٽيڻ ڪانپوءِ مري ويو. هن مائي صاحبہ کي ٽي ڌيئر ٿيون، جي ٺڪ صفا يورپي آهن ۽ اهي بہ جيئن اڏامڻ جهڙيون ٿيون، ماءُ کي ڇڏي ويون، هڪ نياڻي سندس سا منهنجي هوندي آئي هئي، مگر اها بہ آخر ڪڪ ٿي پئي ۽ مونکان پوءِ شايد ولايت هلي وئي هجي. ائستا صرف اڪيلي هيڏي وڏي ميدان ۾ اٽڪل ڏهہ پندرهن سال اتي رهي پئي هئي، ڪتا، ٻڪي، ٻليون سي عام جام هئس، جيڪي سندس ساٿي هوا. پنهنجو نئون گهر نهرايائين. پاڻ

اتي رهڻ لڳي ۽ جنهن گهر ۾ مون کي رهايو ويو، اهو مسواڙ تي ڏئي گذر سفر ڪندي هئي، اهو به اهڙي شخص جي هٿ ۾ اچي ويو، جو پهريائين ته سندن دوست هو ۽ شايد ڪجهه عزيز به، مگر دولت جو ديوانو هو، تن وري مائي کي پڇائڻ لڳا، ڪيس مارون ڪڍڻ لڳا. آخر مائي صاحبه، پٽي صاحب کي تارون ڪيون ۽ خط لکيا. هن صاحب پنهنجي وزيراعظمي جي زماني ۾ ڪيس بنگلو خالي ڪرائي ڏنو ۽ پوءِ مان اٽڪل چار مهينا اتي رهيس. جڏهن مرزا ولايت ۾ وفات ڪئي، مائي صاحبه کي هت خبر پئي ۽ پاڻ سندس جنازو ولايت مان ڪٽائي آئي، مگر ڪيس ايڏو ته صدمو پهتو جو پاڻ بي حال تي وئي ۽ پئي ڪن چٽ تي ويس، بس قدرت جا عجب ڪارناما آهن، ڪو پتو ڪونه ٿو پوي. هيءُ هڪ انسان اسان مسلمانن جي وچ ۾. ڪي ڦهري ماڻهو سندس بنگلو تڪر جي هينان آهي، ان تي چڙهي اگهاڙا ٿي جنسي تعلق رکڻ تي آماده ڪندا اچن، پر پلي ابي جي ڏيءَ، جنهن کي سندس مڙس مرزا صاحب چيو ته سندس مرڻ کان پوءِ شادي نه ڪري. اهو انجام مائي صاحبه اهڙو پاڙيو آهي، مڙس مرڻ وقت سندس عمر چاليهه سال هوندي ۽ مائي حسين ته اهڙي هئي جو سندس ثاني ڪو مشڪل ملي، مگر شادي ڪونه ڪيائين ۽ اڪيلي هيءُ سمنڊ جهاڳي رهي آهي. مان به مصيبتون ڏٺيون اهن مگر هن جون مصيبتون ٻڌي مون کي ساڻس ڏاڍي همدردي رهي. جي آزاد ٿيس ۽ ٻنهي جي زندگي رهي ته ضرور ڪيس ڳولي لهندس.

هتي چار مهينا پورا گذاريم، ڇهه ست پوليس جو عملو ۽ هڪ سي آءِ ڊي پوليس جو ماڻهو گڏ رهندا هواسين. وقت تمام گهٽو هوندو هو، اڳ ۾ منهنجي پاڻ جو خيال هو ته فقط هڪ يا ٻه مهينا بند رکندا پر ٽن مهينن کان پوءِ وري ٽن مهينن لاءِ بند ۾ رهڻ جو حڪم ٿيو مگر سچو وقت انهيءَ خيال ۾ گذريو ته شايد جلد آزاد ٿيان، ننڍا ٻچا پيرسن ٻيبي، انهن جي ڏاڍي ڳڻتي رهندي هئي ۽ ڇهو اڪيلا نواب شاهه ۾ رهيا پيا هوا. وڏا ٻار ڇوڪرا توڙي ڇوڪريون تن جون شاديون

ڪري ڇڏيون هئم، جي سيئي پنهنجن ڳڻتين ۽ مجبورين ۾ وچي مشغول ٿيا، ٻه ٻيائر هڪ تہ ايترو وصيتمند ناهي، باقي ننڍو ڀاءُ پنهنجي وس آهر مدد ڪرڻ لڳو، مگر مون کي اها ڏاڍي ڏکي پئي لڳي. تنهن ڪري مٿس بار رکڻ بہ مناسب نہ ٿي ڄاتم. انهيءَ ڪري چاهيم ٿي تہ آزاد ٿيان تہ ڪجهہ ڪم ڪري ٻچن جو گذر سفر ڪجي.

مائي ائستا چيو تہ هو وچي مون کي آزاد ڪرائيندي، هن پنهنجي بنگلي جي واپسي جي گهر ڪئي. اوچتو پوليس وارا آيا جن چيو تہ هيءُ گهر مون کي ڇڏڻو پوندو ۽ مون کي پئي هنڌ ڪراچيءَ کان ٻاهر رهايو ويندو. هڪ ڪلاڪ ڏنائون، تياري ڪري تيز ڪنيم. مائي ائستا آئي، ان کان موڪلايم، چيائين تہ ڪيس تہ چيو ويو هو تہ مون کي آزاد ڪندا پر مان تہ اجان بہ پوليس جي حوالات ۾ هوس، جيڪو پوليس جو عملو منهنجي سنڀال لاءِ رکيل هو، تن کان موڪلايم، هنن مون سان پورا چار مهينا گڏ گذاريو هو ۽ هنن سان پٽن راند بہ کيڏندو هوس ۽ پاڙي جو هڪ نوڪر بہ اسان وٽ ايندو هو. هنن سيني کان موڪلايم، ڏاڍو ڏک محسوس ڪيم. منهنجي ڌيءَ ڊاڪٽرياڻي بہ اتفاقاً اتي اچي وئي هئي، جنهن مون کي پنهنجي موٽر ۾ ڪٽي پوليس سان گڏ وڃي گهاري بنگلي تي پهچايو. پاڻ موٽي وئي ۽ اتي بنگلي تي رهي پيس. نئون پوليس جو جٿو مون تي پهري لاءِ رکيو ويو. ٻي ضلع ڪائونسل جو ريسٽ هائوس آهي. ڏاڍي سهڻي هنڌ تي هيءَ جڳهہ ٺهيل آهي. آبهوا تمام سٺي آهي، ٻانيان ٿو سنڌ ۾ ڪي ٿورا اهڙا ٽڪرا هوندا جتي قدرت جو اهڙو نظارو هجي، انهيءَ جڳهہ ۾ هڪ ميجر صاحب رهيل هو ۽ ٻيو مقاطيعدار.

ٿوري وقت ۾ ٻئي دوست ٿي ويا. ميجر صاحب چڱو پڙهيل نوجوان هو ۽ ولايت مان بہ ٿي آيل هو. رهڻي انگريزن واري هئس ۽ انگريزي بہ انگريزن جي طرز واري ڳالهائيندو هو. باقي ٻيو صاحب گهڻو ڪري رات جي وقت ايندو هو، اهو بہ ڪڏهن ڪڏهن. ميجر صاحب سان چڱيون رهاڻيون ٿينديون هيون ۽ پٽن راند بہ ڪندا

هواسين. هو صاحب اٽڪل ٻه هفتا ساڳي جاءِ ۾ رهيو ۽ پوءِ هيءَ جڳهه ڇڏي وڃي ٻئي هنڌ رهيو. پنهنجو ڪمرو خالي ڪيائين ۽ پوءِ مان ان ڪمري ۾ رهڻ لڳس. هيءُ ڪمرو ٻين ڪمرن کان وڏيڪ سينگاريل هو ۽ ساڳي وقت اهڙي جڳهه تي هو، جت هوا تمام گهٽي هوندي هئي ۽ ڏاڍو ڪليل هوندو هو.

ميجر صاحب جي وقت ۾ گهمڻ ويندا هواسين. هڪ ٽڪريءَ تي پري کان هڪ جهوپڙي ڏٺيسين. اتي هڪ ننڍڙي مسجد نظر آئي، وڃي انهيءَ ٽڪريءَ تي چڙهياسين، اتي هيءَ جهوپڙي ۽ هڪ محراب ڪنهن فقير ماٿهو نهرايو هو. هو جيبور جي پاسي جو مهاجر هو ۽ هي هو چاليها رکندو هو ۽ هڪ غار به هئي، جتي هو اندر ويهي چاليها رکندو هو. ٻيو هڪ وڏو بنگلو به اتي هو ۽ واٽر فلٽر جي جڳهه به هئي. هيءُ سرڪاري بنگلو جنهن ۾ پاڪستان جا وڏا وزير صدر ۽ گورنر، جنرل اچي رهندا هوا. باغيچو ۽ تلاءَ نهايت عاليشان آهن. مگر قدرتي نظارن جي لحاظ کان منهنجي رهڻ واري جڳهه بهتر هئي. پوليس جو پهرو ۽ اهو خيال ته مان باندي هئس، جي نه هجي ها ته اها بهترين جڳهه هئي.

غار جي ڏسڻ کان پوءِ فلٽر جي ماڻهن سان واقفيت جي ڪوشش ڪيم ۽ خاص طرح ان فقير سان ملڻ جي ڪوشش ڪيم، جنهن اتي چاليها رکيا هوا. انهيءَ ڳالهه جي جاچ ۾ هوس ته خبر پيم، اتي جي مسجد جو پيش امام به هڪ وڏو فقير ماڻهو آهي ۽ سندس عمر هڪ سئو تيرهن ورهيه آهي. ميجر صاحب ويو هليو. ڪڏهن ڪڏهن مون وٽ ايندو هو. هن هڪ عجيب ڳالهه ٻڌائي، چيائين ته هت هڪ آفيسر آهي، جنهن توهان لاءِ ڪجهه چيو آهي. مان حيران ٿي ويس، پڇيم سنڌي آهي يا مهاجر چيائين هو اصل دهليءَ جو آهي. وڌيڪ حيران ٿي ويس، چيائين ته هن جي گهرواري توهان کي ڏٺو آهي ۽ هوءَ روئي پنهنجي مڙس کي چيو آهي ته مان سندس چاچو آهيان ۽ مون کي پنهنجي گهر وٺي وڃي، پر هو آفيسر ڏاڍو پريشان ٿي پيو آهي

تہ مان هت قيدي هوس ۽ هو بہ سياسي قيدي. سرڪار الائي ڇا سمجهي، تنهن ڪري ٻن مصيبتن جي وچ ۾ اچي ڦاٿو آهي. ميجر صاحب تہ خير سان ويو هليو. آخر اهو آفيسر مون وٽ آيو. ساٽس اڳ ۾ واقفيت ميجر صاحب ڪرائي ڇڏي هئي، مون سان مليو، چيائين تہ هن ڪامريڊ عبدالقادر جي ڌيءَ سان شادي ڪئي آهي. ڪڪيءَ مون کي اتان لنگهندي ڏٺو آهي ۽ چوي ٿي تہ مان سندس پيءُ جو گهرو دوست آهيان، تنهن ڪري مان ساٽس گڏجي سندس گهر وڃان. هي مون واري پوليس چونڪيءَ کان اٽڪل هڪ سئو قدم پري رهندا هوا ۽ مسجد ڏي وڃڻ واري رستي لڳ سندن گهر هو.

قدرت جا عجب رنگ آهن، ولايت يعني لنڊن ۾ بہ هڪڙي سنڌي ڪامريڊ دوست جون نياٽيون هيون، جي هن مائي شيرين ڪامريڊ عبدالقادر جي ڌيءَ جي ماسيءَ جون ڌيئر هيون، جي هميشہ روزانو فون ڪري پڇنديون هيون تہ ڇا ڪاڏو اٿم ۽ سندن گهر بہ ويندو هوس. هاڻي هت وري ٻيءَ ڏي مائي شيرين مليم. جهڙو نالو شيرين اٿس، اهڙي مائي شيرين آهي. مون کي تہ پنهنجي ڌيئن جهڙي آسيس ڏيڻ لڳي. روزانو جيڪي پچائي ڪجهہ ضرور موڪلي. گهر گهرائي مانيون ڪارائڻ، ڪڏهن ڪڏهن مڙس سان گڏجي ۽ ڪڪي کي پاڻ سان وٺي ڪلاڪن جا ڪلاڪ مون وٽ اچي ويهندا هوا. جڏهن گهاري مان ڪڍي هتي گهرواري بند ۾ پئي آنڊائون. ڪانئن موڪلائڻ ويس، وري پاڻ آيا ۽ آخري رات جو اچي موڪلائي ويا. بيمار ٿيندو هوس تہ بيماريءَ جو دوائون سندس مڙس جيپون ڊوڙائي وٺي ايندو هو. بس پئي زال مڙس ۽ سندن ٻچڙا اهڙا پيارا ٿي ويا، جهڙا پنهنجا عزيز.

گهاري ۾ ٻن مهينن کان مٿي رهڻ ٿيو. فلتر ڳوٺ ۾ چاليهي رڪندڙ بزرگ ۽ مولوي صاحب سان ملڻ جو شوق هو. مولوي صاحب کي مسجد ۾ وڃي ڳولي لڌم. مسلمانن ۾ ڪهڙا ماٺهو هوا ۽ سندن اخلاق ڪهڙو يا مذهبي رهنما ڪيڏي اخلاق جا مالڪ هوا، هن بزرگ جي

زيارت کان پوءِ محسوس ڪيم تہ مسلمانن وٽ ڇا ڇا نہ هو ۽ اڄ ڪيڏي اوندهہ ۾ وڃي پهتا آهن. مولوي صاحب سان تمام چڱو رستو ٿي ويو. ڪوشش ڪري شام جي نماز مسجد ۾ پڙهڻ ويندو هوس ۽ جمع جي نماز بہ مسجد ۾ پڙهندو هوس.

مولوي صاحب جن مون کي ٻڌايو تہ سندن نالو غلام قادر آهي، پاڻ اصل ملتان جي پاسي جا وينل آهن. مگر سڄي حياتي هاٽوڪي اتر پرديش هندوستان ۾ گذاري اٿن ۽ شادي بہ اتي ڪئي هئائون ۽ تعليم بہ اتي حاصل ڪئي هوائون. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هندستان ڇڏي آيا. ڪين اولاد بہ آهي پر پاڻ پنهنجي آزاديءَ کي قائم رکڻ لاءِ انهيءَ مسجد جي پيش امام جي نوڪري ۽ ٻارن پڙهائڻ واري مڪتب ۾ استاد جي حيثيت ۾ نوڪري ڪرڻ اختيار ڪئي ۽ ڪيس پگهار بہ ملندي آهي ۽ رهڻ لاءِ هڪ ڪوارٽر بہ آهي. سندن عمر انهيءَ وقت هڪ سئو تيرهن سال هئي.

سندن زندگي نهايت سادي هئي ۽ پنهنجو ڪاڌو چانهہ وغيره پاڻ تيار ڪندا آهن. مسجد ۾ امام جو ڪم سرانجام ڏيندا آهن ۽ صبح جو ٻارن کي بہ پڙهائيندا آهن.

سندن زندگي بہ عجيب رهي آهي. پاڻ خلافت جي وقت جا سپاهي آهن. مولانا عبيدالله سنڌيءَ جا رفيق آهن. مولانا سان گڏ هجرت ڪري افغانستان ڪابل ۾ مولانا سان گڏ هوا. رشيا جي سرحد تائين مولانا سان گڏ رهيا. مگر رشيا سواءِ مولانا عبيدالله سنڌي ٻين سڀني کي رشيا ۾ اچڻ نہ ڏنو. مولوي صاحب جن نهايت تڪليفن جو وقت ڪاٽي وري هندستان ۾ داخل ٿيا ۽ سرحد تي ڪين انگريزي حڪومت پڪڙي جيل ۾ رکيو ۽ پوءِ مٿن خون جو ڪيس هلايو ويو. مولوي صاحب هڪ انقلابي ماڻهو هو، جنهن انگريزن جي خلاف جهاد ڪئي ۽ هڪ انگريز کي ماريو هوائون. انهيءَ سلسلي ۾ ڪين عمرقيد سزا ملي، مگر اٺن سالن جي قيد کان پوءِ ڪين آزاد ڪيو ويو.

مولوي صاحب ڏاڍيون سٺيون ڳالهيون ٻڌائيندو هو ۽ سائنس

ڪچهريءَ جو ڏاڍو شوق رهندو هو. هڪ ڏينهن ڪلي ڳالهه ٻڌايائين ته سندس زال سندن جواني ۾ وفات ڪري وئي ۽ سندن سهرو ڪين پنهنجي ٻي ڏيءَ جو سگ ڏيڻو ڪيو، مولوي صاحب مون کي ٻڌايو ته پاڻ ٻئي مولوي صاحب جو سندن دوست هو. تنهن سان صلاح ڪئي، سندن دوست ڪين ٻڌايو ته ٻي زال هڪ ٻليءَ جي مثال آهي جا سندس پهرين زال مان پونگڙن کي کائي ڇڏيندي. مولوي غلام قادر صاحب، اها صلاح ورتي ۽ وري پاڻ شادي ڪانه ڪيائين. ٻي ڳالهه ٻڌايائين ته آگري طرف جت پاڻ رهندا هوا، اتي سک ڊاڪٽر هوندو هو، جو ملٽري جي نوڪري ۾ هو ۽ پوءِ پنهنجي اسپتال کولي هئائين. ڊاڪٽر صاحب جي مولانا جي صحبت ۾ حضور جن سان ڏاڍي محبت ٿي وئي. هڪ ڏينهن مولوي صاحب کي خبر پئي ته ڊاڪٽر صاحب پنهنجي زال پيڪي موڪلي ڇڏي آهي، ڊاڪٽر صاحب پڇا تي ٻڌايو ته هو پنهنجي رب جي محبت ۾ ۽ عبادت ۾ زال کي رڪاوٽ ٿو سمجهي، تنهن ڪري زال کي پاڻ کان پري ڪري ڇڏيو آهي. مولوي صاحب کي هيءَ ڳالهه ڪانه وڻي ۽ ڊاڪٽر صاحب کي صلاح ڏنائين ته زال کي هڪدم گهرائي. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي زال کي گهرائي ورتو. مولوي صاحب جي روبرو پنهنجي زال کي چيائين ته مولوي صاحب کي دعا ڪري، جنهن ڪيس واپس آندو آهي. ٻيون به ڪيتريون نصيحت واريون ڳالهيون ٻڌائيندا هوا. تقويٰ، پرهيزگاري ۽ علم حاصل ڪرڻ تي ڏاڍو زور ڏيندا هوا. مولوي صاحب هن لکڻ وقت به ميلن جا ميل پنڌ ڪري ٻين ڳوٺن ۾ ويندا آهن.

مون وٽ به مهرباني ڪري ٻه ٽي دفعا آيا. موڪلائڻ وقت به مون وٽ آيا ۽ جليبين جو هڪ وڏو لفافو ٻري ڪٺي آيا ته پنهنجي ٻچن لاءِ ڪٺي وڃان. ضلع جا آفيسر، ڊپٽي ڪمشنر، اسسٽنٽ ڪمشنر، مختيارڪار، منشي جن جي نظرداري هيٺ مون کي رکيو ويو آهي، سيئي صاحب تمام خوش اخلاقيءَ سان مون کي پيش آيا. ڪراچيءَ ۾ چار مهينا ڪاڏي پيتي جو مون بندوبست رکيو مگر گهاري ۾ سرڪاري بندوبست هو، ٻه بنگلي جا نوڪر هوا ۽ هڪ روينيو وارن جو

ڪوتوال، هيءُ ويچارا به مون تي ڏاڍا مهربان هوا. ڪراچي پوليس عملو سنڌي ڪونه هوا. مگر مونسان اهڙو برتاءُ ڪيائون جو مان ڪڏهن به اهو محسوس ڪونه ڪيو ته هو ڪي ڏاريا هوا. گهاري ۾ گهڻو ڪري پوليس عملو سنڌي هوا. سواءِ سندن آفيسرن جي مگر هنن سڀني جو سلوڪ تمام سٺو هوندو هو. هت هڪ بهاري مهاجر سيد جو رٽائرڊ آفيسر هو. مون وٽ جام ايندو هو. هو پيرسن هو ۽ مالي حالت سندس ڏاڍي خراب هوندي هئي. سندس ڪچهري روز نصيب ٿيندي هئي ۽ اسان وٽ اچي پنهنجا راند به ڪندو هو. اسان ڏاڍين غلط فهمين ۾ آهيون. هن دنيا ۾ سڀني فرقن، ڪلاسن، قومن ۾ بُرا ماڻهو آهن ۽ ڀلا به.

اهڙي طرح ٻن مهينن کان به گهاري ۾ وڌيڪ رهيس. صبح جو ٻاهر گهمڻ نڪرندو هوس، بنگلي ڏي نهاري چوندو هوس، شايد اهو ڏينهن به ايندو جو مان هتان آزاد ٿي پنهنجي ٻچن وٽ ويندس.

پهريون ٽن مهينن جو حڪم پورو ٿيو ته وري ٻين ٽن مهينن جو حڪم ٿيو، اهو به پورو ٿيو ته ٽيون دفعو ٽن مهينن ۾ بند رهڻ جو حڪم پهتو. مگر اٽڪل اڌ مهيني گذرڻ بعد ڊپٽي ڪمشنر کي حڪم پهتو ته مون کي گهر ۾ بند رکڻ جو فيصلو ٿيو آهي. آخر اهو آرڊر مون کي گهاري ۾ مليو. ٻئي ڏينهن تي ٽيڪسيءَ ۾ صوبيدار صاحب ۽ ڪجهه پوليس جي عملي سان بنگلي تي پهتس.

ٽئڪسي لاءِ مان آفيسرن کي عرض ڪيو هو، جن منهنجي خرچ تي ٽيڪسي ڪري ڏني ۽ پوليس جي عملي سان نواب شاهه جي ايس پي صاحبن جي مون کي حوالي ڪيو ويو. جنهن صاحب مون کي هالاڻيءَ موڪليو. جت هالاڻيءَ اندر مون کي رهڻو آهي ۽ ان سان ٻيون پابنديون پڻ لڳايون ويون آهن. پوليس جو جٿو به نظرداريءَ لاءِ هت رهيو. منهنجي رهائش جو خرچ، پوليس جي کاڌي پيتي جو خرچ منهنجو پاڻ پيو ڪري. چاڪاڻ ته ڳوٺ ته منهنجو هالاڻيءَ ۾ آهي، مگر

ٽيهن سالن کان به مٿي مان نواب شاهه ۾ گهر ڪري ويٺو آهيان. انهيءَ ڪري منهنجو ڪٽنب نواب شاهه ۾ آهي. گهاري ۽ ڪراچي جي نظربندي کان هٽ اهو آرام ته مان پنهنجي پائن سان ۽ سندن پڇن سان جي منهنجا به ٻچا آهن ۽ پنهنجي پٽن جي اولاد سان گڏ آهيان.

تاهم به ڀاءُ تي بار ٿي رهڻ ۽ پنهنجي ڪٽنب کان جدا رهڻ تڪليف رسائيندڙ آهي. واڳ ڏٽي وس آءُ ڪا ٻاڻ ويهي وقت گذارڻو آهي، وقت پيو گذري.

منهنجو ڀاءُ ميان غلام هادي، منهنجي سر تي روزانو ويهن روپين کان به گهڻو خرچ ڪري رهيو هو. سندس ٻچا جي منهنجي خدمت ۾ مشغول رهندا هوا. انهن سببن ڪري دل ۾ ڪجهه تڪليف محسوس ڪرڻ لڳس. خاص طرح ڀاءُ جو مون تي مهيني ۾ ڇهه سئو روپيا خرچ، مون لاءِ تڪليف ٿي پيو.

هونئن ته ننڍڙن پوٽن، پائٽين ۽ پائٽن کي وٺي صبح جو ۽ شام جو ڳوٺ کان ٻاهر نڪري ويندو هوس ۽ انهن جون مٺيون مٺيون ڳالهيون، پائن سان ۽ ڀاڃاين سان گڏجي گذارڻ ته منهنجي لاءِ راحت هو پر مون تي خرچ سو به ننڍي ڀاءُ جي طرف کان ڏاڍو پريشان ڪن هو. لاچار ٿي به خط هڪ پٽي صاحب ڏي ۽ ٻيو جتوئي صاحب ڏي لکي موڪليم.

هڪ ڏينهن گهر ۾ پنهنجي ڀاڃائي کي جا ميان غلام قادر جي گهر ۾ آهي، جنهن کي نياٽي به ڪري سڏيندو آهيان، چيومانس ته "پٽ! هاڻ دعا ڪر ته مان جيل ۾ وڃان يا نواب شاهه وڃان! غلام هاديءَ جو گهرو خرچ هڪ تمام وڏي زميندار جي پيماني جو آهي ۽ هو وري مون تي ايڏو وڏو خرچ ڪري، انهيءَ کان چڱو آهي ته مان مري وڃان."

ساڳي ڏينهن ڪلاڪ ٻن کان پوءِ ڇتل اچي ٻڌايو ته پوليس

بنگلي ۾ پهچي وئي. چِتل کي ڳالهہ ۾ وڌاءُ ڪرڻ جي پراڻي عادت آهي. اهڙي هراس ۾ ڳالهہ ڪيائين جو سمجهيم تہ وڏا حاڪم پِتو صاحب ۽ جتوئي صاحب شايد ڪاوڙجي ويا آهن ۽ جيل ڏانهن اماڻڻ جو حڪم ٿيو آهي. آخر پاهر نڪتس ۽ پوليس کان هڪ حڪم نامو مليو. جنهن ۾ حڪم ڪيل هو تہ هاڻ مان کي نواب شاهہ شهر جي اندر بند رکيو ويندو. پيون پابنديون ساڳيون هيون. ڏاڍو خوش ٿيس، پوءِ تہ ڳوٺ آرام نہ پيو اچي، منهنجي گهروارا بہ هالاڻي آيل هوا. آخر ميان غلام هادي کان موٽر ورتيسين ۽ اچي نواب شاهہ ۾ پهتاسين.

بہ ٽي ڏينهن تہ خير خوشيءَ جا گذريا پر ننڍڙا ٻچڙا، تن جون ناز برداريون، تن جا ٽڪرا، پوءِ مان محسوس ڪيو تہ مان ڪيترو وقت پاهر رهيس، منهنجي گهرواري سان تہ نسورو ناحق هوندو. گهڙي گهڙيءَ ٻارن جو رُسڻ، ماءُ سان وڙهڻ، پئسن لاءِ تنگ ڪرڻ، هيءَ ويچاري تہ هميشہ پئي رئندي هئي.

جنين لاءِ مئاس سي ڪانڌي ڪين ٿيام. سڄي عمر سنڌ جي عوام واسطي رنس، جيڪي ڪجهہ ڪمايم، انهن جي بهتريءَ لاءِ خرچ ڪيم ۽ ويهي سوچيندو آهيان تہ مون کي وزير يا سفير ٿيڻ جو شوق بہ ڪونہ هو، منهنجا رفيق دوست پيرزاده عبدالستار، قاضي فضل الله، آغا غلام نبي، محمد علي شاهہ، نور محمد شاهہ ۽ ٻيا ڪيترا وزير ٿي ويا، مان بہ جيڪڏهن جيئن مسلم ليگ ۾ هوس، ملڪيت ميڙڻ جي ڪوشش ڪيان ها تہ گهٽ ۾ گهٽ نواب شاهہ ضلع ۾ وڏن زميندارن ۽ سرمائيدارن ۾ هڪ هجان ها ۽ وزير بہ پڪ ٿيان ها، مگر منهنجي رب منهنجي مٽي ٻي طرح بنائي هئي، جو هميشہ ڏکن واريءَ دنيا سان لنئہ لاتم.

سنڌ جي ماڻهن جو سخت ارمان اٿم تہ انهن سڀني قربانين هونديءَ، هنن مون کي ۽ منهنجي ٻچن کي عذاب رسائڻ جي ڪوشش

ڪئي. انڪل ٻن يا اڍائي سالن ڪنهن پڇيو به ڪونه. پر ڀاڙي وارن سنڌين ته همدردي ته ڌرڪنار پر پڇيو به ڪونه.

سنڌي تحريڪون وغيره بلڪل ڪوڙ. ڪنهن کي نه مان ياد هوس ۽ نه وري ڪنهن منهنجي ٻچن سان همدردي ڪئي. بس ڪي هڪ يا ٻه دوست هوا، جي در تي ڪڏهن ڪڏهن ايندا هوا. سي به شخصي لاڳاپن ڪري. ٻيو ٺيو خير. پنهنجا ٻچا ۽ ڀائر تن کي ضرور ڏک هو. جيڪي ٿي سگهيو اهو ڪيائون. پر ٻيا ڪيترا ويجها مائٽ، تن ته اچڻ ئي ڇڏي ڏنو. جڏهن پهچي ويس ته پوءِ به سنڌي جتي ڏسندا هوا ته منهن موڙي ٻئي پاسي نهاريندا هوا ته متان ڪو ڏسي وٺي ته اهڙي بدمعاش ماڻهوءَ سان ٿا ڳالهائين. ڇهه مهينا ڪان به نواب شاهه ۾ وڪالت شروع ڪيم ته سواءِ اهي ڪيس جو ميان غلام هادي موڪليندو هو. سنڌي هڪڙي به مون کي وڪيل نه ڪيو. ٻئي طرف جن جو اسانکي، اسان کي پنهنجو دشمن سمجهيو ويندو هو. (حقيقتن ڏٺي مون کي ڪو دشمن ڏنو ئي ڪونه آهي، نه وري منهنجي ڪنهن سان عداوت آهي. منهنجا سڀ انسان، هندو، مسلمان، پنجابي، مهاجر ۽ ٻيا ڀائر آهن) جيڪي ڪيس مون کي مليا آهن، اهي سڀ پنجابي ۽ مهاجرن جا. مگر اهي ڳالهيون اهڙيون نه آهن، جن جي ڪري ڏک ڪجي.

سنڌي عوام زميندارن ۽ پيرن جي قبضي ۾ آهي. گهڻو ڪري جاهل آهي ۽ ٻيو جيتري قدر سنڌي خودپرستيءَ جو مريد آهي، اوترو دنيا ۾ ڪوبه فرقو نه آهي.

پنهنجي سڄي عمر جڏهن جان ۾ طاقت هئي ته مظلوم عوام جي حقن ۽ بهتريءَ لاءِ لڙندا رهياسين. هن ڪان پوءِ جلد موت ايندو يا اجا ڪجهه ڪرڻو آهي، اهو ته صرف مولا کي معلوم آهي. ”واڳ ڏڻين جي وس آءُ ڪا پاڻ وهيٺي.“ اهڙي طرح آءٌ به انهيءَ واهڙ ۾ وهندو پيو وڃان.

منهنجو سفر، مان سفر، مون ۾ سفر. هڪ ڳالهہ آهي، هڪ مسافر جي. لنڊن ۾، يورپ ۾ وڃڻ ٿيو، رهڻ ٿيو، ملڻ ٿيو. موٽي سنڌ ۾ اچڻ، اها ملاقات، اهو موقعو، اها حقيقت، هڪ عجيب زندگيءَ جو ورق هو.

دوستن جي ملاقات جو ذڪر نہ ڪندس تہ منهنجي زندگيءَ جي ڪهاڻي اڌوري رهجي ويندي. دوست مليا، دل بهار بهار ٿي، اهو بہ منڙي سنڌ ۾. لنڊن جي زندگي بہ عجيب زندگي آهي، هڪ دوست جي اچڻ ڪري ملڻ ڪري عجب وقت ۽ زندگيءَ جا ورق ورڻ لڳا. دوست پنهنجو داستان شروع ڪيو. سندس سچي ۽ سچي گفتگو تہ تمام طويل هئي، پر جو ڪجهہ ياد آهي، اهو انهيءَ دوست جي زباني ۾ ظاهر ڪيو وڃي ٿو. ايڏو وڏو دورو ايڏي عمر ۾ ۽ ايڏي وڏي عرصي لاءِ بلڪل ڪجهہ ٻيو بڻائي ڇڏيو هو. هو ساڳيو دوست بہ هو، جو هميشہ لڪندو ۽ ڳائيندو هو ۽ منڙين منڙين ڳالهين سان وندرائيندو هو. اڄ سندس شڪل، ڳالهہ ٻولهہ جي ڪرڻ جو انداز بلڪل نرالو پئي لڳو. پڇيومانس تہ ”دلبر! ڇو! اڄ توهان ۾ ايڏي تبديلي اچي وئي آهي!“

هڪ ٻي جي اکين ۾ اکيون وجهي گهوري نهارڻ لڳو. چيائين، ”ها! مان بدلجي چڪو آهيان، تون مون کان منهنجي ڪهاڻي ٿو پڇڻ گهرين، پر مان تہ هڪ زنده ڪهاڻي ٿي چڪو آهيان. مان تہ ائين ٿو سمجهان، تہ مان اصل کان هوس ۽ اصل تائين رهندس! بس هڪڙا چولا آهن، جي لاهيان ٿو ۽ ٻيا پايان ٿو. هي ماڻهو، هي جانور، هي تارا، چنڊ، آسمان، سڀ ڪي پوشاڪون آهن، ڪپڙا آهن، جي ميرا بہ ٿين ۽

متبا ٻه رهن! مان ته هڪ نظر آهيان، ڪنهن جي انتظار ۾ پيو ڪهان. اج تو وٽ آهيان ٻه ناهيان ٻه!! هتي هوندي ٻه تمام تيز رفتار سان پچندو رهان ٿو. ڪڏهن لنڊن ۾ آهيان، ڪڏهن پئرس ۾، ڪڏهن آگري ۾ ته ڪڏهن ڪابل. سمجهان ٿو ته ڪو خيال آهيان، پيو ٿو اڏامان!!"

هيءَ گفتگو ٻڌي هرڪو حيران ٿي ويندو، هن يار کي ٿيو ڇا؟ الائي ڇا ڇا پيو چوي. هڪ ٻئي کي چيو، "سڄڻ تون ته پتا ڏئي متجي ويو آهين! ڇا پيو ڳالهائين؟ ڇو غائب ٻه ٿيو وڃين. حاضر ٻه ٿيو وڃين!!؟ سڌي ڳالهه ڪر، ڪيئن وئين! ڪاٿي ڪاٿي وئين! ڇا ڇا ڏٺئي؟ وراٽيس، "ڇا ڪيان! مان خود حيرت ۾ آهيان! ته مان اهو ساڳيو تو وارو دوست ته نه آهيان! مان بلڪل ڪجهه ٻيو پيو پاڻ کي محسوس ڪريان!!"

"ٻڌ! حيرت جو مڪان آهي، هيءُ انسان جنهن روپ ۾ تون ٻه آهين! مان ٻه آهيان. اهو سائنسدان چون ٿا چاليهه لک سال مڪمل ٿيو آهي. ڌرتيءَ تي پراڻي ۾ پراڻو جاندار اٺ ڪروڙ سال اڳ پيدا ٿيو هو.

هن ڌرتيءَ کي، هن روپ ۾ ٻه هزارين ڪروڙ سال ٿيا آهن. هئڙيون ڌرتيون هن ڪائنات ۾ ٻه ڏهه لک هونديون ۽ ٿي سگهي ته انهن تي زندگي هجي، تهذيبون هجن، ٻوليون هجن، محل هجن، ماڙيون هجن، راڳ هجن، روپ هجن، گانا هجن، ناچ هجن، مفڪر هجن، سائنسدان هجن، اهي سيارا ڌرتيءَ کان 3 سئو روشنائي جا سال پري آهن، ريڊيو جون لهرون 3 سئو سال اتي پهچڻ ۾ وٺنديون ۽ ايتري عمر موتڻ ۾. هي ڪائناتون وڌنديون رهن ٿيون. مفاصلو ۽ وقت جون حدون ته سڀ ايڏيون وڏيون ٿي ويون، جتي ڪنهن جو پهچڻ ته دور آهي پر خيال جو پهچڻ ٻه محال ٿي پيو آهي.

هاڻ خيال ڪر ته اسان جي ابن ڏاڏن وارو تخيل ته ڌرتي ڍڳي جي سڱ تي بيٺي آهي. ديوتائون، شيوو، وشنو وغيره رات ڏينهن ڪم ۾ مشغول آهن يا ملائڪن جو تخيل. اهو خدا جو ستين آسمان تي وينو آهي، جن کي ڪي ماڻهو ڏسن ٿا. هي سڀ اج ته بلڪل غلط پيا نظر

اچن. اها قدرت ۽ قدرت جو مالڪ تنهن جو اندازو ته ٿي نٿو سگهي!

”پڌ! مان جڏهن انهن سمنڊن ۾ غوطا ٿو هڻان ته حيران ٿو ٿيان! اهڙي هستي جنهن کي ماڻهو خدا سڏين ٿا. ڀڳوان سڏين ٿا. گاڊ سڏين ٿا. ڪڏهن ان جو تخيل نهي سگهي ٿو!!“

هڪ دوست جي اکين ۾ پاڻي اچي ٿو وڃي. تيئن وڌيڪ حيراني ٿئي ٿي! آخر هيءُ چوي ڇاپيو! ”پڌ! هاڻ هي تنهنجي هيءَ ننڍڙي ڌرتي جا سئو سال اڳ تمام وڏي پئي ڏسڻ ۾ آئي. هتئون جا مالڪ ولايتون سڏبا هئا. اڄ ته اها دنيا سسي. هڪ اڱڻ تعلقي جيڏي مس آهي. ريڊيو.ٽيليويزن. ڪتان جون صدائون ڪيترو جلد اچيو هر هنڌ پهچائن. تيز رفتار راڪيٽ جن جي رفتار وڃي لکن ميلن کي رسي. بس اکيون پور ۽ ڏس ته نواب شاهه جي بدران لنڊن ۾ ماڻهو وينو آهي. ايڏي ترقي. ايڏو اوج. هي سڀ سائنس جا معجزا آهن. نه! نه! هي انسان جو هيءُ ننڍڙو ميڄالو آهي. جنهن جي تخليق آهي. تنهن جي چونڊ آهي. تنهن جي جستجو آهي.“

مان چيومانس ته. ”ڇا مون کي چريو ڪندين! ڪهڙيون پيو يار ڳالهيون ڪرين! دنيا جو سفر ته ڪيئي. يورپ ته گهمئين! پر ٻيا ته اچيو شراب ڪباب کي ونن! ۽ عجيب رنگن ۽ روئنشن جون ڳالهيون ڪن! توکي الائي ڇا ٿيو! ڇا پيو چئين!“

چيائين. ”پڌ! منهنجا منا پڌ! ڌرتيءَ تي هي رهندڙ انسان. هي سرشتي اڄ وڏي لوڏي ۾ آهن. وڏي طوفان ۾ آهن!! ڪجهه نهندو! ڪجهه ڊهندو!!

ارتقا! عجيب منزل کي اچي پهتي آهي. هي سارا ملڪ. ساريون حڪومتون ختم ٿينديون! ۽ تمام جلد. بس هڪ صديءَ جي اندر. سڄي هن ڌرتي تي. هڪ حڪومت ٿيندي! جهيڙا ٿيندا. جنگيون ٿينديون. سڄي ڌرتي سڙندي! پر جيڪڏهن انسان عقل کان ڪم ورتو ۽ انصاف کي اڱتان رکي. برادرانه ماحول ۾ جيڪڏهن فيصلا ڪري گڏجي ملي پائر ٿي نئين دنيا ناهيندا ته بچي ويندا نه ته الائي ڇا ٿيندو!

هي پاڙيسري يا پرديسي ديسن ۾ جيڪي ڏماڪا پيا ٿين، اهي انسان ذات جي لاءِ سبق آهن، جيڪڏهن ڪير سکي يا ڪي انسان تمام اڳتي وڌي ويا، جن علم جي روشنائي حاصل ڪئي ۽ هنر جي بادشاهي حاصل ڪئي. ڪي اسان وانگر وڃن جهل جي ڪاريءَ واريءَ ۾ گم ٿيندا. ايڏو ته فرق اچي چڪو آهي، جنهنجو ڪو حد حساب آهي ئي ڪونه! بس انهيءَ اوچ نيچ جي ڪري، هي ڏماڪا ٿين ٿا! ڪير بچندو، ڪير مرندو! ضرور جاهل پوئتي پيل گروه ختم ٿيندا. هي ڪاهيون آهن، جن ڪي درياه اچي پريندا، بس اها ڪشمڪش آهي. هي ڇو آهي؟ ان تي ته ڪتاب لکي سگهجن ٿا!" هڪ ڀئي ڪي چيو، "توکي ڪهڙي اچي فڪر ورتو آهي ۽ بيقرار ڇو آهين؟"

"ها! مان انسان آهيان!!" هنن جو عذاب منهنجو عذاب آهي. يورپ، امريڪا، ايشيا ۾ ڪيترا ملڪ آهن جي اڳتي وڌي ويا. منهنجي وطن جا ماڻهو به ڪجهه اڳتي ٿين ها ته چڱو!"

هڪ ڀئي ڪي چيو، "يار! تون ته فيلسوف بنجي پيو آهين."

چيائين، "سورن، ڏکن، دردن، ڏکن، تاپن، پورن، چڪرن، محبت، مڪرن، سڪڻ، سڪڻ، مرڻ، ڳرڻ، چڪيا چڙهڻ، ملڻ، جهلڻ، لکڻ روئڻ، ڏسڻ، ڏيڻ مطلب ته هزارها رنگڻ چڙهڻ کان پوءِ، فڪر ۾ گم ٿي ڳولڻ ڦولڻ جي عادت پئجي وئي. هيءُ ڇاهي، هو ڇاهي. اهڙي دل احساس واري ۽ انسان گڏ سڀ ڳالهه ڏسي، ان جو سبب سلڻ ۽ ڳولڻ جي پچ پڇان واري نصيب ٿي. هر وقت جاڳڻ کان پوءِ هميشه پريشان، حيرت ۾ حيران، ڪنهن ڪنهن جي ياد، اڳيان پويان درد اچي سامهون بيهاري، پاڻ به روئي ۽ مون کي به روئاڙي. بس دوست اهو ئي منهنجو نصيب هو! مان انهيءَ ۾ خوش آهيان! شل روئيندي روئيندي دم نڪري! بس اها ئي ڳالهه آهي، جنهن ڪري تو مون کي فيلسوف سڏيو."

چيومانس، "هينئر ته فقط توکي فيلسوف پئي سڏيم، هاڻ جڏهن روئڻ جون ڳالهيون پيو ڪرين، پوءِ ته تون عاشق به آهين!"

وراڻيائين، ”بس تون بہ سڌرئين ڪونہ! جهڙو هئين، اهڙو آهين! هاڻ ٻڌ! هاڻي هيءَ ڌرتي اڇي ٻڌڻ واري ڪن ۾ پهتي آهي. تون ٻڌڻ جا سبب پڇندين، بس اهو ئي اوچ نيچ وارو قصو. جو جوانيءَ ۾ هڪ ٻئي وٽ ويهي ويچاريندا هواسين. سرمائيدار، مزدور، زميندار، هاري وغيره وغيره ها نہ!! پر هاڻي اها بيماري تہ ضرور آهي. پر انهيءَ ڪان بہ وڏيڪ ۽ ان سان گڏ، ٻي بيماري جا زور آهي. اها آهي انساني محبت، قدرت ۾ عبرت، قادر جي الفت جو نہ هجڻ، دلين جو ويران ٿي وڃڻ، هٿ جي ناهيل مشين جي انسان تي سواري، دماغي ارتقا، اولهہ ۾ تہ اها اوج تي آهي. سيارا بہ لتاڙي وئي آهي. مگر هت اسانجي ملڪن ۾ ۽ خاص طرح نام نهاد مسلمانن جي ملڪن ۾ تہ ارتقا جو نالو ئي ڪونهي. هڪ خطرناڪ جمود آهي. انهيءَ ناهمواريءَ جي ڪري، جيئن اتل جي وقت پاڻي هيٺاهينءَ تي ڪاهي پوندو آهي، ائين طاقت بہ پنهنجي جڳهہ والارڻ چاهي ٿي، هيٺاهين تي ڪاهي اچي، اتي جي جهر جهنگ ۽ نااهل انسان کي ٻوڙي، ناهمواريءَ کي همسري تي آڻڻ گهري ٿي. تون جلد ڏسندين، هن ڌرتيءَ تي طاقت پنهنجي طاقتوارن جي هٿان، طاقت جو مظاهرو ڪندي ۽ هت بم وسندا. انهيءَ طوفان جو هتي جي ماڻهن کي ڪوبہ احساس ڪونهي. هو نظر ڪان ايڏو محروم ٿي ويا آهن، جو هو سواءِ پنهنجي پيٽ جي ٻيو ڪجهہ ڏسي نٿا سگهن. ٻئي طرف جت طاقت آهي، ات انساني محبت ۽ پنهنجي خالق سان الفت گهٽ آهي. اهي بہ صرف طاقت جي نشي ۾ مخمور آهن!! دوست توکي ڇا ٻڌايان! ڪاري رات آهي، سمنڊ جا ڪُن آهن، ڄاڻ ڪونہ ڪو طوفان هن ڌرتيءَ کي وڪوڙي وڃي، انسان جون ڇيخون ٿين، زندگيون سڙن، جلن ۽ ڦتڪن، هي بني خالق جي سهڻي ڌرتي ويران ٿئي! هاڻ ٻڌاءِ تہ مان اداس ڇو نہ ٿيان، ڇو نہ مٿو اگهاڙو ڪري ڌوڙ مٿي ۾ وجهي پٽيان ۽ روئان!

هڪ ٻئي کي ڇيو، ”اڙي يار! ڪيڏو نہ وچي پري پئين! مون کي ٻڌاءِ تہ تون ايترا سال ڪٿي هئين، وطن ڇو ڇڏئي، ڪٿ وئين.

ڪيئن وئين ۽ ڪيئن موٽي آئين؟ مان ٻچان هڪ ڳالهہ. تون وري وڃيو ڪٿي رسين!!"

چيائين، "پلا يار ٻڌ منهنجي ڪهاڻي!"

سنڌ جي سورن جو حال تہ سڀ معلوم اٿئي! تون بہ روئندو هئين ۽ مان بہ روئندو هوس. تو بہ پراڻي سنڌ ڏٺي ۽ مان بہ ڏٺي! بس الائي ڇا ٿيو! الائي ڪهڙو طوفان آيو! سنڌ جي نياڳن ماڻهن ۾ ڪو بہ نظر وارو ڪونہ هو جو ڪٽي پين کي خبردار ڪري، جيڪي بہ ٿي نظر وارا هئا، تن کي ڪنهن بہ ڪونہ ٻڌو. هن طوفان ۾ بنا ڪنهن جنگ جي بنا ڪنهن ٻوڏ ۽ اٿل جي سنڌ سڄي ٻڏي وئي. فقط نعرن ۽ چند پيٽ جي پوڄارين، لقب ۽ القابن وارن، زميندارن ۽ سرمائيدارن جي ٿڳي جي ناهہ ۾ ڦاسي، سامراج جي چڪر ۾ اچي ڏاڍا وڏا نعرا هڻي. پنهنجي هٿن سان پنهنجي منڙي سنڌ جي ٻيڙي ٻوڙيسين! هن زمين جي هزارها ورهين واري تهذيب، زبان جنهن ۾ دنيا لاءِ هڪ خاص پرت جو پيغام آهي. شاهہ، سچل، سامي ۽ جا آستان، سندن ڪلام سڀ ٻري ٻور ٿيڻ لڳا. تڏهن دل چيو تہ هاڻ سنڌ ۾ رهڻ ڇا لاءِ ۽ ڇو! بس سنياسي ٿي، سنڌ جي ڏکن کي روئندو ۽ رڙندو وتان! من کو مظلوم سنڌ جي دانهن ٻڌي. من ڪو ٻڌڻ ڪان ٻچائي. بس اهي ڏک هئا، جن مجبور ڪيو تہ سنڌ ڇڏي وڃان. ڪيئن وڃان، ڪاٿان وڃان، ڪيترن ڪان ڏس پڇيم پار پتا پڇيم، پر ڪنهن بہ دستگيري ڪانہ ڪئي. آخر هڪ ڏينهن خيال ڪيم تہ مرڻو تہ هونئن ئي آهي. پوءِ ڇو نہ سنڌ لاءِ ڏڪندي ٻچندي مري وڃان، پوءِ تہ ڪٽي منهن ڪيم. پاڻ سان ڪجهہ بہ ڪين هوم، بسواءِ چند نوٽن جي سي بہ ڪٽي اڱٺ جي اندر لڪايم. ننڍڙو ٿيلهو جنهن ۾ چار ڪپڙا، چار ڪتاب هئا، پاڻ سان ڪنيم. ڪٿ بس ۾ ڪٿ ريل ۾، ڪٿ پنڌ، بہ ٿي هفتا گذاري، اچي مارئي وارن ماڳن تي پهتس. بس پربت پٿون هيون، ڪڏهن لهان پيو، ڪڏهن چڙهان پيو، ڪٿي ڪنهن کي منت ڪيم، ڪٿي ڪنهن کي چار ڏوڪڙ ڏنم، مارو ماڻهو، دل جا اڇا پر نهايت معصوم تن کي ڪهڙي خبر تہ

مان ڪير آهيان. حيران ٿي پيا! ڪجهه ٻڌائن به پيا!! بس چارا هجن. نه پڪا رستا. نه وري وڏا ڳوٺ. بس ڪٿ ڪٿ چار گهر هجن. وڻ هجن، نمون هجن، سرهن هجن، وچيو انهن جي وچ ۾ وهان! توال وڃائي، مٿن ڪان ٿيلهو رکي سمهي پوان. ڪتان ڪو پاڻي وٺي پيان. انهن وٽن سان پيو وندر ڪيان. وري ساه ڪٽي، ڏينهن جي روشنائي ٿئي، ته ور وجهي، هڪ هٿ ۾ بوٽ ته ٻئي ۾ ٿيلهو، مٿو اگهاڙو، وري سلوار سوٽ سڀ ٿيلهي ۾ سلهيڙي ڇڏيم. لوئي ناسي، سا ڪٽي گوڏ ڪيم. پوءِ ته سچ پچ هڪ جوڳي ٿي پيس، هڪ سنياسي ٿي پيس، هڪ فقير ٿي پيس. ڪٿ ڪٿ ڪو ماڻهو پئي مليو. هن کي گڏ پئي ڪنيم. مارو ويچارا موڳا ۽ ويڳاڻا. تن کي کهڙي خبر ته مان ڪير آهيان. ڪاٿي ڪاٿي ڪن ڳوٺن ۾ يا ڪن ٿاڻن تي، کي اهڙا ماڻهو به هجن. هو جاسوسي ڪن. ته ڪو دنگ ته ڪونه ٽپي ٿو. ڪٿ برهمڻ، ڪٿ جوڳي، ڪٿ سنياسي. جاسوس جوان به استاد ڪان وري پننت پڇن، پوڙيون پڇن، گيتا جا گيت پڇن. ڀلا اسان جهڙن جوڳين کي کهڙي خبر ته پنٿ جا ٿيندا آهن ۽ ويڏيون جا ٿينديون آهن. اچي ماڻهو منجهي. اهي ملاقاتون ڪڏهن اڌ رات جو ڪڏهن اَسُر جو ٿيو پون. بس ڪونه ڪو آيئي اکيون هنيو ڇڏي ته هو ماڻهو جاسوس اٿئي. پڇي وچ نه ته سپاٽي پڳڙيون ٿي ويندين. پڇي وچ! پڇان به ڪاڏي. رات اونداهي بس ڪونه ڪو خدا جو بندو وٺي، چاري بيهاري چوي ته اهو ٿي چارو، اهو ڏئي نڪ جي سامهون هليو وڃ. بس پوءِ ته جاسوس جو خوف، پوليس جو خوف، ويچارو واٽيو ماڻهو چا ڪري. نالو ته اڳئي سندر داس هئم. نالو به ڏاڏو منو، هڪ منهنجي پياري دوست شوڪت جي پيءُ جو نالو به سندر داس هو. هاڻي ويچارو سندر داس وڃي ته ڪاڏي وڃي. اڌ رات، پيو اونده، اچي پنڌ کي پٽيم. هڪ خوف ته پڪڙجي نه پوان، پيو ڪنهن ٻي دنيا ۾ وڃڻ جو شوق. بس پوءِ ته فقير جي ڪڙي ڪڙيءَ سان. بس اچيو صبح ٿئي، هيءَ! هيءَ منري سنڌ جي منڙي ٻولي اچان پيو ٻڌان. پري گهر هجن، ويچارا مسلمان

مارو هاري، پيا هڪ ٻئي کي سڏ ڪن، هت برسات پوڻ ڪري، ڏاڍيون ساوڪون ۽ بهاريون آهن. آواز ٻه پري پري ڪان اچيو ڪن تي پون. ”اڙي اتي منو! هل ته پوک تي هلون. بس ڪٿ ڪٿ پٽن جي وچ ۾، ساون گاهن جا ميدان هجن، ڪٿ ڇانهن جون وليون هجن، ڪٿ گلڙا هجن، بس هي سڀ منهنجي سنڌڙيءَ جي سيني تي سينگار هجن. بس فقط ٺري سنڌي ٻولي هجي، پيو ڪوبه ڏاريو نالو نشان به ڪونه هجي، ويچارا مارو، اجا تائين مارو آهن. وڏن شهرن جي برائين کان محفوظ، ڌوڪن کان پاڪ، سادا سباجهڙا سنڌي، مذهب جو نه نالو نه نشان، اها ڏکار ۽ نفرت جنهن مذهب جي نالي ۾ سنڌ جا گهر تڙ سڀ برباد ڪري ڇڏيا. اها ات پنهنجي مارن وٽ ڪانه ڏنم. اها ئي باقي سڄي سنڌ هئي. ائين ڏينهن جا ڏينهن گذرندا ويا. سامي ويچارا پنهنجي ويراڳ ۾ جهنگلن مان منزلون پوريون ڪندا هلندا هلن. هي جوڳي به اڪيلو اڪيلو هلندو پئي هليو.

ڪڏهن مسافري پوري ٿيندي، بس اهڙي طرح سان قدم ڪڏهن ٿڪا، ڪڏهن مانا. پير اگهاڙا، هاڻ ته پيرن ۾ ڇالا به پئجي ويا. وري ڇاري سان ڪنڊن وارا پوڙا به هجن. انهن کي به لتاڙٿو پيو پوي. اهي ڪنڊا اچيو لوئي ۾ ڇين، منهنجي مٺي مارن واري لوئي به ڪنڊن سان پرجي وئي، وري اهي اچيو هڏڙن ۾ ڇين. پير اگهاڙا اچيو پيرن ۾ ڇين، مارئي وانگر ديس کان دور پرديس جو جوڳي اڳئي هوس، ويتر مون سان ته سسئي جا سور به اچي ساٿي ٿيا. اهي ڏونگر، اهي پٽون، هت ڪٿ ڪٿ ٽڪر به هئا، بس پوءِ ته سسئي جا سور به اچي شامل ٿيا. مارئيءَ وارن وڇوڙي جي ساٿين ته اڳئي اچي ساٿ ڏنو هو. هيڏانهن هوڏانهن ڦري اچيو اڳتان بيهن ۽ پنهنجا پيارا عزيز دوست، اهي ڳوٺ، اهي اسڪول، اهي گهٽيون ۽ پاڙا اچيو ياد ڏيارين ۽ رئاڙين ۽ وري مٿان ڇون ته هاڻ جوڳي ات پهتو آهي، جت پوين کي ملڻ ته پري رهي پر موت ڇاڻ اچي دم پورا ڪري. سسئي جو سور به جوڳيءَ جي پيرن ۾ رت ڇالا، لوئي تي رت جا ٽڪا ڏسيو، اڄ ۽ ٽڪ

ڏسيو! اڇيو ڪن ۾ سرٻات ڪن. ”هائو جوڳي سسئي ويچاري ٻه ساڳا سور سنا هئا. ڪشالا ڪڍيا هئا. پر هن ڪي ته پنهل جي وسڻ جي سڪ هئي، توڪي ڪهڙي اڇي لاچار ڪنيو جو اڇي پاڻ کي هيڏين مصيبتن ۾ اڙايو اٿئي!“

چيم بس منـڙا! منهنجو به هڪ پنهل هو! منهنجو وطن! جو لتجي ۽ ڦتجي رهيو آهي. بس اهو سنو ڪين ٿيو. بس انهيءَ جي درد ۾ جوڳي ٿي، رئندو ۽ رڙندو وتان. بس پوءِ ته مون سان هي طرحن جا سور پور ساٿي ٿي ويا. هاڻ ته هڪ جي بدران هزار ٿي پياسين. اڄوڪو ڏينهن به اوڪو ڏينهن آهي. هڪ رڃ وري پاڻ سان پاٽي به ڪونه. اڃي ڏرتتي ٿي. بس پيو وري اڃ. ڳوٺ به ڇڏي آيس، آخري ڳوٺ به پـه ميل ڇڏي اڳتي پهتس. هاڻ ته پير به جواب ڏيئي بيهي رهيا. چپ خشڪ ٿي ويا، اڃ ته ايڏو اڇي گهتيو جو بس بيهوش ٿيڻ لڳس، ٻه ٽري ڏنم. ڪري پيس، جي پرسان ويهي رهيا. جن کي چيم، ”پاٽي! پاٽي!“ ”اڙي جوڳي هت پاٽي ڪٿي آهي. پاٽي توکي ڪير پياري! اسين بي وس آهيون!“ بس پوءِ هڪ ڪرڙ جي اولڙي ۾ ڪري پيس. هوش گم ٿيڻ لڳو. دل ۾ چيم، نيڪ آهي هت ئي موت اچي! شل هنن مارئي جي واريءَ وارن دڙن ۾ مون کي پورن. ائين چوندي اکين کي ڪٽي پوريم. ڪجهه وقت ڪان پوءِ هڪ ٽري هٿ ڪان وٺي ڪن ۾ چيو، ”پاٽي جو گهڙو اڄهه پيو پاسي ڪان وجئي. اٿ مڙسي ڪر. پاٽي جا ٻه ڍڪ پي! اسان کي ته نتو ملي. من توتي ٻاجهه ڪن!“ اکيون کوليم. همت ڪري اٿي وينس، ڏنم ته هڪ حسين ڪڪي تيرهن چوڏهن ورهين جي، ڏسڻ ۾ ڀيل ذات جي پئي اچي، گهڙو پاٽي جو مٿي تي کنيو پئي وڃي! همت ڪري اٿيس، ڊوڙي اڳ ورتومانس، چيومانس، ”امان! مان تنهنجو پي آهيان! مان مران ٿو مون کي پاٽي پيار!“ هن سڪ واري ٻچڙي منهنجي سڪ جو سڏ سڪ سان ٻڌو. بيهي رهي، روبرو ڏسڻ سان حيران به ٿيس. هن پنهنجو گهڙو منهنجي ٻڪ ۾ نوايو ۽ مان پاٽي پيتو. ايترو پيتم ۽ ايترو وهي ويو، جو ان جو گهڙو

خالي ٿي ويو. ڏسندي رهي تہ ڪڏهن ٿو بس ڪيان. جڏهن پيٽ پريم تہ نياٽي گهڙو وري مٿي تي رکي رمندي رهي. ڳالهايائين ڪونہ. پر سندس اکين ۾ جا ٻاجهہ ۽ ترس هو، تن منهنجي سيني تي سندس مورت هميشہ لاءِ چٽي ڇڏي. ڇا هي خدا جي طرف کان ڪو ملائڪ هو، نہ هي هڪ ملائڪ صفت انسان هو. جنهن منهنجي جان ۾ نئين زندگي پيدا ڪئي. هنن ٻن ترين بہ منهنجي لاءِ ڪانئس پاڻي گهريو، پر هنن کي جواب بہ نہ ڏنائين. هنن ڇيو تہ هو شڪي ٿي هئي تہ شايد هي ٽن جو ٽولو، ڪہ ٺڳن جو ٽولو هو. پر پوءِ منهنجي دانهن وڃي سندس دل تي اثر ڪيو. بس ائين منهنجي جان بچي.

هي ٻہ تري ساٿي رستي جا ساٿي ٿي پيا. مان برهمن، تنهن ڪري منهنجو وڏيڪ خيال ڪيائون، مون کي اڄ ۾ لڇڻ وقت چيائون تہ ميل ڪن پنڌ تي هڪ تلاءُ آهي، اتي پاڻي ملي سگهندو پر هلڻ جي طاقت مون ۾ ڪانہ هئي تہ قدرت پنهنجي شفقت سان معصوم نياٽيءَ کي منهنجي جان بچائڻ لاءِ وارد ڪيو ۽ منهنجي جان بچي وئي. سڀئي وارن سورن ڏاڍي خوشي ڪئي.

هاڻي ٽي ساٿي ٿي پياسين، اڳتي هلڻ لڳاسين، بس سڏ پنڌ مس ڪيوسين تہ زمين آباد ٿيل هئي، جنهن ۾ ڇاهين جون وليون هيون ۽ چڱا ڇانهان اتي هئا. شايد هوءَ نياٽي بہ پاڻي ڪٺي هن زمين جي هارين ڏانهن پئي آئي، بس پاڻي پيئڻ کان پوءِ بہ پياس پوري ڪانہ ٿي، هاڻي تہ ڇانهان ملي ويا، بس هي تر جا ڇانهان ڇا چئجن. هنداٽا هنن کي نہ چئبو، ڇاڪاڻ تہ هي منا ڪونہ ٿين بلڪل ڦڪا. پر پاڻيءَ سان پريل، ڇانهون پيچي ڇانهين جي پاڻيءَ سان پياس لاهي ڇڏجي ٿي. دل چيم تہ جي اڳ ۾ خبر پوي ها تہ جيئن تيئن ڪري هتي پهچي وڃجي ها. خير ڇانهان پيجندا ۽ پيئندا پئي وياسين. هاري ويچارا جي بہ پيل هئا، تن پيار سان ڇانهان چنڻ ڏنا.

منهنجي ٻن ساٿين ترين کي سگريٽن جون نديون دٻيون هيون، انهن هارين کي وزم هٽايو، بس هاري انهيءَ ۾ ئي خوش ٿي ويا.

سج جي گرمي اڃان جاري هئي، مان هنن ساٿين سان احوال ڪيو ته مان جوڳي آهيان، پاڙي واري ملڪ ۾ پنهنجي عزيزن ڏي وڃي رهيو آهيان. هنن همدردي ڏيکاري مگر مجبوري به. بس اڃان ٿورو اڳتي وڌياسين ته پاڻيءَ جو تلاءُ نظر آيو، پر پاڻي اهڙو گندو هو جو پيئڻ کان تمام گهٽ درجي جو هو. ميرو ۽ بدبوءِ دار. اڃ ۾ ته اهو پاڻي به وڏي همت هو، پر اڃ ته هاڻ پري ٿي وئي هئي. اڳتي هلياسين ته ٻه مڙس هڪ اٺ جي ولر تي سوار اچي لنگهيا. مان ٻاڻ ڪي جوڳي گهٽو چوايان پر هنن ٽرين ۾ مون ۾ گهٽو فرق هو. شايد انن وارا هنن منهنجن ساٿين کي سڃاڻندا هئا. تن ڪلي هنن کان پڇيو ته هي واٽيو ته سنڌ جو آهي، ڪو شڪار مليو اٿو. هنن ته هنن کي تارڻ لاءِ چيو ته مان سندن مائٽ هوس، پر انن وارا مسلمان هئا. تن سمجهي ورتو ته مان ڪو ٻاڳوڙو آهيان. اهي ڪلندا ۽ هنن ڏي نهاريندا ويا. منهنجن ساٿين چيو ته اهي مسلمان آهن ۽ ڪٿي ڪنهن پوليس جي چونڪيءَ تي پوليس کي نه ٻڌائين، تن وني مون کي ٻچايو، ٻچندا وڃون، لڪندا به وڃون، وري پري کان هڪ ولر زالن جو مٽي تي دلن سان نظر آيو. پڇيومان ته هي وري ڇاهي، چيائون ته هتي هڪ کوه آهي، پاڙي جا ماڻهو ميل ٻن کان هتي اچي مال کي به پاڻي پياريندا آهن ۽ پاڻي به ڀري ويندا آهن.

ڏنم ته همراهه مڙئي جند ڇڏائڻ جي ڪوشش پيا ڪن، آخر هلندي هلندي اچي ٽپهري ٿي. هنن مون کي ڦٽي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هڪ ننڍڙو ڳوٺ ان جي ٻاهران اچي مون کي وڻ هيٺ ويهاريائون. ٻاڻ ٻچي هليا ويا. ٿوري دير کان پوءِ هڪ ننڍڙو نينگر اچي منهنجي پرسان لنگهيو. چيومانس بک لڳي آهي. ڪو ٽڪر ڳيو ڪونه ملندو. هو مونکي پنهنجي گهر وٺي هليو. هن جو پيءُ ڳوٺ جو مکي پٽي ڏسڻ ۾ آيو. هن سان مان سڄي ڳالهه ڪئي ته مان هندو ماڻهو آهيان. سنڌ ڇڏي هند وڃڻ ٿو گهران، جتي منهنجا عزيز آهن. ويچاري چڱي همدردي ڏيکاري، ڪجهه ڏوڪڙ به ڏنامانس. رات وٽس رهي پيس، هي ڀيل ماڻهون ڳوهون وغيره کائيندا آهن، سندس گهر مان

ڪنهن شئي جي ترڻ جي باس پئي آيم. پانيم ته هيءُ سڀ منهنجي لاءِ مهمان نوازي آهي. پر تريل ڳوه ڪيئن کائبي. مکي صاحب چيو ته اڄ تر جي سوڪڙي مون کي تري کارائيندا. مان چيو ته مان ويشنو آهيان. ماس ڪونه کاوان. ويچارو ڏاڍو ملول ٿيو. چيومانس دال ۾ ڊوڊو کاراءِ. بس پوءِ يڪدم دال جي سُري ۾ هڪ ٻاجهري جو ڊوڊو اڳيان رکيائين.

بک ته هئي پر دل کي ڳوهن جي ٻچان، البت برغلائي ڇڏيو هو، دال به کانه کاذم چيم ته متان کني ۾ ڳوهون رڌيندا هجن. باقي ٻاجهريءَ جي ڊوڊي ڳڙڪائي ويس. چيم ته هيءُ ڳوٺ آهي متان کو ڏسي وٺي، تنهن ڪري مکي کي چيم ته مون کي دڳ لائي، هڪ همراهه گڏ ڏنائين. صبح سان وري اهي ئي ٻٽون، اهي ئي ٽڪر، اها ئي هيٺ مٿي لهڻ چڙهڻ، اهي ئي ڪنڊا ۽ پيرن جون لڦون. ڪٿ ويهيو رهان، ڪٿ سمهيو پوان ۽ ڪٿ وري هلان. همراهه مکي وارو البت ٽڪو طبيعت جو هجي، سخت ڳالهائڻ لڳو. "واٽيا! هن عمر ۾ خانو خراب ٿيو ٿي، هي به ڪا عمر آهي جو پيو ٿاٻا کائين. ٽڪو هل. هت مائٽن جي ملڪ ۾ ڪونه آهين. هيءُ ڇٽ اهڙا ٻچڙا اٿئي جي ڪنهن جي ور چڙهي وياسين ته تنهنجون منهنجون پڳڙيون ٿي ويندين. منهنجي هوريان هلڻ ڪري ڏاڍي ڪاوڙ پئي اچيس.ڏنڊي هٿ ۾ هئس، پانيان پيو، ڪاٿان وهائي نه ڪڍي. موچڙن ۽ گارين جي خوف کان، ٽڪو هلڻ لڳس. اهي ئي اجون، اهي ئي بڪون. اهي ئي ميل ٻن کان پوءِ ڇانهن جون وليون، ڪٿي ڪٿي ته گاهن جا دنگن جا دنگ هجن. ڪانا ڏاڍا وڏا همراهه چيو ته هيءُ هتي، برسات جي ڪري ايترو گاهه ٿئي جو انهن جو مال ته کائي پر پوءِ هزارن ايڪڙن جي انداز ۾ هيءُ گاهه بيڪار ٿيو پوي. ڊوڙائيندو به هلي، ڳالهائيندو به هلي. آخر اچي ساڳي ٽيهري ٿي. وري اچي هڪ ڳوٺ جي ويجهو ٿياسين. وٽن جو جهڳٽو هو ۽ ڪجهه آبادي به هئي، چيائين، "ويهه مهتا هت!" ساڳيو ٿوال وڃائي، مٿي هينان ٿيلهو رکي وٽن هينان سمهي رهيس، هي وڃي ڳوٺ مان

پاڻيءَ جو گهڙو بہ ڪٽي آيو ۽ لوٽو بہ. ڏاڍو ٿڪل هوس، سمهي پيس، ننڊ بہ ڏاڍي پئي اچي، پر سج جي اولهہ پاسي هلڻ ڪري، چانو بہ هڪ هنڌ تڪ ڪانہ پئي ڪري. هر هر ٿوال ڪي پيو گهليان. بس باقي ڏينهن جا ٻہ ٽي ڪلاڪ ائين گذري ويا پر جيئن منهن اونداهي ٿيڻ لڳي، اڪيلو اتي رهجي ويس، تہ ۾ بہ عجيب ڇهڪتا آهن. الائي رڃ جي ڪري يا واريءَ جي پٽن ڪري. بس ائين پيو ڏسان، او هوڏانهن موٽرون آهن، ٽپيون ٿيون اچن، جيپون آهن، پر ٻتي ڪانہ اٿن، باقي ٻوٽا آهن ۽ ماڻهن سان ڀڄندا هوڏانهن پيا اچن، آواز بہ ڪونہ اٿن، وري هن ۾ ڏسان تہ ٻري هڪ خاصي لانڍي آهي، تن ۾ ماڻهو پيا گڏ ٿين، ڪي وري لانڍي جي ڀڃرڻ ۾ هٿ وجهيو مون ڏانهن پيا نهارين. هي سئنيما جا پردا ڪيئن پيا اچن ۽ ڪيئن پيا ٻرن. ڪڏهن ڏاندن واريون گاڏيون نظر پيون اچن، اڪيلائي ۽ اونده ڪري پريشان بہ پيو ٿيان، پر دل ڪي يقين هوم تہ هيءُ سڀ واري جا رنگ آهن. حقيقت ۾ ڪجهہ بہ ڪونهي. جيڪڏهن اعتبار ڪيان ها تہ وني ڀڄان ها. آخر هيءُ ناچ راڳ پوريءَ اونداهي تائين هلندا رهيا. رات اچي وئي. همراهہ منهنجي لاءِ دال ۽ ڊوڊوڪٽي آيو. ڪارايائين ۽ چيائين تہ رات چانڊوڪي آهي، اٺ ياڙي تي ڪيو هئائين. رات لڙيءَ اٺ تي چڙهي اڳتي هلبو، دل ڪي خوشي ٿيم، لوئي لاهي ٿوال ٻڌم، سمهي پيس، اونداهي هئي، گهڻي وقت کان پوءِ ٻوڙن جي سرير ٿي، همراهہ اچي مٿان بيٺو، جاڳ تہ اڳئي هئي. البت خمار هو، ”اٺ يائي ٻڌ تيڙ. اٺ اچي ويو آهي.“ اٺ واري ڪان اٺ وني، ٿورو پريرو مون ڪي اٺ تي چاڙهيان ۽ پاڻ بہ چڙهيو. ان تي پاڪڙو تہ هو پير رڪيب بہ ڪونہ هوس، بس پوءِ تہ اٺ اٿاري وني اٺ تي بانوڙا وسايئين.

دل ۾ جا خوشي هئي تہ اڄ اٺ جي سواري ڪبي سا ختم ٿيڻ لڳي، ٿوري پنڌ کان پوءِ پانيم تہ هاڻي ساهہ ويو، ڪري پوندس ۽ مري ويندس، همراه سان ڪجي بہ ڪين سگهان، خبر بہ ڪانہ پئي پوي تہ ڪٿي آهيان، پوءِ تہ هئي ڇندڇاڻ، بس ڇڙبوپيو وڃان، اڳئي پنڌن ۾

جهريل، وري جو اٿ جون اڇلون، تن هٽي ماري وڌو. رڪيب ٻه ڪونه هجن. ڏاڍو مجبور ٿي پيس، پر پوءِ لوئي وتي، ٻنهي پچاڙين کي ٻڌي، پاڪڙي جي وچ واري ٻنين تي رکيم ۽ ٻنهي پاسي هيٺ لوئي کي لٽڪايم ۽ چڙ ته رڪيب ٿي پيا ۽ پير لوئي جي لڙڪندڙن ڳنڍين ۾ اٽڪايم. هيءُ سڀ چوري چوري ۽ هوريان هوريان سڀ ناهيم. پوءِ البت آرام ٿيو ۽ اٺ پنهنجي رفتار سان ۽ لوڏ سان هلندو رهيو. بس ڪڏهن پٽن تي ته ڪڏهن ڳوٺن مــان وهندو پئي ويو. هاڻ ته رات جي چانڊوڪي ٻه ٿي وئي. ڳوٺن مان جڏهن لنگهون پيا ته پٽين جا پاچا، ڪتن جون ڀئنڪون ۽ وري ڪڏهن ماڻهوءَ جو آواز. دل دهلجيو وڃي. همراهه ٻه ٻانن سان اٺ ڊڪائيندو هلي، ڪڏهن چوي ته هيءُ فلاڻي راڻي جو ڳوٺ. هي هن راڻي جو. هيءُ راڻو ڏاڍو طاقت وارو آهي. بس ائين هلندي هلندي اچي هڪ ڳوٺ ۾ پهتاسين. رات هاڻي تمام پوئين ٿي وئي هئي. ڳوٺ جا ماڻهو اڃا ستا پيا هئا. ڳوٺ مان اچي هڪڙي پرئي مڙس کي اٿاريائين. اٺ ڪان پري وڃي هن کي ڪجهه چيائين. پوءِ مون کي هنڌ ٻه مليو ۽ کٽ ٻه ملي ۽ گول لانڍي جي در ڀرسان سمهاريائون. صبح جو وري انهي گندي جهڙي گول لانڍيءَ ۾ ويهاريائون. بس ڏينهن جو ڳوٺ جا ماڻهو مون کي ملڻ ۽ ڏسڻ لاءِ پيا اچن. چڙ ته ڪو مان وڏو ساڌو اچي ويو هوس. بس اهائي ٻاجهريءَ جي ماني ۽ دال. البت ٻه گرهه ٻاجهريءَ جا کائي پئي وقت گذاريم.

واچ مــون وٽ هئي، هڪ نوجوان منهنجي واچ ڏسي مــوهجي پيو. واچ مون کان گهريائين، هاڻ ته اچي ڦاٿس، خير مون وارو همراهه ٻه آيو. چيائين ته هن پر هلڻ جون راهون بند ٿي ويون، سمنڊ جو پاڻي اچي ويو آهي، هاڻي هن پر ٽپڻ ڏاڍو مشڪل آهي. ڏک تــه ڏاڍم ٿيم ته وطن ٻـه ڇڏيم، هاڻ ته پوئتي مـوٽڻ ٻه اهنجو، پر جيـڪي ديس ڇڏي پرديسي ٿين، جيـڪي پنهنجي منزل جو فـيصلو ڪري ڇڏين، انهن جي لاءِ موٽڻ مهڻو آهي. همراهه کي ڏاڍيون منٿون ڪيم. هن چيو ته پاڙي واري ملڪ جا پئسا ٻه گهربا. ڏوڪڙ ڏيانس ته متائي اچي، اهڙي طرح

ڪجهہ رقم بہ ڪيڻي ويو، شام جو آيو صفا جواب ڏئي ويهي رهيو. رقم بہ ڦٻائي ويو.

ڏاڍو مايوس ٿيس، آخر هڪ پير مرد آيو، جنهن کي دل جو حال ٻڌايم. مان واٽيو ماڻهو هاٽي چٽن جي ملڪ ڏي موٽي وڃڻ ڏاڍو محال پيو لڳي، ترس بہ کاڌائين، ڪجهہ رقم بہ گهريائين. ڪجهہ نہ ڪجهہ ڏنومانس، سومهڻي جي وقت آيو، اونده هئي، چيائين تہ لوئي ٻڌ ۽ ٿيلهو کڻ تہ توکي وٺي هلان. بس جڏهن دل ۾ عشق هجي، وطن جو سور دل ۾ هجي، تڪليفون ضرور آڏو اچن، پر وجيو انسان پار پوي. هڪ پيرن ۾ ڦٽ، ٻي اٺ جي مار، ٽي پيري، چنگهون هلڻ جي ڪني ڪين.

**"سوريءِ سڏ ٿيو ڪا هلندي جيڏيون**
**وڃن تت پيو، نالو نينهن ڳنهن جي."**

بس تہ هيءُ پوڙهو اڳتان مان پوئتان. هن کي لٺ هٿ ۾ هئي، هيءُ پنڌ ۾ تڪو، اهيئي ڪنڊاوا پوڙا اهيئي پنان، ڪٿ هيٺ، ڪٿ مٿاهين، ٻي رات اونداهي جون پويون تاريخون، چنڊ بہ دير سان ايري. پوڙهو سٽا سٽ هلندو هلي، ڪڏهن تہ اکين کان غائب ٿيو وڃي، وري وٺي سڏ ڪيانس.

"اڙي واٽيا! صفا ڀاڙي آهين! هلين ائين ٿو جڻ ساهراٽي گهر آيو آهين." بس اهي دڙڪا ۽ دٻاءُ "ڪنين جي ڪاڻ، ڪاٽيون ڪيڻ آيون." بس پهر سوا پهر پنڌ ڪيوسين، مون کي اڃ لڳي، "ڪاڪا! پاڻي."

"واٽيا! تر ۽ پاڻي! ماٺ ڪر، اجايو متو نہ ڪپاءِ، نہ تہ هيءُ لٺ ڏسين ٿو اهڙي نوڪيندوسانءِ جو ياد ڪندين. متو ٺي ڪائي ويو آهين." آخر مون کي هڪ هنڌ بيهاري ڇڏيائين، الائي ڪي بہ زال مڙس پاڻ ۾ وڙهي پيا هئا. ڪڏهن پيار جو ڪڏهن ڪاوڙ پريو ڳالهائڻ ٻڌڻ ۾ آيو.

ٿوريءَ دير کان پوءِ منهنجي همراهہ جو سڏ بہ ٻڌڻ ۾ آيو،

گهروارو يار ٻاهر نڪري آيو، پوڙهو مون کي گهر جي پرسان وٺي ويو، پاڻيءَ جو پيالو ڀري آيو، پاڻي ڏاڍو مِنو ۽ ٿڌو هو. ڏاڍي سک سان پيتم. هاڻي هيءُ گهروارو همراهه به پوڙهي سان گڏجي پيو، هي ٻه مڙس ۽ مان سنڌ جو هڪ واٽيو. هي تکا تکا پيا هلن، مان به پوئتان ٿاٻا کائيندو پيو هلان، هنن جا دڙڪا به وسندا هلن، ڪاري رات، ڪارونيار، هلندي هلندي ٻيئي ٻيهي رهيا. ”پاڻي! هي اتئي حد، هاڻي هتان سڌو ڪاٻي هٿ سان هليو وڃ.“

”تو ته پوڙها مون کي چيو هو ته مون کي پار ڪري بس تي ويهاري پوءِ موٽندين.“ مان چيومانس.

”واٽيا! مٿو ڦريو اٿيئي! اڳتي هلون ته اسين به موچڙا کائون ۽ پنهنجي ٻيڙي ٻوڙيون. وڃين نه وڃين تنهنجي مرضي!“ ڏاڍو پاڻ کي ويڳاڻو سمجهيم. هڪ ڪاري رات ٻيو ڳنڍ ڪجهه ڏوکڙ سمجهيم ته ڪجهه وڏيڪ ڳالهائيندس ته مون کي ماري ڇڏيندا. پوئتي موٽڻ جو سوال ئي ڪونه هو. ائين ڪٽي اڪيلو جهنگ ۾ منهن هنيم. ساڳيو پوڙهو پوئتان ڀڄندو آيو، گار ڏئي چيائين، ”واٽيا مٿو ڦريو ٿئي، سڌو پيو ڇاوڻي ڏي وڃين، بس هو توکي پڪڙيندا، اسان ۾ اچي موچڙا وجهندا. موت پوئي ڪاٻي پاسي تڪوري پئه.“ بس پوءِ ته صفا ڪاٻي تي وٺي وک وڌم. هو به هليا ويا. ڪاري رات هئي، جهنگ هو، منزل جي خبر ڪانه زمين پرائي، چڱو وقت پنڌ ڪيم، آخر اوچتو اوچتو وچي پاڻيءَ ۾ پيس، پاڻي پير ٻوڙ هئو، خبر ته ڪانه پئي پوي، سمجهيم ته هيءُ ”پير ٻوڙياٽي“ آهي. ڪٿ ته ٻورو ٿيندو، پوءِ زمين ايندي، مگر پاڻي جڻ اڳتي وڃان، تيئن پير ٻوڙ مان چڙهي ٻنيءَ ٻوڙ تي پيو. خيال ڪيم ته رات اونداهي، هيءُ الائي کهڙو پاڻي، درياهه آهي، سمنڊ آهي، ڪاٻه خبر ڪانه آهي، اڳتي وک وڌائڻ نيڪ نه ٿيندو. فيصلو ڪيم ته جي سمنڊ آهي يا درياهه آهي، بس اتيئي ڪڙو ٿيٽو آهي. هينان شو بوٽ هو، اهو رڪيم ۽ مٿان ٿيلهو ابو ڪري ٻيهاريم. پاڻي ڪان به تي انچ مٿي ٿي بينو، پوءِ ان تي پاڻ ڪوڙي وينم. بس عجيب گهڙي هئي. پاڻي جي

لهرن جو آواز، جانورن جون ڪوڪون ۽ دانهون، ڪڏهن هن ڪن جي پرسان ڪو جانور ڀڳو وڃي، ڪڏهن هن ڪن پرسان، ڪاشيءِ پاڻي ۾ ٽپو ڪائي. ڏسان ڪجهه ڪونه پيو، واڳو ها، ڳورپٽ ها، ڇا هو؟ ڪا خبر ڪانه پئي پوي. بس ايترو سمجهه ۾ پيو اچي، موت مٿان اچي بيٺو آهي. ڏاڍو آرام ۽ خوشيءَ سان جان حاضر ڪيم. ڇيم، جنهن محبوب جي لاءِ قرباني ڪرڻ لاءِ تيار ٿي آيو آهيان. انهيءَ جي نالي ۾ انهيءَ جي خاطر اڄ جان وڃي ته وڃڻ ڏيس.

ويچاري سهڻي ياد اچي ويم، سهڻي جا سور اچي گڏيا. هاڻي ته سيئي همراهه مارئيءَ وارا، سسئي وارا ۽ سهڻيءَ وارا اچي گڏ ڪنو ٿيا، بس صرف اهي سور هئا، جن سان پئي اوريم. ڀلا اهڙي سنگت نصيب ٿئي ته ٻيو گهرجي. موت کي ڏاڍي محبت سان سڏ ڪيم. "موت! منا موت ڀلي آئين! اڄ منهنجا اهڙا مائٽ مون سان گڏ آهن. جي منهنجو جنازو ڏاڍي ڏام ڌوم سان هنن جانورن ۾ ورهائيندا!! اهڙو نصيب!! جو هن ڪان پوءِ ڪنهن کي ٻه خبر ڪانه پوندي ته منا موت تنهنجي مون سان ملاقات ڪاٿي ٿي. موت جلد اچ!!"

گهڻو ٻاڏايم پر موت نه موٽيو. ٻه ٽي ڪلاڪ انهيءَ فضا ۾ ته اجهو ٿو دوست اچي ۽ مون کي هميشه لاءِ هن دنيا ڪان جدا ڪري. پر آخر صبح ٿيڻ تي آيو. صبح جي ٿڌي روشنائي ظاهر ٿيڻ لڳي. هڪ عجيب نظارو هو.

چيومانس، "يار هيءُ ته ڪو افسانو ناهيو اٿئي."

هن چيو، "زندگي سڄي افسانو آهي، هرهڪ انسان پنهنجي سر هڪ افسانو آهي، هاڻي ٻڌ."

چيومانس، "ڀلا ٻڌاءِ!"

"بس! هيءُ عجيب نظارو هو، رات جا دک، رات جا ڏکا! موت جو اڳيان بيهڻ!خوشي مان منهنجو مالڪوس جهونگارڻ! وري جاندارن جا ڦهڪا ۽ نهڪا! وري هي خاموش ۽ سهڻي صبح!! اميرن جو دروازو! اوير ڪان ڳاڙهي ۽ سونهري ڪڪري، جنهن تي لڪل سج پرتاءُ

هو. مار! هيءُ تہ سچو اٿاهہ ميدان پاڻيءَ جو سمنڊ نظر اچي رهيو هو. جنهن جڳهہ تي وينو هوس، اها جاءِ چوطرف پاڻيءَ سان وڪوڙيل هئي. منهنجو فيصلو صحيح هو تہ صبح تائين اتي ويهي رهان، متان اڳتي وڃي، وڏي پاڻيءَ ۾ ٻڏي وڃان. هيءُ قدرت جو حسن ڏسي، پنهنجي زندگي سلامت ڏسي، دل ۾ وري هڪ ٻئي قسم جا احساسات ڇوليون هڻڻ لڳا. سچ جي هو بچائي تہ سمورا خوف خوشين ۾ مٽجيو وڃن. سندس مهربانين جو يقين ٿيم. تحقيق جيڪي حق جي واسطي، سچ جي راهہ ۾ قربان ٿي وڃڻ لاءِ تيار ٿين ٿا. پوءِ ڀلي موت هجي يا زندگي، اهو سڀ اهڙي راحت بنجي ٿو پوي، جنهن جو بيان ذڪر کان ٻاهر آهي. سورن کان پوءِ سک جا ڪرڻا، اميد جا ڪرڻا، انسان لاءِ سچي جنت پيدا ڪيو ڇڏن. بس سچو جنت جو نظارو، اهڙو نظارو جو دل اٿڻ جي نہ ڪري! وري پڪي پنهنجي واهيرن مان اٿي پنهنجي روزگار لاءِ، مٿي آسمان ۾ اڏامڻ لڳا. مڇيون، پاڻي ۾ ٽپا ڏيڻ لڳيون! وري اکيون مهٽي خيال ڦيرائڻ لڳس تہ ڪاٿي آهيان! سچ پچ هي سمنڊ جو پاڻي هو، سمنڊ جي وير ڪٿي آئي هئي ۽ هيءُ سمورو پاڻي سمنڊ جو قصو بنجي چڪو هو. اوپر ۽ ڏکڻ تہ بس پاڻي ئي پاڻي هو. مان تہ اتر اولهہ جي ڪنڊ هن ڪن ۾ گهريو هوس. وري پوئتي نهاريم تہ سڌ ڪن پنڌ تي هيٺاهيون ۽ مٿاهيون نظر آيون، ڪليل ميدان نظر آيا. مڏي پٽيم، ٽيلهو هٿ ۾ ڪنيم، بوٽ ۾ هٿ وڌم، پر ڏاڍو اندر پاڻي ۽ گپ ايڏو گپي ويو هو، جو ڪڍڻ محال ٿي پيو. پر آخر بوٽ جا پادر ٻاهر تہ ڪڍيم، پر ايڏي گپ ۾ پيريل ۽ ڳتل هئا. جون ري گهٽ اٽڪل چار يا پنج سير سندن تور ٿئي ها. هڪ هٿ ۾ ٽيلهو ۽ ٻئي ۾ ٻئي پادر آخر پويان پير ڪيم. ڇڙپ ڇڙپ ڪري اچي اهڙي هنڌ تي پهتس، جو رات وارا اچڻ جا بوٽ نشان ڏسڻ ۾ آيم. پوئتي پاڻي جهاڳي اچي پاڻي جي ڪناري تي پهتس. هاڻ وري انتظار شروع ٿيو تہ ڪاٿي آهيان، ڪهڙي ملڪ ۾ آهيان. انهن ٽرين واري ملڪ ۾ تہ ڪونہ آهيان، ڪا ڇاوڻي وغيره تہ ڪانهي، متان همراهن ڪي هٿ اچي وڃان ۽ گوليءَ جو نشانو نہ بنائي

ڇڏين. آهي ته هي به تر - دل ۾ ڇير. ڏسان ته مٿاهين تي هڪ وڏو عاليشان رستو آهي، اوڏهين پڳس، پرسان ويس ته هيءُ ته پاڻيءَ جو واهه آهي، واهه به اهڙو جنهن کي ڪپر آهي ئي ڪونه. نه هيءُ تلاءُ آهي، وري تورو اڳتي ڏٺم ته پري کان تلاءُ ڏسڻ ۾ آيو. جڏهن پرسان ويس ته ڏٺم ته هيءُ رستو آهي. رڇ جا به عجب ڇهڇٽا ٿين. اڳئين ڏينهن موٽر ۾ جيپون پئي نظر آيون، ماڻهن جون محفلون نظر آيون، اڄ وري هيءُ عجيب نظارو تلاءُ، رستا ۾ رستا واهه پئي نظر آيا. خير مگرصبح ڏاڍي حسين هئي، هوا ۾ دل کي راحت ڏيندڙ هئي. پرديسي ماڻهو. ڪنهن جي فراق ۾ درد ۾ دربدر ماڻهو. ڪڏهن سامي، ڪڏهن جوڳي، ڪڏهن ٻانيڻ. خبر ڪانه هئي ته هن ڪان پوءِ ڇا ٿيندو. قسمت جو قلم پنهنجي مارن سان ملائيندو يا نه. بس هيٺ مٿي. پري اوري نهاريندو رهيس. ڇير ته من ڪو ماڻهو. من ڪا بستي نظر اچي ته ڪنهن ڪان پڇي ڪاڏي وڃان. انهن خيالن ۾ هوس ته پري ڪان هڪ ٽڪري نظر اچڻ لڳي. ڪافي اوڏانهن وڃڻ جي ڪوشش ڪيم. رستو ته ڪونه مليو. مگر نڪ سامهون ڪري هلڻ لڳس، جڏهن ٽڪري جي ويجهو پهتس ته ٽڪري تي ۽ ٽڪريءَ جي آسپاس، ڪجهه زندگي نظر آئي. وڌيس ته ڏٺم ته ڪي فوجي سپاهي نظر آيم. الائي ڪنهن جي فوج. ڪٿ ڦاٽس سمجهيم ته پنهنجن همراهن واري شڪل صورت ڪانه اٿن. ڪجهه اوپرا پئي لڳا. مون کي به ناسي لوئي واري گوڏ، ڏاڙهي به تورڙي وڏي، افعال بلڪل پيٺن فقيرن وارا. خيال ڪيم ته فوجين ڪان گسائي ڳوٺ ۾ وڃان. پر مالڪ جي مرضي هئي فوجين مون کي ڏسي ورتو. بس پوءِ ته ٻن ٽن ونئي ڊڪ پاتي. اچي مون کي پڪڙيئون، گهلي گاريون ڏيندا. هڪ تنبوءَ جي اڳتان هيٺ ويهاريائون. پوءِ ته گار جو ڦهڪو هو. هڪ چئي ته هيءُ سنڌي سيٺ آهي، ٻيو چئي جاسوس آهي. پائخاني جو خيال ٿيم. عرض ڪيومان. هڪ لوڙهي جي اندر مونکي موڪليائون. پاڻ ٻاهرون بندوقون ڪٽي پهرو ڏيڻ لڳا. چڻ ته ڪو شير ڦاسايو اٿن. آخر فارغ ٿي ٻاهر نڪتس، بس وري به هلي

تنبوءَ اِگتان زمين تي ويهاريائون. ٿوري دير سجي ڪئمپ جا سپاهي گڏ ٿي ويا. هاڻي سمجهيم تہ ڳاريون تہ هن ڏئي ڏهُ ڪيو آهي. هاڻي موچڙن هڻڻ جي تياري ڪري رهيا آهن.

تڏهن لاچار هنن کي نالو بہ ٻڌايم ۽ پنهنجو تعلق هڪ ٻئي ملڪ جي تمام وڏي ماڻهو سان ٻڌايومان. ٿورو هٻڪي پيا. ڪنهن کي ڀڄايئون تہ فون تان يا وائرليس تان پنهنجي ڪنهن وڏي آفيسر کي اطلاع ڏين. اهو فوجي اطلاع ڏئي موٽي آيو. بس منهنجي پياري دوست جي نالي جي جڏهن هنن آفيسرن کي خبر پئي، تن هنن فوجين شايد حڪم ڪيو تہ مون سان چڱو ورتاءُ ڪيو وڃي. بس پوءِ تہ رات مان ڏينهن ٿي ويو، دوزخ مٽجي جنت ٿي پيو. جهنگ جي ڪئمپ ۾ پيو رنگ اچي ويو، پاڻي گرم اچي ويو، منهنجي اسنان جي لاءِ. مون ڪجهہ هفتن کان تڙ ڪونہ ڪيو هئو، سو ڏاڙهي شيو ڪري، وهنجي سهنجي، تيل وغيره هنن آندو، تنهن سان تيل ڦليل ڪري، سوٽ ڪوٽ قميص ٽاءِ ٽيلهي مان سڪائڻ لاءِ ڏنومان. هاڻ تہ هي سڀ منهنجا نوڪر ٿي پيا ڪم ڪن. ڪپڙا بہ سڪي ويا. چڱي اس نڪتي هئي، سوٽ ڪوٽ ٽاءِ وغيره پائي وينس، پر بوٽ جا پادر جي مٽي ۾ پُربل هئا، اهي تہ پائڻ جهڙا ڪونہ هئا. ويچارن هڪ چمپل ڏنو، پائي وينس تہ ايتري ۾ هڪ عجيب جيپ پري کان ايندي ڏٺم. سڀ سپاهي قطارن ۾ ٿي بيٺا. اجهو جيپ بہ اچي پهتي. بہ خانگي ڊريس ۾ ۽ هڪ فوجي پوشاڪ سان آفيسر اچي لٿو. سلامي ورتي، مون کي ڏاڍي محبت ۽ عزت سان اچي مليا. چيائون تہ مان ٻاهريون ماڻهو بنا اجازت اتي ويل هوس، تنهن ڪري مان سندن قيدي هوس، پر جنهن سڄڻ جو نالو ورتو اٿم، ان جي ڪري هو منهنجي عزت ڪن ٿا. جاچ کان پوءِ قدم ڪنيو ويندو، اِڳئين ڀرين جيپ جي سيٽ تي مون کي ويهاريائون. سڀني سپاهين جو شڪريو ادا ڪيم. بس پوءِ تہ جيپ هلي، ڪٿ هيٺ ڪٿ مٿي، ٻن ٽن ڪلاڪن کان پوءِ لڙي منجهند اچي ڪنهن منزل تي پهتي. فوجي آفيسر پنهنجي ڪوارٽرن ۾ هڪ ڪمرو مون کي خالي ڪرائي ڏنو. ڪٽ بہ

ڏني، بسترو بہ ڏنو. بخت جو عجب ورق وري پيو. هونئن تہ هيڏا سارا ڏينهن سيلهن جي سج هوندي هئي. اڄ هي ڪوٺي جنهن چوڌاري ڪجهہ سپاهي تہ پهري لاءِ ضرور هئا پر اهي ڄڻ تہ منهنجا خدمتگار هئا. آفيسر منهنجا ميرا ڪپڙا، ڌوبي کي ڌوئڻ لاءِ ڏنا. انتظار هوم تہ هي چار سير تور مٽي سان ڀريل پادر ڪيئن صفا ٿيندا. هڪ سپاهي کي حڪم ٿيو تہ پادر صفا ڪري اهي پالش ڪري آڻي، بس ڪمري ۾ بستري تي بالم بڻجي سمهي پيس. دريءَ مان ڏسان تہ مورن جا ولر آهن سي پيا ٽا ٻاهران ڦرن. انسان خود بہ هڪ عجيب چڪر آهي، مگر جيڪي ماڻهو وچي پاڻ کي ڏکن ۾ اڇلين، انهن کي اهو ٻاهر پهچائڻ وارو، حضرت ابراهيم واري باهہ مان باغ بڻايو ڇڏي. ٻاهر تہ سڀ ڪجهہ نيڪ ٿي ويو، مگر هن سورن سٽي دل کي ڪير سمجهائي. وطن ۽ وطن جا ماڻهو، وطن جون نشانيون، تن جي بربادي، تنهن دل تي غمن جي بارن کي، فرحت جي وقت، وڏيڪ وڌائي ڇڏيو.

هونئن تہ ماڻهو ڏکن، ڌوڙن ۽ مامرن ۾ پورو هو، مگر جڏهن آسائش جي گهڙي نصيب ٿي تہ اڳيان پويان سڀ اکين اڳيان ڦرڻ لڳا. ٿڪل ڏاڍو هوس، ننڊ اچي وئي، ٿوري دير کان پوءِ ڪمري جي ٻاهران آفيسر سڏ ڪيو ۽ وراندي ۾ ڪرسيءَ تي ويهاريائين ۽ پاڻ بہ ڪرسي تي وينو. سپاهيءَ کي سڏ ڪيائين تہ ماني کڻي اڄ. واہ واہ! ٽيبل تي ننڍڙا ۽ سوڪ ڦلڪا اچي ويا. دال اچي وئي، تريل پٽاٽا اچي ويا. ٻاجهريءَ جا سڪل ٽڪر کائي هريو هوس، اڄ ڦلڪا، دال ۽ پٽاٽا ڏسي دل خوشيءَ مان ٽپا ڏيڻ لڳي. ٻنهي گڏجي ماني کاڌيسين. تازا تازا ڦلڪا پهچندا پيا وڃن، چيم واہ مولا تنهنجا رنگ! پوءِ تہ آفيسر بہ اچي گڏ ٿيا. انسانيت جون ڳالهيون شروع ٿي ويون، انساني محبت جو ذڪر ٿيڻ لڳو. بس پوءِ تہ سڀ منهنجا چيلا بنجي پيا. ويچارا ايڏي عزت ڏيڻ لڳا ۽ محبت ڪرڻ لڳا جو ڪجهہ وقت لاءِ تہ منهنجا غم ئي متجي ويا. تحقيق انسان جيڪڏهن انسان آهي تہ هر هنڌ انسان آهي، مذهب، ملڪ، زبان جو ڪو واسطو ڪونہ ٿو رهي. انسان محبت سان

پريل آهي. جيڪڏهن هن جو اهو پهلو روشن ڪيو وڃي، محبت منهنجي هن لاءِ، هن جي مــون لاءِ تنهن تہ هڪ نئين جنت پيــدا ڪري ڇڏي. سمجهيم تہ هي انسان جدايون وجهندڙ نهايت ظالم ماڻهو آهن. انهن ٿورن تعصب سان ۽ لالچ ۽ لوڀ سان پريل ماڻهن، هن دنيا کي دوزخ بڻائي ڇڏيو آهي. کي بہ چار ڏينهن تہ هتي سان ۽ نچندڙ مورن سان خواب وانگر گــذري ويا. ڪپــڙا بہ ڌوبي آيا، بوٽ تہ اڳئي پالش ٿي مليو. هاڻي ٿورو مان بدلجي پيس ۽ ماڻهن جهڙو ماڻهو ڏسڻ ۾ آيس.

رات جو مانيءَ وقت بہ ساڳي آفيسر وٽ ماني کائيندو هوس. هو ويچارو هو پياڪ ماڻهو، سو بہ گلاس سرڪي پيڻ لاءِ گهرائيندو هو. پر مان کانئس معافي وٺندو هوس، جيستائين هو موج ماڃي ۽ ماني کائي. ان کان اڳ مــان ماني کائي وڃي سمهي پوندو هوس. اڄ هتان هلڻ جو ڏينهن اچي ويو. آفيسر چيو تہ اڄ جيپ تي مونکي ٻئي هنڌ وٺي ويندا. سمجهيم تہ منهنجي دلبر دوست کي منهنجو اطلاع مليو آهي ۽ هاڻي هو هن ملڪ مــان ڪڍي، هن جي ملڪ لاءِ مون کي روانو ڪري ڇڏيندا.

مون سان هڪ اهو آفيسر ۽ ٻيا دوست جي پڻ آفيسر هئا ۽ منهنجي صحبت ۾ اچي جڻ منهنجا چيلا ٿي پيا هئا. ڪجهہ مون سان اڳئين سيٽ ۾ ويٺا، ڪجهہ پوئتان، چار پنج رائيفلن سان سپاهي بہ گڏجي هليا، پر ڇئن ميلن کان پوءِ هڪ ڳوٺ آيو. بس ڳوٺ تہ ڪونہ هو، جڻ پٺنرن جو ڳوٺ هو، گهٽين ۾ مينهون، ڳئون ولر ڪري، مال وارا ٻاهر پيــا ڪڍن، اهي ســاڳيــا نندڙا بہ ٽي دوڪان، گــراهڪ ۽ دوڪاندار، جڻ تہ سنڌ جي ڪنهن ڳوٺ مـــان لنگهي رهيــو هوس. پنهنجو وطن ياد اچڻ لڳو. هن ڳوٺ جا مـاڻهـو سنڌ جي مـاڻهن واري پوشاڪن ۾ هئا. پٽڪا، ڌوتيون، ڏاڙهيون، جيپ هت بيٺي. هي دوست مون کان موڪلائڻ لڳا. محبت سان ڀاڪر پائي جدا ٿياسين. هاڻي هن جيپ ۾، اهي چار پنج سپاهي ۽ هڪ نوجوان نئون آفيسر مون سان گڏ وينــو. جيپ پڪي رســتي جو رخ ورتو. اڻ ڏٺل رســتــا، چارا، ڳوٺ،

پوڪون، جبل ترندا ٻئي پاسي ڏي ڏڪيا ۽ اسين ان جي ٻئي پاسي پئي ڏڪياسين. خبر ڪانہ هئي، ڪاڏي ٿا وڃون ۽ ڪڏهن ڪٿ لهنداسين. ڪٿي ڳوٺن ۾ جيپ بيـــني ٿي تہ لهي هيٺ ڪنهن سنڌي ڏسڻ جي ڪوشش پئي ڪيم تہ من ڪو منهنجي وطن جو وڇڙيل مـانجهي ملي وڃي، پر هنن سپاهين کي هدايت هئي تہ مان ڪنهن سان نہ ملان. پر ساڳي وقت هنن اجائي سختي بہ ڪانہ ڪئي. سنڌي ماڻهو تہ پري ڪان پڌرو. هڪ ڳوٺ ۾ هڪ ننڍڙو دوڪان هو، اتي هڪ ڇوڪر هو، تنهن سان ڳالهايم سنڌيءَ ۾. هن بہ سڪ سـان ڳالهايو. پنهنجي سنڌ واري ڳوٺ جو نالو ٻڌايائين. ڏاڍو ڏک ٿيو تہ ڪيئن نہ ديسي پرديسي ٿيا. ڪٿ ڇاوا ۽ اڄ ڪٿ پيا وقت ڪاٽين. چار قرب جا اکر ڳالهائي اچي جيپ ۾ وينس. سپاهي بہ ڪنهن هوٽل تان چانهہ پي اچي پهتا. ائين بس رستو لنگهندا آياسين. رستي تي ڪٿي ڪٿي، وري قبا ۽ منارا نظر اچن، ماڻهن جو هجوم نظر اچي، سپاهين کي ڪهڙي خبر تہ مان ڪير هوس. چون تہ هي ديوي ماتا جو آستانو آهي، هتي ماڻهو پٽ ۽ دولت پنڻ ايندا آهن.

انسان ويچارو جتي ڪٿي هڪجهڙو، خاص طرح هن برصغير جو. هت قبرن تي قبا ۽ منارا، هتي بتن تي قبا ۽ منارا، مـوتا مـست، نانگا، ٿلها جهڙا گندڙا، ڪائي ڪائي گڏهہ تي پيا آهن، هت بہ سـاڳا، هت بہ ساڳا.

پوڪون، سنگ، ڪبريون، جهرڪيون اهي ننڍڙيون نينگريون، اهي ئي پوڙها، وٽن جهاريون هڪليندا. اهي ئي رستن تي ٿاٽا، ٿـاٽن ۾ پوليس برصغير ۾ هرهنڌ. مغلن کان وني انگريزن تائين ساڳيا چگهہ سـاڳيا لاٽون. هت جو ۽ هتي جو ڪوبہ فـرق ڪونہ. مـان تہ اڳ بہ گهڻائي دفعا سڄو برصغير گهميو آهيان. پر هيءُ چڪر نرالو هو. اڄ مـان قـيـدي هوس. البت عـزت وارو قـيـدي. جبلن جون قطارون ڇرڻ لڳيون، ڳاڙهن پٿرن وارا، سفيد پٿرن وارا، ڪارن پٿرن وارا، ميـٽائن پٿرن وارا. بس هي بہ پئي هليا، اسـان بہ پئي هلياسين. اسين اڳتي پيا

وجون، هو پوئتي پيا وڃن. بس اهائي جدائي، ورق ورندا پئي ويا.

ڪجهہ منٽ ڪنهن جي سنگت ٿئي ٿي تہ اها رونق وري پوئتي پڄندي گم ٿيندي وڃي. سچ انسان اڪيلو آيو، اڪيلو ويندو. هيءُ سڀ ڪجهہ جيڪي آهي، اهو گهڙي پلڪ لاءِ آهي. اسان سڀ اڪيلا ڏڪندا پيا وڃون، ڪا سنگت ڪجهہ وقت لاءِ ٿئي. وري جدائي، وري نئين سنگت، وري جدائي، ملڻ موٽڻ، هيءُ آهي زندگي. جيپ بہ سرڙاٽ ڪندي پئي هلي، مغز ۾ بہ عجيب مورتون، عجيب خيال، عجيب اميدون، عجيب نراسايون، بس هڪ تماشو هو. اچي هڪ وڏي شهر ۾ پهتاسين. قيدي تہ آخر قيدي هوندو آهي. پنهنجي نصيبن ۾ قيد لکيل هئا. سڄي عمر قيدن ۾ گذري. وري بہ اچي هڪ فوجي ڪئمپ جي ويجهو پهتاسين. هڪ هنڌ لٿاسين. انهن منظور نہ ڪيو. وري ٻئي هنڌ لاٿائون. وڏو تنبو هو. اندر جڙ تہ ڪا وڏي دعوت ٿي گذري هئي. ٽيبلون ۽ بينچون پيون هيون. ساڳيو ٽيلهو، ساڳيو مان، رستي ۽ جيپ وارا يار تہ سڀ گم ٿي ويا.

رات ٿيڻ لڳي وري بہ اتاهون جو هڪ ٻہ آفيسر اچي وندرائڻ وينا. پڇيائون ڇا کائيندين. ڪيبائي چيم ٻدنگ. گوشت وغيره لاءِ معافي ورتم، چيم ويشنو آهيان. هنن کي منهنجي نالي وغيره جي خبر ڪانہ هئي. بس هڪ ٻوڻ هوس، هڪ هنڌان ٻئي هنڌ پهچائڻي هئي. پر ڳالهائڻ کان پوءِ البت هنن تي اثر پڻ ٿيو. خير هي آفيسر هليا ويا ۽ منهنجي لاءِ ٻدنگ جي هڪ وڏي پليٽ پرجي آئي. کائي خوش ٿيس. هنڌ نہ بسترو، چيم هنن جي دل ۾ الائي ڇا آهي. خير ويني ويني ڇگي رات گذري وئي. ٻہ ٽي سپاهي آيا. هل صاحب گاڏيءَ تي، جيپ تي چاڙهي اچي اسٽيشن تي پهچايائون، آخر گاڏي اچي وري، ٿرڊ ڪلاس ۾ مٿئين سيٽ تي جڳهہ وني ڏنائون. صبح جو سويري، هڪ وڏو شهر آيو، مون کي هيٺ لاٿائون. سپاهي هيڏي هوڏي گهٽو ڦريا. شايد ڪنهن کي ڳوليائون ٿي، پر ڪوبہ ڪونہ ملين. ٽڪيٽون ڏئي ٻاهر نڪتاسين تہ هڪ نوجوان گڏيو. جنهن چيو تہ مان توهان جي ڳولا ۾

هوس. انهيءَ مون کي جيپ ۾ ويهاريو ۽ پوئتان وري ٻيا سپاهي. ڄڻ امانت هوس، ٻئي هڪڙن وٽان ٻين وٽ ڦريس. هن نوجوان آفيسر سان چڱي واقفيت ٿي وئي. هي ان شهر جو هو، جتي اڳي مان پڙهيو هوس، وڏو شهر هو، مسجدون، مندر، موٽر، گاڏيون، ماڻهن جا هجوم. همراهه وٺي آئي هڪ ريسٽ هائوس ۾ داخل ڪيو. چيائين ته هتان ٻاهر نڪرڻو نه آهي، پر ڇيم ته مان صبح ۽ شام جو ڪجهه گهمندو آهيان. اهڙي مهرباني ڪري اجازت ڏنائون. چڱو نرم گهر هو. بسترو، ٽاليٽ. ڪرسيون، کاڌو وغيره به چڱو ملندو هو. هن آرام گهر ۾ ٻيا مهمان به هئا.پر مون کي ڪنهن سان به ملڻ جي اجازت ڪانه هئي. آخر هڪ ٻن ڏينهن ۾ ٻن چئن ٻين مسافرن سان ملاقات ٿي. خير اٽڪل هفتو کن ائين گذري ويو.

ٻلا مسافرن کي ڪير ٿو هڪ هنڌ رهڻ ڏي. ٻاندي ته هوس پر وري ٻنڌ ۾ مزو پئي آيو. هڪ هنڌ قيد ٿي ويهڻ ڏکيو پڻ لڳو. اڄ ٻه آفيسر آيا، چيائون منهنجي مڏي ڪوچ آهي، اڄ هوائي جهاز ۾ توکي ٻئي هنڌ وٺي هلبو. موٽر آئي، جيپ ۾ ويهاري شهر مان وٺي روانا ٿيا. شهر وڏو هو، گهٽيون، جايون لتاڙيندا اچي هوائي اڏي تي پهتاسين. خبر پئي ته هوائي جهاز اڄ اچي ڪونه سگهندو. ٽڪيٽون وغيره ته اڳ ۾ ورتل هئم، پر جهاز ڪونه پهتو. منهنجي ته طبيعت اهڙي جو چاهيان ته رڳو سيلاني هجان، وهان نه پر پيو ڦران ۽ گهمان. دل کي ٿورو ڌڪ ٿيو ته وري هلي قيد خاني ۾ ڦاسبو، پر آفيسر هو برجستو. چيائين ته اڄ ضرور هلبو، ٽيڪسي ڪيائين، مونکي به ٽيڪسيءَ ۾ سوار ڪيائين، رات ٿي وئي، واٽ تي هڪ وڏي شهر ۾ لٿاسين، جتي هڪ وڏي درگاهه هئي. ريسٽارينٽ ۾ماني کاڌيسين، وري موٽر ۾ چڙهياسين. رات جو دير سان هڪ ٻئي وڏي شهر ۾ پهتاسين. هڪ وڏي هوٽل ۾ ڪمرو ورتو ويو، ٻه ڪٽون هيون، هڪڙي تي هي آفيسر ۽ ٻيءَ تي مان سمهي پياسين. دل پئي چوي ته آزاد هجان ها ته هي ٻئي شهر ڏسان ها، پر قسمت ۾ جيڪي لکيل هو، ائين ئي ٿيندو پيو وڃي، عجيب چڪر هو.

ماڻهو هزارين خرچ ڪري هيءُ شهر ڏسڻ اچن پر مان انهن شهرن ۾ بہ هجان پر ڪجهہ ڏسي نہ سگهان. ڪيڏي نہ حسرت جي ڳالهہ هجي. آخر صبح ٿي، هوٽل تمام وڏي هئي، ناشتي جي ڪمري ۾ گهڙياسين. ڪيترا ماڻهو ۽ ڪيترا جوڙا. ڊائينگ روم ۾ اچي رهيا هئا. ناشتي ۾ اجا ڪجهہ دير هئي، يا ڪو ٻيو سبب هو، آفيسر جو چئڻ تہ منهنجو سنگتي هو، چيائين تہ جهاز جلد اچڻ وارو آهي ۽ موٽر تي چڙهي هوائي جهاز جي اڏي تي روانا ٿي وياسين. قيدي ماڻهو، جو ماڻهن جي منهن ڏسڻ لاءِ حيران هجي، ان جو هوائي جهاز جي اڏي تي پهچڻ هڪ عيد بنجيو پوي. عاليشان اڏو آهي، چئڻ تہ ولايت ۾ پهچي ويو هوس. سيني ملڪن جا ماڻهو يورپ ايشيا جا گڏ هجن، ڪي حسين، ڪي گرا ڪي گنجا. سڀ ڪو پنهنجا گروپ ٺاهيو پئي ڪليا ۽ خوش مزاجيءَ ۾ مشغول هئا.

بس جلد ئي جهاز اچي ويو، منهنجو همراهہ ۽ مان وچي جهاز ۾ سوار ٿياسين. چڙهڻ وقت هڪ حسين ڇوڪري ويٽرس جنهن ڪي نرڙ تي ڳاڙهو تلڪ هو ۽ ساڙهي پيل هئس، تنهن هٿ جوڙي نمستي ڪيو، جهاز ۾ ويناسين، بسڪيٽ چانهہ وغيره بہ ملي، بس اهڙي طرح جهاز شام جو اچي منزل تي پهچايو. وري بہ انهيءَ ماڻهوءَ مشڪي نمستي ڪئي.

ڪيترن ڏينهن کان عورت تہ ڏٺي ڪانہ هئم، اهڙي شڪل ۽ مشڪڻ ڏسي، دل کي ڪجهہ سرت ملي، هوائي اڏي تي جيئن لٿاسون، تيئن اڳئي کي همراهہ وينا هئا، جي اچي مون واري سنگتيءَ ساڻ مليا. پوءِ اسين بہ ۽ هو هڪ هوٽل ۾ وٺي هليا. چڱو ڇهڇتو هو پر پاڻ تي وري بہ پهرو. ڪنهن سان بہ ملڻ بند. دل پئي چاهيو تہ جنهن دوست جي ملڻ لاءِ هي سڀ ڪشالا ڪيا اٿم، اهو شل جلد ملي، مونکي هڪ سني واچ هئي، اها منهنجي ننڍڙي جوان ساٿي آفيسر کي وڻي، چيائين چاچا هيءَ واچ عنايت ڪرين تہ ڪهڙو نہ چڱو. چيو مانس تہ ڪا جڏي سڏي واچ وٺي ڏي تہ توکي ڏيان، هڪ واچ وٺي آيو، پنهنجي واچ

ڪيس ڏنم. دل پئي چئي تہ هاڻي هن چڪر مان پڄي جند ڇڏائجي، ڪهڙي طرح سان پڄجي.

وري دل چئي تہ جيڪڏهن ماڻهو پڪڙجي پوي تہ جيڪا رهي سهي عزت آهي سا بہ ختم ٿي ويندي. اهڙي پلئن بہ ناهيم ۽ شام جو آفيسر جي غير حاضريءَ ۾ هوٽل ڇڏي ڀڄي وڃان پر خيال ڪيم تہ پنهنجي دوست سان بئي ملڪ ۾ وڃي ملڻ مشڪل ٿي پوندو. شايد هي مون کي اتي پهچائين، انهيءَ ڪري ڀڄي وڃڻ نہ گهرجي. آخر هن بہ سمجهو تہ مان ڪڪ ٿي پيو آهيان، تنهن ڪري جيستائين منهنجي وڃڻ جو بندوبست ٿئي، تيستائين هڪ ننڍڙي مسواڙي بنگلي ۾ وڃي مونکي رهايائون. جڳهہ تہ سني هئي مگر هئو قيد خانو.

هن ڏکن تاڀن جي ڪري دل اداس ٿي، نراسائي وڌڻ لڳي. ڪتاب پڙهڻ ۽ لکڻ لڳي ويس. ڪنهن طرح تہ وقت پاس ڪرڻو هو. اوچتو بيمار ٿي پيس، هڪ رات سخت دست ٿي پيا ۽ پاڻ کي تمام ضعيف محسوس ڪيم. هڪ سپاهي مون تي پهري وارو هو، ان کي بہ چئي نہ سگهيس، دست تمام برا اچڻ لڳا. اٿڻ ويهڻ جهڙو بہ نہ هوس. ڪپڙا بہ خراب ٿي پيا. ڪير صفا ڪري، صبح جو ڊاڪٽر گهرايم، هن دوا ڏني، اهڙي طرح ڪي هفتا بيمار رهيس، دل جي همٿ ڏاڍي هئي. سخت بيمار هئڻ جي هوندي، دل ائين پئي سمجهي تہ ڪا خاص بيماري ڪانهي. جڏهن خوش ٿيس، آفيسر مون کي چيو تہ ڊاڪٽر صاحب تو مان سخت نااميد هو. بلڊ پريشر 36 وڃي ٿيو ۽ بخار 104 ڊگريون ٿي ويو هو. ڊاڪٽر پئي چيو تہ هڪ ڏينهن ۾ بهتري نہ ٿي تہ پوءِ هن مريض کي وڏي اسپتال ۾ علاج لاءِ ڪٽي هلبو. ڊاڪٽر پئي ٻين کي منهنجي پرپٽ ٻڌايو تہ هي مريض بہ عجيب ماڻهو آهي، جو هيڏي بيماري هوندي بہ اهڙو پيو ڳالهائي جڻ تہ هن کي بيماري آهيئي ڪانہ. ڪاڏو هوٽل جو آڻيندا هئا پر بيماريءَ کان پوءِ هڪ بورچي رکي ڏنائون جو منهنجو ڪاڏو پاڻ پچائيندو هو. چڱو بورچي هو، بيماريءَ کان پوءِ توڙي اگ ۾ چوندا هئا تہ وسڪي وغيره،

سگريٽ پيئڻ لاءِ آڻن. مان انڪار ڪندو هوس، ڪنهن ناچ گهر يا ڪئبيرا ۾ هلڻ جي صلاح ڪيائون پر مان انڪار ڪيو. بيماريءَ کان ڪڪ ٿي پيس، پوءِ گهڻو ڪري ڪنهن سئنيما گهر ۾ وڃي ويندا هئا. ڏاڍو بيقرار ٿيڻ لڳس. ڪين چيم ته مون کي پنهنجي دوست ڏي موڪلن پر الائي ڇو تمام گهڻو وقت پئجي ويو.

بس پوءِ جنهن گهر ۾ رهندو هوس، اتي لڪندو هوس ۽ پڙهندو هوس. ريڊيو ٻڌندو هوس، بورچي ۽ پيا ٻه سپاهي تن سان گڏجي پتين راند ڪندو هوس. اهڙي طرح وقت پاس ڪندو هوس، ٻنگياٽيون ۽ ٻنگي ۽ پاڙي جا ماڻهو مون کي ڏسي حيران ٿيندا هئا. مان روز شام جو ٻاهر گهمڻ به ويندو هوس. ڪڏهن ڪنهن باغيچي ۾، ڪڏهن ڪنهن قبرستان ۾، وڏو عبرت جو مڪان هو. جڏهن تاريخي يادگيريون ڏسندو هوس. تاريخي ماڻهن جون قبرون ڏسندو هوس. اڳ ۾ به اهي سمورا شهر ڏٺل هئم، پر هاڻ هن حال ۾ جيڪي ڏسندو هوس، تنهن جو دل تي اثر ٿيندو هو.

عجيب رنگ هو، تاريخ جا نشان، ڪير آيا، ڪيترا آيا، تن جا رنگ محل، تن جا قلعا، تن جا مڪتب، تن جا مدرسا، ڪن جا مندر، ڪن جون مڙهيون، ڪيترا قتل شهر، ڪيترا قبرستان، هرهنڌ ڪا نه ڪا قبر، ڪنهن نه ڪنهن فقير، پير، سيد جي درگاهه، اهي ئي نديون، اهي ئي تلاءَ، بس وقت جي گذرڻ سان به پنهنجا نشان قائم ڪيو بيٺا آهن. هي قلعا تن جي اندر مسجدون، تن جي اندر محل، تن جي اندر ماڙيون، تن جي اندر ڦوهارا، اهي باغ، اهي باغيچا، اهي ڪچهرين وارا هال، سنگ مرمر جا فرش، اهي تخت، اتي ويهي فيصلن واريون جايون، اکيون ڏسي رئن پيون، هتي بادشاهه هئا، هتي بادشاهن جون راتيون رهنديون هيون، هت دنيا جا فنڪار، راڳي، ليکڪ، ودوان، سپهه سالار گڏ ٿيندا هئا، هتي روزانو پنهنجي ڪمن سان، شڪايتن سان، انصاف وٺڻ لاءِ هزارن جي انداز ۾ گڏ ٿيندا هئا. اڄ نه اهي بادشاهه آهن نه خلق خدا. اهي نديون، ندين جا ڪنارا اڄ به آهن، مگر

مسافر، اهي سيلاني سڀ گم ٿي ويا. حيرت وٺيو وڃي، عبرت وٺيو وڃي، هي سڀ وقت جي وهڪري سان وهي ويا. وقت ته اڃا به آهي، وقت جو وهڪرو به آهي، پر وقت اڄ ٻي رفتار سان ٻين کي ويڙهيو سلهاڙيو پيو گهمي.

اهڙي طرح سان گهمندو رهيس، هلندو رهيس، رئندو رهيس، بس منو وطن، وطن جي ٻولي، ڪڏهن ڪڏهن، ڪنهن بازار، ڪنهن چوڪ ۾ وڃي پنهنجي زبان وارو ڳوليندو هوس، مان ته گهمڻ جي حالت ۾ به قيدي هوس، مون کي ديس واسين سان ڳالهائڻ جي اجازت به ڪانه هئي، لڪي لڪي ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن بازار ۾، ڪنهن سئنيما ۾ ڪو ورلي ماڻهو ملي ويندو هو. پڇندو هوس ته اصل ڪٿي جا رهاڪو هئا. بس جيڪو به جتي آهي، اتي نيڪ پيو رهي. وطن ته سيني وساري ڇڏيو. اسان جهڙا ڪي ٿورا پوڙها ماڻهو آهن، جن کي وطن ياد آهي. اهڙي طرح سان هلندي گهمندي ڪئين ڏينهن گذري ويا. هڪ هم زبان دعوت به ڪئي، شاه جي بيتن جون تختيون لڪيل پتين تي لڳل به ڏيکاريائين. شاهه جي رسالي جا ڇاپا به مليا. هت هو شاه جي رسالي کي ”گيتا“ سڏين. جيئن هت شاهه جي رسالي کي قرآني آيتن جو ڪتاب سڏيو پيو وڃي. هندو، مسلم، سک، عيسائي سڀ موجود آهن. مسلمان ڪنهن وقت حاڪم هئا. اڄ هنن جي منهن تي اها ڪانه هئي. مايوس ۽ موڳا نظر پئي آيا. سک به پنهنجي اباڻن گهرن کي ياد ڪري پئي رنا. حالت ساڳي هئي جا هت آهي، ائين ڇو آهي؟ ڇا حقيقي خوشي محبت غائب ڏسڻ ۾ پئي آئي. هي صدي برصغير جي لاءِ آزادي ڪان پوءِ به ڪا راحت پيدا ڪري نه سگهي. آدم جي واڌ ۽ انهن جي رهائش جو ڪوبه جوڳو بندوبست ڪونه. اقتصادي حالتون خراب، غريب اڄ به غريب آهي، جهل اڄ به قائم ۽ دائم آهي. جهل جو روپ ساڳو، جهڙو مت تهڙو هت، وري ورهاڱي، هٿي جهڳو ئي جهڻ ڪري ڇڏيو. دولت جي لاءِ موهه، جن جا وٺاڻ ڪسيا ويا، اهي پاڻ کي پختي ڪرڻ لاءِ هر طرح جا طريقا اختيار پيا ڪن. البت هتي آدم تمام گهڻو آهي، جيڪي

لڏي اتي پهتا، تن پنهنجا ڳوٺ، پنهنجا علائقا ڪونہ بنايا، اتي جي ماڻهن سان گڏجي پيسجي ملجي پنهنجي اصليت کان دور ٿي رهيا آهن. هتي جي حالت ٻي آهي، جيڪي آيا، تن ايڏو تہ ڏاڪو ڇمايو آهي جو پراڻيون ملڪ جون ٻوليون ختم ٿينديون وڃن، هو ملڪ تہ پنهنجي مورت قائم رکيو اچي، مگر عجب آهي تہ گنگا، جمنا واري تهذيب، ٻولي، اچي سنڌو تهذيب تي گهيرو ڪيو آهي، چڻ اڻ سڌي طرح سان سنڌو زمين بہ سنڌي زمين بڻجي رهي آهي. مذهب جيڪو چيو پئي ويو تہ هُت ۽ هِت کي خدا ڪري ٿو ۽ قومون بڻائي ٿو، اها ڳالهہ ڏاڍي غلط آهي ۽ هئي. مذهب جو مقصد هو تہ انسان ذات ملائي هڪ ڪري، هنن ۾ ٻڌي، انسانيت ۽ محبت پيدا ڪري، انهيءَ اهڙي بامقصد رحمت کي بي مقصد ۽ چند ماڻهن جي مفاد جي خاطر مذهب جا حامي چوائيندڙ ان کي ختم ڪري رهيا آهن. جلد ماڻهن ۾ مذهب لاءِ نفرت پيدا ٿيندي، پوءِ اهو نعـــرو بہ ختم ٿي ويندو ۽ گنگا جمنا جي تهـــذيب ۽ زبان هندوستان جي پين صوبن کان اڳ هن ملڪ کي هندوستان بڻائي ڇڏيندو.

بس هيءَ چڪتاڻ آهي، دنيا ۾ انقلاب اچي رهيا آهن، سائنس ۽ رفتار هئي هن ڌرتيءَ جي شڪل ئي مٽائي ڇڏي آهي. ملڪن جا نقشا مٽبا پيا وڃن، يورپ سڄو هڪ تنظيم ۾ پوئجي رهيو آهي، هڪ حڪومت ناهڻ لاءِ ڪوشان آهي. آمريڪا بہ ان سان ملڻ جي ڪوشش پيو ڪري. رشيا جو بہ يورپي ملڪ آهي، جنهن جو خاص حصو يورپ ۾ آهي، اشتراڪي يورپ بہ گڏجي ڇڪو آهي ۽ ذري گهٽ چڻ هڪڙي حڪومت آهي، ٻي طرح سان سڄي دنيا ۾ مانداڻ آهي، گروپنگ جاري آهي، سڀ ڪو ملڪ ڪنهن نہ ڪنهن پاڇي ۾ لڪندو وڃي ٿو. ڪو بہ ملڪ آزاد ڪونہ آهي، ڪنهن نہ ڪنهن بلاڪ جي پاڇي هيٺ آهي. نظر ائين پيو اچي تہ حڪومتون صرف ٻہ آهن، هڪ رشيا، ٻيو امريڪا.

سائنس جي ايجادن، اهڙا اوزار، اهڙا بارود پيدا ڪيا آهن، جو هي ٻئي ملڪ پنهنجي بلاڪن سميت ڏڪي رهيا آهن. يعني چڻ تہ هي

ذرتي پنهنجي اندر ايڏي طاقت رکيو ويني آهي جو انهي لاوي جي ڦاٽڻ کري هي سڄي ذرتي جيکي هن ڏهن ڪروڙ ورهين کان به مٿي پاڻ تي پيدا ڪيو هو ۽ ڪيو آهي، اهو سڀ منٽن جي اندر، سندس ئي لاوي ۾ جلي ۽ خاڪ ٿي ويجي. مطلب اهو آهي ته اڄ ڪوبه آزاد ڪونه. نئين مشيني ايجاد. ايترو ته وڏو طوفان پيدا ڪيو آهي، جو هيءُ مشيني دور پاڻ کي ۽ اهو سڀ ڪجهه جو بنجي چڪو آهي، اهو ختم ٿي ويجي.

انسان جيڪڏهن پاڻ ۾ انسانيت پيدا ڪئي، پنهنجي اصل کي سڃاتو، خالق ۽ مخلوق لاءِ محبت پيدا ڪئي، سڀ هڪ ٿي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ سڄي ذرتي هڪ شهر ٿي، سڀ ڪنهن جي ڀلي لاءِ هڪ حڪومت ناهي ته پوءِ جيئڻ جو آسرو آهي. هيءُ اجايو جهل وارو مذهبي جنون، هي حد کان وڌيڪ قوم پرستي، هي ننڍا وڏا طبقا، خدا جي مخلوق جو چند ماڻهن جي ڦر ۽ لٽ وارو معاشرو، جيڪڏهن ختم نه ٿيو ته پوءِ جلد هڪ وڏي حادثي ٿيڻ جو انديشو آهي. شل ڏٽي سين کي سمجهه ڏي، بس اهي ڳڻتيون، اهي خمار دل تي رهيا. هي وطن جنهن شاهه، سچل، ساميءَ جهڙا انساني محبت جا پروانا پيدا ڪيا. اها خود هڪ چڪر ۾ آهي، اهڙي طرح سان ڏينهن گذرندا ويا. ڪڏهن ته دلبر دوست جو پيغام اچي، اهو انتظار ۽ پريشاني.

آخر نشاني پهتي، وطن جي تياري ٿي، جو آفيسر منهنجي رکيا لاءِ مقرر ٿيل هو، تنهن موٽر آندي، اهو ئي ٿيلهو ۽ مان اچي موٽر تي پهتاسين. اها جڳهه جتي چڱو وقت گذاريو هوم، ان کان موڪلائڻو پيو، انهن سنگتين کي جن سپاهي ٿي مون تي پهرو ڏنو جن ماني پچائي کارائي، تن کان موڪلايم، پيا به ٿي آفيسر جي به واقف ٿي ويا ۽ ڪڏهن ڪڏهن مون سان ماني به گڏجي کائيندا هئا. منهنجي پنهنجي بيءُ جهڙي عزت ڪندا هوا. تن سيني کان موڪلائي اچي اسٽيشن تي پهتاسين. رات جو وقت هو، جڳهيون ته اڳئي حاصل ڪيل هيون، ٻئي هڪ فرسٽ گاڏيءَ ۾ سوار ٿياسين. رات گذري ڏينهن ٿيو، ڏينهن گذري رات ٿي، اهي سڀ ماڳ جتي اڳ ورهيه گذاريا هئم، اهي اکين

اڳيان ڦرڻ لڳا، اهي ليبر جي انهن ڳوٺن، شهرن جا رهواسي هئا. جن سڄي برصغير ۾ آزادي جي لهر لڳائي هئي. اهي ياد آيا، پنهنجي پراڻي زندگي اکين اڳيان ڦرڻ لڳي. هت ساڳيا هندو، ساڳيا مسلمان، ساڳيا سک، نظر آيا. ننڍ مان سويري صبح جو اٿندو هوس. دري کولي ويهي ڏٺيءَ جي هي ڏرتي ڏسندو هوس. بس هي صبح نرالي هئي. آخر اچي بئي تمام وڏي شهر ۾ لٿاسين. مون وارو همراهه ته هتن کي اڳ ۾ سڃاڻندو هو. ٻه آفيسر ڏاڍي محبت سان مليا. هڪ اوچي ماڙيءَ تي هڪ فليٽ ۾ وياسين. مگر جلد اتان ڇڏي وري وڃي بئي ننڍڙي سٺي زمين تي اڏيل گهر ۾ رهياسين، اهو ساڳو بندوبست ٿيل هو. اتي ٻه بورچي سمهڻ وارو ڪمرو، وهڻ وارو ڪمرو، بورچيخانو، وهنجڻ واري ڪوٺي پر مڪمل بندوبست ٿيل هو.

تبديلي ته ٿي، پر هيءَ مون وارو همراهه مونسان هفتو کن گڏ هو. پوءِ مون کي ٻين جي هٿن ۾ ڏئي روانو ٿي ويو، هن شهر ۾ ٻه انگريزن جي بادشاهي جا نشان، مسلمان بادشاهن جون قبرون ۽ يادگار. اهي ئي نديون، اهي ئي جهاز ۽ ٻيڙيون، البت ماڻهن جي زبان ۽ رنگ روپ ڪجهه ٻيو، پر وڏا شهر جتي ڪٿي هو ذري گهٽ هڪجهڙا. حاڪم ساڳيا ئي رهيا. ڪڏهن مسلمان، ڪڏهن انگريز، هتن جا ڪوٽ، هتن جون نهرايل بازاريون، مارڪيٽ، سئنيمائون، هوٽلون، هڪ جهڙيون، انگريزي، هندي، اردو ۽ مڪاني زبانون. اهي ڪاليج، اهي هاسٽلون، اهيئي موٽر، اهي ئي بسون، اهي بگيون، اهي ئي گهوڙا، بس هِت ۽ هُت ۾ ڪو ٿورو تفاوت پر ماڻهو هِتئون جو هُت ۽ هُتئون جو هت پاڻ کي اجنبي ڪونه سمجهندو. پوشاڪ ٻه ذري گهٽ ساڳي، اها ئي ساڙهي، اهو ئي سوٽ، پهراڙيون ضرور ٻيون هيون، پر شهر سڀ هڪ جهڙا آهن.

قيديءَ جي حالت ۾ ڪنهن عالم، ڪنهن فاضل سان ملڻ ڪونه ٿيو. ڪڏهن ڪڏهن ثقافتي محفل کي ڏسڻ جو موقعو مليو. ثقافت، ساڳو راڳ، ساڳو ناچ، ساڳيا ماڻهو، ساڳي ادا، ساڳيو حسن،

ساڳيو ناز، ساڳيو نياز، ساڳيا وڻ،ساڳيا فصل، ساڳيا ميدان، ساڳيا فصل، وقت جي گاڏيءَ ۾ ائين رمندو رهيس. هت بہ بورچي ڏاڍو مهربان، غريب ڀل کهڙي مذهب جو هجي، مگر هو هميشہ سڀاجهو، آفيسر هڪ نوجوان جو منهنجي حاضريءَ ۾ رهيو ڏاڍو مٺو ۽ سٺو وڏو آفيسر بہ ڏاڍو مهربان، وڏو آفيسر منهنجي دوست جون مون کي ڳالهيون ٻڌائڻ لڳو. چيائين تہ جڏهن تون هت پهتين مان پاڻ وڃي مليومانس، ڏاڍو خوش ٿيو، تنهنجي لاءِ ايڏي تہ محبت ۽ عزت اٿس، جنهن جو ڪو اندازو ئي ڪونہ آهي.

يار جون ڳالهيون ٻڌي پئي دل کي وندرايم، هت بہ ڏينهن مان هفتا پوڻ لڳا. اها ئي موٽر، اها ئي سئنيما، اهي ئي ڪتاب، ڪتاب گهر، چڙيا گهر، ويچارو نوجوان هر هر چوي ”توهان ويندئو تہ توهان کي ڏاڍو ياد ڪنداسين.“ هيءُ قيد تہ هو پر منهنجي پياري دوست جي مهربانين ڪري، مونکي هر طرح جي خوش ڪرڻ جي ڪوشش هئي. مان تہ اڳيئي سادو ماڻهو، شراب ۽ سگريٽن کان پاسي، سڄي عرصي ۾ هي ڪجهہ منهنجي لاءِ وني ايندا هئا تہ خرچ روزانو وڃيو چاليهہ پنجاهہ روپيا ٿئي، مان کان تہ ڇرڪ نڪريو وڃي تہ هيءُ بہ هتان جي غريبن جو خون هوندو، اهو مان بي رحميءَ سان ڪيئن ڪپايان، بس جڏهن هنن کي خبر پئي تہ خرچ ٻڌي مون کي ڇرڪ پئجي ٿا وڃن. پوءِ سيني تعلق رکندڙ ماڻهن کي حڪم ڪري ڇڏيائون تہ مون سان خرچ جي ڳالهہ بند ڪري ڇڏين. وقت وهندو ويو، آخر هڪ ڏينهن اوسيئڙو مليو تہ منهنجو دوست هاڻ مون سان جلد ملندو.

اڪيليون راتيون، هت تہ ريڊيو بہ ڪونہ ملي سگهيو، اخبارون تہ ملنديون هيون پر راڳ جي آلاپ کان دور رهيس، پاڙو وڏو هو شايد شاهوڪار ماڻهن جي بستي هئي، اڪيلو ئي پنهنجي پاڙي ۾ گهمندو هوس، دل ۾ چوندو هوس تہ ڪڏهن تہ پنهنجي وطن ۾ اهي موٽرون پاڻ وٽ بہ هيون، هونئن ماڻهو مون وٽ بہ ايندا هئا، منهنجو بہ گهر هو، گهر واري هئي، ٻچا هئا، يائر هئا، يائنيا هئا، دوست هئا، هيتري

خاطر داري هوندي بہ اڪيلائي محسوس ٿيندي هئي.

اڄ پيغام آيو تہ هوائي جهاز تي چڙهبو ۽ اوڏهين وڃبو. جتي منهنجن تمام پيارن دوستن جا گهر آهن، خير موٽر آئي، وڏو آفيسر بہ آيو ۽ نوجوان بہ گڏ هو، بورچيءَ ڪان موڪلايم، موٽر هلي، اچي هوائي اڏي تي پهتاسين. هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو، زالون، مڙس، طرحين طرحين جا ماڻهو، يورپ، ايشيا جا سڀ ڪنا، مان اهڙو ماڻهو جيستائين متحرڪ نہ هجان چڻ موت پيو سمجهان. ڪجهہ وقت هوائي اڏي تي بيناسين، ويناسين، چانهيون پيتيونسين. هيءُ ڪهڙو نہ جڳ هو، بس پوءِ وڏو آفيسر ۽ مان جهاز ۾ سوار ٿياسين، هيءُ جهاز اوڏاهين اُڏڻ لڳو. جنهن سان منهنجا ناتا، اٽڪل چاليهارو سال اڳ جا هئا. هي شهر جيڪو اڄ ڇڏيم، انهيءَ شهر ۾ چاليهہ سال اڳ هت رهي ويو هوس. نيون پراڻيون ڳالهيون ياد اچڻ لڳيون. انسان جنهن وڻ هيٺ ويهي، سندس ڇانوَ هيٺ وقت گذاري، ان کي بہ ياد ڪري، هي تہ منهنجو اڳيون ديس هو، ان کي آءٌ ڪيئن وساريان، هاڻي تہ انهيءَ پاسي هلڻ لڳاسين جو منهنجو نئون ديس هو. جت دل وارا ماڻهو هئا. اڳ ڪيئن ويندو هوس، اڄ ڪيئن پيو وڃان. اميد هئم تہ سڀ پراڻا دوست ملندا، تن سان گڏ گهمندس، گڏ کلندس، بس اهي ئي خواب هئا. منهنجو جهاز هاڻي تمام مٿي چڙهي، اوڏاهين روانو ٿيو، ڇا هيءُ سچو سارو وقت ملڪ جنهن کي ڇڏيم، اتي قيدي هئس، مهمان هئس، بس جي اتي مري وڃان هان تہ پوءِ اتي ئي رهجي وڃان ها. ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون، ڪهڙا ڪهڙا درد ۽ ڪهڙا ڪهڙا ويچار دل تي پيا اچن ۽ دل کي پيا گهائن.

زندگي هڪ عجيب سمنڊ آهي، اهو صحيح آهي تہ قومون شخص پنهنجي جفاڪشي ۽ محنت سان ابرن ۽ ڌهن ٿيون، مگر پنهنجي ڪوشش بہ هڪ حقيقت آهي، مگر زمانو، حالتون بہ ان ۾ دخل ڏين ٿيون. انساني زندگيون ٻيڙن جي مثل آهن، مالڪ سيئي سمنڊ لاهي وڃهي، يا هڪ حاڪم جنگ جي وقت ڪئين ٻيڙا جنگ جي طوفان ۾

جوڙي مقابلي لاءِ موڪلي يا لشڪر جا لکين سپاهي جنگ جي طوفان ۾ ڏوڪي پون، ڪهڙي خبر ڪهڙي ٻيڙي پار پوندي، ڪهڙي ٻيڙي ٻڏي ويندي، ڪهڙي ٻيڙي رستي ۾ ڏڪجندي، تڙپندي ۽ ترڪندي رهي، ساڳي طرح جنگ جي ميدان ۾ ڪير ٻچندو، ڪير جيئندو، ڪير مرندو، ڪير ترندو، ڪير ڪامياب ٿيندو، ڪير شڪست کائيندو، ڪير سوڀاري لشڪر ۾ نامور سپاهي ٿي نڪرندو؟

بس دنيا جو چرخو بہ عجيب آهي، ڪئين ارب ڪروڙها زندگيون پيدا ٿيون، ڪي بس پنهنجن ڪڏن ۾، پنهنجي جهوپڙن ۾ بنا ڪجهہ ڏسڻ، بنا ڪجهہ ٻڌڻ جي مري ويا، جينوٽيڪ قدرت جا تہ سڀ ڪنهن سان هڪ جيترا قرب آهن، سڀ ڪنهن کي ساڳيون اکيون، ساڳيو وات، ساڳيا ڪن مطلب سڀ سوڪڙيون سڀ ڪنهن کي هڪ جهڙيون پر ڪي زندگيون چمڪي روشن ٿي پاڻ بہ اجيون اوجل ٿي گذري ويون، ڪي اونڌيون انڌيون گذر ڪري ويون، زماني جا فريب، زماني جا ڏوڪا، زماني جا چاهہ، زماني جا موهہ، ڪي انا ۾ قيد ٿيو وڃن، ڪي انهيءَ گند مان چنبجي ڇاٽجي، پاڻ کي اڏايو وڃن، پر ٻين کي بہ ڪنيو وڃن. عجب آهي تہ ٻار ساڳيا سنگتي مسافري تي هلن، ڪي چار دوست سياسي سفر ڪن، ڪي سوريءَ جي تختي چڙهيو وڃن، ڪي سڄيون زندگيون جيلن ۽ زنجيرن ۾ بسر ڪن، ڪي چڙهيو وڃي تخت ۽ تاج ماڻن، ڪي انسانن کي اکيون ملن، سمجهہ ملي، شناس ملي، صبر ملي ۽ هن زندگيءَ جي حقيقت کي سمجهيو وڃي. چار ڏينهن آهي روشني پوءِ انڌيري رات آ، هي منهنجا سڀ دوست هئا. هڪ هڪڙي ملڪ جو حاڪم ٿي پيو، ٻيو ٻئي ملڪ جو مالڪ ٿي پيو، هڪ هڪڙي جو اولاد هڪ وڏي ملڪ جو وڏو وزير ٿيو ۽ ڪيترا ٻيا دوست جيلن ۾ ڪڙهي مري ويا، ڪيترا رفيق، بندوقن جا شڪار ٿيا، پر ٿوري وقت کان پوءِ زماني پلٽ کاڌي، اهي ساڳيا حاڪم، مالڪ، وزير جيلي ٿيا، ڪي مارجي ويا پر انسان ڪيڏو نہ انڌو ٿيو پوي، شل نہ زندگي جي راحتن ۾ ڦاسي، وقت سر هو هن کي عشق جون، ڪنهن جي الفت

۾ سندس زلفن ۾ قاسڻ، ڪڏهن شراب جي سرڪي جي لذت جو شڪار ٿيو وتن. ڪي وري سوٽي هٽڻ جا شوقين، سوٽي جي دونهين ۾ غرق ٿيو وڃن، جيستائين سندن پيٽن ۾ هيءُ ڪارو دونهون نه وڃي، جيستائين مغز کي چڪر نه اچي کين آرام نه اچي. اهي سڀ قيد آهن، جي انسان جي پرواز ۾ ڪوتاهي آڻيو ڇڏين. بس اهڙي طرح مان به ڪڏهن تر جي ترن ۾ بي وس، بي وطن ٿي رليس، ڪڏهن ٻئي ملڪ ۾ اچي قيد ٿيس، اڄ وري قسمت جي هوائي جهاز ۾ سوار ٿي پنهنجي پياري دوست کي ملڻ لاءِ وڃي رهيو آهيان، ڏسجي ته ڇا ٿو ٿئي. بس منهنجو جهاز آسمان ۾ آهي، ڪڪرن ۾ ڪڏهن گهڙي ٿو، ڪڏهن نڪري ٿو، بس هاڻ هن ملڪ جي حد لتاڙي، ٻئي ملڪ جي حدن ۾ گهڙي ٿو. انهيءَ ملڪ ۾ جت اڳ به جهاز ۾ چڙهي پهچندو هوس، مگر اها مسافريءَ جي ٻي بهاري هوندي هئي. پر هي مسافري بلڪل نرالي آهي، هيٺ اهي ساڳيا ساوا گاهه، سبز ميدان آهن، اهي ساڳيا پاڻيءَ جا درياه آهن. چشما آهن، بس ڪٿ ڪٿ ته رڳو پاڻي آهي، ڪن ڳوٺن جي مٿان لنگهجي ٿو، گهر پيڙين جيڏا نظر اچن ٿا، ڪٿ ڪٿ ريل گاڏيون، بسون ۽ ڪارون ڪولين وانگر چرنديون نظر اچن ٿيون، ڪٿ ڪٿ وري پهاڙ آهن، جن تي شهر اڏيل آهن، ويهي ويچار ڪندو آهيان ته هنن اکين ڇا ڇا ڏٺو ۽ ڇا ڇا نه ڏٺو. هن دل تي ڪيترا نه ڏکن جا حملا ٿيا، حسن جا حملا ٿيا، وڇوڙي جا حملا ٿيا، وطن جي برباديءَ جا طوفان جا وار ٿيا. هن دل ڇا ڇا نه سٺو، ڪيئن نه رنو! ڪنهن ڪنهن جو درد رنو.

بس مان به هڪ اهڙي دل آهيان، مون کي به اهڙيون اکيون مليون ۽ اهڙا ئي اتفاق ٿيا. ڪٿ ڪٿ ويس، ڪيئن ويس، ڪيئن ڦريس. حيران آهيان، ڇا لڳي منهنجو ننڍڙو ڳوٺ، ڪٿي اچي قدرت پيهاريو. ها منهنجو جهاز هلندو رهي ٿو، پر ۾ گهٽائي ماڻهو وينا آهن، ماڻهو ته اهي ساڳيا آهن، ساڳيا رنگ اٿن ۽ ساڳيون پوشاڪون، پر اڄ سڀ اوپرا ۽ مان ڌاريو پيو لڳان. هيءُ آفيسر مون ساڻ آهي، اجهو هو

هوائي اڏو اچي ويو، اسانجو هوائي جهاز هيٺ لٿو، ڊوڙيو ٻيئو. مون کي تہ پنهنجي يار جو انتظار هو، جهاز مان هيٺ لٿاسين، سڀ اوپرا منهن، سڀ اوپريون ڳالهيون. هن کان اڳ بہ هت ايندو هوس، پر اڄوڪو اچڻ بلڪل نرالو محسوس پيو ڪريان تہ ڏاريو آهيان. آخر هڪ پراڻو منهن، پراڻي شڪل اچي پڌري ٿي، ياد تہ ڪونہ آيو، هن اسان کي پنهي عزت سان وٺي اچي هڪ خاص ڪمري ۾ ويهاريو، پيغام بہ ڏنائين، اسان اهو پيا محسوس ڪيون تہ چڻ تہ ڪي اسين وڏي عزت وارا مهمان آهيون. آخر موٽرن ۾ چڙهياسين. اها شڪل جا اڳ منهنجي ڄاتل سڃاتل هئي ۽ هن سان ڪي انهيءَ ملڪ جا آفيسر هڪ موٽر ۾ ويناسين ۽ مون وارو رفيق ٻئي موٽر ۾ ويٺو. ساڳيو شهر، اهي ساڳيا رڪشا، اهي ساڳيا موٽر، اهي ساڳيا دوڪان، اهو ساڳيو رستو، پر اتي لهڻ سان محسوس ڪيم تہ اڄوڪي مسافري ڪجهہ نرالي مسافري آهي. بس آخر اچي پنهنجي آرام گاهہ تي پهتاسين، آرام گاهہ تہ ڪونہ هو، اڳي تہ مان اهڙي جڳهہ ڪانہ ڏٺي هئي، بہ ماڙ جڳهہ هئي، چوڌاري سر سبز پارڪ، پارڪ سنو، قسمن جا گل ڦل، ڇپر، مڇين جا تلاءَ، هيٺ چار پنج وڏا ڪمرا ۽ مٿي بہ ايترا ئي ڪمرا، جن ۾ صرف بہ بہ پلنگ پيل هئا. عاليشان غاليچا، چانديءَ سان چمڪندڙ ڪرسيون، ڪوچن جا سيٽ، ٽيليويزن، ريڊيو، هار سينگار ڪمرو، غسل خانو، ڪتابن سان ڪٻٽ ڀريل، ٻاهر حاضري، ڏهہ ٻارهن بيرا، هن جو مئنيجر، پر ڇا ڏسان تہ سمورا ڪمرا خالي، مان ۽ مون وارو رفيق ڌار ڌار ڪمرن ۾. منهنجو ڪمرو ايڏو تہ وڏو هو جو بيهي ڪٻٽي راند ڪجي.

حيران بہ ٿيس تہ هي تہ سڀ ڪجهہ منهنجي دوست جي مهرباني آهي پر اهي پرين جن سان زندگي جو چڱو عرصو گذاريو هوم، اهي تہ آيائي ڪونہ، مون وارو رفيق مون کي ڏسي ڪلڻ لڳو، چيائين تہ هيءُ سڀ منهنجي صلاح ڪري ٿيو آهي. تون هت پرديسي آهين، تون ضرور انهيءَ سان تہ ملندين، جنهن جي ملڻ لاءِ آيو آهين،

باقي وڏيڪ اڳتي ڏسجانءِ. بس اوندهه ٿيڻ لڳي. مگر منهنجو آرام گهر ته اهڙو سينگاريل هو، جڻ ته ڪو مان ڪنهن ملڪ جو وزيراعظم هوس يا صدر هوس، ڪائڻ لاءِ به ميوا. مئايون ايتريون ته هيون جو دل ۾ ڏاڍو پشيمان ٿيڻ لڳس ته منهنجي دوست ڪي ته منهنجي سادگي جي خبر آهي، پوءِ هي جٺ الائي مونسان ڇو ڪئي اٿس.

بس اچا انهن ڳٽتين ۾ هوس ته هڪ ٻيو سچاتل دوست اچي ويو ءِ ڏاڍي پيار سان ڀاڪر پائي مليو. چيائين ته منهنجي دوست مون کي پنهنجي گهر گهرايو آهي، هيٺ لٿاسين. موٽرون بيٺيون هيون، چار پنج. مان هڪ ۾ چڙهيس، ٻيون منهنجي پويان هيون، سمجهي نه پيو سگهان، هي آفيسر تن جون گاڏيون منهنجي گاڏيءَ جي پوئتان قطار ڪيو ڇو پيون هلن. بس اچي انهيءَ ساڳي گهر وٽ پهتس، جت اڳ به عام جام ايندو هوس، وڏو پهرو بيٺل هو. ڏاڍي عزت ءِ احترام سان هلي صاحب جي آفيس ۾ ويهاريائون. ٿوري وقت ۾ منهنجو منو دوست اچي مليو، ڏاڍو پيار ڏنائين، ڏاڍي محبت ملي، اڳيون پويون خبرون چارون ٿيون، چانهه مئايون اچي ويون، منهنجي دل ڏاڍي پريل هئي، سا ڪيئن ٿي مئائي چکي، بس چانهه جا به ڍڪ ڀريم. ارمان ظاهر ڪيم ته آخر هيڏي ساري عياشي مون لاءِ ڇو؟ هي ڏيک ڏيکاءُ، مون لاءِ ڇو؟ مان ته هڪ جوڳي جهنگن ۾ رلندو هت پهتو آهيان، مان ته هڪ قيدي هڪ ملڪ مان ٻئي ملڪ ۾ آيو آهيان. هي سڀ ڇو؟ چيائين، "تون منهنجو دلي دوست ته ضرور آهين پر منهنجو عزت وارو رفيق به آهين، تون هڪ وزيراعظم کان به وڌيڪ عزت جي لائق آهين، مان ته توکي هوائي اڏي تي اچي ملان ها. پر مان به ڪن روايتن جو قيدي آهيان، تنهن ڪري تولاءِ اڏي تي اچي نه سگهيس. اهي منيون ڳالهيون، محبت ڀريون تنهن جي کهڙي ڳالهه ڪجي، پر منهنجي طبيعت ٻئي قسم جي هئي، ڪٿي مات ڪيم.

چيائين، نه ڪنهن کان موڪلايو اٿئي، نه ڪنهن کي ٻڌايو اٿئي، هتي تنهنجي دوستن عزيزن واسطي قيامت ٿي وئي آهي، مون کي

فونن مٿي فونون ٿي رهيون آهن، مون کي تنهنجي خبر هئي ته تون ڪٿي آهين، پر اجا هنن کي پورو پتو ڏئي نه سگهيو آهيان، هاڻي هنن کي تسلي ڏيندس.

ائين ڳالهيون ڪندي چڱو وقت گذري ويو. آخر ڪانئس موڪلائي وري اچي ڪار ۾ چڙهيس، ٻاهر تائين آيو. ڪار ۾ ويهاريائين جڏهن ڪار هلي ته پاڻ موٽي ويو، بس اچي آرام گاهه تي پهتاسين، چيم هي ته سندس ڏاڍا قرب پر پيا دوست ڪاٿي. اهي ئي بيرا، مئنيجر ۽ مان. هو دوست جو گڏ آيو هو، اهو به هليو ويو، بس اڪيلو هيڏي ساري مهمان سراءِ ۾. هڪ به دوست ملڻ آيا، پر اها ياري ڪٿي، اها سادگي ڪٿي. اهي قرب جون ڳالهيون ڪٿي، ڪائڻ پيئڻ جا ته انبار هجن، ڪائڻ واري ڪمري ۾ نيرن تي، منجهند تي، رات جو اهي ڪاڏا لڳيو وڃن جو حيرت ۾ پئجيو وڃان. چار پنج بيرا خدمت ۾، دلڙي ويچاري غمن جي ماري، تنهن کي هي ڳالهيون خوشيءَ جي بدران ڏکائن پيون. جڻ مارئي ٿي پيس، ڪجهه منو ڪين لڳي، رات جو دوست جو اچڻ به ٿي ڪلاڪ مون وٽ رهڻ، منهنجي بئگ جي تلاشي وٺڻ، ڏوڪڙن جو پڇڻ، ڪپڙن جو پڇڻ، ويندي غسل خاني ۾ گهڙي ڏسڻ ته ڪا ڪوتاهي ته ڪانهي، سندس قربن جي کهڙي ڳالهه ڪجي.

مئنيجر کان پڇيم ته ٻاهر جي کهڙي حالت آهي، ڏڪويل اکرن ۾ چيائين ته ڏاڍو ڏکر آهي، هيءُ ملڪ اڳ ته غريب هو پر هنن قتلن ۽ موتن کان پوءِ ته هڪ ويرانو آهي. جا شيءِ اڳ هڪ روپئي ۾ ملندي هئي، اڄ ڏهين روپئي به نه ٿي ملي، پڇيومانس ته پوءِ هي جا منهنجي هيڏي آجيان ٿي رهي آهي، تنهن تي به خرچ ايندو هوندو، چيائين ته اٽڪل روپيا پنج يا ڇهه سئو روزانو خرچ آهي. مان ته دهلجي ويس، آخر هتي جا ماڻهو تمام غريب، انهن جو رت آءٌ ائين مفت ۾ پي رهيو آهيان، آخر پنهنجي دوست کي عرض ڪيم ته مان هيتري مصيبت ۾ سمهي نٿو سگهان. دوست ته چيو هو، پنهنجي ٻارن ٻچن سوڏو اچي وٽس رهان، اها ڳالهه ته ممڪن ڪانه هئي، پر هيترو خرچ به پاڻ تي

ڪرائڻ نٿي گهريم. ڇگو وقت هتي رهيس، هُئس تہ پنهنجي دوست وٽ مهمان پر هتي هاڻ پرديسي هوس ۽ ڪنهن سان ملي ڪونہ ٿي سگهيس، سڄو وقت ريڊيو، ٽيليفون ۽ ڪتاب. پيو ڪائڻ ۽ پارڪ ۾ گهمڻ. انهيءَ ڪري پنهنجي دوست کي عرض ڪيم تہ مونکي اتي رهڻ پسند ڪونہ هو، دوست منهنجو عرض قبول ڪيو ۽ هاڻ هتان موڪلائڻ جون تياريون ٿي ويون. آخر بندوبست مڪمل ٿي ويو. هڪ ٻن ٽن ملڪن مان لنگهڻو پيو ۽ ٿورو وقت اتي بہ ترسڻو پيو. هوائي جهازن جون منزلون، اتي رهڻ، ماڻهن سان ملڻ، ملڪ گهمڻ، وقت تمام ٿورو رهڻو پيو، انهي ڪري دل وٽان گهمي ڪونہ سگهيس. آخر هوائي جهاز جون مسافريون ڪندو اچي اچن ماڻهن جي ملڪن ۾ رهڻو پيو.

هنن ملڪن جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي، جهڙا آهن ملڪ سهڻا، ساوڪ تہ هر هنڌ آهي. سردي بہ ڏاڍي، اونهارو بہ ٿڌو جهڙو ايشيا جو سيارو، هنن جي رهڻ جو نمونو، هنن جي ڪائڻ ۽ چوڙڻ جو نمونو، ڪجهہ عجيب آهي، هتان جا هوائي جهازن وارا اڏا، هتان جا ڪاليج، هتئون جا ڪارخانا، هتئون جا آبادگار سڀ خوش پوش ۽ خوش خوراڪ ماڻهو آهن. هنن جون محفلون، هنن جا ناچ گهر، هنن جا شراب خانا، هنن جا مفڪر، هنن جا سائنسدان، هنن جون ماڙيون ۽ محلات، هنن جا تاريخي ادارا، هنن جي سياست، سڀ اسان کان نرالا، اخلاق جا بهتر، ڪوڙ يا ٺڳي بلڪل گهٽ، وڏي جنگ جا نشان هاڻي ميٽجي ويا آهن. هن اهي سڀ گهاوَ، چيٽي ڀري ڇڏيا آهن. سڀ ڪجهہ نئون بنجي ويو آهي، هر ملڪ تعليم ۾، ملڪ جي صفائي ۽ سونهن ۾ ٻين ملڪن کان اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. بس اڏندو اڏندو اچي، انهيءَ ملڪ ۾ پهتس، جنهن سان ايشيا جا ۽ اسانجا پراڻا تعلقات آهن. هيءُ دنيا جي ٻن چئن وڏن شهرن مان هڪ آهي، جهاز رات جو اچي لٿو، پنهنجي هڪڙي ٽيلهي مان، دوست جي مهربانين سان بہ ٿي ننگ ٿي پيا. اهي هوائي اڏي تان هٿ ڪري ڪٽي هلڻ لڳس، اتي مزور ٿئي ئي

ڪونہ. بس ڪجھہ پنڌ هلي وري بيهان، ساهيون پٽيندو پيو هلان. هڪ اتان جو همراهہ مليو، جنهن رحم ڪائي مدد ڏيڻ جي آڇ ڪئي، ڏاڍو خوش ٿيس ڪجھہ تيز هن ڪنيا. ڪجھہ مان. خيال ڪيم تہ هن ڪي ڪجھہ ڏيان، جڏهن هن ڪي اهڙي آڇ ڪيم تہ هن ڪلي ڏنو ۽ چيائين تہ هيءَ خدمت خلق آهي، انهيءَ جو عيوض ڪونہ وٺندو، اچي ويچاري مون کي بس تي ببهاريو. مٿي چاڙهي تيز ڏئي چيائين تہ هاڻي هت بي ايماني اچي پير پاتو آهي، خيال سان هلڻ گهرجي، بس هن کان موڪلايم، بس بہ هلڻ لڳي، رات هئي، پر روشنائي تيز هئي، جيئن بس هلڻ شروع ڪيو تہ هيڏي هوڏي نهارڻ لڳس. عجيب رنگ هو، هيءَ نرالي دنيا هئي، اڳيان پويان خيال ۽ يادگيريون ڦرڻ لڳيون.

ڪڏهن تہ جهنگن مان جهانگي ٿي پئي هليس، پيرن ۾ ڇالا پئجي ويا، ڪنڊن جا بدن تي ڪڙڪا پئي ٿيا. ڪائڻ لاءِ ڪجھہ ڪونہ هو، ڳالهائڻ لاءِ ڪير ڪونہ هو، وري وڃي قيد جي حوالي ٿيس، پر قيد رکندڙ مهربان هئا، جن عزت سان وقت ڪاٽڻ ڏنو، پر اڄ هن نئين دنيا ۾ پهچي ويس، جتي اڪيلو تہ هوس پر آزاد هوس. هيءُ ماحول ڪيڏو نہ پلو هو، دل آزاديءَ جي خوشيءَ ۾ بهار بهار پئي ٿئي، پر هت پنهنجي دوست جون مهربانيون هيون، جنهن جي ڪري وقت گذارڻ جي اميد هئي، بس لاري اچي بيني، لاريءَ تان لهي، آفيسن ۾ گهڙي ويس، رات هئي، اچي اڌ رات ڪي رسي هئي. پڇيم تہ ڪٿ هوٽل ۾ ڪمرو ملي وڃي تہ وڃي آرام ڪريان. فون تي هن صاحب هڪ هوٽل مان پڇي ڪمرو وٺي ڏنو. ٽئڪسي ۾ چڙهي اچي هوٽل ۾ پهتس، مئنيجر اڳئي ڪمرو خالي ڪري صفائي ڪرائي ڇڏيو. هڪ عرب مسلمان اتي ويٽر هو، جنهن منهنجو سامان کڻي هلي ڪمري تي ڇڏيائين. آخر هيءَ ولايت هئي، پنهنجي ملڪن کان ماحول بلڪل بيو هو، خاموشي هئي، عرب دوست ٿي ويو ۽ چيائين تہ هو مون سان ملندو رهندو. مگر هن سان وري ملڻ جو اتفاق ڪونہ ٿيو.

سمهي ننڊ ڪيم، اڄ آزاد هوس، آزادي جي فضا بہ عجيب ٿئي،

دري کولي صبح جو گهٽي ڏسڻ لڳس. ڏاڍي خاموشي لڳي پئي هجي. ڪاٽي ڪاٽي ڪا موٽر پئي ڏسڻ ۾ اچي. ڪو ڪنهن جي گهر جي ٻاهران گهٽي وڃائي رهيو هو. هڪ هيڏو سارو موڪرو رستو سڄو خالي. ڪو ماڻهو به نظر ڪونه پيو اچي. هي ڪمرو منهنجو ڪمرو هو. مون تي ڪوبه چوڪيدار ڪونه هو. چيم ڇا ڪيان. ويهي ڳائڻ لڳس. ڪمرو ته مڪمل طرح بند هو. تنهن ڪري آواز ٻاهر وڃڻ جو ڪوبه انديشو ڪونه هو. ميان جي توڙي سا وني جهونگاريم. ٽيپ رڪارڊر به ساڻ هئم ۽ پنهنجو ڳائڻ رڪارڊ ڪيم. بس ٿوري وقت کان پوءِ ڪمري جي صفائي لاءِ هڪ پوڙهي مائي آئي. اچي ڪمرو صفا ڪيائين. مون کي وهنجڻ جي عادت آهي. تڏ ته ڏاڍي هئي پر غسل خاني ۾ وڃي گرم پاڻيءَ سان تڙ ڪيم. پنهنجي ملڪن ۾ به گهڻن پلن هنڌن تي رهيس. پر جا رات هت نصيب ٿي تنهن دل کي ڏاڍو خوش ڪيو. وهنجي سهنجي ڪپڙا پائي ڊائيننگ هال ۾ ويس. جتي ٻيا ڪيترا ماڻهو وينا هئا. ڪي جوڙا. ڪي اڪيلا گهڻو ڪري سيني رنگن جا ماڻهو نظر آيا. ڪي سهڻا. ڪي ڪوجها. پر لوڏ سيني جي لک پئي لهي. ناشتو مضبوط ڪيم. ناشتي وقت پهريائين نارنگيءَ جي رس جو گلاس اڳيان رکيائون. انهي پيئڻ کان پوءِ توسٽ مکڻ. مربو ۽ چڱو خاصو آمليٽ اچي اڳيان رکيائون. ڏاڍو چاهه سان کاڌم ۽ پيٽ ڀريم. مٿان چانهه جو گرم گرم ڪوپ ناهي پيتم. بس ڏاڍو خوش ٿيس. هتي صرف نيرن ملندي هئي. مانيءَ لاءِ ٻئي هنڌ وڃڻو هو. نئين دنيا. نئون ماحول. ڪرسيءَ تان ويهي ٻاهر رستي ڏي نهارڻ لڳس. اخبار ورتم. اها پڙهيم. اهڙي طرح سان به ٽي ڪلاڪ گذاريم. هاڻي خيال ڪيم ته ڪجهه چرجي. پرچي هيٺ لهي مئنيجر وٽ آيس. ٿورو وقت ڊرائينگ روم ۾ ويهي رهيس. ڪيترا مسافر پئي آيا ۽ ويا. آخر ڪنجي مئنيجر وٽ ڪوڪي ۾ اٽڪائي، ٻاهر نڪتس. هت ته هڪ عام گهٽي هئي. ڪوبه دڪان يا ريسٽارنٽ ڪونه هو. بس هلندو پيو هلان. پنهنجي هوٽل. گلي گهٽي ته لکي ڇڏي هئم پر تنهن هوندي به نشان

نوٽ ڪندو پيو اچان. هاڻي هڪ چوواٽي تي اچي پهتس. هت زير زمين ريلوي ٽرين جي اسٽيشن به هئي ۽ لاڳيتو دوڪان به هئا. اسٽيشن تي اخبارن ۽ رسالن جا ڍير لڳا پيا هئا. گهڻي هلڻ ڪري نيرن ته پنهنجو اثر پورو ڪري ڇڏيو. بک لڳي هيڏي هوڏي اجهايم. هڪ اهڙو ريسٽارينٽ نظر آيو، ان ۾ گهڙي پيس، پليٽن جو ڍڳ لڳو پيو هو، مون کان اڳ ۾ ٻيا به ڪيترا ماڻهو بيٺا هئا. سڀ ڪو پليٽ کڻي قطار ۾ بيهندو پيو وڃي، مان به ساڳيو طريقو اختيار ڪيو.

ماڻهو رڙهندا پيا وڃن، هڪ اسٽينڊ هئي، جتي هڪ ٻه مئڊم ۽ ٻه ٽي گورا بيٺا هئا. هنن جي اڳيان ۽ ڪٻٽن ۾ کاڌي جا ڪيترا قسم تيار ٽيل گرما گرم ٿالهين ۾ پيل هئا. جيڪي جنهن کي گهربو هو، اهو اسٽينڊ تي بيٺل مئڊم پليٽ ۾ وجهي پئي ڏنو. مان به پنهنجي پليٽ، پيزن، پٽاٽن، ڪڪڙ جي ڪري سان پرائي ڪانٽو ڇري ته اڳئي پليٽ سان گڏ ڪنيو هوم. هڪ ڪنڊ تي هڪ گورو ويٺو هو. ان جي اڳيان پليٽ پئي رکي وئي، مان به پنهنجي پليٽ اچي اڳيان رکي مانس، نوٽ وٺي پيسا لاهي ٻيا پئسا موٽائي ڏنائين. پوءِ پليٽ کڻي اچي ٽيبل تي رکيم ۽ ويهي کائڻ لڳس، کائي ڍءُ ڪيم، ڇري ڪانٽو ۽ پليٽ، هڪ ٻي ٽيبل تي رکي وري هڪ چانهه جو ڪوپ ورتم، چانهه پي ٻاهر نڪتس، رستا جاچي ڇڏيم ته پنهنجي هوٽل تان هت ڪيئن پهچبو.

هتان جا رستا، هتان جي ماڻهن جي هلڻ جو، ڪراس ڪرڻ جو پنهنجو طريقو، هاڻ ته آزاد هوس، چيم ته هن زير زمين گاڏي جو مزو وٺجي، پليٽ فارم تان شهر جو نقشو ورتم، مٿان ٽڪيٽ وٺي هيٺ لٿس، هتي ٽڪيٽون به پنهنجي نموني جون، ڪجهه پئسا ڏئي ڇڏ. پوءِ وٽ گاڏيءَ ۾ هلندو. چيم ته هيءُ وڏو چڪر ڏئي اچي وري هن اسٽيشن تي لهندس، جيستائين گاڏي تان لهي، اسٽيشن تي ٻاهر نڪرڻ لاءِ نه وڃ ته ڪوبه ٽڪيٽ پڇڻ وارو ڪونه، نڪو ٽي ٽي. نڪو ڪو چيڪ ڪرڻ وارو، مان کي به اچي ويو مزو. ڪم ته هوئي ڪونه. سو هڪڙي گاڏيءَ مان لهي ٻيءَ تي پيو چڙهان، سڄو گاڏين وارو وڪڙ

ڦري اچي ساڳي اسٽيشن تي پهتس. اتان لهي مٿي چڙهي، ٻاهر نڪري، وري اچي ساڳي ريسٽارينٽ ۾ گهڙيس. ڪاڏو هتي گهڻو گهٽ قيمت ۾ پئي مليو. چاڪاڻ ته سروس ڪانه هئي ۽ گراهڪ پاڻهي پيو. ڪاڏو کڻي ۽ کائي، ٻين وڏن ريسٽارينٽن تي جتي صاحب ٻڌجي ڪاڏو کائبو ته وڌيڪ خرچ ايندو. تنهن هوندي به منجهند واري ماني چڱو سبق ڏئي ڇڏيو. خيال ڪيم ته هاڻي بريڊ ونجي، بيدا ونجن ته پنهنجي ڪمري واري هيٽر تي ڪجهه پچائي کائجي. بريڊ ۽ بيدا وٺي پنهنجي هوٽل ۾ پهتس، پهريون ڏينهن ائين گذري ويو. چيومانس، يار! هيڏو جو قصو تو شروع ڪيو اهو ٻڌندي ٻڌندي مان ٿڪجي پوندس!

چيائين، ”دوست! خبر نه آهي ته وري ڪڏهن ملون! اڄ به گهڻي وقت کان پوءِ ملاقات ٿي آهي، تو وٽ رهي ٿو پوان، جيستائين هي ڪارنامو پورو نه ڪندس، تو وٽ ئي رهندس. قصو پورو ڪرڻ کان پوءِ، مان وري شايد اوڏانهن هليو وڃان!“

چيومانس، ”هاڻ ته مان به ٿڪجي پيو آهيان، تون به ٿڪجي پيو هوندين، رات ويهنداسين ۽ تنهنجو قصو ٻڌندس.“

***

”هائو يار! هاڻي ٻڌ! بس هن هوٽل ۾ رهڻ لڳس، نه مان ڪنهن کي سڃاڻندو هوس، نه ڪو ٻيو مون کي سڃاڻندو هو. هڪ نئين آزاد دنيا، ڏاڍي خوب صورت دنيا! منجهند جو هميشه انهيءَ ڪئنٽين تي هوندو هوس، اهڙيءَ طرح ماڻهو جيڪي اتي ايندا هئا، ڪي زالون، ڪي مرد، ڪينٽين جا مالڪ، ڪينٽين جي ٻاهران شاپ تنهن ۾ ڇوڪريون، ڇوڪرا، جڏهن ڪئنٽين ۾ گهڙان مشڪي ڪيڪربازي ڪن. پنهنجن کان جدا، وطن کان جدا، ڏکن جي ڏينهن کان پوءِ کلي ڳالهائي، دل ڏاڍي خوش پئي ٿئي، عجائب خانا، اسڪول، ڪاليج گهمڻ شروع ڪري ڏنم. ڪي ڏينهن ائين گذري ويا، فيصلو ڪيو هوم ته وري نه وطن موٽبو، ٻاهر ٻئي ڪنهن ملڪ ۾ مري ساهه ڏبو. پر وطن ڪيئن وسري؟ اهو به اهڙو وطن، جنهن جي مٿان مصيبتن جا انبار

هجن. انهن ڏکن ۾ نئين زندگي خوشين ۾ ڏينهن گذرڻ لڳا. هوٽل جتي اڳي روزانو ڏهہ روپيا وٺندا هئا، اتي اڄ اسي روپيا پيو خرچ اچي. پاڻ غريب ماڻهو، جڏهن رهڻو ۽ مرڻو ئي اتي هو تہ پوءِ هيڏو خرچ ڪيئن برداشت ڪجي. ڪوشش ڪيم تہ ڪا جهوپڙي گهٽ ۾ گهٽ خرچ واري ملي وڃي تہ ڏاڍو چڱو. اسٽيشن تي اشتهار لڳا پيا هوندا آهن تہ فلاڻي هنڌ فليٽ. فلاڻي هنڌ ڪمرو آهي. اڳي تہ جڏهن بہ ويندو هوس تہ وڃي هوٽلن ۾ رهبو هو. تڏهن لاچار مهيني ٻن لاءِ رهبو هو. هاڻي تہ يڪو ئي هت رهڻو آهي. بس اهي خيال ڪندي ڪندي، هڪ ڪوٺي وڃي هٿ ڪيم. البت انهي جاءِ جي اندر هي ڪوٺي ئي پورو سيٽ هو. يعني ڪمرو، بورچيخانو ۽ ننڍڙو پئسيج ۽ ٻاهران در. هتي گهرن ۾ جتي مسواڙي ٿي رهجي، اهي هوٽلن مثل هوندا آهن. بسترو، پلنگ، ڪرسيون، ڪٻٽ مطلب تہ هر ضرورت جي شئي اڳئي ميسر هوندي آهي. ڪچن تہ هڪ ننڍڙو ڪمرو هو، جنهن ۾ فرج، ڪڪنگ سيٽ، واش، ٽيبلون، ڪٻٽ، ڪراڪري، چمچا، ڪانٽا، ڇريون، مطلب تہ ڪنهن بہ شيءِ جي وٺڻ جي ضرورت ڪانہ پوندي.

البت صفائي پنهنجي هٿن سان ڪرڻي پوندي ۽ ڪاڌو بہ پاڻ تيارڪرڻو پوندو. پيا سڀ يوروپي ماڻهو رهندا هئا. ڪل 7 ڪمرا هڪڙي گهر جي اندر هئا. ٻين ڇهن ڪمرن لاءِ فقط هڪ گڏيل ڪچن هو ۽ هڪ غسل خانو. منهنجي فليٽ سان لڳو لڳ سنو غسل خانو هو. جنهن ۾ وڏو ٽب بہ وهنجڻ لاءِ هو. اوپرو ماڻهو رنگ بہ پيو. سڀ پيا نهارن! تہ هي بلا الائي ڪٿان آئي ۽ رهڻ لاءِ هن کي سڄي ۾ سنو ڪمپليٽ سيٽ.

هڪ ڪمري ۾ زال مڙس، بہ ٻار هيءُ ڪمرو بلڪل منهنجي ڪمرن جي هيٺان هو. يعني ٽي ڪمرا هيٺ هئا ۽ ڏاکڻ سان مٿي چار ڪمرا هئا. ٻئي زمين مٿان. ڪمري ۾ زال مڙس ۽ ٽئي ٻاهرئين در سان لڳ ڪمري، گهر جو مالڪ سندس مڙس ۽ سندس ٻار مٿي مون واري ماڙيءَ تي هڪ ڪمري ۾ ٽي دوست ٽئي يوروپي ٻئي ڪمري ۾ ٽي

دوست اوپر ملڪن جا ۽ چوٿين ۾ اڪيلو هڪ يوروپي نوجوان، فون هڪڙي ٻاهريون دروازو هڪڙو، جو ٻاٺهي بند ٿي وڃي، اندران ته ڪولي سگهجي پر ٻاهران ڪنجي ڪان سواءِ نه کلي. سڀ ڪنهن رهاڪو کي ڪنجي کيسي ۾، اهڙيءَ طرح اچي هن جڳهه ۾ رهيس، جيڪي هڪ گهر ۾ گڏ رهندا هئاسين، سي هڪ ٻئي سان واقف ٿيڻ لڳاسين. منهنجي گهر سان لڳولڳ ڪئين گهر هئا. سڄي گهٽي اهڙن گهرن سان ڳتيل هئي، سڀ ڪنهن گهر جي ٻاهران، هڪ گلن جو ٻارو رستي جو سامهين پاسي به ساڳي نموني جا گهر. اهو رستو وري وڃي ٻئي رستي ۾ پيو. انهيءَ رستي سان بازار، سڀ ڪنهن قسم جا دوڪان، اسٽور جتي گهرو گهرج جي ڪائڻ جون شيون، ان جي پرسان دوائن جو اسٽور، ان جي پرسان گلن جي وڪري جو دوڪان، ان جي پرسان ڀاڄين سان ڀرپور دوڪان، لڳو لڳ گوشت جو دوڪان، ٿورو اڳتي مڇي جو دوڪان، ٿورو اڳتي بئنڪ، وري پوسٽ آفيس، اتي ئي ڪپڙن ڌوئڻ وارين مشينن جا شاپ، انهيءَ هنڌ واشنگ. پرسان شراب جو اسٽور، سگريٽن جو اسٽور، اخبارن جو اسٽور، مطلب بازار جي ٻنهي طرفن سان جڻ مارڪيٽ نهيل آهي، حجم جو حمام ۽ سئلون.

انهيءَ رستي سان ويجهو ريلوي اسٽيشن، بس اسٽينڊ رستي جي ٻئي ڇيڙي ۾ وڏو پارڪ جتي ترڻ لاءِ تلاءُ، ٻارن جي راندين لاءِ جئوڏيل ۽ ٻيا ڇهچڻ جا سامان، فوٽ بال راند، ڪئنتين پارڪ به انن ڏهن ايڪڙن ۾.

بس هاڻي هن ٻاڙي ۾ هلڻ ۽ گهمڻ شروع ڪيم، ڪجهه ڏينهن کان پوءِ دوستي به ٿيندي وئي. منهنجي گهر جي پرسان جو گهرو سامان جو اسٽور هو، اهو هڪ ڪڇي ڪوڇي جو هو، جنهن کي افريڪا مان عيدي امين ڪڍي ڇڏيو هو. ڏاڍو ڀلو مڙس هو، سندس زال جڏهن وٽس ايندي هئي ته ٻئي ڪڇي سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندا هئا. مون کي سندن ٻولي ٻڌي ڏاڍي خوشي ٿيندي هئي. سندس اولاد، ڌيئون، پٽ بس ته صفا انگريز ٿي ويا هئا. هن جو گهر به سندس اسٽور جي مٿان

هوندو هو. جڏهن دل اداس ٿيندي هئي ته وڃي سندس اسٽور تي ويهندو هوس، وٽس ٻه يورپي نوڪرياڻيون هيون، اهي ٻئي اڌڙوٽ عمر جون هيون، هڪ ته مڙس واري. ٻي ويچاري تاڙ ۾ هوندي هئي، منهنجو هيءُ دوست ڏاڍو ڪلمڪ ماڻهو. گراهڪ ڪونه هجي ته پوءِ ڏاڍو چرچو پوڳ لڳايو وينو هوندو هو. هر روز ڪجهه خريد ڪرڻ لاءِ وٽس ويندو هوس. سندس زال به مون کي ياءُ ڪري سڏڻ لڳي، آخر ايترا ته گهرا ٿي وياسين جو هو ٻئي مون وٽ ايندا هئا ۽ مون کي پنهنجي گهر وٺي ويندا هئا. چڱا ڏينهن هنن سان گذرندا رهيا، روزگار ڪان سواءِ به ڪيئن وقت گذري، هن دوست مون کان پنهنجي اسٽور تي سيلزمين جو ڪم به وٺڻ شروع ڪيو. چوندو هو ته مون کي هنن رنن تي اعتبار ڪونهي. انهيءَ ڪري جڏهن به پاڻ ۽ سندس زال نه هوندا هئا ته سڄو اسٽور منهنجي حوالي هوندو هو. هن مٺي دوست جون کهڙيون ڳالهيون ڪيان، اڄ به جڏهن ياد ايندو آهي ته اکين ۾ پاڻي اچي ويندو، الائي هاڻي ڪاٿي هوندو، بس پرديسين جي کهڙي ياري.

گهر ڏياڻي ۽ گهر ڏڻي به هڪ ڪميونسٽ جدا ملڪ جا ماڻهو هئا، جن پنهنجي ڀڳهر جي پورهئي مان ۽ هي گهر ۽ به ٻيا اهڙا گهر خريد ڪيا هئا. هنن جو گذر سفر به انهيءَ ڪمائيءَ تي هوندو هو. ڀهريائين ته منهنجو رنگ چم ڏسي ڏاڍا ششدر رهندا هئا. ڊڄندا هئا ته هن رنگ جا ماڻهو ڏوڪي باز ٿيندا آهن، اڳ ۾ به ڪي ماڻهو وٺن رهي ويا هئا. انهن هنن کي ڏاڍو ڏيچاري ڇڏيو هو. مان پنهنجي سياءُ موجب هنن کي پنهنجي عزيزن وانگر پيار ڏيندو هوس. هيءُ هن گهر وارو ڪمرو خالي ڪري مسواڙ تي ڏئي ويا، اتي به عرب ڇوڪريون اچي رهيون، جڏهن به گهر ۾ ايندا هئا ته هنن لاءِ مان ڪجهه نه ڪجهه تيار ڪندو هوس ۽ کين کائيندو ۽ پياريندو هوس. ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي ڪچهري ڪندا هئا. چوندا هئا ته مون جهڙو ٽيننٽ هنن حياتيءَ ۾ ڪونه ڏٺو. منهنجو ڪمرو ٻن بسترن وارو ڪمرو هو. مان اڪيلو رهندو هوس، پر مون سان ايڏو حساب ڪونه ڪندا هئا. هو ايتري قدر

پنهنجا ٿي ويا جو هنن هيءُ گهر وڪڻ جو ارادو ڪيو. پر قبضي خالي ڏيڻ ڪان سواءِ قيمت گهٽ پئي ملين، سڀني مسواڙين کي اٿاري ڇڏيائون مگر مون کي ڇيائون ته جڏهن مان خوشيءَ سان لڏيندس ته پوءِ هو گهر وڪرو ڪندا. حالت اها ٿي جو سمورا ڇهه ڪمرا خالي ٿي ويا، سڀني ڪمرن جون ڪنجيون مون کي ڏئي ڇڏيائون، پر پيو گهر جُو وڏي بازار تي هو، اتان جي هڪ عاليشان ڪمري جون ڪنجيون به مون کي ڏئي ڇڏيائون، اهو خاص سندن رهڻ جو ڪمرو هو، بس وقت سر مونجهه ٿيندو هوس ته اهو ڪمرو کولي ويهندو هوس.

اهو ڪمرو پڻ گهر جي در سان گرائونڊ فلور تي هو، بازار جي سڄي رونق اتان ڏسي سگهبي هئي. چوندا آهن ته يورپ جا بي قربا ماڻهو ٿيندا آهن، پر هي ته عجيب ماڻهو هئا. هاڻي ته ڏاڍو دور ٿي ويا، پر دل تي هميشه ياد رهندا.

منهنجي فليٽ جي هيٺان جيڪو جوڙو رهندو هو، تن جو پنجن ڇهن سالن جو ڇوڪرو ته منهنجو يار ٿي ويو. پيءُ ماءُ کي چوندو ته مان سندس فرينڊ آهيان. ڪيس وٺي ويندو هوس ۽ بازار ۾ گهمائيندو هوس، مان جڏهن لڏي ويس ته انهيءَ ڪان پوءِ هي ننڍڙو ڪڪو مون کي ياد ڪندو هو. منڙا گهر ته گهرانءِ. بس ائين وقت پئي گذريو. هاڻي ته استورن، دڪانن وارا به سڀ واقف ٿي ويا. منهنجي لاءِ ته هي دنيا جي وڏن شهرن مان هڪ شهر ڪونه پئي لڳو، پر هي منهنجو پاڙو ڄڻ ته مون لاءِ هڪ ڳوٺ ٿي ويو. بازار ۾ ريڊين ۽ ٽيليويزن سيٽن جو دوڪان به هو. گهر ۾ ٽيليويزن تمام ضروري هو، هن دڪان واري هڪ سهانگو سيٽ وٺي ڏنو. بس هاڻ ته منهنجو گهر پرجي ويو. پر هن کوجي يار ڪانسواءِ، منهنجي زبان ڳالهائڻ وارو ڪونه پيو لڀي. آخر ڳوليندي ڳوليندي هڪ به دوست ملي ويا. اهي به ڏاڍا پيارا ماڻهو هئا. بس ڄڻ ته منهنجو اولاد يا ننڍڙا پائر هئا. انهن جي مهربانين جون کهڙيون ڳالهيون ڪجن. شايد پرديس ۾ هم زبان ماڻهو هم مذهب ڪان وڌيڪ پيارا ٿا لڳن. جيئن جيئن وقت گذرندو ويو ته اهو رنگ

وڏيڪ روشن ٿيڻ لڳو. هن سنڌ جي پرسان پنجاب آهي. پنجابي ڳالهائيندڙ. سک. مسلمان. هندو جتي به ملن پيا ته ائين پئي ڏسڻ ۾ آيو ڄڻ هي ته ورهين جا وڇڙيل اڄ هت مليا آهن. بس ملن ته پوءِ پيا سڀ وسريو وڃن. اهڙي طرح سنڌي ڳالهائيندڙ هندو هجن يا مسلمان. پرديس ۾ اهڙو ته مليو وڃن. ڄڻ ته وڏا مائٽ آهن. زبان ۽ وطن به عجيب حقيقتون آهن. مذهب به پلو آهي. پر اهو رشتو ايڏو ويجهو نه آهي. جيترو زبان ۽ وطن جو. سک. پنجابي ۽ مسلمان پنجابي. جن هڪ ٻئي جو جنسي رت پيتو. پر جڏهن پرديس ۾ ملن ته وڇڙيل ڀائر آهن. سڀ حجاب لهيو وڃن. ٻي طرح سان برصغير جا سڀ ماڻهو گڏجيو هڪ ٿيو وڃن. شل نه ڪنهن تي ڪو اڃو حملو ڪري. پوءِ هي مذهب. صوبا. ملڪ وساري ڇڏين ۽ هڪ ٿي وڃن. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن سنڌي هندو جي دوڪان تي ويندو هوس ته اتي ڪو منياٽيءَ جو سڏائيندو ته ڪو پرين جو. ڪو دادو جو ڪو سکر جو.

قدرت جا عجب رنگ آهن. هيءُ هيڏو وڇوڙو ڪيئن ٿيو. ڪنهن ڪيو ۽ ڇو ڪيو؟ شل برصغير جي سڀني ماڻهن کي. هندن کي. مسلمانن کي. سکن کي. عيسائين کي. پارسين ۽ ٻين کي شرم ڏئي ملڪ ته ٻلي قائم رکن پر هي نفرت جو سمنڊ جو سڀني کي ٻوڙي رهيو آهي. اهو غائب ٿي وڃي ۽ محبت جا انبار پيدا ٿين. گهڻو ڪجهه گهميو آهيان. يورپ. افريڪا. ايشيا. هندوستان. گهڻو ڪري افغانستان. سيلان. مطلب ته دنيا ٿورو گهڻو ڏٺي اٿم. ارتقا جو عمل به ڏٺو اٿم. انسان ويچارو اڃان ڪڏن ۽ کوين ۾ اڃان غرق ٿيل آهي. اڃان پرواز جي رفتار تمام گهٽ آهي. پراڻي دنيا ٻڌن واري. هن ڌرتيءَ تي ديوتائن ۽ ديوين جي حڪومت ۽ محڪما. ڪو پاڻيءَ جو ديوتا. ڪو روشنائي جو. ڪو برسات جو. وڏ ۾ وڏ وري مري ويلن ماڻهن جون قبرون. تن ۾ ماڻهو غرق. تن جي پوڄا. جي پيلا انسان کي اونداهي مان ڪڍي روشنائي ڏانهن هلائڻ لاءِ ڪوشان رهيا. اهي خود خدائون بڻايا ويا. ڪنهن کي جنت جو حاڪم ناهيو ويو ۽ ڪنهن کي پٽن ڏيڻ وارو.

ڪو دولت ڏيڻ وارو، ڪو عـــزت ۽ طاقت ڏيڻ وارو. ويچارو غريب انسان، انهن جي قبرن تي ڏڪا ڪائيندو وتي، جيڪڏهن انسان هن ڪائناتن تي نظر ڦيري ته ڪيترو نه پرائيُ سگهي.

سائنسدان چون ٿا ته ٿي سگهي ته ڏهہ لک هن اسانجي ڌرتي جهـڙيون ٻيـون بہ بسـتـيـون هجن، انهن تي جاندار هجن، وري اهي دنيـائون هڪ ٻئي ڪـان ايترو دور جو هتـان جيـڪڏهن ريڊيو سگنل موڪلجي تہ ايڏي تيز رفتار جيڪا ريڊيو لهرن ڪان امريڪا مان هتي سيڪنڊن ۾ پهچائي، اهڙي تيز رفتار هوندي بہ انهن دنيائن تي پهچڻ لاءِ ٽي سئو سال گهرجن. پر عجب آهي تہ انهن تارن، ستارن ۽ سيارن جون دنيائون پيدا ٿينديون رهن ٿيون. خيال ڪي ڪيڏو بہ ڊوڙائجي تہ انهي حـقـيـقي مـالڪ جي طاقت ۽ تخليق جو ڪو اندازو لڳائي نٿـو سگهجي. ايڏي هستي ڪي ڪن چئن چڱن جو چڱو مڙس سڏڻ ۽ انهن سان ڪچهرين ڪرڻ وارو تخيل اڄ پرزا پرزا ٿي چڪا آهن. تڏهن بہ منجهيل انسان هر هنڌ پليل آهي.

اها اڳين پوچا ۽ پاٺ هليو پيـو اچي. سچ تہ اهڙو انســان جو انهن افسانن، گمانن ۽ وهمن ۾ گم هجي، اهو ڪهڙي طرح ارتقا جون منزلون طئي ڪري تـو سگهي. انهيءَ خالق ڪي ڪنهن بہ انسان سان ڳنڍڻ يا وابستہ ڪرڻ وڏو ڪلور آهي. اهي پلا، مفڪر، سائنسدان سڀ پنهنجي وقت جون روشنايون آهن، پر اهي خيـال گهـٽـو اڳتي وڌي ويا، اڄ جيڪي انسان مڪمل ٿو سڏي، سو سياڻي نامڪمل ڏسڻ ۾ ايندو. انهن فرقن، تنگ نظرين، ايڏي ڪدورت پيدا ڪئي جو باهہ ٻري رهي آهي. انساني برادري هن ڌرتي تي ضرور، پر ٻين دنيائن تي پهچڻ واري، تنهن ڪي غلط مـذهبن جي نالي، رنگن ۽ نسلن جي نالي ٽوڙي، هڪ دوزخ بنائي ڇڏيو اٿئون. شل انسانيت، انساني محبت بہ ايتري پکڙجي، جيئن هي ڪائناتون وڌنديون ۽ ويجهامنديون رهن ٿيون.

بس ولايت ۽ ولايت جا نظارا، تن جو ڪهـڙو بيـان ڪريان، هن ماڻهن سڄي دنيا تي حڪومت ڪئي آهي، اڄ بہ اڻ سڌي طرح هنن

جي حڪومت پئي هلي، هنن جي بادشاهن، شهنشاهن جو محل، ماڙيون، قلعا اڃا به قائم آهن، ميلن جا ميل هنن جا باغ، وهنجڻ، پيڙين هلائڻ وارا تلاءُ اڄ به قائم آهن. هنن جي اڊنبر، روب ۽ رتبي جا اڄ به نشان قائم آهن، انسان جي تخليق، انسان جو هنر، انسان جو عمل اڄ به هنن ملڪن تي نقش ٿيو پيو آهي.

هنن جون نديون، ندين جا ڪنارا، ڪنارن تي عاليشان رستا، محل ماڙيون، گهٽيون، بازاريون، ندين ۾ پيڙيون، آگبوٽ، لانچون، تن جي اندر ماڻهن جا انبوهه، تارون، تنبورا، حسن جا هبڪار، مشڪڻ، کلڻ، ڪجهه ڏسڻ جون رمزون، چڻ ته ڪو پرستان آهي، گهٽي، بازار، گاڏي، جهاز، هوائي جهاز، سيني جڳهين تي ماڻهو ئي ماڻهو. صفائي، سنائي، گندگي جو نالو نشان به ڪونه. سيءُ ڏاڍو پئي، پر نه ڪنهن کي رلي ويڙهيل نه ڪمبل، بس پوڙهو هجي يا جوان، ڇوڪريون هجن يا عورتون سڀ چست چالاڪ، ڪوڙ اڃي ته هوئي ڪونه، ٺڳيءَ جو نالو به ڪونه هو، البت هاڻي اتي به اسان جهڙن جي وڃڻ ڪان پوءِ اهو مرض اچي داخل ٿيو آهي، تنهن هوندي به امن امان، جهيڙو، فساد گهٽ، ڪورٽون، آفيسون سڀ پنهنجي پنهنجي ڪم ۾ مشغول، هرڪو پنهنجي فرض ادائيءَ ۾ پورو.

گهٽين جي ٻنهي پاسي ساوا پٽا، جن جي اندر گلاب جا رنگ برنگي گل، بس هنن ماڻهن پنهنجي لاءِ جنت بنائي ڇڏي. ڪتاب گهر ڏسيو ماڻهو حيران ٿيو وڃي، ميوزيم تن ۾ سڄي دنيا جا ڪتاب، قلمي نسخا، قرآن، گيتا، گرنٿ، ماڙين جون ماڙيون پريون پيون آهن.

هڪ ڪتاب گهر جڻ ته هڪ شهر آهي، تن تي ماڙيون، هتي هڪ انگريز، عالم، پرهيزگار، ڊاڪٽر صاحب جو ٻاهران ته انگريز پيو لڳي مگر اندر صفا صاف صوفي، جنهن جو قرآن سان پيار، جنهن کي قرآن برزبان ياد، عالم، مفڪر، جنهن جي ڳاڙي ۾ ساڳي روحانيت، پيار، محبت، منهنجي به ساڻس ملاقات ٿي، چوڻ لڳو ته مسلمانن هي ڇا ڪيو. هي ورهاڱو مسلمانن جي شان وٽان ڪونه هو، اسان کي ته

رب جو نالو، رب سان محبت، علم سان دوستي، انسان ذات جي خدمت جو پيغام ڪٿي هرهنڌ پهچڻو آهي. هي پنهنجي وقت جو انهيءَ دنيا ۾ غوث آهي، ٻاهر ٻازي وارن دڪانن تي هن جو نالو وٺ تہ زالين مڙسين انگريز اچي گڏ ٿين، ايڏا برڪت ۽ محبت پريا ماڻهو دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ايجان آهن.

انسان ڪٿي ڪيڏو بہ اوچو هجي پر حسن اهو گلن جو هجي، برسات جي ڦڙن جو هجي، ڪڪرن جي ڪنرين هجي، يا اکين جي نظرن جو هجي، اهل دل وارن تي بہ وجيو اثر ڪري، بس بس هجي، يا ٽرين هجي، ٻيڙي هجي يا هوائي جهاز هجي، پرين جون جهلڪيون اچيو ويڙهين، ڪٿ ڪوڪلي دل پريائي، ڪو روئي دل ڏڙڪائي، بس سال جو نئون ڏينهن ٿئي پوءِ تہ رات ڪان وٺي صبح تائين، رستن تي، گاڏين تي، پوڙهن ڪي، پراڻن ڪي، جوان صورتون اچيو چميون ڏين، جوانن جو ٻاڻ ۾ ملڻ جون، وچڙڻ جون تہ ڳالهيون ڪٿي ڇڏجن.

ناتال ۾ گهٽي گهٽي سينگارجي وڃي، چوطرف ڇهڪاٽ لڳو پيو هجي، ماڻهو ناچ گهرن، پوڙها پوڙهيون، جوان، جوانڙيون، هڪ ٻئي کي گلي لڳائين ناچ ۽ راڳ جي ڌم لڳيو وڃي. خوشين جا انبار لڳيو وڃن.

درسگاهن جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي، جوڳي جي قدرت کي پسڻ لاءِ ماندا، چئن ڪوڏين کي ميڙڻ ۾ مشغول، ڪتابن پڙهڻ سان شوق، ڳولا ۽ ڪوجنا ۾ مشغول. انهن درسگاهن ۾ عالمن جون، اديبن جون، فنڪارن جون محفلون بہ پيون ٿين. سون ميلن تان ماڻهو سوار ٿي اچيو ڪچهرين ۾ مشغول ٿين، خيال ٻڌن ۽ ٻڌائين. سوال جواب ڪن، اهڙيون ڪچهريون بہ ڏنم، ٻڌم ۽ ات ڳالهايم. چڱو خاصو عرصو گذري ويو، جنهن ڪاڻ ڪشالا ڪيم، اهي ڪونہ مليا. پنهنجي وطن جي ماڻهن جي هڪ نہ ٻئي هفتي ڪچهري ٿيندي هئي. گهر سڄو خالي هو، ڪراڪري بہ جام پئي هوندي هئي.

پيار پرين! منهنجي وطن جا پرديسي اچي ملندا هئا، ڪو

ڪاٺان ايندو هو ڪو ڪاٺان. سڀ ڪو پاڻ سان ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور آڻيندو هو. منهنجي بورچيخاني جا ڪٻٽ، مناين، ميون سان ڀريا پيا هوندا هئا. فرج ۾ ڪڪڙ، گوشت، بيدا، مڇي بہ هميشہ موجود هوندا هئا. بريڊ ۽ چانور جا بہ ڪوڙ هوندا هئا. ڪڏهن ڪي دل وارا، پرانا پچائي کڻي ايندا هئا. ڪي ڪڪڙيون پچائي کڻي ايندا هئا.

جڏهن گڏ ٿيندا هئاسين تہ ڪاڏي جو سامان پندرهن ويهن ماڻهن لاءِ گهرائيندا هئاسين. ڪو ڪڪڙيون پچائڻ ۾ مشغول، تہ ڪو پلاءُ پچائڻ ۾ مشغول، تہ ڪو وري ڪافي ۽ چانهہ ناهڻ ۾ مشغول، بس هوندا ويهہ پنجويهہ هئاسين. پر ڏسڻ ۾ ائين هوندو هو ڄڻ تہ ڪو ميلو آهي. دوستن جون نياڻيون، زالون سي وري ڏار ڪمرن ۾ ڪنيون ٿينديون هيون. سنڌي محبت جو نرالو نظارو پيدا ٿي ويندو هو. هيٺ غاليچي تي ويهي ويندا هئاسين. پوءِ شعر و شاعري راڳ روپ شروع ٿي ويندو. شاهہ ۽ سچل جو ڪلام. سچ جي هيءَ فضا جي سنڌ ۾ پيدا ٿئي، سچي سنڌ ڪڙي اجاگر ٿي بيهي. اسان ۾ نہ ڪو نديو هوندو هو ۽ نہ وڏو. جيڪو بہ وطن مان ات ايندو هو. اهو ضرور مون سان ملي، وري اهڙن مجلسن ۾ شريڪ ٿئي. آخر ۾ پنج رفيق هئاسين، جي سيني ڪنو ڪندا هئا. جي مجلس جا روح روان هوندا هئا. هاڻ جيڪڏهن اهي عورتون جڏهن ملن تہ اهي ڏينهن ياد ڪري اکين ۾ پاڻي اچيو وڃي. ڇو هو اتي محبت هئي، پيار هو. رات ٿيندي هئي تہ سڀ هيٺ سمهي پوندا هئا. ڏينهن ٽيڻ سان پکين وانگر سڀ اڏامي ويندا هئا. چار پنج پيارا تہ هر روز مون سان فون تي ڳالهائين. نياڻيون بہ ڳالهائين، چون تہ سچي سنڌ تہ اسان وٽ هئي. ائين ڇو هو. اهو انهيءَ لاءِ هو تہ هڪ ٻئي ۾ لالچ ڪانہ هوندي هئي سڀ پاڻ سان ڪجهہ نہ ڪجهہ آڻيندا هئا ۽ پائن ڀينرن وانگر هڪ گهر جا ڀاتي ڪائيندا هئا. سون ميلن تان بہ اچي منهڙو ڏيکاريندا هئا. جتي لالچ، لوڀ، ڪروڌ ڪام نہ هجي، اتي نسوري جنت نهيو پوي.

بس مون وٽ جنت هوندي هئي، پيا ماڻهو انهي ملڪ جا بہ

دوست ٿي ويا، تن جي قربن جون ڳالهيون به وڏيون آهن. پر وطن ڏاڍو ياد ايندو هو. جن مٽن ۽ جنهن پرينءَ جي خدمت لاءِ ڪشالا ڪڍيم، انهن جو نتيجو نظر ڪونه آيو. پوءِ انهن پنجن پرين صلاح ڏني ته موٽي وطن وڃان. وطن به ڪيئن وڃجي. وطن ويچارو ته انهن ئي مصيبتن ۾ ڦاهجي رهيو هو. هنن ويچارن ڏاڍو اداس ۽ پريشان ڪيو. فيصلو ته اڳئي اهو هو ته موٽي وطن ورجي. جيتوڻيڪ منهنجو ڪوجهو دوست جو مونسان گڏ به گهمندو هو. گهر ۾ وٺي مانيون به کارائيندو هو. هو ته ڏاڍو مايوس ٿيڻ لڳو. مون تياڳ وارو رستو ختم ڪيو پر هاڻي ورجي ڪيئن؟ قدرت کي شايد ائين منظور هو. آخر هتان جي حاڪم جو پيغام پهتو ته وطن تي موٽي وڃان. ڏاڍي عجيب حالت ۾ هت پهتس.

پرين پوئتي ڇڏيم، گهر اداس ڇڏيم،
اڄ به اتان جي ياد، دل کي ستائي ٿي.

چيومانس، ”چڱو دوست، تنهنجي مهرباني جو هيڏو داستان ٻڌائي وئين. تنهنجو داستان هڪ افسانو پيو لڳي.“

چيائين، ”مان ته هاڻي وڃان ٿو. موٽي پنهنجن ماڳن تي.“

منهنجي سڄي زندگي اهڙين ملاقاتن سان ڀرپور آهي. هرهڪ گهڙي جا مان گذاري آهي، جن سان گذاري، جن سان رفاقت ڪئي آهي، اهو هڪ داستان آهي.

ڪيترا رفيق زندگيءَ ۾ گذاري ويا، ولرن جا ولر. قافلن جا قافلا هليا ويا. اجان ته مان پيو ٿو جيان، اجان ته سفر جاري آهي. ٿي سگهيو ته ان جو به ذڪر ڪندس. جي اکين ڀوڻ جو وقت جلد اچي ويو ته به هي مسافري شايد ٻين لاءِ مفيد ٿئي. سفر جو بيان ته اجان اڻپورو آهي. پر آخر اهو پورو به ڪيئن ٿي سگهي؟ بس اڪيلو، اڪيلو هلندو ٿو وڃان. دور ڪان آيس ۽ دور ٿيندو وڃان ٿو!

منهنجو سفر جيڪڏهن سڀ ڪجهه لکجي، هرهڪ ماڻهوءَ جي زندگي ڪتابن لکڻ سان به پوري ڪانه پوي، سچ هر زندگي هڪ

ڪتاب آهي، جنهن تي جستجوڪري سگهجي ٿي، هر قوم جو هر دور هڪ ڪتاب آهي، جنهن کي پڙهڻ سان گهڻو ڪجهه معلوم ٿي سگهي ٿو. مفڪر، شاعر، سياستدان، سائنسدان، فقير، درويش، اديب، فنڪار سڀ هر انساني دور جو جوهر آهن.

مان ستر سال جي عمر ڪان به مٿي، ڪجهه هيئين طرح محسوس ڪيو آهي ۽ پرايو آهي، مون ڪان پوءِ جيڪي ايندا، تن کي شايد ڪجهه ڪم اچي سگهي. پهرين ڳالهه جا مون محسوس ڪئي آهي، اها آهي خدا جي ذات. مگر جيڪي مان سمجهان ٿو ته هن وقت جيڪو رب جي ذات جو تخيل آهي، اهو اڻپورو آهي، جيڪي مان سمجهان ٿو تہ اهو به اڳتي هلي اڻپورو سمجهيو وڃي، پر هڪ ڳالهه جنهن ڪان انڪار نٿو ڪري سگهجي، اها ڳالهه آهي تہ هن ڪائناتن جو سنڀاليندڙ پيدا ڪندڙ ضرور آهي. هر شيءِ جنهن ڪا صورت اختيار ڪئي، اها انهيءَ جي رحم، ڪرم ۽ ارادي جي پيداوار آهي. هيءَ اِرتقا انهيءَ جو ڪرشمو آهي، مگر هو انساني وصفن ڪان پاڪ آهي. هو بي انت آهي، هن جي نہ حد آهي، نہ حساب. انسان ويندي پير پيغمبر، بادشاہ، شهنشاهہ، حاڪم سڀ ڪجهه به نہ آهن، هڪ بلڪل ٿيچ جي برابر بہ ناهن. هر شيءِ فاني آهي، سواءِ هن جي ذات جي، هو ڏسڻ ڪان پاڪ آهي، ڳالهائڻ ڪان پاڪ آهي، ڪوبہ هن کي ڏسي نٿو سگهي ۽ نہ ڪنهن ڏٺو آهي. سڄي ڪائنات فقط انسان آهي جو هن جو هئڻ محسوس ڪري سگهي ٿو. ڪائنس منهن موڙڻ انسان ۽ انسان ذات جي لاءِ نقصانڪار آهي. انهيءَ هستي کي ڪنهن جي نوڙت، ڪنهن جي بندگي، ڪنهن جي عبادت جي ڪا بہ پرواهہ ناهي. سچ تہ هو پرواهن ڪان پاڪ آهي. هي سڀ شيون انسان کي پنهنجي بهتريءَ لاءِ مفيد ٿي سگهن ٿيون.

گناهہ ڪو خاص ڪوبہ ڪونہ آهي، گناهہ پنهنجي سر خود ڪجهہ ڪونهي، هر اها عادت يا فعل جو انسان کي قيد ۾ رکي ۽ پرواز ڪان روڪي، ان کي قيد مبقابل گناهہ جي چئجي تہ بهتر.

شراب پيئڻ، بيڙي ڇڪڻ، گھٽي دنيا ڪنو ڪرڻ يا ٻيون برايون، جن ۾ انسان ڦاسي ٿو ۽ پوءِ قبر تائين ڇڏائي سگھي. اهو سڀ انسان پاڻ خود پنهنجي لاءِ قيد ناهي ٿو. انهيءَ ڳالهه جي تفصيل ۾ وڃبو، هرهڪ عادت جا پرائي آهي، تنهن جي جيڪڏهن ويهي وڇور ڪبي ته حاصل اهو ٿيندو ته انسان ان ۾ ڦاسي، پنهنجي حياتيءَ جي سفر ۾ وڏي نقصان جو حامل ٿئي ٿو. اهڙو انسان، انساني معاشري جي واسطي بربادي آڻي ٿو. جڏهن بريون عادتون ڪنهن قوم ۾ وڃي جڙ وٺن ته پوءِ اهو وڏي خطرناڪ بيماري ٿيو پوي ۽ سڄي قوم کي ۽ وڏي سڄي انسان ذات جي لاءِ خطرو ٿيو پوي. انهيءَ ڪري ضروري آهي ته انسان اجاين عادتن ۽ عملن ۾ پاڻ کي نه ڦاسائي.

انهيءَ کان پوءِ علم حاصل ڪرڻ جي گھٽي ۾ گھٽي ڪوشش ڪري جيڪي ملي سگھي سو حاصل ڪري. پاڻ پڙهي ٻين کي پڙهائي، پنهنجي زندگي ٻين لاءِ مثالي بنائي. جيتري قدر ٿي سگھي سادگي اختيار ڪري، جيڪي ٿي سگھي سو بچائي ٻين تي خرچ ڪري.

شرڪ کان پاسو ڪري، مالڪ جو ڪوبه ثاني شريڪ ڪونهي. ڪنهن به انسان جي رسد ڪانهي، فقط هر هڪ انسان ٻين جي لاءِ، فقط پنهنجي لاءِ، پاڻ وات ناهي سگھي ٿو، ترقي ڪري سگھي ٿو، پر ڪوبه سفارش ڪري يا ٻين جي وچ ۾ اچي،جيئن هن دنيا ۾ ٿئي، ڪنهن جي لاءِ ڪا دلالي يا وڪالت ڪري ڪنهن جو ڇوٽڪارو ڪرائي، اها غلط ڳالهه آهي. اهو ڏوڪو آهي، هر ڪنهن انسان کي هن زندگي جي سفر ۾ ڪجهه ناهٺو آهي، يعني پاڻ کي روشن ڪرڻو آهي، بس اهو ئي آهي، انهي قدرت جي قادر کي ويجهو ٿيڻ. اها آهي جنت، پاڻ کي برائي ۾ مارڻ. جهل جي اونده ۾ گھرڻ آهي دوزخ.

هن دنيا ۾ به جنت نهي ۽ اها هميشه لاءِ قائم رهي. اهڙي طرح انسان به پاڻ دوزخ ناهي ۽ پاڻهي پاڻ کي ساڙي ٿو، هن دنيا ۾ به ۽ اڳتي به.

معاشرو به انسان ناهن ۽ ڊاهن ٿا، انسان ئي اهڙو معاشرو ناهن جو نسورو دوزخ آهي ۽ انسان ئي هت جنت ٻڻائي سگھن ٿا. اڳين

نيڪن، ودوانن، سياڻن سچ چيو آهي ته براين جي پاڙ آهي، لوڀ ڪام ڪروڌ. اهي پيدا ٿين زر، زمين ۽ زن جي حوس مان. پهرين ته زر ۽ زمين تي ڪنهن جو به تسلط نه هئڻ گهرجي نه ڪنهن شخص جو ۽ نه وري ڪنهن ڪلاس جو. هي ذريعا آهن، ڏيڻ وٺڻ ڪمائڻ پيدا ڪرڻ جا. اهي ڪنهن جي به تابع نه هئڻ گهرجن. سڀ ڪنهن کي ڪم جي وات هجي جو هو ڪم ڪري پيدا ڪري. دولت جي صورت ۾ علم جي صورت، خوراڪ جي صورت، پوشاڪ جي صورت، رهائش جي صورت ۾ ۽ سڀ ڪنهن کي ضروريات زندگي جو ملڻ گهرجي، ڪنهن جو به زور زبردستي نه هلي، سڀ کي انصاف ملي. خيالن جي آزادي، چرپر جي آزادي، اظهار خيال جي آزادي، هرڪو انسان پاڻ کي حاڪم به سمجهي، خادم به سمجهي، اهو صرف جمهوري معاشري ۾ ٿي سگهي ٿو. اهو به انسان جي پرواز واسطي، ترقيءَ واسطي، ارتقا واسطي ضروري آهي. جلد سڄي دنيا جا هاڻ تمام ننڍي ٿي وئي، اتي هڪ حڪومت ٿيندي، پوءِ ڪٿي رشين هجي يا ڪجهه ٻيو.

دنيا هن وقت اهڙي جڳهه تي پهتي آهي، جتي ٻيون سڀ حڪومتون ختم ٿي ويون آهن يا ختم ٿي رهيون آهن ۽ هي ٻه ساهه به گڏ رهي ڪين سگهندا، هن طوفان ۾ تمام ڦير گهير ٿيندي. پر اهي ماڻهو يا قومون انهيءَ طوفان ۾ پنهنجي بقا لاءِ تياري نه ڪنديون، اهي ختم ٿي وينديون.

سنڌ جو منهنجو وطن آهي، جنهن کي انسانيت لاءِ هڪ پيغام آهي، هن کي تمام پراڻي تاريخ، پراڻي تهذيب آهي، پراڻي زبان، جنهن تي قدرت اڪيچار خزانو ڪپايو آهي، تنهن جو خون هڪ وڏو ظلم ٿيندو. انهيءَ ظلم ۾ اسين سنڌي شريڪ ڇيا ويندا سين. انهيءَ ظلم لاءِ جي به ظالم آهيون، تن کي وڏو عذاب ڏسڻو پوندو. هڪ اسان جو سو ماڻهن جي خون تي ڪيڏو ڏک ٿئي ٿو پر هزارن سالن جي هي تهذيب هي زبان ائين ختم ٿئي، اهو ڪيڏو نه ظلم ٿيندو. موهن جي دڙي کي سلامت رکڻ لاءِ سڄي دنيا ڪوشان آهي، پوءِ سنڌ کي ختم ڇو ٿو ڪيو وڃي. انهيءَ لاءِ ٻين کي ميار ڏيڻ ڪان اڳ، اسين سوچيون ته اسان ڇا ڪيو آهي.

## سنڌي ساهت گهر طرفان
## قاضي فيض محمد جا ڇپيل ڪتاب :

1. علامہ آءِ آءِ قاضي
2. هاري ڪميٽي ۽ الاٽي تحريڪ
3. اڻ ڄاڻ (ناول)

## ايندڙ ڪتاب

- جنسار (ناول)
- ٻاويهہ سنئو ٻاويهہ (ناول)
- سورن سنڌي سيج
- شاعريءَ جو مجموعو
- تقريرون ۽ مضمون
- قاضي فيض محمد هڪ شخصيت ـ مرتب: ناز سنائي

